

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گناهن پريو ديوتا

ناول

ڌرم وير ڀارتي

ظفر عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو: گناهن ڀريو ديوتا (ناول)
ليکڪ: ڌرم وير ڀارتي
ترجمو: ظفر عباسي
ڇهريون ڇاپو: 1998ع

ملهه: 20 روپيا

سنڌ رنگ پبليڪيشن
لڳ امام بارگاهه شاهه نجف، حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيڪار پاران ٻه اکر

”گناهن ڀريو ديوتا“ هنديءَ جي سڄاڻ ليکڪ ڌرم وير ڀارتيءَ جو اهو شاهڪار ناول آهي، جيڪو دنيا جي جنهن به زبان ۾ ترجمو ٿي شايع ٿيندو، هڪ جيترو مان لهندو. ڇاڪاڻ جو اهو ”پيار“ جهڙي ”عالمي موضوع“ تي لکيل، چند ”شاهڪار“ ناولن مان ”هڪ“ آهي. پيار ڇا آهي؟ ڇا هئڻ گهرجي؟ پيار جا پهلو، انهن جي آڌار تي رشتن جي تاڃيپيٽي ۽ روين جي آتم ڪٿا تي جنهن انداز ۾ ڌرم وير هيءُ ناول لکيو آهي تمام گهٽ اهڙا ليکڪ آهن، جيڪي اهڙن موضوعن جي ايتري گهرائيءَ ۾ لهي ويا آهن يا لهي سگهن ٿا.

گهر جي گهمسان کان پري وئڪيشن جي ڏينهن ۾ هاءِ اسڪول ڪنڌيارو جي پارڪن ۾ ويهي پڙهيل هن ناول مون کي ايترو رئاريو جيترو شايد مان اڄ تائين عملي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه رنو آهي! ڳالهه روئڻ جي نه آهي، ڳالهه ليکڪ جي ان فن جي آهي، جنهن ۾ هو پڙهندڙ کي ناول جي ڪيفيتن ۽ احساسن ۾ سمائي ٿو ڇڏي ۽ ليکڪ جي ان احساس نگاري ۽ منظر نگاريءَ جي آهي جنهن تحت محدود ڪردارن ۽ محدود ماحول اندر، هن پڙهندڙ کي اهڙي گرفت ۾ رکيو آهي جو ناول شروع ڪرڻ کان پوءِ پورو ڪرڻ تائين دل، ناول ۾ اٽڪي ئي رهي ٿي.

هن ترجمي ۾ هيروئن جو نالو ”سڌا“ مان مٽائي ”گيتا“ رکيو ويو آهي، هيرو جو نالو ساڳيو ئي رکيو ويو آهي پر جتي ڪيس ڪجهه دوست ”ڪپور“ جي نالي سان سڏين ٿا ان کي بدلائي ”چندر“ ڪيو ويو آهي ته جيئن ناول ۾ پڙهندڙ کي مونجهه کان بچائي سندس روانيءَ ۾ خلل پوڻ کي روڪيو وڃي. ناول جو ماحول ڇاڪاڻ ته ڀارت ۽ هندو سماج جو آهي ان ڪري هندو ٽرمنالاجيءَ کي وچترو ڪرڻ لاءِ ڪجهه لفظي تبديلي آندي وئي آهي ته جيئن ناول هتي جي پڙهندڙن کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي.

هندو، مسلم ۽ عيسائي ثقافتن جي پس منظر ۾ لکيل هيءُ ناول ڄڻ ته هتي جي ئي پس منظر ۾ لکيو ويو هجي، جتي خاموش پيار ڪيو ٿو وڃي، جتي پيار کي پوڄا ٿو سمجهيو وڃي، جتي پاڻ کي هر ڪو ديوتا ٿو سمجهي پر اڳتي هلي ٿئي ڇا ٿو؟ سو هيءُ ناول ئي ٻڌائي ٿو.

گناهن ڀريو ديوتا جو سنڌي زبان ۾ پهريون ترجمو جڳت آڏواڻيءَ ڪيو هو، جيڪو ٽن ڀاڱن ۾ ڀارت ۾ 1967ع ڌاري شايع ٿيو هو پر اهو ترجمو ڀارت جو سنڌي ماڻهو ته سمجهي سگهيو پيئي سنڌ جو نه. ان ڪري ضرورت آهر ان جو نئين سر ترجمو ڪري پيش ڪري رهيا آهيون اميد ته پڙهندڙن وٽ مان لهندو.

ظفر عباسي

10 آڪٽوبر 1998

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي!

عجب راند آهي.

انسان ٻاهران مڙيو ئي انسان جهڙو– ٻه اکيون، ٻه ڪن، هڪ نڪ!

پر ان انسان جي جسم ۾ رکيل دل.... هر ڪنهن جي نياري.

اهي ڪي احساس، اُمنگ ۽ آدرشا ان انساني دل اندر تا آتن!

قابل ليکڪ جڏهن انهن دلين اندر پيهي. انهن جو ڇڻ تو ڇڻي تڏهن ئي ادب جا بهترين شاهڪار پيدا تا ٿين.

گناهن ڀريو ديوتا

ٻه هڪ اهڙو شاهڪار آهي.

چندرا!

گيتا!

پمي!

بنتي!

برتي!

ٻاهران ڏسڻ ۾ توهان مون جهڙا انسان

پر انهن جي دلين ۾ جيڪي امنگ، جيڪي آدرشا تا اتن سي زندگيءَ جي بنيادن کي ڏوڏي تا ڇڏين.

پيار!

ڪير نٿو ڪري؟ ڪير نٿو ڪرڻ چاهي!

پر ان پيار جا پهلو انيڪ.

شرت، ٽئگور، پريمچند ۽ ٻين اديبن ان پيار جا انيڪ پهلو اگيئي پيش ڪيا آهن.

پر هنديءَ جي هن نئين ليکڪ

ڌرم وير ڀارتيءَ

اسان اڳيان هڪ نئون پهلو رکيو آهي.

اهو پهلو ٻه ڪهڙو نه رنگين!

ڪهڙو نه دلپذير!

ڪهڙو نه پرڪشش آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انسان ديوتا بڻجڻ ٿو چاهي.
پر ديوتا تہ صرف پٿر ٿي بڻجي سگهي ٿو نہ؟
انسان کي تہ هيءَ زندگي ڪاٽڻي آهي.....
زندگي....
جتي پيار شڪست ڪائيندو آهي
مرڪ کي هار قبولڻي پوندي آهي
لڙڪ اجايا ويندا آهن
جتي.....
پنهنجي جيون ديويءَ جي لڙڪن ڳڻڻ بجاءِ....
ڪنهن جي اتيا جي اداسيءَ کي پنهنجي لڙڪن سان ڌوئي مٽائڻ عيوض.....
پيالا ۽ پتلونون ڳڻڻ، ٿالهيون ۽ تسريون ڌوئارڻ وڌيڪ ضروري بڻجي ويندو آهي.
جتي.....
جذبات ۽ دلي ڪشمڪش جا سپ طوفان سوناري ۽ بجاجيءَ جي شور ۾ گم ٿي ويندا آهن جتي....
ٻن دلين جي دک ڀري پڪار شرنائن جي آواز ۾ ٻڏي ويندي آهي.....
جنهن وقت.....
انسان جي دل جو ذرو ذرو حيران ۽ پريشان هوندو آهي.
جنهن وقت....
هن جي نسن ۾ ستارا ٽٽندا آهن
جنهن وقت.....
هن جي دماغ ۾ باهہ ڀڙڪندي آهي
جنهن وقت....
هن جي مٿي مٿان آسمان ۽ پيرن هيٺان زمين نڪرندي ويندي آهي.
ان وقت
هن کي شاديءَ جي وڳن جو اگهہ پار چڪائڻو پوندو آهي ۽ ٻئنډ باجي وارن کي پيشگي رقم ڏيڻ جي ڪيڙتال کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.
زندگي.... اها آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻي زماني جيان جيڪڏهن اڄ بہ نگر ديوتائن ۽ گرام ديوتائن جي خواهشن جي مڃتا هجي ها تہ مان ائين ئي چوان ها تہ الله آباد جو نگر ديوتا ضرور ڪو جذباتي ڪلاڪار آهي. ائين پيو لڳي تہ هن شهر جي بناوت، رٿا، زندگي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ لاءِ ڪا بہ ترتيب مقرر نہ آهي. هر هنڌ هڪ قسم جي ڇڙواڳي، هڪ قسم جي بي ترتيبي نظر پيئي اچي. بنارس جي گهٽين کان بہ سوڙهيون گهٽيون، لکنئوءَ جي سڙڪن کان بہ وڌيڪ ڪشاديون سڙڪون، پارڪ شاير ۽ برائيٽن جهڙن شاندار شهرن سان مقابلو ڪندڙ سول لائينس، ڏٻڻ ۽ چڪ جي گندگيءَ کي شرمسار ڪرڻ وارا گندا پاڙا. موسم جي پڻ ڪا ريت ڪانهي. پرياتيون سيتل، منجهندون جهڙيون ٽانديا، سنجهائون ريشمي، پونءِ اهڙي جتي صحرا جي رڌپٽ واري ريتي بہ ٿي ملي تہ مالوا وارا سرسبز کيت بہ ٿا ملن. کلرائين ۽ بي آباد زمينن جو بہ ڪو انت ڪونهي. سچ پچ ائين ٿو لڳي تہ پرياگ جو نگر ديوتا، جنت جي ڪنجن مان ڏڪجي آيل، ڪو من موڄي ڪلاڪار آهي، جنهن کي جيئڻ من اڇل آئي تيئڻ هي نگر سرجيندو ويو.

پيو ڪجهہ بہ هجي پر بسنت بعد ۽ هوليءَ جي وچ واري موسم ۾ الله آباد جي فضا ڪنوار ٻوٽي ۽ پينزي گلن کان بہ وڌيڪ خوبصورت ۽ انب جي نئين ٻور جي خوشبوءِ کان بہ سرس مهڪ ڀري هوندي آهي. سول لائين هجي يا آلفريڊ پارڪ، گنگا جون ڏاڪڻيون هجن يا خسرو باغ، ائين لڳندو آهي تہ هوا هڪ چنچل حسينا جيان، مکڙين جي آنچل ۽ لهرن جي مزاج سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندي پيئي لنگهي. توهان کي جي ٿڌ جو گهڻو ڊپ نہ هجي تہ هڪ اوور ڪوٽ پائي پريات جو گهمڻ نڪري وڃو ۽ پوءِ ڏسو تہ انهن کليل آستانن جي فضا ڪيئن نہ توهان کي پنهنجي ڪامڻ ۾ قابو ڪري ٿي ڇڏي. خاص ڪري پرهہ ڦٽيءَ کان اڳي تہ توهان کي بلڪل انوکو نظارو ملندو. نئين نئين بسنت رت جي موسمي گلن جي رنگن سان مقابلو ڪندڙ ٻال سورج جون هلڪيون سونهري اگريون، پرياتي راجڪماريءَ جي گلابي ڳلن تان ٽڙيل پکڙيل پوري رنگ جي زلفن کي ڏيري ڏيري هٽائينديون. دور افق تي سونهري ڪايا پلٽينديون نظر اينديون.

اهڙي ئي هڪ خوشنما پريات هئي ۽ جنهن جي ڪهاڻي مان توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان. اهو ان پريات کان بہ وڌيڪ معصوم جوان، پرياتي آلاپ سان گلن کي سجاڳ ڪرڻ واري ديودوت جيان، آلفريڊ پارڪ جي سائي ٻاريءَ ۾، گلن جي ڦلواڙيءَ جي ڪناري ڪناري پئي گهميو. ٿڌي ڪٽئي ناسي رنگ جي بشميني جو ڪوٽ،جنهن جي ڪالر جو هڪ اڌ مٿي ڪنيل هو ۽ ٻئي اڌ جي ٻٽڻ هول ۾ سرو جو هڪ پن اٽڪيل هئو، سفيد مکڻ جهڙي سفيد جين جي پينٽ، پيرن ۾ سفيد زريءَ وارو پيشوائي سئنڊل، پريل گورو چهرو، کليل تيجسوي پيشانيءَ تي خشڪ پورن وارن جي جهومندڙ ڇڳ. هن هلندي هلندي رنگبرنگي گلن جو هڪ دستو ڪٽو ڪري ورتو هو ۽ رکي رکي ان جو واس پئي ورتائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوربي گلن ۾ گلابي پنکڙيون ڦهلجڻ شروع ٿيون هيون ۽ سونهري روشني اسر جي پشپن تي پوڻ لڳي هئي. "اڙي صبح ٿي ويو" هن چڙک پريو ۽ پر واري بينچ تي ويهي رهيو. سامهون هڪ مالهي آيو. "ڪيئن ڀائي، لائبرري کلي ويئي؟" "اڃا ڪا نہ کلي آهي بابو جي." مالهيءَ جواب ڏنو. هو وري بي فڪر ٿي ويهي رهيو ۽ گلن جون پنکڙيون ٽوڙي زمين تي اڇلائڻ لڳو. پوڻ تي جيئن آهستي آهستي سونهري چادر وڇائبي ٿي ويئي، تيئن وٽن هيٺان ڇانو گهري ٿيندي ٿي ويئي. هن جي بينچ جي آسپاس پشپن جون مروٽيل سرونيل پنکڙيون پکڙيل هيون. هن وٽ باقي هڪ گل وڃي بچيو هو. ٿڌي رنگ جي ان پشپ تي واڱڻائي رنگ جون ريکائون چٽيل هيون.

"هلو ڪپور!؟" اوچتو ڪنهن پٺيان اچي هن جي ڪلهي تي ڌڪ هنيو. "هتي صبوح صبوح جو ڪهڙا جک وينو مارين!"

هن منهن ورايو. "اوهو.... ٺاڪر صاحب! اچ ويهه. يار، لائبرريءَ جي کلڻ جو انتظار ويٺو ڪريان."

"اڙي ڀائي، يونيورسٽيءَ جي لئبرري تہ ڇهين پوري کلندي، هاڻي هن لئبرريءَ کي تہ شريف ماڻهن لاءِ ڇڏ."

"ها ڀائي شريف ماڻهن لاءِ تہ ڇڏي اٿم. ڊاڪٽر شڪلا جي ڏيءَ آهي نہ اها هن لئبرريءَ جي ميمبر ٿيڻ ٿي چاهي، انهيءَ ڪري ئي مونکي اچڻو پيو آهي. هنجي ئي انتظار ۾ ويٺو آهيان."

"ڊاڪٽر شڪلا تہ پولٽيڪل ڊپارٽمينٽ ۾ آهي نہ؟"

"نہ گورنمينٽ سائڪالاجيڪل بيورو ۾ آهي."

"۽ تون پولٽڪس ۾ ريسرچ ڪري رهيو آهين."

"نہ. ايڪانامڪس ۾."

"واه واه. تہ تون هن جي ڌيءَ کي ميمبر بڻائڻ آيو آهين؟" ٺاڪر جي پڇڻ جو نمونو عجيب هو.

"ڇا!" چندر ٿورو کلندي، ٿورو پاڻ کي بچائيندي چيو. "يار توکي خبر آهي تہ هن سان منهنجو گهرو رشتو آهي. جڏهن کان پرياگ آيو آهيان، تڏهن کان مون لاءِ هن جو ئي سهارو رهيو آهي. اڄڪلهہ تہ منهنجو لکڻ پڙهڻ بہ هن وٽ ئي ٿيندو آهي."

ٺاڪر صاحب کلي ڏنو. "اڙي ڀائي، ڊاڪٽر شڪلا کي ڇا مان ڪو نہ سڃاڻان؟ هن جهڙو شريف ماڻهو ملڻ مشڪل آهي. تون هيءَ سمجهائي اچائي وينو ڏين."

ٺاڪر صاحب يونيورسٽيءَ جي انهن شاگردن مان هو جيڪي رڳو نالي خاطر ئي شاگرد بڻجندا آهن. هنن جو ڪو بہ حساب ڪو نہ هوندو آهي تہ اهي ڪيستائين شاگرد بڻيا رهندا. ڪافي پئسي وارو هو. ڪلمک، ايماندار، نگاهہ جو صاف. چيائين. "اها ڳالهہ تہ مان بہ ٿو قبوليان تہ تنهنجي پڙهائيءَ جو سڄو بوجهہ ڊاڪٽر شڪلا تي آهي. تنهنجا مائٽ تہ تنهنجي خرچ پکي لاءِ ڪجهہ ڪو نہ موڪليندا آهن نہ؟"

"نہ انهن کان تہ الڳ ٿي آيو هوس. پر هنن بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني مدد پئي ڪئي آهي."

"چڱو اڄ تہ ڪمل سرورر تان گهمي اچون. ايتري ۾ لئبرري بہ کلي ويندي.

ڪنول سرورر پرسان ئي هو. ان جا پيچرا چڙهندي ئي هنن ڏٺو تہ هڪڙو شخص يڪ ٽڪ نگاهن سان ڪنول ڏسڻ ۾ محو آهي. ڏبرو سنهڙو. وارن جون چڪون پريشان!

"ڪو پريمي آهي يا فيلسوف آهي." چندر چيو.

ٺاڪر چيو. "نہ. هي انهن ٻنهي کان نرالو آهي. هي شاعري آهي، مان هن کي سڃاڻان. نالو روبندر بسريا اٿس. ايم اي پڙهندو آهي."

ٺاڪر صاحب گاهہ جو هڪ سلو پٽي، آهستي آهستي پٺيان وڃي ان شخص جي ڪياڙيءَ ۾ ڪتڪتائي ڪئي. بسريا ڇرکي ويو. پٺيان نهاري، ڏسي، بگڙجي چيائين. "هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي ٺاڪر صاحب! مان ڪهڙن نہ گنڀير ويچارن ۾ محو هوس!" ۽ پوءِ نهايت ئي عجيب نموني اکيون بند ڪري هن چيو. "آ.... ها! ڪهڙي نہ سهڻي پربات آهي! منهنجي روح ۾ عجيب احساس اٿي رهيا هئا....."

بسريا جو اهو رنگ ڏسي چندر، ٺاڪر ڏانهن نهاري مشڪي اشاري ۾ چيو. "آهي ڀلائڻ جهڙو لڳائينس نہ چوجڙي!

ٺاڪر صاحب گاهہ جو سلو ڦٽو ڪري چيو. "ڀائي بسريا. معاف ڪج اسين تہ شاعر ڪو نہ آهيون. ان ڪري سمجهي ڪو نہ سگهياسين. تون ڪهڙن خيالن ۾ محو هئين؟"

بسريا اکيون کوليون ۽ اونهو ساهہ کڻي چيائين. "مون سوچيو پئي تہ هي پيار آخر ڇا آهي؟ شعر ڇو ٿا لکون! ۽ شاعريءَ جا ڪتاب ايترا ڇو نہ ٿا وڪامن، جيترا ناول يا ڪهاڻين جا ڪتاب ٿا وڪامن؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سوال تہ بيشڪ گنڀير آهي." چندر چيو "جيڪي مون پڙهيو ۽ سمجهيو آهي، تنهن موجب تہ محبت هڪ بيماري آهي، موسمي مرض آهي، جيڪو موسمن جي ڦرڻ وقت ٿيندو آهي. جيئن آسوءَ ۽ ڪتيءَ جا مهينا يا ڦڳڻ چيٽ جا مهنا. ان جو واسطو ڪرنگهي جي هڏين سان آهي ۽ شاعري هڪ نموني سرسام جو مرض آهي. منهنجو مطلب سمجهو ٿا نہ مسٽر بُسريا."

"بُسريا نہ، بسريا." ناڪر صاحب وچ ۾ ٽوڪ هڻندي چيو.

بسريا هن ڏانهن جوش، پريشانيءَ ۽ غصي جي مليل احساس سان نهاريُندي چيو، "معاف ڪجو. توهين يا تہ فرايڊوادي ٿا ڏسجو يا پرگتوادي آهيو ۽ توهان جا ويچار پرڏيهي آهي، آهن. مون کي اهڙي قسم جي خيالن لاءِ نفرت آهي."

چندر ڪجهہ جواب ڏيڻ چاهيو ٿي پر وچ ۾ ناڪر صاحب چيو، "اڙي ڀائي، توهين تہ وڏي بحث ۾ وڃي پيا. پهرين هڪ ٻئي جا واقف تہ ٿيو. هي آهي شري چندر ڪمار چندر. وشو ودياليہ ۾ ريسرچ ڪري رهيو آهي. هي صاحب آهي شري رويندر بسريا. هن سال آير – اي جو امتحان ڏيندو. ڏاڍو سٺو شاعر آهي."

چندر هن سان هٿ ملائي مليو ۽ پوءِ نهايت گنڀير نوعيت ۾ چيائين "چو صاحب! توهان کي دنيا ۾ ٻي ڪرت ڪا نہ ملي، جو توهين شاعري ڪري رهيا آهيو؟"

بسريا ناڪر صاحب ڏانهن نهاري چيو، "ناڪر صاحب، هيءَ منهنجي بيعزتي آهي. مان اهڙن سوالن ٻڌڻ تي هريل ڪو نہ آهيان." ۽ هو اٿي ڪڙو ٿيو.

ناڪر هن کي هٿ کان پڪڙي ويهاريندي چيو "ويهہ يار ويهہ، تو چندر جو مطلب ڪو نہ سمجهيو. هن جي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ تو ۾ اها مٽيا پريل آهي جو دنيا کي تنهنجي ان مٽيا جو قدر ڪرڻ نٿو اچي. انهيءَ ڪري ئي هن توسان همدردي ڪندي چيو تہ تون ٻيو ڪو ڌنڌو ڇو نٿو ڪرين. چندر صاحب تہ تنهنجي شعرن تي فدا آهي. هميشہ تنهنجي ساراهہ ڪندو آهي."

بسريا ٿڌو ٿي ويو. چندر کي چيائين "معاف ڪجو. مون توهان جو غلط مطلب سمجهيو. منهنجو شعرن جو ڇُڪو ڇپجي رهيو آهي. مان توهان کي ضرور سوکڙيءَ طور موڪليندس." پوءِ وري ناڪر صاحب ڏانهن مڙي چيائين، "توهين منهنجي شعرن لاءِ ايتري تہ گهڻي طلب ٿا ڪريو جو مان اڪثر پريشان ٿي ويندو آهيان. اجا ڪالهہ ترويڻيءَ ۾ جو ايڊيٽر مليو. چوڻ لڳو، پنهنجو فوٽو ڏي. چيومانس، فوٽو نڪتل ڪونهي تہ بس پنيان ڪنئور ٿي لڳو. لاچار هن کي پنهنجو سجاٽپ وارو ڪارڊ ئي ڏيڻو پيو."

"واهہ!" چندر چڻ ڀاڻ روڪي نہ سگهيو. "بيشڪ سمجهيوسين توهان کي. توهين ڀلا قومي شعر لکندا آهيو يا محبت جا شعر لکندا آهيو؟"

"جهڙو موقعو هجي." ناڪر صاحب وچ ۾ وناڻيندي چيو "توکي خبر آهي تہ هن کي جنگي مورچي جي مشاعري، داروبندي ڪانفرنس جي مشاعري، شاديءَ جو ڪوي مشاعري، ادبي ڪانفرنس جي مشاعر، هن کي هر مشاعري لاءِ خاص نيند ڏيئي گهرايو ويندو آهي. هن جو ناماچار آهي."

بسريا اهاسا راهہ ٻڌي گد گد ٿي ويو. فخر ۾ ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو.

ٿوري دير چپ رهڻ بعد چندر چيو، "تہ اسان کي بہ ڪو شعر ٻڌايو نہ....."

بسريا چيو، "هينئر موڊ ڪونهي."

ناڪر صاحب بسريا کي پنهنجن سالن ڪان سجاڻيندو هو. هن کي خبر هئي تہ بسرياً ڪيئن ۽ ڪيڏي مهل شعر ٻڌائيندو آهي. چيائين، "اڻين نہ ڪپور صاحب، اڄ شام جو اچج. گنگا تي هلنداسين، ٻيڙيءَ جو سير ڪنداسين. ڪانڻ پيئڻ جو شغل هلندو. پوءِ تون هن جي شاعري ٻڌج."

چندر کي بہ ٻيڙيءَ جي سير جو بيحد شوق هو. هو هڪدم راضي ٿي ويو ۽ ان شام لاءِ وڏو پروگرام تيار ٿيڻ لڳو.

ايتري ۾ هڪ موٽر اتان لنگهي لئبريءَ ڏانهن ويئي. اها ڏسي چندر چيو، "چڱو ناڪر صاحب، هاڻي مون کي هلڻ جي اجازت ڏيو. هو اچي ويا آهن. توهين ڪيڏانهن ويندا؟"

"مان جيمخاني ڏانهن ٿو وڃان. چڱو سياڻي شام جو پروگرام پڪو ٿيو."

موٽر لئبريءَ جي مکيہ دروازي اڳيان بيٺي هئي.

"چو گيتا، اندر چو ويٺي آهين؟"

"تو لاءِ پئي نهاريم، چندر." چوندي هوءَ ٻاهر نڪري آئي. ڏٻري، سنهڙي، معمولي ڇوڪري. تمام سهڻي نہ، رواجي طرح سهڻي، مگر ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي بيحد موهڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هل، اندر هل.“
هوءَ اڳتي وڌي وري رڪجي ويئي. چيائين. ”چندر، هڪ ماڻهوءَ کي چار ڪتاب ملندا آهن نه؟“
”ها، ڇو؟“
”نه... نه.“ هن نهايت معصوميت پريءَ مرڪ چپن تي آڻي چيو. ”نه تون پنهنجي نالي ۾ ميمبر ٿي وڃ ۽ انهن مان به ڪتاب مون کي ڏج. انهيءَ کان وڌيڪ ڪتاب مان ڇا ڪنديس؟“
”نه.“ چندر کلي چيو. ”تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. تون پاڻ ڇو نه ٿي ميمبر بڻجين؟“
”مون کي لڄ ٿي اچي.“
”پڳلي ڪٿي جي!“ چندر هن کي ڪلهي کان پڪڙي اڳتي وٺي هلندي چيو. ”واهه سائين تنهنجي لڄ! سڀاڻي تنهنجي شادي ٿيندي نه ڇونديءَ، چندر! منهنجي بدران تون شادي ڪر. مون کي لڄ ٿي اچي. ڇوڪر ڪاليج ۾ پهچي ويئي آهي ۽ اڃا لڄ نٿي لهيس.“
هوءَ هٽڪندي، ٻيهندي، هيسايل هرڻيءَ جيان هر هر پٺيان نهاريندي، رسامي پريل نگاهن سان چندر ڏانهن نهاريندي اندر هلي.
ٿوري دير بعد گيتا چار ڪتاب کڻي ٻاهر آئي. چندر جڏهن هن کي چيو. ”مون کي ڏي ته مان کڻي هلان.“ ته هن بانس جي پتلي ڏار جيان لڏندي چيو. ”ميمبر مان ٿي آهيان. توکي ڪتاب ڇو ڏيان؟“ ۽ موٽر وٽ پهچي ڪتاب سيٽ تي اڇلائي چيائين. ”اچ وِيهه.“
”مان هينئر گهر ويندس.“
”اون هون. هي ڏس.“ اٿين چئي هن ڪاغذن جو هڪ ٿهو چندر کي ڏيکاريو. ”هي پاپا تنهنجي لاءِ ڏنا آهن. لکنئوءَ ۾ ڪانفرنس آهي نه. اتي پڙهڻ لاءِ هي مضمون تيار ڪيو اٿس. شام تائين هي ٽائيپ ٿيڻ گهرجن. جتي نشان لڳل آهن اهي ٽڪرا توکي خود پڙهي ٻڌائڻا پوندا. سمجهيئي جناب!“ هوءَ بلڪل ننڍڙن ٻارن جيان ڪنڌ ڌوڻي، شوخ آواز ۾ اهي سڀ ڳالهيون چئي ويئي.
چندر ڪاغذن جو ٿهو هٿ ۾ وٺندي چيو. ”مگر ڊاڪٽر صاحب جا اکر ۽ هي هيڏو ٿهو شام تائين ڪير ٽائيپ ڪري سگهندو؟“
”انهيءَ جو به انتظام ٿيل آهي“ ۽ هن پنهنجي بلائوز اندران هڪ خط ڪڍي چندر کي ڏنو. ”هيءَ پاپا جي ڪا پراڻي عيسائڻ شاگرديا‌ڻي آهي. ٽائيپسٽ آهي. هن جي گهر، مان توکي پهچائي ٿي اچان. مکرجي روڊ تي رهندي آهي. انهيءَ وٽان هي سڀ توکي ٽائيپ ڪرائڻو آهي. هي خط هن کي ڏج.“
”مگر مون ته اڃا چانهه به ڪا نه پيتي آهي!“
”سڀ ڄاڻان ٿي. تون سمجهين ٿو ته انهيءَ بهاني گيتا توکي چانهه پيئاريندي. پر اهو ڪم منهنجو نه آهي، پاپا جو آهي. اچ، هل.“
چندر اندر موٽر ۾ وڃي ويٺو ۽ ڪتاب کڻي ڏسڻ لڳو. ”اڙي هي ته چار ئي ڪتاب شاعريءَ تي کڻي آئي آهين. تون انهن کي سمجهي سگهندينءَ، گيتا؟“
”نه“ گيتا هن کي چيڙائيندي چيو. ”چئين ته توکي به سمجهائي ڇڏيان. ايڪنامڪس وارن کي ادب جي ڪهڙي ڄاڻ!“
”اڙي مکرجي جي روڊ ڏانهن هل. ڊرائيور! هيڏانهن ڪيڏانهن ٿو هلين!“ چندر ڊرائيور کي هدايت ڪندي چيو.
گيتا چيو. ”نه پهرين گهر هل. چانهه پي پوءِ وڃج.“
”نه مان چانهه ڪو نه پيئندس!“ چندر لئي ڪئي.
”چانهه ڪو نه پيئندس. واهه.“ گيتا جي مرڪ ۾ ڪير پياڪ ٻار جي معصوميت پريل هئي. ”منهن نه سڪي ڪومايل گوبيءَ جهڙو ٿي ويو اٿس ۽ چانهه ڪو نه پيئندو.“
گهر پهتا ته گيتا مهراڄڻ کي چانهه تيار ڪرڻ لاءِ چيو ۽ چندر کي اپياس واري ڪمري ۾ ويهاري، پاڻ ڪوپ ساسرين ڪيڻ لاءِ رواني ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ گهر، هيءَ ڪتب چندر جو پنهنجو بڻجي چڪو هو. جڏهن ڪان هو ماءُ سان جهڳڙو ڪري پرياڳ ۾ پڙهڻ آيو ۽ بي– اي ۾ داخل ٿيو ۽ ڪفايت جي خيال ڪان چونڪ ۾ ننيو ڪمرو ڪري اچي رهيو. تڏهن ڪان ئي سينيئر پروفيسر ڊاڪٽر شڪلا سندس صلاحيت ڪان واقف هو. چندر انگريزي تمام سٺي لکندو هو ۽ ڊاڪٽر شڪلا هن ڪان ننيا ننيا ليک لکائي اخبارن ۽ مخزنن کي ڏياري موڪليندو هو. هن ڪيترين ئي اخبارن جي "تعليمي ڪالمن" لکڻ جو ڪم چندر کي وٺي ڏنو هو ۽ انهيءَ ڪري چندر لاءِ ڊاڪٽر شڪلا جو گهر پنهنجي سنڀاليندڙ ۽ پيءُ جي گهر ڪان به وڌيڪ بڻجي ويو. چندر لڇارو هو. بيحد لڇارو. هن ڪڏهن به يونيورسٽيءَ جي ڪنهن اسڪالرشپ وغيره لاءِ ڪوشش ڪانه ڪئي هئي. مگر بي– اي جي امتحان ۾ جڏهن هو سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو ته علمي سٽ از خود هن کي يونيورسٽيءَ جي تعليمي رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪيو هو ۽ ان لاءِ هن کي ڪجهه اجورو به ملڻ لڳو. ايم – اي امتحان ۾ به هو پهريون نمبر آيو ۽ ان بعد هن ريسرچ شروع ڪئي. ان ڪان ٿورا ڏينهن پوءِ ڊاڪٽر شڪلا يونيورسٽيءَ مان بدلي ٿي، بيورو ۾ هليو ويو. سچ پڇجي ته چندر جو جيون مشعال ڊاڪٽر شڪلا ئي هو. جنهن هميشه هن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪيس پنهنجي پيٽ ڄائي ڪان به وڌيڪ سنڀاليو. انهيءَ پيار ۽ محبت پري سنڀال ۽ نظرداريءَ هيٺ چندر ۽ ڊاڪٽر وچ ۾ جيڪو غير پڻو هو سو ڪڏهن گم ٿي ويو. تنهن جي چندر کي به سمڪ ڪا نه رهي. هن بنگلي جا ڪمرا. ان جو باغ. ان جا ڪتاب. ان جا ياتي سڀ ڄڻ آد ڪان ئي هن جا پنهنجا هئا.

۽ هيءَ سنهڙي، پتلي، چنڊ جي سهڻي ڪرڻي مثل گيتا!

اڄ ڪان سال اڳي جڏهن هوءَ ستون پاس ڪري، پنهنجي پڦيءَ وٽان هت آئي هئي، تڏهن ڪان اڄ تائين هوءَ ڪئين چندر جي پنهنجي ٿيندي وئي هئي. هوءَ جڏهن هتي آئي هئي تڏهن ئي ڏاڍي پياري هئي، بيحد معصوم هئي. اٺون درجو پڙهندي هئي ته به ڪاڏي تي روئندي هئي. ڪيٽو ڪندي هئي ته ڪابيون ڦاڙي ڇڏيندي هئي ۽ جيستائين ڊاڪٽر هن کي هنج ۾ ويهاري پرچائيندو نه هو تيستائين هوءَ اسڪول ڪو نه ويندي هئي. ٽن سالن جي هئي جو هن جي ماءُ گذاري وئي. ان بعد هوءَ پنهنجي پڦيءَ وٽ ڳوٺ ۾ رهي. تيرهن سالن جي ٿي ته ڳوٺ وارا هن کي پرڻائي ڇڏڻ تي ضد ڪرڻ لڳا ۽ ڳوٺ جي زالن هٿ ڪٽي اشارا ڪرڻ ۽ منهن کي موڙا ڏيڻ شروع ڪيا. تڏهن ڊاڪٽر هن کي الله آباد گهرائي اٺين درجي ۾ داخل ڪرايو. جڏهن هوءَ آئي هئي ته اڌ جهنگلي هئي. پاڇيءَ ۾ ٿورو گيهه گهٽ پئجي ويندو هو ته سڄو رڌڻو هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندي هئي. رات ي گل نه ڪٽي ايندو هو ته پونچال پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ چندر ڪان ڊڄندي هئي ۽ چندر به نچاڻ چو. ڪڏهن به ڳالهائيندو نه هو. مگر ٻن سالن بعد به جڏهن هن جي اها ساڳي چال چالو رهي ته ڊاڪٽر ڪاوڙجڻ لڳو ۽ اڪثر نه هن کي پاڻ سان گڏ ڪارائيندو هو ۽ نه هن سان ڳالهائيندو هو. انهيءَ تي هوءَ روئي رڃ پري ڇڏيندي هئي ۽ متو قاڙڻ لاءِ تيار ٿي ويندي هئي، اهڙن وقتن تي هميشه چندر ئي پيءُ ۽ ڌيءَ وچ ۾ ناهه ڪرايا هئا. چندر ڪيترا دفعا گيتا تي ڪاوڙ ڪئي هئي. هن کي چڙٻيو هو. هن کي سمجهايو هو ۽ گيتا. جا هونءَ طوفاني هوا جي جهوٽي جيان گهر ۾ سڀ ڪجهه هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندي هئي. سا چندر جي نگاهه جي هڪ اشاري تي پرياتي هير جيان ماٺي ۽ خاموش ٿي ويئي هئي. ڪڏهن ۽ ڪيئن هن چندر جي انهن اشارن تي هلڻ به قبوليو تنهن جي ڪيس به ڄاڻ ڪا نه هئي ۽ اها سڀ ڦير گير اهڙي ته سهڻي ۽ قدرتي نموني ٿي ويئي جو ڪنهن کي به ان جي لکا ڪا نه پيئي. ٻنهي وچ ۾ بنا ڄاڻڻ. بنا سمجهڻ جي اهڙي ته فطري ويجهڙائي قائم ٿي ويئي. جيئن سياري جي معصوميت سان يا پرڀات جي روشنيءَ سان ابدي ويجهڙائي قائم ٿيل آهي.

مزو وري اهو هو ته چندر جي صورت ڏسي، وچي لکڻ واري اها گيتا اڄ اهڙي ته ڏيٺ بڻجي ويئي هئي جو هن جي سموري بغاوت، سڄي هٺڪ، سڀاءُ جي سموري تيزي ۽ تکائي، سموري لڙائي جهڳڙو، ٻين تان هٽي اڪيلي چندر لاءِ اچي ڪٺو ٿيو هو. اها بغاوتڻ هينئر مانڻ ٿي ويئي هئي. اهڙي سانتيڪي، اهڙي سڀاجهي، اهڙي نٽرت واري، اهڙي ڳالهائڻ جي مٺڙي جو هر ڪو ڏسي عجب ڪائڻ لڳو. مگر چندر کي ڏسندي ئي هن جو ٻالپڻ ڄڻ موٽ ڪائي ايندو هو ۽ جيستائين هوءَ چندر کي بيزار ڪري، چيڙي، ساڻس جهڳڙو نه ڪندي هئي، تيستائين هن کي آرام نه ايندو هو. اڪثر ٻئي رسندا هئا. ٻن ڏينهن تائين منهن سڄائي هلندا هئا. پر پوءِ جڏهن ڊاڪٽر بيورو مان موٽندو هو ۽ گيتا هن ڪان ڪو به حال احوال نه وٺندي هئي. ۽ ڪاڏي وقت جڏهن پيار ڪا نه ڏيکاريندي هئي ته ڊاڪٽر پهرين سوال اهو ئي ڪندو هوس. ته "ڇا. وري چندر سان رني آهين؟" تڏهن هوءَ منهن سڄائي شڪايت ڪندي هئي ۽ شڪايتون به کهڙيون هونديون هيون! "چندر هن جي هيڊ ماستريائيءَ جو نالو ايليفنٽا (هاٿڻي) رکيو آهي يا اسڪول ۾ مضمون نويسيءَ جي چٽا پيٽيءَ لاءِ چندر ڪيس نبُ نه ٻڌايا. يا چندر چوي ٿو ته گيتا جون ساهيڙيون ڪوئلا وڪٽنديون آهن." اهو سڀ ٻڌي ڊاڪٽر چوندو هو ته چڱو مان چندر کي دڙڪا ٿو ڏيان. بس هوءَ خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ نه سمائبي هئي ۽ چندر جي اچڻ تي نگاهون نچائي هن کي چوندي هئي: "ٻڌاءِ، ڪهڙي دٻ ڪاڏءِ؟"

هونءَ گيتا پنهنجي گهر جي وڏي هئي. ڪهڙي مند ۾ پاپا کي ڪهڙي سبزي وڻندي آهي. بازار ۾ شئي شڪل جو اگهه ڪهڙو آهي. نوڪر چوري ته ڪو نه ٿا ڪن. پاپا ڪيترين سوسائٽين جو ميمبر آهي، چندر جي ايڪنامڪس جي ڪورس ۾ ڇا آهي، اهو سڀ هن کي معلوم هو. موٽر يا بجليءَ جي خراب ٿيڻ تي هوءَ ٿوري گهڻي انجنيري به ڪري وٺندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ ماءُ جهڙي ٻاجهه جو انگ تہ هن ۾ ايڏو پريل هو جو گهر جو هر ڪو نوڪر توڙي نوڪرياڻي، هن سان پنهنجي دک سک جو احوال اورڻ کان سواءِ نہ رهندو هو. ٻڍڙي سان گڏوگڏ گهر جي سموري ڪم سنڀالڻ ڪري، هن جي صحت ڪي قدر بگڙجي ويئي هئي. عمر جي لحاظ کان هن جو سڀاءُ وڌيڪ سانتيڪو، وڌيڪ مانيٽو، وڌيڪ گنڀير ۽ وڌيڪ سنجيدگيءَ وارو لڳندو هو. مگر پنهنجي پاپا ۽ پنهنجي چندر اڳيان هوءَ هميشہ ٻار هئي. انهن ٻنهي جي اڳيان هن جي دل آزاد، ۽ هن جو پيار اجهل رهندو هو.

ها، هڪ ڳالهہ هئي. هن جي صحت لاءِ سندس پاپا کي جيڪا ڳڻتي رهندي هئي ۽ جيڪو پيار ۽ پيار ڀري ڪاوڙ هن کي پنهنجي پاپا وٽان ملندي هئي، اهو سڀ هوءَ وري ٻنا ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي، چندر کي ڏيئي ڇڏيندي هئي. سندس ڪاڏي پيتي جي جيڪا ڳڻتي سندس پاپا رکندو هو، اوتري ساڳي ڳڻتي هوءَ وري چندر جي ڪاڏي پيتي لاءِ رکندي سَي، نہ کائڻ تي يا گهٽ کائڻ سبب جيڪو لاڏ ڪوڏ ۽ غصو کيس پاپا وٽان ملندو هو، اهو ساڳيو لاڏ ڪوڏ ۽ غصو هوءَ وري چندر تي وسائيندي هئي ۽ سندس صحت بابت پاپا جيڪي تاڪيدون ڪندو هو، انهن ۾ ٿورو گهٽو وڌيڪ پيار ۽ ممتا ڀري هوءَ اهي ساڳيون تاڪيدون چندر کي ڪندي هئي. چندر ڪيڏي مهل کاڌو ٿو کائي، رات جو هتان گهر موٽڻ بعد ڪيتري دير پڙهندو آهي، سمهڻ کان اڳي کير پيتائين يا نہ. ان سڀ جو ليکو چوکو هن کي گيتا کي ڏيڻو پوندو هو ۽ ڪڏهن بہ هو پنهنجي کاڏي پيتي ۾ ڪا گهٽتائي ٿيڻ ڏيندو هو تہ هن کي گيتا جي ڪاوڙ سهڻي پوندي هئي. پاپا اڳيان گيتا هميشہ ٻالڪي هئي ۽ صحت جي معاملي ۾ چندر گيتا اڳيان ٻالڪ هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ گيتا سندس صحت جي ڳڻتي ايڏي وڌائي ڇڏيندي هئي. جو چندر، جيڪو هميشہ تندرست گذاريندو هو، گهٻرائجي ويندو هو. هڪ لڳا تہ گيتا سچ پچ ڪمال ڪري ڇڏيو. ڪجهہ وقت اڳي گيتا جي طبيعت نيڪ ڪا نہ هئي تہ ڊاڪٽر هن کي عورتن جي طاقت جي هڪ دوا پيئڻ لاءِ چيو هو. ٿورن ئي ڏينهن بعد امتحانن جي ڏينهن ۾ جڏهن چندر بہ البت ڪمزور ٿي ويو تہ گيتا پنهنجي اها ٻچيل دوا کڻي آئي ۽ چندر سان ضد ڪرڻ لڳي تہ تو کي اها دوا کيئڻ بہ پيئڻي پوندي. چندر نيٺ جڏهن اخبار ۾ ڇپيل اشتهار هن کي ڏيکاري ٻڌايو تہ اها طاقت جي دوا صرف زالن لاءِ آهي، تڏهن مس وڃي گيتا سندس پچر ڇڏي.

انهيءَ ڪري ئي جڏهن گيتا اڄ چانهہ جي ڳالهہ ڪئي تہ چندر دل ئي دل ۾ ڏڪي ويو، ڇاڪاڻ جو گيتا جڏهن بہ چندر لاءِ چانهہ ناهيندي هئي تہ سڄو پيالو کير سان ڀري ان ۾ فقط ٻہ ٽي چمچا چانهہ جي پاڻيءَ جا وجهندي هئي. چندر ٻلجي کٽي توري وڌيڪ ڪڙڪ چانهہ جي طلب ڪندو هو تہ هن کي نجو کير پيئڻو پوندو هو. چانهہ سان گڏ مٺائي ميوو ۽ ٻيو بہ نہ معلوم ڇا ڇا کائڻو پوندو هوس. انڪار ڪرڻ تي گيتا ڪاوڙجي منهن سڄائي ويهندي هئي، انهيءَ ڪري چندر بيحد گهٻرائيندو هو. گيتا جلد ئي چانهہ تيار ڪري کڻي آئي ۽ هو بيوس ٻڌجي ڏسندو رهيو تہ سڏا سڄو ڪوپ کير سان ڀري پوءِ تمام ٿورو چانهہ جو پاڻي ان ۾ ملايو ۽ اهو ڪوپ کيس ڏيئي چيائين هي پيءُ، ناشتو اچي ٿو. پوءِ وري ٻيو ڪوپ سڄو چانهہ جي پاڻيءَ سان ڀري ان ۾ هڪ اڌ چمچو کير جو ملائي اهو پاڻ کڻي، ڏاڍي نٽ سان چانهہ پيئڻ ويٺي.

چندر پيالو سامهون رکي ان کي چوڏاري گهمائي جاچيندو رهيو تہ ڪٿان جو وڌ ۾ وڌ سواد ملي سگهندو. پر جڏهن پيالي ۾ هر طرف کير ساڳيو نظر آيس تہ هن هار مڃي پيالو ائين ئي ڇڏي ڏنو.

گيتا پنهنجو ڪوپ بہ واپس رکندي چيو. "چو پيئين چو نہ ٿو؟"

"ڇا پيئان! ڪٿي چانهہ هجي تہ پيئان نہ!"

"تہ ڇا رکي چانهہ پيئندين؟ دماغي ڪم ڪندڙن کي ههڙي ئي چانهہ پيئڻ گهرجي."

"تہ هينئر مون کي ويچار ڪرڻو پوندو تہ چانهہ پيئڻ ڇڏي ڏيان يا ريسرچ ڪرڻ ڇڏي ڏيان. نہ مون کي ههڙي چانهہ ۽ نہ اهڙو دماغي ڪم پسند آهي؟"

"ٻڌ، توکي اعتبار نہ ٿو اچي. منهنجي هم ڪلاسڻ آهي گيسو. سڀني کان هوشيار آهي. هن جي ماءُ هن کي کير ۾ چانهہ جا ٻہ ٽي اوباري اها چانهہ ڏيندي آهي."

"تنهنجي ان سکيءَ جو نالو ڇا آهي؟"

"گيسو!"

"نالو تہ ڏاڍو سنو اٿس!"

"تڏهن ڇا هوءَ منهنجي تمام گهري ساهيڙي آهي ۽ جهڙو نالو اٿس پاڻ بہ اهڙي ئي سٺي آهي."

"ضرور سٺي هوندي." چندرُ هينئر منهن ناهيندي چيو. "گيسو آهي نہ. ڪاري بہ ضرور گيسن (وارن) جهڙي هوندي!"

"هٽ ڪنهن ڇوڪريءَ جي ائين گلا ڪندي توکي شرم نٿو اچي!"

"جڏهن منهنجن دوستن جي نندا ڪندي آهين. تڏهن!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تڏهن ڀا! هو تہ آهن ئي سڀ اهڙا. ڇڱو ناشتو ڪر ڀرين ميوو کاءُ" هوءَ سنگترو ڇلڻ لڳي. جيئن هوءَ هيٺ ڪري ڀيل سنگتري جي ڦار کڻڻ لاءِ نوڙي، تيئن چندر هڪدم ڦڙتي ڪريٰ پنهنجو چانهہ جو پيالو هن جي اڳيان رکيو ۽ هن جو چانهہ جو پيالو پاڻ کڻي پيئڻ شروع ڪيائين. گيتا اهو سڀ ڪو نہ ڏٺو. سنگتري جي ڦار چندر ڏانهن وڌائي جيئن ئي هن پنهنجي اڳيان رکيل ڪوپ مان بيخياليءَ سان چانهہ جو ڍڪ ڀريو تيئن ئي ڇرڪ ڀري اٿي. چيائين: "هي ڇا ٿيو؟"

"ڪجهہ ڪو نہ ٿيو. توکي دماغي ڪم گهڻو ڪرڻو ٿو پوي نہ. انهيءَ ڪري تنهنجي چانهہ ۾ ٿورو کير وڌيڪ ملائي ڇڏيم." ائين چئي هو ڏاڍي شان سان پنهنجي پيالي مان سرڪيون ڀرڻ لڳو. گيتا اندر ۾ ڪڙهڻ لڳي پر ٻاهران ڪجهہ چيائين ڪو نہ. چانهہ ختم ڪري چندر واچ ۾ وقت ڏٺو.

"ڇڱو ڪٿي اڄ. ڇا ٽائيپ ڪرائڻو آهي! تمام دير ٿي ويئي آهي."

"توکي تہ بس هتي هڪ منٽ ويهڻ بہ نٿو پڄي. توکي سئو دفعا سمجهايو اٿم تہ ڪاڏي جي وقت ڪڏهن بہ جلدي ڪرڻ نہ گهرجي. ويهہ هتي."

"اڙي توکي ڪاليج جي تياري ڪا نہ ڪرڻي آهي ڇا؟"

"ڪرڻي ڇو نہ آهي. اڄ تہ گيسوءَ کي بہ پاڻ سان گڏ موٽر ۾ وٺي وڃڻو اٿم."

"تنهنجي اها گيسو اڳي ڪڏهن موٽر ۾ چڙهي آهي؟"

"نہ. اڙي هوءَ صابر حسين جي ڌيءَ آهي. هن وٽ بہ موٽرون آهن. هن جي گهر روز پارٽيون ٿينديون آهن!"

"اڇا. پر اسان کي تہ ڪڏهن ڪنهن پارٽيءَ لاءِ سڏ ڪو نہ مليو آهي!"

"آها... ها. گيسوءَ جي پارٽيءَ ۾ ويندو اسان جو چندر صاحب. هي منهن ڪٿي! جناب هن جي شاديءَ جو فيصلو بہ ٿي ويو آهي. ايندڙ سياري تائين گهڻو ڪري شادي ٿي بہ ويندي."

"ڇہ.... ڇہ. تون تمام خراب ڇوڪري آهين. تنهنجو ڌيان ڪيڏانهن پيو ڊوڙي؟"

گيتا هن کي ائين شڪست ڏيئي سوپ جي نشي ۾ مخمور. چپن تي مسڪراهٽ آڻي هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

چندر پنهنجي نظر هيٺ جهڪائي تہ گيتا پرسان اچي چندر جو ڪنڌ پڪڙي چيو: "ايتري ۾ غمگين ٿي وئين؟ اڙي پائي تنهنجي بہ شادي ڪرائيندا سين. تون هيئن گهبرائجين ڇو ٿو؟" پوءِ ايڪانامڪس جو هڪ ٿلهو ڪتاب کڻي هن ڏانهن وڌائي چيائين: "وٺ هن دنبيءَ سان شادي ڪندين؟ ڇڱو تون تيستائين هن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري وٺ تہ مان مضمون جا ڪاغذ کڻي ٿي اچان."

چندر پريشان ٿي، گيتا جو هٿ پڪڙي زور سان دٻايو. گيتا هٿ ڇڏائيندي، "هاءِ ڙي!" ڪري اٿي. چيائين: "وٺ بابا. اسين وڃون ٿا. تون بگڙجين ڇو ٿو؟" ۽ هوءَ ويئي هلي. ڊاڪٽر صاحب جو لکيل مضمون کڻي واپس موٽي چيائين: "هان هي مضمون وٺ" پوءِ وري چندر ڏانهن نهاري ڏاڍي لاڏ سان پڇيائين: "شام جو ايندين نہ؟"

"نہ."

"ڇڱو مان توکي پريشان نہ ڪنديس. تون چپ چاپ پڙهجان. رات جو پاپا موٽي تہ هن کي روبرو مضمون ڏيئي پوءِ واپس موٽي وڃج."

"نہ. اڄ شام جو مون کي ناڪر صاحب وٽان سڏ مليو آهي."

"تہ اتان ٿي پوءِ اچج. هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌ. فبروريءَ جو مهينو اچي ويو آهي، منهنجي لاءِ ڪو ماستر ڳولي اچ."

"نہ اها سڀ ڪوڙي ڳالهہ آهي. مان وري سڀاڻي صبوح جو ايندس."

"ڇڱو، سڀاڻي صبوح جو. پر سويل ئي اچج ۽ ماستر آڻڻ نہ وسارج. ڊرائيور توکي مڪرجي روڊ تي پهچائي ايندو."

چندر موٽر ۾ وڃي ويٺو. موٽر چالو ٿي ويئي جو گيتا وري سڏ ڪيس. هو هيٺ لٿو تہ گيتا چيو "هي خط تہ هتي ئي وساري وئين. پاپا لکيو آهي، هن کي ڏج."

"ڇڱو" چئي چندر موٽر ۾ چڙهيو تہ گيتا وري سڏ ڪيس "ٻڌ!"

چندر خفا ٿي چيو، "هڪ دفعي ئي سڀ ڪجهہ ڇو نہ ٿي ٻڌائي ڇڏين."

"اڙي تمام گنڀير ڳالهہ آهي. ڏسجان. اتي هن ڇوڪريءَ کي اهڙي ڪا بہ گهٽ وڌ ڳالهہ نہ چئجان. هن وٽ بہ وڏا وڏا بلڊاگ ڪتا آهن." ائين چئي هن ڪِل ڦنڊائي اکيون ڦهلائي جو بلڊاگ جي صورت بنائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ چندر پنهنجي کل روڪي نہ سگهيو. گيتا بہ کلي ڏنو. اهڙي هئي گيتا ۽ اهڙو هو چندر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سول لائينس جي هڪ ويران حصي ۾ هڪ پراڻي بنگلي اڳيان موٽر پهچي رڪجي ويئي. بنگلي جو نالو هو "روزلن" مگر ان جي احاطي ۾ جهنگلي گاهه اپريل هو ۽ گلاب جي گلن عيوض اتي مرغين جا کنڀ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. رستي تي توڙي مکيه لنگهه اڳيان به گاهه اپريل هو. لنگهه جي لوهي دروازي اڳيان بانس جون به ڪانيون آڏيون ڪري هنيل هيون. ان جي هڪ طرف ننيڙي ڪاٺ جي پٽي لڳل هئي، جا ڪنهن زماني ۾ شايد ڪاري رهي هجي پر هوا، پاڻي ۽ سج گڏجي ان کي ڇڻڪمرو بنائي ڇڏيو هو. چندر موٽر مان لهي ان اڌ ڏنل پٽيءَ تي لکيل نالي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نه ڄاڻ صبوح جو اٿندي ڪنهن جو منهن ڏٺو هئائين جو جيڪو نالو ڪپندو هوس اهو ئي نڪتو. پٽيءَ تي لکيل هو "اي- ايف- ڊڪروز" هن پوءِ کيسي مان لفافو ڪڍي ائڊريس پيٽي، لفافي تي لکيل هو: ڪماري پي – ڊڪروز هن سامت جو ساهه کنيو.

چندر ڊرائيور کي چيو: هارن وڄاءِ! ڊرائيور هارن وڄايو. ان آواز تي ڪنهن جو ٻاهر اچڻ ته درڪنار، اٽلو هڪ ڪڪڙ، جو احاطي اندر پئي ڦريو سو به منهن ڦيري چندر ڏانهن شڪي نگاهن سان ڏسي، ايئن وٺي ڀڳو ڄڻ ڏڪار ڏٺو هئائين. چندر چيو: بنگلو ته منحوس ٿو ڏسجي. ڊرائيور کي چيائين: چڱو تون وڃ. مان اندر وڃي خبر ٿو لهان."

"چڱو حضور، گيتا بيبيءَ کي ڇا وڃي چوان؟"

"چئجانس، پهچائي آيس."

موٽر موٽي ويئي. چندر بانس جي ڪانين مٿان ٽپ ڏيئي اندر گهڙيو. بنگلي جي اڳ واري پورٽيڪو جي زمين ائين پئي لڳي ڄڻ سالن کان اتي ڪنهن گاڏيءَ جو ڦيٿو ڪو نه ڦريو هو. هو ورانڊي ۾ گهڙيو. سڀ دروازا بند هئا. سيني تي مٽي ڄاول هئي. هڪڙي ڪنڊ ۾ ته ڪوريئڙي وڏو شاهي ڄار ناهي ڇڏيو هئو. چندر دل ۾ سوچيو: هي بنگلو خالي ته ڪونهي؟ صبح جو سادي انين بجي به اتي اهڙو سناٽو لڳو پيو هو جو دل گهبرائجي تي ويئي. آسپاس اڌ فرلانگ تائين بيو ڪو به بنگلو ڪو نه هو. چندر سوچيو، پٺيان وڃي ڏسان، اتي مٿان نوڪرن جا ڪمرا هجن. هو ڏائي پاسي ڦريو ته خوشبوءِ جو هڪ تيز جهوٽو هن کي ڇهندو لنگهي ويو. چندر وري عجب ۾ پيو. هي سناٽو. هيءَ منحوسي ۽ هيڏي خوشبوءِ! اڳتي وڌي ڏٺائين ته بنگلي جي پٺئين پاسي گلاب جي گلن جو بيحد خوبصورت چمن هو. هر رنگ جا گلاب هئا. سچ پچ "روزلن" هو.

هن باغ ۾ قدم رکيو. بنگلي جا دروازا ان طرف کان به بند هئا. کڙڪايائين، پر ڪو به جواب نه مليس. تڏهن هو باغ ڏانهن وڌيو. سوچيائين، اتي شايد ڪو مالهي هجي. باغ جي وچ ۾ جهنگلي چنبيليءَ جا وڏا بوٽا لڳل هئا. ڪٿي ڪٿي وري لوڙها لڳل هئا. اتي به هر طرف سناٽو ڇانيل هو. گلن تي به ڄڻ خاموشيءَ جي ڇانوَ پئجي ويئي هئي. گلن ۾ رنگ هو. هوا ۾ تازگي هئي، زمين تي ساوڪ هئي، فضا ۾ خوشبوءِ هئي، تنهن هوندي به اهو چمن ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڄڻ ان جي روشني، ان جي چمڪ لٽجي چڪي هجي. ائين تي لڳو ته باغ مالڪ رُت جي رنگينيءَ کي پلائي وينو آهي. ڇاڪاڻ جو موسم جو ڪو به گل اتي نظر ڪو نه تي آيو. صرف گلاب جا گل هئا ۽ جهنگلي چمبيلي هو. جي سال اڳي پوکيا ويا هئا ۽ ان بعد بس انهن جي ئي سار سنڀال لڌي ويئي هئي. باغ ۾ ڪا به نواڻ ڪا نه هئي. رت جو ڪو به رنگ، ڪو به امنگ ڪو نه هو.

چندر گلن جو بيحد شوقين هو. صبح جو درياهه ڪناري گهمڻ بدران هو آلفريڊ پارڪ ۾ گهمڻ ويندو هو. ڇاڪاڻ جو پاڻيءَ جي لهرن بدران هن کي باغ جي گلن جي رنگ، حسن ۽ سڳنڌ جون لهرون وڌيڪ وڻنديون هيون. هن کي بيو به شوق هو. هو گلن جي هر بوٽي وٽان لنگهندي انهن کي سڃاڻڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو. نازڪ ڏانڊين تي لڏندڙ مسڪرائيندڙ اهي گل. پنهنجي رنگن جي ٻوليءَ ۾ هن کي زندگيءَ جا نه ڄاڻ ڪهڙا راز ٻڌائڻ چاهيندا هئا. چندر کي ائين لڳندو هو ته هر گل کي پنهنجو پنهنجو الڳ پيغام. جدا سنيهو آهي. جنهن کي هو پنهنجي دل جي پنکڙين ۾ سمائي وينو آهي ۽ انتظار ۾ آهي ته ڪو ٻڌڻ وارو ملي ته هن کي پنهنجو داستان سڻايان. ٻوٽي جي چوٽيءَ تي مسڪرائيندڙ، عرش ڏانهن نهاريندڙ هيءُ گلاب. جو سڄي رات ستارن جي مسڪراهٽن کي چورائي پنهنجي جيءَ ۾ سانديندو رهيو آهي. سو هينئر موتين سان جڙيل پنکڙين جي لبن سان بس مشڪندو ٿو رهي. نه ڄاڻ هن وٽ ڪهڙو راز آهي! ۽ هي هينين ٿاريءَ وارو اڏورو نميل گلاب. جنهنجون پنکڙيون جهڪيل پلڪن جهڙيون، ڏانڊي جنهن جي مخملي، اهو گلاب اداس ڇو آهي؟ ۽ هيءُ ڏيري پتلي نازڪ مکڙي جا ڏاڍي خبرداريءَ سان پاڻ کي سائي آنچل ۾ ويڙهي ڍڪي ويٺي آهي. ڪنهن مومل کي پنهنجي جوڀن جو ڀهريون احساس ٿيندو آهي ته ڪيئن نه حياءَ وچان پاڻ ۾ پيئي سمائبي آهي. هيءَ مکڙي ٻڻ ان وانگر پاڻ ۾ لڪڻ جي ڪوشش پيئي ڪري. پر هن جي جوڀن جي لالي ستن ساون پردن کي هٽائي انهن وچ مان ليئا پيئي پائي، ٻاهر اچڻ جو انتظار پيئي ڪري ۽ فارس جي شهزادي جي شان سان مشابهت رکندڙ هي پيلو گلاب! ان پيلي گلاب کي ڏسي چندر رڪجي ويو ۽ جهڪي ان کي ڏسڻ لڳو. ڪارتڪ پورنماسيءَ جي چنڊ مان جهرندڙ امرت هٿ ڪرڻ لاءِ چنچل تي اٿيل ڪنهن حسين جذباتياپ سرا جي ٻن هٿن جي ملڻ سان ٺهيل ٻڪ جيڏي ان گل، هر طرف جنتي نور پئي ڦهلايو. بيگم ول جي ڪنج مان ڇٽي ايندڙ طوطائي رنگ جي اُس ڄڻ ان گل کي هلڪي سبز رنگ جي شفاف پردي سان ڍڪي ڇڏيو هو. چندر جي دل چاهيو ته اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ٽوڙيان، پر همت نہ ٿيس. انهيءَ ڪري هو صرف ان کي سنگھڻ لاءِ ٿورو نوڙيو ۽ هٽ وڌائي، ان ڳل کي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين ٿي مس تہ پنيان آواز گونجيو.

"هينڊز اپ آر! مون اڄ توکي سڳ سوڌو گرفتار ڪيو آهي." ايئن چوندي ڪنهن هن کي ڪلهن کان ڪٽي پڪڙيو ۽ سندس پٺيءَ تي سوار ٿي ويو. چندر اڇل ڏيئي پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پهرين تہ هن کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هي بنگلو ٿي ڪا ڳجهہ ڳجهاندڙ ڳالهڙي هو. نامعلوم ڊپ وچان هن جو سڄو جسم ڪمزور ٿيڻجي ويو. مگر هن وري بہ زور لڳائي پنهنجو هڪ هٿ ڇڏايو ۽ منهن ڦيري ڏٺائين تہ نهايت ئي ڪمزور، مريض، زرد اکين وارو هڪ گورو ڪيس پنيان پڪڙي بيٺو هو. چندر جي آزاد ٿيل هٿ کي وري پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندي هن انگريزيءَ ۾ چيو. "مان عجب ڪائيندو هوس تہ روز هتان گل گم ڪيئن ٿا ٿين! اڄ نيٺ مون توکي پڪڙي ورتو." گورو چندر کي جڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر سهڪيءَ وچان هن جو ڇڙ دم ٿي نڪتو. چندر هينڊز هڪ جهٽڪو ڏيئي هن کي پري ڪٽي اڇليو ۽ غصي وچان چيائين "خبردار جي هڪ قدم اڳتي وڌيو آهين! هڪ ٺونشي سان ليٽائي ڇڏيندوسانءِ. گورا سوئر!" ۽ چندر پنهنجون ٻانهون ڪنجڻ لڳو.

گورو چندر جي جهٽڪي تي پري وڃي ڪريو هو. هينڊز ڪپڙن تان مٽي ڇنڊيندو اٿي ڪڙو ٿيو هو ۽ روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين: "ڪيڏو نہ ظالم آهين! منهنجا گل بہ تون چورائين ۽ مون کي توکي هڪ لفظ چوڻ جو بہ حق نہ آهي. الٽو تون مون سان وڙهڻ ٿو اچين. تون جوان آهين ۽ مان ڪمزور آهيان. هاءِ هاءِ!" ۽ هو روئڻ لڳو.

هن کي روئيندو ڏسي چندر جو سڄو غصو اڏامي ويو ۽ هن تي ڪهل اچڻ لڳيس پر ان کي روڪيندي چيائين: "جناب! توکي غلط فهمي ٿي آهي. مان تہ هتان تمام دور رهندو آهيان. مان تہ مس ڊڪروز لاءِ هڪ ڇني ڪٽي آيو آهيان."

گوري جو روئڻ اڃا بند ڪو نہ ٿيو هو "تون بهانا ٿو بڻائين. مان ڪمزور نہ هجان ها تہ توکي ڪچو ڳڙڪائي وڃان ها. تنهنجي ڪوبڙي ٽڪر ڪري ڦٽي ڪريان ها. جيئن تون منهنجا گل ڦٽا ڪندو هوندين!"

"وري گهٽ وڌ ٿو ڳالهائين! ڪٽي ڦٽو ڪريانءِ سامهون نالي ۾؟"

"اڙي بابا ڙي! اڙي ڊوڙو ڊوڙو. مون کي ماري ڇڏيائين. پاپي! ٺامي! اڙي ٻئي ڪتا ڪيڏانهن مري ويا!" هو ڊپ وچان رڙيون ڪرڻ لڳو.

"ڇا هي برٽي؟ رڙيون ڇو ٿو ڪرين؟" بنگلي اندران باٿ روم مان ڪنهن رڙ ڪري سوال ڪيو.

"ڊوڙو ڊوڙو. مون کي هي ماري ٿو!"

بنگلي جو دروازو کلي ويو ۽ هڪ ڇوڪري بيدنگ گائون ۾ ڊڪيل، ڊوڙندي اتي آئي ۽ چندر کي ڏسي رڪجي ويئي.

"ڇا هي؟" هن بہ ڌمڪائيندي پڇيو.

"ڪجهہ ڪونهي. هي شايد ڪو پاڳل آهي."

"زبان سنڀالي ڳالهاءِ. هي منهنجو پاءُ آهي."

"اوهہ! ڪير بہ هجي. مان هتي مس ڊڪروز سان ملڻ لاءِ آيو هوس. آواز ڏنم پر جواب ڪو نہ مليو. تڏهن هيڏانهن باغ ڏانهن آيس. ايتري ۾ هيءُ منهنجي سر تي سوار ٿي ويو. ڪمزور ۽ بيمار آهي، نہ تہ هن کان اڳي ختم ڪري ڇڏيانس ها."

گورو ڇوڪريءَ کي ڏسي وري بود ۾ پرچي ويو. ڏند ڪرٽي چوڻ لڳو. "اڙي مان هينڊز ٿو توکي مزو چکايان. بدمعاش ڪٽي جو! چپ چاپ اچي گل ڇنڻ لڳو. مان تہ چمبيليءَ جي وڻن پنيان لڪي سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هوس."

●

"مان هينڊز ٿي پوليس گهرايان. برٽي تون هن کي ڏسينس تہ مان اندر وڃي فون ٿي ڪريان."

"اڙي پائي مان تہ مس ڊڪروز سان ملڻ آيو آهيان."

"مان توکي ڪا نہ سڃاڻان. تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. مان ئي مس ڊڪروز آهيان."

"تہ هيءُ خط ڏس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط پڙهندي ئي ڇوڪريءَ جو نمونو بدلجي ويو.

"ڇي... ڇي برٽي! تون سچ پچ ڪنهن ڏينهن پاڳل خاني ۾ پهچي ويندين. هي تہ ڊاڪٽر شڪلا وٽان آيو آهي. تون تہ مون کي بدنام ڪري ڇڏيندين!"

گورو وڏيڪ روئٽهارڪو ٿي ويو. "مون کي ڪهڙي خبر؟" هينئر هن جي آواز ۾ گهبراهٽ هئي.

"معاف ڪجو." ڇوڪريءَ هينئر صاف هندستانيءَ ۾ ۽ نهايت مٺڙي آواز ۾ چيو. "منهنجي پاءُ جو دماغ ذرا ٺيڪ ڪونهي ۽ هن جي زال گذاري ويئي آهي."

"پر انهيءَ جو مطلب اهو ٿوروئي آهي تہ شريف ماڻهن جي بي عزتي ڪندو وتي!" چندر جي آواز ۾ اڃا غصو هو.

"ڪاوڙ نہ ڪريو. هن طرفان مان ئي ٿي توهان کان معافي گهران. اچو، اندر هلو." هن چندر جو هٿ وٺندي چيو. هن جو هٿ تمام ٿڌو هو. هوءَ وهنجندي وچ مان هلي آئي هئي. هن جي هٿ جي ان سباجهي ڇهاءَ تي چندر جي سڄي جسم ۾ سياٽو پئجي ويو ۽ هن پنهنجو هٿ ڇڏائي چيو. "توهان جو هٿ تہ برف جهڙو ٿڌو آهي!"

ڇوڪريءَ ڇرڪ ڀريو. ڇپن ۾ پاءُ کي ڳالهاءَ ڏيندي چيائين "اڙي مان تہ بيدنگ گائون ۾ ئي ڊوڙندي آيس." ۽ گائون جا ٻٽي ڪالر سنڀالي پنهنجي ڪليل ڳچي ۽ ڇاتي ڍڪيندي پنهنجي ان ابهرائيءَ تي لڄي ٿي ويئي.

چندر بہ هيل تائين پنهنجي ڪاوڙ ۾ هن ڏانهن ڌيان ڪو نہ ڏنو هو. هينئر هن ڏٺو تہ اٽڪل ٽيويهن سالن جي سنهڙي سيپڪڙي نينگري آهي. هلڪو جسم، ڳچيءَ تائين ڪٽيل وار اٿس. اٺنگلو انڊين هوندي بہ گوري ڪانهي. چانهہ جي پتيءَ جيان هلڪي، سنهڙي، پوري ۽ ترش آهي. هلندي هوءَ ائين ٿي لڏي لمي جيئن ڪو سنهڙو ڏار هوا ۾ لڏي لمي.

هينئر هو گورو اڳتي وڌي آيو ۽ چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين. "معاف ڪج پائي، هن کي منهنجي خلاف دانهن نہ ڏج. حقيقت ۾ هي گلاب منهنجي مرحوم زال جا يادگار آهن. هنن بوٽن ۾ جڏهن پهريون گلاب ڪليو هو تڏهن مان بہ تو جهڙو ئي جوان هوس ۽ منهنجي زال بہ اهڙي ئي سني هئي جهڙي پمي."

"پمي ڪير!"

"هيءَ منهنجي ڀيڻ، پاميلا ڊڪروز!"

"اوهہ توهان جي زال ڪڏهن گذاري ويئي؟ معاف ڪجو، مون کي معلوم نہ هو."

"مان وڏو اڀاڳو آهيان. منهنجو دماغ سچ پچ خراب آهي. ڏسو نہ...." ائين چئي هن ڪنڌ نوائي پنهنجي ڪوبڙي چندر سامهون ڪئي. پوءِ وري ڳڙ ڳڙ ڪندي چيائين. "منهنجا هي گلاب الائي ڪير ٿو چورائي وڃي پنهنجي زال جي گذاري وڃڻ بعد مان پنجن سالن کان هنن گلابن کي پاليندو اچان. هاءِ.... هاءِ! وڃ، پمي توکي سڏي ٿي."

هينئر بنگلي جو پنيون دروازو کلي ويو هو ۽ پمي ڪپڙا پائي هنن ڏانهن پئي نهاريو. چندر اڳتي وڌيو ۽ گورو وري گلاب جي بوٽن پنيان غائب ٿي ويو. ڪمري ۾ اندر پهچي چندر هڪ ڪوچ تي ويهي رهيو. پمي هار سينگار ختم ڪري چڪي هئي. هينئر هن منجهان هڪ سريلي عطر جي خوشبوءِ پئي آئي. شئمپو ڪيل هلڪا خشڪ وار، سي هيڏانهن هوڏانهن پئي اڏاٺاموهيندڙ آسماني رنگ جي هڪ سنگين بلائوزر تي. هيٺان فلئنل جي پتلون. ڇپن تي لپ اسٽڪ جي لالائيءَ جو هلڪو اشارو. ڳچيءَ ۽ ڇاتيءَ تي پائوڊر جو تمام هلڪو مک، جو تمام ويجهائيءَ تان ئي معلوم ٿي سگهيو ٿي. ڊگهن نوڪدار ننهن تي گلابي پينٽ. هوءَ آئي ۽ بنا هٽڪ ساڳئي ڪوچ تي چندر جي پر ۾ اچي ويٺي. پوءِ بيحد ڪومل آواز ۾ چيائين. "مون کي ڏاڍو ارمان آهي مسٽر چندر، توهان کي ڏاڍي پريشاني ڏسڻي پيئي. توهان کي ڏک تہ ڪو نہ پهتو آهي؟"

"نہ نہ، ڪجهہ ڪونهي." چندر جي سموري ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي. ڪا ڇوڪري بنا هٽڪ ايتري پنهنجائي ۽ همدردي ڏيکاري معافي گهري، تہ ڪير نرم نہ ٿيندو! ۽ خاص ڪري تڏهن، جڏهن نہ فقط هن جو بول پيارو هجي پر هن جي لبن تي لپ اسٽڪ جي لالائي بہ بيحد پياري لڳندي هجي! چندر ۾ بي ڳالهہ هئي. هن کي بيو پلي ڪجهہ بہ معلوم نہ هجي، پر ايترو هن کي پليءَ پت معلوم هو تہ زالن سان وهنوار ڪندي ڪيڏي مهل ڪيتري ڊر ڏيڻ گهرجي. ڪيڏي مهل ڪيترو ڇڪڻ گهرجي. ڪهڙي موقعي تي همدرديءَ سان هن کي جهڪائي سگهجي ٿو ۽ ڪيڏي مهل آڪڙ اختيار ڪرڻ سان هن مان پنهنجو مطلب ڪڍي سگهجي ٿو. هن وقت هن ڇاتو ٿي تہ پنهنجي ٿيل بيعزتيءَ جي عيوضي ڇڪائڻ لاءِ، جيتري همدردي چاهي، هن ڇوڪريءَ وٽان حاصل ڪري سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. انهيءَ ڪري ٿي هن چيو: "مگر مس ڊڪروز. توهان جو پاءُ بيمار هوندي بہ ڏاڍو سگهارو ۽ مضبوط آهي. اف منهنجي ڳچي تہ اجا سور پئي ڪري.

"اوهہ. مان بيحد شرمسار آهيان. ڏسان...." ۽ چندر جي قميص جو ڪالر هٽائي هن جي ڳچيءَ تي پنهنجون برفيليون آڱريون ڦيرائڻ لڳي. پوءِ چيائين. "ترسو تہ مان توهان کي لوشن سان مالش ٿي ڪريان."

"مهرباني. مهرباني. ايتري تڪليف نہ ڪيو. توهانجون آڱريون خراب ٿي پونديون."

پميءَ جي چپن تي هلڪي مسڪراهٽ. نيڻن ۾ هلڪو حياءُ ۽ بدن ۾ هڪ هلڪي لرزش اچي ويئي. چندر پلي اهي لفظ شرارتي ارادي سان چيا هجن. پر هن جو نمونو اهڙو تہ سانتيڪو ۽ سنجيندو هو جو پمي ان تي ڪو بہ اعتراض وٺي نہ سگهي. تنهن ڪان سواءِ نوجوان هجي يا ٻڍي دنيا ۾ اهڙي ڪهڙي عورت آهي جا پنهنجي روپ جي واکاڻ ٻڌي مدهوش نہ ٿئجي.

"چڱو .... ٽائيپ ڪرڻ وارا ڪاغذ ڪٿي آهن؟" هن رويو بدلائيندي چيو.

چندر ڪاغذ هن جي هٿن ۾ ڏنا.

"هي تہ ٽن چئن ڪلاڪن جو ڪم مس آهي." پميءَ ڪاغذن کي اٿلائيندي، ڏسندي چيو.

"معاف ڪجو. جيڪڏهن مان توهان کان هڪ شخصي سوال پڇان. ڇا توهين ٽائيپسٽ آهيو؟" چندر نهايت فضيلت سان سوال ڪيو.

"جي نہ." پميءَ جون نگاهون اجا بہ ڪاغذن تي ئي اٽڪيون رهيون. "ڪنهن زماني ۾ مان ٽائيپنگ ۽ شارٽ هئنڊ سکي هيس. سينئر ڪئمبرج پاس ڪري ڪاليج ۾ ويئي هيس. پر پوءِ مون کي ڪاليج ڇڏڻو پيو جو منهنجي شادي ٿي ويئي."

"توهان جو مڙس ڪٿي آهي؟"

"راولپنڊيءَ ۾، هو فوج ۾ آهي."

"پوءِ توهين پاڻ کي مس ڊڪروز ڪيئن ٿا سڏايو؟"

"ڇاڪاڻ جو اسين هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا آهيون." ۽ وري بہ هٽ وارن ڪاغذن ۾ نگاهون اٽڪائي پڇيائين. "مسٽر چندر، توهين اجا ڪنوارا آهيو؟"

"جي ها."

"توهان کي شادي ڪرڻ جو ارادو تہ ڪونهي نہ؟"

"نہ."

"تمام سٺو. پوءِ اسان جي سٺي نڀجندي. مون کي شاديءَ کان سخت نفرت آهي. شادي ڪري پنهنجو پاڻ کي وڏي ۾ وڏو دوکو ٿو ڏجي. هي منهنجو پاءُ ڏٺو نہ، ڪهڙو نہ بيمار ۽ پيلو ٿي ويو آهي. اڳي تمام ڦڙت ۽ نوبنو هو. سڄي پرڳڻي ۾ ٽينس جو سٺي ۾ سٺو رانديگر هو. پوءِ هڪ بشپ جي جذباتي ڌيءَ سان هن جي شادي ٿي. هو هن کي تمام گهڻو پائيندو هو. صبح شام. منجهند. رات هڪ پل بہ هن کي پاڻ کان پري نہ ڪندو هو. هني مون لاءِ هن کي لنڪا وٺي ويو. هن ڇوڪريءَ کي بہ فن جو بيحد شوق هو. بهترين ناچ ڪندي هئي، سٺو ڳائيندي هئي. خود گيت لکندي هئي. هي گلابن جو باغ هن ئي پوکايو هو ۽ ٻئي ڄڻا انهن گلابن وچ ۾ ويٺا، پنهنجا ڏينهن گذاريندا هئا.

پر ٿورن ڏينهن بعد ٻنهي جو جهڳڙو ٿي پيو. ڪلب ۾ ناچ هو ۽ ان ڏينهن هوءَ ڏاڍي سٺي پئي لڳي. سچ پچ ڏاڍي سٺي پئي لڳي. ناچ وقت هن جي مڙس جو ڌيان ناچ ۾ گهٽ. زال ۾ وڌيڪ هو. اوچتو هوش وڃائي هن پنهنجي زال جي آڱرين کي زور سان دٻايو. هن ڪان رڙ نڪري وئي. جنهن تي سڀيئي هن ڏانهن نهاري کلڻ لڳا.

هوءَ گهر موٽي تہ هن تي سخت بگڙي. چيائينس: "تو ناچ ٿي ڪيو يا ٽينس راند ٿي ڪئي؟ منهنجي هٿ کي ڇاتو ٽينس جي رئڪيٽ سمجهيو هو؟" انهيءَ تي برٽي بہ بگڙي ويو. بس انهيءَ کان پوءِ وري ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ نہ نهيا. هوريان هوريان هوءَ ڇوڪري هڪ سارجنٽ کي پيار ڪرڻ لڳي. برٽيءَ کي ايڏو تہ صدمو پهتو جو هو بيمار ٿي پيو. مگر برٽيءَ هن کي طلاق نہ ڏني. هن کي اکر ڪو نہ چيائين. هوءَ ڇوڪري بہ سارجنٽ کي پيار ڪندي رهي. پر جڏهن برٽي بيمار پيو تہ هن جي پرگهور ۾ بہ گهٽتائي ڪانہ آندائين. برٽي نيٺ ڇاڪ ٿي اٿيو. انهيءَ بعد هن کي هڪ ڌيءَ ڄائي پر پاڻ ان ويهر ۾ ئي گذاري وئي. اسان سڀني کي اها خبر آهي تہ هن ڇوڪريءَ کي اها ڌيءَ هن سارجنٽ مان ٿي هئي. پر برٽيءَ کي يقين ئي نہ ٿو ٿئي تہ هوءَ سارجنٽ کي پيار ڪندي هئي. هن جو چوڻ آهي هن کي ٻئي سان پيار هجي ها تہ بيماريءَ ۾ منهنجي هيڏي سار سنڀال ڪيئن ڪري ها. برٽيءَ ڌيءَ جو نالو رکيو روز. يعني گلاب! ۽ هن کي کڻي ڏينهن رات گلابن جي هن باغ ۾ ويٺو هوندو هو. جيئن اڳي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال سان اتي ويهندو هو. ٻن سالن بعد هن جي ڌيءُ کي بہ نانگ چڪ پاتو ۽ هوءَ مري ويئي. ان وقت کان وٺي برنٽيءَ جو دماغ ٺيڪ ڪو نہ ٿو رهي. خير، ڇڏيو انهن ڳالهين کي. اچو تہ پنهنجو ڪم شروع ڪريون. هلو تہ اندر اپياس واري ڪمري ۾ هلي ويهون."

چندر اٿيو ۽ پميءَ جي پٺيان پٺيان هليو. گهر ڪافي وڏو هو. پراڻي انگريزي نموني تي سينگاريل هو. ٻاهران جهڙو ٿي پراڻو ۽ گندو پئي لڳو، اندر اوترو ئي صاف ۽ عاليشان هو. اندر هر شئي تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي زماني جي ڇاپ لڳل هئي. ايتري قدر جو بجلي هئڻ جي باوجود، هٿ سان ڇڪڻ واريون جهليون بہ اتي لڳل هيون. اپياس واري ڪمري ۾ جوڙاري ڪٻٽ لڳل هئا جن ۾ ڪتاب پريل هئا. هڪ ڪٻٽ جي هيٺئين خاني ۾ ٽائيپ رائيٽر رکيل هو. پميءَ بجلي جي بتي روشن ڪئي ۽ ٽائيپ رائيٽر ڪڍي ان کي صفا ڪرڻ لڳي. چندر ڪتاب ڏسڻ ۾ لڳي ويو. هڪ ڪنڊ ۾ مرهٽيءَ جا ٿورا ڪتاب رکيل ڏسي هن کي عجب لڳو. چيائين،

"پمي... اوهه معاف ڪجو، مس ڊڪروز!"

"نہ توهين پلي مون کي پمي ڪري سڏيو. مون کي خود اهو نالو پسند آهي. ها، توهان ڇا ٿي پڇيو؟"

"ڇا توهان کي مرهٽي بہ ايندي آهي؟"

"نہ مون کي ڪا نہ ايندي آهي. منهنجي ناني ڄاڻندي هئي. ڇا ڊاڪٽر شڪلا توهان کي اسان جي باري ۾ ڪجهہ ڪو نہ ٻڌايو آهي؟"

"نہ"

"عجب آهي. توهان ٽريلاني ڊڪروز جو نالو تہ ضرور ٻڌو هوندو."

"ها ها، ڊڪروز جنهن ڪوسمبيءَ جي کوٽائي ڪرائي هئي. هو تہ مشهور آثار قديمہ جو ماهر (Archaeologist) هو."

"ها، اهو ئي. هو منهنجو سڳو نانو هو. هو انگريز ڪو نہ هو، مرهٽو هو. هن منهنجي نانيءَ سان شادي ڪئي جا ڪئمبرج جي عيسائڻ هئي. هن جي ڪارڻ ئي هن کي بہ پارٽ ۾ عيسائي ڌرم قبولڻو پيو. هيءَ اصل ۾ منهنجي نانيءَ جو بنگلو آهي. هينئر اسان کي مليو آهي. مسٽر شريواستو، ڊاڪٽر شڪلا جو دوست آهي نہ! هو اسان جي ڪٽنب جو اٽارني آهي. هن ۽ ڊاڪٽر شڪلا جي ڪوشش سان ئي اسان کي هيءَ جائداد ملي." ٽائيپ مشين بہ ٺيڪ ٿي ويئي. پمي مشين تي سفيد ڪاغذ ۽ ڪاربان پنا چاڙهڻ لڳي. پوءِ چيائين مون کي ڏيو مضمون.

انهيءَ بعد سانده ڪلاڪ ٽائيپ رائيٽر تي کٽ کٽ ٿيندي رهي. هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ اهو ڪو نہ رڪيو. چندر ڏٺو تہ هيءَ ڇوڪري جا وهنوار ۾ جهڙي سريلي ۽ سڌي آهي، فئشن ۾ جا جهڙي نازڪ ۽ شوقين آهي، اها ڪم ۾ بہ محنتڻ ۽ قابل آهي. هن جون آڱريون مشين جي پرزن جيان ٿي هليون. تڪڙي اهڙي هئي، جو ڪلاڪ ڪن ۾ اڌ ڪم پورو ڪري ڇڏيائين. پوري ڪلاڪ بعد هن ٽائيپ رائيٽر تان هٿ هٽايو ۽ چندر ڏانهن نهاري چيائين،

"هاڻي ٿوري دير آرام." ٿڪل آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍي، هوءَ ڪرسي سيري اٿي ۽ ڪر موڙيائين. اٿين ڪندي هن جو انگ انگ لچڪدار ڪمان جيان مڙي ويو. پوءِ هن بنا هٻڪ چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "ڪيئن چانهہ جو هڪ ڪوپ اچي؟"

"مون چانهہ پيتي آهي."

"مگر مان هينئر چانهہ ڪانسواءِ وڌيڪ ڪم ڪري نہ سگهنديس." پميءَ هڪ معصوم ٻالڪيءَ جيان جڻ ضد ڪندي چيو ۽ اندر هلي ويئي. چندر ٽائيپ ٿيل ڪاغذ کنيا ۽ پين ڪڍي غلطين سڌارڻ لاءِ اهي پڙهڻ لڳو. چانهہ پي پمي وري ڪم تي ويٺي ۽ سگريٽ ڪيس ڪڍي چندر ڏانهن وڌايائين.

"مهرباني، مان سگريٽ ڪو نہ ڇڪيندو آهيان."

"عجب آهي. ڀلا مون کي ڇڪڻ جي اجازت آهي؟"

"ڇا توهين سگريٽ ڇڪيندا آهيو؟ جي.... نہ ڇاڻ جو. مون کي زالن جو سگريٽ ڇڪڻ اصل ڪو نہ وڻندو آهي."

"منهنجي لاءِ مجبوري آهي مسٽر چندر. مان هتي جي سماج ۾ اجان وڃان ڪو نہ. پنهنجي شاديءَ ۽ طلاق جي معاملي بعد مون کي ائنگلو انڊين سماج سان جڻ نفرت ٿي ويئي آهي. دل جي ڪري مان هندستاڻ آهيان، مگر هندستانين سان رلڻ ملڻ اسان لاءِ ممڪن نہ ٿو ٿئي. سڄو وقت گهر ۾ اڪيلي هجان. سگريٽ ۽ چانهہ سان دل بهلجي ويندي آهي. ڪتابن سان مون کي شوق ڪونهي."

"طلاق بعد توهان پنهنجي پڙهائي وري چالو ڇو نہ ڪئي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون توهان کي هينئر ٻڌايو ڪو نه ته مون کي ڪتابن سان اصل شوق ڪونهي. تنهن کان سواءِ مان هينئر پاڻ کي انساني سماج ۾ رهڻ لائق نه ٿي سمجهان. طلاق بعد سڄو سال مان پنهنجي گهر اندر بند رهيس. صرف مان ۽ برٽي! بيمار ۽ پاڳل برٽي. هن سان مان بنا هٽڪ ڳالهيون ڪندي هيس. هينئر ب مان ايئن هر ڪنهن سان بنا هٽڪ ڳالهايان ٿي ته ڪي مون تي ڪلندا آهن. ڪي مونکي سڌريل سماج ۾ اٿڻ ويهڻ لائق نه سمجهندا آهن. ڪي وري منهنجي ان سياءَ جو غلط مطلب ڪيندا آهن. انهيءَ ڪري مون هن بنگلي کي پنهنجو قيد بنائي ڇڏيو آهي. توهان کي اڄ مون پهريون ئي دفعو ڏٺو. مان اهو حساب ئي نه ٿي لڳائي سگهان ته مان توهان سان ورتاءَ ۾ ڪهڙي حد مقرر ڪريان. توهين اگر شريف نه هجو ته ان جو غلط مطلب ڪڍي سگهو ٿا."

چندر ڪلي ڇيو. "جي اها ڳالهه آهي ته ممڪن آهي ته مان شايد شريف بنجڻ بدران غلط مطلب ڪڍڻ ئي بهتر سمجهان."

"ته ممڪن آهي ته مان مجبور بڻجي توهان سان ب رلڻ. ملڻ کان پرهيز ڪيان." ڊڪروز مايوسيءَ وچان اباٽڪي ٿي ڇيو.

"نه. مس ڊڪروز مون ته مذاق پئي ڪئي" چندر ڇيو.

"نه. توهين مون کي پاڳل ٿا سمجهو ته مڙئي خير آ." ڊڪروز ڇيو.

""چڱو پمي. توهين غلط ٿا سمجهو ته آءِ ايم ويري ساري پليز مون کي معاف ڪيو." چندر ڇيو. هو سمجهي ويو ته مس ڊڪروز ڪا معمولي ۽ رواجي عيسائي ڇوڪري نه آهي.

ايتري ۾ برٽي ٿاٻڙندو آندر آيو. هٿ ۾ مٽيءَ سان ٿقيل هڪ ڪربو هوس. هو چپ چاپ بيٺو رهيو ۽ پنهنجي اجهاٽل ۽ نبل اکين سان چندر ڏانهن نهاريندو رهيو. چندر هڪ ڪرسي سيري ۽ اڳيان ڪندي ڇيو. "اچو." پمي اٿي ۽ برٽيءَ جي ڪلهن تي هٿ رکي. هن کي سهارو ڏيئي ڪرسيءَ تي ويهاريائين. برٽي اکيون بند ڪري ڇڏيون. هن جي مريض ڪمزور جسم ڏانهن نهاريندي چندر توڙي پمي ٻئي خاموش رهيا. ٿوري دير بعد برٽيءَ اکيون کولي نهايت ڀريل آواز ۾ ڇيو. ":پمي. تون اڄان مون تي ناراض آهين. مان سچ ٿو چوان. مون ڇاٽي ٻجهي تنهنجي دوست جي بي عزتي ڪو نه ڪئي."

"اڙي مون کان ته اها ڳالهه صفا وسري ويئي ۽ مسٽر چندر کان ب وسري وئي." هوءَ آئي هن جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳي.

"چڱو مهرباني. پمي. پنهنجو هٿ مون کي ڏي." ۽ هو پنهنجو منهن پميءَ جي هٿ تي رکي ويهي رهيو.

"پمي هوءَ رات مون وٽ آئي هئي سياري جي ٿڌ رات ۾ ب هوءَ چڱو وقت ويٺي رهي ۽ پوءِ ڇيائين ته هاٽي. برٽي. تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي. مون هن جي سوال تي هڪدم پنهنجون اکيون مٿي ڪيون ته هوءَ ڇرڪجي ويئي. شايد انهن جي زردي ڏسي نه سگهي ۽ جڏهن منهنجو جواب ٻڌائين ته منهنجي طبيعت هينئر بلڪل ٺيڪ آهي ته چپ چاپ هوءَ اٿي هلڻ لڳي. پڇيومانس. ڪيڏانهن ٿي وڃين ته ڇيائين. سارجنٽ سان ڪلب مان چڪر ڏيئي ٿي اچان تو اهو سڀ ٻڌو نه پمي؟"

چندر وائڙن جيان ٻنهي ڏانهن پئي نهاريو. پميءَ چندر کي اک جو اشارو ڪندي ڇيو. "ها. هوءَ مون کي ب گڏي. پر برٽي هوءَ سارجنت سان گڏ ڪا نه ويئي."

"تڏهن؟" برٽيءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. "هن ڇيو ته برٽيءَ جا هي گلاب مون کي سارجنٽ کان وڌيڪ پيارا آهن."

"ايئن ڇيائين؟" برٽيءَ جو منهن خوشيءَ وچان ٽڙي پيو. ڪلي پڇيائين. "هن ٻيو ڇا ڇيو؟"

"هن ڇيو. هي گلاب مون کي سارجنٽ کان وڌيڪ پيارا آهن. پوءِ سڄي رات هنن گلابن تي نچندي رهي ۽ صبح ٿيندي انهن گلابن ۾ گم ٿي ويئي. توکي صبح جو ڪنهن گلاب ۾ ڏسڻ ۾ ڪو نه آئي؟"

"نه. توکي انهن ۾ نظر آئي ڇا؟" برٽيءَ هينئر ٻالڪپڻي جي ڀروسي سان چندر کان سوال ڪيو.

چندر کان ڇرڪ نڪري ويو. ياءُ پيڻ جون ڳالهيون ٻڌي هن جو من ڀرجي آيو هو.

چندر ورندي ڏني. "نه. مون ته هن کي ڪو نه ڏٺو."

" برٽيءَ وري مايوس ٿي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اکيون بند ڪري ڀيڙا ڀريل آواز ۾ ڇيائين:جنهن گل ۾ هوءَ لڪي ويئي. اهو ئي گل ڪو چورائي ويو هوندو. پوءِ وري سيڻجي ڇيائين: نه ڇاڻ منهنجا گلاب ڪير ٿو چورائي وڃي! مون کي صرف هڪ دفعو اهو چور ملي وڃي ته مان جيڪر هن جو خون پي ڇڏيان!" ايئن ڇئي هو ٽڙندو ٿاٻڙندو ٻاهر نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فضا اهڙي ڳوري ٿيندي ويئي جو ڀميءَ ۽ چندر وچ ۾ وري وڌيڪ گفتگو ڪا نه هلي. ڀمي چپ چاپ ٽائيپ ڪندي رهي، چندر برکيءَ جي ڳالهين تي سوچيندو رهيو. ڪلاڪ بعد وري جڏهن ٽائيپ جي کٽ کٽ بند ٿي ته چندر چيو ته "ڀمي زندگيءَ ۾ مون جيڪي به شخص ڏٺا آهن، تن ۾ برکي سڀني کان نرالو آهي ۽ شايد سڀني کان وڌيڪ قياس لائق!"

ڀميءَ جواب ڪو نه ڏنو. ڪن پلن بعد ڪر موڙيندي بيپرواهيءَ سان چيائين، "مون کي برکيءَ تي ذري به رحم نه ايندو آهي. مان هن کي دلاسو انهيءَ ڪري ڏيندي آهيان جو هڪ ته هو منهنجو ياءُ آهي ۽ ٻيو ٻارن جهڙو بي سمجهه ۽ بيوس آهي."

چندر چرڪ ڀريو ۽ حيرت وچان ڀميءَ ڏانهن نهاريندو رهيو.

"چو، تو کي عجب جو ٿو لڳي؟" ڀميءَ هلڪو مرڪندي چيو. "مان سچ ٿي چوان" هينئر هوءَ وري گنڀير ٿيندي ويئي. "مون کي هن جي ان پاڳل پڻي تي ذرو به ترس نه ايندو آهي." ٿورا سيڪنڊ چپ رهي هن وري چيو: "توکي خبر آهي ته هن جا گلاب ڪير چورائيندو آهي؟ مان. مان ئي هنجا گل چني ٽڪرا ڪري ڇڏيندي آهيان. مون کي شاديءَ کان سخت نفرت آهي. شاديءَ بعد اسين جيڪا دوسي ڀري حياتي ٿا ڪاٽيون، تنهن کان نفرت اٿم ۽ انهيءَ دوکيبازيءَ لاءِ هن قسم جي بي مطلب يادگارن کان به مون کي سخت نفرت آهي. هنن گلابن جي اهميت ڪهڙي آهي؟ اها ئي نه. ته انهن گلن سان برکيءَ جي زندگيءَ جي هڪ زبردست ڏکاري واقعي جو لاڳاپو آهي! جيڪڏهن هڪ گل جي خوبصورت هئڻ سبب انسان جي زندگيءَ ۾ ايڏو دک ۽ ڪشٽ هئڻ ضروري آهي ته لعنت آهي گل جي ان خوبصورتيءَ تي! مون کي ان کان سخت نفرت آهي. ڪتابن کان به مان انهيءَ ڪري نفرت ٿي ڪريان. هڪ ڪامياب ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪيترين نه ڪهاڻين جي نااميديءَ ۽ ناڪاميابيءَ جو دک برداشت ڪرڻو ٿو پوي."

ڀمي چپ ٿي ويئي. هن جو منهن سرخ ٿي ويو هو. پر ٿوري دير بعد هن جو اهو جوش لهي ويو ۽ هوءَ ياڻ تي لڄي ٿي اٿي. هوءَ اٿي وڃي چندر جي پر ۾ ويٺي ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "برکيءَ کي نه ٻڌائج، هان؟"

چندر ڪنڌ لوڏي قبوليت ڏني ۽ ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ميڙي اٿي کڙو ٿيو. ڀميءَ وري هن جي ڪلهن تي هٿ رکي، هن کي پاڻ ڏانهن ڦيرائي چيو. "ڏس، پورين ڇئن سالن کان مان اڪيلي پئي رهي آهيان. ڪنهن دوست جو انتظار ڪندي رهي آهيان. اڄ تون آئين. منهنجو دوست ٿيندي وڃين. هاڻي جلدي جلدي ايندين نه؟"

"ڇڱو" چندر گنڀيرتا سان چيو.

"ڊاڪٽر شڪلا کي منهنجا نياز ڏج ۽ چئجانس ته اسان وٽ ضرور اچي."

"توهين به اتي اچو نه. اتي هن جي ڏيءَ آهي. توهين هن سان ملي ضرور خوش ٿيندا."

ڀمي چندر کي ٻاهرئين دروازي تائين ڇڏڻ آئي ته ڏٺائين ته برکي چنبيليءَ جي ٻوٽن وچ ۾ ڪا شئي ڳولهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ڀميءَ کي ڏسي چيائين، "توکي پڪ آهي، هوءَ چنبيليءَ جي ڪنهن ٻوٽي ۾ ته ڪا نه لڪي ويئي."

چندر نه ڄاڻ چو. تڪڙ ۾ ڀميءَ کان موڪلائي اتان هليو ويو. برکيءَ کي ڏسي هن کي ڊپ پئي لڳو.

●

گيتاجو ڪاليج خوبصورت ۽ سڪون واري جڳهه تي ٺهيل هو. ٽنهي طرفن کان ڪچي مٽيءَ جون ديوارون. وچ ۾ ڪڪڙيءَ جي خوبصورت ور وڪڙ سڙڪ. ساڄي طرف ڇٽن ۽ ڪٽڪ جا کيت، ٻيرن ۽ توتن جا وڻ ۽ کابي طرف اوچيون اوچيون پهاڙيون ۽ تاڙيءَ جا اوچا اوچا درخت. شهر کان ڪافي دور. ٻهراڙيءَ جو نظارو ۽ فضا اهڙي سانت. جو ايئن پئي لڳو ته هتي ڪا به اتل پتل، ڪو به شور و غل ٿئي ئي ڪو نه. چوڌاري ايڏي ته ساوڪ لڳي پئي هئي جو ڪلاسن وارن ڪمرن جي ٻاهرين ديوارن تي به نيرين گلن واريون وليون هڪ ٻئي سان الجهي پيون هيون.

انهيءَ فضا جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پيو هو گيسوءَ تي. هن کي سڀ خبر هئي ته بانس جي جهڳٽي ۾ ڪهڙا گل ٽڙيا هن، پراڻي پپر جي وڻ کي ڪهڙي ول ويڙهيل آهي ۽ ٻڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ ڪهڙا ٻوٽا آهن. شهر جي مشهور رئيس صابر حسين جي ڏيئن ۾ هوءَ سڀني کان وڏي هئي. هن جي ماءُ جنهن سان پٺس عدن ۾ نڪاح وڄهي، هن کي هتي وٺي آيو هو. شهر جي مشهور شاعرا هئي. جيتوڻيڪ هن جي شعرن جو هڪ ديوان به ڇپيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهو ڪافي مشهور تي چڪو هو. تہ بہ هوءَ ڪڏهن پنهنجي گهر جي چوديواريءَ کان ٻاهر ڪو نہ نڪرندي هئي ۽ هن جو سمورو جيون پنهنجي مڙس ۽ پنهنجي اولاد تائين محدود هئو. پنهنجن ٻارن تي شاعراڻا نالا رکڻ جو هن کي بيحد شوق هو. هن پنهنجي ٻنهي ڌيئن جا نالا گيسو ۽ قول رکيا هئا ۽ پنهنجي ننڍي پٽ جو نالو حسرت رکيو هئائين. ها. هوءَ پنهنجي مڙس صابر حسين جي حقي تي خوب ڪاوڙ ٻي هئي ۽ ان تي هن نالو رکيو هو "آتش فشان."

ساوڪ، گلن ولين ۽ شاعريءَ جو شوق گيسوءَ کي پنهنجي ماءُ وٽان ورثي ۾ مليو هو. خوشقسمتيءَ سان هن کي ڪاليج بہ اهڙو نصيب ٿيو، جتي ڪلاس جي درين مان انب جون شاخون پيون ليئا پائينديون هيون. جڏهن بہ موقعو ملندو هوس، تڏهن ڪلاس مان ڀڄي ٻاهر سائي گاهہ تي ليٽي، سپنا لهڻ جي گيسوءَ کي عادت پئجي ويئي هئي. ڪلاس مان ايئن ڀڄي وڃڻ ۽ پوءِ ولين جي ڇانو ۾ ليٽي ڌيان لڳائي ويچار ڪرڻ ۾، هن جي ٻي بہ هڪ ساٿڻ هئي..... اها هئي گيتا! انب جي گهري ڇانو ۾، سائي گاهہ ۾ مٿن هيٺان هٿ رکي ٻئي ڄڻيون ليٽي پونديون هيون ۽ دنيا ڀر جون ڳالهيون ڪنديون رهنديون هيون. انهيءَ رهاڻ ۾ ننڍي ۾ ننڍي ۽ وڏي ۾ وڏي ڳالهہ ڪهڙي رهندي هئي سو فقط اهو ئي سمجهي سگهندو، جنهن هن قسم جي ٻن بلڪل نرالين سکين جي اڪيلائيءَ ۾ گفتگو ٻڌي هوندي. غالب جي شاعريءَ کان وٺي سندس ننڍي ڀاءُ حسرت ٻليءَ جو هڪ پوڻگڙو پاليو آهي. اهي سڀ ڳالهيون گيسو ڪندي هئي ۽ شرت بابوءَ جي ناولن کان وٺي سندس باغ جي مالهڻ پتل جو نئون ڪنگڻ نهرايو آهي، اهي ڳالهيون گيتاٻڌائيندي هئي. ٻئي سکيون هڪ ٻئي کي پنهنجي دل جو سمورو داستان کولي ٻڌائينديون هيون ۽ جهڙيون پياريون پياريون، جذباتي، سريليون ۽ معصوم ٻنهي سکين جون دليون هيون، اهڙيون ئي جذباتي ۽ معصوم هنن جون ڳالهيون هونديون هيون. جذباتي ۽ معصوم ٻئي هيون، تنهن هوندي بہ ٻنهي ۾ هڪ فرق هو. گيسو شاعره هوندي بہ ڪلپنا ديس ۾ پٽي ڦرندي هئي. گيسو اگر ٻوٽن مان ڪي گل پٽي ايندي هئي تہ انهن کي سنگهندي هئي. انهن کي پنهنجي چوٽيءَ ۾ لڳائيندي هئي. ان تي ٻن ڇئن شعرن ناهڻ بعد بہ انهن جو ڪنگڻ ناهي پنهنجي ڪرائيءَ تي پائي ڇڏيندي هئي ۽ گيتا ولين وچ ۾ مٿو رکي ليٽي پوندي هئي ۽ يڪ ٽڪ نگاهن سان گلن ڏانهن نهاريندي رهندي هئي ۽ نگاهن ئي نگاهن ۾ نہ ڄاڻ انهن مان ڪهڙو امرت حاصل ڪندي رهندي هئي. انهن گلن کي ڇنڻ تي هن جي ڪڏهن بہ دل نہ ٿيندي هئي. گيسو ڄاڻندي هئي تہ هر چيز کي ڪتب آڻڻ جو جوڳو نمونو ڪهڙو آهي. ڪنهن بہ شئي کي پسند ڪرڻ ۽ پيار ڪرڻ بعد ان شئي کي ڪهڙي نموني ڪتب آڻجي. ڪرم يوميءَ جي هن حقيقي جيون ۾ ان شئي جي اهميت ۽ درجو ڪهڙو آهي. گيسو اهو سڀ ڪجهہ بنا تڪليف پروڙي سگهندي هئي. مگر گيتاکي فقط اها ڄاڻ هئي تہ ڪنهن گل جي جادوءَ ۾ ڪيئن پاڻ ڦاسائجي. ان جي ڪلپنا ۾ پاڻ غرق ڪيئن ڪجي. انهيءَ کان پوءِ گيتاکي ڪا بہ ڄاڻ نہ رهندي هئي. گيسوءَ جي ڪلپنا ۽ جذباتي ويچارن جو اظهار شاعريءَ دوران ٿي ويندو هو. جنهن ڪري زندگيءَ ۾ هن جو وهنوار بلڪل سياويڪ ۽ حقيقت تي ٻڌل رهندو هو. مگر گيتا جيڪا شاعري ڪري نہ سگهندي هئي. سا پنهنجي ان جذباتي سياءَ ۾ ڦاسجي خود هڪ معصوم شعر بڻجي ويئي هئي. پوين ٻن سالن ۾ تہ هن جذبات جي اهڙي عميق ۾ ٽپيون هڻڻ شروع ڪيون هيون، جو ائين لڳندو هو ڄڻ قادر هن جي سرير جون تندون شاعر جي گيتن مان ويهي ناهيون هيون.

ٻين ڇوڪرين کي بہ گيتاءِ گيسوءَ جي سياءَ ۽ هنن جي نراليپڻي جي پوري ڄاڻ هئي. انهيءَ ڪري اڄ جڏهن گيتاجي موٽر ڇاپري ۾ اچي بيني ۽ ان مان گيتاءِ گيسو ٻئي گڏ فائيل ڪڇ لٿيون تہ ڪامنيءَ کلي پريا کي چيو، "چنڊ سورج جي جوڙي اچي ويئي." گيتااهو ٻڌي ورتو. هن مشڪي گيسوءَ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ وري ڪامني ۽ پريا ڏانهن نهاري مشڪيائين. گيتاتمام ٿورو ڳالهائيندي هئي، پر هن جي مسڪراهٽ مان ايڏي تہ خوش مزاجي ٽپڪندي هئي، جو هوءَ سيني جي دلين ۾ ويهي ويئي هئي. پريا اڳتي وڌي گيتا جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي، گيسوءَ ڏانهن نهاري چيو، "گيسو راڻي! هيءَ گيتاراڻي ٿوري وقت لاءِ اسان کي نہ ڏينديئن؟ اسان کي هن کان ڪجهہ پڇڻو آهي."

گيسو مشڪي وراڻيو، "هنجي پاپا کان پڇي اچ، پوءِ هن کي سڄي زندگي ويني سنڀالج. مان ان ۾ ڪو بہ دخل نہ ڏينديس."

گيتاجو پريا سان هلي ويئي تہ گيسو ڪامنيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو "ڪمو راڻي، هاڻي تہ تون ئي منهنجي نصيب ۾ اچي وئينءِ. هل تہ ڏسون تہ ولين ۾ اڄ گل ٽڙيا آهن يا نہ."

"ولين تي تہ گل ڪو نہ آيا آهن باقي ڇٽن جو ڪيت سو خوب سائو ٿيو آهي." ڪامنيءَ جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گره و گيان جي موضوع تي ليڪچر ۾ ڪماري امالڪر ويٺي پڙهايو وچين قطار ۾ ڪامني، پريا، گيسو ۽ گيتا ويٺيون هيون پريا اڃا گيتا جي ٻانهن ڪا نه موٽائي هئي. انهيءَ ڪري ڪامنيءَ جي پر ۾ گيسو، پوءِ پريا ۽ بينچ جي ڪنڌ تي گيتاويٺي هئي. ڪماري امالڪر مريضن جي کاڌي جي پرهيز بابت سمجهاڻي پئي ڏني، "پٽاٽا نقصانڪار آهن. بيماريءَ جي حالت ۾. اهي خشڪ آهن، گرم آهن ۽ دير هضم آهن." .

اوچتو گيسوءَ وچ ۾ سوال ڪيو، "گروجي! گانڌي جي پٽاٽا کائيندو آهي يا نه؟" سڀئي کلڻ لڳيون.

ڪماري امالڪر ڪاوڙجي چيو، "هتي گانڌيءَ جو ڪهڙو واسطو آهي؟ مون کي هتي سياسي بحث ڪو نه گهرجي؟." ڇوڪريون وري کل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. ڪماري امالڪر کي غصو چڙهي ويو. رڙ ڪري چيائين، "خاموش!" ۽ هن وري پڙهائڻ شروع ڪيو.

"دل جي بيمارن لاءِ سبز ڀاڄيون فائدي واريون آهن. پالڪ، پن گوبي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون سبز ڀاڄيون تندرستيءَ لاءِ تمام سٺيون آهن!"

اوچتو ڪامنيءَ سس پس ڪري گيسوءَ کي چيو، "ترسي ڇا لاءِ ويٺي آهين؟ ڪڏهن اهي ساوا ڇٽا ته ڪماري امالڪر جي ليڪچر ۾ ڪائي متاريون ٿيون."

گيسوءَ پنهنجي ڪڙتي جي کيسي مان مصالحيدار ڇٽن جي پڙي ڪڍي سيني کي ڇٽا ورهائي ڏنا.

ڪماري امالڪر هينئر کنڊ جا فائدا ۽ نقصان سمجهائڻ لڳي. "وڏي بيماري کائڻ بعد مريض کي کنڊ گهٽ ڏيڻ گهرجي. کير يا صابو داڻن ۾ توري مصري ملائي ڏيئي سگهجي ٿي. کير ۾ گلوڪوز ملائڻ سان اهو ڏاڍو سوادي لڳندو آهي."

ايتري ۾ ڇٽن جي پڙي گيتا تائين پهتي ۽ ڪماري امالڪر اها ڏسي ورتي.هوءَ هڪدم سمجهي ويئي ته اها سڄي شرارت گيسوءَ ئي شروع ڪئي هوندي. هن سوال ڪيو، "مس گيسو، بيماريءَ جي حالت ۾ کير ۾ ڇا ملائڻ سان ان جو سواد وڌيڪ سٺو لڳندو آهي."

ساڳي وقت گيتاگيسوءَ کان پڇيو، "هي ڇٽن ۾ ڇا گڏيل آهي؟"

گيسوءَ جي وات مان نڪري ويو، "لوڻ مرچ."

"هان، لوڻ مرچ!" ڪماري امالڪ چرڪ ڀري چيو، "بيماريءَ جي حالت ۾ کير ۾ لوڻ مرچ وجهڻ سان اهو وڌيڪ سوادي ٿيندو آهي؟ اٿي بيهه. تنهنجو ڌيان ڪٿي هو؟"

گيسو چپ . ڪماري امالڪر غصي وچان ڳاڙهي ٿي ويئي.

"تو ۽ گيتاڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪيون؟"

گيسو اڃا به خاموش.

"توهين ٻئي ٻاهر نڪري وڃو. اڄ مون کي توهان جي مائٽن کي شڪايت موڪلڻي ئي پوندي. وڃو ٻاهر."

گيتا مشڪي پريا ڏانهن نهاريو. پريا به مرڪي ڏنو. گيسوءَ ڏٺو ته ڪماري امالڪر جي غصي جو پارو اڄ سچ پچ چڙهي ويو آهي. هوءَ چپ چاپ ڪتاب کڻي ٻاهر نڪري ويئي. گيتابه هن جي پٺيان هلي. ڪامنيءَ چيو، "سدا. خط پٽ لکندي رهج." سڄي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. ڪماري امالڪر غصي ۾ ٻرجي چيو "ڪلاس ختم آهي!" ۽ پنهنجا ڪتاب کڻي ڪلاس مان نڪري ويئي. گيسو اڃا ڪلاس کان ٻاهر ڪا نه نڪتي هئي. ڪماري امالڪر جي نڪري وڃڻ تي هن ڏاڍي ناز سان چيو، "ٻڙي بي آبرو هو ڪر تيري ڪوچي سي هم نڪلي." سڄو ڪمرو وري ٽهڪن سان گونجڻ لڳو. ڇوڪريون بلبلين جيان ٿڙ ٿڙ ڪنديون گهر ٿي ويون. گيتاءَ گيسو ٻئي منٽن ڪورٽ جي پرسان ٻڙ جي وڻ هيٺان وڃي ليٽيون.

بيحد خوشنما ٻپهري هئي. خوشبوءِ سان ڀريل هوا. هلڪا هلڪا جهوٽا گيسوءَ جي رئي ۽ گراري جي چڱن کي ڪتڪتائي ڪرڻ لڳا. گگن ۾ هلڪا هلڪا بادل پئي هليا ۽ زمين تي انهن بادلن جي هلڪي ڇانو پئي ڊوڙي. وسيع سبز ميدانن تي بادلن جي ان ڀاڄن جو کيل بيحد معصوم ٿي لڳو. جتي جتي بادلن جي اها ڇانو ٿي پيئي اتي سبز گاهه وڌيڪ گهاٽي سبز رنگ جو ٻڌجي ٿي ويو ۽ جتي بادلن وچ مان سج جي روشني ڇڻي سبزيءَ تي ٿي پيئي، اتي اهو ٽڪر سونهري ٻڌجي ٿي ويو. گهڻو دور شايد بارش وسي هئي ۽ بادل هلڪا ٻڌجي معصوم سفيد سهن جيان هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙيا. گيتا اکين کي فائيلن جي اوٽ ڏيئي يڪ ٽڪ انهن بادلن ڏانهن پئي ڏٺو. گيسو پاسو ورائي هن ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي وارن ۾ ٻڌل ريشمي ربين کي آگرين ۾ اٽڪائي ڦيرائيندي چيائين....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهون کي معطر خواب گاهون ۾ ڪٿان
وهه مزا جو پيڪي پيڪي گهاس پر سوني ۾ هئي
مطمعن بيفڪر لوگون کي هسني ۾ ڀي ڪهان
لطف جو ايڪ دوسري ڪو ديککر روني ۾ هئي.

گيتابادلن تان نگاهه ڪا نه هٽائي. هن صرف هلڪو مشڪيو.

گيسوءَ پڇيو. "گيتو ڇا پئي ڏسين؟"

"بادلن کي ٿي ڏسان." گيتا جي آواز ۾ مدهوشي هئي.

گيسوءَ اٿي گيتا جي سيني تي مٿو رکي ڇيو.

ڪيف بردوش، بادلون ڪو نه ديڪ
بيخبر تون نه ڪچل جائي ڪهين!

۽ پوءِ گيتا جي ڳلي ۾ ٻانهون ڪٽي وڌائين. "هاءِ ڙي!" گيتا رڙ ڪري اٿي ڪڙي ٿي ويئي. "واه واه! ڪهڙو نه سنو شعر آهي! ڪنهن جو چيل آهي؟"

"خبر ناهي ڪنهن جو آهي." گيسوءَ ورائيو. "سچ گيتو! آسمان جي بادلن جي دامن ۾ پنهنجي خوابن کي اٽڪائي ۽ انهن جي ئي سهاري سڄي زندگي گهارڻ جو ويچار آهي ته ڏاڍو نازڪ ۽ لطيف. مگر راڻي! اهو خيال ڏاڍو خطرناڪ پڻ آهي. انهيءَ ۾ انسان ڏاڍيون ٺوڪرون تو کائي. انهيءَ ڪري بهتر ائين آهي ته انسان اهڙي نازڪ جذبات ۾ ڦاسي ئي نه. بس کائي پيئي، کلي خوش ٿئي ۽ ائين زندگي پوري ڪري."

گيتا پنهنجو پلؤ سنباليو ۽ وارن مان گاهه جا سلا ڪڍندي چيائين. "گيسو. اگر اسان کي ڪڏهن به شادي وغيره جي جهنجهٽ ۾ نه ڦاسڻو پوي ۽ اسان جا ڏينهن جيئن هينئر تا گذرن. هميشه ائين ڪٽجندا رهن ته ڪيڏو نه مزو اچي وڃي! ڪلچي ڳالهائجي، پڙهجي لکجي، گاهه تي ليٽي بادلن سان پيار ڪجي. ان ۾ ڪيڏو نه سڪون آهي! مگر اسان جوڪرين جي زندگي ڪهڙي آهي. گيسو. مان اڪثر ائين سوچيندي آهيان ته ڪڏهن به شادي نه ڪريان. منهنجي پاپا جي سنپال پوءِ ڪير ڪندو؟"

گيسو ٿوري دير گيتا جي نگاهن ۾ نگاهون اٽڪائي شرارت ڀريل نيڻن سان هن ڏانهن نهاريندي رهي ۽ پوءِ مشڪي چيائين. "اڙي راڻي! تون هاٿي اهڙي معصوم ۽ ڀولي نه آهين. هي تنهنجو جوڀن، هي تنهنجا امنگ! ۽ تون شادي ڪا نه ڪندين! ڇا جوڳڻ ٿبين؟"

"هل. هٽ بيشرم! پاڻ شاديءَ لاءِ تيار ٿي آهي ته سڄي دنيا تي تهمتون هڻندي ٿي وتي."

"منهنجو ته فيصلو به ٿي ويو آهي. ڳڻتي ته تنهنجي اٿم جو شادي نٿي ٿيئي ته هتي ليٽي بادلن ڏانهن پيئي نهارين." گيسو چنچل ٿيڃي ويئي هئي.

"چڱو چڱو." گيتا گيسوءَ جو رٺو چڪي مٿن هيٺان رکي وري ليٽي پيئي. چيائين. "ڪهڙو حال آهي تنهنجي اختر ميان جو؟ مڱڻو ڪڏهن تو ٿيئي؟"

"مڱڻي ۾ هينئر ڪهڙي دير آهي. بس پڦي جان جي اچڻ جي دير آهي. هونءَ امان ته هن سان "قول" جي ڳالهه ڪڍي پر هن مون لاءِ ارادو ڏيکاريو. ڏاڍو سنو آهي. اچي ته سڄي گهر ۾ روشني ڦهلجي وڃي." گيسو ڏاڍي ڀالي ڀولي نموني. گيتا جو هٿ پنهنجي هنج ۾ رکي، ان تي پنهنجون آڱريون ڦيرائڻ لڳي.

"توهان جو اڳوات ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٿيو هوندو؟" گيتاسوال ڪيو.

"ها. ها. گهڻا ئي دفعا. نڍي هوندي ته مولوي صاحب اسان ٻنهي کي گڏ پڙهائيندو هو ۽ جڏهن اسان ٻنهي کان سبق وسري ويندو هو ته هڪ ٻئي جا ڪن پڪڙي گڏ اٺ ويهه ڪندا هئاسين."

گيتاکي کل اچي ويئي. "واه واه. محبت جي اهڙي عجيب شروعات ته مون اڳي ڪڏهن ڪا نه ٻڌي آهي. توهين ته هڪ ٻئي جي ڪن پڪڙڻ لاءِ ئي ڄاڻي ٻجهي پنهنجو سبق ياد ڪو نه ڪندا هوندا."

"نه راڻي نه. ڪير آهي جو اهو سبق هڪ دفعو پڙهي وري وساري سگهي! خبر اٿيئي ته انهيءَ سبق ياد ڪرڻ بعد عشق ۾ ڇا ٿيندو آهي .....

مڪتب عشق ۾ اڪ ڍنگ نرالا ديکا،
اسکو ڇٽي نه ملي جس ڪو سبق ياد هٿا،!

خير انهن ڳالهين کي ڇڏ گيتا. تون ٻڌاءِ تون ڪڏهن شادي ڪندينءَ؟"

"جلدي ڪنديس!"گيتا ورائيو.

" ڪنهن سان؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توسان!" ۽ ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون.
بادل هٽي ويا هئا. چوڌاري سورج جي روشني پئي چمڪي. ائين ڪلندي سچ جو هڪ ڪرڻو گيسوءَ جي ڪنن ۾ پيل والن کي ڇهي جيڪو چمڪاٽ ڪڍيو. اهو گيتا جي اکين ۾ وڃي اٽڪيو. پڇيائين، "هي ڪڏهن نهرايئي؟"
"نهرايم ڪو نه."
"ته هن ڏنا اٿئي، ائين نه!"
گيسو شرمائجي ويئي.
گيتا اُتي انهن کي هٿ سان ڇهندي چيو. "ڪهڙا نه سهڻا ڪنول جهڙا آهن! ٻڌاءِ گيسو. تو ڪڏهن سچا پچا ڪنول ڏٺا آهن؟"
"نه."
"مون ڏٺا آهن."
"ڪٿي؟"
"اصل ۾ پنج ڇهه سال اڳي مان ڳوٺ ۾ رهندي هيس نه. اتي منهنجي ڀڦي رهندي هئي. ننڍپڻ کان وٺي مان ان ڀڦيءَ وٽ رهندي هيس. انين درجي تائين مان اتي ئي پڙهندي هيس. اتي اسان جي اسڪول جي پٺيان تلاءُ ۾ تمام گهڻا ڪنول هوندا هئا. مان روز شام جو پچي اوڏانهن ويندي هيس. تلاءُ ۾ ڪهڙي ڪنول پٽيندي هيس. ڀڦيءَ کي جڏهن اها خبر پوندي هئي ته هوءَ سوٽڻو کڻي، ڳاريون ڏيندي مون کي پڪڙڻ لاءِ ايندي هئي. هوءَ ڪناري تي پهچندي هئي ته مان چوندي هيمانس مان هتي ٻڏي ٿي مران..... بس ٻڏيس. پوءِ هوءَ جيڪي منٿون ڪندي هئي! ملائيءَ جون لالچون ڏيندي هئي تڏهن مان مس ٻاهر نڪرندي هيس. تو ته منهنجي ان ڀڦيءَ کي ڏٺو ئي ڪو نه هوندو."
"تو ڏيکاري ڪٿي آهي؟"
"هوءَ ڪيترن ڏينهن کان هتي آئي ڪانهي. هاڻي ايندي ته توکي ضرور ڏيکارينديس. هن کي هڪ ڌيءَ به آهي. ڏاڍي سٺي آهي. مزيدار آهي. تون هن کي ڏسندينءَ ته ضرور پيار ڪندينءَ. هوءَ جلد ئي هتي اچڻي آهي. پوءِ رهندي به هتي، پڙهندي به هتي."
"ڪهڙي درجي ۾ پڙهندي آهي؟"
ايتري ۾ گهنڊ لڳو. گيسو ٽپ ڏيئي اٿي ۽ گيتا جي مٿي هيٺان دٻيل پنهنجو رئو ڇڪڻ لڳي.
"اڙي، هاڻي باقي پوئين ليڪچر ۾ ڇا وڃي ڪندينءَ؟ غير حاضري ته پئجي ويئي. هتي ويهه ته ڳالهيون ڪريون. آرام ڪريون." گيتا جي آواز ۾ ايلاز هو. هن جيئن ئي مدهوش ادا سان ڪر موڙيا تيئن گيسوءَ هن جو هٿ پڪڙي، بيحد گنڀير ٿيجي چيو. "ڏس، ائين مدهوش ٿيجي ڪر نه موڙيندي ڪر. اهو ڏسي ماڻهو پرڪي وٺندا ته تنهنجو ٻالپڻ ختم ٿي ويو."
"هٽ!" گيتا سهمجي فائيل ۾ منهن کڻي لڪايو.
"تون مذاق پيئي سمجهين. ڏس ته هڪ شاعر تنهنجي ادا بابت ڇا چيو آهي ....
ڪؤن يي لي رها هي انگڙائي
آسمانون ڪو نيند آتي هئي
"واهه" گيتا کان بي اختيار نڪري ويو. "گيسو اڃا گهڻا شعر ٻڌاءِ.
"ٻڌ.....
اڪ ردايي تيرگي هئه اور خابي ڪائنات
دوبتي جاتي هئه تاري، پيگهتي جاتي هئه رات!
"ڀلا ان تڪ جو مطلب ڇا آهي؟"
"ردايي تيرگي جو مطلب آهي اونده جي چادر ۽ خابي ڪائنات جو مطلب آهي زندگيءَ جا سپنا! هاڻي وري اهو شعر ٻڌ....
اڪ ردايي تيرگي هئه او خابي ڪائنات
دوبتي جاتي هئه تاري، پيگهتي جاتي هئه رات!
"واهه! ڪهڙو نه عمدو شعر آهي... انڌڪار جي چادر آهي. جيون جا سپنا آهن. تارا ٻڏندا ٿا وڃن. رات پگهرندي ٿي وڃي. گيسو. اردوءَ جا شعر ڏاڍا سٺا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ تون خود اردو ڇو نہ ٿي پڙھين!“ گيسوءَ چيو.
”دل تہ ڏاڍي ٿيندي آھي. پر ٿي نٿو سگھي.“
”ڪنھن ڏينھن شام جو تون اسان وٽ اچ تہ امي جان توکي شعر ٻڌائيندي... اڙي، تنھنجي موٽر بہ اچي ويئي.“

گيتا فائيل کڻي اٿي کڙي ٿي. گيسو بہ پنھنجو رئو چنبي اڳتي وڌي. گيتا پرنسپال جي ڪمري اندر ليٽو پائي ڏنو. اھو خالي ھو. ھوءَ وڃي موٽر ۾ ويٺي.

گيسو ٻاھر بيٺي رھي. گيتا چيو. ”اچ نہ تون بہ.“

”نہ مان بگيءَ ۾ ھلي ويندس.“

”اڙي اچ، تنھنجي بگي ساڍي ڇئين بجي ايندي اڃا ڪلاڪ پيو آھي. گھر ھلي چانھہ ٿا پيئون. پوءِ موٽر توکي گھر پھچائي ايندي. جيستائين پاپا نہ آھي اوستائين موٽر جيتري چاھيان، ڊوڙائي سگھان ٿي.“

گيسو بہ موٽر ۾ چڙھي ويٺي ۽ ٻئي ڄڻيون روانيون ٿي ويون.

ٻئي ڏينھن چندر جڏھن ڊاڪٽر شڪلا جو ٽائيپ ٿيل مضمون کڻي ھن جي بنگلي تي پھتو تہ چوڌاري اس ڦھلجي چڪي ھئي. اس وٽي ڪا نہ ٿي چاڪاڻ جو تمام تيز ٿي ويئي ھئي. مگر گيتا نيل ڪنٺ وڻن ھيٺان ڪرسي رکي ويٺي ھئي. ھڪ ننڍي ميز تي ڪتاب کليو رکيو ھو ۽ ھٿ ۾ مڙھڻ جا سٽا ھئس ۽ آڱريون تمام نزاڪت ۽ تيزيءَ سان پشم جي ڌاڳي ۾ الجھي سلجھي رھيون ھيون. ھن جي بدن تي ھلڪي بادامي رنگ جي نفيس ساڙھي، نارنگي رنگ تي ڪاري رنگ جي ڌارائن وارو چست بلائوز ۽ ھڪڙي ڪلھي وٽ ان جو اپريل ۽ قنديل پف ائين پئي لڳو ڄڻ گيتا جي ڪلھي تي ڪو رنگين پکي، صرف ھڪ پر کولي ويٺو ھو. شايد تازو وھنجي آئي ھئي، ڇاڪاڻ جو سياري جي خوشنما اس جھڙا ھن جا ھلڪا سونھري وار سندس پٺيءَ تي پئي لٽڪيا. نيل ڪنٺ جي ٽارين جي سبز مخملي چاريءَ وچ مان ليئا پائيندڙ ھڪ سج جو ڪرڻو ھن جي پيشانيءَ تي لٽڪندڙ زلفن کي ساڳرن جون لھرون سمجھي، انھن سان لڪ چپ راند ڪرڻ لڳو ھو.

گيتا چندر جي سائيڪل کي پريان ايندو ڏٺو پر ھن ڪچيو ڪو نہ، چپ چاپ سٽن کي مڙھيندي رھي. چندر سڌو بنگلي جي پورٽيڪو وٽ پھتو ۽ سائيڪل رکي اندر ھليو ويو. اپياس ڪمري ۾، بيٺڪ ۾، سمھڻ واري ڪمري ۾، سيني ھنڌ، ھو ڊاڪٽر شڪلا کي ڳولي آيو پر ھو ڪٿي ڪو نہ ھو، ھار ڪائي ھو ٻاھر آيو تہ ڏٺائين تہ موٽر اڃا گئريج ۾ بيٺي آھي. سوچڻ لڳو تڏھن ھو ويو ڪيڏانھن؟ ۽ گيتا تہ ڏسو ڪيئن نہ سيڙجي ويٺي آھي. ڄڻ چندر کي سڃاڻي ئي ڪا نہ. چندر گيتا وٽ پھتو. گيتا ڪنڌ وڌيڪ ھيٺ جھڪائي ڇڏيو.

چندر پڇيو. ”ڊاڪٽر صاحب ڪٿي آھي؟“

گيتا سٽن تان نگاھہ مٿي کڻڻ ڪانسواءِ ئي چيو. ”مون کي ڪھڙي خبر!“

”تہ ڪنھن کي خبر ھوندي؟“ چندر ھينئر البتہ بگڙجي چيو. ”ھر وقت اھو مذاق مون کي سٺو نہ ٿو لڳي. ڪم جي ڳالھہ ھجي تہ سڌو جواب ڏيڻ گھرجي. ھن کي مضمون پھچائڻو آھي يا نہ!“

”ھا. ڏيٺو تہ برابر آھي، پر مان ڇا ڪريان؟ وھنجندو ھوندو. ائين ٿوروئي آھي تہ تنھنجي انھيءَ مضمون لاءِ ڪير سنان پاڻي بہ نہ ڪري ۽ تنھنجو انتظار ڪندو رھي تہ چندر صاحب اجھو مضمون کڻي آيو.“ گيتا منھن ٺاھي اکيون نچائيندي چيو.

”سڌو ڇو نہ ٿي چوين تہ وھنجي ويٺو.“ چندر ھينئر گيتا جي غصي تي ٺھڪ ڏيندي چيو. چندر کي ڪلندو ڏسي گيتا جو مزاج اٿلو وڌيڪ بگڙجي ويو. ھوءَ ڪتاب ۽ مڙھڻ جو سامان کڻي اندر ھلڻ لڳي.

ھن جي اٿندي ئي چندر مزي سان ان ڪرسيءَ تي ويھي رھيو ۽ ميز تي ٽنگون ڦھلائي چيائين. ”اڄ مون کي تمام سخت غصو آھي. خبردار جو ڪنھن مون سان ڳالھايو آھي!“

گيتا ويندي ويندي منھن ڦيرائي بيھي رھي.

”مون توکي ڪيترا دفعا چيو آھي چندر. تہ مون کي اھي ڳالھيون سنيون نٿيون لڳن. جڏھن ڏس تڏھن مون کي ڪاوڙ ڏيڪاريندو وتين.“ گيتا جي آواز ۾ اڃان غصو ھو.

”تڏھن ڇا تنھنجي پوڄا ڪندو وتان! تون ڄڻ پنھنجي وقت مون کي ڇڏي ڏيندي آھين!“ چندر ساڳي بيپرواھيءَ سان چيو.

گيتا واپس موٽي آئي ۽ اتي ئي ھن جي پرسان ھيٺ گاھہ تي ويھي ڪتاب کولي پڙھڻ لڳي. پنجن منٽن تائين جڏھن ھوءَ خاموش رھي، تڏھن چندر سمجھي ويو تہ اڄ معاملو مڙيو ئي گنڀير آھي.

”گيتا!“ ھن ڏاڍي لاڏ وچان پڪاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا جواب ڪو نہ ڏنو پر هن جي اکين مان ٻہ لڙڪ ڳڙي ڪتاب جي ورق تي اچي ڪريا.

"اڙي ڳالھ ڪھڙي آهي، ٻڌاءِ نہ گيتا؟"

"ڪجھ ڪونهي."

"ٻڌاءِ، توکي منهنجو قسم آهي!"

"تون ڪالھ شام ڇو نہ آئين." گيتا جو آواز روئڻھارڪو هو.

"بس، ان ذري ڳالھ تي ناراض ٿي ويئي آهي، پاڳل!"

"ها. ان ذري ڳالھ تي ناراض آهيان!" تون نہ اچ، هزار دفعا نہ اچ، مان انهيءَ تي ڇو ناراض ٿينديس. وڏو آيو آهي! نہ ايندو تہ ڇڻ اسان جو ڪارخانو ٺپ ڪو نہ هلندو. پاڻ کي سمجهي الائي ڇا ٿو." گيتا وري بڪڙجي ڇيو.

"پر توئي تہ اها ڳالھ ڇٽي نہ؟" چندر هيئنٽر مرڪندي ڇيو.

"تو سچي ڳالھ ٻڌي ڪٿي؟ ڪالھ شام جو گيسوءَ جو نوڪر آيو هو. هن جي ننڍي ڀاءُ حسرت جو سالگره هو. هن جي ماءُ سڏايو هو."

"تہ وئينءَ ڇو نہ؟"

"ويس ڇو نہ! ڪنهن ڪان پڇي وڃان؟ تون تہ هينئر ٿو اچين، جڏهن سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو." گيتا ڇيو.

"تہ پاپا ڪان پڇي وڃين ها." چندر هن کي سمجهائيندي ڇيو. "گيسوءَ وٽ تہ تون هونءَ بہ پيئي ويندي آهين!"

"هونءَ بہ ويندي آهيان، اڄ تہ هن ناچ ڪرڻ لاءِ بہ ڇيو هو. پوءِ تون اچي ڇوين ها.... گيتا! توکي ائين ڪرڻ نہ گھربو هو ۽ پوءِ پنهنجا ڏگها ليڪچر شروع ڪرين ها ۽ ناراض ٿين ها. توڪان پڇڻ ڪانسواءِ ڪنهن سئنيما. سير يا پارٽيءَ تي مان ڪڏهن ويئي بہ آهيان!" ۽ هن جي اکين مان وري لڙڪ لڙي پيا.

"ڇري ڪٿي جي! هن ذري ڳالھ تي هيڏو رودن! ڪنهن جي هٿان هن کي سوغات موڪلي ڏي ۽ پوءِ ڪنهن موقعي تي وڃي ٿي اچجانءِ!"

"ڇا ٿي اچجانءِ! توکي تہ بس ڇٽي وئين! گيسو ڪيڏو نہ ناراض ٿي هوندي!" گيتا جي ڪاوڙ اجا ڍري ڪا نہ ٿي هئي، "هينئر تہ امتحان بہ مٿان اچي ويا آهن. پوءِ ڪڏهن ويندس؟"

"ڪڏهن آهي تنهنجو امتحان؟"

"جڏهن بہ هجي! تو ڪنهن کي اول ڇيو مون کي پڙهائڻ لاءِ!"

"اڙي مون ڪان تہ صفا وسري ويو. ڇڱو، اڄ ضرور ڇوندس."

"ڇوندس پوندس ڪو نہ. اڄ منجهند جو ڪنهن ماستر کي وٺي اچج نہ تہ مان ڏيان ٿي باھ سيني ڪتابن کي، سمجهيئي يا نہ؟"

"ڇڱو ڇڱو اڄ منجهند جو ماستر کي وٺي ايندس. نيڪ ياد آيو. بسريا کي ڇوندس تہ روز توکي پڙهائڻ اچي. هن کي پئسي جي ضرورت بہ آهي." چندر کي ڇڻ وڏي مصيبت مان ڇوٽڪارو ملي ويو.

"اڄ منجهند جو ضرور." گيتا جي اکين ۾ هينئر وڏيل ڳوڙها اچي ويا.

"ها بابا، ضرور!" چندر سامت جو ساھ کڻندي ڇيو.

"اڇهو پاپا بہ اچي ويو سنان ڪري، هل." چندر بنگلي ڏانهن وڌيو. گيتا بہ اٿي هن جي پٺيان هلي.

ڊاڪٽر شڪلا جو بدن پريل ۽ رنگ هلڪو سانورو هو. بيحد گنڀير اپياس ۽ پروفيسري ڪندي جيئن هن جي عمر چڙهندي ويئي هئي تيئن هن ۾ نياز ۽ نوڙت بہ وڌندي ويئي هئي. هو رلندو ملندو بہ تمام گھٽ هو. شخصي دوستي ڪنهن سان ڪا نہ هيس، مگر اتر ڀارت جي مها دانشور هئڻ سبب هر ڪانفرنس ۽ هر سرڪاري ڪاميٽي تي هن کي سڏايو ويندو هو ۽ هو انهن جي ڪاروبار ۾ دلچسپي پڻ وٺندو هو. انهن موقعن تي چندر اڪثر هن جو مکيہ مددگار رهندو هو ۽ انهيءَ نموني سان سرڪار جي مکيہ اڳواڻن ۽ ٻين شخصن سان چندر جي بہ واقفيت ٿي ويئي هئي. هن ايم- اي پاس ڪئي تنهن بعد ڪيترائي دفعا هن کي سرڪار جي تعليم کاتي وٽان چڱن عهدن جي آڇ ٿي هئي، مگر ڊاڪٽر شڪلا هن جي ڪنهن بہ اڄ قبولڻ جي خلاف هو. هن چاهيو ٿي تہ چندر ڀهرين پنهنجي تحقيق مڪمل ڪري. ممڪن ٿي سگهي تہ ولايت مان بہ هڪ چڪر هڻي اچي. پوءِ ڀلي جيڪي وڻيس سو ڪري. ڊاڪٽر شڪلا جي شخصي جيون ۽ عوامي جيون جي عادتن ۽ قدرن ۾ ڪجھ تضاد هو. پارٽين ۾ مسلمانن ۽ ڪرستانن سان گڏ ميز ڪرسيءَ تي ويهي کائڻ ۾ هن کي ڪو بہ اعتراض ڪو نہ هو، مگر گھر ۾ هو چونڪي ۾ ويهي، جسم تي صرف ريشمي ڌوتي پائي کاڌو کائيندو هو. سرڪار کي هن صلاح ڏني هئي تہ سيني ساڌن ۽ سنتن ڪان زوريءَ ڪم ورتو وڃي ۽ مندرن جون ملڪيتون ضبط ڪيون وڃن، مگر گھر ۾ هو هڪ منو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو سارو ڪلاڪ پوڄا پاٺ ۾ گذاريندو هو. پوڄا پاٺ، ڪاڏي پيتي، ذات پات جو پڪو حامي هو. مگر پنهنجي جيون ۾ هن ڪڏهن پنهنجي ڪنهن شاگرد ڪان اهين ڪو نه پڇيو ته براهمڻ آهين، واڻيو آهين، کتري آهين يا شودر آهين.
وهنجي اچڻ بعد هن ڪنهن پاٺيءَ جو پاٺ پڙهي ڪيو. چندر کي ڏسي هو بيهي ويو ۽ پڇيائين، "ڪيئن ڪاغذ ٽائيپ ٿي ويا؟"
"جي ها."
"ڪٿان ٽائيپ ڪرايئه؟"
"مس ڊڪروز وٽان."
"هوءَ چوڪري سٺي آهي نه! هاڻي ڪافي وڏي ٿي ويئي هوندي. شادي اڃا ڪا نه ڪئي اٿس؟ مون سمجهيو ته هوءَ الائي ملڻي يا نه ملڻي!"
"نه. هوءَ اڃا اتي ئي آهي. شادي ڪئي هئائين. پر پوءِ طلاق ڏنو اٿس."
"اڇين! ته هينئر اڪيلي رهندي آهي؟"
"نه. ماءُ سان گڏ رهندي آهي. ٻرنيءَ سان."
"ٻرنيءَ جي زال ڪيئن هئي؟"
"اها مري ويئي."
"پوءِ ته سچو گهر ئي ڦري ويو هوندو."
اتي گيتا اچي چيو. "بابا پوڄا لاءِ مون سڀ ڪجهه تيار ڪري رکيو آهي."
"چڱو پٽ. چڱو چندر، مان جلدي پوڄا ڪري ٿو اچان. تو چانهه پيتي آهي؟"
"جي ها!"
"ٺيڪ آهي. منهنجي ميز تي هڪ چارٽ رکيو اٿئي. تيستائين ان کي ٺيڪ ڪري وٺ. مان جاڻ آيس."
چندر اپياس واري ڪمري ۾ پهتو. ڪوٽ لاهي هن ڪليءَ تي ٽنگيو ۽ نقشو جاچڻ لڳو. پرسان هڪ ننڍي پيالي ۾ چيني ڪاري مس جو ڳتيو ۽ پاٺيءَ جو پيالو به رکيو هو. هن پاٺيءَ جا ٻه ٽي ڦڙا وجهي مس کي گهڻ شروع ڪيو. ايتري ۾ گيتا اندر اچي چيو. "اي... ٻڌ" هن چوڏاري نهاريو ۽ پوءِ هيٺ جهڪي چندر جي ڪن وٽ پنهنجا چپ آڻي چيائين. "چانورن جي نانختائي کائيندين؟"
"اها وري ڪهڙي مصيبت ٿيندي آهي؟" چندر مس گهندي پڇيو.
"ڏاڍي سٺي ٿيندي آهي. بابا کي تمام گهڻي وڻندي آهي. اڄ صبح جو مون پنهنجي هٿ سان ٺاهي آهي. کائيندين؟" گيتا ڏاڍي سڪ ڀرئي آواز ۾ پڇيو.
"ڪٿي اڄ."
"ڪٿي ته آئي آهيان. هي وٺ." ائين چوندي گيتا پنهنجي ساڙهيءَ جي پلو ۾ لڪايل ٻه نانختايون ڪڍي ميز تي رکيون.
"ڪنهن پليٽ ۾ چو نه ڪٿي آئينءَ؟ هيئن ته سچو گيهه تنهنجي ساڙهيءَ کي لڳي ويو. هيڏي وڏي ٿي وئي آهين، پر عقل اڃا ذرو به ڪو نه سکي آهين." چندر ذرا بگڙي چيو.
"لڪائي ته ڪٿي آئي آهيان. رڌڻي مان ڪيڻ جي اول اجازت ڪٿي آهي؟ ڪٿي به تنهنجي لاءِ آئي آهيان ۽ بگڙجين به تون ٿو." گيتا به منهن بگاڙي چيو. "کائيئون اٿيئي يا نه؟"
"منهنجي هٿن ۾ ته مس لڳل آهي." چندر چيو.
"مان پنهنجي هٿ سان کا نه کارائيندي سانءِ" رام رام تون ٻاهر مسلمانن جي هوٽلن تي خبر نه آهي، چا چا کائيندو هوندين. تو.... تو."
چندر کي گيتا جي ان ڳالهه تي کل اچي ويئي. هن پاٺيءَ ۾ هٿ ٻوڙي، ٻنا پڇڻ جي اهي مس وارا هٿ گيتا جي ساڙهيءَ جي ڪنڌ سان اگهيا ۽ پوءِ ٻنا حجاب نانختائي کڻي، کائڻ لڳو.
"رنگي ڇڏيئي نه منهنجي ساڙهي! اڄ بس سچو ڏينهن اها ئي ساڙهي پائيندس." گيتا بگڙجي چيو.
"پاڻ نانختائي ان ۾ ويڙهي ڪٿي آئينءَ ۽ گيهه لڳي ويئي ته ڪجهه ڪو نه ٿيو ۽ مون مس وارا هٿ اگهيا ته بس، بگڙجي وئي." چندر نقشن ڪيڻ واري قلم ۾ مس ڀريندي چيو.
"ها. هينئر پاپا اچي وڃي ته چوندو چا ته ساڙهيءَ ۾ گيهه. مس سڀ لڳائيندي ٿي وتين! توکي چا آهي!" ۽ هن مس لڳل پلوءَ جهڪي، چيلهه ۾ ورائي ٻڌي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇي... ڇي. هي ڇا ڪيئي! گيھہ ۾ ٻڌل ٻلڻ وري ڇيلهہ ۾ ٻڌي ڇڏيئي. ڪندي!“ چندر نقشي مٿان نوڙندي چيو.

”ها. گندي آهيان.“ ائين چوندي گيتا ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي.

چندر چپ چاپ نقشي تي ڪم ڪندو رهيو. اتر پرديش جي پوربي ضلعن ۾ ٻارن جي موٽ جي انگن اکرن جو نقشو ناهڻو هو. ان تي هڪ طرف ٽبڪن ذريعي موٽ جو تعداد ڏيکارڻو هو. چندر ۾ هڪ عادت هئي جو هو ڪنهن ڪم پٺيان لڳندو هو تہ جن تي لڳندو هو. ڪم هٿ ۾ ڪنيائين تہ پوءِ هن کي ڏينهن توڙي دنيا. ڪنهن جي بہ سمڪ ڪا نہ رهندي هئي. کاڌو پيتو، ننڊ آرام سڀ وسري ويندو هوس. انهيءَ جو ڪارڻ هو. چندر انهن انسانن مان هو، جن جي زندگي ٻاهران نهايت هلڪي ۽ اتاچري نظر ايندي ٻہ. اندران اها سچ پچ بيحد گنڀير. مقصد پري هوندي آهي. انهن ماڻهن اڳيان نهايت چٽو آديش، مقرر مقصد رهندو آهي. اهي شخص ٻاهران پلي کهڙا بہ نظر اچن پر اندر ۾ هو پنهنجي ان مقصد ڏانهن بيحد ايماندار رهندا آهن. انهن ماڻهن ۾ اها ئي خوبي ٿيندي آهي جو ٻي دنيا کي هو پلي هلڪي، اتاچري نگاهہ سان ڏسن، پر پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ هو بلڪل گنڀير رهندا آهن. اهو حاصل ڪرڻ. هنن لاءِ زندگيءَ جي ساڌنا. پوڄا ٻڻجي ويندي آهي. چندر ٻاهران برابر انفرادي سڀاءَ جو ڏسبو هو. دنيا ڏانهن بيپرواهہ ڏسبو هو پر اندر ۾ هو سماج، آسپاس جي جيون ۽ ان جيون جي پاترن ڏانهن پنهنجي جوابداريءَ کي پليءَ پٽ سمجهندو هو. هو سوشلسٽ هو. شايد سماجوادي بہ هو، پر پنهنجي نرالي نموني ۾ هو. ڪڏهن جيل ڪو نہ ويو هو. تنهن هوندي بہ پنهنجي وطن کي بيحد پائيندو هو. بيحد پيار ڪندو هو. هن جي محب وطني. هن جو سوشلزم سندس اڀياس ۽ تحقيق ۾ سمايل هو. هن ڄاتو ٿي تہ سماج جي سيني ٽنبن جي جڳهہ الڳ الڳ آهي. جي هر ڪو مندر ۾ ديويءَ جي قدمن ۾ جڳهہ پائڻ چاهيندو تہ بنياد جو پٿر ۽ ڏاڪڻ جو پٿر ڪير بڻجندو؟ هن اهو بہ ڄاتو ٿي تہ ارٿ شاستر اهو بنيادي پٿر آهي، جنهن تي سماج جي سڄي عمارت جو بوجهہ آهي. انهيءَ ڪري هن پڪو ارادو ڪيو هو تہ پاڻ پنهنجي ديس، پنهنجي سماج ۽ پنهنجي جڳ جي آرٿڪ اسٿتيءَ جو اڀياس ڪري ان جي باريڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪندو ۽ هن کي خبر هئي تہ انهيءَ رستي هو هڪ ڏينهن اهڙو سچو، اهڙو حل ڳولي لهندو، جنهن مان انسان ڇا گهڻا مسئلا حل ٿي ويندا. اڄ آرٿڪ ۽ سياسي ڪيتر ۾ انسان جيڪڏهن خونخوار حيوان بڻجي ويو آهي تہ هڪ ڏينهن اهو ساڳيو انسان سندس آواز ٻڌي فرشتو پڻ بڻجي ويندو. انهيءَ ڪري ئي هو جڏهن ڪانپور جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي اجوري جو نقشو تيار ڪري رهندو هو يا جيون جي ضروري گهرجن نہ ملڻ سبب، زالن ۽ ٻارن جي موت جو حساب ڪتاب لڳائڻ ويهندو هو تہ هن جي اڳيان سندس آئيندو، سندس ناموس يا ڪاليجي ڊگري حاصل ڪرڻ جو سنو سپنو ڪو نہ هوندو هو. هن جي من ۾ ان وقت اهو جذبو هوندو هو، جو هڪ پوڄاريءَ جي دل ۾ پنهنجي ديوتا لاءِ گلن ڦلن، ۽ ڏيئا ڪني ڪرڻ وقت هوندو آهي. چندر تہ ٿورو ٿورو جذباتي بہ هو. هڪ دفعي چندر جڏهن پنهنجي تحقيق جي سلسلي ۾ اهو پڙهيو تہ پنهنجي واپار جي ڦهلاءَ خاطر انگريزن ڪيئن مرشد آباد کان وٺي روهتڪ تائين، ڀارت ديس جي غريب ۾ غريب شخص کان وٺي شاهوڪار ۾ شاهوڪار باشندي کي بيرحميءَ سان لٽيو ڦريو ۽ هنن تي ڀيا ظلم وهايا، تڏهن هو سچ پچ سڏڪا ڀري روئي وينو هو. مگر انهيءَ بعد بہ هن ڪڏهن پاڻ کي سياست جي سيلاب ۾ وهڻ نہ ڏنو. ڇاڪاڻ جو هن ڏٺو تہ سندس جيڪي بہ دوست سياست ۾ گهڙيا. تن جي ٿورن ڏينهن ۾ ئي ناموس تہ ڏاڍو نڪتو پر انهن جي انسانيت الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي.

چندر جو اهو پڻ ويساهہ هو تہ انسان جي زندگي صرف آرٿڪ پهلوئن تائين محدود نہ آهي. جيون کي سڌارڻ لاءِ صرف آرٿڪ قالب بدلائڻ ڪافي نہ آهي. انهيءَ لاءِ انسان کي پڻ بدلائڻو پوندو. انسان جي شخصيت کي پڻ سڌارڻو پوندو. باقي هوند واري هربي پربي سماج ۾ بہ جيڪڏهن انسانن ۾ اڄ ڪلهہ واريون حيواني روايتون ساڳيءَ طرح اسريل رهيون تہ دنيا ائين لڳندي. جيئن هڪ خوبصورت سينگاريل محل ۾ حيوانن ۽ راڪاسن کي رهائجي.

چندر اهو بہ پليءَ پٽ ڄاتو ٿي تہ پاڻ جنهن دنيا جو سپنو ڏسي رهيو آهي اها دنيا ڪنهن هڪ انقلاب سان يا ڪنهن هڪ سياسي پارٽيءَ جي سهائتا سان بڻجي نہ سگهندي. انهيءَ لاءِ انسان کي پاڻ بدلائڻو پوندو. صرف ڪنهن سماج کي بدلائڻ سان مطلب حاصل نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري ئي هو سڄو وقت پنهنجي مقصد پٺيان غلطان رهندو هو ۽ سماج جي ڳجهن پهلوئن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. اهو ئي سبب هو جو سندس جيون ۾ جيڪي بہ ڀيا شخص ايندا هئا تن ڏانهن هو بيحد ايماندار رهندو هو. ساڳئي وقت پنهنجي ڪم ۾ بہ هوشيار هو ۽ هن کي اهو پروسو هو تہ ان نموني هو دنيا کي اڳتي وٺي هلڻ ۾ گهٽي نہ. پر ٿوري مدد ضرور ڪري رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ هن جي اندر ۾ سچ جي اها چٽنگ هردم روشن رهندي هئي، تنهن ڪري هو شاعر يا خوابير (Dreamer) نہ هوندي بہ. ايڏو تہ جذباتي، ڪردار جو اهڙو تہ پڪو. من جو ايترو تہ ٻلوان ۽ گنڀير هو ۽ ڪم ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو تہ محسن ٿي ويندو هو، جڻ هو هڪ منوتي ڪنهن جي پوڄا ۾ رڌل رهندو هو. انهيءَ ڪارڻ هو جڏهن نقشي ڪي ڏسڻ ۽ ناهڻ ۾ محو هو. تڏهن هن کي ڪا بہ سمڪ نہ رهي تہ ڊاڪٽر شڪلا ڪيڏي مهل اچي سندس پٺيان بيهي رهيو.

"واه نقشي تي تہ تنهنجو هٿ ڏاڍو سنو ٿو هلي، ڏاڍو سنو. چڱو هاڻي ان کي ڇڏ. ڏسان تہ تنهنجو پنهنجو ڪم ڪيئن پيو هلي. اڄ تہ آچر آهي نہ؟"

ڊاڪٽر شڪلا پرسان ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. "چندر! اڄ ڪلهہ مان هڪ ڪتاب لکڻ بابت سوچي رهيو آهيان. منهنجو ويچار آهي تہ ڀارت جي ورڻ آشرمن جو نئين روماني نقط نگاهہ کان اڀياس ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي. تنهنجو ان باري ۾ ڇا ويچار آهي؟"

"اجايو آهي! جيڪو سرشتو اڄ نہ سياڻ ختم ٿيڻو ٿي آهي، ان باري ۾ ايڏو وقت وڃائڻ بيڪار آهي." چندر جي آواز ۾ پڪو ڀروسو هو.

"اها ٿي تہ توهان ۾ گهٽتائي آهي. ورڻ آشرم ۾ بس ٿوريون خرابيون ڏٺوَ تہ هڪدم ان جي خلاف ٿي ويا. هڪ تحقيق ڪندڙ شاگرد جي نقط نگاهہ نرالي هئڻ گهرجي. تنهن کان سواءِ اسان جي پراچين سنسڪرتيءَ ۽ ريتن رواجن جو تمام خبرداريءَ ۽ باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. اهو چڱي طرح سمجهي ڇڏ تہ انسان ذات ڪمزور نہ آهي. پنهنجي وڪاس ڪرم ۾ اها فقط انهن سنستائن، ريتن رواجن ۽ اصولن آدرشن ڪي رهڻ تي ڏئي جي ان جي زندهہ رهڻ لاءِ تمام ضروري آهن. جي اهي ضروري نہ آهن تہ انسان ازخود انهن کان ڇوٽڪارو حاصل تو ڪري. هي ذات پات ۽ ورڻن جي سنستا نہ ڄاڻ ڪيترين صدين کان ڀارت ۾ قائم آهي. ڇا اها ٿي ان جي ثابتي نہ آهي تہ اها سنستا پنهنجي سر ڪافي طاقتور آهي ۽ ضروري بہ آهي؟"

"ايئن تہ هندستان ۾ غلامي بہ صدين کان هلندي ٿي اچي. تنهن ڪري ڇا اها بہ ضروري آهي؟"

"بلڪل ضروري آهي! ڊاڪٽر شڪلا چيو. "مون کي پنهنجي وطن هندستان تي فخر آهي. ڪنهن سمي مون بہ ڪانگريس جو ڪم ڪيو هو، مگر مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ هندستانين کي ٿوري ئي آزادي تي ملي تہ هو ان جو دل کولي برو فائدو وٺڻ شروع تا ڪن ۽ هندستاني ڪڏهن بہ سٺا حڪمران ڪو نہ ٿيندا."

"ائين نہ آهي. انگريزن هٿ وٺي هندستانين کي اهڙو بنايو آهي، نہ تہ چندر گپت ۽ اشوڪ بہ تہ هندستان ۾ ئي پيدا ٿيا هئا! باقي رهي ذات پات جي سنستا جي ڳالهہ. سو مون کي تہ صاف پيو نظر اچي تہ اها ازخود ٽٽي رهي آهي. روٽيءَ ۽ ڌيءَ جو اهو قيد هو. روٽيءَ جو قيد تہ اڳي ئي ٽٽي چڪو آهي، باقي ڌيءَ جو قيد... شادين مرادين ۾ بہ هڪ ٻن پيڙهين اندر اهي ذات پات جا سڀ بنڌڻ لهي ويندا."

"ائين ٿيو تہ تمام غلط ٿيندو. انهيءَ مان جاتيءَ جي انتي ۽ ترقي رڪجي ويندي. شاديءَ کي مان جذباتي درشٽيءَ سان نٿو ڏسان. هي هڪ سماجي انتظام آهي ۽ اسان کي بہ انهيءَ درشٽيءَ کان ئي ڏسڻ گهرجي. شاديءَ ۾ سڀ کان وڏي ۽ مکيہ ڳالهہ آهي. سنسڪرتيءَ جي سمانتا. جڏهن الڳ الڳ جاتين جون الڳ الڳ ريتون رواج آهن تہ هڪ جاتيءَ جي ڇوڪري ٻيءَ جاتي ۾ وڃي، پاڻ کي ڪڏهن بہ ان جاتيءَ ۾ پوريءَ طرح سمائي نہ سگهندي. واپاري طبقي جي هڪ واڻئي جي ڌيءَ ۽ اپياس جي برادريءَ واري برهمڻ جو پٽ، انهن ٻن جو اولاد. نہ گهر جو رهندو نہ گهاٽ جو. اهو ڪنهن بہ ڏس ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪري نہ سگهندو. اهو تہ هٿ وٺي، ٻنا فائدي حاصل ڪرڻ جي، سماجي انتظام کي ڊانوا ڊول ڪرڻو آهي."

"مگر توهين شاديءَ کي فقط سماجي نقط نظر کان ڇو ٿا ڏسو، شخصي نقط نظر کان ڇو نہ ٿا ڏسو! جيڪڏهن ٻن جدا جدا جاتين جو ڇوڪرو ڇوڪري پنهنجو گهربل مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا، پنهنجو بهتر ڪم ڪري سگهن ٿا تہ انهن کي شاديءَ جي اجازت ڇو نہ ملڻ گهرجي؟"

"پرهڪ انسان جي شخصي حاصلات لاءِ اسين سڄي سماج کي نقصان ڇو پهچايون! ان جي کهڙي خاطري آهي تہ شاديءَ وقت جيڪڏهن انهن جي دلين جو راضپو آهي تہ اهو راضپو شاديءَ بعد جيون ڀر تائين قائم رهي سگهندو؟ دلين جي ميلاپ ۾ محبت جو جيترو مدار. خود انسان جي دل تي آهي، ان جو اوترو ئي مدار ٻاهرين حالتن تي پڻ آهي. ڪهڙي خبر تہ شاديءَ بعد انهن ٻاهرين حالتن جو ٻنهي تي ڪهڙو اثر ٿو پوي ۽ انهن جو دلي ميلاپ هميشہ قائم رهي سگهي ٿو يا نہ! ۽ مون تہ هيل تائين پريم جي شادين کي ناڪامياب ٿي ٿيندو ڏٺو آهي. ٻڌاءِ برابر ائين آهي يا نہ؟"

"ها، محبتي شاديون اڪثر ناڪام ٿين ٿيون، پر ممڪن آهي تہ اها محبت ئي نہ هجي. جتي سچو پريم هوندو اتي ڪڏهن ناڪامي نہ ملندي" چندر جرئت رکي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوه! اهي سڀ ادبي ۽ ڪتابن جون ڳالهيون اهن. تون هن سوال تي سماج شاستر جي نقطہ نظر کان، صوفياڻي نقطہ نظر کان ڏس. سگهين ته مون پنهنجي ڪتاب جو خاڪو تيار ڪيو آهي، جڏهن تفصيل پرينديس، تڏهن توکي اهي ٻڌائيندس، ها. هو مضمون ڪٿي آهي؟"

چندر هنکي ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڏنا. انهن کي ورائي ڦيرائي ڏسڻ بعد ڊاڪٽر شڪلا چيو: "نيڪ آهي! ٻيو ٻڌ چندر، تون پنهنجو ڪم ڪار جلدي اڪلائي وٺ. ايندڙ هفتي لکنئو ڪانفرنس تي هلڻو آهي"

"ڇگو پر هلندا موٽر ۾ يا ٽرين رستي."

"ٽرين ۾" پوءِ پنهنجي واچ ۾ وقت ڏسي ڊاڪٽر شڪلا چيو "مونکي ٿورو ڪم آهي. مان هلان ٿو. تون هي نقشو تيار ڪري وٺ ۽ انجو مضمون بہ لکي وٺ. پوربي ضلعن ۾ ٻارن جو موٽ. راڄيہ سرڪار انهي مضمون لاءِ انعام پڻ آڇيو آهي."

ڊاڪٽر شڪلا هليو ويو. چندر وري نقشي تيار ڪرڻ کي لڳي ويو.

●

چندر جي وڃڻ کان ٿورو ئي پوءِ پاپا آيو ۽ ڪاٺڻ وينو گيتا رسوئي جي ريشمي ساڙهي پائي پيءُ تي پکو جهولڻ ويٺي. گيتا پيءُ جي بي حد لاڏلي ڌيءُ هئي. هيڏي وڏي ٿي ويئي هئي تہ بہ ڇلولائي ڪرڻ ڪانسواءِ نہ رهندي هئي. سو اڄ تہ هن پنهنجي پيءُ جون دلپسند نانختايون پنهنجي هٿ سان تيار ڪيون هيون! اڄ هن کي لاڏ ڪرڻ جو هر ڪو حق هو ۽ پٽس کي هن جي جائز توڙي ناجائز هر ضد کي مجبور ٿيڄي سهڻو ئي پوندو.

ڊاڪٽر اجا بہ گرهہ ڪونہ کنيا هئا جو گيتا چيو "پاپا نانختائي کاؤ!"

ڊاڪٽر شڪلا هڪ نانختائي کڻي کائڻ لڳو. کائيندي چيائين "ڏاڍي سٺي آهي" ٿورو ترسي پڇيائين "گيتا سومر ڏينهن ڪهڙو ڏينهن آهي؟"

"سومر ڏينهن ڪهڙو ڏينهن آهي! سومرڏينهن آهي منڊي Monday " گيتا کلندي چيو. ڊاڪٽر شڪلا بہ پنهنجي غلطي تي کلڻ لڳو "ڏس تہ. مان ڪهڙو نہ ويسارو آهيان. منهنجو مطلب هو تہ سومر ڏينهن تاريخ ڪهڙي آهي؟"

"يارهين" گيتا چيو "ڇو؟"

"ائين ئي ڏهين تاريخ ڪانفرنس آهي ۽ چوڏهين تاريخ تنهنجي پڦي ٿي اچي"

"پڦي ٿي اچي. تہ بنتي بہ ايندي نہ"

"انهي کي پهچائڻ لاءِ تہ پاڻ بہ اچي ٿي. فائينل جي تياري هتي ئي ٿيڻي آهي نہ"

"ها تڏهن تہ بنتي هتي ٽي مهينا رهندي، پپا هاڻي بنتيءَ کي هتي ئي رهائجو. مان تمام اڪيلي ٿي ٿيان"

"ها، جون تائين تہ هتي ئي رهندي، پوءِ جولاءِ ۾ هن جي شادي ٿيندي."

"اڙي هينئر ئي. هنجي عمر اڃان آهي گهڻي؟" گيتا حيرت وچان چيو.

"ڇو. تو جيڏي آهي. پڦهن تہ تنهنجي لاءِ بہ ڪن پيئي ڪائي."

"نہ پاپا. مان شادي نہ ڪنديس." گيتا مچلجي چيو.

"تڏهن!"

"مان بس پڙهنديس. بي اي. ايم اي پوءِ ريسرچ بس مان فقط پڙهندي رهنديس ۽ نيٺ توهانجي برابر پهچي ونديس. ڪيئن پاپا؟"

"پڳليءَ جون ڳالهيون ٻڌوس. ٻي نانختائي تہ ڏي." ڊاڪٽر کلي چيو.

"نہ. پهرين قبول ڪريو تہ پوءِ مان نانختائي ڏيانو. ٻڌايو شادي ڪونہ ڪندا نہ." گيتا هٿ ۾ پہ نانختايون کڻندي چيو.

"ڏي."

"نہ پهرين ٻڌايو."

"ڇگو ڇگو ڪونہ ڪندس"

گيتا ٻئي نانختايون پيءُ جي ٿالهيءَ ۾ رکي، وري جهولڻ شروع ڪيو. نانختايون کائيندي کائيندي ڊاڪٽر شڪلا چيو "تنهنجي سس جڏهن توکي پسند ڪرڻ لاءِ اچي تہ هن کي بہ اهي نانختايون ئي کارائج."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وري ساڳي ڳالهه." گيتا پنڪو اچليندي چيو. "اجان هينئر توهان انجام ڪيو ته منهنجي شادي نه ڪندا ۽ ......"

"ها پائي ها، چيم ته سهين شادي ڪونه ڪندس. مگر ائين ڪٿي چيم ته تنهنجي شادي ڪونه ڪندس."

"ته.. ها، ته توهان سڀ ڪوڙ ڳالهايو." گيتا چيو.

"چڱو چڱو هيڏانهن ٿي..." هينئر مهراڄڻ اڳتي وڌي هن تي ڪاوڙ ڪندي چيو. "هيڏي وڏي ٿي وئي آهين. اجان پٽي سڄو وقت بڙ بڙ ڪري." مهراڄڻ سالن کان وٺن ڪم ڪندي آئي هئي ۽ گيتا کي ڄيڻپڻ جو هن کي حق مليل هو. گيتا به هنجو لحاظ رکندي هئي. هوءِ اٿي پنهنجي ڪمري ۾ پهتي ۽ چپ چاپ ليٽي پيئي. اوڏي مهل اٽڪل ٻارنهن ٿي لڳا. ليٽي ليٽي هوءِ ڪالهه جي ڳالهين تي سوچڻ لڳي. ڪلاس ۾ ڪيڏو نه مزو آيو هو. گيسو ڪهڙي نه سٺي ڇوڪري آهي! هن وقت گيسوءَ جي گهر ۾ ڪاڏو پيتو ٿيندو هوندو. پوءِ سڀئي گڏجي ڪائيندا. ڪهڙي خبر ته منجهند جو شايد قوالي جو شغل به ٿئي. هنن ماڻهن کي قوالي ڪهڙي نه سٺي ڳائڻ ٿي اچي! پر گيتا اڄ اها ڪانه ٻڌندي ۽ گيسو به ڪيترو نه ناراض ٿي هوندي! اهو سڀ فقط چندر جي ڪري ٿي ٿيو. چندر هميشه منهنجي اچڻ وڃڻ ۾ رنڊڪون وجهي. هڪ دفعي پاڻ بنا پڇڻ جي سهيلين سان پڪنڪ تي ويئي هئي. اتي چندر جا ڪيترا دوست به آيا. انهن مان هڪڙي دوست چندر کي نه ڄاڻ ڇا وجهي چيو. چندر ان دفعي ايڏو بگڙيو ڇا! ان ڏينهن گيتا به ڪيترو نه رنو هو! هي چندر ڏاڍو خراب آهي. سچ پچو ته ڪڏهن ڪڏهن گيتا جو چيو برابر مڃيندو آهي، پر پوءِ وري ان کان بيٺو رعب ڄمائيندو آهي. ۽ گيتا کي روئاري روئاري هن جو ساهه ڪڍي ڇڏيندو آهي. پاڻ ڀلي سڄي دنيا گهمندو وتي. پنهنجو ڪم هوندس ته چوندو گيتا. بس هينئر ڪري ڏي ۽ گيتا جو ڪم هوندو ته چوندو: اڙي پائي ڇا ڪريان؟ وسري ويو. اڄ جي ٿي ڳالهه ڏسو نه. صبح جو ائين ٻجي آيو ۽ هاڻي ته جناب اعليٰ ٻي ٻجي منجهند تائين به الائي اچي تو يا نه. ٻي ٻجي تائين جو چٽي ويو آهي ته بس اوستائين گيتا جو سڀ ننڊ آرام حرام. ڪنهن به ڪم ۾ دل ڪانه لڳنديس. مگر ائين ڪم ڪيڻ ٿيندو. امتحان ۾ باقي ڏينهن گهٽا آهن ۽ گيتا جي دل سواءِ شاعريءَ جي، ٻي ڪنهن شئي تي لڳيئي نٿي. هوءَ ڪيترن ڏينهن کان چندر کي چوندي آئي آهي ته ٿوري آيڪانامڪس مونکي سمجهاءِ، مگر هو اهڙو خود مطلبي آهي جو بس چانهن پيئندو. نانختائي ڪائيندو. رٺاريندو ۽ پوءِ پنهنجي سائيڪل تي هليو ويندو.

ائين سوچيندي سوچيندي گيتا جي اک لڳي وئي.

ٽي ٻجي گيسو آئي ته گيتا اڃا سمهي پيئي هئي. پلنگ هيٺان ڊي اير سي جو ڊيرو ڪليو پيو هو ۽ وهاڻي پرسان مڙهڻ جي آر پيئي هئي. گيتا ڏاڍي مٺڙي پٽي لڳي. ڏاڍي سندر پٽي لڳي. خاص ڪري هنجي پلڪن ته گلاب جي پنکڙين کي به شهه ٿي ڏني. گوري بدن ۾ ايڏو ته لال خون هوس جو ڪٽي به ٿورو ڪٽي زور ڏيوس ته گلاب ٽڙي ٿي پيا. هن جي خاموش لبن تي پڻ گلابن پٽي مشڪيو ۽ ٻانهون ڄڻ ول جي نازڪ ٽارين جيان پڪڙيون پيون هيس. گيسو آئي. هنجي هٿ ۾ مناٽيءَ جو دٻو هو، جو ماٽس گيتا لاءِ موڪليو هو. هو ڪهڙي پل گيتا ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ مناٽيءَ جو دٻو ميز تي رکيائين ۽ آر ڪٽي گيتا جي ڳردن تي ڪتڪتائي ڪرڻ لڳي. گيتا پاسو بدلايو. گيسوءَ هيٺان ڏاڳي جو ڊيرو ڪنيو. نهايت خبرداريءَ سان ڏاڳي جي هڪ پڇڙي گيتا جي چوٽيءَ سان ۽ ٻي پڇڙي ميز جي هڪ ٽنگ سان ٻڌائين پوءِ گيتا کي سڏ ڪيائين "اڙي گيتا اٿ. ڏس ڪير آيو آهي؟"

گيتا ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙي ٿي ويٺي. اکيون مهٽيندي چيائين. "تنهنجا اجان هينئر به لڳا آهن نه! هن کي وٺي آئين ڇا؟"

"اوهو. ڪنهن کي ٻي ٻجي سڏايو هو راڻي. ذرا اسانکي به ته ٻڌاءِ." گيسو هنجي ٻانهن ۾ چنهنبڙي پائيندي چيو.

"اف! ماري وڌئي" گيتا ٻانهن کي اچل ڏيندي چيو. "بيدرد ڪٿان جي. اهو سڀ پنهنجي انهي اختر ميان کي ڏيکاريندي ڪر ۽ جيئن ٿي مٿي تي ساڙهي جو پلؤ وجهڻ لاءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين تيئن ڏٺائين ته چوٽي ڏاڳي سان ٻڌي پٽي آهي. پر گيتا اجان ڪجهه چوي تنهن کان اڳيئي گيسو چيو. "يا صنم! اڙي ويچاريءَ جا حال ته ڏسو. مون ته ٻڌو هو ته ننڊ نه اچي، انلاءِ ڇوڪرا پنهنجي چوٽي ڪلي ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. پر اها ڄاڻ ڪانه هيم ته هاڻي ڇوڪرين به ساڳي ڪار شروع ڪري ڇڏي آهي."

گيتا چوٽيءَ مان ڏاڳو ڪوليندي چيو." بس ستائڻ لاءِ مان ٿي توکي مليس نه! اختر ميان اچئي ته هنجي چوٽي ٻڌي انهي کي نچائجان. هاڻي ٿي هيٺ ڇتڙي جو ٿي پيئي آهين!"

"اڙي راڻي! هن کي چوٽي ڪٿي آهي! هو ته ميان آهي. ميان!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چوڻي نہ. تہ ڏاڙهي ٻڌجانس."
"ڏاڙهي! خدا خير ڪري. ڏاڙهي رکي تہ مان تي هن سان محبت ڪريان!"
گيتا کلڻ لڳي.
"وٺ امان تنهنجي لاءِ مٺائي موڪلي آهي. تون آڻينءَ چو نہ؟"
"ڇا ٻڌايانءِ؟"
"ٻڌاءِ ڪجهہ ڪو نہ. وري ڪڏهن ايندينءَ؟"
"ٻڌ گيسو هن اڱاري ... نہ اربع تي پڪي اچڻي آهي. هوءَ واپس ويندي نہ، تنهن کان پوءِ ايندي."
"چڱو. مان هلان ٿي اجان ڪامنيءَ ۽ پريا کي مٺائي پهچائڻي آهي." گيسوءَ اٿندي چيو.
"اڙي ويهہ نہ." گيتا گيسوءَ جو رئو پڪڙي هن کي ڇڪي ويهاريندي چيو. "اچي آئي هو. ٻيٺي، اچي دامن سنڀالا هئي!"
"آ ها! هاڻي تہ تون بہ اردو شاعري ڪرڻ سکي وئينءَ." گيسوءَ ويهندي چيو.
"تنهنجو ئي مرض لڳو آهي." گيتا کلندي چيو.
"ڏسجان متان بيا بہ مرض لڳي وڃني! پوءِ تہ تنهنجي لاءِ بہ انتظام ڪرڻو پوندو." گيسوءَ گيتا جي پير ۾ پلنگ تي ليٽندي چيو.
"اڙي هي ڳڙ ڪونهي جو ماڪوڙيون ڪاٺين."
"ڏسنديس ڏسنديس ڇا، ڏسي رهي آهيان تہ گذريل ٻن سالن کان تون ڪيڏي نہ بدلجي وئي آهين. اڳي ڪيترو کلندي نچندي هئينءَ. ڪيترو نہ جهيڙو جهٽو ڪندي هئينءَ هاڻي بہ کلين ڳالهائين تہ ٿي، پر پوءِ بہ ڇڻ پاڻ ۾ ئي ٻڏل رهڻ شروع ڪري ڇڏيو اٿئي. ٻاهران کلين برابر پيئي پر اندر ۾ ڇڻ هردم ڪا لڪن لڳي پيئي اٿئي."
گيسو گيتا ڏانهن نهاريندي چيو.
"هٽ، پاڳل ڪٿي جي!" گيتا گيسوءَ جي ڳل تي هلڪي ٿڦڙ هڻندي چيو. "اهي سڀ تنهنجا خيالي پلاءَ آهن. مون کي ڪنهن جي لڳن لڳندي! منهنجي ڳروءَ مون کي اهڙي سکيا ئي ڪا نہ ڏني آهي."
"گيتا راڻي اهي ڳالهيون ڳرو ڪو نہ سيکاريندا آهن. زندگي نہ ڄاڻ ڪڏهن، نہ ڄاڻ ڪيئن، ازخود اهي ڳالهيون سيکاري ڇڏيندي آهي ۽ سچ ٻڌاءِ گيتا! بلڪل سچ ٻڌائجان، ڇا تنهنجي دل ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن لاءِ محبت نہ جاڳي آهي؟" گيسوءَ هينئر اهو سوال گنڀير ٿي پڇيو.
"ڏس گيسو هيل تائين مون ڪڏهن بہ توکان ڪا ڳالهہ ڪو نہ لڪائي آهي ۽ نہ شايد اڳتي بہ تو کان لڪائيندس. ڪا بہ ڳالهہ هجي ها تہ توکان لڪل رهي سگهي ها. باقي رهي محبت جي ڳالهہ. سچ پڇين تہ ڪهاڻين ۾ جو پڙهبو آهي تہ ڪنهن کي ڏسي روئڻ اچي ويندو آهي، کلڻ شروع ڪبو آهي، ڳائڻ لڳبو آهي، پاڳل ٿي وڃبو آهي، اهو سڀ اڄان تائين مون سان ڪڏهن ڪو نہ ٿيو آهي. باقي شعر .... اهي تہ مون کي ڏاڍا وڻندا آهن. ڪيٽس (Keats)جا شعر پڙهي تہ ايئن محسوس ٿيندو اٿم تہ منهنجي نس نس لڙڪ ٻڌجي ڳڙڻ ٿي شروع ڪري، مگر اهو تہ رڳو شاعريءَ جو اثر آهي."
"فقط شاعريءَ جو اثر آهي!" گيسوءَ وري پڇيو. "ڪڏهن ڪنهن خاص ماڻهوءَ لاءِ تنهنجي دل ۾ خوشي يا لڙڪن جو ساگر ڪو نہ اٿلي؟ تون پنهنجي دل وري بہ چڱيءَ طرح ڦولهي ڏس تہ انهيءَ تنهنجيءَ نازڪ خياليءَ پنيان ڪنهن جي صورت تہ ڪانہ لڪي ويٺي آهي؟"
"نہ سکي گيسو. ان ۾ من ڦولهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اهڙي ڳالهہ هجي ها، منهنجو من ڪنهن ڏانهن مائل هجي ها تہ ڇا مون کي خبر نہ پوي ها!" گيتا پل ترسي وري چيو، " پر تون ايئن چو ٿي سمجهين؟"
"ڳالهہ هيءَ آهي گيتو! گيسوءَ هينئر گيتا کي پنهنجي هنج ۾ ڇڪيندي چيو. "ڏس، تون مون کان علم ۾ برابر اڪابر آهين. انگريزي شاعريءَ جا برابر خوب ورق اٿلايا اٿئي مگر زندگيءَ سان جيڪو منهنجو واسطو پيو آهي سو تنهنجو اڄان ڪو نہ پيو آهي. من ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿي پنهنجو هرڪ هاري ٿو ويهي تنهن جي خود اسان کي بہ خبر ڪا نہ پوندي آهي. خبر تڏهن پوندي آهي، جو جنهن جي قدمن ۾ اسان ڪنڌ نوايو هوندو آهي، اهو اوچتو جهٽڪو ڏئي پنهنجا قدم هٽائي وٺندو آهي. ان وقت اسان جي ننڊ ڦٽيو پوي ۽ پوءِ اسين سجاڳ ٿي ڏسندا آهيون تہ اڙي، اسان جو ڪنڌ تہ ڪنهن جي قدمن تي رکيو هو ۽ ان جي سهاري ئي اسان آرام جي ننڊ ۾ سپنا پيئي لڌا تہ اسان جو ڪنڌ ڪنهن اڳيان نميو ئي ڪونهي. مون کي تنهنجي اکين ۾ بہ نہ ڄاڻ ڇو انوکي ڳالهہ پيئي نظر اچي، جنهن مون کي بيچين بڻائي ڇڏيو آهي. تو برابر مون کي ڪجهہ ڪو نہ چيو آهي، پر مون ڏٺو آهي تہ نازڪ طبع شعر اڄ ڪلهہ تنهنجي دل جي ان تهہ کي ڇهن ٿا ڇهن. جنهن کي اهي شعر فقط تڏهن ڇهي سگهندا آهن جڏهن دل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي قدمن ۾ پيٽ چڙهي ڇڪي هوندي آهي. مان توکي ڊوراپو ڪو نه ٿي ڏيان تہ تو مون کان ڪجهہ لڪايو آهي. ڪهڙي خبر تہ خود تنهنجي دل اجان توکان ئي اها ڳالهہ ڳجهي رکي هجي.“ ۽ پوءِ گيتا جي ڪلهن تي هلڪيون ٿڦڪيون هڻندي ان چيو. ” مگر منهنجي هڪ ڳالهہ مڃيندينءَ؟ منهنجي صلاح اٿئي تہ تون ڪڏهن بہ اها مصيبت ملهہ نہ ڳنهجانءِ. ڏاڍا عذاب اٿئي ان ۾.“

گيتا کلڻ لڳي. ”عذابن جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! تون جا ويٺي آهين. ان مرض جو علاج تو کان پڇي وٺنديس.“

”مونکان ڇا پڇندينءَ؟“

درد دل ڪيا بانٽني ڪي چيز هئي؟
بانٽ لي اپني پرائي درد دل

”نہ گيتو. تون بي حد نازڪ آهين. تون انهن تڪليفن لاءِ پيدا ڪا نہ ٿي آهين. منهنجي چمپا راڻي!“ ۽ گيسو هن جومنهن پنهنجي سيني ۾ ڪٺي لڪايو.

ٺن ڪري گهڙيال ساڍن ٺن بجن جي ڄاڻ ڏني. گيتا مٿو کنيو ۽ گهڙيال ڏانهن نهاري چيائين. ”اف. ساڍا ٺي لڳي ويا ۽ هو اجان تائين غائب!“

”ڪنهن جي فڪر ۾ هيئن بيتاب آهين!“ گيسو بہ اٿي ويهندي سوال ڪيو.

”بس درد دل، محبت، بيتابي! اڄ ڪلهہ تنهنجي دماغ ۾ فقط اهي ئي ڳالهيون ڀريون پيون آهن. انتظار ڪنهن جو ئي ڪونهي. چندر ماستر ڪي وٺي اچڻو آهي. امتحان ۾ خبر اٿئي، باقي ڏينهن گهٽا آهن.“

”اها برابر ڳالهہ آهي. مون کان پڇيو اٿئي تہ هيلتائين ڇا پڙهيو اٿر . ڳالهہ دراصل اها آهي تہ ڪاليج ۾ ڪجهہ پڙهائيندا هجن تہ اسان کي گهر ۾ بہ پڙهڻ ٿي چاهہ ٿئي. پر راجا ڪاليج ۾ بہ جهڳو ئي جهڻ لڳو پيو آهي. انهيءَ ڪان گيتو بئي ڪنهن ڪاليج ۾ وڃي پڙهون ها تہ نيڪ هو. مون کي امان انهيءَ ڪري بئي ڪاليج ۾ ڪو نہ موڪليو جو اتي ڇوڪرا بہ گڏ تا پڙهن. پر گيتا، تون ڇو نہ بئي ڪنهن ڪاليج ۾ داخل ٿينءَ؟“

مون کي بہ چندر منع ڪئي.“ گيتا چيو. اوچتو گيسو گيتا جي اکين ۾ يڪ ٽڪ نهارڻ لڳي. پوءِ چيائين. ”گيتا، تو کان هڪ ڳالهہ پڇان!“

”پڇ“

”نهيو“

”پڇ نہ؟“

”پڇانءِ ڇا؟ ايئن ئي ظاهر آهي!“

”ڇا ظاهر آهي؟“

”ڪجهہ نہ.“

”ٻڌاءِ نہ؟“

”چڱو. بئي ڪنهن وقت ٻڌائيندي سانءِ. هينئر دير ٿي ٿئي. اڌ ڪلاڪ اڳين ئي لنگهي ويو. گاڏي ٻاهر بيٺي آهي.“

گيتا گيسوءَ کي ڇڏڻ لاءِ ٻاهر تائين آئي.

گيتا چيو. ”ڪڏهن حسرت کي بہ وٺي اچ نہ!“

”هينئر ڀهرين تون اچ. “گيسوءَ ويندي ويندي چيو. ”ها، بنتي اچي تہ مان هن کي وٺي ايندس ۽ حسرت کي چئجانءِ تہ مان سندس لاءِ سوکڙي وٺي ايندس.“

”چڱو سلام ....“

گيسوءَ جي گاڏي اجان ٻاهرئين دروازي کان ٻاهر ڪا نہ نڪتي هئي تہ سامهون سائيڪل تي چندر ايندو نظر آيو. گيتا غور سان ڏٺو تہ هن سان گڏ بيو بہ ڪير آهي يا نہ. هو اڪيلو ئي پئي آيو.

گيتا سچ پچ ڪاوڙجي وئي. بيپرواهيءَ جي بہ حد ٿيندي آهي. چندر کي ٻيا سڄي دنيا جا ڪم ياد پوندس، پر گيتا سان الائي ڪهڙو وير اٿس. جو هن جو ڪم ڪڏهن ياد ڪو نہ ڪندو. انهيءَ تي گيتا ڪڏهن ڪڏهن تمام ڏکي ٿيندي آهي. گهر ۾ پلا ٻيو ڪنهن کي ڪم لاءِ چوي. پاڻ ڪڏهن ٻاهر وڃي ڪا نہ. نتيجو اهو نڪري جو رواجي ۾ رواجي شئي لاءِ بہ محتاج ٻڌجي ويٺي رهي. ٻيا ڪم تہ نوڪرن هٿان بہ ڪرائي سگهي ٿي، پر ماستر تہ نوڪر ڪو نہ آٺي ڏيندو. پشم جو رنگ تہ نوڪر ڪو نہ پسند ڪري وٺي ايندو. ڪتاب ٺوروٺي نوڪر آٺي سگهندو. چندر جي انهن حالن تي گيتا ڪڏهن ڪڏهن روٺي ويهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر سائيڪل ورانڊي ۾ رکي ۽ گيتا جومنهن ڏسندي ئي سمجهي ويو. ”هيئن منهن ڇو سڄايو اٿئي؟ پنجين بجي تنهنجو ماستر صاحب اچي ويندو. مان سڌو هن وٽان پيو اچان.“ ائين چئي چندر سڌو اپياس واري ڪمري ۾ پهتو. ڏٺائين ته ڊاڪٽر شڪلا ڪي آرام ڪرسيءَ تي ليٽئي ليٽئي جهوٽو اچي ويو آهي. هن پنهنجو نقشو ۽ مس ڪنئي ۽ ڊرائنگ روم ۾ ويهي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

هو اڄ بيحد گنڀير هو. جڏهن هن مس گهوٽڻ لاءِ گيتا کان پاڻي نه گهريو ۽ خود گلاس کڻي اڱڻ ۾ پاڻي پرڻ آيو ته گيتا سمجهي ويئي ته اڄ هن جو دماغ مڙيوئي بگڙيل آهي. گيتا ڀلا ڪري به ڇا! هوءَ ڀلي چندر سان ڪيترو به ضد ڪري، پر جڏهن چندر کي غصو ايندو آهي ته سندس روح ڏڪي ويندو آهي. صرف اندر ئي اندر پريشان ٿيڻ لچندي رهندي آهي.

هوءَ ڪيترن ئي بهانن سان ڊرائنگ روم ۾ آئي. ڪڏهن گلدستي ۾ گل ٺاهڻ، ڪڏهن ميز جو پوش بدلائڻ، ڪڏهن ڪبٽ ۾ ڪجهه رکڻ، ڪڏهن ڪبٽ مان ڪجهه ڪڍڻ. مگرچندر سڄو وقت پنهنجي نقشي ۾ منهن وجهي ويٺو رهيو. هڪ دفعو به سڪٽو ڪنڌ کڻي هن گيتا ڏانهن نه نهاريو. گيتا جي اکين ۾ آنسو ڀرجي آيا. هوءَ چپ چاپ اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي. ٿوريءَ دير بعد هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. روئندي رهي، خوب روئندي رهي ۽ پوءِ منهن ڌوئي اچي پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر اتي به جڏهن هر ورق ۾ کيس چندر جو اداس چهرو نظر اچڻ لڳو ته هوءَ ڪتاب بند ڪري ڊرائنگ روم ۾ پهتي. چندر به نقشي جو ڪم بند ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪرسيءَ تي ليٽي ڇت ڏانهن نهاري، نه ڄڻ ڇا پئي سوچيائين. هوءَ وڃي هن جي سامهون ويٺي ته چندر ڇرڪ ڀري ڪنڌ ڪنيو ۽ پوءِ نقشو سيري سامهون ڪيائين. گيتا هينئر پنهنجي سموري همت ڪٺي ڪري چيو .....

”چندر!“

”ڇا آهي؟“ چندر جو آواز بيحد ڀريل هو.

”هيڏانهن نهار.“ گيتا ڏاڍي ٻسڪ سان چيو.

”ڇا هي؟“ چندر هن ڏانهن نهاريندي چيو. ”اڙي گيتا. تون روئين ڇو ٿي؟“

”تون منهنجي ڳالهه تي ناراض ٿي وئينءَ مان ڀلا ڇا ڪريان! منهنجو سياءُ ئي اهڙو ٿي ويو آهي. نجاڻ تو تي ايڏي ڪاوڙ ڇو ٿي اچي وڃيم!“ گيتا جي ڳلن تان به موتين جيڏا ٻه لڙڪ لڙي پيا.

”اڙي پڳلي! تنهنجو دماغ ته تمام جلد خراب ٿي ٿو وڃي. سمجهان ٿو ته مون توکي ڪجهه مڙيوئي چيو آهي.“

”چوين ها ته دل کي سڪون ملي وڃي ها. تو کي مون ڪڏهن جهليو آهي ته تون مون کي ڪجهه نه چئو. يا تون بگڙج نه. مگر تون دل ئي دل ۾ غصو سانڍي ويٺو رهين. مون کي انهيءَ تي ئي روئڻ ٿو اچي.“

”نه گيتو، تنهنجي ڪا به ڳالهه نه آهي“ مون کي ڪاوڙ به ڪا نه هئي. پر من نه ڄاڻ، ڇو ڏاڍو ڳورو ٿي پيو آهي.

”ڪهڙي ڳالهه آهي، مون کي ٻڌاءِ نه! پر سچي، مان آهيان ڪير، جنهن کي تون اهو سڀ ڪجهه ٻڌائين.“ گيتا جي آواز ۾ بيحد دک ڀريل هو.

”تنهنجو دماغ سچ پچ خراب ٿي ويو آهي، توکان ڀلا مون ڪڏهن ڪا ڳالهه لڪائي به آهي ! وڃي پهرين سنين ڇوڪرين جيان منهن ڌوئي اچ.“

گيتا اٿي ۽ منهن ڌوئي واپس موٽي سامهون اچي ويٺي.

”هاڻي ٻڌاءِ، ڪهڙي ڳالهه هئي.“

هڪڙي ڳالهه هجي ته ٻڌايانءِ. بس هتان نڪتس ته هڪ ٻئي پٺيان اهڙيون ڳالهيون ٿينديون ويون جو من بيحد اداس ٿي ويو.“

”پر ڪا ته ڳالهه ضرور ٿي هوندي نه!“

”ڳالهه هيءَ ٿي جو تو وٽان هتان سڌو ويس گهر ماني کائڻ. اتي ڏسان ته چاچو صاحب اچي ويو آهي. هن سان گڏ هڪ ٻيو صاحب پڻ آيل هو. خير، جڏهن کائي پي اٿياسين ته معلوم ٿيو ته چاچو صاحب منهنجي شاديءَ جو فيصلو ڪرڻ آيو آهي ۽ هو ٻيو صاحب منهنجو ٿيڻ وارو سهرو صاحب آهي. مون جڏهن هن کي انڪار ڪيو ته هو بيحد بگڙجي ويو. اوڏي مهل ئي ٽپڙ کڻي هليو ويو ۽ ويندي ويندي چوندو ويو ته اڄ کان وٺي اسين تو لاءِ مري چڪاسين ۽ اسين به توکي پنهنجي لاءِ مئل ئي سمجهنداسين.“

”پر تنهنجي امڙ ڪٿي آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پرتاب ڳڙهه ۾. مگر هوءَ ته ماتيلي ماءُ آهي. هن جي مرضي ٿي ڪانهي ته مان گهر موٽان." پر هن چاچي صاحب جو مون سان سچ پچ پيار هو. اڄ اهو به ناراض ٿي هليو ويو.

گيتا ڪجهه دير سوچيندي رهي. پوءِ چيائين. "سچ چندر، تون شادي ڇو نه ٿو ڪرين؟"

. "نه گيتا، مون کي شادي ڪا نه ڪرڻي آهي. مون ته هميشه ٿي ايئن ڏٺو آهي ته شادي ڪري ڪو به سکي ڪو نه ٿيو آهي. سپني جو آئينو بڪرجيو وڃي. سو اها مصيبت مٿي تي ڇا لاءِ سوار ڪجي! نه ڄاڻ ڪهڙي ڇوڪري نصيب ۾ پوي!"

"نه انهيءَ ۾ منجهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي! تون پاپا کي چئو. هو وڃي ڏسي ڇوڪري پسند ڪري ايندو. مان به پاپا سان گڏ هلي وينديس. سچ سٺي ڇوڪري هجي ته شادي ڪري ڇڏ. پوءِ پاڻ هتي اچي رهج. مان به اڪيلي ڪا نه ٿينديس. ڪيئن؟"

"نه. نه. تون سمجهين نه ٿي. سچي زندگي گنارٽي آهي. ڳڻون. ميڻهن ٿورروئي خريدٽي آهي." چندر کلي جواب ڏنو."انسان هڪ ٻئي کي سمجهي، پرکي. پيار ڪري تڏهن ئي شاديءَ کي مطلب ٿي سگهي ٿو."

"ته جنهن کي پيار ڪندو هجين انهيءَ سان ڪٿي شادي ڪر."

چندر کو به جواب ڪو نه ڏنو.

"ٻڌاءِ نه. چپ ڇو ٿي وئين؟ ڀلا ٻڌاءِ چندر، تو ڪڏهن ڪنهن کي پيار ڪيو آهي؟"

"ڇو؟"

"ٻڌاءِ نه؟"

"شايد ڪو نه ڪيو اٿم."

"بلڪل ٺيڪ. مون پاڻ ايئن ٿي ٿي سمجهيو." گيتا چيو.

"اهو ڪيئن؟ تو اهو ڪيئن سمجهيو؟"

"انهيءَ ڪري جو تون ڪنهن کي پيار ڪندو هجين ها ته مون کان ٿورو ٿي لڪائين ها. مون کي ته ضرور ٻڌائين ها. ۽ تو جو ڪڏهن به مونکي ٻڌايو ڪونهي ته مان سمجهي ويس ته تو اڃا ڪنهن سان پيار نه ڪيو آهي."

"مگر تو اهو سوال پڇيو ڪيئن؟ اهو سوال تنهنجي من ۾ اٿيو ڪيئن؟"

"ايئن ئي. ٿورو وقت اڳي گيسو آئي هئي. پڇڻ لڳي، تو ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي.دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته هوءَ اختر کي پيار ڪندي آهي. هن سان جلد ئي شادي ٿيڻي اٿس. سو انهيءَ ڪري ئي هن پڇيو ته تو ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي. مون چيومانس: نه. چيائين ته تون مون کان لڪائين ٿي. تڏهن مان پنهنجي دل ئي دل ۾ سوچيندي رهيس ته تون اچين ته توکان پڪ ڪريان ته مون ڪڏهن ڪنهن سان سچ پچ پيار ڪيو ته ڪونهي. چاڪاڻ ته تون ئي آهين جنهن کان منهنجي دل جي ڪا به ڳالهه لڪل ڪا نه آهي. ٻين کان به جيڪي لڪائيندي آهيان، سو توکي ٻڌائي ڇڏيندي آهيان. ويچار آيم ته ممڪن آهي، مون ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو هجي. توکي ان بابت ٻڌايو به هجيم ۽ پوءِ مونکان وسري ويو هجي. تنهن ڏينهن کو نه ائين ٿيو. پاپا جي دوا جو نالو مون کان صفا وسري ويو هو پر توکي ياد هو. سو سمجهيم ته شايد مون کان وسري ويو هجي پر توکي ته ضرور ياد هوندو. ٻڌاءِ، مون ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي ڇا؟"

"مون سان ڳالهه ڪا نه ڪئي اٿئي."

"ته پوءِ پڪ ٿي پڪ مون ڪنهن سان به پيار ڪو نه ڪيو آهي. گيسو ايئن ئي ڏکو هٽي رهي هئي."

گيتا سامت جو ساهه کڻي، وري چيو. "بس چاچي جي ناراض ٿي وڃڻ سبب ٿي توکي هيڏو ڏک ٿيو آهي! ٿي وڃي ناراض. پاپا اڃان وينو آهي نه. اهو ڇا توکي گهٽ گهرندو آهي؟"

"اهو ته برابر گهرندو آهي. تو کان وڌيڪ ته مون کي پائيندو آهي، مگر چاچي جي ڳالهه سچ پچ منهنجي من کي سخت ڌڪي بنائي ڇڏيو. پوءِ ويس بسريا وٽ. بسريا ڏاڍا سٺا گيت ٻڌايا ته من اڃان به وڌيڪ ڳورو ٿي ويو."

"ته پوءِ تون ضرور ڪنهن کي پيار ٿو ڪرين. اصل سورنهن آنا خاطري آهي." گيتا هٿن سان تاڙيون وڄائيندي چيو.

"سو ڪيئن؟"

"گيسو چوي ٿي جيڪو گيت يا شعر ٻڌي اداس ۽ گنڀير ٿيجي وڃي، ان کي ضرور ڪنهن سان محبت آهي. اڙي هي دروازي وٽ ڪير بيٺو آهي!"

چندر اوڏانهن نهاري چيو. "او .... بسريا اچي ويو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر هن کي وٺي اچڻ لاءِ اٿيو تہ گيتا هن کي چيو. "ٿورو وقت هن کي ٻاهر ويهارج جيستائين مان ڪمرو ٺيڪ ڪري وٺان."

بسريا کي ٻاهر ويهاري چندر اندر پنهنجو نقشو ۽ ٻيو سامان بند ڪرڻ لاءِ آيو تہ گيتا چيو. "ٻڌ!"

چندر بيهي ويو.

گيتا هن جي پرسان وڃي چيو. "هاڻي تہ تون اداس ڪو نہ آهين نہ.؟ مرضي نہ اٿئي تہ شادي نہ ڪر. انهيءَ ۾ اداس ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. ٻي ڳالهہ ٻڌ. اڻين شاعري ٻاعريءَ تي منهن ٻچڙو ڪري ويهندين تہ ٺيڪ نہ ٿيندو."

چندر چيو. "چڱو."

"چڱو ڀڳو نہ هلندو. توکي منهنجو قسم آهي. تون اڻين اداس ۽ ملول ٿي تو وڃين تہ مون ڪان ڪو بہ ڪم نٿو ٿئي."

"پڳلي! چڱو سائين. اداس ڪونہ ٿيندس." چندر هن جي ڳل تي هلڪي چماٽ هڻندي چيو ۽ پوءِ بيخبريءَ ۾ ئي هن ڪان سرد آه نڪري ويئي. هو پنهنجو نقشو کڻي اپياس واري ڪمري ۾ پهتو تہ ڊاڪٽر شڪلا اڃان ننڊ ۾ هو. گيتا اجا ڪمرو ٺيڪ پئي ڪيو ۽ چندر ٻاهر اچي بسريا وٽ ويٺو.

ٿوري دير بعد ڪمرو ٺيڪ ڪري گيتا دروازي وٽ اچي بيٺي. چندر پڇيو. "ڪيئن. سڀ ٺيڪ ٿي ويو؟" هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

"هيءَ ئي آهي توهان جي شاگرديائي. ڪماري گيتا شڪلا. هن سال بي اي جو امتحان ڏيندي."

بسريا اڪيون متي کڻڻ کان سواءِ هٿ جوڙي سلام ڪيو. گيتا موٽ ۾ هٿ جوڙيا ۽ پوءِ ڏاڍو شرم محسوس ڪرڻ لڳي. چندر اٿيو ۽ بسريا کي آڻي اندر ڪمري ۾ ويهاريائين. بسريا جي سامهون گيتا ۽ پر ۾ چندر. خاموش. سڀيئي خاموش.

نيٺ چندر چيو. "تنهنجو ماسترصاحب اچي ويو آهي. ٻڌائينس تہ تو کي ڇاڇا پڙهڻو آهي."

گيتا وري بہ چپ. بسريا بہ ڪڏهن هيڪڙو، ڪڏهن ٻيو ڪتاب تي ڪٽي ڏنو. ٿوريءَ دير بعد نيٺ سوال ڪيائين. "توهان جا سبجيڪٽ ڪهڙا آهن؟"

"جي!" گيتا ڏاڍي ڪوشش سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. "هندي. ايڪانمڪس ۽ جاگرافي." چوندي چوندي هن جي نرڙ تي پگهر جون بوندون چمڪڻ لڳيون.

"توهان کي هندي ڪير پڙهائيندو آهي؟" بسريا جون نگاهون اڃان بہ ڪتاب ۾ ئي اٽڪيل هيون.

گيتا چندر ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ مشڪي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيائين.

"تون پاڻ ٻڌائينس نہ. هيءَ راجا گرلس ڪاليج ۾ پڙهندي آهي. شايد ڪماري پوار هن کي هندي پڙهائيندي آهي." ايترو چئي چندر اٿي ڪڙو ٿيو. "چڱو. هينئر توهين هن کي پڙهايو تہ مان وڃي پنهنجو ڪم ڪريان." ۽ چندر اپياس واري ڪمري ڏانهن هليو. هو اجا دروازي وٽ مس پهتو تہ گيتا بسريا کي چيو. "جي ... مان پين کڻي ٿي اچان." ۽ هرڻيءَ جيان ڊوڙندي چندر وٽ پهتي.

"اي چندر ٻڌ." چندر رڪجي ويو. گيتا هن جي قميص جي ڪنڌ پڪڙي. ننڍن ٻارن جيان لاڏ ڪندي چيو. "تون هلي ويهہ تہ مان پڙهنديس. هونءَ مون کي لڄ ٿي اچي."

"هل. سچو وقت رڳو ٻاراڻي!" چندر هن کي جهڻڪيندي چيو. "هلي سڌي تي ويهہ پڙهہ. هيڏي وڏي ٿي ويئي آهين. اڃان ساڳيون عادتون."

گيتا چپ چاپ منهن لٽڪائي بيهي رهي ۽ پوءِ ڏيري ڏيري بسريا وٽ اچي پڙهڻ ويٺي. چندر اپياس واري ڪمري ۾ پنهنجو نقشو ٺاهڻ لڳو. ڊاڪٽر صاحب: اڃان ننڊ ۾ هو. هڪ مک هن جي ڳل تي اچي ويٺي. ڏائي هٿ سان ان مک کي اڏائيندي هن ننڊ ۾ ڳالهائيندي چيو. "هن معاملي ۾ مان سرڪاري موقف سان اختلاف ٿو ڪريان."

چندر چرڪ پري پنيان نهاريو. ڊاڪٽر صاحب جي اک کلي ويئي هئي ۽ هن اوٻاسي پئي ڏني.

"توهان مون کي ڪجهہ چيو؟" چندر پڇيو.

"نہ. ڇا مون هينئر ڪجهہ چيو! اوهہ. مون شايد سپنو پئي لڌو. لڳا ڪهڙا آهن؟"

"ساڍا پنج"

شام ٿي ويئي آهي!" ڊاڪٽر صاحب دريءَ کان ٻاهر نهاريندي چيو. "هينئر ڇڏ چندر. اڄ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو اٿئي. گيتا ڪٿي آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي ويني. اڄ ڏان هن جو ماسٽر صاحب اچي ويو آهي."
"ڇگو هن کي بہ وڃي سڏي اچينس ۽ چانهہ بہ گهرائي وٺ. کيس بہ سڏي وٺ ... گيتا کي."
چندر ڊرائنگ روم ۾ ٻهتو تہ ڏٺائين تہ گيتا ڪتاب ٻيٺي سهيڙي ۽ ٻسريا اگيئي وڃي ڇکو آهي.
هن گيتا کي ڪجهہ چوڻ چاهيو پر هن ڏانهن نهاريندي ٿي انومان ٿيس تہ اڄ هوءَ جهڳڙي ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهي آهي. انهيءَ ڪري هو خود وڃي مهراڄڻ کي چئي آيو تہ چانهہ جا ٽي پيالا اپياس واري ڪمري ۾ پهچائي وڃ.
هو موٽيو پئي تہ گيتا سندس رستو روڪي بيهي رهي ۽ چڻ ڌمڪي ڏيندي چيائينس. "سپاٽي ڪان تون بہ گڏ نہ ويهندين تہ مان ڪا نہ پڙهندس."
"مان گڏ ڪو نہ ويهي سگهندس. توکي پڙهڻو هجي تہ پڙهہ. نہ پڙهڻو هجي تہ نہ پڙهہ." چندر نهايت تڏي آواز ۾ چيو ۽ اڳتي وڌيو.
"تہ پوءِ مان ڪا نہ پڙهندس." گيتا زور سان چيو.
"ڪهڙي ڳالهہ آهي، ٻئي وڙهو ڇو پيا؟" ڊاڪٽر شڪلا پنهنجي ڪمري مان آواز ڏيندي چيو. چندر ڪمري ۾ داخل ٿيندي چيو. "ڪجهہ ڪونهي. هيءَ چوي ٿي تہ ...."
گيتا هن کي وچ ۾ ٽي ڪٽيندي چيو. "ڀهرين مان چوندس. پاپا، مون هن کي چيو تہ ماسٽر پڙهائڻ اچي ٿو. اوڏي مهل تون بہ اتي ويهہ. هونءَ مون کي ڏاڍي لڄ ٿي اچي. هي چوي ٿو پڙهہ نہ پڙهہ، مان ڪو نہ ويهندس."
"ڇگو ڇگو، تون ڀهرين چانهہ کڻي اچ."
جڏهن گيتا چانهہ کڻڻ ويئي تہ ڊاڪٽر شڪلا چيو. "ماسٽر پروسي جوڳو آهي نہ. گيتا هينئر ابوجهہ ڪونهي. هن کي پنهنجي گهر جو سمجهي ڪنهن پروسي واري ماسٽر جي ئي حوالي ڪج."
"ها... ها. آها بہ ڪا چوڻ جي ڳالهہ آهي."
"ها ٺيڪ آهي. هيل تائين تہ گيتا فقط تنهنجي ئي نگهبانيءَ هيٺ رهي آهي. تون بہ پنهنجي جوابداري سمجهندو هوندين. ماسٽر ڇا هنديءَ ۾ ايم- اي آهي؟"
"نہ. ايم اي ۾ پڙهندو آهي."
"ڏاڍو سٺو. ٻنتي بہ اچڻي آهي. اڳو پوءِ هن کي بہ پڙهائيندو."
گيتا چانهہ کڻي پهچي ويئي.
"پاپا، توهين لکنئوءَ ڪڏهن ويندا؟"
"شڪر وار ڏينهن ڇو؟"
"۽ هي بہ توهان سان گڏ هلندو؟"
"ها."
"۽ مان اڪيلي رهنديس؟"
"اڪيلي ڇو رهندينءَ؟ مهراڄڻ هتي اچي سمهندي ۽ اسين بہ سومر ڏينهن موٽي ايندا سين." ڊاڪٽر پيالو کڻي چانهہ پيئڻ شروع ڪئي.

●

شام مايوس، من اداس، طبيعت اچاٽ. ستارن جي روشني بہ زردي پئي محسوس ٿي.
مارچ مهيني جي شروعات هئي، تنهن هوندي بہ شام ڪيڏي نہ گرم هئي، يا شايد فقط گيتا جي دل ۾ ئي بيچيني هئي. ڀهرين هوءَ وڃي سامهون بينچ تي ويٺي. مگر پر واري سرنهن جي وڻ جي جهرڪين چوُن چوُن ڪري، ايڏو تہ وني شور مچايو جو هن جي طبيعت گهبرائجي ويئي. هن کي مانُ گهربي هئي. مڪمل سناٽو گهربل هو. جتي ڪير بہ نہ بولي، ڪا بہ ڳالهہ نہ هلي. سڀ ڪجهہ خاموشيءَ جي ساگر ۾ ٻڏل رهي.
هوءَ اتي ڦرڻ لڳي. جڏهن پيرن ۾ وڌيڪ هلڻ جي طاقت نہ رهيس تہ وري سبز گاهہ تي ليٽي پيئي.
اڱاري جي شام هئي ۽ پاپا اڃا ڪو نہ موٽيو هو. موٽڻ تہ درڪنار هوءَ تہ پاپا يا چندر جي مختصر چٺيءَ لاءِ واجهائي رهي آهي. ٻنهي مان ڪنهن بہ ڪو نہ لکيو آهي تہ موٽڻ ۾ دير ڇو ٿي اٿن ۽ هن وقت ڪٿي آهن. ڪنهن کي بہ گيتا جي ڳڻتي ڪا نہ ٿي ڏني. چنچر ۽ آچر ڏينهن تي هن ڪاڏي تي روئڻ شروع ڪري ڇڏيو. چانهہ جو تہ منهن ڪو نہ ڏنو هٽائين پر جڏهن سومر ڏينهن صبح جو بہ پاپا ڪو نہ موٽيو تہ هن ائين سڏڪا ڀري روئڻ شروع ڪيو جو رڌڻي مان مهراڄڻ کي چلهہ تان تڻو لاهي، ٻاهر جهڪي ڪري. هن کي پرچائڻ لاءِ اچڻو پيو. گيتا کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينءَ روئيندو ڏسي مهراڄڻ پڻ پريشان ٿي ويئي هئي. هن جو ڪاوڙجڻ وغيره سڀ ڪم ٿي ويو هو. هوءَ صرف ديپ جي منهن ڏانهن تڪيندي ٿي رهي. سومر ڏينهن هوءَ ڪاليج ۾ به ڪا نه ويئي. انتظار ڪندي رهي ته متان منجهند جو پاپا موٽي اچي. انهن ٻن ڏينهن ۾ هوءَ گيسوءَ سان به ڪا نه ملي هئي.

مگر اڳاري جي منجهند تائين به جڏهن ڪا خبر نه آئي ته هوءَ بي صبر ٿي پئي. منهن ڌوتائين، چانهه پيتائين ۽ پوءِ وري اچي ٻاهر ڇپر تي چڪر ڏيڻ لڳي. چڪر ڏيئي جڏهن ٿڪي ته ان ئي گاهه تي ليٽي پيئي.

شام بيحد اداس هئي! افق جي لالائي پڻ سياه ٿيڻجي ويئي هئي. بادل ساهه روڪي اچي بيٺا هئا. خاموش ستارا ٽمر ٽمر ڪري پئي چمڪيا. ڪونجون دور متي آڪاس ۾ قطارون ٺاهي، پر هلائيندڙيون اڏامنديون ٿي ويئون. گيتا هڪ سرد آهه ڀري سوچيو:

ڪاش مان به ڪونج هجان ها! پوءِ جيڪر هڪدم اڏامي جتي جي چاهيان ها. اتي جي خبر وٺي اچان ها. پاپا هينئر ڪيڏانهن گهمڻ ويو هوندو. چندر دوستن وچ ۾ ويٺو گپ شپ ۾ مست هوندو. هن پڪ ئي پڪ اتي به دوست ٺاهي ڇڏيا هوندا. چندر ڏاڍو سريلو آهي. سياءَ جو ڏاڍو مٺو آهي. اڄ تائين گيتا ڪنهن جي به واتان هن جي ڪا گلا ڪا نه ٻڌي هئي. سڀ ئي هن کي ڀائيندا آهن. ايتري قدر جو مهراڄڻ. جيڪا گيتا ۽ ٻين سان هميشه پيئي بگڙجندي آهي. سا به چندر جو هر ڳالهه ۾ پاسو وٺندي آهي. گيتا هر ڪنهن کان پڇندي آهي ته چندر بابت تنهنجو رايو ڇا آهي. مگر هر ڪو چندر جي جيتري تعريف ڪندو آهي. گيتا هن کي اهڙو سٺو ڪا نه سمجهندي آهي. چوندي آهي. انسان جي سچي پرک ان کي پوندي جيڪو رات ڏينهن هن سان گذاريندو هوندو. چندر هن کي پشم ڪڏهن ڪو نه آٽي ڏيندو آهي. بادامي رنگ جي پشم چويس ته ناسي رنگ جي وٺي ايندو آهي. هونءَ سچو ڏينهن پيو نقشا ليڪي. پر گيتا سالن کان چوندي اچيس ته ميز پوش تي ڪو گل ليڪي ڏئي ته اجا تائين اهو ڪم نه ڪيو هئائين. هڪ دفعي گيتا ڪانپور مان تمام سٺي وائل گهرائي. ڏسي، چندر چيس: هيءَ ته ڏاڍي سٺي وائل آهي. ڏي ته مان توکي ان جي ڪناريءَ تي گل ڇٽ ليڪي ڏيان. پري پائجانءِ. پوءِ هن ان تي پان جي پتي جي شڪل جهڙا نه ڄاڻ الائي ڇا ڪٽي ليڪيا. گيتا پڇيو: هي ڇا آهي. ته جواب ڏنائينس ته لنڪا جو نقشو آهي! جڏهن گيتا بگڙي ته چوڻ لڳو: چوڪرين جي دلين ۾ راوڻ کان وٺي مينگهناٿ تائين ڪروڙين دئيت وسندڙ آهن. انهيءَ ڪري انهن جي پوشاڪ تي لنڪا جو ڇٽ تمام سندر لڳندو. لڳي جو گيتا کي ڪاوڙ ته اها اهڙي اوچي ساڙهي پنهنجي مالهڻ کي ڏيئي ڇڏيائين. انهن ڳالهين جي پلا ٻين کي خبر ڪٿي آهي؟ انهن جي اڳيان ته بس چندر ٿورو مرڪيو. ٻه چار مذاقي ڳالهيون ڪري کين کلايائين. انهن جا وڏا وڏا ڪم ڪيائين ته سڀ سمجهن، چندر ته صفا گلاب جو گل آهي. مگر هو هڪ نوڪدار تيز ڪنڊو آهي جو ڏينهن رات گيتا جي دل ۾ چڀندو ٿو رهي، تنهن جي دنيا کي ڪهڙي خبر! دنيا کي ڪهڙي ڄاڻ ته چندر جون عادتون گيتا کي ڪيترو نه پريشان ڪنديون آهن. دنيا کي انهن ڳالهين جي خبر پئجي وڃي ته ڪير به جيڪر چندر جي تعريف نه ڪري. سڀ جيڪر گيتا کي ئي داد ڏين. گيتا ڪڏهن به ڪنهن کي اهي ڳالهيون نه ٻڌائيندي هئي. مگر اڄ هن جي دل تڙپي ٿي ته ڪير اڳيان هجيس جنهن کي دل کولي چندر جي برائين بابت ٻڌايان ۽ پنهنجو من هلڪو ڪريان.

"اٺ راڻي پٽ! هلي ماني کاءُ. پوءِ اندر هلي ليٽ. اجا ٻاهر ليٽڻ جي مند ڪا نه آئي آهي." اوچتو مهراڄڻ اتي پهچي، گيتا جي سپنن جي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو.

"مان هينئر ڪا نه کائيندس. مون کي بک ڪانهي!" گيتا اجا پنهنجي سونهري سپنن ۾ غلطان رهندي، مدهوش آواز ۾ جواب ڏنو.

"اتي هلي کاءُ پٽ! کائڻ پيئڻ کانسواءِ جيءُ ڪيئن هلندو. اٿ هل." مهراڄڻ ڏاڍي لاڏ سان چيو. گيتا چوٽڪاري جي ڪا به واهه نه ڏسي اتي ڪڙي تي ۽ کائڻ هلي. گرهه ڪٽندي ئي هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. مگر هن پاڻ کي روڪي ورتو. ٻين اڳيان پاڻ سنڀالڻ هن کي ايندو هو. گرهه ٻه کڻڻ بعد هن مهراڄڻ کان پڇيو. "اڄ ڪا چٺي ته ڪا نه آئي؟"

"نه راڻي! تون به ته سڄو ڏينهن گهر ۾ ئي هئينءَ نه!" "مهراڄڻ تٺي تي اڦراٽو اٿلائيندي چيو. "چو پٽ. وڏي بابوءَ ڪجهه نه لکيو ته ننڍي بابوءَ کي ته ٻه ٽي اکر لکڻ کپندا هئا نه؟"

"مان به ته اهو ئي رودن ويٺي روئان نه. مان پلي هتي سڏڪا ڀري ڀري مري ختم ٿي وڃان، پر اتي ته پاپا کي ڳڻتي، نه پاپا جي دادلي کي ڪو فڪر ۽ چندر ته اهڙو خراب آهي جو مان ڇا چوان! اهڙو خود غرض آهي، بس فقط پنهنجي مطلب جو! صبوح جو شام جو. ايندو. مان يا پاپا نه گڏيس ته بس سڄو گهر متي ڪٽي ڏيندو. سڄو ڏينهن پيئي گهمي، تنهنجو پير هينئر ڇيڳرو ٿي پيو آهي. سچ پچ چندر جي ڪارڻ ئي ته مون ڪٽي به اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڻ آهي جو اڄ لکنئوءَ. سڀاڻي ڪلڪتي، متان وري چنيءَ جا به لفظ لکڻ جي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرصت ڪا نہ ملنديس. مان ائين ڪريان ها تہ منهنجو ساهہ ڪڍي ڇڏي ها ۽ پاپا جا بہ حال ڏسو نہ. سندس لاڏلو ساڻ اٿس، تہ بس ٻئي ڪنهن جو فڪر ئي ڪو نہ اٿس. ٻڌءِ نہ مهراڄڻ، اڳتي تون چندر کي ڇانهہ پانهہ ڪجهہ بہ نہ ٿاهي ڏج."

"ڇو پٽ. هن کي هيئن هيترو ڳالهائين ڇو ٿي؟ ننڍو بابو تہ چنڊ جهڙو سهڻو آهي ۽ هميشہ پيو مرڪي، ماڻس نہ ڄاڻ کهڙي ڪنور دل واري آهي، جنهن ههڙي پٽ کي پاڻ کان الڳ ڪيو. ويچارو هوٽلن ۾ الائي کهڙا سڪا ٽڪر کائيندو هوندو. هن کي هتي گهرائي رهائينس تہ ڏس، مان پنهنجي هٿ سان هن کي کارائي ٻن مهينن ۾ کهڙو نہ موٽو بنائي ٿي ڇڏيان. مون کي تہ هن تي ڏاڍو قياس ايندو آهي."

اتي مالهڻ اندر اچي چيو، "بيبي جي، ٻاهر هڪ ميم. صاحب ٿي پڇي تہ هتي کهڙو ڊاڪٽر رهندو آهي. مون چيومانس تہ هتي ڊاڪٽر نہ. بابو صاحب رهندو آهي پر هوءَ چوي ٿي تہ ڊاڪٽر جو هيءُ ئي گهر آهي."

"تون هن کي ويهار، مان اچان ٿي." ۽ گيتا جلدي جلدي ڪاڏو ختم ڪري ورتو.

ٻاهر اچي ڏٺائين تہ نيل ڪنٺ وڻ جي آڌار تي هڪ سائيڪل رکي آهي ۽ هڪ عيسائڻ ڇوڪري باغ ۾ اچ وڃ پيئي ڪري. ٽيندي چوويهن يا پنجويهن سالن جي، پر لڳي ڏاڍي سني ٿي.

گيتا اڳتي وڌي هن کان انگريزيءَ ۾ پڇيو، "توهين ڪنهن جو پڇي رهيا آهيو؟"

عيسائي ڇوڪريءَ نج هنديءَ ۾ جواب ڏيندي چيو. "مان ڊاڪٽر شڪلا سان ملڻ آئي آهيان."

"هو تہ ٻاهر ويو آهي ۽ ڪا بہ خبر ڪانهي تہ ڪڏهن موٽي ايندو. توهان جو ڪو خاص ڪم آهي؟" گيتا وڌيڪ سوال ڪيو.

"نہ، ائين ئي ملڻ آئي هيس." هن سائيڪل ڏانهن وڌندي چيو.

"پر توهين پنهنجو نالو تہ ٻڌائي وڃو!"

"منهنجو نالو ايڏي اهميت وارو ڪونهي. مان وري اچي هن سان ملي وينديس. ها.... توهين هن مسٽر چندر کي سڃاڻندا آهيو؟"

"ها.... توهين پمي آهيو. مس ڊڪروز" گيتا کي هڪدم سجهي آيو. "اچو اچو، مان توهان کي ائين وڃڻ نہ ڏينديس. هلو، اندر هلو." گيتا ٻنا هٽڪ هن جي سائيڪل ۾ هٿ وجهي هن کي روڪيندي چيو.

پمي هن سان گڏ اندر ڊرائنگ روم ۾ پهتي. پميءَ ويهڻ کان اڳي سوال ڪيو، "مسٽر چندر رهندو ڪٿي آهي؟"

"رهندو تہ هو چونڪ ۾ آهي، پر اڄ ڪلهہ تہ هو پاپا سان گڏ ٻاهر ويل آهي. ٽنهن ڏينهن هن توهان جي ڏاڍي ساراهہ پئي ڪئي. هن کي مون ڪڏهن بہ ڪنهن ڇوڪريءَ جي ايڏي ساراهہ ڪندي ڪو نہ ٻڌو آهي!"

"سچ!" پميءَ جو چهرو لال ٿي ويو. "هو ڏاڍو سٺو آهي، ڏاڍو سٺو آهي."

ٿوري دير پمي خاموش رهي. پوءِ پڇيائين، "هن مون لاءِ ڇا ٿي چيو؟"

"گهڻو ئي چيائين. هڪڙي ڏينهن تہ سڄي شام اسين توهان بابت ئي ڳالهائيندا رهياسين. هن اهو بہ ٻڌايو تہ توهين ڪم جا کهڙا نہ هوشيار ۽ قدرت آهيو. چيائين تہ توهان کي ادب جو بيحد شوق آهي ۽ توهين شاديءَ کان بيحد نفرت ڪندا آهيو. توهين ڪنهن سان بہ رلندا ملندا ڪو نہ آهيو. ڪڏهن ٻاهر ڪو نہ نڪرندا آهيو ۽ مس ڊڪروز...!"

"نہ، توهين مون کي پمي ڪري سڏيو."

"سو مس پمي، توهين شايد هن کي انهيءَ ڪري وڻيا جو توهين ڪيڏانهن بہ نڪرو ڪريو ڪو نہ ۽ توهان کي آزادي پسند ڪانهي." گيتا اهو سڀ ڪجهہ يڪساهيءَ چئي ويئي.

"نہ. هن جا ويچار صحيح آهن." پميءَ چيو. "مان تہ شاديءَ ۽ طلاق جي آزمودي بعد ان نتيجي تي پهتي آهيان تہ چوڏهن سالن کان وٺي چوٽيهن سالن تائين ڇوڪرين تي تمام سخت ضابطو يا ڪرڙي نگهباني هئڻ گهرجي." پميءَ جو لهجو نهايت گنڀير هو.

هڪ عيسائي ڇوڪريءَ جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي گيتا دنگ رهجي ويئي.

"ڇو؟" گيتا سوال ڪيو.

"انهيءَ ڪري جو ان عمر ۾ ڇوڪريون بيحد نادان ٿينديون آهن ۽ ڪير بہ ساڻن ٻہ چار مٺيون ڳالهيون ڪري، تہ ائين سمجهڻ ٿيون لڳن ڄڻ تہ دنيا ۾ هن کان وڌيڪ ڪين ٻيو ڪو پيار ئي ڪو نہ ٿو ڪري. انهيءَ عمر ۾ جيڪو بہ نوجوان ڇوڪرو ساڻن لهہ وچڙ ۾ ٿو اچي تنهن کي هو پريم جو ديوتا سمجهڻ شروع ڪنديون آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هو اهڙي ڄار ۾ ڦاسي وينديون آهن جنهن مان زندگيءَ پر ڇوٽڪارو ملي نہ سگهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. منهنجو ته اهو ويچار آهي ته ڇوڪريون ڇوٽيهن سالن جي عمر بعد ئي شادي ڪن. جڏهن پاڻ بري ڀلي سڃاڻڻ جوڳ لائق ٿيون ٿي وڃن. ٻيءَ حالت ۾ ته مون کي هندن جو اهو رواج تمام پسند آهي، جنهن ۾ هو ڇوڏهن سالن کان اڳي ئي ڇوڪريءَ جي شادي ڪري ڇڏين ۽ انهيءَ بعد هن جو واسطو فقط ان هڪ شخص سان رهندو آهي جنهن سان هن کي سڄي زندگي نڀائڻي آهي. انهيءَ ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ ٻئي هڪ ٻئي کي سمجهندا، پروڙيندا اڳتي وڌندا آهن. مگر اهو سرشتو صفا بيڪار ۽ پتو آهي ته ڇوڏهن ۽ ڇوٽيهن سالن جي عمر وچ ۾ ڇوڪرين جي شادي ٿئي يا هنن کي شادي ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي. تنهنجي ته شادي اجا ڪا نه ٿي آهي نه؟"

"نه."

"تمام سٺو. تون ڇوٽيهن سالن جي عمر کان اڳي شادي نه ڪج. ها، مسٽر چندر منهنجي باري ۾ ٻيو ڇا ڇا چيو؟"

"ٻيو ته خاص ڪجهه ڪو نه ڇيائين. ها، هن اهو به ٻڌايو ته توهان کي سگريٽ ۽ چانهه بيحد وڻندا آهن. ڏس مان صفا ڀلجي ويس. ترسو مان سگريٽ گهرائي وٺان." ۽ گيتا ميز تي رکيل گهنٽي وڄائي.

"توهين تڪليف نه وٺو. مون سگريٽ پيئڻ بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

"ڇو؟"

"مسٽر چندر کي سگريٽ پيئڻ پسند نه آهي. هينئر هو منهنجو دوست ٿي ويو آهي ۽ دوستيءَ ۾ هڪ ٻئي سان نڀائڻ ضروري آهي. توهان کي هن اهو ڪو نه ٻڌايو ته اسين ٻئي دوست ٿي ويا آهيون." پميءَ گيتا ڏانهن نهاري سوال ڪيو.

"جي ها. ٻڌايو هئائين. ڇڱو توهين چانهه پيئو."

"ها، چانهه ڀلي گهرايو. توهان جو مسٽر چندر سان ڪهڙو رشتو آهي؟" پميءَ ٻيو سوال ڪيو.

"ڪو به نه! هن سان ڀلا منهنجو ڪهڙو رشتو ٿيندو؟ جڏهن ڏسوس تڏهن مون تي پيو بگڙندو. پاهر ويو آهي ته مون کي خط به ڪو نه لکيو اٿس، اهو به ڪو رشتو آهي!"

"نه منهنجو اهو مطلب هو ته،توهين هن سان ڪافي گهرا آهيو نه!"

"ها. اٿين برابر هو مون کان ڪا به ڳالهه ڪو نه لڪائيندو آهي. ڇو؟"

"پوءِ نيڪ آهي. هو نهايت سڄي دل جو ماڻهو ٿو ڏسجي. توهين مون کي اهو ٻڌائي سگهو ٿا ته هن کي ڪهڙيون ڳالهيون پسند هونديون آهن."

"جي.... هن کي شاعري ڏاڍي وڻندي آهي! بس هن کي شاعري ٻڌائيندا رهو يا شاعريءَ جو ڪو ڪتاب ڪٽي ڏيوس. تنهن کان سواءِ هن کي صبح جو گهمڻ به ڏاڍو وڻندو آهي. رات جو گنگا جو سير وڻندو اٿس. سئنيما ته هن کي تمام گهٽي پسند آهي ۽ چانهه جي پتين جو حلوو به هن کي وڻندو آهي."

"اهو ڇا ٿيندو آهي؟"

"منهنجو مطلب آهي ته بنا کير واري چانهه هن کي بيحد وڻندي آهي."

"نيڪ نيڪ. توهين شايد ائين سمجهندا هوندا ته مان ڪا جاسوس آهيان. جو مسٽر چندر بابت هيڏي جاچ پڙتال پيئي ڪريان. مگر مان توهان کي اصلي ڳالهه به ٻڌائي ڇڏيان. گذريل ٻن ٽن سالن کان مان بلڪل اڪيلي رهندي هيس. ڪنهن سان به ملندي ڪندي ڪا نه هيس. تنهن ڏينهن مسٽر چندر جڏهن مون وٽان ٿي ويو ته مون تي ڏاڍو گهرو اثر ڇڏي ويو. هن کي ڏسي مون ائين محسوس ڪيو ته هن جي دل ۾ سچائي آهي. جا ٻين ماڻهن ۾ ڪا نه ملندي آهي. انهيءَ ڪري مون ويچار ڪيو ته هن سان دوستي جوڙيان پر مان زندگيءَ ۾ اڳي به هڪ دفعو دوستي ڳنڍي، ان بعد شادي ڪري دوکو کائي چڪي آهيان. انهيءَ ڪري مان هينئر ڪنهن به نئين دوستي ڳنڍڻ کان اڳي هن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻڻ ٿي چاهيان.... مگر هن کي ته مان اڳي ئي پنهنجو دوست بنائي چڪي آهيان." چانهه اچي ويئي هئي ۽ پمي گيتا لاءِ پڻ پيالو ناهڻ لڳي.

گيتا چيو. "نه مون اجا هينئر ماني ڪاڌي آهي."

پميءَ چانهه جا به ٽي ڍڪ پرڻ بعد چيو. "مسٽر چندر توهان بابت مون کي ٻڌايو هو."

"ٻڌايو هونداڻين." گيتا منهن بگاڙي چيو. "منهنجي نندا ڪئي هونداسين. ٻيو ڇا چيو هونداڻين!"

پمي چانهه جي پيالي مان اٿنڌڙ ٻاڦ ڏانهن نهاريندي پنهنجن ئي خيالن ۾ محو هئي. ٿوري دير بعد چيائين. "منهنجو انومان غلط ڪو نه نڪرندو آهي. مسٽر چندر کي ڏسندي ئي مان سمجهي ويس ته هو منهنجي لائق دوست آهي. مون شاعري پڙهڻ گهٽا ڏينهن اڳي ڇڏي ڏني آهي. پر ڪنهن شاعرا شايد مسز براڻوننگ هڪ هنڌ چيو آهي ته هو منهنجي زندگيءَ ۾ روشني بڻجي آيو. هن کي ڏسندي ئي مون کي خاطري ٿي ويئي ته هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ۾ منهنجي دل جا سڀ راز سلامت ، هئا. هو ڪڏهن به نه ڪندو. پيار به نه ڪندو. زندگيءَ ۾ اچي به زندگيءَ کان دور. خوابن سان ٻڌل هوندي به خوابن کان الڳ.... اها ڳالهه مسٽر چندر سان بلڪل پوري لڳي ٿي. اڇي. معاف ڪجِ مس گيتا! مان توهان سان اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ ڪري ٿي ڪريان جو توهين هن سان بلڪل گهرا پيل آهيو ۽ توهين هن کي ضرور ٻڌائيندا ته منهنجا سندس باري ۾ ڪهڙا ويچار آهن. چڱو مان هلان ٿي."

"ويهو نه!" گيتا چيو.

"نه منهنجو پاءُ منهنجي لاءِ ترسيو ويٺو هوندو. ڪاڏي جو وقت ٿي ويو آهي." پميءَ اٿندي چيو.

"توهين تمام سٺا آهيو. توهين آيا ته ٿوري وقت لاءِ مان پنهنجون سڀ ڳڻتيون ڀلجي ويس، نه ته ٿن ڏينهن کان مان بيحد اداس آهيان. ويهو. مسٽر چندر بابت پيون به ڪي ڳالهيون ٻڌايو."

"هينئر نه. هو بلڪل نرالو ماڻهو آهي، مان ايترو ئي چئي ٿي سگهان. اوه.... توهانجون اکيون ته ڏاڍيون سهڻيون آهن ڏسان....!" ائين چوندي، گيتا جڻ ننڍو ٻار هجي تيئن هن جو منهن پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي، مٿي ڪري پميءَ چيو، "سچ پچ تمام حسين نيڻ آهن توهان جا...! معاف ڪجو، مان مسٽر چندر سان به ائين بنا حجاب هوندي آهيان."

گيتا هيسجي ويئي، اکيون جهڪائي ڇڏيائين.

پميءَ پنهنجي سائيڪل ڪڍندي چيو، "مسٽر چندر سان گڏ توهين به اچجو. توهان چيو ائين نه. ته مسٽر چندر کي شعر بيحد وڻندا آهن؟"

"جي ها. گڊ نائيٽ!"

پمي جڏهن پنهنجي بنگلي تي پهتي ته سائيڪل جي ڪينان ڪئرير تي شاعريءَ جا پنج ڇهه ڪتاب ٻڌل هئس.

اٺ وڳي چڪا هئا. گيتا بستري تي ليٽي پڙهڻ لڳي. انگريزي شعر تي پڙهيائين. هوءَ سوچڻ لڳي "جڏهن پمي صرف عيسائي هوندي به هيڏي آزاد ۽ بيحجاب آهي، تڏهن انگريز ڇوڪريون ته الائي ڪيترو آزاد ۽ بيحجاب هونديون. هن جي ان بيحجابيءَ ۾ معصوميت ته برابر ڪانهي پر ٻاجهه ضرور آهي. ڏاڍي صاف دل ٿي ڏني. ڪجهه به لڪائڻ ڪا نه ڄاڻي. مون کان فقط پنج يا ڇهه سال وڏي آهي، پر مان هن جي اڳيان جڻ ٻار پيئي لڳان. هن جي ڪيتري نه ڄاڻ آهي ۽ هن جي سمجهه به ڪيڏي نه تکي آهي. چندر جي تعريف ڪندي ته ٿڪي ئي نٿي. چندر خاطر هن سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏنو. چندر هن جو دوست آهي. هيڏي پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ لاءِ به روشنيءَ جو ڏيئو دوت آهي. مون کي ته سچ پچ چندر تي فخر ڪرڻ گهرجي. انهيءَ چندر سان ئي مان هيڏو لڙندي جهڳڙندي آهيان. هن سان هيڏو ضد وغيره ڪندي آهيان ۽ هو سڀ برداشت ڪندو آهي! چندر جا ڪيترا نه دوست آهن ۽ هن جي ڪيڏي نه عزت آهي! چندر چاهي ته جيڪر منهنجي ذري به پرواهه نه ڪري، مگر هو منهنجي هر ڪا سٺي بري ڳالهه سهندو رهندو آهي. مان چندر کي ڪيڏو نه پريشان ڪندي آهيان!

چندر جيڪڏهن مون سان سچ پچ ناراض ٿي وڃي ۽ هميشه لاءِ مون سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏي ته پوءِ ڇا ٿئي! يا چندر ڪيڏانهن هليو وڃي ته پوءِ! خير چندر ته شايد ڪڏهن به الله باد ڇڏي ڪو نه ويندو. پر جي مون کي خود ئي ڪيڏانهن وڃڻو پوي ته پوءِ ڇا ٿيندو. مان ڪيڏانهن وينديس؟ پاپا کي مڃائڻ ته سولي ڳالهه آهي تنهن کان سواءِ مان ڪنهن کي پيار ڪنديس ئي ڪا نه. جو مون کي شادي ڪرڻي پوي.

اهو ته سڀ ٺيڪ آهي، مگر چندر چئي چو نه لکي آهي. ڇا هو ناراض ٿي ويو آهي؟ وڃڻ وقت مون هن کي تمام گهڻو پريشان ڪيو هو. پيتيءَ جو ڪڙو کولي ڇڏيو هوم ۽ چندر جيئن ئي پيتي کنئي تيئن هن جا ڪپڙا وغيره سڀ ڪري پيا. چندر انهيءَ تي مون کي ذرو به ڪو نه جهڻڪيو هو. ويندي وقت ائين به ڪو نه چئي ويو ته گهر جو خيال رکج، اڪيلي گهمڻ نه وڃج، مهراجڻ سان لڙائي جهڳڙو نه ڪج، پڙهائي چالو رکج. انهيءَ مان گيتا سمجهي ويئي ته هو ناراض ٿي ويو آهي. البت ان وقت ڪجهه ڪو نه هئائين.

مگر چندر کي پوءِ به خط لکڻ گهربو هو. ڀلي غصي پريو ئي خط لکي ها! بنا خط ملڻ جي منهنجو من ڪيڏو نه ٿو گهٻرائجي! ڇا چندر کي اهو سڀ معلوم هوندو! ائين ممڪن ڪيئن هوندو؟ جڏهن هيڏو دور ويٺي به مون کي خبر پيئي پوي ته چندر ناخوش آهي، تڏهن چندر کي اها خبر ڪا نه پوندي هوندي ته گيتا بيحد اداس ويٺي آهي. هن کي ضرور خبر هوندي. ائين سوچيندي سوچيندي هن کي نه ڄاڻ ڪيڏي مهل ننڊ ڪٺي ويئي. اهو ته چئي نٿو سگهجي ته ان ننڊ ۾ هن کي پاپا جي ڪا چٺي ملي يا نه. مگر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته جيئن هڪ نقطي مان هيءَ ڪائنات سرجي ۽ اها وري نقطي ۾ سمائجي ويئي، ساڳيءَ طرح گيتا جي هيءَ ساوڻ جي بادلن مثل گهور اداسي ۽ بيچيني جيئن چندر جي ڏيان مان ئي اٿي هئي، تيئن اها سموري اداسي وري هن جي ئي ڏيان ۾ سمائجي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

•

ٻئي ڏينهن صبح جو گيتا اڱڻ ۾ ويٺي ٻڻانا چليندي چندر جو انتظار پئي ڪيو. اڳين رات جو پاپا موٽي آيو هو ۽ ان ڏينهن صبح جو ڀڦي ۽ ٻنتي ٻه اچي ويون هيون.

"گيتو!" اهڙي تہ سنيهہ سان ڪنهن سڏ ڪيو جو هوائن ۾ امرت پرجي ويو.

"اچي وئين چندر!" گيتا ٻڻانا اتي ئي رکي لڦي ڪڙي ٿي. "لکنوءَ مان منهنجي لاءِ ڇا وٺي آئين؟"

"گهڻو ئي وٺي آيس گيتا."

اوچتو ڪمري مان اندران آواز آيو. ڪير آهي گيتا؟"

"چندر آهي." گيتا جواب ڏنو. "چندر. ڀڦي اچي ويئي."

ڀڦي بہ ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي.

"پرنام ماسي!" چندر اڳتي وڌي هن جا قدم ڇهڻ لاءِ هيٺ نوڙيو.

"هان.... هان." ڪندي ڀڦي ٽي قدم پٺتي هٽي ويئي. "ڏسين ڪو نہ ٿو تہ مون کي پوڄا جي ساڙهي پيئي آهي. هي ڇا آهي گيتا؟"

گيتا ڀڦيءَ جي ڳالهہ جو ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو.

"چندر تون منهنجي ڪمري ۾ هل. هتي ڀڦي پوڄا ڪندي."

چندر اتان پري ٿيو تہ ڀڦيءَ پان جي ٻتي سان لوٽي مان پاڻي کڻي اتي زمين تي ڇڻڪاريو. "گيتا ٻنتيءَ کي وجي موڪلينس." مهراجڻ ڀڦيءَ کي ڏوپدان ۾ ٽانڊو ڏيئي ويئي.

گيتا پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، چندر کي کٽ تي ويهاري پاڻ هيٺ زمين تي ٿي ويٺي. "هي ڇا، مٿي ٿي ويهہ نہ!"

"نہ، مان هتي ئي ٺيڪ آهيان." ۽ هوءَ چندر جي پينٽ تي پينسل سان ليڪا ڪڍڻ لڳي.

"اڙي هي ڇا ٿي ڪرين؟" چندر پنهنجا پير مٿي ڪندي چيو.

"تو هيترا ڏينهن ڇو لڳايا؟" گيتا هن جي پينٽ جي ٻئي پانچي تي ليڪا ڪڍڻ شروع ڪيا.

"وڏي آفت ۾ ڦاسجي وياسين گيتا! لکنو مان اسين وياسين بريلي. اتي اسين هڪ جلسي ۾ پهتاسين جتي ڪو وزير صاحب بہ اچي پهتو. ڪن سوشلسٽن، ڪميونسٽن ۽ مزدورن هن جي خلاف مظاهرا ڪيا. انهيءَ تي پوليس وارن ۽ مزدورن وچ ۾ دوبدو ڇڪري شروع ٿي ويئي. اسان جي قسمت زور هئي، جو اسان کي سماجوادي/سوشلسٽ نوجوان ڪيلاش مشرا جي مدد پهتي. هن ئي اسان جي جان بچائي، نہ تہ پاپا ۽ مان ٻئي اسپتال ۾ زير علاج هجون ها."

"اڇا! پاپا تہ مون کي ڪجهہ ڪو نہ ٻڌايو." گيتا جي آواز ۾ گهبراهٽ هئي. ٻئي ڪيتري دير تائين بريليءَ ۽ ان سماجوادي جوان ڪيلاش مشرا بابت ڳالهيون ڪندا رهيا.

اوچتو چندر سوال ڪيو. "اڙي هي ٻاهر ڳائي ڪير وينو؟"

ٻاهران سچ پچ ڳائيندو پئي آيو.... "آنچل ۾ ڪيون باند ليا، مجهہ پرديسي ڪا پيار! آنچل ۾ ڪيون...." ۽ چندر کي ڏسندي ئي ان ڇوڪريءَ ڇرڪ ڀري چيو، "اڙي!" هوءَ پل بہ نهاريندي رهي. پوءِ شرم وچان لال ٻڻجي اتان ڀڄي ويئي.

"اڙي ڀڄين ڇو ٿي؟ هيءَ ئي چندر آهي نہ. گيتا هن کي واپس سڏيندي چيو.

ڇوڪري ڪمري جي ٻاهران رڪجي ويئي. منهن ڦيرائي چيائين، "مان اندر ڪا نہ ايندس. مون کي لڄ ٿي اچي."

"اڙي اندر اچ نہ. ڇڱو ٻيهہ تہ مان توکي پڪڙي وٺي ٿي اچان. سخت جهنگلي آهي هيءَ تہ." ائين چوندي گيتا اٿي. هوءَ ڀڄي ويئي ۽ گيتا هن جي پٺيان ڊوڙي. ٿوري دير بعد گيتا هن کي چوٽيءَ کان پڪڙي ڪمري ۾ داخل ٿي. هوءَ ويچاري سخت پريشانيءَ ۾ هئي. ساڙهيءَ جو پلوءُ ڏندن وچ ۾ ڪٽي دٻايو هئائين. وارن جون ٽي ڇڳون هن جي منهن تي پئي لٽڪيون. شرم وچان جڻ پاڻ ۾ پئي سمائي ۽ هن جون اکيون... هن جون اکيون فيصلو ڪري نٿي سگهيون تہ مرڪن يا حجاب ڪن.

"ڏس... چندر ڏس." گيتا سهڪي پئي. "هيءَ اٿيئي ٻنتي. دنبي ڪٽان جي! اهڙي تہ دنبي آهي جو منهنجو تہ اڌ ساهہ ڪڍي ڇڏيو اٿس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر ڏٺو تہ هن ويچاريءَ جي تمام بري حالت ٿي رهي آهي. ٿلهي هوءَ خاص ڪا نہ هئي. البت ڳوناٺي تندرستي هن ۾ خوب هئي. لال مکڙو، جنهن ۾ حياءَ ڀيٺي لالائي پري پڌي هئي. هڪڙي هٿ سان پنهنجي چوٽي سنپالي هٿائين ٻئي هٿ سان پنهنجي لباس کي سنپاليو هٿائين. ساڄيءَ جي هڪ ڪنڊ ڏندن وچ ۾ دٻيل هئس.

"ڇڏيس هن کي.... هي ڇا آهي گيتا! تون سخت جهنگلي آهين." چندر هن کي ڇنڀيندي چيو.

"جهنگلي مان آهيان يا هيءَ." گيتا هن جي چوٽي ڇڏيندي چيو. "هي تہ ڏس، مون کي ڪيڏو نہ چڪ پاتو اٿس!"

گيتا جي ڳچيءَ تي سچ پچ ڏندن جا تازا نشان هئا. هيڏي ساري ڇوڪري بہ چڪ پائي سگهي ٿي. صرف اهو ويچار ڪندي ئي چندر کي کل اچي ويئي. "ڪيئن ڙي هيڏي ساري چڪ ٿي پائين!" هن جي کل بند ئي نٿي ٿي. سچ پچ هيءَ تہ ڏاڍي مزيدار ڇوڪري آهي. نالو اٿس. بنتي."

هوءَ پاڻ سنپالي چڪي هئي. چيائين، "نمستي."

چندر ۽ گيتا ٻنهي کي کل اچي ويئي. "هيتري دير بعد ياد آيئي."

"بنتي! اي بنتي!" ٻاهران پڦيءَ جو آواز آيو. بنتيءَ گيتا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويئي.

"ٻڌاءِ گيتو، هتي جو ٻيو ڪهڙو حال احوال آهي؟"

"تو تہ هڪڙي چٺي بہ ڪا نہ لکي." گيتا شڪايت ڀرئي آواز ۾ چيو. "مان روز روئندي هيس ۽ تنهنجي هوءَ آئي هئي."

"منهنجي هوءَ؟" چندر چرڪ ڀري چيو.

"اڙي هوءَ تنهنجي پمي راڻي!"

"اڇا، آئي هئي. ڇا ٿي چيائين؟"

"چيائين ڪجهہ ڪو نہ. صرف تنهنجي تصوير ڏسي ڏسي پئي رنائين." گيتا پنهنجي آڱرين کي نچائيندي چيو.

"منهنجي تصوير! ڪٿي هئي منهنجي تصوير؟"

"تون تہ بس بحث ڪرڻ لڳي وئين. مان وڪيل ٿورئي آهيان تون ڪا نئين ڳالهہ ڪر."

"مان تہ توکي خوب ڳالهيون ٻڌائيندس. وڏي وڏي ڪهاڻي آهي." بنتي موٽي آئي. هن جي هٿن ۾ هڪ ٿالهي ۽ هڪ گلاس هو. ٿالهيءَ ۾ مٺائي ۽ گلاس ۾ شربت هو. هن ٻئي شيون چندر اڳيان رکيون.

چندر انڪار ڪندي چيو، "نہ ڀائي، مان تہ ڪو نہ کائيندس."

بنتيءَ گيتا ڏانهن نهاريو.

گيتا هيٺئر منهن ٺاهي چيو، "اڙي هاڻي تازو لکنؤ مان موٽيو آهين سو ڪيئي نہ نخرا شروع. اهو تڪلف نہ ڪرين تہ پلا خبر ڪيئن پوي!"

چندر مشڪي کائڻ شروع ڪيو.

بنتيءَ پنهنجي آڱر جي منڊيءَ کي ڦيريندي ان ڏانهن نهاريندي چيو. "داديءَ جي چوڻ تي ئي توهان کاڌو؟"

چندر وري مشڪيو، ڪجهہ ڪو نہ. بنتي هلي ويئي.

چندر چيو، "ڏاڍي سني ڇوڪري ٿي لڳي."

"ها ڏاڍي وٽندڙ آهي ۽ پڙهڻ ۾ بہ مون جهڙي ڍلي ڪانهي. ڏاڍي هوشيار آهي."

"اڇا. تنهنجي پڙهائي پلا ڪيئن پيئي هلي؟"

"ماستر صاحب ڏاڍو سٺو ٿو پڙهائي. چندر، هاڻي مان هن سان خوب ڳالهيون ڪندي آهيان. دنيا ڀر جون ڳالهيون ڪندي آهيان. هو بس هميشہ ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهندو آهي! هڪ ڏينهن مان پڙهندي پڙهندي ناريل بہ کائيندي رهيس پر هن کي اصل پتو ڪو نہ پيو. هن کي ڇٺينس نہ. هڪ ڏينهن گيت ٻڌائي."

چندر جواب ڪو نہ ڏنو. هو اٿي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ پهتو ۽ اتي ڪتاب اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو.

ايتري ۾ پڦيءَ جو تيز آواز ٻڌو. "خبر هجيم ها تہ هيءَ منهن جلي مون کي هيئن ناچ نچائيندي، تہ جمندي ئي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ڇڏيانس ها. هري رام! ڪنڌ ڏس نہ آسمان ۾ پيو اڏاميس. اڙي ڳالهائين ڇو نہ ٿي؟ ڇا نانگ سنگهي ويو اٿيئي؟"

پروفيسر شڪلا جي گهر ۾ هيءَ بلڪل نرالي ڳالهہ هئي. هن جي رهڻي ڪهڻي ڪهڙي بہ سٻاجهي ۽ ٻاجهاري هئي! چندر سپني ۾ بہ ڪو نہ سوچيو هو تہ هن گهر ۾ بہ ڪڏهن اهڙي تلخ ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي. هو چرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري ٻاهر ڏانهن نهارڻ لڳو. ڊاڪٽر شڪلا پروڙي ويو. لڄ کي مرڪ ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين. "منهنجي بيوه ڀيڻ آهي. ڪالهه ڳوٺ مان آئي آهي. ڏيءُ کي هتي ڇڏڻ."

انهيءَ بعد ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز آيو. شايد ڪو ٿانءُ ڪريو. ايتري ۾ گيتا اچي پهتي. غصي ۾ لال ٿي چيائين. "پاپا، توهان ٻڌو؟ ڀڦي بنتيءَ کي اڦٽ ماري وجهندي."

"ڇا ٿيو آهي؟" ڊاڪٽر سوال ڪيو.

"ٿيو ڪجهه ڪونهي. بنتيءَ پوڄا جو ڏيئو. ٺاڪر جي سنگهاسن جي پنيان ڪٽي رکيو هو. ڀڦيءَ کي اهو نظر ڪو نه آيو ته غصو بنتيءَ تي ڇنڊڻ شروع ڪيو اٿس."

ايتري ۾ وري ڀڦيءَ جو آواز آيو. "ڇٽڻ لاءِ ته خوب تيار هو، باقي پالڻ وقت هليو ويو. مري ويو ته اڳو پوءِ پنهنجي اولاد کي به ساڻ ڇو نه وٺي ويو! موں تي هيءَ هڇا ڇو مڙهي ويو! اهڙي ڪلڇٽي آهي جو ڄمندي ئي پيءُ جو سر نيائين."

"ٻڌو وينا نه پاپا!"

"هل، مان ٿو هلان." ڊاڪٽر شڪلا اٿي کڙو ٿيو. پر گيتا اتي ئي ترسي بيٺي. چندر کي چيائين. "ڀڦيءَ جو اهڙو ته خراب سڀاءُ آهي جو بس. بنتي ويچاري الائي ڪيترو برداشت ڪندي ٿي رهي!"

ڀڦيءَ ٺاڪر جي سنگهاسن صاف ڪندي چيو. "روئين ڇا تي ٿي؟ آهي سڀ نخرا پنهنجي هن کي وڃي ڏيکارج. باقي ٻه مهينا اٿيئي. هينئر کان ئي بيتاب نه ٿيءُ."

شرافت جي بس حد ٿي چڪي!

ڊاڪٽر شڪلا اتي پهچي بنتيءَ کي چيو. "بنتي، تون اندر ڪمري ۾ هل." پوءِ ڀيڻ کي چيائين. "هاڻي هي سڀ گوڙ بکيڙو بند ٿيندو يا نه؟ توکي ڪو شرم حياءُ به ڪونهي."

بنتي سڏڪا ڀريندي اندر ويئي. اپياس واري ڪمري ۾ چندر کي ريتل دسي هو. اٿان پويان پيرـ ڪري گيتا جي ڪمري ۾ پهتي ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

ڊاڪٽر شڪلا وري چيو. "هاڻي مان پنهنجو ڪم ڪريان يا هي سڀ جهڳڙا نبيريان. ڪالهه کان وٺي گهر ۾ صفا جنگ لڳي وئي آهي. گيتا. هيءَ واپس ڪڏهن ويندي؟"

"سياڻي ويندي پاپا. بنتيءَ کي وري ڪڏهن به هن وٽ واپس نه موڪلجو." گيتا جي آواز ۾ بيحد غصو ڀريل هو.

"ڇڱو تون هلي منهنجي ماني لڳاءِ. چندر تون پنهنجو ڪم هتي ئي ڪر. جي گهڻو گوڙ سمجهين ته لئبريري ۾ هليو وڃ. اڄ هڪڙي ڏينهن جي ئي تڪليف آهي."

چندر ٿورا ڪتاب کڻي اٿي کڙو ٿيو. هن اتان هليو وڃڻ ئي ٺيڪ سمجهيو. گيتا پيءُ لاءِ ماني لڳائڻ ويئي. بنتي سڏڪا ڀري، لڙڪ ڳاڙي پنهنجي دک کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڀڦي گهنٽي وڄائيندي. ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪندي، نه ڄاڻ ڇا بڪندي تي ويئي. پڪتيءَ جي پاونا سان ڀريل گهنٽيءَ جي مڌر آواز ۾ اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

مگر ڀڦي ٻئي ڏينهن ڪا نه ويئي. ٽن چئن ڏينهن بعد به جڏهن چندر اتي پهتو ته ڏٺائين ته ٻاهر اڱڻ ۾ ڊاڪٽر شڪلا ويٺو آهي ۽ دروازي وٽ بيٺي ڀڦي هن کي ڪجهه چئي رهي آهي. چندر جي پهچندي ئي هوءَ هڪدم چپ ٿي ويئي ۽ چندر ڏانهن حيرت مان نهارڻ لڳي. ڊاڪٽر شڪلا چيو. "اچ چندر ويهه." چندر پر واري ڪرسي ڇڪي ويٺو ته ڊاڪٽر ڀيڻ کي چيو. "ها تون چوءُ اڙي هي نه اسان جي گهر جو ماڻهو آهي. ڇا گيتا توکي هن جي باري ۾ ٻڌايو ڪونهي؟ هي چندر آهي. منهنجو بالڪو تمام سٺو ڇوڪرو آهي."

"ڇڱو ڇڱو، ڀائي ويهه. تون هڪڙي ڏينهن اتي آيو هئين نه. گيتا سان گڏ بي- اي ۾ پڙهندو آهين نه؟"

"نه ماسي، مان ريسرچ ڪندو آهيان."

"واه، توکي ڏسي ته ڀائي ڏاڍي خوشي ٿي. ها شڪل..." هن هينئر پنهنجي ڀاءُ ڏانهن منهن ڪري چيو. "ته اهو ئي ٺيڪ آهي. بنتيءَ جو وهانءُ حال ٽاري ڇڏجي ۽ هي ڇوڪرو جيڪڏهن ٺيڪ نڪري ته اڳو پوءِ اڪاڻ ۾ گيتا جي شادي به ڪري ڇڏجي. هينئر وڏيڪ ترسڻ نٿو سونهي. هيڏي اٽ جيڏي ڌيءُ هيئن بسي سينڌ ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن پيئي ڦري!"

"ها، اهو ٺيڪ آهي." ڊاڪٽر شڪلا هن جي ڳالهه جي پنڀرائي ڪندي چيو. "مان خود به هينئر گيتا جي شاديءَ ۾ دير وجهڻ نٿو چاهيان. بي- اي تائين پڙهائي هن لاءِ ڪافي آهي. هونءَ به اسان جي ذات ۾ ڇوڪرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ڪٿي؟ مگر ها. جنهن ڇوڪري جو تون ذڪر ٿي ڪرين تنهن ۾ سندس گهر وارا ته اعتراض ڪو نه ونندا؟ ڇوڪرو ته برابر اسان کي سٺو لڳو. پر هن جا گهر وارا الائي ڪيئن آهن!"

"پر گهر وارن سان توکي ڇا ڪرڻو آهي. ڇوڪرو ته الڳ ٿلڳ آهي. پنهنجي سر پڙهندڙ آهي ۽ ڇوڪري بلڪل الڳ رهندي. نه سس جو سراپ. نه ننڻان جو ڏج رهندس. مان جنم پتري به گهرائي ٿي ڏيانو. پيئائي ڪٿي فيصلو ڪر."

ڊاڪٽر شڪلا ڪنڌ ڌوڻي قبوليت ڏني.

ٻڇيءَ وري ڇيو. "ته پوءِ بنتيءَ لاءِ ڇا ٿو ڇوين؟ اسوءَ تائين ناري ڇڏيان نه؟"

"ها... ها." ڊاڪٽر ڪنهن ٻئي ويچار ۾ ٻڏل رهندي ئي جواب ڏنو.

"ته پوءِ تون ئي ان ناسوئي موذيءَ کي ڇئينس. ڪالهه ڪان وني منهنجي ڇاتيءَ تي مگ ڏرڻ شروع ڪيا اٿس." ٻڇي اهي لفظ ڇئي اتان هلي ويئي.

چندر چپ چاپ ويٺو هو. دل ۾ نه ڄاڻ ڇا پئي سوچيائين. هو پنهنجن ويچارن ۾ اهڙو ته غلطان ٿي ويو هو جو ڊاڪٽر جڏهن ڏانهن منهن ورائي سڏ ڪيو. "چندر" ته هو صفا ڇرڪ پري اٿيو. ڄڻ اوچتو ڪنهن ٻيءَ دنيا مان موٽي آيو هجي. ڊاڪٽر انهيءَ تي ڇيو. "ڇو، تنهنجي طبعيت خراب آهي ڇا؟"

"نه.... نه" چندر ٿڪي مرڪ مرڪندي ڇيو.

"شايد اڄ ڪلهه ڪر تمام گهٽو ٿو ڪرين پنهنجي ٿيسز جا ڪيترا باب لکي پورا ڪيا اٿيئي. مارچ ته اڃي پورو ٿيو آهي ۽ اپريل سچو توکي پنهنجي ٿيسز ٽائيپ ڪرائڻ ۾ لڳي ويندو. مئي ۾ توکي ڪنهن به حالت ۾ ٿيسز پيش ڪرڻي ئي آهي."

"جي ها" چندر جي آواز ۾ بيحد ٿڪ هو. "ڏهه باب" مون لکي پورا ڪيا آهن. باقي ٿي وڏيڪ باب لکڻا اٿم. اپريل جي پهرين هفتي اندر سمورو ڪم ختم ٿي ويندو. هينئر ٿيسز ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي ڪهڙو اٿم."

چندر تمام اونهو ساهه کنيو ۽ پنهنجي ٿي ٿي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

"مون کي تنهنجي طبعيت ٺيڪ نٿي لڳي. ڇانهه نهرائي وٺ. مگر ها. هتي ته نڪا گيتا آهي نڪو مهراڄڻ آهي." ڊاڪٽر صاحب کي اوچتو يادگيري آئي.

گيتا؟ گيتا جو نالو ٻڌي چندر وري ڇرڪ پري اٿيو. ها. ٿورو وقت اڳي جڏهن ٻڇيءَ ڳالهه پئي ڪئي ته ڀاڻ گيتا بابت ئي پئي سوچيائين. پر ڇا پئي سوچيائين؟ هن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به ياد ڪري نه سگهيو. نه ڄاڻ ڇا پئي سوچيائين. الائي... ها. شايد گيتا جي شاديءَ جي باري ۾ ئي ڪا ڳالهه ٻولهه پئي هلي. ڪهڙي ڳالهه ٻولهه پئي هلي؟

"گيتا ڪيڏانهن ويئي آهي؟" چندر پڇا ڪئي.

"اڄ شايد صابر صاحب جي گهر ويئي آهي. هن جي ڌيءَ ساڻس گڏ پڙهندي آهي! نه، اوڏانهن ويئي آهي. بنتيءَ سان گڏ."

"امتحان ۾ باقي ڏينهن گهٽا اٿس؟ ڇا هن جو گهمڻ اجا بند ڪو نه ٿيو آهي؟" چندر وڏيڪ سوال ڪيو.

"نه. سچو ڏينهن پڙهيائين ويني. شام جو مس اٿي. مٿي ۾ به سور اڃي پيو هوس. تڏهن نڪري ويئي. ويچاريءَ کي گهمڻ ڦرڻ ڏي. هاڻي ته جلد ئي هلي ويندي." ڊاڪٽر شڪلا ڇپڻ سان مشڪيو ٿي. پر ان مسڪراهٽ پٺيان لڙڪ لڪيل هئا.

"گيتا جي شادي ڪٿي پڪي ٿي آهي؟" چندر پڇيو.

"بريليءَ ۾. هينئر پٽيس ئي ڳالهه ڪري ويئي. جنم پتري ملي ته اها پيئائبي. پوءِ تون ٻين سيني ڳالهين کي ڏسي وٺج. تون ته پنهنجي ٿيسز تيار ڪرڻ ۾ مشغول هوندين. ڇوڪرو مان ئي وڃي ڏسي ايندس. مئي ڪان پوءِ جولاءِ ۾ گيتا جي شادي ڪري ڇڏينداسين. توکي به هاڻي جلدي ڊاڪٽريٽ ملي ويندي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ڪو عهدو ملي ويندئي. بس پوءِ پٽ ڌيءَ ٻنهي جي جوابداريءَ کان آجو ٿي ويندس." اڄ ڊاڪٽر شڪلا جو آواز ئي ڦري ويو هو.

چندر چپ رهيو.

ٿوري دير ترسي ڊاڪٽر سوال ڪيو. "تو بنتيءَ کي ڏٺو؟"

"اها ئي نه. جنهن تي تنهن ڏينهن ڪاوڙ پئي ڪيائين؟"

"ها. اها ئي. هن جو سهرو آيل آهي. هن کي ڇوٽو آهي ته شادي ڪجهه وقت ترسائي. جيئن پهرين گيتا جي شادي ٿي وڃي. هوءَ بنتيءَ کان وڏي آهي. تنهن کان سواءِ اسان جو مطلب آهي ته بنتي به پنهنجو هيءُ سال پڙهي پورو ڪري وٺي. اڄ ته هن سان ان باري ۾ ڳالهائي اچون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شڪلا ائين چئي اٿيو. چندر بہ هن جي پٺيان اٿيو. اندر پهچي هن ٻنتيءَ جي سهري جو ديدار ڪيو. هو سامهون هڪ پلنگ تي ويٺو هو. پر اهو اياڳو پلنگ هن لاءِ پورو ڪو نہ ٿي پيو. هن جڏهن ساهہ ٿي کنيو تہ پراڻن واري اها ڪٿا ياد ٿي آئي. جنهن ۾ چيل آهي تہ هيءَ ڌرتيءَ جو گولو هوريان هوريان واراه جي منهن مان ڪيٺن ٻاهر نڪتو هو. مٿي تي ٿورا هلڪا وار هئس ۽ چيلهہ وٽ هڪ انگوشو ٻڌل هوس. باقي ٻيو سڄو جسم ننگو هوس. صبح جو شايد گنگا اشنان ڪري آيو هو. چاڪاڻ جو ٻين انگن سان گڏوگڏ پيٽ تي پڻ گنل چندن لڳل هوس.

ڊاڪٽر شڪلا هن جي پر واري ڪرسيءَ تي ويهي چيو. "ٻڌايو دبيجي. توهان چانهن پاڻي تہ ڪئي آهي نہ؟"

پلنگ مان چيچاٽ نڪتو. ماس جي ان وشال لوٽ ۾ هڪ زبردست پونچال آيو ۽ دبيجي چانهن پاڻي جي ڳالهہ ياد ڪري گد گد ٿي ڪلڻ لڳو. فضا ۾ زبردست اٿل پٿل مچي ويئي ۽ ڪمري جون ديوارون ڪرندي ڪرندي بچي ويون. دبيجي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيو. سو ليٽي ئي چيائين. "هو... هو... هو! سڀ توهان جي مهرباني آهي. خوب منائي ڪاڌم. هاڻي بس ٿورو شربت ملي تہ پيٽ ۾ نہ جيڪا جلن آهي. اها بہ ٺري وڃي." ائين چوندي چوندي هن پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريو.

"ها.... ها. اڙي پائي ٿورو شربت ناهي ونو." ڊاڪٽر شڪلا دروازي ڏانهن منهن ڪري چيو. جنهن جي اوٽ ۾ پڦي بيٺي هئي. هن آديش جي جواب ۾ پڦيءَ جو آواز آيو. "اڙي باپ ڙي! هي اڍائي مٺو ديو گهڻ ۾ گهڻ هڪ پخال شربت تہ ضرور پيئندو." ٻڌي. چندر کي کل اچي ويئي. ڊاڪٽر شڪلا بہ مشڪڻ لڳو. مگر دبيجيءَ جي منهن سگوري تي خوشيءَ يا ڏک جي هلڪي ريکا بہ نمودار ڪا نہ ٿي. چندر دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ پراچين ڏڪار ۾ برهمانند سڌ پرش ۽ مهاتمائون بہ ضرور اهڙا ئي ٿيندا هوندا.

پڦي شربت جو گلاس تيار ڪري کڻي آئي. دبيجي کنگهندو. ڦو ڦو ڪندو اٿيو ۽ هڪ ئي ڍڪ ۾ شربت جو سڄو گلاس پي ويو.

ڊاڪٽر شڪلا هيٺر هٿ جوڙي ڏاڍي نماڻائيءَ سان چيو. "دبيجي. اسان جي هڪ گذارش آهي."

"نہ... نہ" دبيجيءَ وچ ۾ ئي هن جي ڳالهہ ڪٽي چيو. "بس هاڻي مان وڌيڪ ڪجهہ ڪو نہ کائيندس. توهان منهنجو تمام گهڻو خيال ڪيو آهي. بس توهان کي ڏسي مون کي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي. توهين سچ پچ ديوتا ماڻهو آهيو. تنهن ڪانسواءِ توهين تہ ڇوڪريءَ جا ماما آهيو. شادي وغيره ۾ پڪش مامي ناني جو ئي ڏسبو آهي. هي تہ ڀڳوان اهڙي جوڙ ڪئي آهي جو گهوٽ جي ڪٽنب توڙي ڪنوار جي ڪٽنب ٻنهي ۾ ماما گياني آهن. توهين هتي ڪاليج ۾ پروفيسر آهيو ۽ هوڏانهن اسان جي پاسي يعني ڇوڪري جو مامو ڊاڪ گهر ۾ منشي آهي. بس توهان جي مهرباني آهي." دبيجي صفا هٽ ۾ ٿي ڇڄيو. چندر مشڪڻ لڳو. ڊاڪٽر وري چيو. "اها تہ سڀ اوهان جي نهٺائي آهي. پر منهنجو خيال هو تہ هنن گرمين ۾ شادي نہ رکي اگر سياري ۾ شاديءَ جو مهورت رکجي تہ وڌيڪ سٺو ٿيندو. اوستائين توهان جي خدمت لائق اسين ڪجهہ تياري بہ ڪري وٺنداسين."

دبيجي ان لاءِ تيار ڪو نہ هو. هو نهايت حيرت وچان ڊاڪٽر ڏانهن نهارڻ لڳو. مگر ڪيتري بحث مباحثي بعد هو نيٺ انهيءَ ڳالهہ تي راضي ٿيو. بشرطيڪ اسوءِ تائين هر ڏڻ وار تي ڇوڪري لاءِ ڪپڙو ۽ ڏوتيءَ جو جوڙو ۽ يارهن روپيہ نذراني طور موڪليا وڃن پر جي سياري ۾ شادي ٿي ٿئي تہ اڳو ٻوءِ ڇوڪريءَ جي سس، نڻاڻ ۽ ڏيرياڻيءَ لاءِ بہ گرم شالون موڪليون وينديون ۽ دبيجي جيڪو دفعو گنگا اشنان لاءِ پرياگ ۾ ايندو سو دفعو هن کي بہ ٿالهہ ڪپڙن جو ۽ سون جي ڪا چيز سوکڙيءَ طور ڏني ويندي. جڏهن ڊاڪٽر شڪلا هن جا سڀ شرط منظور ڪيا تہ دبيجي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪڙتو ڏوتي سنڀالي. گنڍڙي کڻي چوڻ لڳو. "چڱو. تہ هاڻي مون کي اجازت ڏيو. بس مان هاڻي هلان ٿو ۽ هي روپيا ڇوڪري کي ڏجو. ڳالهہ هيٺر بلڪل پڪي ٿي ويئي." هن پنهنجي صدريءَ جي کيسي مان هڪ مڙوٽيل سڙوٽيل تيل ۾ ٻڏل پنجن روپين جو نوٽ ڪڍي ڊاڪٽر شڪلا جي هٿ ۾ ڏنو.

"چندر. تون دبيجيءَ کي هڪ ٽانگو ڪري ڏينس. اسٽيشن لاءِ. چڱو هل. مان بہ ٿو هلان."

دبيجيءَ کي اماڻي جڏهن ٻئي موٽيا تہ ڏٺائون تہ پڦي ٿيلهيءَ مان ڪي شيون پيئي ڪڍي. ڊاڪٽر شڪلا هن جي هٿ ۾ نوٽ ڏيئي چيو. "هان وٺ. هي ڏيئي ويو آهي تنهنجو سيڻ. ڇوڪريءَ لاءِ."

"صرف پنجن روپين جو نوٽ ڏسي پڦي صفا ڀڄري اٿي. "نہ زر. نہ زيور. بس هن ڪاغذ ٽڪري تي شادي پڪي ڪري ويو. پاڻ تہ ڪپڙا. روپيہ. سون وٺن لاءِ وات ڦاڙڻ لڳو ۽ ڏين مهل موذيءَ جي پيٽ ۾ چڻ سور ٿو پوي. اڙي. منهنجو وس هلي تہ هن جي هڏي هڏي جيڪر ڪٽن کي کارايان."

چندر کلي کلي صفا پاڳل ٿيڻ جي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڦيءَ ٿيلهي بند ڪري ڇيو. "اڇا تائين ڪو بنتيءَ جو پتو آهي! هن مليڇ ترڪياڻي جي گهر وڃي ڪجھ ڪائي پيئي آئي ته پوءِ هتي منهنجو گذر ٿي نه سگهندو. گيتا کي ڏسي هن جو من تمام وڏي ويو آهي. اڃي ته ڏسو ڪيئن نه ٿي ڇنڇري لاهيانس!"

ڊاڪٽر شڪلا پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. چندر کي بہ اڃ لڳي هئي، سو هن پڦيءَ کان پاڻيءَ جو گلاس گهريو. پڦيءَ هن کي پاڻيءَ گلاس ڏيندي چيو. "ويهي پيءُ پٽ، ويهي پيءُ. کاڌ لاءِ ڪجھ ڏيانءِ؟"

"نہ ماسي" پڦي ڇري ڪٽي پاڇي ڪيڻ ويئي. چندر پاڻي پيئيندي سوچڻ لڳو تہ پڦي جڏهن بيـن سيني سان هھڙو منو ٿي ڳالهائي، تڏهن صرف بنتيءَ سان هھڙو ڪوڙو ۽ کهرو ڇو ٿي هلي!

ايتري ۾ ٻاهران چمپلن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. چندر مٿي نهاريو. گيتا ۽ بنتي ٻئي موٽي آيون هيون. گيتا چمپل لاهي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. بنتي ٻاهر اڱڻ ۾ ماءُ وٽ وڃي ڇيو. "مون کي ڏي، مان پاڇي ڪپي وٺان."

"هل، هٽ هتان، پهرين وڃي وهنجي ڪري اچ. اتي ڪجھ کاڌءِ تہ ڪو نہ؟ هيتري دير ڇا تـي لڳايئي. مون کي اصل خبر آهي. تون هتي منهنجو نڪ ڪپائيندينءَ تڏهن توکي آرام ايندو. فرنگين جا رنگ سکي ويئي آهين هتي."

بنتي خاموش، هن جي منهن تي گهري دک جو احساس هو. هن نگاهون جهڪائي ڇڏيون. رنائين ڪو نہ، چپ چاپ ڪنڌ لٽڪائي گيتا جي ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

چندر پل پر بيٺو رهيو. پوءِ گيتا وٽ ويو. گيتا جي ڪمري ۾ بنتي اڪيلي کٽ تي اونڌي ليٽي پيئي هئي، وهاڻي ۾ منهن لڪائي. چندر جڻ پريشان ٿي ويو. هن کي هن ڇوڪريءَ تي بيحد قياس آيو. جنهن کي پيءُ ڪو نہ هو. جنهن کي ماءُ وٽان نفرت ۽ نفعي کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نصيب نٿي ٿيو. ان اڀاڳي ڇوڪريءَ لاءِ چندر جي دل ۾ بيحد ممتا پيدا ٿي ويئي. هو سوچڻ لڳو تہ ٻنهي ڀينرن جي وچ ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي. هڪڙي نندپڻ کان ڪيڏي نہ لاڏ، شاهوڪاريءَ ۽ پيار وچ ۾ پلي آهي ۽ ٻي ڪيڏي نہ مصيبتن، ڪيڏي نہ بي عزتي ۽ نفرت وچ ۾ پلي آهي ۽ اهو سڀ هن کي ان ماءُ وٽان نصيب ٿيو آهي جا سڄي دنيا کي سواءِ پنهنجي ڌيءَ جي، پيار ڏيئي ٿي سگهي.

هو ڪرسيءَ تي ويهي چپ چاپ اهو سوچيندو رهيو تہ آئينده بہ هن ويچاريءَ کي ڪهڙو سک نصيب ٿيندو. هن جي سهري کي ڏسندي ئي آئينده جي سک جو تصور پليءَ پٽ ڪري سگهجي ٿو.

ايتري ۾ گيتا ڪپڙا بدلائي هٿ ۾ هڪ ڪتاب جهلي، ان جي پڙهڻ ۾ ئي مشغول اتي پهتي ۽ کٽ تي ويهي رهي. "اڙي! هيئن ڇو پيئي آهين؟ اڙي تون چندر آهين! بنتي اٿ." هن بنتيءَ جي پٺيءَ تي هٿ رکي ڇيو.

بنتي جا هيل تائين خاموش هئي، سا گيتا جي ممتا ڀرئي ڇهاءُ تي سڏڪن ۾ اچي ڇٽڪي. اهو ڏسي گيتا چندر کان سوال ڪيو. "بنتي راتيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟" ۽ انهيءَ تي جڏهن بنتي اڳي کان بہ زور سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. تہ گيتا وري چندر کي چيس. "تو ئي هن کي ڪجھ چيو آهي. ٻن هفتن بعد موٽيو آهين ۽ اچڻ شرط هن کي روئارڻ شروع ڪيو اٿيئي. تو ضرور هن کي ڪجھ چيو آهي. مان سمجهي ويس. مون سان هلڻ ڪري هن تي بہ غصو چڙهيو هوندئي. چندر مان توکي صاف صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيان تہ مان تنهنجيون سڀ ڳالهيون سهي ٿي وڃان پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ تون هن ويچاريءَ تي بہ پنهنجو رعب ڄمائڻ شروع ڪرين. اڄ کان پوءِ تو وري هن کي ڪجھ چيو آهي تہ سٺو نہ ٿيندو."

"تنهنجي دماغ جو ڪو پردو شايد ڍلو ٿي ويو آهي. مان بنتيءَ کي ڇا چوندس؟"

"بس، تنهنجي اها ئي تہ بري ڳالھ آهي نہ!" گيتا وڏيڪ بگڙجي ڇيو. "ڇو بنتيءَ کي ڇو نہ چوندين؟ جڏهن مون کي چوين ٿو تہ هن کي ڇو نہ چوين؟ ڇا مان تنهنجي عزيز آهيان ۽ هيءَ تنهنجي عزيز نہ آهي."

چندر کي کل اچي ويئي. "عزيز ڇو نہ آهي؟ پر توسان نہ هيئن پڇبو، نہ هونءَ پڇبو."

"اهي سڀ ڳالهيون مان ڪا نہ ٿي سمجهان. مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ تہ هيءَ روئي ڇو ٿي؟" گيتا چڻ چندر کي ڌمڪائڻ لڳي.

"پڦيءَ هن کي ڪجھ ڇيو."

"اڙي تہ هن جي ڇوڻ تي روئڻ ڇا جو! توکي هيترو سمجهايم تہ هن جي اها عادت آهي. کلي ٽاري ڇڏ. هل اٿ! اٿين ٿي يا ڪتڪتائي ڪريانءِ." گيتا هن کي ڪتڪتائي ڪرڻ شروع ڪئي. بنتيءَ هن جي هٿ کي ٿيلهو ڏيئي پري ڪيو ۽ وري سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

"تون ائين ڪا نہ مڃيندينءَ نہ! ڏس تہ هاڻي ڪيئن نہ ٿي ٺيڪ ڪريانءِ. چندر هتان، هي هن جو هٿ تہ پڪڙ."

پر چندر چپ چاپ ويٺو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اجا وينو آهين. هن جو هي هٿ پڪڙ ته ڏس، هن کي هڪ منٽ ۾ ڪيئن ٿي ڪلايان!" گيتا چندر جو هٿ پڪڙي هن کي بنتيءَ طرف ڇڪڻ لڳي. چندر پنهنجو هٿ ڇڏائي ڇيو. "هوءَ ويچاري روئي ويني ۽ تون هن کي پرچائڻ بدران اٽلو وڌيڪ پريشان پيئي ڪرين."

"اڙي خبر اٿيئي ته روئي ڇو ٿي؟ ٿورو وقت اڳي هن جو سهرو آيو هو. هو ڏاڍو ٿلهو هو. سو هيءَ پيئي سوچي ته متان سندس هو به نه اهڙو ٿلهو هجي." ائين چوندي گيتا وري هن جي ڳڇيءَ تي ڪتڪتائي ڪرڻ لڳي.

بنتي هينئر کلي ويئي. گيتا به ٽپ ڏيئي اٿي "اڙي هيءَ ته کلي ويئي. هاڻي وري روئيندينءَ! ۽ گيتا هن کي وري ڪتڪتائي ڪرڻ لڳي. بنتي پهرين ته کل وچان ليٽڙڻ لڳي. پر پوءِ پنهنجي ساڙهي سنڀالي چيائين. "چه... ديدي! هو وينو آهي ۽ تون!" ائين چئي هوءَ اٿي ٻاهر وڃڻ لڳي.

"ڪيڏانهن هلينءَ!" گيتا پڇيو.

"جي وڃان ٿي وهنجڻ" بنتيءَ ساڙهيءَ جو پلؤ مٿي تي وجهندي چيو.

"ڇو مون توکي هٿ لاتو انهيءَ ڪري!" گيتا کلندي چيو.

"اي چندر، هو گيسوءَ جو نندو ڀاءُ آهي نه حسرت. مون هن کي ڇمي ڏني ته هڪدم وڃي صابڻ سان منهن ڌوئڻ وينو. پنهنجي اميءَ کي چوڻ لڳو: "منهنجو منهن جوٺو ٿي ويو ۽ بڌ... اڄ مون گيسوءَ جي اختر ميان کي به ڏٺو. ڏاڍو مزيدار آهي. مون ته گيسوءَ سان ڳالهيون ويني ڪيون. پر بنتيءَ ۽ قول هن کي ڏاڍو چيڙيو. ويچارو گهبرائجي ويو. قول ڏاڍي چلولي ۽ نازڪ آهي. بوليون به آهي بوليندي آهي ڇا! بنتي ۽ قول هڪ ٻئي جون ڏاڍيون پڪيون ساهيڙيون ٿيجي ويون. ڳائين به ٻئي سٺو ٿيون."

"بنتي ڳائيندي آهي!" چندر پڇيو. "اسان ته هن کي هتي صرف روئيندو ڏٺو آهي."

"اڙي ڏاڍو سٺو ڳائيندي آهي. هن اتي هڪ ڳوناڻو گيت ڏاڍو سٺو ڳايو."

"اڙي ڏنئي نه. هنن سڀني ڳالهين ۾ مون کي توتي ڪاوڙ ڪرڻ ته صفا وسري ويئي. تون هي چار ڏينهن ڪٿي هئين؟ ٻڌاءِ، جلدي ٻڌاءِ."

"مشغول هوس. گيتا. ٿيسز ٿي حصا پوري ٿي ويئي آهي. مان روز پنج ڪلاڪ ويهي لکندو آهيان."

"پنج ڪلاڪ!" گيتا پڇيو. "ڪير اڄ ڪلهه پيئندو آهين يا نه؟"

"ها... ها. ٿي ڳڻون خريد ڪيون اٿم." چندر چيو.

"مذاق ڇڏ. ڪاڏي جو خيال پاڻيهي رکجانءِ پنهنجي طبيعت خراب ڪيئي ته هينئر منهنجو به امتحان ويجهو آهي. اڪيلو اڪيلو وينو مکيون مارينديس. مان ڏسڻ به ڪا نه ايندي سانءِ."

"توکي اجا ڇا پڙهڻو آهي؟"

"ڪورس ته پورو ڪري ڇڏيو هوم. فقط ٿوريون مشڪلاتون هيون سي گذريل ٻن ٽن هفتن ۾ ماستر صاحب سڀ ٻڌائي ڇڏيون. هاڻي باقي دوڙ ڪرڻو آهي. مگر بنتيءَ جو امتحان مئي ۾ آهي. هن کي به ته پڙهڻو آهي."

"ڇگو مان هلان ٿو."

"اڙي ويهه نه. ورتي خبر نه آهي ڪيترن ڏينهن بعد ايندي. اڄ ڀڦي هلي ويندي. پوءِ سياڻ ڪان ونئي وري هتي اچي پڙهه نه. تو بنتيءَ جي سهري کي ڏٺو هو؟"

"ها ڏٺو هوم" چندر هن جي شڪل ياد ڪري وري کلي ڏنو. "باپ ڙي! هو ته صفا پيپ هو. پيپ!"

گيتا چيو. "بنتيءَ جي نڻان سان تنهنجي شادي ڪرايون. ڪنديس؟ اها به ڀيءَ جهڙي ٿلهي آهي. پوءِ ڏسنداسين تنهنجي همت ته هن کي ڪيئن ٿو چڙهون ڏين ۽ ڪاوڙ ڪرين."

شادي! چندر کي هڪدم ياد اچي ويو. ڀڦيءَ ٻڻ گيتا جي شاديءَ جي ڳالهه ڪئي هئي. ان وقت هن کي ڪهڙو احساس ٿيو هو؟ ڇا ٿيو هو؟ هن جو مغز چڪر ڪائڻ لڳو. ائين ٻئي سمجهيائين ڄڻ مٿي ۾ سخت سور هوس. اهو سور هو يا ٻيو ڪجهه هو. جيڪي به هو، هن جي رڳ رڳ کي ڄڻ ڇيرائين ٻئي. هڪدم.....

"ڇو چندر! اڙي هيئن ڇپ ٿي وئين؟ دنبي ڪنوار جو نالو ٻڌي ڊڄي وئين ڇا؟" گيتا چندر جي ڪلهي کي پڪڙي ڌونڌاڙڻ شروع ڪيو.

چندر ڇپن تي صرف هڪ ڦڪي مرڪ آڻي سگهيو ۽ ڇپ چاپ گيتا ڏانهن نهارڻ لڳو. گيتا چندر جي انهيءَ نهار اڳيان سهمجي ويئي. چندر جي ان نگاهه ۾ نه ڄاڻ ڇا هو! هڪ قسم جي نپ اڪيلائي، سجائي هئي، ڄڻ ايندڙ پيڙا جو بد سوڻ پاڇو هو. هڪ نرالي قسم جي درد جو خاموش آواز هو. هڪ قسم جي پکڙجندڙ اداسي هئي، جا به بيحد گهري. ايتري گهري، نه ڄاڻ ڪيتري گهري ۽ چندر بڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. بنا اک ڇنڀڻ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا بہ پريشان ٿي اٿي. هي منهنجو چندر تہ آهي ئي ڪو نہ. هيءَ نگاهہ منهنجي چندر جي تہ لڳي ئي ڪا نہ ٿي. چندر اهڙي نموني ايئن يڪ ٽڪ بنا اک ڇنڀڻ جي تہ ڪڏهن بہ گيتا ڏانهن ڪو نہ نهاريندو آهي. نہ هيءَ نگاهہ منهنجي چندر جي نہ آهي. انهيءَ نگاهہ ۾ نہ شرارت آهي. نہ غصو آهي. نہ پيار آهي. نہ ممتا آهي. ان ۾ جيڪي آهي تنهن کان گيتا بلڪل اڻ واقف آهي. اڄ پهريون ئي دفعو هن چندر جي نگاهن ۾ اهو احساس ڏٺو هو ۽ اهو ڏسي هوءَ ڏڄي ويئي. صفا ڏڪڻ لڳي. نہ هي بيو ڪو چندر آهي جو ڏانهنس ائين پيو نهاري. هي تہ بلڪل اڻواقف. ڪو اجنبي. ڪنهن ٻئي ديس جو واسي آهي. جو گيتا ڏانهن .....

"چندر... چندر! توکي ڇا ٿي ويو آهي؟" ڊپ ۾ گيتا جو آواز ڏڪڻ لڳو. هن جو منهن زرد ٿي ويو. هن جو ساهہ منجهڻ لڳو. "چندر..." ۽ جڏهن هوءَ بيو ڪو وس هلائي نہ سگهي تہ هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

چندر جي هٿن تي جڏهن هڪ گرم گرم لڙڪ اچي ڪريو تہ هو ڇرڪ ڀري اٿيو.

"اڙي گيتو! روئين ڇو ٿي؟ روءُ نہ ٻڍلي! منهنجي طبيعت ذرا نيڪ نہ آهي. پاڻيءَ جو گلاس تہ کڻي اچ."

گيتااجا بہ ڏڪي پئي. چندر جي آواز ۾ اجا بہ اها فطري نرمائي ڪا نہ آئي هئي. هوءَ پاڻي کڻي اچڻ لاءِ اٿي.

"نہ. تون ڪيڏانهن نہ وڃ. تون هتي ويهہ." چندر گيتا جو هٿ پڪڙي پنهنجي پيشانيءَ تي رکيو. پوءِ هن جو هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن وچ ۾ دٻائيندي چيائين. "گيتا!"

"جي چندر!"

"ڪجهہ ڪونهي." پر اهو آواز بہ چندر جو ڪو نہ هو. ڇڻ ڪنهن ٻئي جو هو. نہ ڄاڻ اهو آواز ڪٿان پئي آيو.

"ڇا مٿي ۾ سور اٿيئي؟ بنتي جلدي ڪر. پاڻيءَ گلاس تہ کڻي اچ." گيتا بنتيءَ کي آواز ڏيندي چيو.

انهيءَ رڙ تي چندر پلڪ ۾ پنهنجي فطري حالت ۾ موٽي آيو. "اڙي. هينئر مون کي ڇا ٿي ويو هو؟ گيتا. تو هينئر ڇا پئي چيو؟"

"نہ ڄاڻ توکي هينئر الائي ڇا ٿي ويو." گيتا گهبرايل ۽ هيسيل آواز ۾ چيو.

چندر هينئر بلڪل نيڪ هو. چيائين. "ڪجهہ ڪونهي گيتا. مان بلڪل نيڪ آهيان. مان تہ فقط توکي پريشان ڪرڻ لاءِ ائين چپ چاپ ويٺو رهيس." چندر کلندي چيو.

"هل... هل. تنهنجي مٿي ۾ ضرور سور آهي." بنتي پاڻي گلاس کڻي پهچي ويئي.

"هان وٺ. پاڻي پيءُ."

"نہ مون کي ڪجهہ ڪو نہ کپي." چندر انڪار ڪندي چيو.

"بنتي. هو مٿي جي سور وارو بام تہ کڻي اچ." گيتا پاڻيءَ جو گلاس زوريءَ چندر جي چپن تي رکندي چيو. بنتي بام اڳي ئي کڻي آئي هئي. گيتا هن کي چيو. "تون هن جي نرڙ تي لڳائي وٺ. اڙي. بيٺي ڏسين ڇا ٿي؟ ڪرسيءَ جي پٺيان ذرا هلڪي هٿ سان هن کي بام لڳائي وٺ."

بنتي فرمانبردار ڇوڪريءَ جيان اڳتي وڌي ٻہ وري هٻڪي بيهي رهي. هڪ اجنبي مرد جي پيشانيءَ تي بام ڪيئن لڳائي. "اڙي لڳائين ٿي يا... دنبي ڪٿان جي! بس سڄو ڏينهن کائيندي کائيندي موٽي ٿيندي ويندي. باقي ذري ڪم چئجينس تہ برو چڙهندس."

بنتي لاچار اڳتي وڌي چندر جي پيشانيءَ تي جيئن بام تي مهٽيو تيئن چندر هن جو هٿ هٽائي ڇڏيو. انهيءَ تي گيتا بنتيءَ کان بام جي شيشي وٺي چيو. "مون کي ڏي تہ مان لڳايانس." بنتي بام جي شيشي هن کي ڏيئي هلي ويئي. گيتا اڳتي هٿ وڌايو تہ چندر هن کي ڇڙٻ ڏني. "سڌي ٿي ويهہ." گيتا ماٺ ڪري ويٺي تہ چندر چيو. "ها. هاڻي ٻڌاءِ تہ تو ڪهڙي ڳالهہ پئي ڪئي! ها. بنتيءَ جي شاديءَ جي ڳالهہ هئي نہ. اي... هن جو سهرو تہ بيحد لالچي ماڻهو ٿي ڏٺو. توهان ڇا ڏسي هن جي اتي مائٽي ڪئي آهي؟"

"الائي پڪيءَ ڇا ڏٺو آهي. حقيقت ۾ پڪي خبر نہ آهي ڇو. بنتيءَ تي هميشہ ڪاوڙيل ٿي رهي. بنتي هن تي ڇڻ بوجهہ آهي ۽ هوءَ ڪنهن بہ نموني پاڻ تان اهو بوجهہ هٽائڻ ٿي چاهي. مگر چندر. بنتي ڏاڍي خوش آهي. هوءَ تہ اتاولي آهي تہ سياڻ شادي ٿي وڃيس." گيتا مشڪندي چيو.

"اڇا. هوءَ خود شاديءَ لاءِ ايڏي اتاولي آهي!" چندر جي سوال ۾ حيرت پريل هئي.

"تڏهن ڇا؟ صبح جو هن پنهنجي سهري جي خوب خدمت ڪئي. مگر پاپا جي مرضي هئي تہ هن سال جو امتحان پاس ڪري وٺي تہ پوءِ شادي ڪجي. هن ڪان پڇڻ لاءِ پاپا مون کي چيو هو. مون هن کان پڇيو تہ چيائين تہ امتحان پاس ڪرڻ بعد بہ جڏهن شادي ڪرڻي آهي تہ ان کي ترسائڻ مان فائدو ڪهڙو. پوءِ وري پاپا جڏهن هن کي چيو تہ تنهنجي شادي سياري تائين ترسائي ويئي آهي تہ ڏاڍي عجب وڃان چيائين: سياري تائين!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"گيتو. توکي خبر آهي تہ هن جي شادي سياري تائين جو ترسائي ويئي آهي؟ ڀھرين تنھنجي شادي ٿيندي." چندر کلندي چيو. هينئر هو بلڪل ماٺ هو. گهٽ ۾ گهٽ هن جي ٻاهرين روش ۾ ڪا بہ پريشاني يا ڳڻتي نظر نٿي آئي.
"منهنجي شادي!" هن جون اکيون ڦاٽي ويون. وات کلي ويو. هٿ ڌڪڻ لڳا. چهري تي حيرت چانئجي ويس. "ڪير ڪندو منهنجي شادي. پڇي؟ پاپا هن کي ڪرڻ ئي ڪو نہ ڏيندو. مون کان سواءِ پاپا جو ڪم ئي ڪو نہ هلندو ۽ بابو صاحب. پوءِ تون هي رعب ڪنهن تي اچي جمائيندين؟ منهنجي شادي! هون!" گيتا منهن موڙي چيو.
"نہ گيتا. مان سچ پچ ساپيا ۾ ٿو چوان. ٽن ڇئن مهينن بعد تنهنجي شادي ٿي ويندي." چندر هن کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.
"اڙي هل." گيتا وري بہ کلندي چيو. "تون مون کي ائين تنگ ڪري نہ سگهندين."
"چڱو. انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏ. تو وٽ ڪو پوسٽ ڪارڊ آهي؟ ڪٿي اڄ تہ هن ڪامريڊ کي چٺي لکي وٺان." چندر ڳالهہ کي ڦيرائي ويو. نہ ڄاڻ ڇو. هن کي گيتا جي شاديءَ جي معاملي تي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ ۾ هڪ انوکو احساس ٿي رهيو هو.
گيتا سوال ڪيو. "ڪهڙو ڪامريڊ؟ ڇا تون ڪميونسٽ ٿي ويو آهين؟"
"نہ ڙي. هو بريليءَ وارو سماجوادي (سوشلسٽ) جوان جنهن جهڳڙي ۾ اسان جي حياتي بچائي هئي. توکي مون ان جهڳڙي جو سربستو احوال ٻڌايو ڪو نہ هو."
"ها ها. ٻڌايو هو. هن کي ضرور خط لک." گيتا پوسٽ ڪارڊ آڻي هن جي هٿ ۾ ڏيندي چيو. "توکي هن جي ايڊريس جي خبر آهي؟"
چندر ڪارڊ پڙهي لکيو تہ گيتا چيو. "ٻڌ. هن کي لکينس تہ پاپا جي ڌيءَ گيتا. توهان جي بيحد شڪرگذار آهي جو توهان هن جي پاپا جي جان بچائي ۽ ڪڏهن موقعو مليو تہ الله باد ضرور اچجو. لکيس نہ.... اهو سڀ ڪجهہ."
"ها." چندر ڪارڊ کيسي ۾ رکندي چيو.
گيتا هينئر وري چنچل ٿيڻ جي ويئي چيائين. "مان بہ سوشلسٽ پارٽيءَ جي ميمبر ٿينديس."
"ٺيڪ آهي. . توتي وري اها نئين ڌن سوار ٿي. تو سوشلسٽ پارٽيءَ کي ڇا سمجهيو آهي؟ اها عوامي پارٽي آهي. ائين نہ ڪجانءِ جو سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ وڃين ۽ موٽي پاپا کي اچي چوين: اڙي. مون تہ سمجهيو هو تہ پارٽي هوندي. چانهہ پاڻي ملندو. هتي تہ سڀني ماڻهن فقط ليڪچر پئي ڪيا."
"هٽ. ڇا مان اهڙي بيوقوف آهيان!" گيتا بگڙجندي چيو.
"نہ نہ. تون تہ ڄاڻ جو ساگر آهين. مگر زالن جي سياسي ڄاڻ ڪجهہ اهڙي ئي قسم جي ٿيندي آهي."
"ٺهيو ٺهيو. ڇوڪريون نہ هجن تہ توهان جو جيڪر هڪڙو بہ ڪم نہ هلي."
"چڱو گيتا. اڄ ٿورا روپيا ڏيندينءَ؟ مون وٽ پئسا خلاص ٿي ويا آهن اڄ سئينما تي وڃڻو آهي." چندر هن کي هينئر ڏاڍو پيار ڏيکاريندي چيو.
"ها ها. ڏينديس ڇو نہ. مطلبي ڪٿان جو!" گيتا چيو. "اجا هينئر تون ڇوڪرين جي برائي ڪري رهيو هئين نہ!"
"تہ تون انهن ڇوڪرين مان ٿورئي آهين. تون تہ اسان جي ڏاهي گيتا آهين نہ. ڏاهي گيتا."
گيتا هن جي ڳالهين ۾ اچي ويئي. "گهڻو کپئي؟" ۽ پنهنجي بلائوز جي کيسي مان پنجين روپئي جو نوٽ ڪڍي چيائين. "هن مان ڪم ٿي ويندئي؟"
"ها ها. اڄ خيال ڪيو اٿم تہ پميءَ وٽ وڃان ۽ پوءِ سيڪنڊ شو ۾ سئينما ڏسي اچان."
"پميءَ راتيءَ وٽ ويندين! سمجهي ويس. چاچي کي بہ تو شاديءَ کان انڪار انهيءَ ڪري ئي ڪيو. مگر پمي تہ توکان ٽي سال وڏي آهي. ماڻهو ڇا چوندا؟"
"سوچا. دنيا ۾ سڀ ائين ئي هلندو آهي." چندر کلي ڳالهہ ٽاري ڇڏي.
"چڱو. ماني هتي ئي کائي وڃ ۽ موٽر وٺي وڃ." گيتا چيو.
"نہ گهراءِ" چندر پلنگ تي پير ڦهلائيندي چيو. ماني اچي ويئي ۽ جيستائين کائي پورو ڪري تيستائين گيتا سامهون ويٺي رهي ۽ بنتي پوريون آڻڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

چندر پميءَ جي بنگلي تي پهتو ان وقت شام ٿيڻ ۾ دير ڪا نہ هئي، مگر سئنيما جي پهرئين شو شروع ٿيڻ ۾ ڪافي وقت پيو هو. پمي گلابن وچ ۾ پئي گهمي. برني شاندار سوٽ پائي هيٽ ساوڪ تي گوڏن وچ ۾ ڪنڌ رکي، نہ ڄاڻ ڪهڙي سوچ ۾ غلطان ويٺو هو. برنيءَ جي چهري جي پيلاڻ هينئر ڪي قدر گهٽجي ويئي هئي. هو هاڻي اڳي جهڙو پيانڪ بہ ڪو نہ ٿي لڳو. پر هن جي اکين ۾ اڃا اهو ئي پاڳلپڻو هو. سوٽ بلڪل شاندار پيل هوس، پر قميص جو ڪالر اڌ اندر تہ اڌ ٻاهر نڪتل هوس.

پمي چندر کي ايندو ڏسي ٽڙي پيئي. "هلو چندر، ڪهڙو حال آهي؟ صبح کان ئي دل پئي چيو تہ منهنجو دوست اڄ ضرور ايندو ۽ شام جي وقت تہ تون اهڙو سٺو ٿو لڳين جهڙو هو جهڪمڪ ڪندڙ تارو، جنهن کي ڏسي ڪيٽس (keats) پنهنجي آخرين سانيٽ رچي هئي." پمي هڪ گلاب جو گل ٽوڙيو ۽ چندر جي ڪوٽ ۾ اٽڪايائين. چندر برنيءَ ڏانهن ڊپ ڀريل نگاهن سان ڏٺو. انديشو هوس تہ وري اڄ بہ منهنجي ڪنڌ تي نہ سوار ٿي وڃي. مگر برنيءَ ڪجهہ ڪو نہ چيو. هن صرف هٿ کڻي چندر کي ڪيڪاريو ۽ پوءِ پنهنجي سوچ ۾ گم ٿي ويو.

پميءَ چيو. "هل، اندر هلي ويهون. چندر ۽ پمي ٻئي ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويٺا.

چندر چيو. "مون کي تہ ڊپ پئي لڳو تہ تو گل ڇني مون کي ڏنو تہ برني وري ناراض ٿي ويندو، مگر اڄ تہ هن اکر بہ ڪو نہ ڪڇيو."

پميءَ مرڪيو. "هينئر هو ڪجهہ ڪو نہ چوندو آهي. گلابن مان هن جو چاهہ ئي نڪري ويو آهي. هينئر هن کي انهن جي ڪا بہ پرواهہ ڪانهي."

"ڇو؟" چندر کي حيرت لڳي.

"نہ ڄاڻ ڇو؟ مان سمجهان ٿي تہ هن جو پنهنجي زال ۾ اڳي جيڪو ڀروسو هو سو هوريان هوريان ٽٽندو ٿو وڃي. هينئر اٽلو هن کي اهو يقين ٿيندو ٿو وڃي تہ هوءَ سچ پچ سارجنٽ سان پيار ڪندي هئي. انهيءَ ڪري ئي هن گلن تان بہ پنهنجو پيار هٽائي ڇڏيو آهي."

"اڇا، مگر اهو سڀ ٿيو ڪيئن؟ مون تہ ائين سمجهيو هو تہ مرڻ گهڙيءَ تائين هن جو اهو پاڳلپڻو دور ٿي نہ سگهندو."

"ڳالهہ هيئن ٿي تہ تنهنجي اچڻ کان ٻہ ٽي ڏينهن پوءِ مون ويچار ڪيو تہ قبول ڪجي تہ منهنجي" برنيءَ جي خيالن ۾ فرق آهي، مگر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ مان هن جا گل چورائي، هن کي غير فطري ڏک پهچايان. هن جو پاڳلپڻو وڌايان. ان ڏينهن مون کي احساس ٿيو تہ ٻڌي ۽ منطق کان سواءِ جذبات ۽ همدرديءَ کي بہ جيون ۾ وڏي اهميت آهي ۽ مون هن جا گل چورائڻ بند ڪري ڇڏيا. ٻہ ٽي ڏينهن هو بيحد خوش رهيو ۽ مون کي بہ ڏاڍو قرار ۽ سڪون مليو. مگر ٽئين ڏينهن هن خود ڪرپو کڻي گلابن جا ڪيترا ٻارا اکوڙي ڦٽا ڪري ڇڏيا. مون وٽ اچي چيائين هينئر تہ ڪير گلاب چورائڻ بہ ڪو نہ ٿو اچي، پوءِ بہ هوءَ انهن گلابن ۾ ڪا نہ ٿي ليي. هوءَ پڪ ئي پڪ سارجنٽ سان گڏ ويندي آهي. هن جو مون سان پيار نہ آهي، ذرو بہ پيار نہ آهي. ائين ڇئي هو روئڻ لڳو. بس ان ڏينهن کان هن گلابن جي پچار ڇڏي ڏني آهي. شاندار سوٽ پائي گهمندو ٿو رهي ۽ اڪثر چوندو ٿو ڦري ڇا مان سارجنٽ کان گهٽ سهڻو آهيان! هينئر تہ هو اڳي کان بہ وڌيڪ پاڳل ٻڻجي ويو آهي. اڪيلائيءَ ۾ الائي ڪنهن سان سڄو وقت جهيڙو ڪندو ٿو رهي."

چندر عجب ۾ اهو سڀ ٻڌندو، ڪنڌ ڌوڻيندو رهيو.

پميءَ چيو. "مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مون تہ هن سان همدردي ڪري گلاب چورائڻ بند ڪري ڇڏيا. پر ان جو نتيجو وري هي وڃي نڪتو. الائي ڇو چندر. پر مان ائين سمجهندي آهيان تہ همدردي ڪرڻ هن دنيا ۾ وڏو ڏوهہ آهي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان همدردي ڪرڻ نہ گهرجي."

چندر اوچتو پنهنجي واچ ۾ وقت ڏٺو.

"ڇو؟ مان توکي ايترو جلد وڃڻ نہ ڏينديس. ويهہ مون سان ڳالهيون ڪر. ٻہ ٽي سال ٿي ويا آهن. مون ڪنهن سان ڳالهيون نہ ڪيون آهن ۽ توسان مون دوستي رکي انهيءَ لاءِ تہ توسان ڳالهيون ڪنديس."

چندر کلي چيو. "تو منهنجو ڏاڍو سٺو استعمال ڳولي ڪڍيو آهي."

"نہ چندر. تون مون کي غلط نہ سمجهہ. زندگيءَ مون کي ايتريون ڳالهيون ٻڌايون آهن ۽ هي ڪتاب جيڪي مون پڙهڻ شروع ڪيا آهن. تن بہ مون کي ايتريون ڳالهيون ٻڌايون آهن جو چاهيان ٿي تہ ڪنهن کي اهي ڳالهيون ٻڌائي پنهنجو من هلڪو ڪريان. انهيءَ ڪري توکي منهنجون اهي سڀ ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان. پر تو اهي ڪتاب پڙهڻ ڪڏهن کان شروع ڪيا آهن؟" چندر جي آواز ۾ تعجب هو.

"تنهن ڏينهن مان ڊاڪٽر شڪلا جي گهر وئي هيس. هن جي ڌيءَ وٽان پتو پيم تہ توکي شعر بيحد پسند آهن. سوچيم تہ توسان انهيءَ بابت ئي ڳالهيون ڪريان. انهيءَ ڪري شعر پڙهڻ شروع ڪيم."

"چئبو تہ هنن ٻن ٽن هفتن ۾ پاءُ توڙي پيڻ ٻنهي ۾ ڦيرو اچي ويو آهي."

پمي‌ءَ ڪجهہ ڪو نہ. صرف مرڪيائين.

"پمي منهنجي مرضي آهي تہ اڄ سئنيما تي هلون. موٽر آهي. باقي پنڌرنهن منٽ آهن. مرضي هجيئي تہ هل."

"سئنيما! ڇئن سالن کان مان ڪيڏانهن ڪا نہ وئي آهيان. سئنيما ناچ وغيره سڀ بند ڪري ڇڏيا اٿم. هال اندر منهنجو دم گهٽجڻ لڳندو. تڏهن بہ هل. ٻيا ماڻهو تہ خوش ٿي سئنيما ڏسن ٿا اچن." هن اونهو ساهہ کڻندي چيو. "برٽي‌ءَ کي وٺي هلون؟"

چندر وري واچ ڏانهن نهاري چيو. "ڀلي. پر جلدي ڪر. نہ تہ دير ٿي ويندي."

پمي اندر وئي ۽ هلڪي پوري رنگ جو فراڪ پائي آئي. انهيءَ رنگ ۾ هوءَ ٺڙي پيئي هئي. چندر هن ڏانهن نهاريو تہ هوءَ شرمائجي وئي. چيائين. "ائين مون ڏانهن نہ ڏس. مون وٽ هي سٺي ۾ سٺو فراڪ آهي. مون کي خبر آهي تہ مان ان ۾ تمام سٺي لڳندي آهيان. ڇڱو هل." ۽ هن اڳتي وڌي ٻنا هٿڪ. ٻنا حجاب چندر جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

برٽي اڃا ٻاهر ساوڪ تي چڪر پئي ڏنا. هن جا پير ٿابڙجي پئي تہ بہ هو ڏاڍي شان سان سينو تاڻي ٿي هليو. پمي‌ءَ چيس، "برٽي، مسٽر چندر اڄ مون کي سئنيما تي وٺي ٿو هلي. تون هلندين؟"

"هون!" برٽي‌ءَ ڪنڌ ڌوڻيو. "سئنيما! نہ. ڪڏهن بہ نہ هلندس. تون مون کي ڇا ٿي سمجهين" هن جو آواز جهڪو ٿيندو پئي ويو. "اگر سئنيما تي هوءَ مون کي سارجنٽ سان گڏ ملي وڃي تہ مان هن جو گلو گهٽي ڇڏيندس." ائين چوندي برٽي‌ءَ پنهنجو گلو اهڙو تہ زور سان دٻايو جو اکين جا تارا ٻاهر نڪري آيس ۽ هو ڪنگهڻ لڳو. برٽي‌ءَ وري چيو. "هوءَ مون کي پيار نٿي ڪري. هوءَ سارجنٽ کي پيار ٿي ڪري. هن سان گڏ گهمي ٿي. مون کي سئنيما تي گڏجي وڃي تہ مان هن جو خون ڪري ڇڏيندس. پوءِ پوليس ايندي. ٺڪي خبر آهي مسٽر چندر. مون کي هن کان ڪيڏي نہ نفرت آهي! ۽... ۽... مگر ڪهڙي خبر. مان شايد هن سان نفرت نہ بہ ڪندو هجان. مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. مان پاڳل ٿي ويو آهيان. اف!" ۽ هو مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو.

پمي‌ءَ چندر جو هٿ پڪڙي چيو. "هل. اسان جي هوندي هن جو دماغ پاڻ وڌيڪ خراب ٿيندو."

ٻئي موٽر ۾ وڃي ويٺا. چندر موٽر چالو ٿي ڪئي جو پمي‌ءَ چيس. "ڪيترن ڏينهن کان مون موٽر ڪا نہ هلائي آهي. اڄ مان ٿي موٽر هلايان."

چندر ٿري ٻئي پاسي ٿي ويٺو.

فلم جو نالو هو "سلومي هيئر شي ڊانسڊ" يعني "جتي سلومي نچندي هئي." چندر ٽڪيٽون خريد ڪيون ۽ ٻئي مٿي پهتا. ڀيڙ ڪا نہ هئي، صرف ٽي چار ماڻهو هئا. هي ٻئي اڪيلي هنڌ وڃي ويٺا. اڃا خبرون پئي هليون جو اوچتو پمي‌ءَ سوال ڪيو. "ڪپور، توکي سلومي جي ڪهاڻي‌ءَ جي خبر آهي؟"

"نہ. ڇا ڪو ناول آهي."

"نہ. هيءَ بائيبل جي هڪ ڪهاڻي آهي. هيراڊ هڪ راجا هو. هن پنهنجي ڀاءُ جو خون ڪري ڀاڄائيءَ سان شادي رچائي. سلومي هن جي ڀائٽي هئي. هوءَ سهڻي هئي ۽ ڏاڍو سٺو نچندي هئي. هيراڊ هن تي بہ موهت ٿي پيو. مگر سلومي خود هڪ پيغمبر پٺيان مست هئي. پيغمبر سلومي‌ءَ جي پريت کي ٺڪرائي ڇڏيو. هڪ دفعي هيراڊ سلومي‌ءَ کي چيو تہ تون مون کي پنهنجي ناچ سان خوش ڪر. پوءِ جيڪي گهرندينءَ سو ڏيندو سانءِ. سلومي‌ءَ ناچ ڪيو ۽ انعام ۾ ان پيغمبر جو سر گهريائين. هيراڊ وچن ڏيئي ويٺو هو. هن پيغمبر جو سر سلومي‌ءَ کي ڏنو پر پوءِ اچي ڊپ لڳس تہ متان راڄ تي آفت نازل ٿئي. انهيءَ ڪري سلومي‌ءَ کي بہ مارائي ڇڏيائين."

چندر کي اها ڪهاڻي ڏاڍي سٺي لڳي. سوچيائين، "فلم ضرور سٺي هوندي. گيتا جو امتحان ويجهو هو نہ تہ جيڪر هن کي بہ ڏيکاريان ها پر هي مغربي ملڪن جي سڀيتا ڪهڙي آهي! هيراڊ پنهنجي ڀائٽي‌ءَ تي موهت ٿي ويو. هن پمي‌ءَ کان پڇيو. "هيراڊ پنهنجي ڀائٽي‌ءَ تي ئي هرک ڪيئن هاريو؟"

"سو ڇا ٿيو؟ هي تہ سيڪس. ڪام جو سوال آهي مسٽر چندر. سيڪس جي خواهش ڪهڙي نہ طاقتور. ڪهڙي نہ خطرناڪ آهي. اهو تون شايد هن وقت سمجهي نہ ٿو سگهين. تنهنجي نگاهن ۾ اڃا معصوميت آهي. روپ جي ڪامڻ جي لهس اڃا توکي ڪا نہ آئي ٿي ڏسجي. مگر اڳتي هلي توکي بہ معلوم ٿي ويندو تہ اهو روپ جو جادو ڪهڙو نہ ڀيانڪ آهي. جن کي اهو روپ جو ڪامڻ لڳي ٿو. تن کي مهل ڪمهل، رشتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناتو. عزت. بي عزتي. سڀ ڪجهه وسري ويندو آهي. هو پنهنجي پائنيءَ تي موهت ٿيو ته ڇا ٿيو. مون ته توهان جي هڪ پرائڊ ڪهاڻي پڙهي آهي ته مهاديو پنهنجي نياڻي سرسوتيءَ تي موهت ٿي ويو هو."

چندر چيو. "مهاديو نه، برهما."

"ها. ها. برهما. مون کان وسري ويو. سو هي سڀ سيڪس آهي، ڪام آهي. اهو انسان کي ڪيڏانهن ٿو گهلي وڃي ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. انهن ڳالهين ۾ تون اڃا ٻارن جهڙو ٻي سمجهه آهين. ايشور نه ڪري جو تون ان شربت جي هڪ بوند به چکين. مون کي تنهنجي ان پاڪائي، معصوميت سان ئي ته محبت آهي."

پمي‌ءَ چندر ڏانهن نهاري چيو: "توکي خبر آهي، مون طلاق ڇو ڏنو؟ منهنجو مڙس مون کي تمام گهڻو پائيندو هو. پر شاديءَ جي جنسي حوس جي پهلوءَ مون کي ڏڪائي ڇڏيو. مان ايئن محسوس ڪندي هيس ته مان انسان نه، ماس جو ٽڪر آهيان، جنهن کي منهنجو مڙس جڏهن چاهي، پٽي سگهي ٿو. جڏهن چاهي.... مون کي ڪراهت اچي ويئي. منهنجي دل ۾ گهري نفرت جو احساس اڀريو تون جڏهن مون وٽ آئين ته بيحد معصوم لڳين. تو اڃا شرط محبت جي تقاضا ڪا نه ڪئي. تنهنجي اکين ۾ حوس ڪا نه هئي، بک ڪا نه هئي، لوڀ ڪو نه هو. انهن ۾ هئي همدردي، سڪ، نماڻائي. تون مون کي ڏاڍو وڻئين. سچ ته تو مون کي پنهنجي معصوميت سان وري جيئاري ڇڏيو."

چندر کي پاڻ تي هڪ انوکو فخر محسوس ٿيو. پمي‌ءَ لاءِ هن جي دل ۾ بيحد عزت جو احساس پيدا ٿي ويو. هن کي پنهنجي معصوميت سان جيئاريو هئائين! اوچتو چندر کي خيال آيو..... پر اها معصوميت مون کي ملي ڪنهن وٽان؟ گيتا وٽان ئي نه! هن ئي ته مون کي سيکاريو آهي ته مرد ۽ عورت وچ ۾ ڪهڙو نه عظيم رشتو جڙي سگهي ٿو.

پمي‌ءَ پنهنجو هٿ چندر جي هنج ۾ ڪٽي رکيو. پڇيائين. "ڇا پيو سوچين؟"

چندر ڏڪي ويو. مگر مجبوريءَ ۾ هن به پنهنجو هٿ پمي‌ءَ جي ڪلهي تي ڪٽي رکيو. ڪن پل بعد پمي‌ءَ پنهنجو هٿ هٽائي ورتو. چيائين. "چندر، مان سوچيندي آهيان ته شاديءَ جو هي سرشتو ختم ڪري ڇڏجي ته ڪهڙو نه سٺو ٿئي! مرد ۽ عورت وچ ۾ دوستي هجي، ذهني هم آهنگي ۽ انساني همدردي هجي. ائين نه ته مرد عورت کي صرف جنسي اڃ بجهائڻ جو پرزو ٿو سمجهي ۽ عورت مرد کي پنهنجو مالڪ ۽ ديوتا ڪري مڃي. حقيقت ۾ ائين الائي ڇو ٿو ٿئي. جو شاديءَ بعد رشتا بگڙجيو وڃن. انهن جو اڳيون سٺو روپ ڦري خراب روپ ٿيو وڃي. مان ته ائين ٿي ڏسان جو محبت جون شاديون به ناڪام ٿيون ٿين. ڇاڪاڻ ته شاديءَ کان اڳي مرد عورت کي اوچ نگاهن سان ڏسي، هن سان همدردي ۽ پيار سان ٿو هلي. پر شاديءَ بعد هن لاءِ عورت صرف جنسي حوس جو رانديڪو بڻجي ٿي وڃي. مان ته ان راءِ جي آهيان ته پريم جو انت شادي ٿيڻ نه گهرجي ۽ پريم ۾ ملڻ جو انگ هٿڻ ئي نه گهرجي."

"مگر هر ڪا ڇوڪري اهڙي ڪا نه ٿيندي آهي." چندر وراڻيو "توکي پلي ملڻ کان نفرت هجي، پر هر ڪنهن کي اها نفرت ناهي."

"هر ڪنهن کي ٿيندي آهي. ڇوڪريون ان ملڻ جي صرف هلڪي جهلڪ، هلڪي ڪتڪتائي، هلڪي لرزش پسند ڪنديون آهن. هن جي انهيءَ سپاءِ لاءِ پلي هن تي ڪيڏا به ڏوهه مڙهيا وڃن پر حقيقت ائين آهي ته ڇوڪرين ۾ ملڻ جي چاهنا گهٽ ٿيندي آهي ۽ مردن ۾ اها چاهنا وڌيڪ ٿيندي آهي."

فلم شروع ٿيو، هوءَ چپ ٿي ويئي. ٿوري ئي وقت بعد معلوم ٿيو ته فلم جو نالو گمراهه ڪندڙ هو. اها بائيبل واري سلوميءَ جي ڪهاڻي ڪا نه هئي. ان ۾ هڪ آمريڪن ناچڻي ۽ ڪن ڌاڙيلن جي ڪهاڻي هئي. پمي خفي ٿي ويئي. ڌاڙيل جڏهن ان آمريڪين سلوميءَ کي پڪڙي هڪ جهنگل ۾ پهتا ته رسيس ٿي. پمي‌ءَ چيو. "اٿ ته هلون. اڌ فلم ئي دل کي بيزار بنائي ڇڏيو آهي."

موٽر ۾ چڙهندي پمي‌ءَ چيو. "چندر هينئرموٽر تون هلاءِ."

"نه، تون ئي هلاءِ!" چندر وراڻيو.

پمي‌ءَ موٽر هلائيندي چيو. "ڪيڏانهن هلون؟"

"جيڏانهن وڻيئي." چندر پنهنجن ئي پورن ۾ غلطان هو.

پمي‌ءَ موٽر کي تمام تيز ڇڏيو. رستا صاف هئا. پمي‌ءَ جي فراڪ جو ڪالر هوا ۾ اڏامڻ لڳو ۽ چندر جي ڳلن تي ٺڪيون هڻڻ لڳو. چندر هٽي دور ٿي وينو. پمي‌ءَ چندر ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي ڪالر نيڪ ڪرڻ بدران فراڪ جو مٿيون بٽڻ کولي ڇڏيائين ۽ چندر کي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين. چندر ڇپ چاپ وينو رهيو. پمي‌ءَ هڪ هٿ سان موٽر جو اسٽيئرنگ پئي سنڀاليو ۽ ٻئي سان چندر جو هٿ پڪڙي ويٺي رهي. ڄڻ هن کي پاڻ کان دور ٿيڻ نه ڏيندي. چندر جي بدن ۾ هلڪي هلڪي لرزش پئي اٿي. شايد هوا ٿڌي هئي. يا انهيءَ ڪري جو هن جو..... هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پمي جي هٿ مان پنهنجي هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. پميءَ پنهنجو هٿ هٽائي ورتو ۽ موٽر جي اندرين بتي ٻاري ڇڏي.

چندر چپ چاپ ناڪر صاحب بابت سوچيندو رهيو. موٽر هلندي رهي. اوچتو جڏهن بيٺي تہ چندر ڏٺو تہ مئڪفرسن ڍنڍ وٽ پهچي ويا هئا.

پميءَ چيو "اچ" ٻئي هيٺ لٿا ۽ ڍنڍ جي ڪناري تي وڃي ويٺا. چوڌاري ماٺ هئي. پاڻي بہ ماٺ هو. صرف رکي رکي ڪنهن وقت ڪٿي مڇيءَ ٽپو ٽئي ڏنو تہ آواز ٿي ٿيو. پاڻي ۾ هلچل مچي ٿي ويئي. ڍنڍ جي هن پر ڳوٺ ۾ شايد ڪا شادي هئي، جو شرنائيءَ جو آلاپ هوا جي لهرن تي ترندو، لڏندو لمندو ٻئي آيو. ٻئي خاموش هئا. ٿوري دير بعد پميءَ چيو. "چندر. ڪجهہ ڳالهاءِ نہ. هوڏانهن پاڻيءَ ۾ ڏس، تارن جو پاڇو ڏسين ٿو نہ. چپ چاپ ويهي ٻڌ تہ اهي تارا ڇا ٿا چون."

پمي تارن ڏانهن نهارڻ لڳي. چندر خاموش پميءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. ٿوري دير بعد پمي پر ۾ لڳل بانس جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي، ٿورو جهڙ ليٽي پيئي. هن جي فراڪ جا مٿيان بہ بٽڻ کليل هئا. جن وچ مان هن جي حسن جي چانڊني جهڙ ڦاٽي ٿي نڪتي. پميءَ اکيون بند ڪري ڇڏيون. چندر هن ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پوءِ نہ ڄاڻ کهڙي ڪارڻ هو اوڏانهن وڌيڪ نهاري نہ سگهيو. هو تارن ڏانهن نهارڻ لڳو. پميءَ جي ڪالر وچ مان بہ ڄڻ آسماني تارا ٻئي جهريا.

اوچتو پميءَ اکيون کولي چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "ڪهڙو نہ سٺو ٿئي اگر انسان پنهنجي رشتن ۾ هميشہ لاءِ دوري قائم رکي سگهي، ان ۾ سيڪس ۽ جنسي حوس جو دخل نہ ٿئي. هي تارا ڏس. هڪ ٻئي کي ڪيڏو نہ ويجها آهن. ڪروڙين سالن کان ائين هڪ ٻئي سان گڏ رهندا اچن. مگر ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي ڇهڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. انهيءَ ڪري ٿي هو پنهنجي محبت نڀائيندا اچن." اوچتو هن جي آواز ۾ نہ ڄاڻ ڪهڙو نشو پرجي ويو جو چندر صفا مدهوش ٿجي ويو. پمي چوندي رهي، "بس ائين ٿئي جو انسان پنهنجي پريتم کي نزديڪ آڻي هن کي اتي براجمان ڪري ڇڏي." ائين چوندي چوندي پميءَ چندر جو منهن پڪڙي پنهنجي ڇپن تائين آندو ۽ پوءِ ان کي ڇڏي ڏنائين. هن جي گرم گرم ساهن چندر جي ڳلن کي ڇهيو. "بس، ائين ٿئي جو انسان پنهنجي معشوق کي پنهنجي دل تائين ڇڪي پوءِ هن کي هٽائي ڇڏي." پميءَ وري چندر کي ڇڪي پنهنجي گود ۾ ليٽايو ۽ وري هن کي ڇڏي ڏنائين. پميءَ جي گود جي گرمائش چندر جي رڳ رڳ تپائي ڇڏي. هو سخت بي آرام ٿجي ويو. هن سوچيو: هتان هڪدم اٿي هليو وڃان. هن کي الائي ڇا ٿي ٿيو. پميءَ وري چيو. "مگر نہ. اسين دوست آهيون ۽ چندر تون بيحد معصوم آهين. بلڪل پاڪ صاف آهين ۽ تون هميشہ ائين معصوم رهندين. مان جيڪو ويچو. جيڪا پوترتا چاهيندي آهيان ۽ پسند ڪندي آهيان، اها تو ۾ ڏسان ٿي. انهيءَ ڪري خاطري اٿم تہ اسان جي دوستي هميشہ قائم رهي سگهندي، جيئن هي ستارا ڪروڙن سالن کان پنهنجي دوستي نڀائيندا رهيا آهن."

چندر خاموش سوچيندو رهيو: مان معصوم آهيان! هن جو من پريشان ٿي ويو. جيئن ڪنهن پکيءَ جو ٻچڙو گهٻرائجي پنهنجي آکيري لاءِ تڙپي اٿندو آهي. ساڳيءَ طرح چندر بہ ان وقت تڙپڻ لڳو. پنهنجي گيتا وٽ پهچڻ لاءِ. هن ائين ٻئي پانيو تہ هتي ڪا شئي مون کي جڪڙڻ ٿي چاهي. هو منجهي پيو تہ ڇا ڪريان؟

پمي اٿي، هو بہ اٿيو. بانس جو ٿنڀو هليو. پاڻيءَ ۾ هلچل مڃي. ڪروڙين سالن کان الڳ رهندا آيل معصوم تارا پڻ لرزيا. هڪ ٻئي سان ٽڪريا ۽ چور چور ٿي پکڙجي ويا.

●

چندر کي اها سڄي رات ننڊ ڪا نہ آئي. گرمي چڱي وڌي ويئي هئي. سڪتي سوٽي چادر کان وڌيڪ ضرورت نہ ٿيندي هئي. پر چندر اها وجهڻ بہ ڇڏي ڏني هئي. مگر ان رات ڪيترائي دفعا هن جي جسم ۾ هڪ عجيب ڏڪڻي پيدا ٿيندي رهي ۽ هو پاڻ کي چادر سان ڍڪي ان ڏڪڻيءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. مگر چادر ۾ ائين پاڻ ويڙهڻ سبب وري هن جو دم گهٽجڻ ٿي لڳو تہ هو اٿي ڪڙو ٿي ويٺو. سڄي رات هن کي ننڊ ڪا نہ آئي. رکي رکي هن کي جهوٽو آيو ٿي ۽ ان ننڊ ۾ هن کي ائين ٻئي محسوس ٿيو تہ درياءَ کان ٻاهر اري اونداهي سناٽي مان عجيب آواز اندر پيا اچن ۽ ناڳن جو روپ ڌاري سندس جسم جي چوڌاري ويڙهجي ٿا وڃن. هو ان تي پريشان ٿي ويو ۽ پوءِ وري اوچتو ڪنن نهايت ئي مٺڙي سنگيت جو آلاپ ٿي آيو. جنهن هن کي ان سپني مان سجاڳ ڪري ٿي ڇڏيو. هڪ دفعي هن ڏٺو تہ گيتا ۽ گيسو سامهون اچي رهيون آهن. هن گيسوءَ کي اڳي ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو هو. مگر سپني ۾ هن گيسوءَ کي سڃاڻي ورتو. پر هي ڇا! گيسوءَ کي تہ پميءَ جيان فراڪ پيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. وري ڏنائين تہ ٻنتي روئي پيئي ۽ اهڙيون تہ اوڇنگارون ڏئي پيئي روئي، جو طبعيت گهبرائجي تي وڃي. گهر ۾ ڪير ڪونهي. چندر سوچي نٿي سگهيو تہ ڇا ڪريان. اڪيلي گهر ۾ هو هڪ اڻواقف ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ جي جرئت ساري نٿي سگهيو. نيٺ هو همت ٻڌي نزديڪ پهتو تہ ڏسي..... اڙي! هي تہ گيتا آهي. لڳو ائين پئي جڻ گيتا لٽجي ويئي آهي. هو پنهنجي سموري همت ڪٺي ڪري گيتا جي پر ۾ وڃي وينو. هن سوچيو تہ گيتا کي آٿت ڏيان. پر ڇا ڏسي تہ هٿ نازڪ زنجير ۾ جڪڙيا پيا آهس. هن جي منهن تي ڪنهن جي ساهن جي گرم هوا پيئي لڳي، پاڻ بنهہ بيوس بڻجي ويو آهي. هو گهبرائجي ويو. ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي ڏنائين تہ سڄو پگهرجي پاڻي ٿي ويو آهي. هو اٿي اچ وڃ ڪرڻ لڳو. سجاڳ تہ ٿي ويو هو پر هن جو من اڃا بي آرام هو. ڪمري ۾ ڪيتري دير ائين اچ وڃ ڪرڻ بعد هو وري وڃي ليٽيو. پر ائين محسوس ڪرڻ لڳو تہ آسمان مان سوين تارا ٽنندا نهايت تيزيءَ سان ڪرندا، سامهون ڪڙڪيءَ مان ڏانهنس پيا اچن ۽ سندس مٿي سان ٽڪرجي چور چور ٿي ٿا وڃن. هن جي نس نس ۾ بيحد پيڙا اٿڻ لڳي ۽ ائين محسوس ٿيڻ لڳس تہ انگ انگ ۾ باهہ جا مچ پيا جلن.

جيئن تيئن رات ڪٽي. صبح جو اٿي يونيورسٽيءَ ڏانهن وڃڻ کان اڳي چندر پهرين گيتا وٽ ويو. ڊاڪٽر شڪلا پوڄا پئي ڪئي. پڪي شايد رات رواني ٿي ويئي هئي، ڇاڪاڻ جو پاڇي ٻنتيءَ ويٺي ڪپي ۽ هوءَ اڄ نهايت خوش نظر پئي آئي. چندر گيتا جي ڪمري ۾ پهتو. هن ليٽي ڪجهہ پڙهيو پئي. ڪيس ڏسندي ئي گيتا مرڪيو، چيائين ڪجهہ ڪو نہ. چندر جي ايندي ئي سندس بدن جي انگ انگ کي پنهنجي پليڪار نگاهن ۾ سمائي ڇڏيائين. چندر گيتا جي پيرانديءَ کان ٿي وينو.

گيتا چيو، "ڪالهہ رات موٽر ڪٿي واپس موٽئين تہ چپ چاپ هليو وئين. ٻڌاءِ رات ڪهڙو کيل ڏسي آئين؟"

چندر وياڪل آواز ۾ چيو، "گيتو، ڪالهہ ڏاڍو وڏو کيل، ڏاڍو زبردست کيل ڏٺم ۽ دل کي الائي ڇا ٿيو، جو سڄي رات ننڊ ڪا نہ آئي." انهيءَ بعد چندر هن کي سموري حقيقت سڻائي تہ ڪيئن هو سئنيما تي ويو، پميءَ سان سندس ڪهڙي گفتگو هلي، پوءِ موٽر ۾ ويٺي هن ڪيئن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو، مئڪفرسن ڊيڊ تي پهچڻ ۽ اتي پميءَ جو پاڳل بڻجڻ. ان بعد ڪيئن چندر کي گيتا جي يادگيري آئي ۽ سڄي رات ڪهڙا سپنا ڏسندو رهيو. گيتا نهايت گنڀير بڻجي، چپن وچ ۾ پينسل دٻائي، گوڏن وچ ۾ منهن اٽڪائي چپ چاپ ٻڌندي رهي. انت ۾ چيائين، "تہ تون ايڏو پريشان ڇو ٿي ويو آهين چندر! هن تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ ڪئي. اهو تہ ڏاڍو سٺو آهي تہ اهو سڀ جنهن کي توهين سيڪس ٿا سڏيو، اهو انساني رشتن ۾ داخل نہ ٿئي. انهيءَ ۾ برائي ڪهڙي آهي. ڇا تون چاهين ٿو تہ ملڻ جي اهاخواهش ٻن انسانن جي رشتي ۾ داخل ٿئي؟"

"داخل... نہ. تو اڃا منهنجو مطلب نہ سمجهيو آهي."

"تہ بلڪل ٺيڪ آهي. تون بہ ان ملڻ جي خواهش جو دخل نٿو چاهين، هوءَ بہ ان جو دخل نٿي چاهي، باقي جهڳڙو ڇا جو آهي؟ ڇو.... تون اڄ ايڏو اداس ڇو ٿي ويو آهين!" گيتا جي آواز ۾ حيرت ڀريل هئي.

"مگر هن جو وهنوار ڪهڙو آهي؟" چندر گيتا ڏانهن نهاري چيو.

"ٺيڪ تہ آهي. هن توکي ٻڌائي ڇڏيو تہ ٻنهي وچ ۾ ڪيترو ويڇو رهڻ گهرجي، سمجهيئہ نہ؟ توهين مرد لالچي، ائين پيا چاهيو تہ اهو ٿورو ويڇو بہ نہ رهي. انهيءَ ڪري ئي تون هيڏو اداس بڻجي ويو آهين. ڇي.... ڇي!" گيتا پنهنجي چپن تي آيل مسڪراهٽ ۽ اکين ۾ ڀريل شرارت کي لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

"تون تہ اٽلو ڇٽر ٿي ڪرين!" چندر چيو.

گيتا جواب ڪو نہ ڏنو. صرف چندر ڏانهن نهاري مشڪندي رهي. چندر سامهون ٽنگيل تصوير ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هن گيتا جي ڪبوترن جهڙا گورا، نرم ۽ معصوم ننڍڙا پير پنهنجن هٿن ۾ جهلي ڀريل آواز ۾ چيو، "گيتا، تون ڪڏهن بہ مون مان ڀروسو نہ وڃائج."

گيتا ڪتاب بند ڪري پاسيرو رکي سڌي ٿي ويٺي. چندرجا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيائين، "پاڳل! اڃا مون کي ڇوندو گيتا پنهنجي چپن تي آيل مسڪراهٽ ۽ اکين ۾ ڀريل شرارت کي لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. آهين، گيتا تون ٻار آهين! تون وري ڇا آهين. واهڙي شرميلا گل! بس ڪنهن هٿ پڪڙيو، ڪنهن جسم تي سڪٽي اگرلاٽي تہ گهبرائجي وئين. توکان تہ ڇوڪريون وڌيڪ بردبار آهن." گيتا هن جي ٻنهي هٿن کي لوڏيندي چيو.

"نہ گيتا، تون نٿي سمجهين. منهنجي زندگيءَ ۾ ڀروسي جو هڪ آسرو آهي، اها تون آهين. مون کي خبر آهي دنيا ۾ پلي ڪيڏا بہ ڀونچال، ڪيڏو بہ طوفان اچي وڃي، پر تنهنجي سهاري مان هميشہ سلامت رهندس. تون ڪڏهن بہ مون کي ٻڏڻ نہ ڏينديءَ. تنهنجي سهاري مان انهن لهرن سان ڪيڏي بہ سگهندس. مگر جي تنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ۾ ڀروسو ٿورو ئي لڏيو ته مان انهن اونداهين گهراين ۾ وڃي غرق ٿيندس. جن جو مان تصور به ڪري نٿو سگهان." چندر جو آواز اڳي کان به وڌيڪ پرجي ويو.

گيتا بيحد گنڀير ٿيڄي ويٺي ۽ ڪن پر چندر ڏانهن تڪيندي رهي. پوءِ چندر جي پيشانيءَ تي لٽڪندڙ وارن جي هڪ چڳ کي نيڪ ڪندي چيائين. "چندر ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته مان ڪنهن جي ڀروسي سهاري پيئي ٽڳان؟ مون ته توکي ڪڏهن به ائين نه چيو آهي ته چندر! تون مون ۾ پنهنجو ڀروسو نه وڃائج. مان توکي پيو چا چوان! مون کي پنهنجي چندر تي پورو ڀروسو آهي. مرڻ گهڙي تائين هن ۾ منهنجو اهو ڀروسو نه ٽٽندو. پوءِ تنهنجو من اهڙو بي اعتبار چو ٿيو آهي! اها تمام خراب ڳالهه آهي."

چندر پنهنجو متو گيتا جي ڪلهي تي ڪٽي رکيو. گيتا هن جو هٿ پڪڙي چيو. "هيڏانهن ٻميءَ توکي هتي ئي ڇهيو هو نه؟" ۽ هن جو اهو هٿ پنهنجي چپن تائين کٽي آئي. چندر ڏکي ويو. هي اج گيتا کي چا ٿيو آهي. مگر گيتا چپن تائين هن جو هٿ آڻي. جيئن ڦيٿي وارا ڦوڪ ڏيندا آهن تيئن ان تي ڦوڪ ڏيئي چيائين. "وٺ. تنهنجي هٿ مان ٻميءَ جي ڇهاءَ جو زهر نڪري ويو. هاڻي ته نيڪ ٿي وئين نه! معصوم تي وئين نه چوئمنترا!"

چندر کلي ڏنو. هن جو من بلڪل مانو تي ويو هو. گيتا ۾ جادو هو. سچ پچ جادو هو. بنتي چانهه کٽي آئي. ٻه پيالا. گيتا چيس. پنهنجي لاءِ به کٽي اچ. بنتيءَ سر ڌوڻي نه ڪئي.

گيتا چندر ڏانهن نهاري چيو. "هيءَ پڳلي توکان الائي چو پيئي ڊڄي."

"ڊڄان چا جو ٿي." بنتيءَ وراڻي ڏيندي چيو. هوءَ وڃي پنهنجي لاءِ به چانهه جو پيالو کٽي آئي ۽ زمين تي ئي ويني. گيتا چانهه جو پيالو چپن تائين آڻي چيو. "چندر. تو ٻميءَ کي غلط سمجهيو آهي. ٻمي ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي. توکان وڏي به آهي ۽ توکان وڌيڪ سمجهو. هن جو وهنوار به اهڙو ئي آهي. تون جيڪي به سوچين ٿو. غلط ٿو سوچين. منهنجو مطلب سمجهين ٿو نه."

"جي ها گرياڻي. بلڪل ڇگيءَ طرح." چندر هٿ جوڙي ڏاڍي نهٺائيءَ سان چيو. بنتيءَ کي کل اچي ويئي. ۽ هن جي ڪوپ مان توري چانهه هارجي پيئي. پرسان رکيل چندر جو پتا پٽي سئنڊل ٿورو پسي پيو. بنتي جهڪي جيئن هڪ انگوشي سان اهو اگهيو تي ته گيتا رڙ ڪري اٿي. "هان... هان. هٿ نه لاءِ. متان هن جو اهو سئنڊل به نه وري اچي روئڻا روئي! ٻڌين تي بنتي. هڪ ڇوڪريءَ ڪالهه هن کي رڳو هٿ لاتو ته اج هي صاحب اداس تي ويو آهي. هاڻي تون وري هن جي سئنڊل کي ڇهندينءَ ته هو شايد پوليس ۾ پهچي رپورٽ داخل ڪرائي ايندو."

چندر کلي ڏنو. هن جو من ڌوپجي اهڙو اجرو ٿيڄي ويو هو جهڙو سياري جو نيرو گگن.

"ٻميءَ وٽ وري ڪڏهن ويندين؟" گيتا شرارت ڀريو مرڪندي پڇيو.

"سياڻي ويندس. ناڪر صاحب پنهنجي موٽر ٻميءَ کي وٺي رهيو آهي. ان دستاويز تي مون کي به صحيح ڪرڻي آهي." ڪن رکي هن وري چيو. "مان هينئر بلڪل بي ڊپو تي ويو آهيان. ٻڌاءِ بنتي تنهنجي سهري جو ڪو خط وغيره آيو يا نه؟"

بنتي سهمجي ويئي. چندر اٿي روانو ٿيو. ٿورو اڳتي وڌي وري ڪنڌ ورائي چيائين. "ٻڌ گيتا! اج جيڪو به ڪم هجئي ٻڌائي ڇڏ. وري مهيني لاءِ مان توکي سڄاڻندس به ڪو نه. مون کي ٿيسز پوري ڪرڻي آهي. سمجهيئه."

"سمجهيم." گيتا هٿ ڦهلائيندي جواب ڏنو.

سچ پچ ڏيڍ مهيني لاءِ چندر کي ڪو به هوش ڪو نه رهيو ته سندس چوڌاري چا پيو ٿئي. بسريا روز گيتا ۽ بنتيءَ کي پڙهائڻ ايندو هو. بنتي ۽ گيتا ٻنهي جو امتحان به ختم ٿي ويو. ٻمي به دفعا گيتا ۽ چندر سان ملڻ لاءِ آئي. پر چندر هڪ دفعو به هن وٽ ڪو نه ويو. مشرا جو هڪ خط بريليءَ مان آيو. پر چندر هن کي به جواب ڪو نه ڏنو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب جا ٻه باب لکي ختم ڪيا. پر چندر سان اجا ان تي ڪو به بحث ڪو نه ٿيو هو. بنتي هن کي مقرر مهل تي چانهه. کير. ناشتو شربت وغيره پهچائيندي رهي. مگر چندر هڪ دفعو به هن کي سهري جي يادگيري ڏياري چيڙايو ڪو نه. گيتا چا تي ڪري. ڪيڏانهن تي وڃي. ڪيس چا تي چيائين. چندر کي ڪو به هوش ڪو نه رهيو. بس هن کي فقط پنهنجن پنن. پنهنجن ڪاغذن پنهنجي اپياس جو هوش هو ۽ ائين مدهوشيءَ ۾ ٿيسز لکي پوري ڪيائين.

ستين مئي تي هن جڏهن پنهنجي ٿيسز جو پويون ورق لکي ختم ڪري. آرام جو ساهه کنيو ته ڏٺائين شام جا پنج لڳا آهن. سايبان تي پردو اجا چڙهيو پيو آهي مگر اس لهندڙ آهي ۽ لڪ بند تي ويئي آهي. هن جي ڪرسيءَ پنيان فراسي وڇائي گيتا ويني آهي. وڪٽر هيوگو جو اڌ پڙهيل ناول پر ۾ اونڌو ٿيو پيو اٿس ۽ پاڻ چندر جو هڪ ايڪانامڪس جو ٿلهو ڪتاب کولي ان جي ورقن تي قلم سان ڪجهه چٽي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر ڪر موڙيا. اهو ساھ کڻي سڌ ڪيو. "گيتا! اڄ نيٺ جند آزاد ٿي ويئي. بس هاڻي ٻن ٽن مهينن اندر مابدولت ڊاڪٽر بڻجي ويندا!"

گيتا پنهنجي ڪم ۾ مگن رهي. چندر جيڪي چيو اهو ٻڌندي بہ بيخبر. چندر هٿ وڌائي هن جي چوٽيءَ کي چِڪ ڏني. "هاءِ ڙي! مون کي اهو سڀ ٽتو وٺي چندر!" گيتا بگڙجندي چيو. "تنهنجي ڪم وچ ۾ ڪير ڪجھ چوندو آهي تہ تون ڪيڏو نہ بگڙندو آهين! باقي اسان جو ڪم جڻ اهميت وارو ڪونهي." گيتا وري قلم کڻي چٽ ڪيڻ ۾ مشغول ٿي ويئي.

"نيٺ کهڙا اپنشد رچجي رهيا آهن! مان بہ تہ ڏسان" ۽ چندر هن کان ڪتاب کسيو. ايڪانامڪس جي ان ڪتاب جي هڪ پوري صفحي تي گيتا بلي ناهي هئي. پر جي توهان جي نگاھ ۾ ڦورو ئي پولو پوي تہ اهو ٻڌائي نہ سگهندا تہ چوراسي لکن جوڻين مان اهو جيو ڪهڙي جوڻيءَ جو آهي. مگر ان جي خلقڻهار گيتا جو چيو ٿي تہ اها بلي آهي. تنهن ڪري مجڻو ئي پوي ٿو تہ برابر اها بلي آهي.

چندر گيتا جي ٻانهن پڪڙي چيو. "اٿ! سست ڪتان جي. ڪڻ هيءُ پوٿو. هل تہ هلي پاپا کي پيرين پئي اچون."

گيتا چپ چاپ اٿي ۽ چٽيوان چوڪريءَ جيان فائيل ڪنيائين. دروازي وٽ پهچي هوءَ رڪجي ويئي ۽ فائيل چندر جي ڪنڌ تي رکندي چيائين. "اي چندر! ڇا تون هاڻي سچ پچ ڊاڪٽر ٿي ويندين؟"

"تڏهن ڇا!"

"آها!" چوندي گيتا جو ٽپ ڏنو تہ فائيل وڃي هيٺ ڪريو ۽ پنا زمين تي پکڙجي ويا.

چندر خفا ٿي اٿيو ۽ غصي وچان گيتا کي پنيءَ تي مڪ هڻي ڪڍيائين. "هاءِ رام!" ڪندي گيتا پنهنجي پني مهٽيندي چيو. "ڏاڍا سخي آهيو ڊاڪٽر چندر صاحب! اسان کي بنا ٽيسز لکڻ جي ڊگري ڏيئي ڇڏيو. مگر ڊگري ڏاڍي زوراور هئي."

چندر کي کل اچي ويئي.

ٻئي پاپا وٽ پهتا. هو بہ لکڻ مان هينئر ئي فارغ ٿيو هو ۽ شربت ويٺي پيتائين. چندر اڳتي وڌي چيو. "پوري ٿي ويئي." ۽ هيٺ جهڪي ڊاڪٽر جا پير ڇهيائين. هن چندر کي ڇاتيءَ سان لڳائي چيو. "بس پٽ. هينئر تنهنجي مراد پوري ٿي ويئي. جولاءِ کان تون ضرور يونيورسٽيءَ ۾ اچي ويندين."

گيتا فائيل پر واري ڪوچ تي رکيو ۽ پنهنجا پير اڳيان ڪري ويهي رهي. پاپا پڇيو. "هي ڇا آهي؟"

گيتا نهايت گنڀيرتا سان چيو. "ڇا منهنجا پير ڪو نہ ڇهندو؟"

"هٽ پڳلي. تون هاڻي تمام بدتميز ٿي ويئي آهين." پاپا لاڏ پرئي غصي سان چيو. "چندر تو هن جو دماغ تمام مٿي چاڙهي ڇڏيو آهي. تون هن کي ڪجھ ضابطي هيٺ رکندو ڪر. توکان نيٺ نندي آهي."

"چگو پاپا. اڄ تہ اسان کي مٺائي ملڻ گهرجي." گيتا وري چيو. "چندر ٿيسز ختم ڪئي آهي نہ!"

"ضرور. ضرور پٽ." ائين چئي ڊاڪٽر شڪلا کيسي مان ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي ڏيءُ کي ڏنو."هان. مٺائي گهرائي کائو."

گيتا هٿ ۾ نوٽ لوڏيندي ٽپ ڏيندي اپياس واري ڪمري ۾ پهتي. چندر بہ هن جي پٺيان آيو. گيتا ويهي ويئي ۽ دل ۾ حساب لڳائي چوڻ لڳي. "ڏهين روپئي پائونڊ پشم. هڪ پائونڊ ۾ اٺ ويڙها. ڇهن ويڙهن مان هڪ شال. باقي بچيا بہ ويڙها. انهن مان هڪ سوئيٽر. بس! سوئيٽر بنتيءَ لاءِ ۽ شال منهنجي لاءِ!"

چندر مٺائيءَ جي اميد لاهي ڇڏي. پر وري بہ ڪوشش ڪرڻ لڳو. "گيتا شال هينئر ڇا ڪندينءَ؟ اڃا تہ گرميءَ جا ڏينهن آهن."

"هن سياري ۾ تنهنجي شادي جا ٿيڻي آهي. اسين هينئر کان ئي بندوبست ڪري ڇڏيون. نہ تہ.... ڊاڪٽر تہ تون ٿي وئين. هاڻي باقي ڊاڪٽرياڻي ايندي." گيتا هن کي چيڙائيندي چيو.

ڪيتري ڪوشش بعد گيتا نيٺ مٺائي گهرائڻ جي ڳالھ مڃي. نوڪر جڏهن مٺائي وٺڻ ويو تہ چندر هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي پڇيو. "بنتي ڪٿي آهي؟ هن کي بہ سڏ ڪر يا اڪيلي ئي اڪيلي کائي ويندينءَ."

"هوءَ ماستر صاحب وٽ پڙهي ويٺي."

"ڇو. امتحان تہ ختم ٿي ويو نہ! اڃا ڇا پيئي پڙهي؟" چندر سوال ڪيو.

"ودشيءَ جي بئي ڪنڊ لاءِ تياري ڪري رهي آهي. سيپٽمبر ۾ امتحان اٿس."

چندر چيو. "نيڪ آهي.بسريا کي بہ سڏ ڪر."

"چگو. مٺائي تہ اچڻ ڏي." گيتا چيو. پوءِ فائيل ڏانهن نهاري چيائين. "مون کي هن ڪمبخت تي سخت غصو ٿو اچي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چو؟"

"چو! انهيءَ ڪمبخت ڪارڻ تو ڏيڍ مهينو مون سان سڌو منهن ڏيئي ڳالهايو بہ ڪو نہ. امتحان ڏينهن صبح جو توکي سلام ڪرڻ دعا تہ تو مون کي دعا بہ ڪا نہ ڪئي." گيتا شڪايت ڪندي چيو.

"تہ اچ هينئر ئي دعا ڪريانءِ. هاڻي تہ ٿيسز ختم ٿي ويئي. هاڻي جيتريون وٺئي اوتريون ڳالهيون ڪري وٺ. ٿيسز تيار نہ ڪريان ها تہ تنهنجي چندر کي ڊاڪٽريءَ جو لقب ڪيئن ملي ها." چندر هينئر هن کي لاڏ ڏيکاريندي چيو.

"تہ ڪانووڪيشن تي تنهنجو گائون اوڍي فوٽو مان ڪڍائيندس." گيتا چنچل ٿي اٿي. اينتري ۾ نوڪر مٺائي وٺي آيو. چندر هن کي چيو. "وڃ بنتيءَ کي سڏي اچ."

بنتي بہ آئي.

چندر پڇيو "تو پڙهي پورو ڪيو؟"

"اڃا نہ."

چندر چيس. "چڱو اچ وڏيڪ پڙهڻ بند. هن کي بہ هتي وٺي اچ تہ گڏجي مٺائي کائون."

"چڱو" چئي بنتي جيئن واپس ٿي ويئي تيئن گيتا چيو. "اڙي لالچڻ! اهو تہ ٻڌ تہ مٺائي آهي ڇاجي؟"

"مون کي خبر آهي." بنتيءَ مرڪي چيو. "اڄ هن وٽ ويو هوندو.... پمپيءَ وٽ ۽ وري تنهن ڏينهن واري ڳالهہ بولهہ ٿي هوندي."

گيتا ٿهڪن ۾ اچي چڻڪي ۽ چندر سهمجي ويو. بنتي بسريا کي سڏڻ لاءِ هلي ويئي.

گيتا چيو. "هاڻي تہ هن بہ منهن کوليو آهي."

"ها. هوءَ ڏاڍي سلجهيل ۽ مانيٽي ڇوڪري آهي. مون کي ڏاڍي وڻي ٿي. هن جي وات مان لفظ تہ ڇڻ اڪلن ٿي نڪتا."

"ها. مگر هاڻي ڪلندي ٿي وڃي. هن گيسوءَ کي پنهنجو گرو بنايو آهي. مون ڪان وڏيڪ تہ گيسوءَ سان ٺهي ويئي آهي. ٻئي شادي ڪرڻ واريون آهن نہ. سو جڏهن گڏجن تڏهن شاديءَ بابت سس پس پيئون ڪن."

چندر چيو. "هيءَ شعر بہ لکندي آهي نہ! تو هڪ دفعي اهڙي ڳالهہ تہ ڪئي ٿي."

"نہ نہ.... اصل ڳالهہ هيئن هئي. جو هن وٽ هڪڙو سهڻو نوٽ بڪ هو ۽ ان ۾ هيءَ الائي ڇا پيئي لکندي هئي ڪنهن کي ڪو نہ ڏيکاريندي هئي. نيٺ هڪ دفعي مون ڏٺو تہ اها ڊائري هئي. جنهن ۾ هوءَ ڌوٻيءَ جو حساب ڪتاب لکندي هئي."

"تہ شعر ڪا نہ لکندي آهي. نہ تہ اڄ ڪلهہ سورهن سالن ۾ پيار ڪري شعر لکڻ تہ ڇوڪرين لاءِ فئشن ٿي پيو آهي. اهڙو عام. جهڙو ساڙهيءَ جو پلئہ الٽو پائڻ عام ٿي ويو آهي."

"اڄهو ڪلي تنهنجي عورتن جي گلا." گيتا ٻڪڙجندي چيو.

مٺائي کائڻ وارا اچي ويا. اڳيان بنتي. پٺيان بسريا. بسريا سلام ڪري ويهي رهيو. "ٻڌاءِ بسريا. تنهنجي شاگردياڻي ڪيئن پيئي هلي؟"

"پهريون نمبر" شاعر بسريا ڪنڌ لوڏي چيو. گيتا چندر ڏانهن نهاري مرڪڻ لڳي.

"۽ هيءَ گيتا ڪيئن آهي؟"

"پهريون نمبر." بسريا وري ساڳئي انداز ۾ چيو.

"ٻئي پهريون نمبر. هڪ ئي وقت!" چندر سوال ڪيو.

گيتا ۽ بنتي ٻنهي کي کل آئي. پر بسريا کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي. ڳالهہ نہ سمجهي پهرين ڪياڙي ڪنهڻ لڳو ۽ پوءِ خود بہ کلڻ لڳو. هن جي ائين کلڻ تي وري سڀني کي کل اچي ويئي.

گيتا چيو. "چندر، ماستر صاحب بہ ڏاڍو مزيدار آهي. هڪ ڏينهن بنتيءَ کي مهاديويءَ جي هوءَ ڪوتا پئي پڙهاياءِين .... برہ ڪا جل جات جيون. پڙهائيندي پڙهائيندي خود سرد آهون پرڻ شروع ڪري ڇڏيائين."

چندر ۽ بنتي کلڻ لڳا. بسريا پهرين خود بہ کليو ۽ پوءِ چيائين. "ها ٻائي. ڇا ڪريان! چندر توکي تہ خبر آهي تہ مان بيحد جذباتي آهيان. مان سهي نہ ٿو سگهان. هڪ دفعي ائين ٿيو جو امتحان جي پيپر ۾ ڪروٺارام جو هڪ گيت معنيٰ لکڻ لاءِ مليو. پر مان پڙهي اينترو تہ جذبات سان پرچي ويس جو اتي ئي هال ۾ اتي اچ وڃ ڪرڻ لڳس. سپروائيزر سمجهو تہ مان بين تان ڪجهہ ڏسڻ لاءِ اٿيو آهيان. سو هن مون کي ڪڍي ڇڏيو. مون کي ان جو تہ ايڏو ارمان ڪو نہ ٿيو. پر گيت پڙهي مون کي سچ پچ روئڻ اچي ويو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا کلڻ لڳي تہ چندر هن کي اک جي اشاري سان منع ڪئي ۽ نهايت گنڀيرتا سان چيائين، "ها ڀائي بسريا، اها ڳالهہ تہ آهي. چئبو تہ تو امتحان ئي ڪو نہ ڏنو."

"تڏهن ڇا. مون کي امتحان جي پرواهہ ٿورو ئي آهي! منهنجي لاءِ انهن امتحانن جي ڪا بہ معنيٰ نہ آهي. مان تہ سوچ جو پوڄاري آهيان. ان وقت منهنجي دل ۾ امتحان جي سوچ کان وڌيڪ تخليق جي سوچ هئي ان ڪوتا ۾ سمايل درد جي. اهڙيءَ طرح مان ڪيترائي دفعا ناپاس ٿي چڪو آهيان. مون سان هو پڙهندو هو نہ، هريهيرنندن، سو هينئر بستي ڪاليج جو پرنسپال ٿي ويو آهي. ٻيو منهنجو هم ڪلاسي هو، سو هينئر آل انڊيا ريڊيو ۾ وڏو عملدار آهي."

"هڪڙو تنهنجو همڪلاسي تہ، اسان ٻڌو تہ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿي ويو آهي." چندر هن جي ڳالهہ کي وچ ۾ ڪپيندي چيو. گيتا ۽ بنتي ٻئي کلڻ لڳيون.

نيٺ مٺائيءَ جو کائڻ بہ شروع ٿيو. بسريا ٿوري لح پئي ڪئي. بنتيءَ هن کي چيو، "کائو، مٺائي تہ جدائيءَ ۽ جذبات جي روڳ لاءِ ڏاڍي فائديمند ٿيندي آهي."

"اڙي هاٿي تہ بنتيءَ جو بہ گلو ڪليو آهي. پنهنجي استاد کي چيڙائي رهي آهي." چندر چيو.

بسريا ٿوري دير بعد اٿي هليو ويو. چيائين، "مون کي هڪ پارٽيءَ ۾ وڃڻو آهي."

پچاڙيءَ ۾ ٿالهيءَ ۾ جڏهن باقي هڪ رس گولو وڃي بچيو تہ بنتيءَ اهو هٿ ۾ کڻي چيو، "ڪير کائيندو؟" نہ ڄاڻ ڪهڙي ڪارڻ بنتي اڄ ڏاڍي خوش پئي لڳي.

چندر چيو، "مان."

گيتا چيو، "مان"

بنتيءَ هڪ دفعو چندر ڏانهن، هڪ دفعو گيتا ڏانهن نهاريو. چندر چيو، "اڄ ڏسون بنتي ڪنهن جي آهي، گيتا جي يا چندر جي."

بنتيءَ هڪدم رس گولو گيتا جي وات ۾ کڻي وڌو ۽ گيتا جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي چوڻ لڳي، "مان تہ پنهنجي ديديءَ جي آهيان." گيتا وات واري رس گولي جو اڌ بنتيءَ کي کارايو تہ هن اهو اڌ رس گولو چندر کي ڏيکاري، گيتا کي چيو، "ديدي، هي اسان کي ڏاڍو ٽوڪي ٿو. هينئر مان بہ تو وانگر ڳالهائينديس تہ هن جو دماغ ٺڪاڻي لڳي ويندو."

گيتا بنتيءَ جي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيريندي چيو، "اسين ٻئي گڏجي هن جو دماغ ٺيڪ ڪنديونسين." ۽ هوءَ ٿالهيون کڻي هلي وئي.

چندر چيو، "بنتي، پاڻي ڪو نہ پياريندينءَ."

بنتي اٿي پاڻي کڻي آئي ۽ چيائين، "اسين توهان جو هيترو ڪم ٿيون ڪريون، پر توهين اسان کي هميشهہ ٽوڪيندا ٿا رهو. توهان کي ان ۾ ڪهڙو مزو ٿو اچي."

چندر ڪن پل بنتيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ چيائين، "اصل ۾ ... ٽوڪڻ بعد جڏهن تون سهمجي ويندي آهين .... ها ايئن!"

بنتي هينئر بہ سهمجي وئي ۽ لڄ وچان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. بنتي ڏسڻ ۾، ٻڌڻ ۾ ڏاڍي سٺي هئي. هن جي بت جي بناوٽ گيتا جهڙي سڊول برابر ڪا نہ هئي مگر هن جي مک تي ڇڻ هڪ آسماني جهلڪ هئي. جنهن وچ ۾ وري گلابي گلن جي لالاٽي هئي. اکيون هن جون وڏيون وڏيون، پلڪن وچ ۾ اهي ائين پيون ڦرنديون هيون ڄڻ سهڻن سپنن وچ ۾ موتي پئي لڏيا. شرم ڪندي هئي تہ مک تي گلاب مشڪڻ لڳندا هئس ۽ ڳلن جي ان گلستان وچ ۾ بہ کڏون نهي ونديون هيس. بنتيءَ جي انگ انگ ۾ روپ جي لهر هئي. هر وقت ناڻڪڻ جيان وڪڙ پئي کائيندي هئي هن ۾ عادت هئي جو ڳالهائيندي هئي تہ ڪنڌ هميشہ جهڪيل رکندي هئي ۽ پنهنجي ساڙهيءَ جي پلو جي ڪنڊ آڱرين تي ويڙهيندي رهندي هئي.

اڄ بہ هوءَ چندر جي ڳالهہ تي سهمجي وئي ۽ ساڙهيءَ جي پلوَ کي آڱر تي ويڙهڻ لڳي. پنهنجي مسڪراهٽ کي روڪي چندر ڏانهن ايئن نهارڻ لڳي جنهن ۾ ٿورو حجاب ٿوري ڪاوڙ، ٿوري التجا ۽ ٿوري شرارت پريل هئي.

چندر هڪدم چيو، "اڙي گيتا، گيتا! بنتيءَ جون اکيون تہ اچي ڏس"

"اڇها آيس." گيتا پر واري ڪمري مان آواز ڏنو.

بنتيءَ چيو، "توهين ڏاڍا خراب آهيو!"

"ها اڄ ڪان وٺي تون مون کي ٽوڪيندينءَ نہ! منهنجو دماغ ٺيڪ ڪندينءَ نہ! اڄ تہ خوب وات ڪوليو هيئي هاڻ ٻڌانءِ!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌاياءِ ڇا هيل تائين مان ڀالهاتيندي ڪا نہ هيس انهيءَ ڪري ٿي نہ؟"

"هاڻي پنهنجي ساهرين وڃي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائجانءِ. اتي تنهنجي انهن ڳالهين تي ماڻهو موهجي ويندا." چندر هن کي وري چيڙائيندي چيو.

"ڇي ..... ڇي. اهي چرچا مون سان نہ ڪريو. ديديءَ سان اهي چرچا ڇو نہ ٿا ڪريو. جنهن جي شادي مون کان بہ اڳي ٿيڻي آهي."

"توکان اڳي وري هنجي ڪيئن ٿيندي. هن جو تہ اڃان فيصلو بہ ڪو نہ ٿيو آهي."

"فيصلو ٿيل ئي سمجهو. هنن ديديءَ جو فوٽو پسند ڪري ڇڏيو آهي. ڀلا هڪ ڳالهہ ڇوانوَ. مڃيندا؟" بنتيءَ جي آواز ۾ التجا ۽ طلب ٻئي مليل هئا.

"ڇا؟" چندر اچرج ڪائيندي پڇيو. بنتيءَ جو اڄ اوچتو وات کلي ويو هو. بنتيءَ زمين ۾ نگاهون کپائي چيو."توهين مون سان شاديءَ جي باري ۾ مذاق نہ ڪريو. مون کي اهو اصل نہ ٿو وڻي."

"واهہ ڙي واهہ شادي سني ٿي لڳي باقي ان جو مذاق نٿو وڻي!"

"ها. اها ئي تہ ڳالهہ آهي." بنتي اوچتو ڳنڀير ٿي چيو. "توهين سمجهندا هوندا تہ مان شاديءَ لاءِ ڏاڍي منتظر آهيان. ديدي بہ ايئن ٿي سمجهي. مگر اڪيلي منهنجي دل تي ڇا ٿي تہ شاديءَ جي صرف ذڪر تي ئي منهنجو ڪهڙو حال ٿو ٿئي. تنهن هوندي بہ مون شاديءَ کان انڪار ڪو نہ ڪيو آهي. ان ڏينهن دبيجيءَ جي شيوا چاڪريءَ لاءِ ڪيڏي نہ ڏک ڏوڙ پاتم. سڀ انهيءَ ڪري جو .... توهين منهنجي امڙ جو تہ ونهوار ڏسي چڪا آهيو. توهين هتي هن ڪٽنب ۾ رهندي اهو ويچار ۾ بہ آڻي نہ سگهندا تہ مان ماءُ وٽ ڇا ڇا برداشت ڪندي آهيان. اتي صفا دوزخ آهي. ماءُ جي گود منهنجي لاءِ صفا دوزخ جي ڪنڊ آهي ۽ مان ڪنهن بہ نموني ان کان ڇوٽڪارو پائڻ ٿي چاهيان. ڀيو نہ. ٿورو آرام تہ ملندو." بنتيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا. عن هلڪا سڏڪا پريندي چيو. "مگر توهين يا ديدي جڏهن مون کي ڪجهہ چئو ٿا تہ مون کي ايئن لڳندو آهي تہ مان ڪهڙي نہ نيچ آهيان، ڪيتري نہ ڪريل آهيان. جو پنهنجي شاديءَ لاءِ ايڏو وياڪل ٿي رهان. توهين مونکي ڪجهہ نہ چئو تہ ڏاڍو سنو." بنتيءَ جي اکين مان صفا برسات شروع ٿي ويئي.

گيتا پر واري ڪمري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌندي رهي هئي. هن اندي ئي چندر کي چيو. "تمام خراب ڳالهہ آهي. ڇو بنتي راڻي! تون ڇو ٿي روئين؟ ڀڦيءَ جو سياءُ ئي اهڙو آهي ان تي دک ڪري پنهنجو جيءُ ڳارڻ ۾ ڪهڙو لاڀ!" بنتيءَ جي پرسان وڃي هن کي پنهنجي سيني سان لڳائي چيائين. "مهنجي راڄ دلاري! بس وڌيڪ نہ روءِ. هن کان پوءِ اسين توسان اصل چرچو نہ ڪنداسين. بس هاڻي روئڻ بند ڪر. ڏاهي! وڃ منهن ڌوئي اچ."

بنتي هلي ويئي. چندر لح وڃان ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو.

گيتا کي هينئر وري هن کي بہ پرچائڻو پيو. ڏاڍي پيار سان چيائين. "وٽ هاڻي وري توکي روئڻ ٿو اچي ڇا؟ تون هن کي ساهرن بابت نہ چيڙائيندو ڪر. هوءَ ڏاڍي دکي آهي. ۽ تنهنجو هوءَ ڪيڏو نہ قدر ڪندي آهي! ڀيو ڪير هن سان مذاق ڪري تہ بي ڳالهہ آهي. پر تنهنجو ۽ منهنجو هن کي ڇوڙ ڏاڍو برو ٿو لڳي."

"نيڪ آهي. پر هن چيو ٿي تہ تنهنجوفوٽو بہ پسند ٿي چڪو آهي" چندر ڳالهہ کي بدلائڻ مانگي چيو.

"تڏهن ڇا. منهنجي شڪل توجهڙي آهي ڇا. جو ماڻهو ان کي پسند نہ ڪندا." گيتا آڪڙجي چيو.

پر چندر وري پڇيو. "نہ. سچ سچ ٻڌاءِ!"

گيتا وري بيپرواهيءَ سان چيو. "اڙي صاحب هنن جي پسند ڪرڻ سان ڇا توٿئي. مان شادي پادي ڪا نہ ڪنديس. تون انهيءَ دوکي ۾ نہ رهج تہ مون کي هتان ڪڍي سگهندين."

ايتري ۾ بنتي بہ موٽي آئي. هوءَ اڃان بہ اداس هئي. گيتا بنتيءَ کي هٿ کان پڪڙي زوريءَ چندر جي پاسي ۾ ويهاريو.

"وٽ چندر. هن کي پيار ڪر تہ هوءَ وري مشڪي. ٻلي ڪٿان جي!" گيتا بنتيءَ کي ڳل تي هلڪي چمات هڻندي چيو. پوءِ بنتيءَ جو منهن پنهنجي هٿن ۾ جهلي پنهنجي منهن نزديڪ آڻي. پنهنجون اکيون هن جي اکين ۾ اٽڪائي گيتا چيو. "پاڳل. لڙڪن جو پنهنجو خزانو هيئن اجايو ڇو وڃايو لٽائيو آهي ڇا؟"

"چندر!" ٻاهران ڊاڪٽر شڪلا جو آواز آيو ۽ چندر اٿي هليو ويو.

●

گيتا تي گهمڻ جو شوق سوار ٿي ويو. صبح ٿيو نہ اهي نہ هوءَ ڇمپل پائي گم ٿي ويندي هئي. گيسو، ڪامني، پريا. ليلا. هن جي جي ساهيڙين مان ڪا ڪانہ بچي هئي جنهن جي گهر هوءَ اڄ ڪلهہ وڃي ٻڪيڙو نہ مچائيندي هجي. جنهن سان پنهنجي دل جون بہ چار دک سک جون ڳالهيون نہ ڪري ايندي هجي. بنتيءَ کي گهمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شوق گهڻ هو. باقي گيتا جڏهن گيسوءَ وٽ ويندي هئي تہ هوءَ هن سان ضرور گڏ ويندي هئي. بنتيءَ کي گيتا جي ساهيڙين ۾ گيسو ئي سڀني کان وڌيڪ پسند پيئي هئي. ڊاڪٽر شڪلا کي موڪل هئي، پر هو گيتا جي شادي ڪرڻ جي ڏن ۾ هو. انهيءَ ڪري ڪيڏانهن ٻاهر ڪو نہ ويو هو. چندر ڏيڍ مهيني جي لڳاتار اڀياس بعد هينئر آرام پئي ڪيو. هن فيصلو ڪيو هو تہ برسات شروع ٿيڻ تائين ڪنهن بہ ڪتاب کي هٿ نہ لائيندس. هن ڏاڍي آرام سان ڏينهن پئي ڪاٽيا. صبح جو اٿي سائيڪل تي گنگا ڏانهن هليو ويندو هو. اٿي هن کي اڪثر ناڪر صاحب بہ گڏجي ويندو هو. ڊاڪٽر شڪلا جي بہ ڏاڍي چاهنا هوندي هئي تہ صبح جو گنگا تي اشنان ڪرڻ وڃي، مگر ڏينهن جو هو ڪو بہ ڪم ڪري نہ سگهندو هو. انهيءَ ڪري هن کي پنهنجو ڪم صبح جو ئي ڪرڻو پوندو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو لکيائين ويٺي تہ چندر اچي هن جا پير ڇهيا. چيائين، "راجيہ سرڪار جو انعام ڪالهہ شام جو اچي ويو."

"ڪهڙو انعام؟"

گڏيل پرانتن ۾ ماتا جي بيماري ۽ ان ۾ ٻارن جو موت جي عنوان تي مون جيڪو مضمون لکيو هو. تنهنجو."

"تہ ڇا ميڊل اچي ويئي؟"

"جي." چندر پنهنجي کيسي مان مخمل جي هڪ دٻلي ڪڍي ڊاڪٽر شڪلا جي هٿ ۾ ڏني. ٻلو نهايت سهڻو هو. تجلا ڏيندڙ سونو ٻلو جنهن تي پرانتڪ سرڪار جي راجيہ مدرا اڪريل هئي.

ڊاڪٽر شڪلا اٿي پنهنجن هٿن سان چندر جي قميص ۾ اهو ٻلو اٽڪائيندي چيو، "شل هميشہ جس جو ڀاڳي ٿيندين! وڃ. اندر گيتا کي ڏيکاري اچ."

چندر اندر وڃڻ تي هو جو ڊاڪٽر شڪلا وري چيس، "ٻڌ. گيتا جي شاديءَ جو انتظام ڪرڻو آهي. مون کان تہ ڪجهہ ٿي ڪو نہ سگهندو. سڄو انتظام توکي ئي ڪرڻو پوندو. ٻيو ٻڌ. ڇيٽ جي ڏسهن تي ڇوڪريءَ جو پاءُ ۽ هن جي ماءُ گيتا کي ڏسڻ لاءِ اچڻا آهن. بنتيءَ جي ماءُ بہ ڳوٺان ايندي."

"ڇڱو" چئي چندر ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. پڇيائين، "ڇوڪرو ڪٿي آهي، ڇا ڪندو آهي؟"

"ڇوڪرو ٻاڻ شاهجهان پور ۾ آهي. زميندار گهر آهي. ڇوڪرو ايم اي پڙهيل آهي. ڏاڍن سٺن خيالن جو آهي. هن لکيو آهي تہ ڄڃ سان فقط ڏهہ ماڻهو ايندا ۽ فقط هڪ هڪ ڏينهن رهندا. ٻيو لکيو اٿس تہ ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري جي ڪپڙن ۽ زيورن کان وڌيڪ ڪجهہ ڪو نہ وٺنداسين."

"اڇا. براهمڻن ۾ تہ اهڙو رشتو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي."

"تڏهن ڇا! گيتا سچ پچ خوش نصيب آهي. نہ تہ بنتيءَ جي سهري کي تہ تو پاڻ ڏٺو هو. ڇڱو. گيتا سان ملي اچ."

چندر گيتا جي ڪمري ۾ پهتو پر هوءَ هئي ڪٿي. هو ٻاهر اڱڻ ۾ آيو. مهراجڻ ماني ويٺي ڪئي ۽ بنتيءَ ورانڊي ۾ سگريءَ تي پڪوڙا پئي تريا.

"اڄو" بنتيءَ هن جي آجيان ڪندي چيو. "دادي تہ ويئي آهي گيسوءَ کي سڏڻ. اڄ گيسوءَ جي دعوت آهي."

"وهو. هن موڙهي تي وهو." بنتيءَ ڪانن جو هڪ موڙهو چندر ڏانهن سيريندي چيو. چندر ويهي رهيو. بنتيءَ هن جي هٿ ۾ مخملي دٻلي ڏني تہ چيائين، "هي ڇا آندو اٿو. ديديءَ لاءِ آندو اٿو ڇا؟ هيءَ دٻلي تہ منڊيءَ جي معلوم ٿئي ٿي."

"منڊي! دال ۾ وجهي کائيندي ڇا؟ جهنگلي ڪتان جي! هن کي منڊي پائڻ جو ڍنگ ڪٿي آهي." چندر چيو.

"منهنجي داديءَ لاءِ ايئن ڳالهائيندا تہ سٺو نہ ٿيندو!" بنتيءَ پنهنجي فطري نموني ۾ ڪنڌ کي هڪ پاسي جهڪائي اکيون ٻڇائيندي چيو. "هن کي منڊي پائڻ جو ڍنگ ڪونهي تہ ڇا توهان ۾ آهي! هاڻي هن جي جڏهن شادي ٿيندي تہ هوءَ سورنهن سينگار ڪندي. پلا ٻڌايو تہ ديدي گهونگهٽ ۾ ڪيئن لڳندي! هينئر تہ سڄو وقت مٿو اگهاڙو ڪري بلبل جيان آزاد پيئي گهمي!"

"تو پاڻ ۾ تہ عادتون وجهي ڇڏيون آهن نہ ساهرن ۾ رهڻ جون." چندر بنتيءَ کي ڇيڙڻ لاءِ چيو.

"اڙي منهنجي ڪهڙي ڳالهہ آهي!" بنتيءَ اونهو ساهہ کڻندي چيو. "مان تہ پيدا ٿي هنن لاءِ ٿي آهيان. مگر گيتا ديديءَ جو شاديءَ ۾ جڪڙجڻ نيڪ نہ آهي. ديدي انهن جهنجهٽن لاءِ پيدا ڪا نہ ٿي آهي. توهين ماما ڊاڪٽر کي ڇئو ڇو نہ ٿا؟"

چندر ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو. چپ چاپ ويٺو ڪجهہ سوچيندو رهيو. بنتي بہ پڪوڙا تريندي رهي. جڏهن ختم ڪري اٿي، تڏهن بہ چندر ائين خاموش ڪنهن سوچ ۾ مگن ويٺو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇا پيا سوچيو؟ ڪو نہ ٻڌائيندا. ڇڳو مان ديديءَ کي ٻڌائيندس تہ توهين ايئن خاموش ويٺا الائي ڇا سوچيندا ٿا رهو!“ ٻنتيءَ چيو.
”سو مان تنهنجي ديديءَ کان ڊڄان ٿو ڇا!“ چندر چيو
”اهو پنهنجي دل کان پڇو. مان توهان کي پٽائي نہ ٿي سگهان.“ ٻنتيءَ جيئن مشڪيو تيئن هن جي ڳلن تي گلابن جا گلستان ٽڙي پيا. ”ڀلا ٻڌايو تہ هن ڊبليءَ ۾ ڇا آهي. ڇا ڪجهہ خانگي آهي؟“
”نہ ڙي. خانگي ڇا ٿيندو. اهو بہ وري توکان. سونو ڀلو آهي. هڪ ليک تي مون کي انعام مليو آهي.“ ۽ چندرڊبلي کولي هن کي ميڊل ڏيکاريو.
ٻنتيءَ ڏسي چيو. ”هي تہ ڏاڍو سٺو آهي. مون کي ڏيئي ڇڏيو.“
”تون ڇا ڪندينءَ؟“ چندر ڪلي سوال ڪيو.
”ديديءَ جي گهوٽ لاءِ ڪنن جون ڦليون ٺهرائيندس.“ ٻنتيءَ چيو. ”اڙي ها. توهان کي مان هڪڙي شئي ڏيکارڻ ٿي چاهيان.“
”ڇا“
”اهو ڪا نہ ٻڌائيندس، پر پر ڏسندا تہ ٽپ ڏيندا.“
”تہ ڏيکار نہ.“
”هينئر ديدي اڄڻ ۾ هوندي. ديديءَ جي سامهون ڪا نہ ڏيکاريندسانوَ“
”گيتا کان لڪائي مان ڪجهہ ڪو نہ ڪندو آهيان. ڇا توکي اها خبر ڪانهي؟“
”مان لڪائڻ جي ڳالهہ ڪٿي ٿي ڪريان. توهين ڏسي هن کي ٻڌائجو. هونءَ مان وري هن کان ڇا لڪائيندي آهيان. ڏسو گيتا ديدي بہ اچي ويئي.“
چندر منهن ورائي ڏٺو. گيتا جي هٿ ۾ هڪ ڪمند جي لٺ هئي، جا هوءَ هوا ۾ ڦيرائيندي پئي آئي. چندر کي کل اچي ويئي.
”ٽڙي پيا نہ ديديءَ کي ڏسي.“ ٻنتيءَ چيو ۽ هڪ گرم پڪوڙو کڻي چندر مٿان اڇلايائين.
”اڙي تون تہ ڏاڍي شيطان ٿي ويئي آهين. پاڇي ڪٿان جي!“
گيتا چمپل لاهي اندر آئي. صفا جهومندي ٺينگ ڏيندي پئي آئي.
ٻڌايو سيٺ سوارٿيمل!“ هن چندر کي ڏسندي ٺي چيو. ”بس صبح سان آئي نہ پڪوڙن جي بوءِ“ ۽ پيو موڙهو سيري هوءَ چندر جي پر ۾ ويهي رهي. هٿ واري ڪمند جي لٺ چندر کي ڏيندي چيائين. ”وٺ هي گهر ۾ پوکج ۽ روز ڳنڍيري کائج. سمجهيئي!“ اتي وري ڊبلي ڏسي اها ڪڍندي چيائين. ”هن ۾ ڇا آهي؟ مان نہ ڏسان؟“
”ڏاڍي سٺري وئي آهين. منهنجا خط تہ بنا پڇئي کوليندي آهين. باقي هي پڇي ڏسنديئن!“
”اڙي مون سمجهيو تہ مٿان هن ڊبليءَ ۾ پميءَ جي دل بند هجي. تنهنجي ساهيڙي آهي. شايد يادگيريءَ خاطر تو کي اها ڏني هجيس.“ ائين چوندي گيتا ڊبلي کولي تہ اچل ڏيئي اٿي. ”هيءَ تہ توکي هن مضمون تي مليو آهي. جنهن جا تون چارٽ ٺاهيندو هئين.“
”ها“
”پوءِ تہ هي منهنجو آهي.“ گيتا ڊبلي بلائوز اندر ڇاتيءَ ۾ لڪائيندي چيو.
”مون ڪڏهن چيو تہ منهنجو آهي. تنهنجو ئي آهي.“ چندر ورائيو.
”پائي ڏسان؟“ گيتا اٿي هلي ويئي.
”ٻنتي بہ چار پڪوڙا تہ ڏي.“ چندر ٻنتيءَ کان پڪوڙا وٺي کائيندو گيتا جي ڪمري ۾ پهتو. ڏٺائين، گيتا آرسيءَ سامهون بيٺي آهي.“ پنهنجي ساڙهيءَ ۾ ٻلو پئي لڳائي. هو چپ چاپ بيٺو ڏسندو رهيو. گيتا ٻلو لڳايو ” کي سيڪنڊ ان ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ اهو سيني سان کڻي جڙيائين. جهڪي ان کي چپن سان چميائين.
”بس، ڪيئيس نہ گندو؟“ چندر مذاق جو موقعو ڇڏڻ نہ چاهيو.
گيتا صفا پاڻي پاڻي ٿي ويئي. ڳلن تي پريات جون لال باکون ڦٽي سندس ڪنن جي پاپڙين تائين ڦهلجي ويون. هوءَ هڪدم آرسيءَ اڳيان هٽي ويئي ۽ ڪاوڙجي چيائين. ”تون چور آهين! ڇا ٿي ڏٺئي؟“
ايتري ۾ ٻنتي ٿالهيءَ ۾ پڪوڙا کڻي اچي پهتي. گيتا تڙ تڪڙ ۾ ٻلو ساڙهيءَ تان لاهي چندر کي ڏيئي چيو. ”وٺ، سنڀالي رکينس.“
”چو، پائي ڇڏ نہ!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ بابا، پرائي شئي، ڪيڏانهن گم ٿي وڃي تہ ڏنبا ڪاٽڻا پون.“ ۽ ٻلو دٻليءَ ۾ وجهي چندر جي گود ۾ رکي ڇڏيائين.

ٻنتيءَ آهستي چيو، ”يا مرلي مرليڌر جي، ڇپن سان نہ لڳائيندين؟“ چندر ۽ گيتا ٻئي سهمجي ويا.

ٻنتيءَ چيو، ”اڄهو گيسو بہ اچي ويئي.“

گيتا جي جيءَ ۾ جان آئي. چندر ٻنتيءَ جو ڪن پڪڙي چيو، ”تون تمام الٽو سڌو ڳالهائڻ لڳي آهين!“

ٻنتيءَ ڪن ڇڏائيندي چيو ”ڪوڙ ٿورڙوئي ٿي چوان.“ چندر چپ چاپ گيتا جي ڪمري ۾ ويٺو پڪوڙا کائيندو رهيو. پر واري ڪمري ۾ گيتا، گيسو، قول ۽ حسرت ڳالهيون ٻئي ڪيون. ٻنتيءَ هنن کي ناشتو پهچائيندي رهي. ٿوري وقت بعد ٻنتي پاڻيءَ جو گلاس کڻي چندر وٽ پهتي. چيائين، ”حلوو کڻي ٿي اچان، وڃجو نہ.“ ۽ اک ڇنڀ ۾ هوءَ وري حلوو کڻي آئي.

”چڱو، مان هلان ٿو.“ چندر چيو.

”نہ وهو، مان توهان کي هڪ شئي ٿي ڏيکاريان. رڳو گيسوءَ سان ٻہ چار ڳالهيون ٿي ڪري اچان؟“ ٻنتي بيحد معصوم ادا سان چيو، ”اڄو حسرت ميان اچو“ ۽ پل پر ۾ ننڍڙو ٻالڪ ڇهن سالن جو حسرت ميان، ريشمي ڪڙتو ۽ چوڙيدار پاجامو پائي، سهي جيان ٽپ ڏيئي ڪمري ۾ داخل ٿي ويو.

”آداب عرض!“ هن ڏاڍي فضيلت سان چندر کي سلام ڪيو. چندر هن کي مٿي کڻي گود ۾ ويهاريو.

”وٺ حسرت، حلووکاءُ“

حسرت ڪنڌ ڌوڻي چيو. ”گيسوءَ دادي‌ءَ چيو آهي تہ چندر ڀائيءَ کي منهنجا آداب چئي اچ ۽ کائج ڪجهہ نہ. مان کائيندس ڪونہ.“

چندر چيو، ”منهنجي بہ هن کي نمستي وڃي چئج.“

حسرت اٿي ڪڙو ٿيو. ”مان هن کي چئي ٿو اچان.“ ۽ پوءِ وري منهن ورائي چيائين، ”توهين تيستائين حلوو ختم ڪري ڇڏيندا؟“

چندر کي کل اچي ويئي. ”نہ، اسين تنهنجو انتظار ڪنداسين، تون وڃ.“

حسرت ڪنڌ ڌوڻيندو هليو ويو.

ايتري ۾ گيتا اچي چيو. ”هتي ويهي گيسوءَ جو غزل ٻڌ. آواز بہ پهچئي ٿو نہ! قول بہ آئي آهي. انهيءَ ڪري گيسو تنهنجي سامهون نٿي اچي. قول پنهنجي اميءَ وٽ شڪايت وڃي ڪندي. هوءَ توسان ملڻ لاءِ ڏاڍي منتظر آهي. چڱو ويهي ٻڌج، هان!“

گيتا هلي ويئي. گيسوءَ گانو شروع ڪيو. بلڪل جهيڻو سنهڙو منڙو آواز. جنهن ۾ ڪشش هئي. موهڻ جي بي انتها طاقت هئي، نشو هو. چندر ويهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پيو ۽ نيم سجاڳ حالت ۾ ٻڌندو رهيو. غزل ختم ٿيندي ئي گيتا ڊوڙندي آئي، ”ٻڌءِ نہ!“ هن جي پٺيان پٺيان حسرت بہ آيو ۽ گيتا جي ٽنگن کي ڇنبڙي چيائين، ”گيتا ديدي، مان حلوو ڪو نہ کائيندس.“

گيتا کلي ڏنو. ”پاڳل! وٺ کاءُ!“ حسرت جي وات ۾ حلوي جو ٽڪر وجهي، هن کي گود ۾ کڻي هوءَ چندر جي پاسي ۾ ويهي رهي ۽ هن کي گيسوءَ بابت ٻڌائڻ لڳي. ”گرميءَ جي موڪلن ۾ گيسو نئنيتال وڃي آهي. اختر جي امي بہ اتي ايندي ۽ مڱڻي جي رسم اتي ئي ادا ڪئي ويندي. هينئر هوءَ وڌيڪ ڪا نہ پڙهندي. جولاءِ تائين هن جو نڪاح ٿي ويندو. هو سڀيئي رات واري گاڏيءَ ۾ روانا ٿيڻا آهن.“ وغيره وغيره. ٻنتي گيسو ۽ قول سان ڳالهين ۾ مشغول هئي. ٿوري دير بعد گيتا اٿي هلي ويئي. چئي ويئي: تون هينئر وڃج نہ، مانجهاندو هتي ئي ڪري وڃج. مان ٻنتيءَ کي تو وٽ موڪليان ٿي، ان سان ويهي ڳالهيون ڪج.“

ٿوري دير بعد ٻنتي آئي، هن جي هٿ ۾ ڪجهہ هو. جنهن کي هن ساڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏيو هو. ”هينئر ديدي ڪانهي، جلدي ڏسي وٺو.“

چندر تعجب ڪائيندي پڇيو، ”ڇا آهي؟“

”ديديءَ جي گهوٽ جو فوٽو.“ ٻنتيءَ مشڪي هڪ فوٽو چندر جي هٿن ۾ ڏنو.

”اڙي، هي تہ مشر آهي، ڪامريڊ ڪيلاش مشر.“ چندر جي دماغ ۾ ٻريليءَ وارا واقعا، لنباڙي ۽ پيا سڀ واقعا گهمي ويا. چندر جي دل ۾ ان وقت الائي ڇا ٿيڻ لڳو. ڪنهن وقت هن کي اچرج پئي لڳو تہ ڪنهن وقت دل ۾ سرهائيءَ جو احساس ٿي اڀريس تہ گيتا خوشنصيب آهي جو هن کي اهڙو سٺو گهوٽ ٿو ملي. وري اهو پور اچڻ لڳس تہ ڪيلاش عجيب سياءِ جو نوجوان آهي. گيتا الائي هن سان جالي سگهندي يا نہ. پر وري سوچڻ لڳو تہ گيتا سچ پچ ڀاڳ واري آهي. اهڙو سٺو ڇوڪرو اٿين ملڻ نهايت مشڪل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنتيءَ چيو. ”ڇا توهين هن کي سڃاڻو؟“

”گيتا بہ تہ هن کي نالي سان سڃاڻي، باقي شڪل ۾ ڪو نہ سڃاڻينس. سنو ڇوڪرو آهي، تمام سنو ڇوڪرو آهي.“ چندر هڪ اونهو ساهہ کڻندي چيو ۽ پوءِ چپ ٿي ويو. بنتيءَ پڇيو. ”ڇا پيا سوچيو؟“

”ڪجهہ نہ.“ چندر اکين ۾ پرجي آيل لڙڪن کي دٻائي چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”مان وينو سوچيان تہ اڄ منهنجي دل ۾ ڪيڏو نہ سڪون. ڪيڏي نہ خوشي آهي تہ گيتا هڪ تمام سني گهر ۾ وڃي رهي آهي. اهڙي مڙس وٽ وڃي رهي آهي جو نهايت بلند خيالن وارو جوان آهي.“ چوندي چوندي چندر جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

بنتيءَ چندر جي تمام ويجهو اچي چيو. ”هي ڇا چندر بابو! توهان جي اکين ۾ لڙڪ! هي تہ سٺو ٿي نہ ٿو لڳي. جنهن معصوميت ۽ بلنديءَ سان توهان ديديءَ سان نڀايو آهي، ائين ديوتائون بہ مشڪل ڪري سگهن ۽ ديدي بہ توهان کي جيڪو نماڻو پيار ڏنو آهي. ان کي پائي تہ انسان جنت کان بہ مٿي پهچي ويندو آهي. پوءِ اڄ توهان جي اندر ۾ هيءَ ڪمزوري ڪيئن پيدا ٿي آهي! مون کي تہ سچ پچ شرم پيو اچي. اڄ تائين ديدي تہ نهيو. پر مون کي بہ توهان تي ڪيڏو نہ فخر هو! ڇگو ترسو تہ مان فوٽو واپس رکي اچان. متان ديدي اچي وڃي.“ بنتي فوٽو کڻي هلي وئي.

بنتي موٽي تيستائين چندر پاڻ سنڀالي چڪو هو. ڪن پر بنتيءَ ڏانهن نهاري چندر چيو. ”مون انهيءَ ڪري ڪو نہ رنو هو. بنتي! مون اهو پئي سوچيو تہ پوءِ هتي ڪيئن لڳندو! پر خير آ.“

بنتيءَ چيو. ”پر هڪ ڏينهن تہ ائين ٿيڻو ئي آهي. اهو سهڻو ئي پوندو.“

”ائين تہ آهي. ڀلا گيتا هي فوٽو ڏنو آهي.“ چندر سوال ڪيو.

”اڃان نہ. حقيقت ۾ ماما مون کي چيو تہ گيتا کي اهو فوٽو ڏيکاريان. مگر مون کي همٿ نٿي ٿئي. مون هن کي چيو تہ چندر اچي تہ اهو ڏيکاريندس. توهين جڏهن نيڪ سمجهو تہ ڏيکارجوس. ڇيٽ جي ڏسهن ايندڙ اڱاري تي آهي.“ بنتيءَ چيو.

”اڇا“ چندر وري اونهو ساهہ کنيو.

بنتي ٿورو وقت يڪ ٽڪ چندر ڏانهن نهاريندي رهي. چندر هن کي پاڻ ڏانهن ائين نهاريندو ڏسي پڇيو. ”ڇا ٿي ڏسين بنتي؟“

”ڏسان ٿي تہ توهان پلڪون ڇنڀيو ٿا يا نہ.“ بنتيءَ نهايت گنڀيرتا سان چيو.

”ڇو؟“

ڇاڪاڻ جو مون ٻڌو آهي تہ ديوتائون ڪڏهن بہ پلڪون نہ ڇنڀيندا آهن.“

چندر جي منهن تي هلڪي مرڪ وري ويئي.

” نہ توهين مذاق نہ سمجهو. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ ماڻهو ڏٺا آهن. تن ۾ توهان جهڙو ڪو نہ ڏٺو اٿم. توهين ڪيڏا نہ اوچا آهيو. توهان جي دل ڪيڏي نہ ڪشادي آهي. ديدي سچ پچ ڀاڳ واري آهي.“

چندر ان جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو. چيائين تہ وڃ فوٽو کڻي اچ تہ اڄ ئي ڏيکاري ڇڏيانس. هينئر گهر وڃي ڇا ڪندس.“

پاپا جي ڪاڻ بعد چندر ۽ گيتا ڪاڻ وينا. مهراجڻ هلي ويئي هئي. انهيءَ ڪري بنتيءَ هنن کي گرم گرم ڦلڪو پئي پهچايو. گيتا ريشمي ساڙهي اوڍي چونڪي اندر ويٺي ڪاڌو ۽ چندر چونڪي کان ٻاهر. ڏينهن جي ڪاڌي وقت ڊاڪٽر شڪلا ڇوت ڇات جو سخت پابند هو.

چندر گيتا کي چيڙيندي چيو. ”ڏس. اڄ بنتيءَ ڦلڪو پچايو آهي تہ ڪهڙو نہ سوادي ٿيو آهي ۽ تون پچائيندي آهين تہ خبر ئي ڪا نہ پوندي آهي تہ ڦلڪو آهي يا ڪکر.“

گيتا ڪلي چيو. ”سو تون مون کي ۽ بنتيءَ کي ويڙهائڻ جي ڪوشش تو ڪرين! پر بنتيءَ ۽ منهنجي ڪڏهن بہ لڙائي نہ ٿيندي.“

”اڙي اسين سڀ اها ڳالهہ سمجهون ٿا.“ بنتيءَ گيتا جي ٿالهيءَ ۾ ڦلڪو وجهندي چيو. گيتا جيئن ڪنڌ جهڪائي کائڻ لڳي تيئن بنتيءَ اک جي اشاري سان چندر کان پڇيو. ”ڪڏهن ڏيکاريندينس؟“

چندر ڪنڌ ڏوڻيو ۽ گيتا کي چيو. ”تون هن کي ڇني لکيندينءَ؟“

”ڪنهن کي؟“

”ڪيلاش مشر کي. هو بريليءَ وارو. ٿورا ڏينهن اڳي هن خط لکيو هو جنهن ۾ تنهنجي لاءِ بہ سلام لکيو هئائين.“

”نہ. مان خط پٽ ڪا نہ لکنديس. تون پهرين هن کي هتي هڪ دفعو گهراءِ تہ سهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها، هاڻي مهيني ٻن اندر هن کي هتي سڏائبو. پوءِ توسان هن جي خوب واقفيت ڪرائيندس ۽ تو کي هن جي پارٽيءَ ۾ پرتي ڪرائي ڇڏبو." چندر چيو.

"ڇا؟ مان مذاق ڪا نه ٿي ڪريان. مان سچ پچ سماجوادي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ٿي چاهيان.. گيتا چيو. "چاهيان پئي ته هاڻي ڪجهه ڪم ڪرڻ گهرجي. گهٽيئي ڪيل ڪيم. باليڻ گذاري ڇڙهيس."

"هن پنهنجو فوٽو به موڪليو آهي. ڏسيندينءَ؟" چندر پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهندي چيو.

"ڪٿي آهي؟" گيتا بيحد اتساهه وچان پڇيو. "ڪير. ڏسان."

"پهرين ٻڌاءِ ته انعام ڪهڙو ڏيندينءَ؟ ڏاڍي مشڪلات سان هن کان فوٽو گهرايو اٿم." چندر چيو.

"انعام ڏينديس توکي!" ۽ گيتا هڪدم جهٽ هڻي هن کان فوٽو کسي ورتو.

ٻنتيءَ دبيل آواز چيو، "گيتا ديدي، چونڪي مان هن کي ڇهي ورتئي."

گيتا ٽالهي ڇڏي اٿي ڪڙي ٿي. چندر کي ڇهڻ بعد هوءَ هيٺر چونڪي ۾ ويهي ڪائي نٿي سگهي.

ٻنتيءَ چيو. "ڇگو فوٽو مليئي ديدي، جو ڪاڏو به اڌ ۾ ڇڏي اٿينءَ.!"

گيتا هٿ منهن ڍوئي ساڙهيءَ جي پلوَ سان فوٽو جي ڪنڌ پڪڙي ڏنو ۽ پوءِ چيائين، "چندر ڏس، هو سچ پچ ڪهڙو نه سنو ٿو لڳي. هن جو چهرو ڪهڙو نه تيجسوي آهي. پيشاني ڪهڙي نه ڪليل ۽ اوچي اٿس." گيتا اجان فوٽو ڏانهن نهاريندي رهي.

"سنو ٿو لڳيئي فوٽو. پسند آهي؟" چندر گنڀيرتا سان پڇيو.

"ها .... ها. ٻين سوشلسٽن وانگر اصل ڪو نه ٿو لڳي." گيتا وراڻيو.

"ڇگو گيتا. هيڏانهن اچ." چندر ۽ گيتا ٻئي ڪمري ۾ پلنگ تي وڃي ويٺا. چندر گيتا جو هٿ جهلي ان ۾ پيل منڊيءَ کي ڦيريندي چيو، "هڪ ڳالهه ڇوانءِ، مڃيندينءَ؟"

"ڪهڙي؟" گيتا نهايت معصوميت ڀرئي ادا سان چيو.

"پهرين ٻڌاءِ ته مڃيندينءَ؟" چندر هن جي منڊيءَ ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندي چيو.

"ڇا مون ڪڏهن تنهنجي ڳالهه ٽاري آهي! ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"ڪهڙي به ڳالهه هجي، تون ضرور مڃيندينءَ؟" چندر وري به سوال ڪيو.

"چيم ته سهي ها. ها. تنهنجي ڀلا اهڙي ڪهڙي ڳالهه هوندي جا گيتا مڃي نه سگهندي." گيتا جي واعدي مان. نهار مان. انگ انگ مان روح اربي ڇڏڻ جو جذبو پئي ڇلڪيو.

"گيتو! پنهنجي واعدي تي قائم رهج. ڏس!" هن گيتا جون آڱريون پنهنجي اکين جي پلڪن سان لڳائي چيو. "گيتا! تون هن ڇوڪري سان شادي ڪري ڇڏ."

"ڇا؟" گيتا ڇڻ زخم ڪاڌل هرڻيءَ جيان تڙپي اٿي. "هن ڇوڪري سان! هيءَ آهي شڪل مون سان شادي ڪرڻ واري. چندر مون کي اهڙو مذاق اصل پسند نه آهي. سمجهيئي يا نه؟ سو انهيءَ ڪري ئي هيڏو پيار پئي ڏيکاريئي. هيڏو لاڏ ڪوڏ پئي ڪيئي!"

"تون واعدو ڏيئي ڇڪي آهين!" چندر جي آواز ۾ بيحد التجا هئي.

"ڇاجو واعدو! ڇا تون پنهنجا سڀ واچھو پاڙيندو آهين؟ تنهن ڪان سواءِ هينئن دوکو ڏيئي واعدو وٺڻ! همت نه هئي ته صاف صاف چئين ها! مان به جيڪي سمجهان ها. سو چوان ها. مون کي هينئن ٻڌي منهنجي قرباني ڏيڻ جو تو چاهين؟" گيتا کي بيحد غصي ڪارڻ روئڻ اچي ويو.

چندر حيران! هن اصل سوچ ڪا نه ڪئي هئي ته هينئن ٿيندو. هو ڪن پل خاموش ويٺو رهيو. سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيس ته گيتا کي ڇا چوي. هن اڳتي وڌي روئيندڙ گيتا جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

"هٽ هتان!" گيتا نهايت رڪائيءَ سان هن جو هٿ هٽائيندي چيو ۽ ساڙهيءَ سان منهن ڍڪي ڇيائين. "مان شادي نه ڪنديس. اصل نه ڪنديس. ڪنهن سان به نه ڪنديس. توهين سڀيئي جيڪڏهن مون کي مارڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو ته مان هينئر ئي پنهنجو مٿو ڦاڙي ڇڏينديس." ۽ سچ پچ جوش ۾ اچي گيتا پنهنجو مٿو ديوار سان ٽڪرائڻ لڳي. "اڙي!" چندر ڊوڙي گيتا کي پڪڙي ورتو. مگر گيتا صفا گرجندي چيو، "چندر. پري هٽي وڃ. مون کي هٿ نه لائج." هن ۾ اچ ايڏي طاقت الائي ڪٿان آئي هئي. هن جهٽڪو ڏيئي پاڻ کي ڇڏائي ورتو.

چندر دٻيل آواز ۾ چيو، "ڇي گيتا! مون کي تو مان هيءَ اميد اصل ڪا نه هئي. هيءَ جذبات تو کي سونهين ئي نه ٿي ۽ تون اڄ ڳالهيون ڪهڙيون پئي ڪرين. مان اهو ئي چندر آهيان نه!"

"تڏهن ته مان ....! هن سڄي دنيا ۾ بس تون ئي وڃي بچئين. مون کي فوٽو ڏيکاري منهنجي [redacted] پيڇڻ لاءِ!" گيتا سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. "پاپا به مون کي هينئن دوکو ڏنو. مون کي پاپا مان به ههڙي اميد ڪا نه هئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڀڳلي کهڙي ٻيءَ پنهنجي ڌيءَ کي هميشہ ڪنوارو ويهاريو آهي!" چندر چيو.

"تون چپ رهہ چندر. مون کي اڄ تنهنجون ڳالهيون زهر ٿيون لڳن ... گيتا هي فوٽو تو کي پسند آهي؟ تنهنجي زبان مان اهي لفظ نڪتا ڪيئن؟ مون کي اصل خبر ڪا نہ هئي تہ توهين سڀ ايئن ڪندا." گيتا ٿورو وقت چپ چاپ سڏڪا ڀريندي رهي. پر پوءِ وري ڦاٽي اٿي. "ڪٿي آهي اهو فوٽو. مون کي ڏي. مان هينئر ئي پاپا وٽ ويندس. مان هن کي چونديس: ها. مان هن ڇوڪري کي پسند ٿي ڪريان. هو ڏاڍو سٺو آهي. بيحد سهڻو آهي. مگر مان هن سان شادي نہ ڪنديس. مان ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪنديس." ايئن چوندي هوءَ ٻيءَ جي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳي.

"خبردار جي اڳتي قدم وڌايو اٿئي.!" چندر هينئر هن تي ڪاوڙ ڪندي چيو. "ويهہ هتي."

"مان نہ روڪجنديس." گيتا آڪڙجندي چيو.

"نہ روڪجنديس؟"

"نہ روڪجندينءَ!"

چندر جو هٿ مٿي کڄيو ۽ گيتا جي ڳل تي هڪ زوردار چماٽ لڳي ويئي. گيتا جي ڳل تي نيرا نيل ڄمي ويا. هوءَ حيران ٿيڻ پٿر بڻجي ويئي. اکين جا لڙڪ ڄمي ويس. پلڪن جون نگاهون. زبان جوآواز. سيني جا سڏڪا، ڇڻ پٿر بڻجي ويس.

چندر هڪ دفعو گيتا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ڪري پيو ۽ مٿو جهلي ويهي رهيو. گيتا بہ ڪرسيءَ جي نزديڪ زمين تي ويهي رهي ۽ مٿو چندر جي گوڏن تي رکي ڇڏيائين. بيحد ڳوري پريل آواز ۾ چيائين. "چندر تنهنجو هٿ تہ ڏسان. توکي چوٽ تہ ڪا نہ لڳي؟"

چندر گيتا ڏانهن نهاريو. اهڙي نگاهہ سان ڇڻ قبر منهن کولي اوٻاسي ڏيئي رهي هيئي. گيتا وري سڏڪا ڀرڻ شروع ڪري ڇڏيا. چندر جي پيرن تي پنهنجو مٿو رکي چوڻ لڳي. "چندر، ڇا تون مون کي سچ پچ پنهنجي آسري کان هٽائي ئي خوش ٿيندين؟ چندر. مذاق جي ڳالهہ الڳ آهي. زندگيءَ ۾ تہ هيئن دشمني نہ ڪر."

چندر اونهي ساهہ کڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ چئي نہ سگهيو. مٿو هٿن ۾ جهلي خاموش ويٺو رهيو. پنج منٽ گذري ويا. ڪمري ۾ سناٽو. گهري خاموشي! گيتا چندر جي پيرن کي پنهنجي سيني سان لڳائي پالهين نگاهن سان نہ ڄاڻ ڇا کي تڪيندي رهي. ديوارن پار، ڏسائن پار. افق پار! ديوار تي ٽنگيل گهڙيال ٽڪ ... ٽڪ ٿي ڪئي!

چندر نيٺ ڪنڌ کڻي چيو. "گيتا هيڏانهن مون ڏانهن نهار!" گيتا منهن مٿي ڪيو. چندر چيو. "گيتا، تون نہ ڄاڻ مون کي ڇا سمجهندي هوندينءَ! مگر تون جي سمجهين سگهين تہ مان ڇا پيو سوچيان، ڇا ٿو سمجهان..." گيتا جواب ڪو نہ ڏنو.

چندر چوندو هليو. "گيتا مان تنهنجي من کي سمجهان ٿو. تنهنجي من جيڪي توکي نہ ٻڌايو، سو مونکي ٻڌائي ڇڏيو هئائين. مگر گيتا اسين هڪ ٻئي جي زندگيءَ ۾ ڇا انهيءَ لاءِ آيا هئاسين تہ هڪ ٻئي کي ڪمزور بنايون. جنت جي اتاهينءَ تي ويهي اسان روحاني سنگيت صرف انهيءَ لاءِ ٻڌو تہ ان کي شاديءَ جي شرنائي جي آلاپ ۾ بدلائي ڇڏيون."

"مون کي غلط نہ سمجهہ چندر! مان گيسو ڪانہ آهيان جا اختر سان شادي رچائڻ جا سپنا پيئي لهندي آهي. ۽ چندر تون بہ اختر ڪونہ آهين. مان ڄاڻان ٿي تہ مان تنهنجي لاءِ رڪڙيءَ جي سٽ کان بہ وڌيڪ معصوم رهي آهيان. مگر مان جهڙي آهيان تهڙي ئي تون مون کي رهڻ چونہ ٿو ڏين. مان ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪنديس. مان پاپا وٽ رهنديس. شاديءَ لاءِ منهنجو من نٿو مڃي. مان ڇا ڪريان؟ تون غصو نہ ڪر. دکي نہ ٿيءُ. تون اجازت ڏيندين تہ مان ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿي. مگر آن قتل ڪرڻ کان اڳي اهو ڏس تہ سهي. تہ منهنجي دل تي ڇا ٿو وهي!" گيتا چندر جي پيرن کي اجا بہ وڌيڪ زور سان پنهنجي سيني سان ڀڪڙيندي چيو.

"گيتا، تون هڪ ڳالهہ سوچ. تون جيڪڏهن سيني جو پيار وٺندي ٿي هلين تہ توتي ڪجهہ جوابداري بہ آهي نہ! اڄ تائين پاپا توکي ڪيئن پاليو آهي. ڇا هينئر تنهنجو فرض اهو آهي تہ تون هن جي مرضيءَ کي ٺڪرائين! تنهن کان سواءِ ٻي ڳالهہ سوچ. هن جو مون ۾ جڏهن ڀروسو هو. تڏهن ئي تہ مون کي چيائين تہ توکي فوٽو ڏيکاريان. تنهنجي پسند پڇان. هينئر جيڪڏهن تون انڪار ٿي ڪرين تہ هڪ طرف پاپا کي صدمو پهچائيندينءَ. ٻئي طرف هن جو مون ۾ هيل تائين جيڪو ڀروسو رهيو آهي، اهو ٽٽي پوندو. ڇا ان بعد اسين ٻئي هن کي منهن ڏيکارڻ لائق رهنداسين؟ ٻڌاءِ. تون ڇا ٿي چاهين؟ صرف پنهنجي ٿوري جذبات لاءِ سيني جي زندگي چوپٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آهين. تنهنجي منهن تي اها ڳالهہ پوي ٿي! پاپا ڇا چوندو... تہ چندر توکي اهائي سکيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني! دنيا اسان کي ڇا چوندي. ٻڌاءِ. اڄ تون شادي نہ ڪر. پر سپاٽي ڪان وٺي پاپا هميشہ دکي رهي ۽ دنيا اسان تي ملامت مڙهيندي رهي. پوءِ تون خوش ٿيندين؟ ٻڌاءِ. خوش ٿيندين؟"

"نہ." گيتا جي آواز ۾ لرزش هئي.

"اڃا ٻي بہ ڳالهہ آهي گيتو. سون جي پرک باهہ ۾ ٿي ٿيندي آهي. باهہ ۾ پوڻ سان اهو جڏهن وڌيڪ چمڪندو آهي. تڏهن ئي سچو سون سڏائيندو آهي. مون تنهنجي شخصيت کي ناهيو آهي يا تو منهنجي شخصيت کي ناهيو آهي. اهو صرف تڏهن ئي پڌرو ٿيندو جڏهن اسين مشڪلاتن، ڏکيائين، جذباتي طوفانن سان ڪيڏون. انهن جو مقابلو ڪندي ان مقابلي ۾ سوپارا ثابت ٿيون. تڏهن ئي ڇٽي سگهبو تہ اسان هڪ ٻئي جي جيون ۾ انقلاب آندو. پل پريو. جي تون هميشہ منهنجي ٻانهن جي آسري هلين ۽ مان تنهنجي نگاهن جي ڇانو ۾ رهان ۽ دنيا جي طوفانن کان اسين ڊڄندا رهون تہ اها ڪانٽرتا ڇٽبي. ڇا مون کي ائين سٺو لڳندو تہ دنيا منهنجي گيتا کي ڪانئر سڏي! گيتا. جنهن تي مون کي هميشہ ناز ۽ فخر پئي رهيو آهي. سا ڇا پاڻ کي ڪانئر سڏائڻ پسند ڪندي."

"ها" گيتا وري چندر جي گوڏن ۾ منهن لڪائي ڇڏيو.

"ڇا، مان اهي لفظ گيتا جي ڇپن مان تو ٻڌان؟ جي ٻڳلي! اڄ تائين تنهنجي نگاهن منهنجي پراڻن ۾ امرت ٿي پريو آهي ۽ منهنجي ساهن تنهنجي پران ۾ طوفانن جو ويگ. اسان کي تہ پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي تہ اڄ اسان جي سامهون ڇا وات آئي آهي.ان تي اسان کي اهو ثابت ڪرڻ جو وجهہ ملندو تہ اسان هڪ ٻئي کي هميشہ معصوميت ۽ اوچائي پئي ڏني آهي. مون اڄ تائين هميشہ تنهنجي سار سنڀال تي پروسو رکيو هو. ڇا اڄ تون منهنجو اهو پروسو ٽوڙي ڇڏيندينءَ؟ گيتا. اڄ تون اهڙي ظالم جو ٿي رهي آهين؟ تون ساڏارڻ ڇوڪري نہ آهين. تون ڏروتاري ڪان وڌيڪ روشن آهين. تون ائين چو ٿي ڇاهين تہ دنيا تو لاءِ بہ ائين ٿي چوي تہ گيتا هڪ معمولي جذباتي ڇوڪري آهي ۽ اهو سڀ مان پنهنجي ڪنن سان ويهي ٻڌان! ٻڌاءِ گيتا." چندر گيتا جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو.

گيتا پنهنجون نگاهون مٿي ڪنيون. ڪيڏو نہ گوندر هو انهن نگاهن ۾! انهن نگاهن سان چندر ڏانهن نهاري هن اهي وري جهڪائي ڇڏيون. گيتا جي مٿي تي وري بہ هٿ ڦيريندي چندر چيو. "گيتا. مان ڄاڻان تو تہ مان توتي شايد بيحد سختي ڪري رهيو آهيان. مگر تو ڪان سواءِ منهنجو پيو آهي ڪير. ٻڌاءِ؟ توتي ئي تہ مان پنهنجو حق آزمائي سگهان تو. مون تي پروسو رک گيتا. زندگيءَ ۾ جدائي، وڇوڙو، دک، پيڙا ئي انسان کي مهان بنائي سگهن تا. جذبات ۽ عيش ڪڏهن بہ اسان کي اوچائيءَ تي پهچائي نتا سگهن. ٻڌاءِ گيتا توکي ڇا پسند آهي؟ مان مٿي چڙهان تنهنجي پروسي جي سهاري يا تون عرش تي پهچين منهنجي بي عزتيءَ جي سهاري. انهيءَ ڪان بهتر بيو ڇا تو ٿي سگهي گيتا! ڇاهين تہ منهنجي جيون کي معصوم ساڏنا بڻاءِ، ڇاهين تہ ان کي دوزخ ۾ ڌڪي ڇڏ!"

گيتا هڪ اونهو سرد ساهہ کنيو ۽ ڪن پل انتظار ڪيائين. پوءِ چيائين. "اهڙي ڪهڙي تڪڙ آهي چندر! تون جيڪي چوندين مان ڪنديس." هن جي آواز ۾ وري سڏڪا پرجي ويا. "مگر اهڙي تڪڙ جو تو ڪرين. اڃا مون کي پڙهڻ ڏي. سگهڻ ڏي."

"نہ. ههڙو سٺو ڇوڪرو وري نہ ملندو ۽ هن ڇوڪري سان تہ تون شاديءَ بعد بہ پڙهي سگهين ٿي. مان هن کي سڃاڻان. هو صفا ديوتا آهي. ٻڌاءِ. مان پاپا کي چوان نہ. تہ توکي پسند آهي."

گيتا چپ رهي.

"ان ماٺ جو مطلب ڇا آهي. ها يا نہ؟" چندر وري سوال ڪيو.

گيتا اڃا بہ وات ڪو نہ کوليو. صرف هيٺ جهڪي چندر جي قدمن کي جيئن پنهنجي چپن سان ٿي چميائين تيئن هن جي اکين مان ٻہ گرم لڙڪ بہ انهن تي ڪري پيا. چندر گيتا کي اٿاريو ۽ هن جي مٿي تي هٿ رکي چيائين. "ڏٺي تنهنجي آتما کي هميشہ اوچو رکندو. گيتا." پوءِ اونهو ساهہ کڻي چيائين."مون کي توتي فخر آهي." ۽ هو فوٽو کڻي ٻاهر هليو ويو.

"ڪيڏانهن تو وڃين؟ وڃ نہ!" گيتا هن جو ڪڙتو پڪڙي بيحد نيزاري ڪندي چيو.

"چندر پلنگ تي ويهي رهيو. گيتا وهاڻي تي مٿو رکي ليٽي پيئي ۽ قاتل اکين جي جڙ نگاهن سان نہ ڄاڻ ڇا تڪيندي رهي. چندر چپ هو. بلڪل خاموش. ڪمري ۾ صرف ڪهڙيال جو آواز پئي آيو... ٽڪ ٽڪ!

ٿوري دير بعد گيتا چندر جي قدمن کي وهاڻي ڏانهن ڇڪيو ۽ انهن ۾ منهن لڪائي ويهي رهي. بنتي آئي پر گيتا ڇري بہ ڪا نہ. چندر ڏٺو تہ هوءَ ايئن سندس پيرن ۾ منهن لڪائي ويٺي آهي ۽ تند اڇي ويٺي اٿس. بنتيءَ فوٽو کڻندي اشاري ۾ پڇيو. "منظور؟"

"ها."

• بنتي جواب ٻڌي خوش ڪا نہ ٿي. هن هڪ دفعو چندر ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي هلي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا سمهي پيئي هئي. چندر جي پيرن تي هن جي گرم ساهن هلڪيون ڦوڪون پئي ڏنيون. هو خاموش ويٺو رهيو. هن کي چرڻ جي، گيتا جي ننڊ ڦٽائڻ جي همت نہ ٿي. ٿوري دير بعد جڏهن گيتا پاسو بدلايو تہ چندر اٿيو. هو ٻاهر اڱڻ ۾ ڪوچ تي اچي ويٺو ۽ نہ ڄاڻ ڇا سوچيندو رهيو.

جڏهن وري اٿيو تہ ڏٺائين ٻارها لڙي چڪا آهن ۽ گيتا سندس سيرانديءَ کان ويٺي مٿس پنکو پيئي جهولي. هن ڏانهنس گنهگاري نگاهن سان ڏٺو گيتا ڏاڍي ڏک مان پنهنجون نگاهون ڦيرائي ڇڏيون ۽ ديوارن جي چوٽين تي آخرين پساهہ کڻندڙ موت جي آسن تي براجمان اس ڏانهن نهارڻ لڳي.

چندر اٿي ويٺو ۽ ڪجهہ سوچڻ لڳو تہ گيتا چيس، "سياڻ ايندين يا نہ؟"

"ڇو نہ ايندس." چندر وراڻيو.

"مون سمجهيو تہ شايد هينئر کان ئي دور رهڻ چاهيندين." گيتا هڪ اونهو ساهہ کڻي چيو ۽ وچڻي جي اوٽ ۾ لڙڪ اگهي ڇڏيائين.

●

چندر ٻئي ڏينهن صبح جو ڪو نہ ويو. هن جي ٿيسز جو وڏو حصو ٽائيپ ٿي اچي ويو هو، سو ان کي سڌارڻ ويهي ويو. سانجهي وقت اڄ الائي ڇو هن کي اتي وڃڻ جي همت نٿي ٿي. جيتوڻيڪ من ۾ گيتا جي ڳڻتي بہ هيس. هوءَ ڪالهہ کان تمام مرجهائي ويئي هئي. چندر کي رکي رکي پاڻ تي غصو پئي آيو. ڪيس خبر هئي تہ پاڻ پنهنجن هٿن سان پنهنجي خوشي ۽ سک جي قبر کوٽي رهيو آهي. پوءِ بہ هن اها واٽ ورتي ڇاڪاڻ جو ڪيس اها خبر هئي تہ سورن جو پيچرو ئي زندگيءَ جو صحيح پيچرو آهي. هن پنهنجي جيون ۾ هلڪائي، سستائي نٿي آڻڻ چاهي، هو ان جي سخت خلاف هو. مگر هن لاءِ گيتا جي اکين جو هڪ لڙڪ بہ اشٽ مثل هو ۽ گيتا جي پشپائين چهري تي اداسي ۽ غم جي سگهي ريکا ڏسندي ئي هو صفا پاڳل ٿيڻجي ويندو هو. صبح جو هو ڪو نہ ويو پر پوءِ هو خود پڇتائڻ لڳو ۽ بيصبر ٿيڻجي شام جي پنجن بجن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

پنج لڳا تہ هو سائيڪل کڻي اتي پهتو. بنتي، گيتا ٻئي ڪو نہ هيون. ڊاڪٽر شڪلا اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو، جو چندر اتي پهتو.

ڊاڪٽر شڪلا چيو، "اڄ، گيتا ڇا چيو تہ پسند اٿس."

"ها، هن کي ڪو بہ اعتراض نہ آهي."

"مون کي اڳي ئي خبر هئي. گيتا اهڙي سني ۽ اهڙي سڀاجهي آهي، جو هوءَ ڪڏهن بہ منهنجي خواهش نہ ٽوڙيندي. مگر چندر ڪالهہ کان هن ڪاڏو پيتو ڇڏي ڏنو آهي. ٻڌاءِ، انهيءَ مان ڀلا ڪهڙو فائدو. ڇا منهنجي وس جي ڳالهہ آهي؟ مان هن کي هميشہ تہ پاڻ وٽ رکي نٿو سگهان. اڄ صبح جو نيرن وقت تہ هوءَ منهنجي اڳيان بہ ڪا نہ ويئي.... تون ئي ٻڌاءِ منهنجو ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي؟"

چندر خاموش! پوءِ پڇائين، "گيتا آهي ڪٿي؟"

"گئريج ۾ موٽر پيئي ناهي.-ڏاڍي منع ڪئي مانس تہ سخت اس آهي، لڪ پيئي لڳي، مگر هوءَ مڃي ڪٿي ٿي! ٻڌاءِ هن جي اها پريشاني مون کي ڪيئن وڻندي؟ وڃ چندر تون ئي وڃي هن کي سمجهاءِ. مان ڇا چوانس." ڊاڪٽر جي آواز ۾ درد ڀريل هو.

چندر اٿي هليو ويو. گئريج ۾ ڪافي گرمي هئي، مگر بنتي اتي تڏو وڇائي سمهي پيئي هئي ۽ گيتا موٽر جو ڍڪ لاهي ان جي صفائي ڪرڻ ۾ مشغول هئي. بنتيءَ کي هوش ڪو نہ هو. وهاڻي ۽ تڏي تان هٽي زمين تي وڃي پيئي هئي ۽ هن جي چوٽي سٽل نانگڻ جيان پيئي لڳي. بنتيءَ جو هڪ هٿ ڇاتيءَ تي ٻيو هٿ زمين تي هو ۽ ساڙهيءَ جو پلؤ چادر ٿيڻجي ويو. چندر جي پيرن جي آهٽ تي گيتا منهن ڦيرائي، هن کي ڏسي چيو، "اڄ چندر!" هن جي چپن تي مرڪ آئي پر ملول. ان مرڪ جي خوشي، موهٽي لڙجي چڪي هئي، ان جو صرف پاڇو باقي بچيل هو. گيتا اوچتو بنتيءَ ڏانهن نهاريو. "اڙي، سمهي ڪيئن پيئي آهين! اٿ، چندر آيو آهي." بنتيءَ اکيون کوليون، چندر کي ڏٺو، ليٽي ئي نمستي ڪيائين ۽ پوءِ ساڙهي سنڀالي پاسو ورائي وري سمهي پيئي.

گيتا چيو، "هيءَ ڪمبخت تہ سڄو ڏينهن ننڊون پيئي ڪري. هيڏو چيومانس تہ ڪمري ۾ وڃي پنکي هيٺان سمهہ. پر هوءَ ٻڌي چو ٿي. مان گئريج ۾ هجان تہ هيءَ ڀلا ڪمري ۾ ڪيئن سمهي! جتي مان مرنديس، اتي هيءَ مرندي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تہ تون ڪشريخ ۾ ڇو ائي اهين؟ هينئر موٽر کي صفا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي؟" چندر چيو. مگر ڪوشش ڪندي بہ هو اڄ پنهنجي آواز ۾ اڳي جيان غصو پيدا نہ سگهيو. نہ ڄاڻ هن جي اها ڪاوڙ ڪيڏانهن هلي ويئي هئي.

"نہ چندر، اڄ منهنجي طبيعت نٿي لڳي. ڇا ڪريان....مڙهڻ ڪنيم، اهو بہ رکي ڇڏيم. شاعري ڪنيم پڙهي نہ سگهيس. اڄ ان ۾ ذرو بہ چاهہ نہ لڳو. تڏهن سوچيم تہ ڪو سخت، ڪٺور ڪم ڪريان جنهن ۾ لوهہ فولاد جو مقابلو هجي تہ من ان ۾ دل لڳي. تڏهن هتي موٽر ٺيڪ ڪرڻ هلي آيس."

"ڇو اڄ شاعريءَ ۾ دل ڇو نہ لڳي؟ تعجب آهي.... گيسوءَ سان گڏ تہ تون ڪلاڪن جا ڪلاڪ شاعري پڙهندي گذاري ڇڏيندي آهين!"

"اڳي شايد دل ۾ ڪنهن کي پيار ڪندي هيس، تڏهن شاعري ۾ مزو اچي ويندو هو." گيتا کي تنهن ڏينهن جي ڳالهہ ياد اچڻ تي اداس ڪل اچي ويئي. "هينئر شايد ڪنهن کي پيار ڪا نہ ٿي ڪريان تہ شاعريءَ ۾ مزو نٿو اچيم. هينئر اهي گيت بيوس، بيجان ۽ غيرفطري پيا لڳن. دل جي درد اڳيان اهي نهايت ڦڪيون آهن." ۽ هوءَ وري موٽر جي پرزن ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويئي. چندر چپ چاپ موٽر جي دروازي کي ٽيڪ ڏيئي بيٺو رهيو. دل ۾ الائي ڇا سوچيندو رهيو.

گيتا مٿو ڪٽڻ ڪانسواءِ، نوڙي ئي نوڙي، هڪ هٿ سان هڪ پرزي تي تار ويڙهيندي چيو. "چندر تنهنجي دوست جا عزيز اچڻا آهن.... ايندڙ آڱاري تي. جلدي تياري ڪرڻي اٿيئي."

"ڪهڙا دوست! ڪهڙا عزيز!"

"منهنجو ڏير ۽ سس اچڻا آهن، مون کي ڏسڻ لاءِ. هنن پنهنجي اچڻ جو ڏينهن ڦيرائي ڇڏيو آهي. تياري ڪرڻ لاءِ فقط ڇهہ ڏينهن آهن."

چندر ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو. ٿوري دير ترسي گيتا وري چيو. "اگر ٺيڪ سمجهين تہ ٿوري ڪريم پائوڊر وٺي اچج. لڳائي پاڻ کي گوري منديم بڻايان تہ شايد اڳهامي ويندس. ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ!" گيتا عجيب نموني ٺهڪ ڏنو ۽ چندر ڏانهن نهارڻ لڳي. چندر پاهران خاموش هو پر هن جي اندر ۾ هڪ عجيب پيڙا هئي، جنهن جو پاڇو هن جي پيشانيءَ تي پئي پيو.

گيتا موٽر جو ڪور ڍڪي چندر وٽ اچي چيو. "ڇو چندر، توکي منهنجي ڳالهہ پسند نہ آئي؟ ڇا ڪريان، ڪالهہ ڪان وٺي مون ڪان اهو بہ وسري ويو آهي تہ مذاق ڪيئن ڪجي. چرچو ٿي ڪريان تہ چٽر ٿي ٿي وڃي. مگر چندر مون توکي ڪجهہ بہ چوڻ نٿي چاهيو." گيتا جي ٻولڻ ۾ بيحد لاڏ هو. "ڇڱو مان ڪجهہ بہ نٿي چوان." ۽ هن پنهنجي ساڙهي سنڀالڻ لاءِ هٿ ڪنيو. هن جي هٿن ۾ ڪارانڻ لڳل هئي. چندر سمجهيو تہ گيتا منهنجي ڪلهي تي هٿ ٿي رکي، سو پري هٽي ويو تہ گيتا چيو. "گهبرائجين ڇو ٿو ديوتا! تنهنجي اجري بدن تي مان داغ ڪا نہ لڳائيندس. اها ڪارانڻ مان پنهنجي پلاند سان اگهي ڇڏيندس." ۽ سچ پچ ساڙهيءَ جي پلاند سان هٿ اگهندي چيائين. "بنتي، هل تہ اندر هلون اٿ ٻلي، جلدي ڪر."

اتي چندر کي صوفا تي ويهاري گيتا هن جي پير ۾ ٿي ويٺي. "آگرين مان نڪاوَ ڪڍندي چيائين "چندر، منهنجي مٽي ۾ ڏاڍو سور آهي."

"مٽي ۾ سور نہ پونديءَ تہ ڇا ٿينديئي! هيڏي لڪ ۾ هلينءَ موٽر ٺيڪ ڪرڻ. پاپا ڪيڏو نہ دکي ٿي رهيو آهي. ڇا تنهنجو هيئن هلڻ نهي ٿو؟ پوءِ فائدو ئي ڪهڙو! هونءَ دکي نہ ڪري هيئن دکي ڪرڻ. ڳالهہ تہ اها ئي وڃي بيٺي نہ! شابس تڏهن آهي، جڏهن تون پنهنجي هٿن سان پنهنجي دنيا جلائي خاڪ ڪري ڇڏين ۽ پوءِ بہ منهن تي گهنج نہ پوي، چپن مان شڪايت جي صرف سي نہ نڪري. هيل تائين تو دنيا جي اوڇاين تي پهچي بہ جيئن پنهنجو ٻالپڻو، پنهنجي معصوميت قائم رکي هئي، تيئن هينئر دنيا جو سڀ سک عيش لٽائڻ بعد بہ تون پنهنجو اهو ٻالپڻو، پنهنجي اها معصوميت ڇو نہ ٿي قائم رکين!"

"ٻالپڻ! گيتا کلي چيو. "چندر، ٻالپڻ هينئر ختم ٿي ويو. مان وڏي ٿي ويئي آهيان."

"وڏي ٿي ويئينءَ! ڪڏهن کان؟"

"ڪالهہ منجهند کان!"

چندر خاموش. ٿوري دير بعد وري گيتا ئي چيو. "نہ چندر، مان ٻن ٽن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندس. تون گهبرائج نہ. مان موٽ جي سيج تي بہ تنهنجي آديش کي مانُ ڏيئي مشڪندي رهنديس." ائين چئي گيتا وري خاموش، پورن ۾ ويڙهجي، ويٺي رهي. چندر بہ چپ چاپ سوچيندو رهيو. نيٺ چيائين. "گيتو! توکي منهنجي ذري بہ پرواهہ نہ آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تڏهن ڪنهن جي پرواهه اٿم چندر! تنهنجي پرواهه نه هجيم ها ته مان به ڏسان ها. مون کي ڪير ٿو جهڪائي سگهي. اڄ کان سال اڳي جڏهن مان ڳوٺ مان پاپا وٽ آئي هيس، تڏهن مون کي ڪڏهن به اهو خيال ڪو نه آيو ته هڪ ڏينهن مان ڪنهن جي اڳيان ايڏو جهڪي سگهنديس.... چندر، اڄ من ڏاڍو اچاٽ آهي، هل ڪٿان گهمي اچون. هلندين نه؟"

"هل." چندر وراڻيو.

"ترس، بنتيءَ کي اٿاري اچان. هوءَ ڪمبخت اڃا سمهي پيئي آهي." گيتا اٿي هلي ويئي. ٿوري دير بعد بنتي اکيون مهٽيندي بغل ۾ تڏي دٻائي اٿي آئي ۽ وري ورانڊي ۾ ويهي جهوٽا کائڻ لڳي. پنيان گيتا وڃي هن جي چوٽي ڇڪيندي چيو، "اٿ تيار ٿي وڃ! گهمڻ هلڻو آهي."

ٿوري وقت ۾ سڀئي تيار ٿي ويا. گيتا وڃي گئريج مان موٽر ڪڍي آئي. چندر کان پڇيائين، "تون هلائيندي يا مان هلايان؟ اڄ مون کي هلائڻ ڏي. هل ته اڄ ڪنهن وڻ يا پهاڙ سان هن موٽر جو ٽڪر ڪرايان."

"اڙي باپ ڙي!" پنيان بنتيءَ رڙ ڪئي، "نه مان ڪا نه هلنديس."

گيتا ۽ چندر ٻنهي ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي گهٻراهٽ ڏسي دنگ رهجي ويا.

"نه. تون مرنديءَ ڪا نه." گيتا چيو ۽ هوءَ اڳيان ويهي رهي. بنتيءَ کان پڇيائين، "تون پنيان ويهنديءَ نه."

"نه بابا موٽر هلندي ته مان ڪري پونديس."

"اڙي توکي موٽر جي پنيان ويهڻ لاءِ ٿي چوان ڇا! پنئين سيٽ تي ويهڻ لاءِ ٿي پڇان." گيتا وري سوال ڪيو.

"او.... مون سمجهيو ته تون مون کي موٽر جي پنيان بيهڻ لاءِ ٿي چوين، جيئن بگيءَ ۾ سئس پنيان بيهندو آهي، تيئن. مان ته توسان گڏ ويهنديس." بنتي اڄ چنچل ٿي اٿي هئي.

"اڄ تنهنجو ٻالپڻ وري موٽي آيو آهي، ڀلي ڪٿان جي! هل، ويهه اچي مون وٽ." بنتي مشڪندي گيتا جي پر ۾ وڃي ويٺي. گيتا پيار مان هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. چندر پنيان ٿي ويٺو ته گيتا چيس، "هرج نه سمجهين ته تون به اڳيان اچي ويهه. باقي جي ويچو رکڻ چاهين ته ڀلي پنيان ويٺو هج."

چندر به اڳيان اچي ويٺو. هڪ طرف چندر، ٻئي طرف گيتا، وچ ۾ بنتي.

موٽر هلي ته بنتيءَ رڙ ڪئي، "اڙي منهنجو ماستر صاحب!"

چندر ڏٺو ته بسريا سامهون پيو وڃي. چندر رڙ ڪري هن کي چيو، "اڄ پڙهڻ ڪو نه ٿيندو." گيتا موٽر روڪي ڪا نه.

چندر کي بيحد عجيب لڳو جڏهن ڏٺائين ته موٽر پميءَ جي بنگلي اڳيان اچي بيٺي آهي. پڇيائين، "هتي ڇو؟"

"ايئن ئي." گيتا وراڻيو. "اڄ دل ٿي چوي ته پميءَ وٽ هلي انگريزي شعر ٻڌان."

"سويل تو چيو ٿي ته اڄ شعر پڙهڻ ۾ منهنجو من نٿو لڳي."

"تون ڪجهه به چئو نه چندر. اڄ مون کي ڇڏي ڏي ته جيڪي من ۾ اچيم سو ڪندي رهان. منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي ۽ مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان. چندر تو سٺو نه ڪيو."

چندر جواب ڪو نه ڏنو. چپ چاپ اڳتي وڌيو. گيتا پنيان بنتي هٽڪندي هٽڪندي پئي آئي.

پميءَ ڪجهه لکيو ويٺي. هن اٿي سيني جي آجيان ڪئي. هڪ ڪوچ تي هوءَ ويٺي، ٻئي ڪوچ تي گيتا، چندر ۽ بنتي ويٺا گيتا پميءَ سان بنتيءَ جي واقفيت ڪرائي ۽ جڏهن پميءَ اٿي بنتيءَ سان هٿ ملايو ته الائي ڇو ڪهڙي ڪارڻ بنتيءَ چندر ڏانهن نهاري مشڪي ڏنو، شايد ان ڏينهن واري ڳالهه ياد اچي ويس.

اوچتو گيتا کي به نه ڄاڻ ڪهڙو خيال آيو... شايد بنتيءَ جي شرارت ڀري مرڪ تي ئي هن کي اهو ويچار آيو. هن چندر کي چيو، "چندر، تون پميءَ سان ٿي ويهه دوستن کي هميشه گڏ ويهڻ گهرجي."

"ها ۽ خاص ڪري جڏهن اهي ڪڏهن ڪڏهن ئي ملندا هجن." بنتيءَ مشڪي گيتا جي ڳالهه کي وڌائيندي چيو. پمي هن جو مذاق سمجهي ورتو ۽ بنا شرمائڻ جي چيائين، "اسان کي وچ واري جي ضرورت نه آهي، مهرباني، اڄ چندر، هتي اچي ويهه." پميءَ چندر کي پاڻ وٽ سڏيو. چندر اٿي پميءَ وٽ وڃي ويٺو. ٿورو وقت اٿين ڳالهيون ٿينديون رهيون. پتو پيو ته برٽي ڪنهن دوست سان گڏ شڪار ڪيڻ ويو آهي. اڄ ڪلهه هو دل جي شڪل جو دفتريءَ جو خاڪو ڪٽي ان تي تير ڇٽڻ جي ڪوشش ڪندو ٿي رهيو. ڪنهن جهرڪيءَ وغيره کي ماريندو هو ته ان کي ڪٽي اهو ئي ڏسندو هو ته گولي ان جي دل ۾ لڳي يا نه. صحت هن جي سڌرندي ٿي ويئي. گيتا ڪوچ تي مٿو رکي اداس ويٺي هئي. اوچتو پميءَ بنتيءَ کي چيو، "مون توهان کي اڄ پهريون دفعو ڏٺو آهي، توهين ڳالهايو ڇو نه ٿا؟"

بنتي سهمجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ڏاڍي عجيب ڇوڪري آهي. هميشه خاموش رهندي، پر ڪنهن وقت وري پور آيس ته پنهنجي غون غون سان سڄو گهر گونجائي ڇڏيندي. چپ هوندي هئي ته اڪثر اکين جي نگاهن، ڳلن جي رنگ جي لاهه چاڙهه ۽ چپن جي مرڪ ذريعي ئي ٻوليندي هئي. پميءَ پڇيس، "توهان کي ڳلن سان شوق آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها... ها." بنتيءَ ڪنڌ ڏوڻي جواب ڏنو.
"چندر تون هن ڪي وڃي گلاب ڏيکاري اچينس. ڏاڍا سنا ٽڙيا آهن."
بنتيءَ گيتا کي چيو. "هل ديدي!"
"تون وڃ. مان پميءَ سان ڳالهيون ٿي ڪريان."
گلن وچ ۾ پهچي بنتيءَ چندر کي چيو. "ڀڄو. ديديءَ کي الائي ڇا ٿو ٿيندو وڃي."
"مان خود پريشان آهيان. بنتي! مگر نه ڄاڻ دل جي ڪهڙي ڪنڊ مان هڪ اعتماد ڀريو آواز هردم اٿين ٿي ٿو چوي ته گيتا پاڻ سنڀالي ڄاڻي ٿي. پنهنجي من جو توازن رکي ڄاڻي ٿي. گيتا سچ پچ تياڳ جي مهما ڀروڙي ٿي....." انهيءَ بعد چندر اوچتو خاموش ٿي ويو. هن بنتيءَ سان گيتا جي باري ۾ وڌيڪ بحث ڪرڻ نٿي چاهيو.
چندر کي خاموش ٿيندو ڏسي بنتيءَ چيو. "توهان کي هڪ ڳالهه چوان مڃيندا؟"
"ڇا؟"
"مون کان جيڪڏهن ڪا غير واجب ڳالهه ٿي وڃي ته مون کي معاف ڪري ڇڏجو. توهين ۽ ديدي ٻئي مون کي ايترو ته پيار ٿا ڏيو. جو مان اندازو لڳائي نٿي سگهان ته پنهنجي وهنوار جي حد ڪٿي مقرر ڪريان."
بنتيءَ ڪنڌ جهڪائي هڪ گل کي مروٽيندي چيو.
چندر هن ڏانهن نهاريو ۽ ڪن اڌ سانت رهيو. پوءِ چيائين. "نه بنتي. جڏهن گيتا توکي ايترو چاهي ٿي. تڏهن تون مون تي به پنهنجو ايترو ئي حق سمجهه. جيترو گيتا تي ٿي سمجهين!

●

هوڏانهن اڪيلائي ملندي ئي پميءَ گيتا کي چيو. "ڇا توهان جي طبعيت خراب آهي؟"
"نه... نه."
"اڄ توهين تمام پيلا نظر پيا اچو."
"ها. من نٿي لڳو ته توهان وٽ هلي آيس. چيم. توهانجي شاعري ٻڌنديس .... انگريزيءَ ۾. منجهند جو مون پنهنجي سر شاعري پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر دل نه لڳي ۽ شام جو وري اٿين محسوس ڪرڻ لڳيس ته گيت نه ٻڌنديس ته مٺو ڦاٽي پوندم."
"توهان جي من ۾ ڪا پريشاني آهي. ڪا هلچل آهي يا شايد.... هڪ ڳالهه پڇانوَ؟"
"پڇو."
"توهان کي خراب ته ڪو نه لڳندو؟"
"نه. خراب ڇو لڳندو؟"
"توهان کي چندر سان پيار ته ڪونهي؟ هن سان شادي ڪرڻ چاهيو ٿا ڇا؟"
"ڇي ڇي! مس پمي توهين هي ڳالهيون ڪهڙيون ٿا ڪريو. منهنجي جيون ۾ هن لاءِ اها جاءِ نه آهي. ڇي ڇي. توهانجون ڳالهيون ته جسم ۾ صفا ڪنڊا ٿي ٿيون چڀن. مان ۽ چندر سان شادي ڪنديس! اهڙي نفرت ڀري ڳالهه ته مون ڪڏهن ڪا نه ٻڌي!"
"معاف ڪجو. مون توهان کان اٿين ئي پڇيو هو. ڇا هو..... چندر کي ڪنهن سان پيار آهي؟"
"نه بلڪل نه." گيتا اهڙي ئي پروسي سان چيو. جهڙي پروسي سان هن پاڻ بابت ڳالهايو هو.
ايتري ۾ بنتي ۽ چندر موٽي آيا. گيتا بيصبر ٿي چيو. "منهنجو دم ٿو گهٽجي. توهين ڪو گانو شروع ڪريو!"
"چندر ڇا ٻڌندين؟" پميءَ پڇيو.
"پنهنجي دل سان ٻڌاءِ. نيڪ آهي... گيتا چيو ته شاعري ته ٻڌڻ لاءِ ملي."
پميءَ اٿي ڪبٽ مان هڪ ڪتاب ڪڍيو ۽ هڪ گيت ڳائڻ شروع ڪيائين. وارن جا ڪانٽا لاهي ڇڏيائين ۽ هن جا وار هوا ۾ اڏامڻ لڳا. هن پنهنجو مٿو چندر جي ڪلهي تي ڪٽي رکيو ۽ ڪتاب چندر جي گود ۾ رکيائين. بنتيءَ مرڪيو ته گيتا هن کي اک جي اشاري سان منع ڪئي. پميءَ ڳائڻ شروع ڪيو. ليڊي نارٽن جو هڪ گيت.
"مان توکي پيار ڪا نه ٿي ڪريان. نه. مان توکي پيار ڪا نه ٿي ڪريان.
پوءِ به مان اداس ٿي رهان. جڏهن تون مون وٽ نٿو رهين!
مون کي ان نرمل نيلن گلن سان به ريس ٿي ٿئي جن هيٺان تون ڪڙو هوندين ۽ جنهن جا ستارا توکي ڏسي سگهندا هوندا......"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر ٻميءَ ڏانهن نهاريو. گيتا پنهنجو ڪنڌ پنهنجي ئي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. ٻميءَ پهرين مصرع ختم ڪري اونهو ساهه کنيو ۽ وري ٻي مصرع شروع ڪيائين...

"مان توکي پيار ڪا نہ ٿي ڪريان.
پوءِ بہ تنهنجون ٻوليندڙ اکيون، جن جي نيلاڻ ۾ گهرائي، چمڪ ۽ صداقت آهي....
منهنجون يڪ ٽڪ نگاهون اڌ رات جي آڪاس کي تڪينديون ٿيون رهن.
ٻئي ڪنهن جي نگاهن سان تہ ائين ڪو نہ ٿو ٿئي..."

گيتا ٻنتيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ هن جي ڪلهي تي مٿو رکي ليٽي پيئي. ٻمي ڳائيندي رهي...

"نہ! مون کي معلوم آهي تہ مان توکي پيار ڪا نہ ٿي ڪريان. مگر منهنجي ان صاف دل تي شايد ڪير بہ اعتبار نہ ڪندو.
مون اڪثر ڏٺو آهي تہ ماڻهو مون ڏانهن ڏسي مشڪي ڏيندا آهن.
ڇاڪاڻ جو مان يڪ ٽڪ اوڏانهن پيئي نهاريندي آهيان، جتان تون ايندو آهين!"

گيت جو سر نهايت سياويڪ نموني شروع ٿيو. فضا ۾ اڏاڻو، لرزيو ۽ پوءِ ڏيري ڏيري هڪ سوز ڀري، سڏڪن ڀري لئي ۾ سمائجي ويو. گيت ختم ٿيو تہ گيتا جو ڪنڌ ٻنتيءَ جي ڪلهن تي ۽ چندر جو هٿ ٻميءَ جي ڪلهي تي هو.چندر ٿوري دير گيتا ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ ٻميءَ جي زلفن جي هڪ هلڪي سونهري ڇڳ سان کيڏيندي چيائين، "ٻمي، تون ڳائين ڏاڍو سٺو ٿي."

"سٺو! بهترين چئہ. اڄرج پريو چئہ. تو تہ ڪڏهن ڪو نہ ٻڌايو تہ ٻمي اهڙي سٺي آهي. وري ڪڏهن ٻڌائيندينءَ." گيتا چيو.

"ضرور مس شڪلا! ڪاش، هيءُ گيت ليڊي نارٿن بجاءِ توهان لکيو هجي ها!"

گيتا گهبرائجي اٿي. هن چندر جو هٿ پڪڙي چيو.

"چندر، اٿ تہ هلون. مس ٻمي، اسين وري ٻئي ڪنهن دفعي ايندا سين. اڄ منهنجو من ٺيڪ نہ آهي."

چندر ڊرائيور جي جڳهہ تي ويٺو تہ ٻنتيءَ چيو، "مون کي اڳيان هوا ٿي لڳي، مان ڀنيان ٿي ويهان."

موٽر ۾ گيتا چيو، "هتي من البت سانتيڪو آهي، چندر! سويل سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي. من اندر الائي ڪهڙا ڀيانڪ طوفان پئي اٿيا. هڪ ٻئي سان پئي ٽڪريا. هينئر اهي سڀ طوفان مانا ٿي ويا. فقط طوفان کان پوءِ واري خاموشي، اداسي آهي." گيتا اونهو ساهہ کنيو. "الائي ڇو، اڄ سڄو بدن ڄڻ ٽٽي پيو." هن سڄي جسم کي مروٽيندي چيو.

ٻئي ڏينهن چندر ويو تہ گيتا کي بخار اچي ويو هو ۽ انگ انگ ۾ سور ۽ اکين ۾ اها لالائي، اها باهہ ٻريل هئس. ڄڻ انهن ۾ ڪنهن ٻريل ٽانڊا ڪٽي رکيا هئا. سڄي رات هوءَ بي آرام رهي، صفا پاڳل بڻجي ويئي. وهاڻا، چادرون، پاڻيءَ جو گلاس سڀ ڪٽي اڇلائڻ لڳي. ٻنتيءَ کي ڪڏهن سڏي پاسي ۾ ٿي ويهاريائين تہ ڪڏهن ڌڪي پري پئي ڪيائين. ڊاڪٽر پريشان، سڄي رات ڏيءُ جي سيرانديءَ کان ويٺو رهيو. هن جي مٿي تي، هن جي پيٽ تي برف رکندو رهيو. ڊاڪٽر گهوش چيو تہ ڪالهہ گرميءَ ۾ نڪرڻ جو ئي هيءُ نتيجو آهي.

ٻنتيءَ هڪ دفعو پڇيس "چندر کي سڏايان؟" تہ گيتا وراڻيو، "نہ مان مري وڃان پوءِ. منهنجي جيئري نہ!"

ٻنتيءَ تنهن هوندي بہ جڏهن ڊرائيور کي چيو: چندر کي سڏي اچ. تہ گيتا هڪدم بگڙجي ويئي. "توهين سڀيئي منهنجي جان وٺڻ لاءِ تيار ڇو ٿيا آهيو؟" ۽ هوءَ ڪمزوريءَ وچان سهڪڻ لڳي. ڊرائيور چندر کي سڏڻ ڪو نہ ويو.

چندر پهتو ان وقت ڊاڪٽر سڄي رات جي اوجاڳي بعد ڌيءُ جي سيرانديءَ کان اٿي وهنجڻ پئي ويو. چندر کي چيائين، "رات کان گيتا کي نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويو آهي. هينئر البت آرام اٿس. پر سڄي رات بي آرام هئي ۽ هڪڙي ڏينهن ۾ ئي اهڙي چيڙاڪ ٿي پيئي آهي ڇا!"

چندر ڪمري ۾ پهتو تہ گيتا ان وقت اکيون بند ڪري ليٽي پيئي هئي ۽ ٻنتي هن جي مٿي تي برف جي ٿيلهي رکي ويٺي هئي. گيتا جو چهرو راتوڪي رات ۾ زرد ٿي ويو هو ۽ منهن تي پريشانين جا انيڪ گهنج پئجي ويا هئس. اکيون بند هوندي بہ پلڪن هيٺان ڄڻ ٻرندڙ ٽانڊن جي تپت پئي نڪتي. چندر جي اچڻ جي آهٽ ٻڌندي ئي گيتا اکيون کوليون. باهہ وسائيندڙ نگاهن سان بلڪل عجيب نموني چندر ڏانهن نهاريائين، پوءِ ٻنتيءَ کي چيائين، "ٻنتي، هن کي چئينس تہ هتان هليو وڃي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنتي خاموش، چندر بہ سمجهيو ڪو نہ. هو اڳتي وڌي آيو. چيائين، "گيتا، ڪيئن پنجي وئينءَ نہ بيمار! مون تہ توکي بروقت ٿي چيو تہ گئريج ۾ موٽر صفا ڪرڻ نہ وڃ. ٽيو ڏينهن هيترو رنئي پنيئي ڪلهہ اس ۾ پنڪين، اڄ پئجي رهينءَ. ڪيئن اٿيئي طبعيت؟"

گيتا بستري تي ڪسڪي پري هٽي وئي. پاڻ کي چادر سان سڄو اٺين ڪٽي ڍڪيائين ڄڻ چندر جي پاڇي کان بہ بچڻ ٿي چاهيائين. پوءِ نهايت ڪوڙي تيز ۽ سهڪندڙ آواز ۾ چيائين، "بنتي چئينس تہ هتان هليو وڃي!"

چندر ڇپ ٿي ويو ۽ يڪ ٽڪ گيتا ڏانهن نهارڻ لڳو. گيتا جي ان ڳالهہ چندر کي ڄڻ ڇلي وڌو. گيتا جي ڳالهہ ۾ اڄ ڪيڏي نہ ڏارياٽپ هئي! گيتا جيڪا هن کي پاڻ کان وڌيڪ پياري هئي، سا اڄ هيئن ٻولي! چندر چيو، "گيتا، توکي ڇا ٿيو آهي!" هن جي آواز ۾ ڏک هو، پيار هو، لاڏ هو، همدردي هئي.

"مان ڇوان ٿي تہ تون هتان وينديں ڪو نہ؟" گيتا صفا نانگڻ جيان ڦوڪاريندي چيو.

"منهنجي بيماريءَ تي همدردي ڏيکارڻ وارو تون آهين ڪير؟ مون کان پڇڻ وارو تون ڪير؟ مان بيمار آهيان. مران ٿي. تنهن سان تنهنجو مطلب؟ تون ڪير آهين، منهنجو پاءُ آهين؟ پيءُ آهين؟ ڪالهہ پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ منهنجي بيعزتي ڪرائڻ لاءِ ئي وٺي هليو هئين!" گيتا سهڪڻ لڳي.

"بيعزتي! گيتا، ڪنهن تنهنجي بيعزتي ڪئي؟ پميءَ تہ ڪجهہ ڪو نہ چيو. تون پاڳل تہ ڪا نہ ٿي وئي آهين!" چندر گيتا جي پيرن تي هٿ رکندي چيو.

"پاڳل نہ ٿي آهيان تہ ٿي وينديس." هن پنهنجا پير پري هٽائي ڇڏيا. "تون، پمي، گيسو. پاپا ۽ ڊاڪٽر سيٺيءَ گڏجي مون کي پاڳل بنائي رهيا آهيو. پاپا چوي ٿو شادي ڪر. پمي چوي ٿي نہ ڪر. گيسو چوي ٿي تون پيار ٿي ڪرين ۽ تون.... تون ڪجهہ ڪو نہ ٿو ڪچين. تون مون کي هن دوزخ ۾ جلندو پچندو ڏسين ٿو. پر ڪچين ڪو نہ ٿو. ڪجهہ ڪرڻ لاءِ. مون کي بچائڻ خاطر تون اٿلو مون کي ان دوزخ ڏانهن ڌڪي رهيو آهين.... چندر مان پاڳل ٿي ويئي آهيان. مان ڇا ڪريان؟" گيتا جي ان پڪار ۾ بيحد دک هو، التجا هئي. چندر خاموش، سر جهڪائي مٿي کي هٿ ڏيئي ويٺو رهيو. گيتا ٿورو وقت سهڪندي رهي. پوءِ چيائين، "ڪالهہ مون کي پميءَ وٽ وٺي هلڻ جو توکي ڪهڙو حق هو! هن ڪالهہ پنهنجي گيت ۾ ائين چو چيو تہ مان توکي پيار ٿي ڪريان!" چندر بنتيءَ ڏانهن نهاريو. گيتا چيو، "بنتي! بنتيءَ کان مان ڪجهہ ڪا نہ لڪائيندي آهيان. پميءَ ائين چو چيو... مان توکي پيار ڪا نہ ٿي ڪريان، اصل ڪا نہ ٿي ڪريان. منهنجو من مون کي دوکو ڏيئي نٿو سگهي. مون کي توسان صرف... نہ ڄاڻ اهو ڇا آهي پر پميءَ اهڙي ڳالهہ ڪئي؟ اهي ڳالهيون ٻڌي منهنجي اندر ۾ ڄڻ جوالا مکي دکي اٿي آهي! تون مون کي پميءَ وٽ ڇو وٺي هلئين؟"

"تون خود هلي هئينءَ گيتا." چندر وراڻيو.

"تہ تون مون کي روڪي سگهئين ٿي. تون چوين ها تہ نہ وڃ، تہ ڇا مان اتيِ وڃي سگهيس ٿي؟ تو مون کي ڇو نہ روڪيو؟ تون منهنجو هٿ پڪڙين ها، مون تي ڪاوڙ ڪرين ها... تون ائين ڇو نہ ڪيو؟ ڇا هڪ ڏينهن اندر مان تنهنجي لاءِ سڌاري ٻڄي ويس. جي غير ٻڄي وئي آهين تہ اڄ تون ڇو آيو آهين؟ هتان هليو وڃ. مان ڇوان ٿي.... هتان هليو وڃ." گيتا هينئر ڏند پئي ڪرٽيا.

"گيتا...!"

"مان تنهنجو آواز بہ ٻڌڻ نٿي چاهيان. وڃين ٿو يا نہ....؟" ۽ گيتا پنهنجي مٿي واري برف جي ٿيلهي کڻي پري ڦٽي ڪئي. چندر ڇرڪ ڀري اٿيو. بنتي گهبرائجي وئي. چندر گيتا ڏانهن نهاريو. هن جي صورت ڊيڄاريندڙ ٻڻجي وئي هئي. چندر جي دل روئڻ لڳي. هو اٿيو. پل بہ گيتا ڏانهن نهاريائين، پوءِ آهستي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ٻاهر ورانڊي ۾ پهچي ڪوچ تي ويهي هو سوچيندو رهيو تہ گيتا کي ڇا ٿي ويو آهي. ٽيون ڏينهن شام جو پاڻ هئين ڪوچ تي ليٽيل هو ۽ گيتا سندس مٿن کان ويهي هٿس پنکو پئي جهوليو. ڪالهہ شام جو بہ هوءَ مشڪندي کلندي رهي. پاڻ ئي چيائين تہ طوفان ختم ٿي ويو. پوءِ هي ڇا ٿيو! اندر جي ڪشمڪش هي ڪهڙو روپ ورتو!

۽ ان اهو روپ ڇو ورتو؟ جڏهن پاڻ پنهنجي من کي مانو رکي سگهي ٿو، مشڪندي کلندي سڀ ڪجهہ برداشت ڪري سهي ٿو تہ گيتا بہ ائين ڇو نہ ٿي ڪري سگهي. پاڻ پنهنجي ساهہ سان گيتا جي پرورش ڪئي هئائين. ذرو ذرو ڪري هن کي ناهيو هئائين، سنواريو هئائين، سينگاريو هئائين. پوءِ گيتا ۾ اڄ هيءَ ڪمزوري ڪٿان آئي؟

ڇا ان پرورش ڪندي پاڻ ڪا غلطي ڪئي هئائين؟ ڇا گيتا بہ هڪ معمولي ڇوڪري آهي، جنهنجو پريم ۽ نفرت جو جذبو ٻين رواجي ماڻهن جهڙو ئي آهي؟ قبول ڪجي تہ پاڻ پنهنجي ۽ گيتا لاءِ جيڪا واٽ چونڊي هئائين اها علحده آهي، نرالي آهي، مگر پوءِ ڇا؟ ڇا گيتا ۽ پاڻ بہ دنيا کان علحده، نرالا نہ آهن؟ پوءِ تڏهن گيتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن ڊهي چو پيئي آهي؟ ڇا ڇوڪريون صرف جذبات جا پتلا آهن؟ ڇا ساڌنا هنن کان پڇي ٿي ڪا نہ؟ يا پاڻ گيتا جي بردباري ڪٿڻ ۾ غلطي ڪئي هئائين؟ ڇا گيتا زندگيءَ جي هن تلوار مثل سنهڙي ڌار تي هلڻ ۾ ناڪامياب ٿيندي؟ اها گيتا جي تہ نہ، پر خود سندس ئي هار آهي."

۽ پوءِ.... گيتا جيڪڏهن اهڙي ٿي رهي تہ چندر جو ڇا ٿيندو؟ گيتا ئي تہ چندر جو روح آهي؟ تہ ڇا اهو پاپ، گناهہ چندر مٿان ئي مڙهجندو تہ هن پنهنجن ئي هٿن سان پنهنجي روح جو خون ڪيو؟

ڇا تياڳ جو بيو نالو خون آهي؟ ڇا مرد ۽ عورت جي ناتي جي لاءِ، رشتي لاءِ هڪ ئي واٽ ڪليل آهي... پيار، شادي ۽ تربيتي! ڇا معصوميت، تياڳ ۽ جدائي انهيءَ نالي کي، انهيءَ رشتي کي، پروسي کي، زنده رکي نٿا سگهن؟ گيتا ۽ پميءَ وچ ۾ تڏهن ڪهڙو فرق آهي؟ ڇا گيتا جي دل کي ايترو نزديڪ آڻي، گيتا جي وجود ۾ پاڻ کي سمائي، ۽ اڄ وري هن کي دور رکڻ ۾پاڻ پاپ ڪري رهيو آهي؟ تہ ڇا پشپ کي چمن مان ٽوڙي، ان کي پنهنجي ڪوٽ ۾ لڳائڻ ئي درست آهي؟ بيو سڀ پاپ گناهہ آهي؟ ڇا مون گيتا جي وجود کي ٽوڙي ڇڏيو آهي؟ ڪنهن هن جي پنيان سندس ڪلهي تي هٿ اچي رکيو. ويچار ڌارا ٽٽي پيئي... بنتي هئي. بنتيءَ ڏاڍي سڪ مان پڇيو، "توهين ڇا پيا سوچيو؟"

"ڪجهہ نہ."

"ٻڌايو نہ. ڇا مان ٻڌڻ جي حقدار نہ آهيان؟" بنتيءَ جي آواز ۾ هميشہ ايڏي تہ پنهنجائپ، ايڏي همدردي، ايڏي صداقت هوندي هئي جو چندر هن کان ڪجهہ بہ لڪائي نہ سگهندو هو.

"ڪجهہ ڪونهي بنتي! تون چوين ٿي تہ مان ديوتا آهيان، ڇا ڪاڻ جو مون گيتا کي ايڏي دوريءَ تي رکيو آهي! گيتا چوي ٿي تہ مون اهو ڀيڄو وڃهي پاپ، گناهہ ڪيو آهي. مان منجهي پيو آهيان تہ مون ڇا ڪيو آهي. ڇا مان خود گهڻ پريشان آهيان. مان اهو بہ اندازو لڳائي نٿو سگهان تہ منهنجو اندر ڪيتري حد تائين زخمي ٿيو آهي. ڇا مون کي هڪ گهڙيءَ جو بہ آرام نصيب ٿئي ٿو؟ ڇا منهنجي لاءِ اها سزا ڪافي نہ هئي جو قدرت هينئر وري گيتا کي هيءَ ڏنڊ ڏيئي رهي آهي؟ ڪاش، اها بي آرامي، اها پريشاني صرف مون کي ئي ملي! منهنجي پاپ جي سزا گيتا کي ڇو ٿي ملي؟ بنتي، هينئر توکان ڪجهہ بہ لڪل نہ آهي. جنهن کي مان پنهنجي ساهن ۾ سمائي اندر لوڪ تائين وٺي ويس، اڄ هوا جا جهوٽا ان کي بادلن جي اوڇائيءَ تان ڌڪڻ جي ڪوشش ڇو پيا ڪن ۽ مان هيئن بيوس ڇو بڻجي ويو آهيان." بنتيءَ جي همدرديءَ ڀرئي ڇهاءَ تي چندر جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

"ڇي .... ڇي! توهين تہ ههڙا سمجهو ۽ عقل وارا آهيو! ديدي نيڪ ٿي ويندي. ڇا گهبرائجڻ سان سڀ نيڪ ٿي ويندو؟ توهان کي منهنجو قسم آهي، اداس نہ ٿيو. ڪو بہ سوچ ويچار نہ ڪريو. ديدي اڳي ئي بيمار، مٿان توهين بہ پنهنجي هيءَ حالت ڪندا تہ ڪم ڪيئن هلندو. اٿو. ديدي توهان کي سڏي ويٺي."

چندر اندر ويو. گيتا اشاري سان هن کي پنهنجي پر ۾ ويهڻ لاءِ چيو. "چندر! منهنجو دماغ نيڪ نہ آهي. تون هتي ويهہ منهنجي پرسان، مگر ڪجهہ بہ ڇُنجان نہ. ڳالهائج نہ!"

ان بعد ڏينهن تہ گذري ويو پر نهايت عجيب نموني، جيڪو پيرو چندر اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، سو پيرو گيتا هن کي ڇڪي ويهاري ڇڏيو. هن کي گهر وڃڻ بہ نہ ڏنائين. ڪاڌو بہ بنتي اتي ئي کڻي آئي. گيتا ڪڏهن چندر ڏانهن ٿي نهاريو تہ ڪڏهن وهاڻي ۾ منهن لڪائي ٿي ڇڏيائين. زبان مان اکر ڪو نہ ڪڇيائين، مگر هن جي نيڻن ۾ جيڪو گوندر گڏيل احساس هو، سو نهايت عجيب هو. پاپا آيو، ڪلاڪ ويٺو رهيو، مگر هن ڳالهہ ڪو نہ ڇوريو. پاپا هليو ويو تہ هن چندر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيو ۽ پوءِ پاسو ورائي وهاڻي تي پنهنجي ڳل هيٺان چندر جو هٿ دٻائي ليٽي رهي. اکين مان گرم گرم لڙڪ ڳڙندا، ڳلن تان وهندا چندر جي هٿ کي آلو ڪندا رهيا.

چندر خاموش هو، مگر گيتا جا اهي گرم لڙڪ ڄڻ سندس چمڙيءَ جي پورن مان سندس جسم اندر داخل ٿي، هن جي دل تائين پهچي ويا ۽ جڏهن هن جي دل ٻڏڻ لڳي تہ انهن گرم لڙڪن هن جي نيڻن تي حملو ڪيو. گيتا سڀ ڏٺو مگر ڪڇيائين ڪو نہ. ڪلاڪ بعد اپو ساهہ کڻي بيحد اداسيءَ ڀريو مرڪي چيائين، "اسين ٻئي پاڳل ٿي ويا آهيون نہ! ڇگو، هينئر شام ٿي آهي. هل، ٻاهر ساوڪ تي هلي ويهون."

گيتا چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي اٿي. بنتيءَ هن کي دوا ڏني. ٿرماميٽر سان تپ جاچيائين تہ بخار لهي ويو هو. چندر گيتا لاءِ ڪرسي کڻي تہ هن مرڪي چيس، "چندر اڄ بيمار آهيان تہ مون لاءِ ڪرسي ٿو کڻين، جڏهن مري وڃان، تڏهن جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ضرور اچج، نہ تہ دوزخ وينديس سمجهيئي نہ!"

"ڇي.... ڇي! اهڙي اٻتي وائي نہ ڪيندي ڪر ديدي!" بنتيءَ چيو.

گيتا ٻاهر سبز ٻاريءَ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي. چندر سندس پر ۾ هيٺ ٿي ويٺو. گيتا چندر جو مٿو ڪرسيءَ جي پاسي تي ليٽائي هن جي خشڪ ڇپن تي پنهنجون آڱريون ڦيرائي چيو، "چندر، اڄ مون توکي ڏاڍو ڏکي

ڪيو نہ؟ مگر نجاڻان ڇو، اڄ توکي ائين دکي نہ ڪريان ها تہ مون کي جيڪا طاقت هينئر ملي آهي. سا اصل ملي نہ سگهيم ها." ۽ پوءِ چندر جي مٿي کي پنهنجي گود ۾ ڇڪيندي گيتا چيو، "ديوتا منهنجا! اڄ توکي گهڻيون گهڻيون ڳالهيون ٻڌائيندس، تمام گهڻيون!"

بنتي اٿي وڃڻ لڳي تہ گيتا چيو، "ڪيڏانهن ٿي هلين؟ تون هتي ويهہ. تون منهنجي شاهد رهندينءَ، جيئن پوءِ چندر ايئن چئي نہ سگهي تہ گيتا ڪمزور نڪتي." بنتي ويهي رهي. گيتا ڪي سيڪنڊ اکيون بند ڪري ڇڏيون. پوءِ پنهنجي چوٽي پنيان ڇڪي اڳيان گود ۾ ڪندي چيائين "چندر. هڪ ڳالهہ ٻڌائيندي سڄاڻندي اڄ اسان کي ڪيترائي سال ٿي ويا آهن. اصل ڪان ئي مون لاءِ چڱي مدي، سڀ ڳالهہ جو فيصلو تون ئي ڪندو رهيو آهين. اڄ بہ تون ئي ٻڌاءِ چندر! جي مان پاڻ سنڀالڻ جي بي حد ڪوشش ڪريان ٿي ۽ نٿي سنڀالي سگهان تہ ڇا مان اهو ڏوهہ ٿي ڪريان؟ توکي خبر آهي چندر، تون جهڙو مضبوط آهين ان تي مون کي فخر آهي. تون ڪيڏي نہ اوچائيءَ تي آهين! مان بہ تو جهڙي مضبوط ٿيڻ جي، تنهنجي اوچائيءَ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، پر جي ان ۾ ڪنهن وقت ٿڙڪي ٿي پوان تہ اهو گناه ٿيو ڇا؟"

"نہ." چندر وراڻيو.

"۽ انهيءَ اندر جي ڪشمڪش ۾ تو ڏانهن ڪنهن وقت ڪنور ٿي وڃان تہ تون چپ چاپ سڀ ڪجهہ سهي ٿو وڃين.مون کي خبر آهي تہ تون جيتري سک مون کي ڏين ٿو ان ۾ منهنجون سڀ ڪمزوريون لڪي ٿيون وڃن. مگر اڄ مان توکي پروسو ٿي ڏياريان چندر. تہ مان پاڻ بہ پنهنجين انهن ڪمزورين تي شرمسار آهيان ۽ هن کان پوءِ جيئن تون چاهين ٿو، مان اهڙي ٿي ٿيڻ جي ڪوشش ڪنديس."

چندر ڪجهہ ڪو نہ. صرف هيٺ ساوڪ تي رکيل گيتا جي پيرن تي پنهنجون ڏڪندڙ آڱريون رکي ڇڏيون. گيتا چوندي رهي، "چندر. ٿورا مهينا اڳي گيسوءَ جڏهن مون کان پڇيو هو تہ گيتا. تنهنجي دل ڪڏهن ڪنهن ڏانهن جهڪي آهي تہ مون هن کي صاف انڪار ڪيو هو. ڪالهہ پميءَ بہ مون کان پڇيو تہ تون چندر کي پيار ڪرين ٿي ڇا. تہ مون نہ ڪئي. مان اڄ بہ ان کان انڪاري آهيان تہ مون توکي پيار ڪيو آهي يا تو مون کي پيار ڪيو آهي. اها ڳالهہ مان بہ سمجهان ٿي ۽ تون بہ سمجهين ٿو. مگر اهو نہ توکان لڪل آهي نہ مون کان تہ تو مون کي جيڪي ڏنو آهي، اهو پيار کان گهڻو مٿي آهي.اهو پيار کان بہ وڌيڪ معصوم ۽ پيار کان گهڻو وڌيڪ مهان آهي. مون شادي ڪرڻ نٿي چاهي.... تيون ڏينهن مون انڪار ڪيو. ڪيترو نہ رنم. ڪيترو نہ خفا ٿيس! پر پوءِ مون سوچي ڏٺو تہ اهو سڀ غلط آهي، جذباتيپڻو آهي. جڏهن پاپا مون کي هيترو پيائي ٿو تہ مون کي هن جي دل ڏکوئڻ نہ کپي. مگر من اندر جيڪو خفو پريل هو. جا باهہ پريل هئي سا ڪنهن نہ ڪنهن تي تہ وسڻي هئي نہ! اها مون پاڻ تي وسائڻ چاهي. دل ٿي چاهيو تہ پاڻ کي بيحد ڏنجهہ ڏيان. انهيءَ ڪري ئي گئريج ۾ موٽر صفا ڪرڻ ويس، مگر اتي بہ ڪاميابي نہ مليم ۽ آخر ۾ اهو خفو. اهو غصو پاڻ تي نہ وسائي، ان تي وسايم جنهن کي مون هميشهہ پاڻ کان ارچو. پاڻ کان بہ وڌيڪ پيارو ڪري مڃيو هو. اها سڀ باهہ وسي اچي توتي!"

چندر گيتا ڏانهن نهاريو. گيتا مشڪي چوڻ لڳي.... "نہ مون ڏانهن ايئن نہ نهار. ائين نہ سمجهہ تہ اڄ مون جيڪي ڪيو تنهن لاءِ توکان معافي گهرنديس. مان ڄاڻان ٿي تہ منهنجي معافي گهرڻ تي تون دکي ٿيندين. مون کي ڇنيپندين. خير..... اڄ کان مون پنهنجي راه سڄائي ورتي آهي. مون پروڙي ورتو آهي تہ مون کي ڪيترو سنڀالي هلڻ گهرجي. تنهنجي اميدن کي پوري ڪرڻ لاءِ مون کي ڇا ٿيڻو پوندو. اهو بہ مان اِن سمجهي ويئي آهيان. مان اڄ کان خوش رهنديس. بهادر، بردبار رهنديس ۽ جيڪا واٽ تون ڏيکاريندين ان تي ئي هلنديس. مگر هڪ ڳالهہ مون کي ٻڌاءِ چندر! مان شادي ڪري وڃان پوءِ اتي سکي نہ رهان، هن کي پنهنجي پوڄا ۽ پنهنجو پيار ڏيئي نہ سگهان ۽ توکي دک ٿئي تہ پوءِ؟"

چندر گاه جو هڪ سلو پٽي چيو. "ڏس گيتا. هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ. جي مان توکي ڪجهہ ڏيان ٿو ۽ تون مون کي اهو موٽائي ٿي ڏين تہ اها ڪا تمام وڏي يا اهم ڳالهہ ڪانهي. جي مون سچ پچ توکي سک،اجرائپ يا بيو ڪي ڏنو آهي تہ اهو تون، جيڪي بيا تنهنجي جيون ۾ تا اچن... پلي اهو تنهنجو مڙس ڇو نہ هجي..... انهن کي ڇو نہ ٿي ڏيئي سگهين؟ پنهنجي دل جي پيار جي پندار کي خرچڻ ۾ تون ايڏي ڪنجوس ڇو ٿي ٿيڻ چاهين؟ منهنجو سپنو بلڪل نرالو آهي گيتا! اڄ تائين تنهنجي ساهن ۾ پريل امرت مان ئي مون کي اهو ٻل ملندو رهيو تہ مان پنهنجي جيون ۾ ڪجهہ ڪري سگهان. مان ائين ٿو چاهيان تہ توکي اهو سنيهہ ڏيان جو ڪڏهن بہ گهٽجي نہ سگهي. جيترو ان کي ونڊجي اوترو وڌي ۽ مون کي پڪو پروسو آهي تہ تون اگر پنهنجي سنيهہ جي فقط هڪ بوند بہ ڪنهن کي ڏين تہ اهو ونندڙ الائي ڇا ٿيڻ چاهي ٿو سگهي. تون جي پنهنجي ان پريم پندار جي سخاوت ڇالو رکين تہ تنهنجي مڙس کي ڪڏهن بہ بي سکون يا ناراض ٿيڻ جو سبب ٿي نٿو سگهي. ڪيلاش تہ اهڙو سٺو ڇوڪرو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هن جو جيون ايترو اوچو آهي جو تون هن جي زندگيءَ ۾ ائين لڳندينءَ جيئن مندي ۾ هيرو. باقي جيستائين تنهنجو شخصي سوال آهي تہ مان توکان صرف اها ئي بيک تو پنان تہ دنيا ۾ سڀ ڪجهہ وڃائڻ بعد بہ ڪا ڳالهہ اگر مونکي سڪون ڏيئي سگهي ٿي، صرف اها. تہ منهنجي گيتا پنهنجي جيون ۾ ڪيڏي نہ اوچائيءَ تي رسي آهي! مان توکان بس انهيءَ پروسي جي ئي بيک تو پنان!"

"ڇي چندر! تون مون کان وڏو آهين، اهڙي ڳالهہ نہ ڪر. مگر هڪ ڳالهہ آهي چندر مون کي خبر آهي تہ مان چنڊ آهيان.جنهن کي روشني سورج جي ڪرڻن مان ئي ملندي آهي. تون جيئن اڄ تائين مون کي سنواريو آهي، آئينده بہ جي تون منهنجي روح ۾ ساڳيءَ طرح روشني پريندو نہ رهئين تہ مان شايد پنهنجو پاڻ سجاڻي نہ سگهان. سمجهيئي؟"

"سمجهيم، پاڳل ڪٿان جي!" چندر وري ٿوري دير خاموش ويٺو رهيو. پوءِ گيتا جي قدمن ۾ ڪنڌ نوائي چيائين، "تِن ڏينهن ۾ ڪيڏو نہ پريشان ڪيو اٿئي! صورت تہ ڏس ڇا ٿي اٿيئي. ويساکيءَ ۾ باقي چار ڏينهن آهن، هاڻي وري دماغ خراب نہ ڪج. هو اچڻ ۾ هوندا."

"بنتي! دوا ڪٿي اچ...." بنتي ويئي تہ گيتا چيو، "اٿ، هاڻي مان هيٺ گاهہ تي ويهنديس." ۽ هيٺ گاهہ تي ويهندي گيتا چيو، "مگر هڪ ڳالهہ آهي. اڄ کان وٺي شاديءَ جي ڏينهن تائين، تون هر وقت منهنجي آڏو رهج. پوءِ تون جيڪي چوندين سو مان ڪندي وينديس."

"قبول آهي." چندر ٿورو پري هٽي گاهہ تي ليٽي پيو ۽ آڪاس ڏانهن نهارڻ لڳو. شام ٿي چڪي هئي ۽ ڏينهن جي اڏاٿل ذرڙ هٽي چڪي هئي. آڪاس ۾ بادل ڇميا بينا هئا ۽ انهن جي ڪنارن تي لالائي پئي چمڪي. ڀرنگو هڪ پتنگ آسمان ۾ نهايت اوچو پئي اڏاڻو. چندر جو من ڳوڙرو هو.جيتوڻيڪ ٽي ڏينهن اڳي جيڪو طوفان اٿيو هو، اهو ختم ٿي چڪو هو، پر چندر جو من اجا هلڪو نہ ٿيو هو. اهو اجا پريل ۽ ڳورو ئي هو. هو چپ چاپ ليٽيو رهيو. بنتي دوا ۽ پاڻي کڻي آئي. دوا پي گيتا چيو، "چندر چپ چو آهين!"

"نہ، ڪجهہ ڪونهي."

"پوءِ ڳالهائين ڇو نہ ٿو؟ ڏس بنتي، سويل چيائين چا ٿي ۽ هينئر ڪري چا ٿو." گيتا چيو.

"هينئر ٿي ڏيکاريانس." بنتيءَ چيو ۽ گلاس وارو بچيل پاڻي چندر مٿان کڻي ليٽايائين. چندر ڇرڪ پري اٿي ڪڙو ٿيو ۽ بگڙجي چيائين، "هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي! اهو سڀ لاڏ ڪوڏ پنهنجي ديديءَ کي ڏيکاريندي ڪر!"

"تہ ائين پيا چو آهيو؟ ڳالهيون ڪندا پرين مڙس واريون ۽ منهن سڄائي ويهندا ٻارن جيان. واهہ ڙي چندر بابو!"

"بلڪل ٺيڪ. هن جو دماغ ائين ئي ٺيڪ ٿيندو."

ايتري ۾ ڊاڪٽر شڪلا بہ اچي پهتو. گيتا جي مٿي تي هٿ رکي چيائين. "تون تہ هينئر ٺيڪ آهين!"

"ها پاپا!"

"بنتي، سڀاڻ تنهنجي ماءُ جي اچڻي آهي. ويساکيءَ جي تياري ڪرڻي آهي. گيتا جي سس ۽ ڏير بہ اچڻا آهن."

گيتا چپ چاپ اٿي هلي ويئي. چندر، بنتي ۽ ڊاڪٽر وينا ويساکيءَ جي ڏينهن لاءِ پروگرام تيار ڪندا رهيا.

چندر کي وڏي ۾ وڏو سڪون اهو هو تہ گيتا ٺيڪ ٿي ويئي هئي. ويساکيءَ پورنماسيءَ کان هڪ ڏينهن اڳي بنتيءَ سڄي گهر جي اهڙي تہ سٺي صفائي ڪئي جو اهو سڄو چمڪي اٿيو. البت اها ڳالهہ صفا الڳ آهي تہ اپياس واري ڪمري جي صفائي ڪندي بنتيءَ چندر جا ڪيترائي ضروري ڪاغذ بهاري ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ اگهڻ ڌوئيندي چندر جي ڪپڙن کي گندن چندن سان رنگي ڇڏيائين. چندر انهيءَ تي بنتيءَ تي ڪاوڙ ڪئي ۽ گيتا اهو سڀ ڏسي ٽهڪ ڏيئي کلندي رهي. چندر کي چيائين، "تون هيئن چڙين چو ٿو. توکي ٿوروئي ڪير ڏسڻ ٿو اچي."

ويساک پورڻماسيءَ تي ڊاڪٽر ۽ بنتيءَ ماءُ موٽر وٺي هنن کي اسٽيشن تي وٺڻ ويا. چندر ٻاهر ورانڊي ۾ اخبار پئي پڙهي ۽ گيتا اندر ڪمري ۾ ويٺي هئي. بہ ڏينهن هن کي ڏٻجي هلڻو هو. هوءَ ٻاهر نڪري نہ سگهندي چاڪاڻ جو ڪهڙي خبر، ڪيڏي مهل سندس سس ۽ ڏير تو اچي وڃي. ڀڳي هن کي سڀ سمجهائي ويئي هئي ۽ ڇئيوان ڇوڪريءَ جيان هن سڀ ٻڌو ۽ قبوليو هو ۽ چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي. بنتيءَ ڪڙهيءَ لاءِ بيسڻ پئي چاڻيو ۽ مهراجڻ رنڌڻي ۾ پئي ڪم ۾ مشغول هئي.

گيتا آهستي آئي ۽ در جي اوٽ مان ڏسڻ لڳي تہ پاپا ۽ ڀڳي موٽر ڪاهي موٽيا تہ ڪونهن. جڏهن ڏٺائين تہ ڪير ڪونهي تڏهن دٻيل قدمن سان اڳتي وڌي ۽ پٺيان ئي پٺيان چندر کان اخبار کسي ورتائين. چندر پٺيان نهاريو تہ گيتا هڪ معصوم ٻالڪ جيان مشڪي ڏنو ۽ چيائين، "ڪيئن چندر، مان ٺيڪ آهيان نہ؟ ائين ئي رهان نہ؟ ڏس مان تنهنجو سڀ چوڻ مڃان ٿي نہ!"

"ها گيتو، انهيءَ ڪري تہ مان توکي هيڏو پيار ٿو ڪريان!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مگر چندر، اڄ مون کي هڪ دفعو روئڻ ڏي. پوءِ هنن جي سامهون مان توروئي روئي سگهنديس."
گيتا جو گلو ڀرجي آيو. پلڪون آليون ٿي ويس.
"چي گيتا...!"
"چڱو بس نہ. ڪا نہ ٿي روئان." ۽ گيتا هڪدم اکيون اگهي ڇڏيون. ايتري ۾ در وٽان موٽر جي توتاري وڄڻ جو آواز آيو ۽ گيتا ڀڳي. "اڙي هيءَ تہ ڀميءَ جي موٽر آهي." چندرچيو. گيتا رڪجي ويئي.
ڀميءَ گهر اڳيان اچي موٽر بيهاري.
"هلو. منهنجا جاڙا دوستو! ڪهڙو حال آهي توهان جو!" ۽ ڀمي ٻنهي سان هٿ ملائي. ٻنا هنڪ ڪرسي ڇڪي ويهي رهي.
گيتا چيو. "چندر هن کي اندر وٺي هل. هو شايد ايندا هجن."
"نہ. مان تڪڙي آهيان. اڄ شام جو ٻاهر ٿي وڃان. برني مسوريءَ هليو ويو آهي. اتان هن مون کي بہ سڏايو آهي. شڪار ڪندي هن جي هٿ ۾ شايد چوٽ لڳي آهي.... مان اڄ ئي وڃي آهيان."
گيتا چيو. "مون کي ڪو نہ وٺي هلندا؟"
ڀميءَ وراڻيو. "هلو. چندر تون بہ هل. جولاءِ ۾ موٽي اچڃ."
چندر چيو. "جڏهن ايندڙ سال اسان جي دوستيءَ جو پهريون سالگرهہ ايندو نہ. تڏهن هلندس."
"چڱو موڪلائي!" ڀميءَ چيو. گيتا ۽ چندر جڏهن هٿ جوڙي الوداع ڪئي تہ ڀميءَ اڳتي وڌي گيتا جو منهن پنهنجي هٿن وچ ۾ جهلي، هن جي اکين جي پلڪن کي چمي چيو. "مون کي تنهنجون اهي اکيون ڏاڍيون وڻن ٿيون. اڙي. هنن ۾ تہ لڙڪن جو ڪارو سواد آهي! هينئر روئي ويٺي آهين ڇا؟"
گيتا سهمجي ويئي.
چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي ڀميءَ چيو. "چندر. تون خط ضرور لکندو رهج. هلين ها تہ ڏاڍو سٺو ٿئي ها. چڱو. شل توهان ٻنهي دوستن جو وقت مزي سان ڪٽجي." ائين چئي ڀمي هلي ويئي.
ٿوري دير بعد ڊاڪٽر جي موٽر موٽي آئي. گيتا پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ بنتيءَ مٿي تي ساڙهيءَ جو پلؤ سنياليو. چندر ڊوڙندو ٻاهر ويو. ڊاڪٽر سان گڏ جيڪو شخص موٽر مان هيٺ لٿو سو قد جو بندرو. رنگ جو گورو. منهن جو گول ۽ خانداني ڪٽنب جو پٽي لڳو. بدن تي ڪاڏيءَ جو ڪڙتو ۽ ڌوتي پهريل هئس. هٿ ۾ مسافريءَ جي ننڍي بئگ هيس. چندر اها بئگ وٺڻ لاءِ هٿ وڌايو تہ هن ڪلي چيو. "نہ پائي. انهيءَ بئگ کڻڻ ۾ منهنجا هٿ ٿڪجي ڪو نہ پوندا. توهين منهنجي هيڏي خاطرداري ڪري مون کي مٿي چاڙهي رهيا آهيو."
سيئي اپياس واري ڪمري ۾ پهتا. اتي ڊاڪٽر شڪلا واقفيت ڪرائي. "هي آهي منهنجو شاگرد ۽ ٻچڙو. پرانت جو هونهار ارٽ شاستري محترم چندر ڪمار ڪپور. هي آهن شاهجهانپور جا مشهور ڪانگريسي ڪم ڪندڙ ميونسپل ڪمشنر محترم شنڪر لال مشر."
ڀڦيءَ اچي چيو. "شنڪر. تون پهرين سنان ڪري رٺ. نہ تہ چانهہ ٿڌي ٿي ويندي." ڀڦيءَ گلن ڦلن واري ريشمي ساڙهي ڪڍي پاتي هئي ۽ شايد انهيءَ ڪري خوش هئي جو اڄ بنتيءَ تي ڪاوڙ ڪا نہ ٿي چنديائين.
"مان وهنجي تہ ويٽنگ روم ۾ ئي آيو آهيان" چانهہ مان پيئان ڪو نہ. بس ڪاڏو ئي تيار ڪرائي وٺو." ۽ واچ ڏانهن نهاريندي شنڪر بابوءَ چيو. "مون کي ٿورو وقت سوراڄ ڀون ۾ وڃڻو آهي ۽ ٻي بجي واري گاڏيءَ ۾ واپس وڃڻو آهي. مان شايد سوراڄ ڀون مان سڌو اسٽيشن تي هليو ويندس." هن ڏاڍي مٺي آواز ۾ مشڪندي چيو.
ڊاڪٽر شڪلا چيو. "پر اهو نيڪ تہ ڪو نہ ٿو لڳي. توهين آيا آهيو ۽ ڏينهن ترسو بہ ڪو نہ ٿا."
"ها. مون خود ترسڻ ٿي چاهيو. پر امڙ جي طبعيت نيڪ نہ آهي. ڪيلاش بہ ڪانپور ويو آهي. انهيءَ ڪري مون کي جلدي موٽڻ گهرجي."
بنتي ناشتي جي ٿالهي کڻي آئي. چندر عجب وچان ڊاڪٽر شڪلا ڏانهن نهاريو. هن کلي چيو. "پائي. هي ماڻهو اسان وانگر ڇوت ڇات جا پابند نہ آهن."
"هنن کي براهمڻ ڪير چوندو؟ هي تہ ڪرستان آهن. هتي اسان جو ڌرم ڪرم بگاڙڻ آيا آهن." ڀڦيءَ چيو. هيءَ مائٽي خود ڀڦيءَ ئي ڪئي هئي. ڏورانهين ناتي ڪري ڀڦي ڪيلاش ۽ شنڪر جي ڀايي هئي.
شنڪر بابوءَ اٿي هٿ ڌوتا ۽ ڪرسي سيري ويٺو. چندر ڏانهن نهاري چيائين. "اڇو. هونهار ڊاڪٽر صاحب توهين تہ مون سان گڏ کائي بہ سگهو ٿا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نہ، توهين ڪاٿو." ڇندر ٿورو حجاب ڪندي چيو. "اڙي ڀائي مان برهمڻ آهيان. بلڪل سچو. مون سان گڏ ڪاٺڻ سان جلدي ڇوٽڪارو ملندو. هٿ ۾ ٿوري ڀاڄي اٽڪي رهيو"تہ اوهان لاءِ جنت جو دروازو هڪدم کلي ويندو. اڃو."

هڪ ٻن گرهن کڻڻ بعد شنڪر بابوءَ ڀڦيءَ کان پڇيو. "ڪنوار اها ئي آهي، جيڪا هيئنر ٿالهي کڻي آئي!"

"رام ڇڏ ڀائي، اها تہ منهنجي ڇوڪري آهي، بنتي سجاڻينس ڪو نہ؟ اڳئين سال ششيءَ جي شاديءَ تي تہ ضرور ڏٺو هوندئيس."

شنڪر بابو عمر ۾ ڪيلاش کان ڪافي وڏو هو پر لڳو ايڏو وڏو ڪو نہ ٿي. ڪائيندي ڪائيندي چيائين، "ڊاڪٽر صاحب، ڪڪيءَ کي چئو تہ ڦلڪو ڏيئي وڃي. بس، مان هن کي ائين ئي ڏسي وٺندس. وڏي ڏيکاءَ يا هار سينگار جي ضرورت نہ آهي."

ڊاڪٽر پيڻ کي اشارو ڪيو. هوءَ اٿي هلي ويئي. ٿوري دير بعد گيتا آئي. سادي سفيد ساڙهي پاتي، هٿ ۾ ڦلڪن جي ٿالهي کڻي، دروازي تائين اچي ٿورو هٽڪي، پوءِ چيائين، "ڦلڪو کپيو!" ۽ ڇندر جي جواب ٻڌڻ بنا ئي ڦلڪن جي ٿالهي ڇندر اڳيان رکي چيائين "بيو ڇا کپيو؟"

"مون کي ٿوري ڪڙهي کپي." شنڪر بابوءَ چيو. گيتا ويئي ۽ ڪڙهي آڻي شنڪر بابوءَ جي اڳيان رکيائين. شنڪر بابوءَ اکيون مٿي کڻي گيتا کي ڏٺو تہ گيتا جون نگاهون هيٺ جهڪي ويون ۽ هوءَ اتان هلي ويئي.

"ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي." شنڪر بابوءَ چيو.

"اڄ ڪلهہ جي پڙهيل لکيل ڇوڪرين ۾ هيڏو حياءُ ڪٿي ٿو ملي. سچ پچ توهان پنهنجي سڪيلڏي ڌيءَ ۾ تمام سٺا لڇڻ وڌا آهن. ڪيلاش جي ئي لائق آهي. بس ڊاڪٽر صاحب، تقدير کي مڃو. هونءَ اسان جي اهڙي خوش نصيبي ڪٿي هئي. جڏهن کان منهنجي زال گذاري وئي تڏهن کان امان ڪيلاش جي شادي لاءِ زور پئي پريو. ڪيلاش تہ ڪٿان بہ وهانءُ ڪرڻ ٿي چاهيو، پر اسان کي تہ پنهنجي ذات اندر ئي اهڙو سٺو رشتو ملي ويو."

"تہ تنهنجي وري ڪهڙي عمر ويئي آهي. تون بہ ڇو نہ ٿو نئين ڪنوار وٺي اچين! گيتا بہ اڪيلي ڪا نہ ٿيندي." ڀڦيءَ چيو.

شنڪر بابوءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڪاڌو ختم ڪري اٿيو ۽ هٿ ڌوئي واچ ۾ وقت ڏٺائين.

"هيئنر ٿورو آرام ڪري وٺان. اڃو تہ ٿوريون ڳالهيون ڪري وٺون." هن ڇندر ڏانهن نهاري چيو. هڪ بجي تائين ڇندر شنڪر بابوءَ سان ڳالهيون ڪندو رهيو. تنهن وچ ۾ ڊاڪٽر ۽ گيتا ڪاڏي جي هاڄ لاهي ورتي. شنڪر بابو نهايت کلمک ۽ ڳالهير هو. ڇندر کي تہ ڪيلاش کان وڌيڪ شنڪر بابو پسند آيو. ڳالهين ڪندي خبر پيس تہ شنڪر بابوءَ جي عمر اڃا ٽيهن سالن کان وڌيڪ نہ آهي. پنجن سالن جو هڪ ٻار اٿس ۽ انهيءَ ويم ۾ ئي هن جي زال گذاري وئي هئي. هيئنر هن ٻي شادي ڪرڻ نٿي چاهي پر گانڌيوادي هو. مڪاني ڪانگريس جي ڪم ڪندڙن جو مکيہ اڳواڻ هو. ميونسپل ڪمشنر هو. خاندان زمينداري هئن. ڪيلاش بريلي ۾ پڙهندڙ هو. ڪيلاش کي اڃا نوڪري يا ڌنڌي ڪرڻ جو ارادو ڪو نہ هو. هن مزدورن لاءِ هڪ هفتيوار اخبار شروع ڪرڻ ٿي چاهي. هن اهو بہ فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ شاديءَ بعد گيتا کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو ۽ هن کي وڌيڪ پڙهائيندو ۽ سياسي ميدان ۾ هن کي پاڻ سان گڏ اڳتي وٺي هلندو.

وچ ۾ هڪ دفعو بنتي ڇندر کي سڏڻ آئي. ڇندر ٻاهر آيو تہ بنتيءَ چيو. "ديدي پڇي ٿي تہ هي ڪيڏهن مهل ويندو."

"ڇو؟"

"ڇوي ٿي، ڇندر کي هيئنر اها يادگيري ٿورڻي پوندي تہ هن گهر ۾ گيتا بہ رهندي آهي. هو تہ بس هن سان ڳالهين ۾ ريڌو ويٺو هوندو."

ڇندر کي کل اچي ويئي، جواب ڪو نہ ڏنائين. بنتيءَ چيو. "هي ماڻهو تہ ڏاڍا سٺا آهن. مان تہ ڇوان ٿي، گيتا ديديءَ کي انهيءَ کان بهتر گهر بيو ڪٿي ملي سگهندو. هي ماڻهو منهنجي سهري وانگر ڪونهن."

"ها، پوءِ بہ گيتا هن جي ايتري شيوا ڪا نہ ٿي ڪري. بنتي تون ان باري ۾ گيتا کي ٿورو سيکارينس."

"ها ها. شيوا ڪرڻ جي سکيا مان ڏيئي ڇڏيندي مانس ۽ شادي کان پوءِ جي سکيا توهين پنهنجي ڀميءَ کان ڏيارجوس. توهين پاڻ تہ هن کان اها سکيا اڳي ئي وٺي چڪا هوندا."

ڇندر سهمجي ويو. "شيطان ڪٿي جي، تمام بيشرم ٿي ويئي آهين. اڳي تہ چپ بہ ڪو نہ چورينديءَ هئينءَ!"

"توهان ۽ ديديءَ تہ بنايو آهي مون کي بيشرم! مان ڇا ڪريان. اڳي مان ڪيترو نہ ڊچندي هيس."

بنتيءَ پنهنجي روايتي نموني ڪنڌ هڪ طرف جهڪائي چيو ۽ پوءِ مشڪندي پڇي ويئي.

ڊاڪٽر جڏهن آيو تہ شنڪر بابوءَ چيو. "جڳو. مان هاڻي هلان ٿو. هي هار منهنجي طرفان ڪنوار کي ڏجو." ۽ هن پنهنجي بئگ مان موتين جو هڪ تمام سهڻو هار ڪڍي ڀڦيءَ جي هٿن ۾ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها، ٻي ٻه هڪ ڳالهه آهي.“ شنڪر بابوءَ وري چيو، ”شادي اسين مهيني کن جي اندر ئي ڪنداسين. توهانجون ٻيون سڀ ڳالهيون اسان مڃيون، پر هيءَ اسان جي ڳالهه توهان کي ضرور مڃڻي پوندي.“

”ايترو جلدي!“ ڊاڪٽر شڪلا ڪان صفا چرڪ نڪري ويو. ”اهو ناممڪن آهي شنڪر بابو. توهان کي ته خبر آهي ته مان بلڪل اڪيلو آهيان.“

”نه، توهان کي ڪا به ڏکيائي نه ٿيندي.“ شنڪر بابو تمام مٺي آواز ۾ چيو. ”اسين ريت رسم جا پابند نه آهيون. توهان ڪان بس جيترو ٿي سگهي، اوترو ريت رسم بجا آڻجو. اسين ته فقط ڇهه يا ست ڄڻا ايندا سين. صبح جو ايندا سين، توهين پنهنجي بنگلي ۾ ئي هڪ ڪمرو اسان لاءِ خالي ڪرائي ڇڏجو. شام جو شادي لبندي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي اسين واپس موٽي ويندا سين.“

”اٿين ڪيئن ٿيندو؟“ ڊاڪٽر صاحب چيو. ”منهنجي هڪڙي ئي ڌيءَ آهي ۽ اسانکي ٻه ڪي انسانا آهن. تنهن ڪان سواءِ ڇوڪريءَ جي ڀڦي اها ڳالهه اصل قبول نه ڪندي.“

”ڏسو نه، مان توهان کي سموري ڳالهه سمجهايان. ڪيلاش شاديءَ وقت ناٽ باٽ جي سخت خلاف آهي. انهيءَ ڪارڻ ئي هن پنهنجي ذات برادريءَ ۾ شادي ڪرڻ نٿي چاهي. پر مون جڏهن هن کي خاطري ڏني ته ڪو به ڏيکاءُ نه ڪيو ويندو، تڏهن مس هن منهنجي هيءَ ڳالهه قبول ڪئي. تنهنڪري توهين منهنجي ڳالهه مڃو. پوءِ شاديءَ بعد ته سڄي عمر پيئي اٿوَ. سڪيلڌي ڌيءُ اٿوَ پيا سهج ڪجوس. باقي وقت جي ڳالهه سو ته شيسيه شيگهرم! چڱي ڪم ۾ ڪڏهن به دير نه وجهجي. رهي انتظام ڪرڻ جي ڳالهه، سو توهين چئو ته مان هتي ئي رهي پوان ۽ ڪم پورو ڪري ڏيانوَ.“ شنڪر بابوءَ کلي چيو.

ايئن ڳالهيون ٿينديون رهيون ۽ نيٺ شنڪر بابوءَ پنهنجي مٺي ۽ شيرين زبانيءَ سان سيٺي کي پنهنجي ڳالهه مڃائي ورتي. ان بعد هن سيٺي ڪان موڪلايو. ڊاڪٽر صاحب ۽ ڀڦيءَ کي پيرين پيو، چندر سان هٿ ملايائين ۽ ائين سيٺي جون دليون جيتي هليو ويو.

ڀڦيءَ موتين جي مالها کي آڱرين وچ ۾ ڦيرائيندي چيو، ”هڪڙو هو آيو هو موذي حرامخور! بس ڪاغذ ٽڪر ڏيئي هليو ويو.“ ۽ هڪ اونهو ساهه کڻي اتان هلي ويئي.

ڊاڪٽر صاحب گيتا کي سڏايو ۽ موتين جي مالها هن کي هٿن ۾ ڏنائين. گيتا پيءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي روئي ڏنو.

گيتا پوءِ اٿي هلي ويئي ۽ ڊاڪٽر، چندر ۽ ڀڦي شادي جي تياريءَ بابت ڳالهيون ڪندا رهيا. فيصلو اهو ٿيو ته هينئر هنن جي مرضيءَ موجب شادي ڪئي وڃي ۽ پوءِ يونيورسٽي کلڻ بعد سيٺي کي سڏائي هڪ پيڪيدار دعوت ڪئي وڃي. اهو به فيصلو ٿيو ته ڀڦي ڳوٺ وڃي اتان اناج، گيهه، وڙين ۽ نوڪرن وغيره جو بندوبست ڪري اچي ۽ پندرهن ڏينهن اندر واپس موٽي اچي. ايتري قدر جو شاديءَ ڏينهن ۽ ان جي ٻئي ڏينهن صبح جو چا رڌجي، پچائجي، ڊاڪٽر صاحب اهو پڻ فيصلو ڪري ڇڏيو. وڌيڪ فيصلو ٿيو ته جيئن ڄڃ سان خاص گهڻا ماڻهو ڪو نه ايندا، انهيءَ ڪري انهن جي ناشتي وغيره لاءِ آرڊر يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڪينٽين کي ئي ڏجي.

انهيءَ وچ ۾ ٻنتي ناشتو ۽ شربت کڻي آئي چندر بيفڪريءَ سان شربت جون سرڪيون ڀريندي سوال ڪيو، ”ڪنهن ناهيو آهي؟“

”گيتا ديديءَ.“

”اڄ ڏاڍي خوش ٿي ڏسجي. شربت ۾ مٺاڻ ته ڄڻ آهي ئي ڪو نه.“ چندر جي اها ڳالهه ٻڌي ٻنتي ۽ ڀڦيءَ کلي ڏنو.

ٿوري دير بعد چندر اندر پهتو ته ڏسي ته گيتا پنهنجي پلنگ تي ويٺي اڳيان هڪ ڪتاب رکي ان ۾ نه ڄاڻ ڇا ڏسي رهي آهي ۽ سامهون هوءَ موتين جي مالها رکي اٿس. چندر اڳتي وڌي چيو، ”گيتا! اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان، بيحد خوش آهيان!“

گيتا اکيون مٿي کڻي چندر ڏانهن نهاري مشڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيائين، ”مان به بيحد خوش آهيان.“

”ڇا فيصلو ٿي ويو، انهيءَ ڪري!“ ٻنتيءَ هن ڪان پڇيو.

”نه، چندر خوش آهي انهيءَ ڪري.“ ۽ هن هڪ ڊگهو ساهه کڻي ڪتاب بند ڪري ڇڏيو.

چندر پڇيو، ”ڪهڙو ڪتاب آهي گيتا؟“

”ڪجهه ڪونهي. گيسوءَ اردوءَ جا ڪي شعر ٻڌايا هئا اهي هن تي لکيل آهن.“ گيتا چيو. چندر ٻنتيءَ ڏانهن نهاري چيو، ”ٻنتي، ڪيلاش ته جهڙو آهي تهڙو ئي آهي پر شنڪر بابوءَ جي ته مان تعريف ڪري ئي نٿو سگهان تنهنجو ڪهڙو رايو آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها، آهي تہ برابر ديدي اتي ڏاڍي سکي رهندي. ٻڌئي ديدي، اتي وڃي اسان کي وساري نہ ڇڏج."
"۽ پوءِ مون کي بہ وساري نہ ڇڏج، گيتا!" چندر گيتا جي اداسي دور ڪرڻ لاءِ هن کي ڇيڙيندي چيو.
"توکي وسارڻ ڪانسواءِ ڪم ڪيئن هلندو؟" گيتا اڳي ڪان بہ وڌيڪ ڏکو ساهہ کڻندي چيو. ٿيڻ چوندي هن جي اکين مان هڪ لڙڪ ڳڙي پيو. ڪوشش ڪندي بہ هوءَ اهو روڪي نہ سگهي.
"اڙي پڳلي! تون تہ سڀ ڪجهہ پنهنجي چندر لاءِ ڪري ڪرين. هن جي اجازت سان ڪري رهي آهين. پوءِ وري هي لڙڪ ڇا جا؟ ڇي... ۽ هيءَ مالها سامهون رکي ڇا وٺي ڪيئي" چندر هن جي دل بهلائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.
"مالها تہ ديديءَ انهيءَ لاءِ سامهون رکي هئي جو... ٻڌايان؟" بنتيءَ چيو. "چندر تو رامائڻ جي ڪٿا ٻڌي آهي نہ؟ رامچندر پنهنجي هڪ ڀڳت کي موتين جي مالها ڏني تہ هو ان جي موتين کي ڏندن سان پڇي ڏسڻ لڳو تہ انهن ۾ اندر رام نام آهي يا نہ. سو ديديءَ بہ هيءَ مالها سامهون رکي اهو ٿي پئي ڏٺو تہ ان ۾ ڪٿي چندر جي جهلڪ آهي يا نہ!"
"هٽ ڳنوارڻ ڪٿي جي!" گيتا هينئرڪلي ڏنو.
"هاڻي تنهنجو وات تمام گهڻو کلي ويو آهي." گيتا بناوٽي غصي مان چيو. پوءِ هوءَ وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پيئي. "اڄ گيسو ڪانهي، مون کي اڄ هوءَ ڏاڍي ياد ٿي پوي."
"ڇو؟"
"ڇاڪاڻ جو اڄ مون کي هن جا ڪيترائي شعر ياد ٿا پون. هڪ دفعي هن هڪ شعر ٻڌايو هو......

يي آج فضا خاموش هئہ ڪيون،
هر ذري ڪو آخر هوش هئہ ڪيون؟
يا تم هي ڪسي ڪي هو نہ سڪي،
يا ڪوئي تمهارا هو نہ سڪا.

انهيءَ شعر جو آخري بند هو ..

"موڄين ڀي هماري هو نہ سڪين،
طوفان ڀي همارا هو نہ سڪا!"

"واهہ، اها سٺ تہ ڏاڍي سٺي آهي." چندر چيو. "اڄ گيسو هجي ها تہ خوب ڳالهيون ڪري ها." گيتا چيو. "ڏس چندر! زندگي ۾ ڪهڙي نہ آهي. انسان سوچي ڇا ٿو ۽ ٿئي ڇا ٿو. اڄ کان ٽي چار مهينا اڳي مون ڇا سوچيو هو! ڪلاس مان پڇي اسين جڏهن وڻ هيٺان ليٽي ڳالهيون ڪنديون هيونسين تڏهن مان هميشہ ائين چوندي هيس تہ مان شادي نہ ڪنديس، پاپا کي سمجهائي وٺنديس. ان وقت مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ ايتري جلدي مون کي پنهنجو ڪنڌ هيٺ نار ۾ ٻڌڻو پوندو. پاپاجي جيسٽ پائي بہ ڪنهن ٻئي کان هار ڪاڻي پوندي. اجا هن جو فيصلو بہ ڪو نہ ٿيو آهي تہ مهيني اندر منهنجي...." گيتا ٿوري دير چپ رهي. "۽ هن جي ٻي ڳالهہ بہ جيڪا مون توکي ٻڌائي هئي. هن چيو هو تہ جڏهن مٿي هيٺان ڪنهن جا قدم اوچتو هٽي ويندا آهن، تڏهن ئي معلوم ٿيندو آهي تہ اسان ڪنهن جا سپنا پئي لڌا. مون کي بہ معلوم ڪو نہ هو تہ منهنجو مٿو ڪنهن جي قدمن ۾ اڳي ئي جهڪيل آهي. ياد آهي توکي..... مون توکي ٻڌايو هو ۽ توکان پڇيو هو!"
"سڀ ياد آهي" چندر وراڻيو. بنتي اٿي هلي وئي پر چندر يا گيتا ان ڏانهن ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنو. چندر چيو. "گيتا، هينئر انهن سپني ڳالهين سوچڻ مان ڪهڙو فائدو. رستو تنهنجي اڳيان آهي. تون انهيءَ تي اڳتي هل."
"ها، منهنجا ديوتا. رستو تہ برابر منهنجي سامهون آهي. مگر رکي رکي ڪيتريون پراڻيون ڳالهيون دل تي تري ٿيون اچن ۽ من چاهي ٿو تہ بس انهيءَ بابت ئي سوچيندي رهان. الائي. من کي انهيءَ مان بيحد سکون ڇو ٿو ملي. چندر مان جڏهن اوڏانهن هلي وينديس، توکان گهڻو گهڻو دور.... تڏهن انهن يادگيرين ڪانسواءِ مون وٽ بيو هوندو ئي ڇا. توکي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن مان گيسوءَ وٽ وڃي نہ سگهي هيس. ۽ اسان ٻنهي وچ ۾ جهڳڙو ٿيو هو. چندر، اتي برابر سڀ ڪجهہ آهي، مگر اتي مان لڙنديس جهڳڙنديس ڪنهن سان؟"
چندر ڦڪو مشڪندي چيو. "ڇا تون اجا سڄي عمر ائين ٻار ٿي رهندينءَ؟"
"ها چندر، چاهيم تہ ائين ئي پئي، پر زندگي تہ زبردستيءَ سڀ سک ڇني ٿي وٺي ۽ ان جي عيوض ڏئي ڪجهہ ڪين. اٿ تہ ٻاهر ساوڪ تي هلي ويهون. اڄ سڄي شام توسان ئي ڳالهيون ڪنديس."
گيتا وري رات جو ائين بجي اتي. جڏهن ٻئي وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي هئي ۽ ڊرائيور موٽر وٺڻ ويو. مٿان آسمان مان ٽمڪندڙ اداس ستارن ڏٺو تہ هيٺ زمين تي چندر ۽ گيتا جي اکين ۾ پڻ لڙڪن جا موتي ٽم ٽم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پيا ٿمڪن. اتندي گيتا ڪن لاءِ چندر ڏانهن نهاريو. چندر ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ بيحد اداس آواز ۾ چيائين، ”هل گيتا اسان تمام گهڻي دير لڳائي ڇڏي.“

●

ڀندرهن ڏينهن بعد جڏهن ڀڦي واپس آئي ته گهر جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيائين. دروازي تي ۽ برساتيءَ تي هئڊ ۾ رڱيل هٿن جي ڇاپ لڳي ويئي. ڪمرن جو سامان به هڪ طرف هٽائي وچ ۾ گلم وڇايا ويا ۽ سيني ڪان اندرئين ڪمري ۾ گيتا جو سمورو سامان رکيو ويو. اپياس واري ڪمري جا سڀ ڪتاب سميٽيا ويا ۽ اتي سبڻ جي مشين آندي ويئي جنهن تي بنتي ڪپڙا تيار ڪرڻ لڳي. انهيءَ ڪمري کي ئي ڪپڙن ۽ ڳهڻن جو ڀنڊار گهر ڪيو ويو ۽ ان جي چابي ڀڦيءَ يا بنتيءَ وٽ ئي رهندي هئي. ڳوٺ مان هڪ وڏيڪ مهراجڻ اٽيءَ وينيءَ لاءِ، هڪ مائي ۽ ٻه مزدور آندا ويا هئا. اهي سڀئي رات جو موٽر گئريج ۾ سمهندا هئا. سڄو ڏينهن ڪم ڪندا هئا ۽ هر وقت پيئڻ لاءِ ڀاڻي پيا گهرندا هئا. گهر ۾ جيڪي به ڪرسيون ۽ ڪوچ هئا اهي سڀ سائيڊ ۾ ڪٺا ڪيا ويا هئا. بورچيخاني جي ڀر واري ڪمري ۾ پاٽلون، پيالا ۽ ٻيو سامان رکيو ويو هو ۽ پوڇا واري ڪمري ۾ ڪنڊ، گيهه، سبزيون ۽ اناج رکيل هو. مناٺي ڪٽي رکبي. ان سوال تي ڀڦيءَ، بنتيءَ ۽ مهراجڻ وچ ۾ ساندهه ڪي ڪلاڪ بحث هليو، پر نيٺ ڀڦي بنتيءَ کي چيو، ”جڏهن پنهنجي پٽن ڌيئن جي شادي ڪرين، تڏهن اها ڪٺنجيءَ جهڙي پنهنجي زبان هلائج. هينئر هر ڪم ۾ تون پنهنجي ٽنگ ڇو پيئي اڙائين!“ اهو ٻڌي بنتي چپ ٿي ويئي ۽ آخر ۾ ڀڦيءَ جي ڳالهه ئي قبولي ويئي. ڀڦيءَ جي جهڙي زبان تيز هئي، هن جا هٿ به اهڙا ئي تيز هئا. ڪٽڪ جون چار ڳوٽيون اڪيلي سر صفا ڪري ڪمري ۾ رکيائين. گهٽ ۾ گهٽ پنجن قسمن جون داليون آنديون هٿائين. بيسڻ پيهيائين، پاپڙ ڪيائين، ميدو ڇاڻيائين، سوجي ڪڍيائين ۽ سڀ شيون الڳ الڳ ڳوترين ۾ بند ڪري رکيائين. رات ٿيندي هئي ته اڪثر ڀڦي، مهراجڻ ۽ ڳوٺ مان اٽي وينيءَ لاءِ آندل داسي ڍولڪ کڻي ويهنديون هيون ۽ لاڏا ڳائينديون هيون. بنتيءَ به انهيءَ شغل ۾ شريڪ ٿيندي هئي.

سچ پڇو ته گيتا جي شاديءَ جو چاهه ڀڦيءَ کي ايترو ڪو نه هو جيترو بنتيءَ کي هو. هوءَ اسر جو اٿي ٻهاري کڻي سڄو گهر صاف ڪندي هئي، ان بعد وهنجي سهنجي پاٺ ڪپيندي هئي، پوءِ چانهه چاڙهيندي هئي. ڊاڪٽر، چندر، گيتا ۽ ٻين سيني کي چانهه ڏيندي هئي. چندر ڪجهه حساب لکائيندو هئس ويهي لکندي هئي. پوءِ وڃي مشين تي ويهندي هئي ۽ ٻارهين هڪ بجي تائين ويٺي سبندي هئي. منجهند جو دال ۽ چانور صفا ڪرڻ ويهندي هئي ۽ شام جو وري شربت ۽ ناشتو تيار ڪندي هئي. رات جو دير تائين جاڳندي، لاڏا ڳائيندي هئي يا گيتا کي کلائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هڪ ڏينهن گيتا چيس، ”منهنجي شاديءَ ۾ ئي تون هيڏي خوش آهين ته پنهنجي شاديءَ ۾ ته الائي ڇا ڪندينءَ.“ بنتيءَ چيو، ”پنهنجي شاديءَ ۾ مان خود ٻڌ وڃائينديس.... ورڊي پائي.“

گهر ائين پئي چمڪيو جيئن ريشم چمڪي، مگر ريشم جي چمڪدار، رنگين خوش گولي اندر به هڪ ساهه ٿيندو آهي... اداس، خاموش، پنهنجو ساهه روڪي، ڪن ڪن ۾ پنهنجي موت جو انتظار ڪندڙ ريشم جو ڪينئون. گهر جي هن خوشيءَ ۽ رنگينيءَ وچ ۾ به صرف هڪ ئي جيو هو، جنهن جي زندگي هوريان هوريان ڇڻ ٻڏندي ٿي ويئي، جنهن جي اکين جي چمڪ ڏيري ڏيري جهڪي ٿيندي ٿي ويئي، چنچلتا جنهنجي نگاهن کي ڏهاڳ ڏيئي ويئي هئي. جنهن جي جيون جي خوشي، رنگيني، سڪون ۽ سک آخرين الوداع ڪري ويا هئا. اها هئي... گيتا! گيتا صفا بدلجي ويئي هئي. چمپا گل جهڙو گورو مک هينئر زرد پئجي ويو هو، ائين پئي لڳو ته هوءَ بيمار آهي. ڪاڏو هينئر هن کي زهرمحسوس ٿيڻ لڳو. پنهنجي ڪمري کي ڇڏي هوءَ ڪيڏانهن ڪا نه چرندي هئي. هڪ ٿڌي چادر وڇائي ڏينهن رات ان تي پيئي هوندي هئي. بنتي جڏهن کلندي ڪاڏو کڻي ايندي هئي ۽ گيتا جي انڪار ڪرڻ تي جڏهن هن جي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هئا. تڏهن گيتا پاڻيءَ جي ڍڪن جي مدد سان به چار گرهه کائيندي هئي ۽ پوءِ وري ساڳي طرح منهن ملول، ٿڌيءَ چادر تي ليٽي پوندي هئي. جنت کي ڪير اندلنين سان کڻي سينگاري، پراندر پٽنيءَ شچيءَ کي وهه جو پيالو پيئاري ڇڏي، هن گهر جو پڻ اهڙو نمونو پئي لڳو.

ڊاڪٽر شڪلا کي همت نٿي ٿي جو گيتا سان ڳالهائي. هو روز بنتيءَ کان پڇندو هو: گيتا ڪاڏو کائي ٿي يا نه؟ ۽ هن جي ها ڪرڻ تي هڪ اپو ساهه کڻي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هو.

چندر پريشان هو. هن شايد اڳي ڪڏهن به پنهنجي زندگيءَ ۾ ايڏو ڪم نه ڪيو هو. سوناري وٽ، ڪپڙي واري وٽ، راشننگ آفيسر وٽ، پوليس بئنڊ جيءُ انتظام ڪرڻ لاءِ پوليس لائينس ۾، مئجسٽريٽ وٽ درخواست ڏيڻ لاءِ، روپيه ڪيڻ لاءِ بئنڪ ۾ وڃڻ، شاميانې جو بلو ڪرڻ، پلنگن ڪرسين وغيره جو بندوبست ڪرڻ، ڪاڏي پيتي لاءِ ٿانوَ ميسر ڪرڻ ۽ نه ڄاڻ ٻيو به ڪهڙو ڪهڙو ڪم.... ۽ انهيءَ بعد جڏهن ٽڪ ۾ چور چور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي آڙهر جي ٻپهريءَ جي سخت گرميءَ ۽ تپش ۾ هو گهر موٽندو هو تڏهن بنتي اچي چانهه ڏيندي هئي ته گيتا اڄ ڪجهه ڪو نه ڪاڏو آهي. ان وقت هو ائين چاهيندو ته هو پنهنجو مٿو ڦاڙي ڇڏي. پوءِ به هو گيتا وٽ پهچندو هو. گيتا لڙڪ لڪائي اتي وهندي هئي، هڪ اجڙيل مسڪراهٽ سان چندر جي آجيان ڪندي هئي. چندر هن کان پڇندو هو، "ڪائين چو نه ٿي؟"

"ڪاوان ته ٿي چندر. پلا هنن گرمين ۾ اڳي چا وڏيڪ ڪائيندي هيس!" گيتا جي ان جواب ۾ ايڏي ته پيڙا هوندي هئي جو چندر ان کي ڪو به اعراض ڪري نه سگهندو هو.

ٻاهريون ڪم هينئر ذري گهٽ ختم ٿي چڪو هو. هتڏ جو چندبو هٽي خط اڳي ئي روانا ٿي چڪا هئا. مگر دعوت ناما به ڏاڍا سهٽا ڇپجي آيا هئا. البت ڪجهه دير ٿي ويئي هئي. شاديءَ ۾ باقي ست ڏينهن پيا هئا. چندر صبح جو ڏهين بجي پيتيءَ ۾ دعوت ناما ۽ لفافا کڻي پهتو ۽ اپياس واري ڪمري ۾ ويهي ويو. بنتيءَ اتي ڪجهه سبيو ويئي.

"گيتا ڪٿي آهي؟ هن کي سڏي وٺ."

گيتا آئي....اکيون سڄيل، چپ سکل، وار رکا، ساڙهي گدلي، مک زردو، چال مريض. هٿ ۾ پنکو هوس. آئي ۽ چندر جي پر ۾ ويهي رهي. "بڌاءِ چا ڪري آئين چندر! باقي ڪهڙو بندوبست رهيل آهي؟"

"بس سپ ڪجهه ٿي ويو گيتا راڻي! اڄ ته منهنجا پير به جواب ڏيئي بيٺا آهن. سائيڪل هلائيندي هلائيندي منهنجي پيرن ۾ ڳيڙيون پئجي ويون آهن." چندر پيتيءَ مان دعوت ناما ڪڍندي چيو، "شادي تنهنجي آهي مگر محنت ڪندي جان منهنجي نڪري رهي آهي."

"برابر آهي چندر. منهنجي شاديءَ لاءِ پيو پلا ڪنهن کي ايڏو چاهه يا اتساهه آهي." پوءِ گيتا ڏاڍي لاڏ سان چيو، "هان هيڏانهن ڪر پير ته زور ڏيانءِ."

"اڙي پاڳل ٿي ويئي آهين چا؟" ۽ چندر پنهنجا پير مٿي ڪري ڇڏيا.

گيتا اپو ساهه پريندي چيو، "سچ چندر، هينئر تنهنجي پيرن کي هٿ لائڻ جو به مون کي حق ڪٿي آهي؟ معاف ڪج، مان پلجي ويس ته مان هينئر اڳين گيتا نه آهيان." ائين چوندي هن جي اکين مان به لڙڪ ڳڙي پيا.-گيتا هٿ ورائي وچٽي جي اوٽ ۾ اهي اگهي ڇڏيا.

چندر پير وري هيٺ ڪندي چيو، "گيتا تون ته رسي ٿي وڃين."

"نه چندر. هينئر منهنجي رسڻ پرچڻ جا ڏينهن نبري ويا. هينئر ڏارين جي ڳالهه کي ٿي برو پلو چئي نه سگهنديس ته باقي پنهنجي گهر وارن جي ڳالهه تي ناراض ٿيڻ چا جو! ڇڏ اهي ڳالهيون. ڏسان هي ڪهڙا دعوت ناما ڇپائي آيو آهين."

چندر هڪ دعوت ناما کڻي اهو لفافي ۾ وجهي ان تي گيتا جو نالو لکي. ڪيس ڏيندي چيائين، "وٺ، اسان جي گيتا جي شادي آهي، ضرور اڄجو."

گيتا دعوت ناما ورتو. پوءِ هڪ ملول مسڪراهٽ چپن تي آڻي چيائين، "منهنجي گهر واري اجازت ڏني ته ضرور اينديس. هن جو به نالو لکوس هن لفافي تي، مٿان خراب لڳيس." ۽ گيتا اٿي ڪڙي ٿي.

"ڪيڏانهن هلينءَ؟" چندر پڇيو.

"هتي ڏاڍي گهٽي روشني آهي. مون کي پنهنجو اونداهو ڪمرو ئي سٺو ٿو لڳي." گيتا ورندي ڏني.

"اٺ بنتي، هي سپ ڪارڊ اتي ئي کڻي هل." چندر چيو. "اڄ گيتا، ڪارڊن تي نالا به لکندس، توسان ڳالهيون به ڪندس. زندگي ته ڏس گيتو! اڄ پنڌرهن ڏينهن کان سولا به منٽ ويهي توسان ڳالهيون به ڪري نه سگهيو آهيان!"

"اڄا چا ڪرٽو اتر چندر! جيئن چوين تو تيئن هلي ته رهي آهيان. اجا ڪجهه رهيل آهي چا؟ ٻڌاءِ ته ان جي پورائي به ڪري ڇڏيان. هينئر ته روئي پٽي به عرش مٿي اوڄو بڻجڻو پوندو."

بنتي ڪارڊ کڻڻ لڳي ته گيتا هن کي چنبيندي چيو، "رک هي سپ هتي. بس چندر جي ڏاڍي چئيوان چيلي ٿي ويئي آهين. هينئر ته هيءَ به منهنجي جان جي خريدارڻ بڻجي ويئي آهي. منهنجي ڪمري ۾ اهي سپ کڻي ايندينءَ ته ٽنگون ٻانهون ڀڄي ڇڏينديسانءِ. پاڻهِ کڻان جي."

بنتيءَ ڪارڊ واپس رکي ڇڏيا. نوڪر اچي چيو، "بابو جي. ڪنير پنهنجو حساب ٿو گهري."

"مان اچهو ٿو اچان، گيتا." ائين چئي چندر هليو ويو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ائين ئي گذريا. شاديءَ جو ڏينهن ويجهو پوندو ٿي ويو ۽ سيني جو هڪ ٻئي کان سهارو ڇڏندو ٿي ويو. گيتا جي من تي هوريان هوريان جيڪا قبرستان جي اداسي ڇانئبي ٿي ويئي، تنهن کي چندر پنهنجي پيار، پنهنجي مسڪراهٽ، پنهنجي لڙڪن سان ڌوئڻ لاءِ پريشان ٿي پئي اٿيو. مگر هيءَ ته زندگي هئي جتي پيار شڪست کائيندو آهي، مسڪراهٽ کي هار قبولڻي پوندي آهي، ڳوڙها اجايا ويندا آهن ۽ تاڙيون، پيالا، پاتلون، گلم، غاليچا ۽ بئنڊ باجا ئي سوڀ پائي ويندا آهن. جتي پنهنجي جيون ديويءَ جي لڙڪن ڳڻڻ بجاءِ، پيالا ۽ پاتلون ڳڻي رکڻيون پونديون آهن. جتي ڪنهن جي روح جي اداسيءَ کي پنهنجي لڙڪن سان ڌوئي مٽائڻ بدران تاڙيون ۽ ڪٽوريون ڌوئارڻ وڌيڪ ضروري ليکبو آهي. جتي جذبات ۽ دلي ڪشمڪش جا سڀ طوفان سوناري ۽ بجاجيءَ جي شور ۾ گم ٿي ويندا آهن. جتي ان دلين جي دک ڀري پڪار شرنائين جي آواز ۾ ٻڏي ويندي آهي. جنهن وقت انسان جي دل جو ذرو ذرو حيران ۽ پريشان هوندو آهي. جنهن وقت هن جي نسن ۾ ستارا ٽٽندا آهن، جنهن وقت هن جي دماغ ۾ باهه ڀڙڪندي آهي، جنهن وقت هن جي مٿي مٿان آسمان ۽ پيرن هيٺان زمين نڪرندي ويندي آهي، ان وقت هن کي شاديءَ جي وڳن جو اگهه ڀار چڪائڻو پوندو آهي ۽ بئنڊ باجي وارن کي پيشگي رقم ڏيڻ جي ڌانڌل کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

ان وقت اها ئي هئي چندر جي زندگي! زندگيءَ پنهنجو چڪر پوري زور سان چالو ڪري ڇڏيو هو. ڪروڙين طوفان هن کي گهيري نچائي رهيا هئا. هڪ ڪن لاءِ به ڪو ڪٿي ٽڪي نٿي سگهيو. هڪ پل لاءِ به هن کي آرام ڪو نه هو. هڪ سيڪنڊ لاءِ به هن کي سوچڻ جي فرصت نٿي ملي ته سندس ڇوڏاري ڇا پيو وهي واپري، هو ڄڻ بيهوش مورڇت اوستا ۾، مشين جيان ڪم ڪندو ٿي رهيو. آواز اٿيا ٿي ۽ هن جي ڪنن سان ٽڪر کائي موٽي ٿي ويا. لڙڪ ڳڙيا ٿي مگر هن جي دل کي ڇهي نٿي سگهيا. طوفاني گهمرو هن کي پنهنجي وڪڙ ۾ ڦاسائي گهليندو ٿي ويو. بجليءَ جي رفتار کان به وڌيڪ تيز، پرلئه کان به وڌيڪ طاقتور، اهو طوفان هن کي ڌڪيندو، گهليندو ٿي ويو. هڪ طرف.... شاديءَ جو ڏينهن! گيتا نڪ ۾ نٿ پاتي، هن کي خبر ڪا نه رهي. گيتا نوان ويس ڍڪيا. هن کي خبر ڪا نه رهي. گيتا پاڻ زيورن سان جهنجهيو، هن کي خبر ڪا نه رهي. گهر ۾ لاڏا ڳائجڻ لڳا، هن کي خبر ڪا نه رهي. گيتا چلهه جي پوڄا وقت پنهنجو سر زمين سان ٽڪرايو، هن کي خبر ڪا نه رهي. هو زنده جيو نه هو. هو ته صرف طوفان ۾ اڏامندڙ هڪ زردو پن هو. جو واءَ جي چڪر ۾ ڦاسجي ويو هو ۽ طوفاني لهرون هن کي هيڏانهن هوڏانهن نچائي رهيون هيون.

هن کي هوش تڏهن آيو جڏهن ڄڃ اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳي، بنتي هن کي زبردستيءَ هٿ کان پڪڙي وٺي ويئي مٿي ڇت تي، جتي گيتا رنو ويٺي. بنتي چندر کي ٿيلهو ڏيئي اتي پهچائي، پاڻ هلي ويئي.

چندر جي سامهون گيتا ويٺي هئي. گيتا. جنهن کان چندر اڄ نه ڄاڻ ڇو دور دور ڀڄڻ ٿي چاهيو. جيئن ڪو شخص پنهنجي دل جي ڦٿڻ کان گهبرائجي اڪيلائي مان ڀڄي ٻاهرئين انبوه ۾، ڀيڙ ۾ شامل ٿي وڃي، ڀيڙ جي ٻي مطلب شور ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ چاهيندو آهي، ٻاهرين ڪولاهل ۾ اندر جي طوفان کي ڀلائڻ چاهيندو آهي، ساڳئيءَ طرح چندر به گذريل هفتي کان سڀ ڪجهه ڀلجي ويو هو. هن کي فقط هڪ ڳالهه ياد هئي... شاديءَ جو انتظام ڪرڻ. صبح جو اٿڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين هن ايترو ته ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو، جيئن هن کي هڪ پل لاءِ به بيهڻ جو وجهه نه ملي، هڪ ڪن لاءِ به سوچڻ جي فرصت نه ملي ۽ سمهڻ کان اڳي هو اهڙو ٿڪجي پوي، اهڙو چور چور ٿي وڃي جو ليٽندي ئي ننڊ هن تي غالب پئجي وڃي، ڪيس ٻي سڌ بنائي ڇڏي، مگر اڄ بنتي هن کي ان ڀيڙ وچ مان ڇڪي اڪيلائيءَ ۾ وٺي آئي، جتي هن جي طاقت ۽ ڪمزوري، هن جي معصوميت ۽ هن جو گناه، هن جي مسڪراهٽ ۽ هن جا لڙڪ، هن جي سيائپ ۽ هن جي اياڻپ.... هن جي گيتا پنهنجي زندگيءَ جي ان موڙ تي ويٺي پنهنجو سڀ ڪجهه لٽائي رهي هئي. چندر محسوس ڪيو ته مون کي ڄاڻ چڪر آيو. هو پريشانيءَ ۽ گهبراهٽ وچان ڪٺ ٿي ويهي رهيو.

شام جو وقت سج اولهه ۾ غروب ٿي ٿيو ۽ سڄي ڏينهن جي اس ۾ تتل ڇت تي، ٻرندڙ برساتيءَ هيٺان هڪ پراڻي چنل کٽ تي گيتا ليٽي پيئي هئي. سنگين پيلي ساڙهي ۽ ڪوري ڪپڙي جي چوليءَ ۾ ملبوس. وار خشڪ ۽ اٿيا، نڪ ۾ هڪ وڏي نٿ. لڳاتار پندرهن ڏينهن لڙڪ وهائڻ، هن جي چهري جو روپ ئي ڦيرائي ڇڏيو هو. هينئر هن جي چهري تي نه نماڻائي هئي نه سونهن. نه روپ هو نه جوڀن. ائين ٿي ڏٺو گيتا جو سڀ ڪجهه لٽجي چڪو آهي. نه فقط هن جو پيار، هن جي زندگي لٽجي ويئي آهي، مگر هن جو آواز به لٽجي چڪو آهي، هن جو سڪون لٽجي چڪو آهي، هن جا امنگ به لٽجي چڪا آهن. هن جا ارمان به لٽجي چڪا آهن.

گيتا پيلي ساڙهيءَ جي پلوءَ سان لڙڪ اگهي سڌي ٿي ويٺي، ٻئي چپ.... ڀهرين ڪير ڪجهي! بنتي آئي. چندر ۽ گيتا لاءِ ڪاڏو رکي هلي ويئي. چندر پڇيو، "گيتا کائيندينءَ؟" گيتا وات سان ڪو نه ڪڇيو، صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ هلايائين. ٻڏندڙ سورج ۽ اڀامندڙ بادلن ڏانهن نهاري هوءَ نہ ڄاڻ ڇا سوچيندي رهي. چندر تاڙي وڄائي گيتا کي پاڻ ڏانهن ڇڪي چيو، "گيتا هيئن ڪر ڪيئن هلندو؟ توکي ڏسي تہ مان پنهنجو ڌيرج سنڀالي سگهندس ۽ تون خود هي ڇا ٿي ڪرين!" گيتا چندر جي ويجهو کسڪي آئي ۽ ٻہ منٽ خاموش، يڪ ٽڪ قاتل نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ دل کي ٽڪر ٽڪر ڪندڙ رڙ ڪري روئيندي چيائين "چندر، هاڻي ڇا ٿيندو!"

چندر سوچي نہ سگهيو تہ ڇا ڪري، ڇا چوي. لڙڪ هن جي اکين ۾ خشڪ ٿي چڪا هئا. هو روئي نٿو سگهيو. هن جي سيني ۾ جڻ ڪنهن پٿر پري ڇڏيو هو ۽ جيئن ئي اتي لڙڪن جون بوندون نهيون ٿئي تيئن اهو پٿر انهن کي پيئي ٿي ويو. هو پنهنجي تڙپ کي سنڀالي نہ سگهيو. گهٻرائجي چيائين، "گيتا! گيتا توکي منهنجو قسم آهي ماٺ ڪر. چپ، بلڪل چپ ٿي وڃ. ها ائين." گيتا چندر جي پيرن ۾ منهن لڪائي ڇڏيو... "اٺ، سڏي ٿي ويهہ. سڀ ڪجهہ ڄاڻندي، سمجهندي بہ تون هيئن ٿي ڪرين. ڇي.... ڇي. توکي پنهنجي دل مضبوط ڪرڻ گهرجي، نہ تہ پاپا کي ڪيڏو نہ دک ٿيندو!"

"پاپا تہ مون سان ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏيو آهي. چندر! پاپا کي چئينس اڄ تہ مون سان ڳالهائي. سياڻ ڪان مان هن کي تنگ ڪرڻ ڪا نہ ايندس، ڪڏهن ڪا نہ ايندس. هينئر هن جي گيتا کي سيپيئي وٺي تا وڃن. نہ ڄاڻ هن کي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن." ۽ گيتا وري سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

چندر ٻنتيءَ هٿان پاپا کي سڏايو. گيتا کي روئندو ڏسي ٻنتي ٻيهي ويئي. "ديدي روءُ نہ. روءُ نہ ديدي. تون روئندينءَ تہ مان هتي ڪنهن جي سهاري رهي سگهندس." ۽ گيتا کي چپ ڪرائيندي ٻنتي خود روئي ويئي ۽ لڙڪ اگهندي اتان هلي ويئي.

پاپا آيو. گيتا جيڪا چپ ٿي ويئي هئي، تنهن وري روئڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر شڪلا پريل گلي سان چيو، "مون کي هي رودن سنو نٿو لڳي. هيءَ جذبات ڇا جي؟ تون پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري آهين. ڇا مون توکي هن لاءِ ئي هيڏي تعليم ڏني؟ سڪٽي جذبات وهيٽي تيڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو!" چوندي چوندي ڊاڪٽر شڪلا پاڻ روئي ڏنو. "چندر هل، اڃا گهڻو ئي بندوبست ڪرڻو آهي." ڊاڪٽر شڪلا ۽ چندر ٻئي اتان اٿي هليا ويا.

بس شاديءَ کان اڳي، هميشہ لاءِ جدا ٿيڻ کان اڳي گيتا کي ايترو ئي موقعو مليو. انهيءَ بعد....

گاڏي صبح جو ڇهين بجي اچڻي هئي پر خوش نصيبيءَ سان ليٽ ٿي ويئي. ڊاڪٽر شڪلا ۽ ٻيا گهوٽيتن جي آجيان لاءِ اسٽيشن ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ چندر گهر ۾ ئي رهجي ويو. ڄاڃين جي رهڻ جي ٻلي ڪرڻ لاءِ. ڄاڃين جي رهڻ جو بندوبست پر واري جاءِ ۾ ئي ڪيل هو. ماٿر صاحب جي بنگلي جا ٻہ ڪمرا خالي ڪرايا ويا هئا. چندر صبح جو ڇهين بجي اتي پهچي ويو ۽ سڀ سامان ٺيڪ ڪرايائين. وهنجڻ جو پاڻي وغيره اتي رکائي هو گهر آيو. ناشتي وغيره جو انتظام ٻورچيءَ کي سونپيل هو. مگر هن ڏانهن کي ٽوال موڪلڻا هئا.

چندر ٻنتيءَ کي چيو. "ٻنتي، ٽورا ٽوال تہ ڪڍي وٺ."

ٻنتيءَ مانهہ جي دال ويٺي ڌوتي. هن هڪدم اتي هٿ صفا ڪيا ۽ ڪمري ڏانهن هلڻ لڳي.

"اي ٻنتي..." پڦيءَ پنڊاري مان سڏ ڪيو. "الائي ڪٿي وڃي مئي آهي ناسوئي! اڙي هار سينگار پوءِ ڪري وڃ. پهرين ڪم تہ پورو ڪري وٺ. هوءَ بيسڻ جي ڄاٽي ڪٿي رکي آهي؟"

"اڃا آيس." ٻنتيءَ چندر کي چيو ۽ هوءَ ماءُ ڏانهن ڊوڙي. پندرهن منٽ گذري ويا مگر ٻنتي واپس ڪا نہ آئي. شاديءَ جو گهر. هر طرف کان ٻنتيءَ کي سڏ پئي ٿيو ۽ ٻنتي پر لڳائي اڏامي هر هنڌ پئي پهتي. جڏهن ٻنتي ڪا نہ موٽي، تڏهن چندر گيتا کي ڳولي چيو، "گيتو بہ ٽي تمام وڏا ٽوال تہ ڪڍي ڏي."

گيتا چپ چاپ اٿي ۽ اپياس واري ڪمري ڏانهن هلي. چندر بہ هن جي پٺيان هليو.

"ويهہ. مان ڪڍي ٿي اچان." گيتا پريل آواز ۾ چيو ۽ هوءَ پر واري ڪمري ۾ هلي ويئي. واپس آئي تہ هن جي هٿ ۾ منائيءَ جي ٿالهي هئي.

"اڙي هينئر کائڻ جو وقت ڪونهي، گيتا! انين بجي ڄاڃي پهچي ويندا."

"ان ۾ اڃا بہ ڪلاڪ پيا آهن. تون کاءُ چندر. هن کان پوءِ وري ڪڏهن بہ تنهنجي ڪم ۾ رنڊڪ وجهي، توکي کائڻ لاءِ نہ چونديس."

چندر خاموش.

"ياد اٿيئي چندر! هن ساڳي جڳهہ تي ساڙهيءَ ۾ نانختايون لڪائي ڪٺي آئي هيس. اڄ تہ پنهنجي هٿ سان کارايانءِ. سياڻي کان هي هٿ پراوا ٿي ويندا." ۽ گيتا منائيءَ جي هڪ ڇڪي پڃي چندر جي وات ۾ وڌي. چندر جي نيڻن ۾ بہ لڙڪ تري آيا. گيتا پنهنجي هٿ سان انهن ٻن لڙڪن کي اگهي چيو، "چندر، هتي گهر ۾ تنهنجي ڪاڏي پيتي جو خيال رکڻ وارو ڪير ڪونهي. تون پوري وقت تي کائيندو پيئندو رهج. توکي منهنجو قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. . . . مان شاهجهانپور مان موٽي اچان تہ توکي ڳريل يا ڪمزور نہ ڏسان.“ چندر ڪجي نہ سگهيو. هن جي نيڻن مان نير ڏارا وهي هلي. گيتا ڪارائيندي رهي. هو ڪائيندو رهيو. گيتا هن کي پاڻيءَ جو گلاس ڏنو. هن هٿ ڌوتا ۽ کيسي مان رومال ڪڍيائين.

”چو. اڄ منهنجي ساڙهيءَ جي پلوءَ سان هٿ ڪو نہ اگهندين؟“ گيتا پڇيو. چندر هن جي ساڙهيءَ جو پلوءُ هٿن ۾ کنيو ۽ اکين تي رکي هنيانءَ ڦاڙي روئڻ لڳو.

”چي چندر! اڄ مون پاڻ سنيالي ورتو. سڀ ڪجھ قبولي ورتم. تڏهن وري تون هيئن ڪمزور ٿو بڻجين. تو مون کي چيو گيتو ماٺ ٿي، تہ مان ماٺ ٿي ويس. ڇا هينئر مون کي وري روئاريندين؟ اٺ.ع چندر اٿي کڙو ٿيو.

گيتا پان چندر جي وات ۾ وجهي، کٽو هن جي قميص سان اگهيو چندر ڪجھ ڪو نہ چيو.

”اڙي چندر، اڄ تہ جهڳڙو ڪري وٺ. هن کان پوءِ پلي نہ ڪج.“

ايتري ۾ بنتي ٽوال ڪٽي آئي. ”ديدي، هن کي ڪجھ ڪارائي وٺينس، هي اصل ڪجھ نٿو ڪائي.“ بنتيءَ چيو.

”ڪارايو اٿمانس“ گيتا چيو. ”ڏس چندر، اڄ کان پوءِ مان ڪا نہ روئنديس، مگر هڪ شرط تي تہ تون سمورو وقت منهنجي آڏو رهندين. تصور ۾ منهنجي سامهون رهندين نہ!“

”ها رهندس.“ چندر لڙڪن کي اندر ئي پيئندي چيو.

”ڪيڏانهن هليو نہ وڃجانءِ. منهنجو هي آخرين عرض اٿيئي.“ گيتا چيو.

چندر ٽوال ڪٽي هليو ويو.

●

ڄڄ ۾ فقط اٺ ڄڻا آيا هئا. انهيءَ ڪري گهر واري موٽر ۽ ماتر صاحب جي موٽر، ٻن مان ئي ڪم ٽپي ويو هو گهر پهتا تہ ناشتو تيار هو ۽ چندر چپ چاپ اندر وينو هو. هن هڪدم سيٺي جو سامان ٽانگو ڪرائي رکيو ۽ موٽڻ تي هو جو ڪيلاش پنيان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي پوءِ هن کي ياڪر پائي چيو. ”ڪيڏانهن هليا چندر صاحب! نمستي! هل تہ پهرين ناشتو ڪريون. هو چندر کي پڪڙي وٺي ويو. هن کي پنهنجي پر ۾ ويهاري ڪيلاش خود هن لاءِ چانهہ جو پيالو تيار ڪيو ۽ چيائين. ”چو چندر، تون مون کان ناراض آهين ڇا؟ خط جو جواب بہ ڪو نہ ڏنبي!“

چندر چانهہ پيئندي چيو. ”مان تہ تنهنجي سيني خطن جو جواب برابر ڏيندو رهيس يار!“

”تہ ائين آهي. مان پٺي هيڏانهن هوڏانهن گهميس. خط هيٺ مٿي ٿي ويا هوندا. هان وٺ سمبوسو کاءُ.“ ڪيلاش هن کي زور ڪندي چيو. چندر ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو تہ چيائين. ”واه ڙي جناب! شادي منهنجي آهي، تنهنجي ڪانهي. تون ڇو پيو هيئن لڄ ڪرين؟ پلا چندر. . .ڪم تہ سڄو تو تي ئي رکيل هوندو!“

”ها.“ چندر وراڻيو.

”ڏاڍي افسوس جي ڳالهہ آهي يار. اسين جڏهن پهرئين دفعي گڏيا هئاسين، تڏهن مون کي اهڙي خبر ڪا نہ هئي تہ ڊاڪٽر صاحب ۽تون ٻئي گڏجي مون کي ههڙو سٺو انعام ڏيندا. توهان کي ٻچائڻ جو! منهنجي لائق ڪو ڪم هجي تہ ٻڌاءِ.“

”تنهنجي مهرباني آهي.“ چندر ڪنڌ جهڪائي چيو. سيني ڪلي ڏنو. ايتري ۾ شنڪر بابو بہ ڊاڪٽر شڪلا سان گڏ اتي اچي پهتو ۽سڀيئي چپ ٿي ويا.

سڄي ڏينهن جي رلڻ ملڻ بعد چندر ڏٺو تہ ڪيلاش بہ اهڙو ئي خوش مزاج ۽ کلمک آهي، جهڙو سندس وڏو ڀاءُ شنڪر بابو. سياست ۾ هو ڪيس جهڙو ئي فولادي نظر آيو هو. گهرو وايو منڊل بہ هن کي آوترو ئي وڻندڙ لڳو. چندر جو منَ خوشي وچان ٽڙي پيو. گيتا لاءِ هو ذرا بيفڪر ٿي ويو. . .هوءَ هينئر نياڻي ويندي. هو وڃهہ ڳولي گهر اندر پهتو. ڏٺائين تہ گيتا جي ڇوڏاري زالون ميڙاڪو ڪري وينيون آهن ۽ هن کي مينڌي وينيون لڳائين. بنتي دٻي مان گيهہ وٺي ڪڍيو. چندر اڳتي وڌي بنتي کي چوٽي کان ڇڪي چيو. ”اڙي ڀڳلي! ڪچو گيهہ ٿي پيئين ڇا؟“

بنتي حيرت وچان چندر ڏانهن نهاريو. گذريل ڪيترن ڏينهن کان چندر ڪيس هڪ دفعو بہ چيڙايو ڪو نہ هو. اڄ هن کي ڇا ٿيو آهي. گذريل پندرهن ڏينهن کان چندر کي کلڻ تہ پري رهيو پر مشڪڻ بہ وسري ويو هو.

”اکيون ڦاڙي ڇا ٿي ڏسين؟ ڪيلاش ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهي. ڏاڍو سٺو آهي. گيتا اتي ڏاڍي سکي رهندي. ڪهڙو نہ سٺو ٿيندو! اڙي ڀڳلي تون خوش ڇو نہ ٿي ٿئين!“ چندر وري بنتيءَ جي ٻانهن ۾ چهنڊڙي پاتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ائي! مون کي بہ ديدي سمجهيو اٿو ڇا؟ هينئر ٿي ٻڌايانو.“ ۽ گيھ ٻڌل هٿن سان چندر کي پڪڙي هن جي منهن تي گيھ ڪٽي ٿڦيائين. چندر جهٽڪو ڏيئي پاڻ ڇڏايو ۽ بنتي جي ڳل تي هلڪي چماٽ هڻي اتان هليو ويو.

بنتي دبي جي ڪناري تان وهندڙ گيھ کي اگهندي دل ۾ چيو: ديوتائون اڃا ٻيا ڪهڙا ٿيندا هوندا!

شام جو ڄڃ نڪتي، سادي سودي ڄڃ. صرف هڪڙي بئنڊ هئي. ڪيلاش شيرواڻي پاجامو پاتو هو. مٿي تي ٽوپي. گلي ۾ هڪڙي مالها ۽ ڪرائيءَ تي ڪنگڻ ٻڌل هوس. وچٽي پنيان هڪ ماٺهو هٿ ۾ ڪٽي پئي هليو. ور مالها پهرائڻ جي رسم ٿيڻي هئي، پر پڦيءَ پچاڙي گهڙيءَ صاف انڪار ڪيو. چيائين: اسان جي ڇوڪري جهڙي تهڙي ڪانهي، جا پري سيا اڳيان منهن کولي اچي ور مالها پهرائي. مگر گهونگهٽ ڪڍڻ جي باري ۾ وري گيتا پنهنجي ضد تي قائم رهي. چيائين: گهونگهٽ مان مور نہ ڪڍنديس.

پاپا هن کي وني منڊپ ۾ پهتو. گهر جو ڪر ڪاج لهي ويو هو. سيئي اڱڻ ۾ ويٺا هئا. ڪامني، پريا، ليلا سيئي هيون. هڪ طرف ڄاڄي ويٺا هئا. گيتا خاموش هئي، مگر هن جو مک گرهڻ ورتل چنڊ جيان اونداهو هو. منڊپ ۾ هڪ بلب خراب ٿي ويو هو. چندر اهو بدلائي رهيو هو. گيتا ويندي ويندي چندر ڏانهن ڏٺو ۽ لڙڪ اگهي مشڪيائين ۽ مشڪي وري لڙڪ وهايائين. ڪامني، پريا ليلا ۽ گيتا جون ٻيون سکيون ڪيلاش کي پٺائي رهيون هيون. گيتا ڪنڌ جهڪائي ويٺي هئي. پاپا کي چيائين تہ بنتيءَ کي مون وٽ موڪليو. بنتي اچي گيتا جي پنيان تي ويني. ڪيلاش اک جي اشاري سان چندر کي سڏ ڪيو. چندر هن جي پنيان وڃي ويٺو تہ ڪيلاش چيس، ”يار هتي چوڏاري جيڪي ماٺهو ويٺا آهن تن جي چپ چاپ ۾ مون کي واقفيت تہ ڏي.“ چندر هن کي سيني بابت ٻڌايو. چندر جيئن هن کي ڪامنيءَ، پريا، ليلا ۽ ٻين جي واقفيت پئي ڏني، تيئن بنتيءَ وچ ۾ چيو، ”توهين تہ ڏاڍا لالچي ٿا ڏسجو! هڪ مان دل نٿي ڊاپيو ڇا؟ واھ پيٽيويا. واہ!“ ڪيلاش انهيءَ تي مشڪي سوال ڪيو، ”هن جي شاديءَ جو فيصلو ٿيو آهي يا نہ؟“

”ٿي ويو اٿس.“ چندر وراڻيو.

”تڏهن ڳالهائڻ جو اپياس پيئي ڪري. منڊپ ۾ بہ انهيءَ ڪري ٿي اچي ويني آهي ڇا؟“ ڪيلاش چيو. بنتي سهمجي اٿي هلي ويئي.

ويڏي شروع ٿي. ڪيلاش جي هٿ ۾ ناريل ۽ هن جي پڪوڙيل مٺ مٿان گيتا جا ٻئي هٿ. گيتا هينئر بلڪل چپ هئي. اهڙي چپ، اهڙي خاموش جو ائين پئي لڳو تہ هن جي چپن ڪڏهن ڳالهايو ئي ڪونهي. ويڏيءَ جي انهيءَ دوران ۾ هڪ ٻئي سان اقرارن ڪرڻ جو وقت آيو. ڪيلاش سڀ پرتگيائون ڪيون. شنڪر بابوءَ چيو تہ ڪنوار بہ پڙهيل آهي، هوءَ پاڻ ئي سڀ وچن ڏئي مگر گيتا ڪنڌ ڌوڻيو. ڄاڄين ۾ جڻ نا اميديءَ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي. چندر هڪدم بنتيءَ کي سڏ ڪيو ۽ هن جي ڪن ۾ چيائين، ”گيتا کي وڃي چئينس تہ اهو پاڳلپڻو ڇڏي ڏي. انهيءَ مان هينئر فائدو ڪهڙو!“ بنتيءَ گيتا وٽ پهچي هن جي ڪن ۾ آهستي اها ڳالھ چئي. گيتا نگاھ کڻي سامهون نهاريو. چندر وراندي ۾ ڏاڪڻ جي ڏاڪي تي ويٺو هو. ڏاڍي فڪر ڀري نگاھ سان ڪڏهن شنڪر بابوءَ ڏانهن، ڪڏهن گيتا ڏانهن پئي نهاريائين. گيتا سان هن جون نگاهون ملنديءَ ئي هو جڻ سڄو ڏڪي ويو. گيتا پل ڀر ڏانهنس نهاريندي رهي. چندر نہ ڄاڻ هن کي ڇا چيو ۽ گيتا بہ نگاهن ئي نگاهن ۾ نہ ڄاڻ هن کي ڪهڙو جواب ڏنو. انهيءَ بعد گيتا هيٺ رکيل پوڄا جي ناريل مٿان لڳل سندور ڏانهن تڪيندي رهي ۽ پوءِ وري هڪ دفعو نگاهون مٿي کڻي چندر ڏانهن نهاريائين. اها نگاھ بلڪل عجيب، بلڪل وچتر هئي، جنهن ۾ گونندر ڪو نہ هو، حسرت ڪا نہ هئي. لڙڪ ڪو نہ هئا. ڪمزوري ڪا نہ هئي. ان نگاھ ۾ هو صرف هڪ گنڀير اونهو ويساھ. اٿاھ، سنيھ پورن قرباني. هن جڻ پڇيو ٿي. . . ڇا تون سچ پچ ائين ٿو چاهين؟ چندر تون وري بہ سوچي وٺ. . . تون اهڙو درد آهين! اهڙو ڪنور آهين جو مون ڪان زبان سان چوائڻ ٿو چاهين! ڇا منهنجو سڀ سک آرام لٽڻ بعد باقي اها پاڻ نڳڻ جي ٿوري تسڪين بہ مون وٽ نہ ڇڏيندين؟ چڱو اهو بہ وٺ. منهنجا ديوتا! ۽ هن سمپورن هار مڃي. سڏڪن ڀرئي آواز سان پاڻ ڪيلاش کي ارپي ڇڏيو. اقرار دهرايا ويا. انهيءَ بعد ساڙهيءَ جو پلؤ ڇڪي، نڪ جي نٿ کي نيڪ ڪرڻ جي بهاني هن پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا.

چندر هڪ اپو ساھ کنيو ۽ پر ۾ ويٺل پڦيءَ کي چيائين، ”هاڻي مان وڌيڪ ويهي نٿو سگهان. منهنجي اکين ۾ ڄڻ ڪنهن مرچ اڇلايا آهن.“

”ها. وڃي مٿي سمهي پءُ ڪٽ پيئي اٿيئي. موڪلائي سڀائي صبح جو ڏهين بجي ٿيندي. هينئر ڪائج پيئج نہ. نہ تہ پئجي رهندين.“ پڦيءَ ڏاڍي سنيھ رجان هن کي چيو.

چندر مٿي پهچي ڏسي تہ بنتي اونڌي منهن کٽ تي ليٽي سڏڪا ڀري پيئي روئي هن بنتيءَ کي ڌونڌاڙيندي سڏ ڪيو، ”بنتي! بنتي!“ بنتي وڌيڪ زور سان روئڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اٽ پڳلي مون کي تہ سمجھائڻ ايندي آهين ۽ هينئر هي پاڳلپڻو ڪري رهي آهين." چندر جي آواز ۾ بہ سڏڪا پرجي ويا.

بنتي اتي چندر جي گود ۾ منهن لڪايو ۽ هڪ دردناڪ رڙ ڪري چيائين. "هاءِ چندر! هاٿي... هاٿي ڇا ٿيندو؟"

چندر هينئر پنهنجي لڙڪن کي روڪي نہ سگھيو. هن جي دل بہ ڦاٽي پيئي ۽ جيئن ٻڌندڙ انسان سهارو پڪڙي، تيئن بنتيءَ کي پڪڙي هن جي وارن ۾ منهن لڪائي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. مگر ٿوري دير بعد ئي هن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ بنتيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريندي پنهنجي سڏڪن کي دٻائيندي چيائين. "پڳلي، روءُ نہ."

ڌيري ڌيري بنتي شانت ٿي ويئي. هوءَ ڪٽ تان لهي هيٺ زمين تي ويٺي ۽ چندر جي گوڏن تي هٿ رکي چيائين "چندر، تون هتي اڄڻ بند نہ ڪري ڇڏج. جيئن هينئر ايندو آهين تيئن ايندو رهج. جيستائين ديدي ساهرن مان موٽي!"

"چڱو." چندر بنتي جي ٻنيءَ تي هٿ رکي چيو. "گھٻرائج نہ. تون تہ بهادر ڇوڪري آهين نہ! سڀ ڳالهہ دل ڏاڍي ڪري سهڻ گھرجي. تون پيڻ ڏس کهڙي ديديءَ جي آهين نہ؟"

بنتي اتي هيٺ هلي ويئي.

چندر ليٽي پيو. هن جي انگ انگ ۾ نس نس ۾ سور هو. هڏ هڏ ۾ ٿڪ هو. مگر هن کي ننڊ نہ آئي. هيٺان منڊپ مان رکي رکي برهمڻ جي منتر اچارڻ جو. وچ وچ ۾ ڇاچين ۽ زالن جا آواز پئي آيا. اهي آواز هن کي پريشان ڪندا رهيا. هن جي جسم جو ٿڪ، هن جي من جي شانتي رکي رکي هن کي ڇڻ ڏڏڪا ڏيئي سجاڳ ڪري ٿي ڇڏيو. هن پاسا ورائيندي ڪڏهن مٿي ٿي نهاريو، ڪڏهن اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏيائين تہ من ننڊ اچي وڃي، مگر هن کي ننڊ نہ آئي. هوريان هوريان هيٺ جا آواز خاموش ٿي ويا... ويڏي پوري ٿي ويئي، ڇاڃي اٿي وڃڻ لڳا. هو آوازن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ کهڙو ڪنهن جو آواز آهي، کهڙو آواز ڇا ٿو چوي. ڌيري ڌيري سڀ شور، سڀ آواز خاموش ٿي ويا.

چندر وري پاسو ڦيرايو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. آهستي آهستي هن جي من تي ڄڻ هڪ ڏند، هڪ غبار ڇائنجڻ لڳو. هو ايترو وقت تہ سانده سجاڳ رهيو هو جو هينئر اک بند ٿي ڪيائين ۽ ڇپر اکين جي پتلين سان ٿي مليس تہ هن کي نهايت تيز پيڙا جو احساس ٿي ٿيو. جيئن تيئن هن جي ٿوري اک لڳي.

اوچتو ڪنهن هن کي اچي جاڳايو. هن کي جيترو اکين بند ڪندي درد ٿيو هو، هينئر اکيون کولندي بہ هن کي اوتري ئي پيڙا ٿي. هن اکيون کوليون. ڏٺائين.... سامهون گيتا بيٺي آهي.

سينڌ ۾ سندرو پريل، ڪرائي تي ڪنگڻ هٿن ۾ منڊيون ۽ چوڙا، ڳلي ۾ مالهائون، نڪ ۾ ڏوريءَ جي سهاري وڏي نٿ ٻڌل. اکيون جن ۾ سانوڻي بادلن جا گرجنا هينئر خاموش ٿي ويئي هئي، جن ۾ برسات سمهي پيئي هئي. هوءَ ڪن ۾ پيرانديءَ کان ڪڙي رهي. چندر اٿي سڌو ٿي ويٺو. هن جي دل اٿين پئي ڌڙڪي ڄڻ سندس سامهون سندس رنل ڀاڳ ديوي بيٺي هئي. گيتا وات مان ويڻ ڪو نہ ڪڍيو. هن صرف ٻئي هٿ جوڙيا ۽ هيٺ جهڪي پنهنجو مٿو چندر جي پيرن ۾ ڪٽي رکيائين. چندر هن جي مٿي تي هٿ رکي چيو، "ايشور تنهنجو سهاڳ اٽل رکي. تون شل هميشہ اوچي رهين. مون کي اڄ توتي فخر آهي. اڄ تائين تون جيڪي منهنجي لاءِ هئينءَ، اڄ تون ان کان گھڻو وڌيڪ ٿي ويئي آهين، گيتا!"

گيتا اڃا بہ ڪجھيو ڪو نہ. آنچل سان آنسو اگھندي هوءَ پيرانديءَ کان زمين تي ويھي رهي ۽ ڳلي مان گلن جي هڪ مالها لاهي، ان جا گل چنيائين ۽ پوءِ چندر جا پير ڪٽ تان ڇڪي هيٺ زمين تي آندائين.

"اڙي هي ڇا ٿي ڪرين گيتا!" چندر چيو.

"جيڪي منهنجي من ۾ اچي ٿو." ڏاڍي مشڪلات سان پنهنجي اندر جي سڏڪن کي روڪندي گيتا چيو، "هينئر مون کي ڪنهن جو بہ ڊپ ڪونهي. تو مون کي جيڪو ڏند ڏنو آهي، ان کان وڌو ڏند تہ هينئر ايشور بہ مون کي ڏيئي نٿو سگھي." ۽ گيتا چندر جي قدمن ۾ گل ڌري انهن کي چميو ۽ پنهنجي ڪرائيءَ ۾ ٻڌل هڪ ٻڙي کولي، ان مان سندرو ڪڍي گلن تي ڇڻڪاريائين. پوءِ چندر جي قدمن تي سر رکي چپ چاپ روئندي رهي.

ٿوري دير بعد هوءَ ازخود اٿي ۽ گل ميڙي اهي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلو ۾ ٻڌائين. هوءَ اٿي ڪڙي ٿي ۽ ڪجھ بہ چوڻ بنا هوريان هوريان اتان وڃڻ لڳي.

"ڪيڏانهن ٿي هلين؟" چندر گيتا جو هٿ پڪڙي چيو.

"ڪيڏانهن بہ نہ!" گيتا پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.

"نہ گيتا! هي گل مون کي ڏي، مان پاڻ وٽ رکندس." چندر وري بہ گيتا کي روڪيندي چيو.

"بيڪار آهي چندر! سيان تائين. پرهينءَ تائين اهي سڀ سڪي ويندا. منهنجا ديوتا!" ۽ گيتا سڏڪا پريندي هلي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ روشن ستارو ٽٽو ۽ سڄي آڪاش ۾ ڦهلجي، نہ ڄاڻ ڪهڙي افق تي الوپ ٿي ويو.

●

ٻئي ڏينهن صبح جو انين بجي تائين سمورو سامان اسٽيشن تي پهچي ويو. ڊاڪٽر صاحب ۽ شنڪر بابو اڳي ئي اسٽيشن ڏانهن روانا ٿي ويا هئا. چاچي بہ سڀ اوڏانهن هليا ويا هئا. باقي ڪيلاش ۽ گيتا کي اسٽيشن تي پهچائڻ جي جوابداري چندر تي ڇڏي ويا هئا. جلدي ڪندي ڪندي بہ سوا نوَ لڳي ويا هئا. ڪيلاش ۽ گيتا ٻئي ٻيٺا هئا، گيتا جي پنيان حجامڻ بيٺي هئي ۽ پڦيءَ ڪوساٽ سوڻ پئي ڪيو. چندر جي تڪڙ مچائڻ تي هنن جي نيٺ جند آزاد ٿي ۽ اڳتي وڌيا. گيتا اڃا موٽر ۾ قدم ئي ڪو نہ رکيو تہ ٻنتي هن جي ٽنگن ۾ لٽڪي پيئي ۽ روئڻ لڳي. گيتا بہ سڏڪن کي روڪي نہ سگهي. چندر ٻنتيءَ کي الڳ ڪيو. گيتا موٽر جي دريءَ تي ڪنڌ رکي سڏڪا ڀريندي رهي. موٽر هلي تہ گيتا ڪنڌ ورائي پنهنجي اباڻي گهر ڏانهن نهاريو. ٻنتيءَ هٿ جوڙي الوداع ڪئي تہ گيتا وري اچي اوڇنگارن ۾ پيئي.

اسٽيشن تي گيتا بلڪل ماٺ رهي. گهوٽ ڪنوار لاءِ سيڪنڊ ڪلاس ۾ هڪ برٿ رزرو ڪيو ويو هو. باقي ٻيا سڀ انٽر گاڏي ۾ هئا. شنڪر بابو ٻنهي کي گاڏيءَ تائين پهچائي چيو، "ڪيلاش، تون ٿورو مون سان اچ. مسٽر چندر، توهين ڪنوار وٽ ترسجو. مان ڊاڪٽر صاحب کي موڪليان ٿو."

چندر دريءَ وٽ ٿي ٻيٺو. شنڪر بابوءَ جو ننڍو ڪڪو پنهنجي نئين ڀاڀيءَ وٽ اچي ويٺو ۽ هن جي ريشمي چادر سان کيڏڻ لڳو. چندر چپ چاپ ٻيٺو رهيو.

اوچتو گيتا هن جي هٿ تي پنهنجو مينديءَ لڳل لال هٿ ڪٽي رکيو ۽ آهستي چيائين، "چندر!" چندر منهن ورائي هن ڏانهن نهاريو تہ چيائينس، "هاڻي ڪجهہ بہ سوچ نہ. هيڏانهن نهار." ۽ گيتا ڇڻ پنهنجي دل جي سموري سڪ لفظن ۾ ڀري چيو، "ٻنتيءَ جو خيال رکجان. هن کي تنهنجي ئي آسري ڇڏي ٿي وڃان. ٻڌ، پاپا کي رات جو سمهڻ وقت کير ۾ اوولٽين ضرور ملائي ڏجان. ڪاڏي پيتي ۾ بيپرواهي نہ ڪجان. اڻين نہ سمجهجان تہ گيتا مري ويئي ۽ بنا کير جي ڇانهن ٻيٺڻ شروع ڪري ڇڏين. .مان جلد ئي موٽي اينديس. ڀميءَ جو خط اچئي تہ مون کي لکجان...."

ايتري ۾ ڪيلاش ۽ ڊاڪٽر صاحب اچي ويا. ڪيلاش باٿ روم ۾ هليو ويو. ڊاڪٽر صاحب گيتا جي مٿي تي هٿ رکي چيو، "پٽ! اڄ تنهنجي ماءُ هجي ها تہ ڪهڙو نہ سٺو ٿئي ها! ۽ ٻڌ، مهيني اندر مان توکي گهرائيندس. اتي گهبرائجان نہ."

گاڏيءَ سيٽي هنئي.

پاپا وري چيو، "پٽ، اتي سني ٿي هلجان. ڪا بہ ٻاراڻي نہ ڪجان، سمجهيئي نہ." پاپا رومال ڪڍي اکيون اگهڻ لڳو. "شادي زندگيءَ جي وڏي جوابداري آهي. هاڻي تنهنجي نئين زندگي شروع ٿي آهي. هيل تائين تون ڌيءَ هئين، هاڻي تون ڪنوار آهين، ننهن آهين...."

گيتا چيو، "پاپا، توهان جي اوولٽين جو دٻو شيشي واري ميز تي رکيو آهي,ا ها روز پيئندا ڪجو ۽ پاپا، ٻنتيءَ کي ڳوٺ واپس نہ موڪلجو. چندر کي بہ هاڻي گهر ۾ ئي رهائجو. توهين اڪيلا ٿي ويا آهيو..... مون کي جلد ئي گهرائجو."

گارڊ سيٽي هنئي. ڪيلاش ڊاڪٽر صاحب کي پيرين پيو. چندر سان هٿ ملايائين. گيتا چيو، "چندر، هيءَ ڇني ٻنتيءَ کي ڏج ۽ ٻڌ، منهنجو نتيجو ظاهر ٿئي تہ تار ڪجان."

گاڏي چرڻ لڳي. "چڱو پاپا، چڱو چندر..." گيتا هٿ جوڙيا ۽ دريءَ تي منهن رکي روئڻ لڳي. لڙڪ اگهندي نهاريندي رهي.

گاڏي پليٽ فارم کان ٻاهر نڪري ويئي، تڏهن چندر منهن ورايو. هن جي بدن جي سنڌ سنڌ ۾ سخت ھو. ٿڪ هو. هن کي ڪا بہ سمڪ نہ رهي تہ هو ان ڏينهن گهر ڪيئن پهتو هو.

●

هفتي لاءِ چندر کي ڪو بہ هوش ڪو نہ رهيو. شاديءَ جي ڏينهن ۾ هن کي ڄڻ نشو چڙهيل هو. جنهن جي زور تي هو مشين جيان ڪم ڪندو رهيو. شاديءَ بعد هن جي انگ انگ ۾، نس نس ۾ اهڙي تہ سخت ٿڪاوٽ ۽ پيڙا جاڳي اٿي جو هن لاءِ اٿڻ ويهڻ بہ مشڪل ٿي پيو. ڪاڏي ڪائڻ لاءِ صرف گهر کان هوٽل تائين بہ ڇري نٿي سگهيو، بس اڻين پيو رهيو. صبح جو نوين بجي سمهندو هو. پنجين بجي شام جو اٿندو هو. ٿورو وقت هوٽل ۾ ويهي واپس موٽي ايندو هو. چپ چاپ مٿي کڏ تي وڃي ليٽندو هو ۽ وري سمهي پوندو هو. هن جو من اجڙيل آشياني جهڙو ٻڏجي چڪو هو. جنهن مان زندگي ۽ امنگن جون لهرون پر ڪري ڪيڏانهن دور اڏامي ويون هجن. اڻين پئي لڳو تہ هن کان سڀ ڪجهہ وسري ويو آهي.... گيتا، ٻنتي، ڀمي، ڊاڪٽر، پنهنجي ڪوحنا، مضمون..... هن کي سڀ ڪجهہ وسري ويو آهي. اهي سڀ شيون رکي رکي هن جي دل ۾ اٿيون پئي، پر چندر اڻين محسوس ڪندو هو تہ اهي سڀ ان زندگيءَ، ان دنيا جون شيون آهن جا ڪانئس وسري چڪي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جنهن جو ڪنهن زماني ۾ وجود هو. مگر پوءِ هڪ ڀيانڪ لهر ان جو ڪٿو ڪٿو لوڙهي ڇڏيو. هينئر هن جي دنيا سندس گهر جي ڪڌ تائين محدود هئي. ۽ هن جي من جي اڏام ڏک جي چوطرف انهن ديوارن وچ ۾ سمايل آسمان جي حدن تائين محدود هئي. اونداهيون راتيون هيون. ٻهرين هو تارن جي روشنيءَ کي جاچيندو هو ۽ پوءِ هوريان هوريان چنڊ جي ڪير مثل چانڊوڪي ڪفن جي چادر جيان هر چيز مٿان ڦهلجي ويندي هئي ۽ هو من ئي من ۾ ٽڪل آواز ۾، ٻاڻ کي چانڊوڪيءَ جي ان ڪفن ۾ ويڙهي چوندو هو.... سمهي پئه مردا. سمهي پئه!

ڇهين ڏينهن هو ڪجهه بهتر ٿيو. ٿڪاوٽ به هوريان هوريان لهي ويس پر انهيءَ بعد هن کي دل ۾ ڄڻ ڪنهن شئي جي ٽٽي پوڻ جو درد محسوس ٿيڻ لڳو. اهو درد اتي جو اپريو آهي، اهو درد ڇا آهي، اهو سڀ هو سوچيندي به سمجهي نه سگهيو. شام جا پنج لڳا هئا. پر اس لهي ويئي هئي. اداس بادلن جي هڪ تهه. آڪاڙ جي الهنڊ سج کي ڍڪي ڇڏيو هو. هوا ۾ ٿڌاڻ اچي ويئي هئي. ائين ٿي لڳو ته هير جا اهي جهوٽا ڪنهن برساتي ديس مان ٻيا اچن. هو اٿيو. ونهتو ۽ گيتا جي گهر ڏانهن هليو.

ڊاڪٽر شڪلاهٽ ۾ ڪتاب جهلي باغ جي سبز باري ۾ پئي ٽهليو. پنجن ڏينهن ۾ هو ڄڻ سخت ٻڍو ٿي ويو هو. جسم ڄڻ جهڪي ويو هوس. منهن جي ڦڙتي اڏامي وئي هئس. هن جي آلين اکين. سست چال مان زندگيءَ جو ٿڪ پئي ٽپڪيو. چندر جي پليڪار به هن اڳي جيان ڪو نه ڪئي. صرف ايترو چيائين. "چندر مون به دفعا ڊرائيور کي تو وٽ موڪليو ته موٽي آيو ۽ اچي چيائين ته تون سمهيو پيو آهين. هاڻي تون پنهنجو سامان هتي ڪٺي اچ." ۽ پوءِ هو وري ڪتاب جا ورق اٿلائڻ لڳو. اڳي هو جسماني طور ٻڍو برابر هو پر من جو جوان هو. پر اڄ ائين پئي ڏٺو ته هن جو اهو من به ٻڍو ٿي ويو آهي. هن جي من جي ڇيلهه ڀڻ ڇبي ٿي ويئي آهي. چندر جواب ڪو نه ڏنو. چپ چاپ بيٺو رهيو. سامهون گگن تي هڪ عجيب زردي ڇانيل هئي. ڊاڪٽر ڪتاب بند ڪري چيو. "ٻڌو اٿم.... ڪاليج جو پرنسپال موٽي آيو آهي. وڃان. تنهنجي باري ۾ هن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اچان. تون اندر وڃ. گيتا جو خط آيو آهي. بنتيءَ وٽ اٿئي."

"پڪي آهي؟" چندر پڇيو.

"نه. اڄ صبح جو ئي ته ويئي. اسان هن کي ڪيترو ئي روڪيو. پر هن کي هتي آرام نٿي آيو. بنتيءَ کي به ڏاڍي مشڪلات سان هتي رهايو اٿم." ڊاڪٽر گٽريج ڏانهن هليو ويو.

چندر اندر ويو. گهر اهڙو سنسان لڳو پيو هو. اندر اهڙي ته ڀيانڪ خاموشي ڇانيل هئي. جو چندر جو روم روم ڪڙو ٿي ويو. موت بعد به ڪو گهر اهڙو سنسان. اهڙو بيجان نه لڳندو آهي. جهڙو هي گهر اڄ شاديءَ بعد پئي لڳو. صرف رنڌڻي مان ٿوري کڙ کڙ جو پڙلاءُ پئي آيو. "بنتي!" چندر پڪاريو. بنتي رنڌڻي ۾ هئي. هوءَ نڪري ٻاهر آئي. بنتيءَ کي ڏسندي ئي چندر دنگ رهجي ويو. هوءَ اهڙي نه سنهي ٿي ويئي هئي جو ڄڻ بيمار هئي. روئي روئي هن پنهنجون اکيون سڄائي ڇڏيون هيون. چپ ڦٽجي پيا هئس. چندر کي ڏسندي ئي هن چلهه تان تئي لاهي هيٺ ڪئي ۽ وارن جي پريشان ٽيل ڇڳن کي سنواري. ساڙهي جو پلؤ ٺيڪ ڪري ٻاهر آئي. ڪمري مان هڪ صندلي آڻي. اڳڻ ۾ رکي نهايت ملول آواز ۾ چندر کي چيائي. "ويهو."

"گهر کهڙو نه سڃو پيو لڳي بنتي! تون اڪيلي ڪيئن رهندي هوندينءَ ؟" چندر پڇيو. بنتيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

"روئين ڇو ٿي بنتي! ڇي.... مون کي ڏس نه. مان ڪيئن نه پٿر بنجي ويو آهيان. ڇو. تون ته تمام سٺي ڇوڪري آهين نه!" چندر بنتيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو. بنتيءَ لڙڪن ڀريون آليون نگاهون چندر ڏانهن کنيون ۽ نهايت ئي ڀريل آواز ۾ چيائين.....

"توهين ديوتا ٻڌجي سگهو ٿا. مگر دنيا ۾ هر ڪو ديوتا نه آهي. توهان چيو ته مان روز ايندو رهندس ۽ گذريل سڄي هفتي ۾ توهان منهن به ڪو نه ڏيکاريو. اهو به ڪو نه سوچيو ته منهنجو هتي ڪهڙو حال هوندو. روز صبح شام اچا در تي هلڪو کڙکو ٿي ٿيو ته مان ڊوڙندي ٻاهر ٿي آيس پر توهان جو ناتو ته صرف ديديءَ سان ئي هو. مان توهان جي ڪير لڳان!"

"نه بنتي، مان اهڙو ته سخت ٿڪجي پيو هوس جو اٿڻ ويهڻ جي به سگهه ڪا نه هيم. پڪيءَ کي تو وڃڻ ڇو ڏنو. هن کي هتي رهائين ها نه؟" چندر چيو.

"اڙي هوءَ هوندي هئي ته روئڻ به ڪا نه ڏيندي هئي. مان به ٽي ڏينهن روئندي رهيس ته مون تي سخت ڪاوڙبي هئي. مهراڄڻ کي ڇوڻ لڳي ههڙي ڇوڪري ته ڪٿي ڪا نه ڏٺي. وڏي ڀيڻ جي شادي تي اٿس ته ساڙ ۾ ٻيٺي جلي ۽ ڏينهن رات روئي ابتا سوڻ پيئي ڪري. جڏهن انگ ڪلندس، تڏهن شادي ٿينديس. ڪيئن هينئر ئي زوريءَ ڪنهن سان ڪٽي پلؤ پلي ٻڌ بس!" بنتي اپو ساهه کڻندي چيو. "منهنجي زندگي ڪيئن ٿي گذري، اهو توهين سمجهي نه سگهندا. هينئر ته دل ائين پئي چوي ته مري وڃان. هيل تائين ديدي هئي ته وڏو سهارو هئي، پيئي همت ڏياريندي هئي، دل وننڌي هئي. هينئر ته ڪير به پنهنجو ڪو نه آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇي ڇي بنتي، اهڙيون ڳالهيون ڪبيون آهن ڇا؟ گيتا مهيني اندر تہ موٽي ايندي ۽ ماءُ ڇي ڳالهين تي دل ۾ ڪبو آهي ڇا؟“

”چندر بابو، توهين ڇوڪري هجو ها تہ سمجهي سگهو ها.“ بنتي ويئي ۽ هڪ ٿالهيءَ ۾ ناشتو کڻي آئي. ”وٺو. ديدي مون کي چئي ويئي هئي تہ چندر جي کاڌي پيتي جو خيال رکجان. مگر ڪنهن کي خبر هئي تہ ديديءَ جي وڃڻ ئي، چندر بابو ڏاريو ٿڄجي ويندو.“

”نہ بنتي، تون اجايو غلط ٿي سمجهين. نجاڻان ڪهڙي سبب من ۾ هڪ عجيب اداسي اچي ويئي هئي. ڪجهہ کرڻ تي دل نٿي وري. اڄ طبعيت ڪجهہ سٺري تہ سيني کان اڳي تو وٽ آيس. هينئر گيتا کان پوءِ منهنجو پيو آهي ڪير توکانسواءِ!“ چندر بيحد اداس آواز ۾ چيو.

”ها ها. تنهن ڏينهن مون توهان کي هيڏا سڏ ڪيا، پر توهين گمر جو ٿيا تہ وري پتو ئي ڪو نہ پيو. مان تہ سمجهي ويس تہ چندر بابو هاڻي اڳيون ڪو نہ رهيو آهي.“ بنتيءَ چوندي چوندي روئي ڏنو.

چندر جو من بہ ڀرجي آيو هو. نڙيءَ ۾ سڏڪا اٽڪي بيٺا هئس، پر انسان جي زندگي ڪهڙي نہ عجيب آهي! هو روئي بہ نٿي سگهيو. پيشانيءَ تي غم جا گهنج بہ وجهي نٿي سگهيو ڇاڪاڻ جو سامهون جيڪو انسان ويٺو هو سو خودِ دکي هو ۽ گيتا جيڪا هن کي پنهنجي امانت طور پنيان ڇڏي ويئي، تنهن ڪري هن کي سنڀالڻ سندس پهريون فرض هو. بنتيءَ جي لڙڪن کي روڪڻ لاءِ هن کي پنهنجا لڙڪ روڪڻا ئي پيا. ناشتي جي ٿالهي بنتيءَ ڏانهن وڌائي چيائين، ”وٺ، تون بہ کاءُ“ بنتيءَ انڪار ڪيو تہ پنهنجي هٿ سان هن کي کارايائين. بنتي چپ چاپ کائيندي رهي ۽ رکي رکي ڳوڙها اگهندي رهي.

ايتري ۾ مهراجڻ آئي. بنتيءَ هن کي رنڌڻي جو ڪم سمجهايو. پوءِ چندر کي چيائين، ”هلو، مٿي هلون.“ چندر چوءُ طرف نهاريو. گهر ۾ اجا بہ ساڳيو سناٽو هو. اوچتو هن جي من ۾ هڪ عجيب ڳالهہ آئي. گيتا سان هو ڪنهن بہ وقت ڪٿي بہ وڃي سگهندو هو پر بنتيءَ سان گڏ اڪيلو مٿي ڪڏ تي وڃڻ ۾ هن جي من ۾ هڪ قسم جي هٻڪ، ڪٽڪو پيدا ٿي ويو. هو چپ چاپ ويٺو رهيو. بنتي ڪهڙي بہ سني هجي، ڪيتري بہ ويجهي هجي، مگر هوءَ گيتا ڪا نہ هئي، گيتا ٿڄي نٿي سگهي. ”نہ، هتي ئي نيڪ آهي!“ چندر جواب ڏنو.

بنتي اتي وجي گيتا جو خط کڻي آئي. چندر جي من جي عجيب حالت هئي. اٿين پٺي محسوس ڪيائين تہ اکين جا لڙڪ روڪي نہ سگهندس. هن جي من ۾ وري وري اهو خيال اٿڻ لڳو تہ ڇهہ ڏينهن اڳي گيتا هن جي هئي ۽ هن گهر جي جان هئي، زندگي هئي پر اڄ اٿين پيو لڳي ڄڻ گيتا هن گهر ۾ ڪڏهن هئي ڪا نہ.

اڱڻ ۾ انڌيرو ٿيڻ شروع ٿي ويو هو. هو اٿيو ۽ گيتا جي ڪمري جي سامهون پيل ڪوچ تي وڃي ويٺو. بنتيءَ بجلي روشن ڪئي. خط تمام مختصر هو.

ڊاڪٽر چندر بابو،

تو ڪڏهن اٿين بہ سوچيو هو تہ تون ايڏو دور هوندين ۽ مان توکي خط لکنديس. خير....

هينئر تہ گهر ۾ سک ۽ آرام جي بانسري وڄائيندو هوندين. مان ئي هيس جا هميشهہ توکي کاڻي جيان پيئي چڀندي هيس، تنهن کي تو هينئر ڪڍي ڦٽو ڪيو. هينئر ڪير بہ توکي پريشان نہ ڪندو هوندو، ڪير بہ تنهنجي پڙهڻ ۾ رنڊڪ نہ وجهندو هوندو. هينئر تہ تون هڪ مهيني ۾ ڏهہ ٻارنهن ٽيسز لکي پورا ڪندين.

وقت هو جو ڏينهن جا ڇوويهہ ڪلاڪ تون اکين سامهون رهندو هئين. پر اڄ تنهنجي باري ۾ سڪٽو لفظ ٻڌڻ کان بہ سڪٽو تو پوي. ڪيترا دفعا ويچار آيو تہ جيئن اتي تنهنجي باري ۾ بنتيءَ سان ويهي ڳالهيون ڪندي هيس، تيئن هتي بہ هن سان (تنهنجي دوست سان) تنهنجي باري ۾ ويهي ڳالهيون ڪريان. مگر هي تہ الاٽي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪري!

پيو سڀ نيڪ آهي. هتي مون کي خوب آزادي آهي. امان بہ ڏاڍي سٺي آهي. پردو اصل ڪرڻ نٿي ڏئي. پنهنجي پوڇا جا سمورا ٽانوَ ڀهرائين ڏينهن تي ئي مون کان صفا ڪرايائين.

ڏسجان، پاپا جو ڌيان رکجان. بنتيءَ کي جهڙي دنبي مان ڇڏي ويئي آهيان، اهڙي ئي دنبي رهي. مان مهيني بعد اتي اچي بنتيءَ جي ٻانهن توکان سنڀالي وٺنديس. اٿين نہ ڪجان جو منهنجي بدران بنتيءَ کي روئاري، تنگ ڪري ماري وجهين، جيئن تنهنجي عادت آهي.

چانهہ گهٽي نہ پيئجان... خط جو جواب ڏجان.

تنهنجي گيتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر اها چٺي هڪ دفعو پڙهي. ٻيو دفعو پڙهي ۽ پوءِ وري وري پڙهندو رهيو. هلڪي سائي رنگ جي ڪاغذ تي ننڍڙا ننڍڙا ڪارا اکر الائي ڪيئن پيئي لڳا. انهن ننڍن ننڍن لفظن ڄڻ ڪجهه چيو پئي. انهن ۾ ڄڻ ڪو ڳُپت لرٽ پريل هو جو لفظن کان گهڻو وڌيڪ گنڀير ۽ گهرو هو. ايام اڳي وياڪرڻ ۾ انهن لفظن جي جيڪا معنيٰ مقرر ڪئي ويئي هئي، گيتا جي قلم اڄ انهن لفظن ۾ ڄڻ پنهنجو نرالو مفهوم ڀري ڇڏيو هو. چندر بيسڌ ٿيڄي، وڏي چاهه سان ان خط کي وري وري پڙهندو رهيو ۽ اهي ننڍا ننڍا لفظ هن جي دل ۾ ڪيڏي مهل کهڙي ويا. ڪيڏي مهل هن جي حلق گيان ۽ هن جي سنجم جي لوهي پردي کي چيري اندر داخل ٿي هن جي دل جي تڙڪڻ کي مروٽڻ شروع ڪري ڇڏيائون. اهو خود چندر کي ٻہ اوستائين معلوم نہ ٿيو جيستائين چندر جي اکين مان هڪ گرم گرم لڙڪ خط تي نہ ڦڙي ڪريو. مگر بنتيءَ کان هن اهو لڙڪ لڪائي ڇڏيو ۽ خط ويڙهي بنتيءَ کي واپس ڪيائين. بنتيءَ خط وٺي رکيو ۽ پوءِ چيائين "آئون هلي ماني کائو." چندر انڪار ڪري نہ سگهيو.

مهراڄڻ ٿالهيءَ ۾ وجهي کڻي آئي ۽ چيائين "بابو جي، هيٺ هيٺ فرش ڏونگھو آهي، توهين مٿي وجي کائو."

چندر کي زوريءَ مٿي وٺي ٿي ويو. بنتيءَ کٽ وڇائي اسٽول آڻي ان جي اڳيان رکيو. پاڻي گلاس ڀري رکيائين ۽ پوءِ هيٺان ٿالهي کڻي ويئي. چندر جو من بيحد ڳورو ٿيڄي ويو هو. هيءَ اها ئي جڳهه هئي، اها ئي کٽ هئي، جنهن تي گيتا جي شاديءَ واري رات چندر سمهيو هو. هتي ئي سندس پيرانديءَ کان گيتا اچي ويٺي هئي، پنهنجي سهاڳ رات جي ويس ۾. هتي ئي گيتا جا لڙڪ ڪريا هئا.

بنتي پاڃيءَ جي ٿالهي کڻي آئي ۽ هيٺ ويهي پنکو جهولڻ لڳي.

چندر ڀريل آواز ۾ چيو، "بنتي، کائڻ لاءِ اصل ذرو بہ ارواهہ نٿو ٿئي."

"پر کائڻ پيئڻ ڪانسواءِ ڪم ڪيئن هلندو. تنهن ڪانسواءِ توهين آئين ڪندا تہ منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي! ديديءَ ڪانسواءِ هينئر مون لاءِ ٻيو ڪهڙو آڌار آهي! توهين کائو." ۽ بنتي پنهنجي هٿ سان گرهہ ٺاهي چندر کي کارايو. چندر کائڻ لڳو. خاموش ٿي خاموش نہ ڄاڻ هو ڇا سوچيندو رهيو. بنتي چپ چاپ پنکو جهوليندي رهي.

بنتيءَ نيٺ پڇيو، "توهين ڇا پيا سوچيو؟"

"ڪجهہ نہ." چندر اداس نوع ۾ جواب ڏنو.

"ٻڌايو نہ؟" بنتيءَ ڏاڍي ڳونڌر ڀرئي آواز ۾ پڇيو. چندر هڪ ڦڪي مرڪ مشڪندي چيو، "بنتي! هاڻي تون منهنجي ايڏي ڳڻتي نہ ڪندي ڪر. تون نٿي سمجهين تہ پوءِ ڪيڏي نہ تڪليف ٿي ٿئي. گيتا ڇا ڪري ويئي آهي، سو خود هوءَ بہ ڪا نہ سمجهندي هوندي!"

"سمجهجي ڇو نہ ٿو؟" بنتيءَ هڪ اونهو ساهہ کڻي چيو، "ديدي بہ سمجهي ٿي، مان بہ سمجهان ٿي، سڀ سمجهون ٿا، مگر من الائي ڪيئن اهڙو پاڳل ٿيڄي ٿو وڃي جو سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ دوکو ٿو کائي. اڙي! ڏڏ تہ توهان اصل کاڌو ئي ڪونهي." ۽ وڌيڪ پوريون آڻڻ لاءِ هوءَ اٿي هلي ويئي.

●

ائين ڏينهن ڪٽجندا ويا. انسان جڏهن پنهنجي ئي هٿن سان لڙڪ خريد ڪندو آهي، ڏسي وائسي، درد جو سودو ڪندو آهي تہ اهو درد، اهي لڙڪ آزاريندڙ نہ لڳندا آهن. خاص ڪري اهو شخص وري اهڙو هجي، جو پنهنجي انهيءَ درد جي سهاري پاڻ کي ديوتا بنائڻ لاءِ تيار ٿئي ۽ توهان جي هڪ هڪ لڙڪ خاطر پاڻ سؤ سؤ لڙڪ ڳاڙي لڙڪن جا وهڪرا وهائي ڇڏي تہ ان حالت ۾ اهو روح راڙو، اها پيڙا بہ راحت ڀري لڳندي آهي.

چندر جا ڏينهن ڪيئن ٿي ڪٽيا سو صرف هن ئي ڄاتو پر اڪبر جي محل ۾ ديپ جلندو ڏسي، جي ڪو شص گنگا نديءَ جي ڳچيءَ جيڏي پاڻيءَ ۾ سياري جي سڄي رات ڪاٽي سگهي ٿو تہ چندر لاءِ گيتا جي پيارن مٺڙن خطن جي سهاري پنهنجا ڏينهن ڪاٽڻ تي اسان کي هرو ڀرو تعجب ڪائڻ نہ گهرجي. پنهنجي گيان ۽ عقل ۾ بزرگ، خيالن ۽ ويچارن ۾ وڏو هوندي بہ چندر سياءِ ۾ ڄڻ ٻار هو، جنهن کان زندگي ڪجهہ بہ ڪرائي سگهي ٿي، بشرطيڪ زندگيءَ کي اهو معلوم هجي تہ هن معصوم دل ٻالڪ کي ڪڏائجي ڪيئن، هن جي دل ڪيئن خوش ڪجي. ڪنهن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هرو ڀرو مسڪراهٽ جي ضروت نہ آهي، شايد لڙڪن سان ئي من جلدي بهلجي ويندو آهي. بنتيءَ جي لڙڪن ۾ چندر کي گيتا جي صورت نظر ٿي آئي ۽ هن جي دل بهلجي ٿي ويئي. هو روز شام جو ايندو هو. بنتيءَ سان گيتا جون ڳالهيون ڪندو هو..... الائي ڪيترين ڳالهيون ڪندو هو ۽ ائين بنتيءَ کي ذريعو بنائي هو پاڻ کي گيتا جي خيال ۾ غرق ڪري هليو ويندو هو. گيتا کانسواءِ هن جو هڪ ڏينهن تہ ڇا، هڪ گهڙي بہ ڪٽجڻ مشڪل هئي. انهيءَ ڪري هينئر بنتي بہ هن جي هڪ وڏي ضرورت ٿيڄي ويئي. هو جيستائين بنتيءَ سان گيتا جون ڳالهيون نہ ڪندو هو، تيستائين هن کي ڄڻ آرام، سڪون نہ ملندو هو، اوستائين ڪنهن بہ ڪم ۾ هن جو من نہ لڳندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين گيتا سندس سامهون هئي تيسين چندر کي ڪڏهن بہ اهو پتو ڪو نہ پيو تہ سندس زندگيءَ ۾ گيتا جي ڪهڙي اهميت آهي پر اڄ جڏهن هوءَ سندس نگاهن کان هٽي دور هلي ويئي، تڏهن هن ڏٺو تہ هن دنيا ۾ جيئڻ لاءِ گيتا تہ سندس ساهن کان بہ وڌيڪ ضروري آهي. هن محسوس ڪيو تہ گيتا کانسواءِ مان هڪ پل بہ جيئي نٿو سگهان. گيتا جي غير حاضريءَ ۾ هو کيس بنتيءَ ذريعي ڳوليندو هو ۽ جيئن سورج جي الهڻ تي چنڊ سج جي روشني اڌاري وٺي رات کي روشن ڪندو آهي، ساڳيءَ طرح بنتي، گيتا جي يادگيرين سان چندر جي زندگيءَ ۾ روشني ڦهلائڻ لڳي. چندر بنتيءَ کي پنهنجي ساهن جي اوٽ ۾ ائين ويهاري ويٺو ڄڻ بنتي گيتا جو عڪس هئي، گيتا جو پيار هئي.

بنتي چندر جي مک تي اداسيءَ جو هلڪو گهنج ڏسي بہ پريشان ٿي ويندي هئي، مگر هوءَ چندر کي کلائي نہ سگهي، چندر جي اڳين خوش مزاجي هوءَ موٽائي نہ سگهي. سپ جو ڪکيل انسان بيهوشيءَ جي عالم ۾ جيئن وچ وچ ۾ ٿوري وقت لاءِ هوش ۾ ايندو آهي، ساڳيءَ طرح چندر جي نيڻن ۾ ڦهليل زهر بہ رکي رکي هن کي ڏونڪارڻ شروع ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ چندر بہ ٻہ ٽي ڏينهن ڪجهہ کو نہ ڪندو هو. بنتيءَ وٽ بہ کو نہ ويندو هو. بنتيءَ جي لڙڪن ۽ آهن جي بہ پرواهہ کو نہ ڪندو هو. ڪاڏو بہ ڪو نہ کائيندو هو ۽ پاڻ کي پي بہ جيتري تڪليف ڏيئي سگهندو هو، ڏيندو هو. گيتا جو خط ايندو هو تہ ان کي چپن تي رکي چمندو هو ۽ پوءِ بلڪل نيڪ ٿي ويندو هو. بنتيءَ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر چندر جي انهن پورن انهيءَ اداسيءَ کي هوءَ ڪنهن بہ ريت مٽائي نہ سگهي. چنڊ پلي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري پر رات کي ڏينهن بنائي نٿو سگهي.

مگر انسان غم ۽ ڏک ۾ بہ کلندو آهي. جيئن کلندي کلندي انسان جي خوشي ٽڪجي پوندي آهي تيئن ڪڏهن روئندي روئندي انسان جي اداسي بہ ٽڪجي پوندي آهي. ان وقت انسان پاسو بدلائيندو آهي، جيئن مسڪراهٽن جي ڇانو ۾ ساهي پٽي آرام ڪري، وري آنسن ۽ لڙڪن جي اس ۽ تپش واري واٽ تي اڳتي هلي سگهي.

ائين ٿي هڪ صبح جو چندر جي دل ۾ ويچار آيو تہ اڄ ٿوري دير لاءِ کلي، خوشي ڪري وٺان. ڳالهہ هيئن هئي جو هن کي شيلي جي هڪ ڪوتا بيحد پسند هئي، جنهن ۾ شيليءَ پارتي چندن کي مخاطب ڪيو آهي. هن شيلي جي گيتن جو اهو ڪتاب کنيو ۽ جيئن ئي ان کي کوليائين تہ انبڙيءَ جي آچار جا نشان اچي سامهون بيٺس، جيکي گيتا هڪ دفعي شرارت وچان ان تي ڪيا هئا. بس شيلي ۽ هن جو شعر تہ کيس وسري ويو، کيس ياد اچي ويئي. سنڌيل انبڙيءَ جي اها ڦاڪ ۽ گيتا جون شوخ نگاهون. بس پوءِ تہ هڪ پنيان پي، گيتا جي انيڪ شرارتن، چندر جي خيالن ۾ اٿل پٿل مچائي ڏني، هن جي رڳ رڳ ۾ ڪتڪتائي لائي ڏني ۽ چندر ان ڏينهن کلڻ لاءِ وياڪل ٿي اٿيو. هن کي ائين لڳو تہ گيتا کان هيءَ ويڇو، هيءَ جدائي سپ ڪوڙ آهن. حقيقت فقط اهي خوشيءَ پريا ڏينهن آهن جن جو پل پل گيتا جي شرارتن ۽ ٽهڪن سان گونجندو هو، جي گيتا جي لاڏ پيار سان پريل هئا. پيو ڪجهہ بہ ٿئي پر گيتا سندس جيون جي اها حقيقت هئي، جا ڪڏهن بہ مٽجي نٿي سگهي. پاڻ جيڪڏهن ملول ٿو ٿئجي، دکي ٿو ٿئي تہ اهو سراسر غلط آهي. ائين تہ پاڻ پنهنجي آدرش کي ڪوڙو بنائي رهيو آهي، ڌاهي رهيو آهي، پنهنجن ئي سپنن جي بيعزتي ڪري رهيو آهي. ان ڏينهن گيتا جو هڪ خط بہ آيو، جنهن ۾ گيتا سٿو نہ، پر اشاري ۾ ائين لکيو هو تہ پاڻ بہ اتي پنهنجا ڏينهن چندر جي يادگيريءَ جي سهاري ڪاٽيندي ٿي رهي. هن هڪدم اتي گيتا کي جواب لکيو جنهن ۾ ساڳيون اهي ئي اڳيون شرارتون ۽ هن کي تنگ ڪرڻ جون ڳالهيون هيون جي هو هميشهہ گيتا سان ڪندو هو، پر جيڪي گذريل ٽن مهينن ۾ هن کان وسري ويون هيون.

انهيءَ بعد هو بنتيءَ ڏانهن ويو.

بنتيءَ پنهنجي ساڙهيءَ تي مڙهيل پٽي پئي لڳائي. "وٺ پڳلي پنهنجي ديديءَ جو خط! کٽي اڄ مٺائي!"

"مٺائي تہ توهين کارايو نہ! اڄ مس مس منهن تي مرڪ آندي اٿو." بنتيءَ ورائيو.

"ڪنهن جي؟ منهنجي منهن تي مرڪ آئي آهي! هتي تہ گيتا جو نالو ٻڌي من جلڻ لڳندو آهي!"

"ٻڌو ٻڌو، مون کي توهان جي سپ خبر آهي، صرف مان توهان کي بنائي نٿي سگهان. اڄ توهين تمام خوش آهيو."

چندر هينئر ايو ساهہ کٽي چيو. "ها بنتي، اداسي بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽڪجي پوندي آهي." ۽ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو.

"وري ڇا ٿيو؟" بنتيءَ چندر جي ٻانهن ۾ سٽي ڇپائي چيو. "منهنجي منهن ڏسندي ئي توهان جي منهن تي هيءُ محرم ڇو ٿو ڇانئجي وڃي!"

"نہ محترم بنتي! تنهنجي صورت پسي تہ آڪاس ۾ چنڊ بہ لڄي ٿي ويندو آهي." چندر هينئر کلي چيو.

بنتي شرمائجي ويئي ۽ هن جي ڳلن تي گلابن جي لالاڻي وري آئي. هن وري چندر جي ڪنڌ ۾ سٽي ڇپائي چيو. "اڄ توهان کي هڪ تمام مزي واري ڳالهہ ٻڌائڻي آهي، مون کي!"

"ڪهڙي؟"

"پر کلجو نہ، ڇيڙائجو نہ." بنتيءَ چيو.

"تہ ضرور تنهنجي شاديءَ جي ڳالهہ هوندي."

"نہ شاديءَ جي ڪانهي، پريم جي ڳالهہ آهي." بنتيءَ پهرين کليو پر پوءِ ٿورو سهمجي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڙي تو ڪوتائيءَ کي وري اهو مرض ڪٿان لڳو؟" چندر دلي سوال ڪيو. "پنهنجي ماءُ جي سڪل دني اليمي نه. گهڻا ڪري ڪوهه ۾ ڪٽي اڇلائيندي."

"مان ڇا ڪريان. ڪير زوريءَ مٿان پيار ڪٽي مڙهيندو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو وس." بنتيءَ پڪي يقين جي انداز ۾ چيو.

هيءَ ڇوڪري ڏاڍي ڪلئي سياءَ جي هئي.

"نيٺ به آهي ڪير اهو اياڻو. نالو ته ٻڌون." چندر پڇيو.

"منهنجو مهاشاعر ماستر صاحب." بنتيءَ کلي وراڻيو.

"اڇا. ڪڏهن کان؟ تو اڳي ته ڪڏهن ڪو نه ٻڌايو."

"مون کي به هاڻي ئي معلوم ٿيو آهي. پهرين ويچار ڪيم ته ديديءَ کي لکان پر پوءِ خيال آيم ته ڇني الائي ڪنهن جي هٿن ۾ پوي. تڏهن توهان سان ڳالهه ڪيم."

"نيٺ ٿيو ڇا آهي؟" چندر هن کي وڌيڪ ڪوڙيو.

"اڳي جڏهن مان ۽ ديدي گڏ پڙهندا هئاسين تڏهن ته ماستر صاحب ڪجهه ڪو نه چوندو هو. پر جڏهن کان مون اڪيلو پڙهڻ شروع ڪيو. تڏهن کان هو گيتن جي مطلب سمجهائڻ جي بهاني مون کي دنيا پر جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. هڪ دفعي سڪند گيت جو پاٺ پڙهائيندي پڙهائيندي اڇي تڏن ساهن ۾ بيو ۽ چوڻ لڳو: ڪاش تون ديوسينا هجين ها! مون کي سخت ڪاوڙ اچي ويئي. خيال ڪيم ته منهن تي وڃايانس ته مان ديوسينا ته ٻڌجي سگهان ٿي. پر تون پنهنجو شاعريءَ جو هي ڏندو ڇڏي سڪند گيت ڪيئن ٻڌجي سگهندين! مگر مون هن کي ڇيو ڪجهه ڪو نه. ديديءَ کي سڀ ڳالهه ٻڌايم. پر هوءَ ته هئي بيپرواهه. هن ڪجهه ڪو نه چيو. هونئن ماستر صاحب تمام سنو آهي. پڙهائيندو به سنو آهي مگر اهو جنون هن جي مٿي تي نه ڄاڻ ڪٿان اچي سوار ٿيو." بنتي اهي سڀ ڳالهيون تمام سپاويڪ نموني چئي ويئي.

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

"ڪالهه آيو ته هن جي هٿ ۾ هڪ ٿلهي ڪاپي هئي. اها مون کي ڏيئي ويو. کولي ڏسان ته اهو سندس گيتن جو مجموعو هو ۽ ان تي نالو رکيو هئائين "بنتي" بس هينئر اچڻ ۾ هوندو. سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته ڇا ڪريان. اڳي ته سڀ ديديءَ مٿان ڇڏي ڏيندي هيس. هوءَ الائي ڪڏهن واپس موٽندي."

"چڱو. اهو گيتن جو مجموعو مون کي ڏي." چندر چيو. "تون بسريا کي ڇئجان ته اهو چندر ڏسي ورتو ۽ ڪٽي ويو. پوءِ سڀاڻي صبح جو مزو ڏيکاريندوسانءِ. مگر ها. پهرين اهو ٻڌاءِ. تنهنجي دل ته هن ڏانهن ڪا نه جهڪي آهي نه؟ متان پوءِ وري مون کي پٽين." چندر بنتيءَ کي ڇيڙيندي چيو.

"هون هون. شاعرن سان دل لڳائي مصيبت ڪير پالي!" بنتيءَ بنا سمجهڻ جي پنهنجي سپاويڪ نموني چيو.

●

ٻئي ڏينهن صبح جو چندر پهتو ته بسريا بنتيءَ کي پڙهايو پئي. بسريا جي منهن تي ڪجهه مايوسي، ڪجهه پريشاني، ڪجهه ڳڻتي هئي. هن کي بنتيءَ ٻڌايو هو ته سندس گيتن جو مجموعو چندر وٽ پهچي ويو آهي. چندر کي ڏسندي ئي هن چيو. "اڙي چندر. ڪهڙو حال آهي؟" ۽ پوءِ پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ چيائين. "ڀائي منهنجو شاعري جو ڳڻتڪو ڪيئن لڳئي؟"

"ها ڏنو اٿم. توهين هن کي ذرا پڙهائي ختم ڪريو. پوءِ توهان سان کي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون اٿم." چندر اهو سڀ ڪجهه اهڙي ڪنور انڊر ۾ چيو جو بسريا جي دل ٻڏي ويئي. هن ڏڪندڙ آواز ۾ ڏاڍي تڪليف سان پاڻ کي سنڀاليندي چيو. "ڪهڙيون ڳالهيون؟ چندر تون شايد ڪجهه غلط سمجهي رهيو آهين!"

چندر ننڍليءَ پريو ٺهڪ ڏيئي اتان هليو ويو. ڊاڪٽر صاحب پوڄا ڪري اٿيو هو. ٻئي ڳالهيون ڪندا رهيا. انهن مان چندر کي معلوم ٿيو ته گهڻو ڪري اينڊز مهيني سندس مقرريءَ جو آرڊر اچي ويندو ۽ ٽن ڏينهن بعد گيتا کي وٺي اچڻ لاءِ ڊاڪٽر پاڻ شاهجهانپور ويندو. هن پڪيءَ کي لکي موڪليو هو ته پاڻ اچي ته سٺو. نه ته چندر کي ئي هتي اچي رهڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو هوءَ بنتي اڪيلي ٿي پوندي. چندر جي ڳالهه الڳ آهي. باقي ڊاڪٽر صاحب بنتيءَ کي ٻئي ڪنهن جي پروسي ڇڏڻ لاءِ اصل تيار نه هو.

بي پروسائي انسان جي سڀاءَ ۽ هلت چلت کي جيترو ئي بگاڙي ٿي. پروسو اوترو ئي ان سڀاءَ ۽ هلت چلت کي ناهي ٿو. چندر تي ڊاڪٽر جيڪو پروسو ڪندو هو. گيتا چندر ۾ جيڪو پروسو رکيو هو ۽ اڄ ڪلهه بنتيءَ به چندر تي جيڪو اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو هو. انهيءَ ڪارڻ چندر جي ڪردار ۾ ايڏو ته يقين ۽ پختائي اچي ويئي هئي جو هو صفا فولاد ٻڌجي ويو هو. اهڙن موقعن تي انسان کي جڏهن گنڀير جوابداريون سونپيون وينديون آهن تڏهن عام انسان جو ڪردار وڌيڪ کلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو آهي ۽ مٿي چڙهڻ شروع ڪندو آهي. انهن حالتن هيٺ چندر جي ڪردار ۾ پڻ بلنديءَ آئي هئي. ايتري قدر جو پڇي جنهن جو پنهنجي پيٽ ڄائيءَ ۾ بہ يقين نہ هو. سا چندر کي ديوتا مڃڻ لڳي هئي. بنتيءَ تي پيا پلي ڪهڙا بہ بند هجن. مگر چندر جي هٿن ۾ هن جي پاڻهن سونپڻ بعد پڇي بہ بيفڪر بڻجي ويندي هئي.

ڊاڪٽر صاحب ۽ چندر پاڻ ۾ ڳالهيون وڃي ڪيون جو بنتيءَ اچي چيو. "هلو. ماسٽر صاحب توهان جي انتظار ۾ ويٺو آهي." چندر اٿي کڙو ٿيو. رستي ۾ بنتيءَ چيو "هو مون تي ڏاڍو ناراض ٿي ويو آهي. چوي ٿو تہ مان توکي اهڙو ڪو نہ سمجهيو هو." چندر جواب ڪو نہ ڏنو. بسريا وٽ پهچي هن جي سامهون ٿي ويٺو. "بنتي تون پلي وڃ." بنتي ويئي تہ چندر نهايت گنڀير بڻجي چيو. "بسريا صاحب. توهان جو شاعريءَ جو ڪتابڪو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. پر هن "بنتي" نالي جو مطلب ڇا آهي؟"

بسريا ڳچيءَ جي تاءِ نيڪ ڪئي. هو اونهاري ۾ بہ تاءِ پائيندو هو ۽ ڏينهن جو نائيٽ ڪئپ پائيندو هو. ٽائي نيڪ ڪري ٿورو کنگهي هن چيو. "مون بہ ائين سمجهيو تہ توهان کي ڪجهہ غلط فهمي ٿي هوندي مگر حقيقت اها آهي تہ مون ڪجهہ وقت اڳي جيڪو گيت لکيو هئو سو اڃ بہ مون کي ڏاڍو پسند آهي. خاص ڪري ان ۾ بنتي يعني پرارٿنا لفظ ڏاڍو سٺو ٿو لڳي. هي مجموعو تہ مون گهڻو وقت اڳي تيار ڪيو هو. تازو مان جڏهن ڪماري بنتيءَ سان مليس تہ ڏاڍو تعجب لڳم. مون هن کي چيو تہ مون پنهنجي "شاعريءَ جي مجموعي" جو نالو بہ "بنتي" رکيو آهي ۽ اٿي هن کي ڏيکاريم."

چندر مشڪيو ۽ دل ۾ چيائين..... بسريا آهي بيشڪ چالاڪ. پر مون کان پڇي ڪيڏانهن ويندو. هن وڌيڪ گنڀير بڻجي چيو. "تہ تنهنجو هي مجموعو هن بنتيءَ جي نالي پٺيان ڪونهي."

"اصل نہ."

"بنتيءَ لاءِ توهان جي دل ۾ ڪا بہ ڪشش نہ آهي؟

"جي جي... توهين مون کي ڇا ٿا سمجهو؟" بسريا چيو.

"سچ مان بہ ڪهڙو ماڻهو آهيان! بسريا مون کي معاف ڪج. مون تو ۾ اجايو شڪ آندو." بسريا اهڙي اميد ڪا نہ رکي هئي تہ سنڌس هيءَ رمز اهڙي ڪامياب ٿيندي. هو خوشيءَ ۾ پرجي ويو. اوچتو چندر هڪ اونهو ساهہ کنيو.

"چو چندر بابو. ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" بسريا سوال ڪيو.

"ڪجهہ ڪونهي بسريا. اڄ تائين مون کي تنهنجي احساسن. تنهنجي ذات ۽ تنهنجي شاعريءَ تي ڀروسو هو. پر اڄ اهو ٽٽي پيو.

"چو؟"

"چو ڇا جي؟ بنتيءَ جهڙي ڇوڪريءَ جي صحبت ۾ رهندي بہ تون هن جي اندرين سونهن سان پنهنجي ذات کي اوجر ڏيئي نہ سگهئين تہ مون کي ڀروسو ٿي ٽٽو ڇمي تہ تنهنجي سيني ۾ هڪ شاعر جي. ذات ذٽيءَ جي دل آهي. توکي اها خبر آهي تہ مان ڪنهن ويچارن جو تنگدل ٻيو ڪو نہ آهيان. مان بہ تو وانگر جوان آهيان ۽ جوان احساسن کي سمجهي سگهان ٿو. مان سونهن کي پوڄڻ يا پيار ڪرڻ پاپ نٿو سمجهان. مون کي تہ اهو ڄاڻي اٿلو خوشي ٿئي ها تہ تو هي شعر بنتيءَ تي لکيا آهن. هن منجهان اتساهہ ملڻ تي ٿي لکيا اٿيئي. ائين اصل نہ سمجهجانءِ تہ مون کي انهيءَ ۾ ڪجهہ بہ خراب لڳي ها. اها تہ ذات جي جان آهي. مغرب ۾ تہ ماڻهو سالن جا سال انهيءَ ڪوجنا ڪندي وڃائيندا آهن تہ ڪنهن شعر کي ڪهڙي ڇوڪريءَ مان امنگ ۽ اتساهہ مليو. هنن جي شاعريءَ کان وڌيڪ مان ان شاعريءَ پٺيان لڪل شخصيت کي ملندو آهي. هندستان ۾ اسين الائي عورت کي ائين اجايو ڇو ٿا سمجهون. ڪنهن جي نالي وٺڻ کان پيا ڊڄون. اسان ۾ شايد اپڻي اخلاقي همت ۽ بردباري نہ آهي. تنهنجو سياءِ يا تنهنجي شاعري مون کي ڪنهن بہ ولايتي شاعر کان گهٽ نظر نٿي اچي. مون سمجهيو هو تہ تون جڏهن اهو ظاهر ڪندين تہ توکي انهن شعرن لاءِ اتساهہ ڪٿان مليو تہ بنتيءَ ۽ اسانجي سڄي ڪٽنب جو دنيا ۾ نالو مشهور ٿي ويندو مگر خير..... مون غلط سمجهيو تہ بنتي تنهنجي امنگن جو مرڪز آهي. تنهنجي اتساهہ جو چشمو آهي." چندر چپ چاپ شعرن واري نوٽبڪ جا ورق اٿلائڻ لڳو.

بسريا جي من ۾ سخت اٿل پٿل مچي ويئي. هن کي اها خبر ڪا نہ هئي تہ چندر جو من ايڏو ڪشادو. ايڏو آزاد آهي. هتي تہ ڪجهہ لڪائڻ جي ضرورت ئي ڪا نہ هئي. جڏهن چندر خود کليءَ دل سان ٿو ڳالهائي تہ بسريا لڪ لڪاءُ ڇو ڪري.

"چندر مان توهان کان ڪجهہ لڪائڻ نٿو چاهيان. مان توکي اهو پوريءَ طرح ٻڌائي نٿو سگهان تہ بنتي مون لاءِ ڇا آهي. شيڪسپيئر جي مرنڊبا. پرساد جي ديوسينا. ڊانتي جي بيٽرس. ڪيٽس جي فئني ۽ سورداس جي رادا ۾ پريل مترتا مون کي جيڪڏهن ڪٿان ملي آهي تہ بنتيءَ منجهان. مان ايترو تہ بنتيءَ ۾ غرق ٿي ويس جو مان هڪ بہ نئون گيت لکي نہ سگهيس. منهنجو هي مجموعو ڇپجڻ ٿي ويو جو مون سوچيو تہ هن تي ئي "بنتي" نالو ڇو نہ رکان.

چندر ڏاڍي مشڪلات سان پنهنجي کل روڪي پر دروازي پٺيان لڪي بيٺل بنتيءَ کان ٽهڪ نڪري ويو. چندر چيو. "بنتي نالو تہ تو ڏاڍو سٺو ڳوليو آهي. مگر ان ۾ فقط هڪ ڳالهہ آهي. سيئي ماڻهو منهنجي خيالن جا نہ آهن. گهر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين ڳاتين ڪي، مثال طور ڊاڪٽر صاحب کي اها خبر پئجي ويئي ته نه ڄاڻ ڇا ڪري وهندو. هنن ماڻهن کي شاعري ۽ شاعريءَ جي امنگن جي ڪهڙي پرواهه! ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪير تنهنجي بيعزتي ڪري ويهي ته. نه مان نه ٻنتي ڪجهه ڇئي يا ڪري سگهنداسين ۽ تو جهڙو مها شاعر. يعني منهنجو مطلب آهي ته تون ان مهانتا جي منزل ڏانهن وک وڌائي رهيو آهين تنهن کي ڊاڪٽر پوليس حوالي ڪري. اهو سهڻو نٿو لڳي. منهنجي ته سچ پچ دل آهي ته تون پنهنجي هن مجموعي تي "ٻنتي" نالو رک. ڏاڍو سٺو ۽ نئون نالو آهي مگر اهو ڄاڻي ڇڏ ته ڊاڪٽر صاحب انهن ڳالهين ۾ ڏاڍو سخت ماڻهو آهي."

بسريا منجهي پيو ته ڇا ڪري. ٿورو وقت مٿو کنهندو رهيو. پوءِ چيائين، "چندر بابو، تنهنجي راءِ ڇا آهي! مان پيو ڪو نالو رکان ته ڪيئن لڳندو."

"ڏاڍو سٺو لڳندو ۽ ڳالهه به لڪي رهندي. تون جي هينئر بدنام ٿي پوين ته اڳتي هلي تنهنجي اڄ وچ جون سڀ راهون بند ٿي وينديون. انسان پيار پلي ڪري، پر سوچي سمجهي ڪري، مان ته پائي ان ويچار جو آهيان."

"دل جي احساس کي هن دنيا ۾ ڪير به نٿو سمجهي، اصل ڪير نٿو سمجهي. اسان ڏات ڏٺين لاءِ ڪيڏي نه مصيبت آهي." سرد آهه ڀريندي بسريا چيو "خير. چندر بابو، تنهنجي ڇا راءِ آهي، هن جو نالو ڪهڙو رکان؟"

چندر ڪنڌ جهڪائي گنڀير بڻجي ڪجهه سوچيندو رهيو. پوءِ چيائين، "تنهنجي شعرن ۾ ڏاڍو رس، ڏاڍو ميٺاج آهي. هن مجموعي جو نالو "ڳنديري" رکون ته ڪيئن لڳندو!"

"ڇا!" بسريا جو وات ڦاٽي ويو.

"ها... ها ڳنديري. کمند جي ڳنديري!" دروازي پٺيان لڪي بيٺل ٻنتي هاڻي پاڻ روڪي نه سگهي ۽ ٽهڪ ڏيندي ٻاهر نڪري آئي. چندر به کل ۾ اچي ڇڙڪيو.

بسريا اکيون ڦاڙي ٻنهي ڏانهن نهاريندو رهيو. جيئن ئي هن کي هن ٽهڪڙي جو مقصد معلوم ٿيو، تيئن هو ڳاڙهو ٿي ويو. ٽوبلو ڪٽي، اٿندي چيائين، "سو توهين منهنجو مذاق اڏائي رهيا هئا! پرواهه نه آهي، مان ڏسي وٺندس. مسٽر چندر، توهين پاڻ کي ڇا ٿا سمجهو؟" ۽ هو هليو ويو.

"اڙي ٻڌ، بسريا" چندر هن کي پٺيان سڏ ڪندي چيو. هڻ جي کل اڃا بند ڪا نه ٿي هئي. بسريا ڪنڌ ڌوڻي چيو، "سياڻ ڪان مان پڙهائڻ نه ايندس. مان توهان جي شڪل به ڏسڻ نٿو چاهيان." پويان لفظ هن ٻنتيءَ ڏانهن نهاريندي چيا.

"ته توهين منهن ٻئي پاسي ڪري هن کي پڙهائجو." چندر چيو. ٻنتيءَ کي وري کل اچي ويئي. بسريا اکين مان ٽانڊا وسائيندو هليو ويو.

"ويچارو شاعر! اڄ ڪلهه جي دنيا ۾ ويچارو ڪلاڪار پيار به نٿو ڪري سگهي." چندر چيو ۽ ٻنهي جي ٽهڪن جو آواز ڪيتري دير تائين فضا ۾ گونجندو رهيو.

●

آگسٽ مهيني جي هڪ اداس شام هئي. رم جهم رم جهم برسات پئي وسي ۽ ڊاڪٽر شڪلا جي اڪيلي سنسان بنگلي جي ورانڊي ۾ ڪرسي وڇائي، ٻاهر سبز ٻاريءَ جي ڪُنن ۾ پر ڏوٽنڌڙ، شور مچائيندڙ جهرڪين جهرڪن ڏانهن بنا اک ڇنڀڻ جي نهاريندي، چندر نه ڄاڻ ڪهڙن ويچارن ۾ غلطان ويٺو هو. ڊاڪٽر صاحب گيتا کي آڻڻ لاءِ شاهجهانپور ويل هو. ٻنتي به ضد ڪري هن سان گڏ ويئي هئي. اتان هو سيئي دهليءَ گهمڻ هليا ويا هئا. اڄ پندرهن ڏينهن ٿي ويا هئا ته هنن وٽان ڪو به سڌ سماءُ ڪو نه آيو هو. ڊاڪٽر صاحب فقط پنهنجي آفيس ڏانهن هڪ مختصر درخواست ڏياري مڪي هئي.

چندر کي ڊاڪٽر صاحب جي ٻاهر وڃڻ کان اڳي ئي ڪاليج ۾ نوڪري ملي ويئي هئي ۽ هن ڪلاس وٺڻ به شروع ڪري ڇڏيا هئا. هينئر هو هن بنگلي ۾ اچي رهيو هو. صبح جو وقت ليڪچر تيار ڪرڻ ۽ ٽپ ڪيڻ ۾ گذري ويندو هوس، منجهند جو وقت ڪاليج ۾ ڪٽجي ويندو هوس، مگر هن جون سانجهيون ڏاڍيون ملول بڻجي وينديون هيون. مٿان وري پندرهن ڏينهن کان گيتا جو ڪو به خط ڪو نه آيو هو. هو اداس ويٺو ڪجهه سوچي رهيو هو.

مگر اها صرف اداسي هئي، ڏک يا غم ڪو نه هو ۽ اها اداسي به هڪ ديوتا جي اداسي، جا گونڌر ڀري نه، پر مٺڙي ۽ رسيلي ٿيندي آهي. هڪ ڳالهه ضرور هئي. هو جڏهن به اداس ٿيو هو، تڏهن هن کي هميشه اهو ئي خيال ايندو هو ته سندس جيون ۾ جيڪي ٿي گذريو آهي، ان تي ڪيس فخر ڪرڻ گهرجي. هو ڇڻ پنهنجي ان موڳائيءَ کي فخر جي احساس سان مٽائڻ چاهيندو هو. مگر اڄ ان سان گڏوگڏ هر هر هن جي من ۾ پيو به هڪ خيال پئي اٿيو..... گيتا خط ڇو نه لکيو آهي؟

برسات صفا بند ٿي ويئي هئي. اولهه ۾ هڪ ٻن هنڌان بادل هٽي ويا هئا. پڪل ڄمونءَ رنگ واري هڪ بادل پٺيان ٻڏندڙ سج جي اداس ڪرڻن ليٽا پئي پاتا. اوپر ۾ انڌلٺ ٿهي ويئي هئي جا موٽر گئريج جي ڇت مٿان شروع ٿي پريان يوڪلپٽس جهارن جي ڊگهين ٽارين مٿان وڃي پئي ختم ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري ۾ چٽي لوڏيندو ٽپالي آيو. پورٽيڪو ۾ پهچي هن پنهنجي جتيءَ تي جهٽي پيل مٽي لاٿي، پير ٺپ ٺپايائين ۽ پنهنجي ڪرمچي رنگ جي ٿيلهيءَ مان خط ڪڍي دروازي اڳيان ڏاڪن تي ڪٽي ڦهلايائين. ڳوليندي ڳوليندي ٽي لفافا ڪڍيائين ۽ چندر کي ڏنائين. چندر صفا اڇل ڏيئي اهي خط ورتا . هڪڙو خط ٻڪيءَ جو بنتيءَ ڏانهن هو. ٻيو خط اوريئنٽل انشورنس ڪمپنيءَ وٽان آيل هو ڊاڪٽر شڪلا لاءِ. ٽيون هڪ نيري رنگ جو سهڻو لفافو هو. اهو ئي گيتا جو هوندو. ٽپالي هليو ويو هو. هن ان لفافي کي ايڏي تہ پيار سان چميو جيتري پيار سان الهندڙ سج نيرن بادلن کي چمي رهيو هو. "پاڳل ڪٿي جي! ڪيڏو نہ پريشان ٿي ڪري. هتي هئي تہ بہ ساڳي عادت. اتي وئي تہ بہ ساڳي عادت." چندر دل ئي دل ۾ ائين پاڻ سان ڳالهيون ڪندي لفافو کوليو.

خط پميءَ جو هو. مسوريءَ مان آيو هو. هن خفا ٿي لفافو ڦٽو ڪري ڇڏيو. گيتا ڪيڏي نہ بيپرواهہ آهي! هن کي خبر بہ آهي تہ چندر جي هتي ڪهڙي حالت آهي. بنتيءَ هن کي ٻڌايو بہ هوندو. پوءِ بہ هوءَ ايڏي بيپرواهہ ٿي رهي. غصي وچان.....

ٿوري دير بعد هن پميءَ جو خط پڙهيو. ننڍڙو خط هو... پمي اڃان مسوريءَ ۾ آهي. آڪٽوبر ۾ واپس ايندي. ذري گهٽ سڀ سياح واپس وڃي چڪا آهن. مگر هن کي پهاڙن تي برسات ڏاڍي وڻي ٿي. برٽي الله آباد موٽي آيو آهي. هو پاڻ سان گڏ هڪ عيسائي ڇوڪريءَ کي بہ ساڻ وٺي آيو آهي. برٽي چوي ٿو تہ هن سان شادي ڪندو. هو هينئر بلڪل ٺيڪ ٿي ويو آهي. چندر جي مرضي هجي تہ ڀلي وڃي برٽيءَ سان ملي اچي!

گيتا جي خط نہ اچڻ سبب چندر جو من بيحد پريشان هو. هن کي ايتري بہ خبر ڪا نہ هئي تہ هينئر هو سڀ آهن ڪٿي. برٽيءَ جي الله آباد واپس موٽڻ جو احوال پڙهي هن جي من کي ٿورو سڪون مليو. سوچيائين تہ هڪ ڏينهن وڃي هن سان ملي ايندس.

ٽئين يا چوٿين ڏينهن چندر موٽر ڪٽي برٽيءَ ڏانهن ويو. برساتين ۾ الله آباد جي سونهن هونءَ کان بہ وڌيڪ کلي پوندي آهي. سڪل خشڪ فوٽ پاٿن ۽ ميدانن ۾ سائو گاهہ اڀري ويندو آهي. بنگلن جون اگهاڙيون ديوارون پڻ سبزيءَ سان ڍڪجي وينديون آهن. اوچا گهاٽا وڻ ۽ ٻوٽا ۽ وليون برسات ۾ ڌوپجي سائي مخملي رنگ جون ٿيندي وينديون آهن. ڏامر جي سڙڪن تي پاڻيءَ جي سنهڙي چادر ڇانئجي ويندي آهي.هوا جا هلڪا هلڪا جهوٽا ان ۾ لهرون پيدا ڪندا رهندا آهن ۽ انهن ۾ وڻن جا سبز پاڇا پيا ڏسبا آهن. بنگلن ۾ پليل بدڪن جا ميڙاڪا ٻاهر رستن تي نڪري ايندا آهن ۽ موٽرن جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي بيهندا آهن. بنگلن اندران ريڊين يا فونن جي سنگيت آلاپ جون لهرون وايو منڊل کي تر ڪري ڇڏينديون آهن.

ڪاليج مان موٽي ٽانهہ جو ڪوپ پي چندر موٽر ڪٽي برٽيءَ ڏانهن هليو. هو برٽيءَ ڏانهن تمام گهڻن ڏينهن بعد ويو هو. زندگيءَ ۾ هن جيڪي بہ شخص ڏٺا هئا، برٽي شايد انهن سڀني کان وڌيڪ نرالو هو. پر خلوص هو، مگر هو ڪهڙو نہ بدنصيب هو. بدنصيب نہ، هو ڪمزور هو. صرف هو نہ، سڄي دنيا ئي ڪمزور آهي.

برٽيءَ جو بنگلو اچي ويو. چندر موٽر مان لهي اندر ويو. ٻاهر ڪير ڪو نہ هو. ورانڊي ۾ هڪ پڃري ۾ طوطي جو تمام هڪ ننڍڙو ٻچو لٽڪيل هو. چندر اندر وڃڻ ۾ هٽڪيو پئي. پمي هئي ڪا نہ برٽيءَ سان ٻي هڪ ڇوڪري آيل هئي. برٽيءَ جي نئين زال. چندر سڏ ڪيو. اندر ڪنهن ڳوڙي مرداني آواز ۾ هڪ رواجي گيت پئي ڳايو. چندر وري سڏ ڪيو ۽ برٽي ٻاهر آيو. چندر هن کي ڏسي حيران ٿي ويو. برٽيءَ جو منهن پرچي ويو هو. جواني موٽي آئي هيس. زرديءَ بدران منهن مان رت پيئي ڇٽيس. ڇاتي سيٽجي ويئي هيس. برٽيءَ کي خاڪي رنگ جو ڪوٽ، وڏو خاڪي ٽوپلو، خاڪي برجيز ۽ شڪاري بوٽ پيل هو ۽ ڪلهي تي بندوق پئي لٽڪيس. هو ٻاهر ڊرائينگ روم جي دروازي وٽ اچي، جهڪي، هڪ هٿ سان بندوق پڪڙي ٻيو هٿ اکين مٿان رکي ائين نهارڻ لڳو ڄڻ ڪو شڪار تي تاڙيائين. چندر جو ساهہ سڪي ويو. سوچيائين ٻهرئين دفعي تہ برٽيءَ کي ڪشتيءَ ۾ شڪست ڏني هيم. پر هن دفعي هن کان ڪٽڻ ناممڪن آهي. گهبرايل آواز ۾ چيائين، "مان آهيان مسٽر برٽي، چندر ڪپور..... پميءَ جو دوست."

"ها... ها. مون کي خبر آهي" برٽي وري سيٽجي سنئو ٿي بيٺو ۽ کلي چيائين. "مون توهان کي وساري ڪو نہ ڇڏيو آهي. مون تہ توهان کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو تہ مان هاڻي پاڳل ڪو نہ آهيان. شڪاري بڻجي ويو آهيان." ۽ هن چندر کي ڪلهن کان پڪڙي اهڙو تہ زور سان ڌونڌاڙيو جو چندر جون هڏيون سور ڪرڻ لڳيون. "اچ." هن چندر کي اڃا بہ ڪلهي وٽان پڪڙي ورانڊي ڏانهن وٺي هلندي چيو. اتي هڪ ڪوچ تي چندر کي ويهاري پاڻ هن جي سامهون ڪرسيءَ تي ٿي وينو. "مان توکي اندر وٺي هلان ها پر اتي جيني ويٺي آهي ۽ منهنجو هڪ دوست وينو آهي. ٻئي ڳالهيون وينا ڪن. اڄ جينيءَ جو جنم ڏينهن آهي. تون جينيءَ کي سڃاڻين نہ! هوءَ ترائيءَ جي ڳوٺ ۾ رهندي هئي. اتي مون کي ملي ويئي. ڏاڍي خراب زال آهي. مان تندرست ٿي ويو آهيان نہ."

"برابر. سچ تہ مان ڏاڍو عجب ٿيو ڪاوان تہ هنن ٽن مهينن ۾ تو ڇا ڪيو جو تون اهڙو تندرست ٿي وئين."

"نفرت مسٽر چندر. نفرت! زالن کان نفرت. تندرستي حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ کان بهتر طريقو ٻيو ڪونهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مگر تون تہ شادي ڪرڻ وارو آهين نہ؟ ڇوڪري بہ ساڻ وٺي آيو آهين."

"صرف ڇوڪري نہ مسٽر چندر، مان اتان بہ شيون وٺي آيو آهيان. هڪڙو هي طوطي جو ٻچو ۽ ٻي جيني. هن طوطي کي مان تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان. هي جڏهن وڏو ٿيندو. ڳالهائيندو تڏهن هن کي گوليءَ سان اڏائي ڇڏيندس ۽ هن ڇوڪريءَ جيني سان مون کي سخت نفرت آهي. انهيءَ سان مان شادي ڪندس! ڪيئن آهي نہ نيڪ؟ شڪار جو شوق انهيءَ کي سڌبو آهي ۽ مان هينئر پڪو شڪاري ٿي ويو آهيان!"

چندر ڇا چوي، ها يا نہ. برٽيءَ جي دماغ جي حالت اجا ساڳي هئي. انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ نہ هو. هو هن سان کهڙيون ڳالهيون ڪري. نيٺ چيائين. "هيءَ بندوق تہ لاهي رک. هميشہ هيئن ڪلهي تي ڇو پيو ڦرين؟"

"تڏهن ڇا! شڪار جو پهريون اصول آهي تہ جتي خطرو هجي، جتي خونخوار جانور هجن. اتي بندوق ڪڏهن بہ جيءَ کان جدا نہ ڪجي ۽....." چندر جي ڪن وٽ پنهنجا چپ آڻي نهايت ئي آهستي چيائين. "توکي خبر آهي مسٽر چندر؟ هڪ عورت آهي، جا چوويهہ ئي ڪلاڪ گهر ۾ وينٺي آهي. مان هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ بندوق کي پاڻ کان پري نہ ڪندو آهيان."

اوچتو اندر ڪنهن شئي ڪرڻ جو آواز ٿيو ۽ پوءِ هڪ رڙ جو آواز آيو. ائين لڳو تہ پياني مٿان ڪا شئي ڪري ۽ ان جي پردن کي ٽوڙيندي هيٺ وڃي پئي. انهيءَ بعد جهيڙي جا آواز اچڻ لڳا.

چندر ڇرڪ پري اٿيو. "ڏس تہ سهي برٽي، اندر ڇا آهي؟"

برٽيءَ چندر جو هٿ ڇڪي هن کي ويهاريو. "ويهہ ويهہ. اندر جيني منهنجي دوست سان پنهنجو جنم ڏينهن پيئي ملهائي، اندر نہ وڃجان."

"مگر هي آواز ڇا جا آهن؟" چندر اجا بہ فڪر گاڏڙ آواز ۾ پڇيو.

"شايد هڪ ٻئي سان پيار ونديندا هوندا." برٽيءَ جواب ڏنو ۽ بلڪل بيفڪر ٿي اتي ويٺو رهيو.

ٿورن سيڪنڊن بعد ئي هن هڪ عجيب منظر ڏٺو. اندران برٽيءَ جي ئي عمر جو هڪ شخص مٽي مان وهنلڙ رت اگهندو ٻاهر آيو. هو نشي ۾ ٽن هو ۽ تمام گنديون گاريون بڪي رهيو هو. هو ٿڙندو ٿاٻڙندو آيو ۽ برٽيءَ کي ڏسندي ئي هن ڏانهن مڪ اولاريائين. "تو مون کي دوکو ڏنو. مون کان پنجاهہ روپين جي سوکڙي ورتئي ۽.... مان هينئر تو توکي ڏيکاريان."

چندر حيران هو. خاموش هو. ڇا ڪري، ڇا نہ ڪري؟ ايتري ۾ اندران جيني بہ ٻاهر آئي. قداور سگهاري، گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن سالن جي عمر جي. هن ايندي ئي پنيان هن شخص کي قميص کان ڪٽي پڪڙيو ۽ ڏاڪن کان هيٺ ڪيري ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيائينس. هن کي گاريون ڏيندي چيائين. "سڌو هليو وڃ. نہ تہ هڪ هڏي سلامت نہ بچندئي." هو جيئن اٿيو تيئن وري هن مٿان وڃي ڪري ۽ هن کي گهليندي ٻاهرئين دروازي تائين وٺي ويئي.

برٽي ساهہ روڪي ڏوهاريءَ جيان ويٺو هو. جيني موٽي برٽيءَ کي ڪالر کان پڪڙيو. "مان... مان ٻي ڏوهي آهيان. مون کي ڪاخبر ڪانهي." اوچتو جينيءَ جي نظر چندر تي پئي. " هون هي بہ تنهنجو دوست آهي! هينئر ٿي ٻڌيانس." ۽ هوءَ جيئن ئي چندر ڏانهن وڌي تہ هو اکيون بند ڪري ڀميءَ کي ياد ڪرڻ لڳو.... ڪٿي وڃي ڦاسايو هن جي ڪمبخت خط. جيني جيئن ئي چندر جي ڪالر ۾ هٿ وڌو تيئن برٽيءَ نهايت التجا ڀرئي آواز ۾ چيو. "هن کي ڇڏي ڏينس. هي منهنجو نہ ڀميءَ جو دوست آهي." جيني رڪجي ويئي. "تون ڀميءَ جو دوست آهين. ڇڱو ويهہ." چندر ويهي ويو. "تون شريف ماڻهو ٿو نظر اچين. مگر هن کان پوءِ تنهنجو ڪو بہ دوست وري هتي آيو آهي تہ مان هن جو خون ڪري ڇڏيندس. سمجهين ٿو نہ برٽي!"

برٽيءَ ڪنڌ هلائي چيو. "ها، سمجهيم." جيني اندر وئي ۽ وري اوچتو ٻاهر موٽي آئي. برٽيءَ کي پڪڙي، گهليندي چيائين. "برسات پيئي وسي، هيڏي ٿڌ پيئي پوي ۽ تو سوئيٽر بہ ڪو نہ پاتو آهي؟ هل اندر. مرڻو اٿيئي ڇا؟ مان توکي صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيان... دنيا ڀلي الٽ پلٽ ٿي وڃي، پر مان شادي ڪرڻ کانسواءِ تنهنجي جند نہ ڇڏيندس." ۽ جيئن ٻڪريءَ کي ڪن کان جهلي گهلجي تيئن برٽيءَ جو ڪن پڪڙي، هن کي گهلندي اندر وٺي ويئي.

چندر دل ۾ سوچيو تہ هي شايد هن گجهارت ڀرئي بنگلي جو ئي اثر آهي، جو جيڪو هتي اچي ٿو تنهنجو دماغ خراب ٿي ٿو وڃي. ٻن منٽن بعد جڏهن برٽي ٻاهر آيو تہ هن کي مفلر، سوئيٽر ۽ گرم جوراب پيل هئا. هو سهڪندو چندر جي پر ۾ اچي ويٺو.

"مسٽر چندر، هاڻي تہ تون قبول ڪندين تہ هيءَ ڇوڪري، هيءَ ڏائڻ جيني نهايت ظالم آهي."

"مجان تو. بيشڪ مجان تو برٽي." چندر پنهنجي مرڪ کي دٻائيندي چيو. "مگر هي جهيڙو ڇا جو آهي؟"

"جهيڙو ڇا جو آهي! زالن کي سمجهڻ مشڪل آهي."

"هن زال جي ڦندي ۾ تون ڦاٿين ڪيئن؟" چندر سوال ڪيو.

"ش.... ش." چپن تي آڱر رکي آهستي ڳالهائڻ جو اشارو ڪندي برٽيءَ چيو. "آهستي ڳالهاءِ. ڳالهہ هيئن ٿي جو مون ترائيءَ ۾ شڪار پئي ڪيو جو ٻين کان الڳ ٿي ويس. هيءَ هڪ پينشنبردار فاريسٽ گارڊ جي ڪنواري ڌيءَ هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪار ۾ بيحد ماهر. مان پنڪندو ڀهتس ته هن جو پيءُ ان وقت سخت بيمار هو. مان اتي ترسي پيس. ٽئين ڏينهن هو مري ويو. هن کي نه ڄاڻ ڪهڙو مرض هو جو هن جي شڪل نهايت ڊيڄارينڙ بڻجي ويئي هئي ۽ ويٽ ايامي پيو هوس. رات جو هن کي ڊپ لڳو ته اڄي منهنجي پاسي ۾ ليٽي پيئي. وچ ۾ بندوق رکي اسين ٻئي سمهي پياسين. رات جو الائي ڪيڏي مهل هن وچ مان اها بندوق هٽائي ڇڏي ۽ هاڻي چوي ٿي ته توسان شادي ڪنديس ۽ نه ڪندين ته ماري ڇڏيندي سانءِ. پڇيءَ به مون کي چيو ته توکي شادي ڪرڻي ئي پوندي. مسٽر چندر، منهنجي لاءِ بس مجبوري آهي."

چندر خاموش سوچيندو رهيو. ڪهڙي نه عجيب زندگي آهي هن اپاڳي جي! قدرت ڄڻ سڀ ڳالهيون هن جي ئي زندگيءَ ۾ پري ڇڏيون آهن. پڇيائين، "اڄ هي جهڳڙو ڇا جو هو."

"ڪجهه ڪو نه هو. هن چيو، مون کي ڪا سوکڙي ڏي. مان سوچيندو رهيس ته هن کي ڇا ڏيان. ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي. ڪيتري دير بعد مون نيٺ سوچيو مان هن جو مڙس ٿيڻ وارو آهيان. سو هن کي اڄ هڪ پريمي سوکڙي ۾ ڏيان. مون پنهنجي هڪ دوست کي چيو ته اڄ شام جو تون منهنجي ٿيڻ واري زال کي پيار ڪري سگهين ٿو. هو راضي ٿي ويو.

چندر زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

"ڪل نه مسٽر چندر، ڪل نه." برني نهايت گنڀير ٿي چيو، "ان جو مطلب فقط اهو آهي ته تون زالن کي سمجهين، سڃاڻين نٿو. ڏس، زال انهيءَ شئي کي ئي گهڻي ۾ گهڻو چاهيندي آهي، جا هن جي زندگيءَ ۾ نه هوندي آهي. مثال طور هڪ عورت جي شادي ٿي ويئي آهي يا ٿيڻ واري آهي ۽ ان وقت هن کي هڪ نئون پريمي ملي وڃي ته هن جي خوشيءَ جو انت ڪو نه رهندو آهي. پنهنجي پريميءَ جي سامهون هوءَ پنهنجي مڙس جي تمام ٿوري پرواهه ڪندي. جيڪڏهن ڇوڪري ڪنواري آهي ته هوءَ گهوٽ ملڻ تي پنهنجي پريميءَ جي احساسن جو خون ڪري ڇڏيندي. مان سمجهان ٿو ته ڪنهن به مڙس کي جيڪڏهن پنهنجي زال کي دنيا جي بهترين سوکري ڏيڻي آهي ته هن کي نئون پريمي سوکڙيءَ طور ڏئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن پريمي کي پنهنجي محبوبا کي دلپسند سوغات ڏيڻي آهي ته هن کي هڪ گهوٽ وني ڏئي. تنهنجي اڃا شادي ته ڪا نه ٿي آهي نه؟"

"نه."

"تون پريم ته ضرور ڪندو هوندين؟ نه، ڪنڌ نه ڌوڻ. مون کي اعتبار ئي نٿو اچي. مان توکي سهڻي صلاح ٿو ڏيان. تون اگر ڪنهن ڇوڪريءَ کي پيار ٿو ڪرين ته رب جي صدقي هن سان شادي نه ڪجان. تون منهنجو قصو ته ٻڌي چڪو آهين. تون اگر دل سان هن کي پيار ٿو ڪرين ۽ چاهين ٿو ته هوءَ به سڄي عمر تنهنجو نالو وٺندي رهي ته هن کي ٻئي ڪنهن سان پرڻائي ڇڏجان. اهو ڇوڪرين جي سيڪس جيون جو آخري سچ اٿيئي. سمجهيئي نه.... ها... ها... ها..." برني ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

چندر محسوس ڪرڻ لڳو ته ٻاهه جي هڪ ڇپي ڪيس جلائي رهي آهي. پاڻ به ته گيتا سان ائين ئي ڪيو هئائين. جنهن کي برني پنهنجي عجيب ڍنگ سان بيان ڪري رهيو آهي. هن ائين محسوس ڪيو ته هن ڇرئي ماڻهوءَ ۾ ڪا ڳالهه الٽي، ابتي پيئي نظر اچي. هتي سچائيءَ جي معصوميت به ڪچري ۽ پاڳلپڻي جي گٽر ۾ ملي گندي بڻجي ٿي وڃي. ڇي... ڇي! ڪيڏانهن برنيءَ جون ڳالهيون، ڪيڏانهن سندس گيتا!

هو اٿي ڪڙو ٿيو. هو موڪلائي اتان ائين ڀڳو ڄڻ سندس پيرن هيٺان دکيل ٽانڊا ٻريا.

●

ان ڏينهن به هن کي ننڊ ڪا نه آئي. آرام ڪو نه مليو. رات جو سمهيو ته هر هر ڇرڪ پري ٿي اٿيو. هن سپني ۾ ڏٺو ته ڪافور جو هڪ پهاڙ آهي، نهايت وڏو پهاڙ. نرم ڪافور جون وڏيون وڏيون چپون آهن ۽ ان جي خوشبوءِ اهڙي ته نماڻي ۽ معصوم ۽ پوتر آهي جو آتما گل سروپ بڻجي ٿي ويئي. پاڻ ۽ گيتا ٻئي، انهن سهڻين چپن تي مٽي چڙهندا ٿا وڃن. اتي فقط پاڻ آهي ۽ گيتا آهي. گيتا کي سفيد بادلن جي ساڙهي پيل آهي ۽ کيس، چندر کي ڪرڻن جي چادر اوڍيل آهي. ڪافور جي چپن تي چندر جتي به قدم ٿي رکيو اتي اندلٺ جا رنگ ڦهلجي ٿي ويا ۽ گيتا پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوءَ مان اندر ڌنش جي رنگن جا گل وسائيندي پئي هلي.

اوچتو هڪ چپ ڌڏي ۽ ان مان هڪ ڀيانڪ ديو، راڪاس نڪتو. هڪ سفيد راڪاس، جنهن جي هڪ هٿ ۾ سندس ڪوبڙي هئي. ۽ ٻئي هٿ ۾ جلندڙ مشعال! ان بي سري راڪاس پنهنجي هٿ واري ڪوبڙي چندر کي ڏيکاري. ڪوبڙيءَ کلي ٽهڪ ڏيئي چيو. "ڏس، زندگي جو آخري سچ هيءُ اٿيئي، هيءُ! ۽ هن پنهنجي ٻئي هٿ وارو مشعل اوچو ڪيو. "هي ڪافور جو پهاڙ، هي بادلن جي ساڙهي، هي ڪرڻن جو لباس، هي اندلٺ جا گل، هي سڀ ڪوڙ آهن، خواب آهن. سچ آهي هي مشعل جيڪا پنهنجي هڪ ڇهاءَ سان هنن سپني کي ٻاري، جلائي سگهي ٿي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هن پنهنجي مشعل پهاڙ جي هڪ ارڃي چوٽيءَ سان ڇهائي. چوٽيءَ پيڪو ڪاڏو. پگهريل باهه جي ڌارا برساتي نئن جيان اتلي اڳتي وهڻ لڳي.

"بچ گيتا" چندر رڙ ڪري چيو. "بچ!"

گيتا ڀڄڻ لڳي، چندر به ڀڄڻ لڳو ۽ هوءَ پگهريل ڪافور جي ندي اجگر جيان ور وڪڙ ڪائيندي ٻنهي کي پنهنجي لهرن ۾ ڦاسائڻ لاءِ اڳتي وڌي. شيطان کلڻ لڳو. ها... ها... ها! چندر منهن ورائي ڏٺو ته گيتا شيطان جي گود ۾ هئي. هن ڪان دل ڏاريندڙ رڙ نڪري ويئي.

چندر ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي ويو. برسات بند ٿي ويئي هئي. مگر گهنگهور بادلن سبب اجا سخت انڌيرو هو. انڌي راڪساڻيءَ جيان پاڳل هوا وڻن کي ڌونڌاڙي رهي هئي. ڄڻ ان جڳن جي پروسن کي پاڙن کان اکوڙي مٽائڻ ٿي چاهيو. چندر سڄو ڏڪيو پئي. هن جو بدن پگهر سان شل ٿي ويو.

هو اٿي هيٺ آيو. هن جا قدم ٿابڙجي رهيا هئا. هن ورانڊي جي بتي ٻاري ته مهاراڄڻ جاڳي پيئي. پڇيائين، "ڇا هي بابو!"

"ڪجهه ڪونهي. مان اندر وڃي ٿو سمهان." چندر گيتا جي ڪمري ۾ پهچي اتي بتي ٻاري ۽ گيتا جي پلنگ تي ليٽي پيو. پوءِ اتي سڀ در دريون بند ڪيائين ڄڻ ڊپ هوس ته ٻاهر جي انڌاري مان وري ڪو اهڙو ڀيانڪ سپنو نه وٽس لنگهي اچي.

●

برنيءَ جي ڳالهين چندر جي دل کي اندر ئي اندر نه ڄاڻ ڪهڙي چوٽ هنئي جو اها سڄي ٿي نه سگهي. هيل تائين هن کي پاڻ تي فخر هو. پروسو هو. هينئر هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شخصيت جو ڇيد ڪرڻ لڳندو هو. هينئر هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن پروسن تي ڳاٽ اوچي ڪرڻ بدران انهن کي هڪ وگيانيءَ جيان چيري ڦاڙي ڏسندو هو. انهن جي ڄڻ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪندو هو. هيل تائين وٽس پروسن جو پل هو. هينئر ڄڻ ڪنهن هن کي دوزخ جا استر شستر ڪٽي ڏنا هئا ۽ سندس اندر ۾ هڪ راڪشسي پريرڻا پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن ڪري هن پنهنجي روح کي چيرڻ ڦاڙڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ نيٺ انهيءَ ترڪ وترڪ ۽ پروسي جي اڻ هوند جي ڀيانڪ جل پرليءَ جي هڪ لهر هن کي دوزخ جي ڪناري تي وڃي ڦٽو ڪيو.

هڪ ڏينهن گيتا جو خط آيو. دهليءَ ۾ پاپا پنهنجي ڪم سان ترسيو ته اتي گيتا جي طبعيت خراب ٿي پيئي. هينئر سيپئي ٻن ٽن ڏينهن ۾ موٽي ايندا.

مگر چندر جي من تي انهيءَ خط جو هڪ عجيب اثر پيو. هيل تائين گيتا جو خط نه آيو هو. هوءَ دور هئي ته پاڻ خوش هو. پر اڄ گيتا جي خط ملندي ئي هو اداس ٿي ويو. اداسي ڇا، هن کي ڄڻ اڙڪا اچڻ لڳا. هن کي اهو سڀ هڪ ناٽڪ محسوس ٿيڻ لڳو. نهايت سستو، نيچ ناٽڪ. هو ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته هي ڇوڏاري جيڪو تياڳ، سچ، سونهن آهي، سو سڀ ڪوڙ آهي. گيتا به اصل ۾ هڪ رواجي معمولي ڇوڪري آهي، جا ڪنواري هوندي پتيءَ جي ۽ شاديءَ کان پوءِ پريميءَ جي بکي ٿي رهي.

هن انهيءَ شيطان اڳيان اجا پوري شڪست ڪا نه مڃي هئي. هو ان سان وڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مگر هن اهو پڻ ڄاتو ٿي ته پاڻ ان لڙائيءَ ۾ هارائي رهيو آهي ۽ جنهن فخر چندر کي سندس سوڀ ۾ ساٿ ڏنو هو، اهو ساڳيو فخر اڄ چندر کي سندس شڪست ۾ پڻ ساٿ ڏيئي رهيو هو. هن من ۾ ائين پئي سوچيو ته پاڻ گيتا سان، ٻين سيني ڇوڪرين سان، هن سڄي ناٽڪ سان نفرت ٿو ڪري. گيتا کي شادي ڪرڻي هئي، گيتا جي شادي ٿيڻي ئي هئي. گيتا جا لڙڪ ڄڙتو هئا. چندر گيتا کي نه سمجهي ها، ته به گيتا منهن موڙي شادي ڪري وڃي ها.

پوءِ تڏهن هي پروسو، اصول، قرباني ڇا جي!

پروسو ٽٽي ڇڪو هو. فخر زنده هو. فخر هينئر بدلجي گهمنڊ بڻجي ويو هو. گهمنڊ بدلجي نفرت جي صورت وٺندو ٿي ويو ۽ نفرت رڳ رڳ کي ڇور ڪري هر طرف اداسي ڦهلائيندي ٿي رهي.

●

گيتا موٽي ته هن چندر کي بلڪل ڦريل ڏٺو هڪ ڳالهه ٻي به ٿي جنهن باهه لڳائي ڇڏي. هي سيپئي منجهند جو اٽڪل هڪ بجي موٽيا. جڏهن چندر ڪاليج ۾ هو. پاپا ته هڪدم وهنجي وڃي سمهيو. گيتا ۽ بنتيءَ ايندي ئي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري جي صفائي شروع ڪئي. ٽڙيل پکڙيل ڪتاب چنڊبي ناهي رکيائون. ڪپڙا [illegible]
فرش ڌوئڻ ڪي لڳي ويون. بنتي پاٽيءَ جا ڏول ڀريندي ٿي آئي ۽ گيتا ٻهاريءَ سان فرش ڌوئڻ لڳي. هٿن ۾ چوڙيون، پيرن ۾ پازيب، سينڌ ۾ سنڌور، پر مک گيتا جو بيحد پيلو ٿي ويو هو. منهن جا هڏا نڪري آيا هئس، اکين جي رونق جهڪي ٿي وئي هئس. الائي ڇو، هوءَ بيحد ڪمزور ٿيندي ٿي وئي هئي.

ٻهاري هلائيندي هلائيندي گيتا بنتيءَ کي چيو، "اڄ مس مس ٿي سمجهان تہ مان ماڻهو آهيان. ڪالهہ تائين مان جڻ حيوان هيس. پاپا کي نہ ڄاڻ ڪهڙي جهجهڪي آئي جو هن کي بہ ساڻ ڍهليءَ وٺي هليو. مان تہ صفا شرم ۾ ٻيٺي ٻڏيس."
ٿوري دير بعد چندر آيو. ٻاهران ئي هن کي معلوم ٿي ويو تہ سيٺي اچي ويا آهن. هن کي دل ۾ الائي ڇو اهو ويچار آيو تہ اتان ئي پويان پير ڪري موٽي وڃان. هن ائين پئي محسوس ڪيو تہ اڄ هن گهر ۾ قدم رکيم تہ وڏو ظلم ٿي ويندو. مگر انهيءَ هوندي بہ هن جا قدم اڳتي وڌندا رهيا. اپياس واري ڪمري ۾ ڊاڪٽر سمهيو پيو هو. هوا تان واپس موٽيو. ڪپڙا مٽائڻ لاءِ ڊرائنگ روم ڏانهن وڌيو گيتا جيئن ئي هن جي قدمن جي آهٽ ٻڌي، تيئن ٻهاري ڦٽي ڪري ڊوڙي.... متو اگهاڙو، ساڙهيءَ جو پلئہ ڇيلهہ وٽ ٻڌل، هٿ گندا. وار پريشان. پاڳلن جيان ڊوڙندي وڃي چندر کي چنبڙي ۽ ٻاراٽي معصوميت ڀري مرڪ منهن تي آٽي چيائين، "چندر... چندر اسين اچي وياسين. هاٺي ٻڌاءِ." ۽ چندر کي ائين ڪٺي جڪڙيائين جڻ وري زندگيءَ ڀر هن کي نہ ڇڏيندي.

"جي.... جي، پري ٿيءُ گيتا! هي ڪهڙو ناٽڪ پيئي ڪرين. هينئر تون ٻار ڪا نہ آهين." ۽ گيتا کي ڏاڍي رکائيءَ سان پري هٽائي، ڪوٽ تان گيتا جي هٿن جي لڳل مٽي ڇنڊيندي، چندر چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

گيتا تي ڄڻ بجلي ڪري. هوءَ پٿر جو بت بڻجي بيٺي رهي رهي. پوءِ ٿابڙجندي پنهنجي ڪمري ۾ پهتي ۽ پلنگ تي ليٽي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي. چندر گيتا سان ڳالهيون ڪرڻ ڪو نہ آيو. ڊاڪٽر جاڳيو تہ هن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ شام جو سائيڪل ڪٺي گهمڻ هليو ويو. موٽيو تہ بہ سڌو مٽي هليو ويو ۽ بنتيءَ کي چيائين تہ جي تڪليف نہ ٿئيو تہ مون کي ماني مٿي پهچائي ڏيو.

بنتيءَ ماني لاٿي ۽ گيتا کي ٿالهي ڏيئي چيائين، "وٺ ديدي ڏيئي اچينس." گيتا ڪنڌ ڌوڻي چيو، "نہ. تون ئي وڃي ڏيئي اچينس. مان هينئر هن جي لڳان ڪير؟" بنتيءَ جي گهڻي سمجهائڻ تي گيتا ڪاڏي جي ٿالهي کڻي مٿي پهتي. چندر ليٽيل هو. چپ چاپ. گيتا اسٽول ڇڪي ٿالهي ان تي رکي. چندر ڪجهہ ڪو نہ چيو. هن پاڻي رکيو، چندر اڃا بہ ڪجهہ ڪو نہ چيو.

"کاءُ نہ." گيتا نيٺ هن کي چيو ۽ هڪ گرهہ ناهي هن ڏانهن وڌايائين.

"تون وڃ." چندر ڏاڍي رکي آواز ۾ چيو، "مان پاڻيهي کائيندس."

گيتا هٿ وارو گرهہ ٿالهيءَ ۾ واپس رکيو ۽ چندر جي پيرانديءَ کان ويهندي چيائين، "چندر، تون ناراض ڇو ٿيو آهين؟ ٻڌاءِ، مون کان ڪهڙو ڏوهہ ٿيو آهي؟ هي پويون ڏيڍ مهينو مون پل پل ڳڻيندي گذاريو آهي تہ ڪڏهن ٿي اچي وري تنهنجو منهن ڏسان. مون کي ڪهڙي خبر تہ تون هيئن بدلجي ويو آهين جيڪا سزا وٺئي، مون کي ڏي پر هيئن نہ ڪر! تون تہ ڪجهہ بہ نٿو سمجهين." ۽ گيتا پنهنجو متو چندر جي پيرن تي ڪٺي رکيو. چندر جهٽڪو ڏيئي پير هٽائي ورتا.

"گيتا، انهن ڳالهين مان ڪو بہ فائدو نہ آهي. هينئر انهيءَ ڍنگ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڪرڻ مون وساري ڇڏيون آهن. ها ڪنهن زماني ۾ ان قسم جي ڳالهين ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو، مگر هينئر هڪ سهاڳڻ جي زبان تي اهڙيون ڳالهيون نٿيون سونهن!"

گيتا سڄ پڄ پڇري اٿي. "تہ اها ڳالهہ آهي تنهنجي دل ۾. مان اڳي ئي سمجهي وئي هيس.... مگر چندر تو ئي تہ چيو هو ۽ هينئر تون ئي ڦري رهيو آهين! توکي ذرو بہ شرم نہ آيو." ۽ گيتا ڪراين تان چوڙا ۽ ڪنگڻ لاهي ڪٺي ڦٽا ڪيا. ڳلي جون مالهائون، نڪ ۽ ڪنن جون ڦليون لاهڻ لڳي. هوءَ صفا پاڳل بڻجي وئي. چيائين، "تو جيئن چيو، مون ائين ئي ڪيو. هينئر بہ جيئن چوندي تيئن ڪنديس." ۽ هن نڪ ۽ ڪنن جون ڦليون بہ لاهي ڦٽيون ڪري ڇڏيون.

چندر ڏڪي ويو. هن سپني ۾ بہ اهڙي ڳالهہ جي اميد ڪا نہ ڪئي هئي. هن گهٻرائجي پڪاريو. "بنتي! بنتي!" ۽ گيتا کي چيائين، "اڙي تون هي ڇا ٿي ڪرين؟ ڪير ڏسندو تہ ڇا چوندو. جلدي ڪر، سڀ وري پائي وٺ."

"مون کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ آهي، تنهنجو جيءُ تہ ٿڌو ٿيندو نہ."

چندر اٿيو. هن گيتا جا هٿ زوريءَ ڪٺي پڪڙيا. بنتي بہ مٿي پهچي وئي.

"هان.... هن کي چوڙيون تہ پائي وٺ." بنتيءَ هن کي چوڙيون ڪنگڻ ۽ ڦليون پارايون. گيتا چپ چاپ اٿي ۽ هيٺ هلي وئي.

چندر لڄي ٿي ڪنڌ جهڪائي کٽ تي ويٺو رهيو. بنتيءَ چيو، "اٿو. ڪاڏو کائي وٺو."

"مون کي ڪاڏو نٿو وڻي." چندر جو آواز بيحد پريل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪاڪو نہ، اڻين قصو ڪيئن هلندو. توهين ٻئي ڳنڍجي مون کي ماري ڇڏيو تہ سڄو قصو ختم ٿي ويندو. نہ توهين ٿا مون سان سڌي منهن ڳالهايو نہ ديدي ٿي ڳالهائي. نہ ڄاڻ، توهان ٻنهي کي ڇا ٿي ويو آهي.“ چندر ڪجهہ ڪو نہ چيو.

”ڪاڪو، منهنجو قسم اٿوَ. توهين نہ ڪائيندا تہ ديدي بہ ڪا نہ ڪائيندي. توهان کي خبر ئي ڪانهي تہ ديديءَ جي طبيعت ڪهڙي نہ بگڙجي ويئي آهي. هن کي صبح شام بخار ايندو آهي. دهليءَ ۾ بہ هن جي طبيعت تمام گهڻي بگڙجي ويئي. توهين جو هيئن ٿا ڪريو تہ ٻڌايو تہ هن جو ڪهڙو حال ٿيندو. اڳي تہ توهين ديديءَ جي سڪڻي لڙڪ تي پاڳل بڻجي ويندا هئا. هينئر توهان کي ٿيو ڇا آهي؟“

چندر ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ اونهو ساهہ کڻي چيائين، ”الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ بنتي مون ڪڏهن بہ اهڙين ڪو نہ سمجهيو تہ مان گيتا کي ايڏو دک پهچائي سگهندس. مان اهڙو تہ نياڳو آهيان جو پاڻ کي بہ پيو پيڙيان ۽ گيتا کي بہ هيڏو دکي پيو ڪريان.“ چندر جي اکين ۾ سچ پچ لڙڪ پرجي آيا.

بنتي چندر جي پٺيان بيٺي هئي، هن هينئر چندر جو مٿو پنهنجي سيني ۾ لڪائي هن جا لڙڪ اگهندي چيو....

”توهين خود هيئن دکي ٿيندا تہ ديدي الٽو وڏيڪ دکي ٿيندي. اٿو ڪاڪو.“

”وڃ، پنهنجي ديديءَ کي بہ وٺي سڏي اچ. هن کي بہ اچي ڪاراءِ.“ چندر چيو.

بنتي ويئي پر ٿوري دير بعد موٽي آئي، چيائين ”تمام گهڻو ويٺي روئي. اڄ هن کي ڇڏيوس تہ ڀلي نشو لهيس، پوءِ سڀاڻي هن سان ڳالهائجو.“

”پر پوءِ بہ گيتا نہ کاڌو تہ؟“

”نہ توهين کائو تہ هوءَ بہ کائيندي. هن کي ڪارائڻ بنا مان ڪا نہ کائيندس.“ بنتيءَ چيو ۽ پنهنجي هٿ سان گرہ ناهي چندر کي ڏنائين. چندر کائڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سرد آهہ ڀريندي چيائين، ”بنتي، تون اڳئين جنم ۾ منهنجي ۽ گيتا جي ڪهڙي مائٽياڻي هئينءَ؟“

●

صبح جو ناشتي ڪرڻ وقت چندر ڊاڪٽر صاحب سان ناشتو ڪرڻ ويٺو. گيتا آئي ۽ چانهہ جا پيالا رکي موٽي ويئي. هوءَ بيحد اداس هئي. چندر جو من ڀرجي آيو. گيتا جي اها اداس صورت هن کي بيحد لڳي، تمام دکي بڻائي رهي هئي. سڄو ڏينهن ڪنهن بہ ڪم ۾ هن جو من نہ لڳو. ڪاليج ۾ ڪلاس بہ اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين. لئبريريءَ ۾ بي مطلب ڪتابن جا ورق اٿلائيندو رهيو. انهيءَ بعد پريس ۾ ويو، جتي هن کي پنهنجي ٿيسز ڇپائڻي هئي. پوءِ ٺاڪر صاحب وٽ ويو. مگر ڪٿي بہ هن کي آرام ڪو نہ مليو. جيستائين هو گيتا جي چپن تي وري مرڪ نہ آڻي، هن جي اکين جا لڙڪ نہ سڪائي تيسين هن کي ڪٿي بہ سڪون نہ ملندو.

شام جو هو موٽيو تہ ماني تيار هئي. هن بنتيءَ کان پڇيو، ”گيتا ڪٿي آهي؟“ بنتيءَ وراڻيو، ”ڪُنڌ تي.“ چندر مٿي پهتو. برسات ٻن ڏينهن کان بند هئي. هلڪا بادل ٽڙيا پکڙيا بيٺا هئا. مگر پورب کان تيز هوا پئي لڳي. ٽيرس جو چنڊ لڄاري نوجوان نينگريءَ جيان بادلن ۾ منهن لڪائي بيٺو هو. گيتا پنهنجي ڪٽ ڇاپري ڪان ڇڪي ٻاهر آندي هئي. ڪڏ تي مٿي نيم انڌيرو هو ۽ رکي رکي ڇانبوڪي پنهنجا گل گيتا مٿان وسائي لنگهي ٿي ويئي. گيتا چپ چاپ ويٺي بادلن طرف نهاريندي، نہ ڄاڻ ڇا پئي سوچيو.

چندر کي ڏسندي ئي گيتا اٿي کڙي ٿي. بتي روشن ڪيائين ۽ چپ چاپ ويهي رهي. چندر بہ ويهي رهيو. گيتا اکر ڪو نہ ڪڇيو.

چندر جي سمجهہ ۾ ئي نٿي آيو تہ ڇا چوي. گيتا کي هن ڪيڏو نہ دک پهچايو هو. ڪالهہ شام کان وٺي گيتا هن سان ڪو نہ ڳالهايو هو.

”گيتا، تون ناراض ٿي ويئينءَ؟ مون کي ڪالهہ الائي ڇا ٿي ويو! ڇا تون معاف نہ ڪندينءَ؟“ چندر نيٺ ڏڪندڙ آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. گيتا اُن جي ڪا بہ ورندي نہ ڏني، چپ چاپ بادلن ڏانهن نهاريندي رهي.

”گيتا!“ چندر گيتا جي ڪبوترن مثل اجرن، معصوم ٻن پيرن کي پنهنجي هنج ۾ ڇڪيو ۽ پريل ڳلي سان چيائين، ”گيتا، مون کي ڪڏهن نہ ڄاڻ ڇا ٿو ٿي وڃي! اهڙين پيو سمجهان تہ منهنجي اڳين طاقت ختم ٿي ويئي آهي. مان ٽٽندو ٿو وڃان. تون اهڙين تہ منهنجي دل ۾ الائي ڪهڙو طوفان کڙو ٿي ويو. تون اُن تي اهڙو ناراض ٿي ويئينءَ؟ ٻڌاءِ، جي تون بہ اهڙين ڪندينءَ تہ مون کي باقي سنڀاليندو ڪير گيتا!“ ۽ چندر جي اک مان هڪ گرم گرم لڙڪ ڳڙيا گيتا جي پير تي وڃي ڪريو. گيتا ڇرڪ ڀري پنهنجا پير هٽائي ورتا ۽ اٿي چندر جي پرسان اچي، هن جي ڪلهي تي پنهنجو مٿو رکي اوڇنگارن ۾ اچي ڇنڪي. هوءَ روئندي رهي.... خوب روئندي رهي. نيٺ اٿي ۽ هن جي سامهون ٿي ويٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چندر! تون ڪا بہ غلطي ڪا نہ ڪئي. گنهگار مان ئي آهيان. مون تنهنجي سڄي زندگي برباد ڪري ڇڏي. مگر مان ڇا ڪريان. مون کي ڪنهن رستو بہ تہ ڪو نہ ڏيکاريو. هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي چندر! تون بہ سهندو رهہ. مان بہ سهندي رهنديس.“ چندر جواب ڪو نہ ڏنو. هن فقط گيتا جا هٿ کڻي پنهنجن چپن تي رکيا.

”...مگر مان توکي هيئن ٽٽڻ نہ ڏينديس. تون هن ڪان پوءِ وري ائين ڪندين تہ سٺو نہ ٿيندو. مان تہ هردم، هر پل تو بابت ئي سوچيندي ٿي رهيس ۽ تنهنجون ئي ڳالهيون سوچي پاڻ کي همت ڏيندي ٿي رهيس. هاڻي تون ئي هيئن ڪندين تہ.....“

”نہ گيتا، مان پاڻ کي ٽٽڻ نہ ڏيندس تنهنجو پيار هميشهہ مون سان آهي، مگر مون کي هتي الائي ڇا ٿي ويو هو.“

”ٻڌ چندر، تون ئي منهنجي سهاڳ جي لڄ آهين. تون سمجهي نہ سگهندين تہ اندر ۾ مان ڪيترو دکي آهيان. توکي ڏسي ئي مان پنهنجو دک درد ٿورو ٿورو وساري سگهان ٿي. اسين ٻئي ڪهڙا نہ بدنصيب آهيون!“ ۽ هوءَ ليٽي پيئي ۽ چپ چاپ مٿي بادلن ڏانهن نهاريندي نہ ڄاڻ ڇا سوچڻ لڳي. ڏنڌلي ريشمي چانڊوڪيءَ ۾ چندر هڪ دفعو گيتا جي مرجهايل پشپ جهڙي ڏانهن نهاريو ۽ هن جي نرم گلابي چپن تي پنهنجون آڱريون کڻي رکيائين. ٿوري دير هو لڙڪن سان ڀنل گلاب جي انهن مرجهايل پنکڙين تي پنهنجون آڱريون رکي ويٺو رهيو ۽ پوءِ چيائين. ”ڇا پيئي سوچين؟“ ۽ چندر ڏاڍي سڪ وچان گيتا جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳو.

گيتا منهن تي ڦڪي مرڪ آڻي چيو. ”جيئن اڄ ليٽي بادلن ڏانهن ٻئي نهاريان ۽ تون پر ۾ ويٺو آهين، ساڳيو ائين. هڪ ڏينهن ڪاليج ۾ منجهند وقت مان ۽ گيسو ليٽي بادلن کي ڏسي رهيون هيونسين. ان ڏينهن گيسوءَ هڪ شعر ٻڌايو هو..... ڪيف بردوش بادلون ڪو نہ ديک، بيخبر تو ڪچل نہ جائي ڪهين!“ هن جو اهو چوڻ ڪهڙو نہ سچو ثابت ٿيو آهي. قسمت مون کي ڳهلي ڪٿي وني آئي.“

”توکي اتي ڪا خاص تڪليف تہ ڪانهي گيتا!“ چندر پڇيو.

”سمجهن تہ سڀ ائين ئي ٿا، مگر جيڪا تڪليف اتم سا مان ئي ٿي ڄاڻان ۽ ٻي بنتي ٿي ڄاڻي.“ گيتا اونهو ساهہ کڻي چيو، ”اتي انسان ٿي رهڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي.“

”ڇو؟“

”توکي ڇا ٻڌايان چندر! چندر، ڪڏهن ڪڏهن من ۾ پور ايندو آهي تہ ٻوڙي پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان. مون ڪڏهن سپني ۾ بہ ڪو نہ سوچيو هو تہ زندگيءَ جو اهڙو بہ روپ ٿي سگهندو آهي.“ گيتا چيو.

”ڳالهہ ڪهڙي آهي، ٻڌاءِ نہ؟“

”ٻڌائيندي‌سانءِ ديوتا! توکان ڀلا ڇا لڪائيندس؟ مگر اڄ نہ، ٻئي ڪنهن وقت.. گيتا وراڻيو. تون پريشان نہ ٿيءُ. ڪٿي تون، ڪٿي دنيا! ڪاش، مان تنهنجي هنج کان الڳ ئي نہ ٿيان ها.“ ۽ گيتا پنهنجو منهن چندر جي هنج ۾ لڪائي ڇڏيو. چندر بہ پنهنجو منهن گيتا جي ڀورن وارن مٿان کڻي رکيو.

بادل هٽي ويا ۽ چانڊوڪيءَ جي ساگر جون لهرون فضا مٿان ڇانئجي ويون.

●

ٽئين ڏينهن شنڪر بابو آيو ۽ گيتا چندر جي پيرن جي ڌوڙ مستڪ تي چاڙهي هلي ويئي. هن دفعي هن رنو ڪونہ. هوءَ بلڪل ماٺ هئي، جيئن ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن ويندڙ قيدي. خاموش ۽ ماٺ هوندو آهي. جيستائين آسمان ۾ بادل رهندا آهن تيستائين هيٺ تلاءَ تي بہ انهن جو عڪس رهندو آهي. بادلن جي هٽي وڃڻ بعد ڪو بہ تلاءُ انهن جي عڪس کي سنڀالي سانڍي نٿو سگهي. جيستائين گيتا هئي اوستائين چندر جي زندگيءَ ۾ خوشي ۽ طاقت جو هڪ ساگر ڇوليون هڻندو رهيو ۽ گيتا جي ويندي ئي هو وري اهو سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺو. هنجي من ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ ٽڪاءُ نٿي ڪاڌو. ائين پئي لڳو تہ هن جو من بيحد اونهو تلاءُ آهي. جنهن تي هر سڄ چنڊ. ستاري ۽ بادل جو عڪس نهيو ٿي ۽ انهن جي لنگهي وڃڻ بعد هن انهن عڪسن کي ڌوئي صاف ڪري ٿي ڇڏيو. ڪا بہ شئي ان جي پاڻيءَ تي رنگ چاڙهي نٿي سگهي، ان کي ڇهي نٿي سگهي، صرف ايترو ٿي ٿيو جو لهرن ۾ ان عڪس جي صورت بگڙجي، ٻجڙي ٻڄجي ٿي ويئي. چندر کي پنهنجي چوڌاري دنيا ائين محسوس ٿيڻ لڳي جڻ وهندڙ بادلن جو تماشو هو. ڪاليج جي چهل پهل، برسات جي رم جهم، ٽيسز ۽ ڊگري، برنيءَ جو پاڳلپڻو ۽ پميءَ جا خط. سڀ هن جي سامهون آيا ٿي ۽ بادلن جيان لنگهي ٿي ويا. ڪنهن بہ شئي هن جي دل کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهيو نٿي، ائين پئي لڳو ته پاڻ به هڪ بي آب هلڪو بادل آهي، جنهن کي هوا جو جهوٽو پنهنجي رخ پٺاندڙ اڏائيندو ٿي رهيو. هن کنهن به هڪ هنڌ ٽڪاءُ نٿي ڪاڏو. هن جو احساس هنجي دل، هنجو روح، هن جا خيال، سڀ ڄڻ سمهي پيا هئا ۽ هو پاڻ به ننڊ ۾ هلندو ٿي رهيو. جيڪي ڪيائين ٿي سڀ ننڊ ۾ پئي ڪيائين. اٺن نون ڏينهن بعد گيتا جو هڪ خط آيو.

"منهنجا ديپ!
مان توکي هن دفعي جيئڻ ڇڏي آيس سو مونکي هتي هڪ پل لاءِ به آرام ڪرڻ نٿو ڏئي. پنهنجو من ته مان وڪٽي چڪي آهيان. پنهنجي من جا موتي ته مان ڪچري ۾ ڦٽا ڪري چڪي آهيان. هينئر بس تنهنجي روشنيءَ جي سهاري ٿي پيئي هلان. منهنجا ديپڪ. تون وسامي نه وڃج. تون ئي منهنجي اڪير جي لڄ آهين.
زندگيءَ جي دوزخ وري منهنجي انگ انگ ۾ پهڻ شروع ڪيو آهي. تون چوين ٿو ته جيئڻ به هجي زندگيءَ کي نياءِ. جي مون ائين نه ڪيو ته اهو تنهنجي پيار جو ايمان ٿيندو. نيڪ آهي، مان پنهنجي خاطر نه، تنهنجي خاطر ئي نيائيندس. مگر مان پاڻ کي سنڀاليان ڪيئن! دل ۽ دماغ ٻئي بيوس بڻجندا ٿا وڃن. نفرت وچان منهنجو رت ٽهڪڻ ٿو لڳي. ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي صورت اکين آڏو اچيو ٿي ته پنهنجو دک سک سڀ وساري ٿي ويهان. مگر هي جيون جو طوفان هينئر زور پڪڙيندو ٿو وڃي. اهڙو زور پڪڙيندو ٿو وڃي جو سمجهان پيئي ته توکي به مونکان الڳ ڪري ڇڏيندو. مگر توکي پنهنجي ديوتاپڻي جو قسم آهي. تون مونکي پنهنجي دل کان دور نه ڪجان. توکي شايد خبر ڪانهي ته تنهنجي يادگيريءَ جي سهاري ئي مان هن دوزخ جي ڪنڊ ۾ به پاڻ سنڀالي ويٺي آهيان. تون مونکي ڪٿي لڪائي ڇڏ. مان ڇا ڪريان؟ منهنجو انگ انگ مونتي ٺٺولي پيو ڪري، اکين جي ننڊ ختم ٿي ويئي، آهي. پيرن ۾ ايڏي ته پيڙا آهي جو انجو ذڪر ڪري نٿي سگهان. اٿندي وهندي مٿو ڦِرَ کائي ٿو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن سڄو جسم ڏکڻ ٿو لڳي. اڄ هو بريليءَ ويو آهي ته مس مس پاڻ کي انسان پيئي سمجهان ۽ توکي چٺي لکڻ ويٺي آهيان. تون دکي نه ٿجان، چاهيم ڪونه ٿي ته توکي لکان. مگر نه لکڻ لاءِ به دل نه مڃيو. منهنجا ديوتا. تو ته ائين ئي سمجهي مونکي هتي موڪليو ته هن کان بهتر ور مون لاءِ بيو ملي نه سگهندو. مگر اها خبر ڪنهن کي هئي ته گلن سان گڏ ڪنڊا به ٿيندا آهن.
چڱو. امڙ هينان سڏ پيئي ڪري.. وڃانٿي. بڌ. تون پنهنجي ڪنهن به خط ۾ هنن ڳالهين جو ذڪر نه ڪجان. هي خط به ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏجان.

تنهنجي اڀاڳڻ گيتا!"
چندر کي اهو خط مليو ته هن جي ڄڻ اميد ٽٽي وئي. هن خط ڪٿي بنتيءَ کي سڏ ڪيو. بنتيءَ هڪ هٿ ۾ سبزي ٻئي هٿ ۾ ڪپ ڪٺي آئي ۽ هن جي پرسان اچي ويٺي. چندر خط بنتيءَ کي ڏنو. بنتيءَ خط پڙهيو ۽ اهو چندر کي واپس ڏيئي، چپ چاپ سبزي ڪپڻ لڳي.
چندر به اٿيو ۽ چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ٿوري دير بعد بنتي چانهه کڻي آئي. پڇيائين.
"توهين ديدي کي جواب ڪڏهن لکندا؟"
"مان ڪو نه لکندس."
"ڇو؟"
"ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي بنتي. ته هن کي ڇا لکان" چندر البت خفا ٿيڻ لڳو. بنتي چپ چاپ ويٺي رهي. ٿوري وقت بعد چندر نهايت ڪومل آواز ۾ چيو "بنتي هڪ ڏينهن تو چيو هو ته مان ديوتا آهيان ۽ توکي مونتي فخر آهي. ڇا اڄ به توکي مونتي ساڳيو فخر آهي؟"
"اڳي کان به وڌيڪ" بنتيءَ وراڻيو.
"تعجب آهي" چندر چيو "توکي اگر خبر هجي ته اڄ ڪلهه ڪنهن ڪنهن وقت مان ڇا سوچيندو آهيان ته تون سچ پچ حيران ٿي وڃين. توکي خبر آهي ته گيتا جي هن خط مونکي ذرو به دک نه پهچايو آهي. نه. ان مونکي فقط خفا ڪيو آهي. مان ائين ئي پيو سوچيان ته گيتا ايڏي دک جو. دل جي ڪشمڪش جو هي بهانو ڇو بڻي ناهي. ڪهڙي ڇوڪريءَ کي شادي پسند نه پوندي آهي؟ ڪهڙيءَ ڇوڪريءَ جي پيار ۾ جسماني جزو نٿو رهي؟ ڇوڪريون ڪيڏيون به گيانوان ۽ معصوم بڻجن. مگر جڏهن ڪنهن مرد سان پيار ڪنديون ته هن کي پنهنجي معصوميت. پنهنجو دماغ نه. پر پنهنجو جسم ئي ارپينديون ۽ جيڪڏهن اڳلو سندن جسم قبول نه ڪري ته ڪروڌ ۾ پرچي وينديون. دل ئي دل ۾ تڙپڻ شروع ڪنديون. هينئر ته مونکي ائين ٿو لڳي ته جنسي بک ئي پيار آهي. پيار جو مکيه جزو آهي. باقي ٻيو سڀ ڪجهه ان جي تياري آهي. ان لاءِ ڪارگر فضا ۽ پروسو پيدا ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. الائي ڇو هينئر مونکي انهن سڀني ڳالهين کان نفرت ٿيندي ٿي وڃي. هيلتائين مان پيار ۽ جنسي بک کي ٻه الڳ شيون سمجهندو هوس. پيار تي ڀروسو هئم. سيڪس. جنسي بک کان نفرت هيم. پر هينئر اهي ٻئي مون کي هڪ ئي شئي نظر ٿيون اچن ۽ هن زندگيءَ لاءِ دل ۾ ڄڻ هڪ قسم جي بيزاري پيدا ٿي ويئي آهي. تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي بنتي؟"

"منهنجي؟ مان اڻ پڙهيل. مونکي انهن ڳالهين تي بحث ڪرڻ جي ڪهڙي ڄاڻ. مگر هڪ ڳالهه آهي. گهڻو لکڻ پڙهڻ فائدي وارو نه آهي."

"سو ڪيئن؟" چندر سوال ڪيو.

"پڙهڻ لکڻ سبب ئي توهين ۽ ديدي نه ڄاڻ ڇا ڇا سوچيندا ٿا رهو. مون ڳوٺن ۾ ائين ئي ڏٺو آهي ته اتي سڀ ڇوڪريون ڄاڻنديون آهن. سمجهنديون آهن ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي. انهي ڪري هنن سڀني ڳالهين تي هو سوچينديون ئي ڪونهن. پاڻ کي پريشان ڪنديون ئي ڪونهن. بلڪ مون ته ائين ئي ڏٺو آهي ته سڀ ڳوناڻيون ڇوڪريون شاديءَ بعد مڃي متاريون ٿي وينديون آهن. ديدي هينئر ننڍڙي بار ڪونهي جو هن جي طبيعت ائين خراب ٿي وڃي. هي سڀ پاڻ کي اندر ۾ گهٽڻ جو نتيجو آهي. جڏهن ٿيو ئي ائين آهي ته پوءِ ديدي دکي ڇو ٿي ٿئي؟ هن کي ته پاڻ ٿلهو متارو ٿيڻ گهرجي."

هن مسئلي جو اهڙو سولو حل ٻڌي چندر کي کل اچي وئي.

"هاڻ تون به ساهرين وينديءَ نه. اتان ٿلهي ٿي اچجان."

"هلو. توهين ته مسخري ڪرڻ لڳا."

"سچ بنتي. تون هن ڳالهه ۾ تمام ڏاهي ٿي لڳين. هيل تائين پنهنجو اهو عقل ڪٿي لڪائي رکيو هئي؟"

"نه. توهين چٽر نه ڪريو ته مان توهان کي سچ ٻڌايان ته ڳوٺن جون ڇوڪريون شهري ڇوڪرين کان وڌيڪ هوشيار ۽ عقلمند ٿينديون آهن... هنن سڀني معاملن ۾!"

"سچ" چندر کي حيرت لڳي. هو ائين سمجهندو هو ته ڳوناڻي زندگي صفا بي لطف ٿيندي آهي.

"تڏهن ڇا؟ اتي ايڏو لڪ لڪاءُ ڪونهي. اتي هر ڪا ڳالهه انهي جيون جي تياري لاءِ ئي ٿيندي آهي. اتي شاديءَ کان اڳيئي ڇوڪرين کي سڀ ڪجهه...."

"هان. هان... ڇوين ڇا ٿي؟" چندر کي سچ پچ اعتبار ئي نٿي آيو.

"ڇو. يقين نٿو ٿئيو؟ ته پلا مونکي سڀ ڪجهه ڪيئن معلوم ٿيو. مان توهان کان ڪجهه به لڪائڻ نٿي چاهيان. ڳوٺ جا ماڻهو ته هن ڳالهه کي اهڙو ئي فطري سمجهندا آهن جهڙو اٿڻ وهڻ. کائڻ پيئڻ. بس ڇوڪرين تي فقط ايترو ڌيان رکڻو پوندو آهي ته ڪنهن مصيبت ۾ نه اڙجي وڃن."

چندر خاموش وينو ڇانهن پيئندو رهيو. اڄ تائين هو زندگيءَ کي ڪهڙو نه معصوم. ڪهڙو نه نماڻو سمجهندو آيو هو. پر حقيقت ۾ زندگي ٻيو ڪجهه هئي. زندگي اڄ به آهائي هئي جيئن ڪائنات جي منڍ ۾ هئي. دنيا ڪيڏي نه چالاڪ آهي. ڪيڏو دوکو ٿي ڏئي! اندر دل ۾ زهر ڀريل هوندي به باهر هن جي چپن تي ڪهڙي نه امرت ڀري مني مرڪ پيئي ڪيڏي! هيءَ بنتي. جا ههڙي مانيٽي. ابوجهه ۽ سادي سودي لڳندي هئي، ان ۾ سڀ ڳڻ ڀريل آهن هن دنيا ۾ صرف خواهش ۽ احساس جو سهارو پڪڙي آدرشن ۽ اصولن کي ڇهڻي هلڻ وارا انسان ڪيڏا نه مورک آهن! چندر زندگيءَ کي پرکڻ. سمجهڻ ۾ ڪيڏو نه دوکو کادو هو. زندگي ڇا اهائي آهي.... جسم ۽ پياس ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کي لڪائڻ جو فن؟

هو وينو وينو ائين سوچيندو رهيو. اوچتو هن سوال ڪيو. "بنتي. تون به ڳوٺ ۾ رهي آهين. گيتا به اتي رهي آهي. ڇا توهانجي زندگين ۾ پڻ اهو سڀ ڪجهه ٿيو؟"

بنتي گهڙي پل چپ رهي. پوءِ چيائين "ڇو. انهيءَ ڪري توهين اسان سان نفرت ڪندا؟"

"نه بنتي. منهنجي دل ۾ اڳيئيءَ جيڪا نفرت ۽ اداسي ڀري پيئي آهي تنهن کان وڌيڪ اتي پيدا ٿي نٿي سگهي. ٻڌائڻ چاهين ته ٻلي ٻڌاءِ. مان هينئر زندگيءَ کي سمجهڻ ٿو چاهيان. حقيقت جي سطح تي!" چندر نهايت ڳنڀير انداز ۾ چيو.

"مون نه اڳي توهان کان ڪجهه لڪايو آهي. نه اڄ لڪائيندس. نه ڄاڻ ڇو. هينئر ديديءَ کان وڌيڪ توهان تي ڀروسو ٿيندو ٿو وڃيم. گيتا ديديءَ جي زندگيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿي نه سگهيو. هوءَ ڏاڍي عجيب ڇوڪري هئي. هوءَ سڀني کان پري رهندي هئي. سڄو ڏينهن ڪتاب پيئي پڙهندي هئي ۽ تلاءَ تان ڪنول چني ايندي هئي. منهنجي زندگيءَ ۾.."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر چانهہ جو پيالو هيٺ رکيو. هن هڪ عجيب نموني بنتيءَ ڏانهن نهاريو. هوءَ بلڪل ماٺ هئي، بنا ڪنهن هٻڪ جي، تمام سياڻپ نموني ڳالهائي رهي هئي.

چندر چپ هو. بنتي پنهنجي پيرن سان چندر جي پيرن جي آڱرين کي دٻائيندي چيو "چا پيا سوچيو توهين! ٻڌو وينا نہ!"

"بس، ڇڏ انهي ڳالهہ کي، مان وڌيڪ ٻڌڻ نٿو چاهيان. مگر تون مونتي ايڏو ڀروسو ڇو ٿي ڪرين؟" چندر هن کان سوال ڪيو.

"الائي ڇو، هتي اچي مون توهان جو ديديءَ سان ورتاءُ ڏٺو. پوءِ وري پميءَ وارو واقعو ٿيو. انهي بعد منهنجي من ۾ توهان لاءِ هڪ عجيب ڪشش پيدا ٿي ويئي آهي. اڳي منهنجي دل ۾ دنيا لاءِ هڪ قسم جو ڌڪار هو. مگر توهان کي ڏسي منهنجي دل مان دنيا لاءِ ڌڪار گم ٿي ويو."

"عجب آهي تنهنجي دل مان دنيا لاءِ ڌڪار گم ٿي ويو. ۽ منهنجي دل ۾ اهو وڌي ويو. اسان جي خيالن ۾ ڪيڏو نہ فرق ٿو رهي. بنتي توکان هڪ ڳالهہ پڇان؟ تون منهنجي هيترو ويجهو رهي آهين، ڪيترائي دفعا اهڙي ڳالهہ ٿي هوندي، جو تنهنجي من ۾ منهنجي لاءِ جيڪر شڪ پيدا ٿئي، تو انيڪ دفعا مونکي پنهنجي سيني ۾ لڪائي آٿت ڏنو آهي، تون مونکي برابر بيحد پياري آهين. مگر تون اهو بہ چاهين ٿي تہ مان توکي پيار ڪونہ ٿو ڪريان. پوءِ تڏهن اهو ڇا آهي، ڪهڙي شئي آهي؟"

بنتي ٿوري دير چپ رهڻ بعد چيو "خبر ناهي ڇا آهي، يا اهو ڪيئن ٿو ٿئي؟ مونکي انهيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو گناهہ نظر نہ آيو آهي ۽ ڪڏهن اهڙو شڪ پيدا ٿيو بہ. تہ مون پنهنجي من کي ائين ئي چيو تہ توهين اهڙا معصوم آهيو. توهان جو ڪردار اهڙو تہ اوچو آهي جو منهنجو ڏوهہ بہ توهان کي ڇهڻ سان معاف ٿي ويندو."

"مگر بنتي.."

"بس!" بنتيءَ چندر کي روڪيندي چيو "انهي کان وڌيڪ ڪجهہ نہ پڇو. مان توهان کي هٿ ٿي جوڙيان."

چندر ماٺ ٿي ويو.

●

چندر جيترو ئي زندگيءَ کي سلجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، زندگي اوترو ئي الجهندي ٿي ويئي. گيتا زندگيءَ جو هڪ پهلو چندر اڳيان رکيو هو. بنتيءَ هن کي ٻيءَ دنيا ۾ ڇڪي آئي، ڪهڙو سچ هو، ڪهڙو ڪوڙ هو؟ هو ڪنهن کي ٺوڪاري ٺڙو ڪري، ڪنهن کي قبولي؟ جي گيتا غلطيءَ جي راهہ تي هئي تہ انجي سموري جوابداري مٿس ئي هئي. پاڻ ئي گيتا جو قتل ڪيو هئائين. مگر ٻنهي عورتن ۾ ڪيڏو نہ فرق هو. بنتي ڪهڙي نہ سادي ڪهڙي نہ حقيقت پرست. ڪهڙي نہ گنڀير ۽ سنجيده هئي ۽ گيتا ڪهڙي نہ آدرش پرست، خواهشن جي ڪهڙي نہ سريلي، ڪيڏي نہ اوچي، نماڻي ۽ معصوم هئي!

زندگيءَ جي مسئلن جي ڇڪتاڻ ۾ انسان جڏهن انجي جدا جدا پهلوئن کي پرکيندو، سمجهندو آهي تہ ان بعد هن جي من ۾ سڪون ايندو آهي. هو احساس جي سطح کان مٿي چڙهي، سادگيءَ ۽ گيان جي اوچاين تي پهچندو آهي ۽ زندگيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ شروع ڪندو آهي، چندر بہ هيئنر احساس جو پلئو ڇڏي زندگيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هو. هيئنر هو احساس کان ڇرڪڻ لڳو. احساسن جي طوفان ۾ هيترين ٺوڪرن کائڻ بعد هيئنر هن سادگيءَ جا پير پڪڙيا هئا. ڪنهن سمي هو فقط جذبات کان نفرت ڪندو هو. مگر اڄ هن کي هر احساس کان نفرت ٿي ويني هئي، انهي نفرت جو نتيجو گيتا ۽ بنتيءَ ٻنهي کي ڀوڳڻو پيو. گيتا کي هن هڪ بہ خط نہ لکيو ۽ بنتيءَ سان سنئون منهن ڏيئي ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيائين.

احساس ۽ سونهن جي پوڄاريءَ کي جڏهن گيان ۽ حقيقت پسنديءَ جي لهس ايندي آهي تہ اوچتوئي هن جي من ۾ رڪائي ۽ ٺنولبازي اڀڙڪا ڏيڻ شروع ڪندي آهي. هن وقت چندر جي من جي حالت ٻڻ اهڙي قسم جي هئي. هن جي هر لفظ مان زهريلا ڪنڊا ڇيڻ لڳندا هئا ۽ هن کي اها سمڪ ڪانہ رهندي هئي تہ اهي ڪنڊا مان ڪنهن کي ٿو ڇڀايان. هن جي زندگيءَ جي دائري اندر جيڪو بہ شخص آيو ٿي تنهن کي هو پنهنجي رڪائي ۽ پنهنجي ڪوڙي سپاءَ جو سواد چکائيندو ٿي رهيو. اندر ۾ پريل زهر مان ٻاڦ ٻري، دنيا ڏانهن ڇوڙيندو. اڳتي وڌندو ٿي هليو. گيتا کي هو ڪجهہ بہ لکي نٿي سگهيو. پمي هتي هئي ڪانہ. باقي ٻچيل هئي، بنتي، جنهن کي ئي هي زهريلا ٻاڻ سهڻا ٿي پيا. سيپٽمبر جي پڇاڙي هئي ۽ هوءَ ڳوٺ وڃڻ جي تيارين ۾ هئي. ڊاڪٽر پڻ ڳوٺ وڃڻو هو. شاديءَ کان مهينو اڳي ڳوٺ وڃڻ ضروري هو.

چندر نہ خوش هو. نہ ناراض هو، جنت مان ڌڪيل ديودت جنهن کي اَسرن خريد ڪيو هجي. انهي جيان هو زندگيءَ جي سڪن ڏکن کي ٺوڪرون هڻندو. دنيا جي ساگر جي ڪناري تي بيٺو بيٺو سيني تي ڪلي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي دل جو زهر خاص طور عورت مٿان ئي وسندو هو ۽ انهي ڪيفيت ۾ هن کي اهو به سماءُ ڪونه رهندو هو ته ڪيڏي مهل ڪنهن سان ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪريان. ٻنتي چپ چاپ سڀ سهندي ٿي رهي. ٻنتيءَ کي گيتا جيان روئڻ به ڪونه ايندو هو. چندر به هن جي ايئن پرواه ڪونه ڪندو هو جيئن گيتا جي ڪندو هو. ٻنهي وچ ۾ هينئر ڳالهائڻ به تمام ٿورو ٿيندو هو. ٻنتي اندر ئي اندر بيحد دکي ٿيندي هئي، پر هوءَ ڇا ڪري؟ هڪ ڏينهن هن چندر جا پير پڪڙي بيحد التجا ڪري چيو، "هي توهان کي ڇا ٿيندو ٿو وڃي؟ توهين جيڪڏهن پاڻ نه سنڀاليندا ته مان ديديءَ کي لکي موڪليندس."

چندر هڪ ڊيڄاريندڙ ٽهڪ ڏنو "ديديءَ کي ڇا لکندينءَ؟ هينئر مونکي هن جي ڪهڙي پرواهه آهي؟ اهي ڏينهن گذري ويا ٻنتي. گهٽيئي ڏينهن اهو مذاق هليو."

"چندر بابو... ڪاش، توهين ڇوڪري هجو ها."

"مان سڀ سمجهان ٿو. ڇوڪريون انهن ناٽڪن ڪرڻ ۾ تمام هوشيار ٿينديون آهن."

ٻنتي چپ ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن چندر ڪاليج مان موٽيو ته هن جي مٿي ۾ تمام گهڻو سور هو. هو چپ چاپ ليٽي پيو. ٻنتيءَ هن کان پڇيو ته ڇوڙ لڳس: "ڇو ٻڌايانءِ؟ ٻڌائيندو سانءِ ته ڇا تون اهو لاهي ڇڏيندينءَ؟"

ٻنتيءَ چندر جي مٿي تي هٿ رکي چيو. "چندر بابو توهان کي هي ڇا ٿو ٿيندو وڃي؟ ڏسو ته سهين، ڪيئن نه هڏا نڪري آيا اٿو. هيئن پاڻ کي مٽائڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

"مٽائڻ" چندر اٿي ڪڙو ٿي وينو "مان پاڻ کي مٽائيندس ڇوڪرين واسطي! ڇي.. توهين پاڻ کي سمجهو ڇا ٿيون؟ توهان وٽ آهي ڇا انهي هڪ نشيلي جسم کان سواءِ؟ ڇا مان انهي لاءِ ئي پاڻ کي مٽائيندس؟"

ٻنتيءَ چندر کي ليٽائي سمهاري ڇڏيو.

"پاڻ کي هيئن دوکي ڏيڻ مان ڇا ٿيندو چندر بابو؟ مونکي خبر آهي ته ديديءَ جي وڃڻ بعد توهان جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نه خال پيدا ٿيو آهي، مگر..."

"ديدي جي هلئي وڃڻ بعد! تنهنجو مطلب ڇا آهي؟"

"منهنجو مطلب توهين ڀلي ڀت سمجهو ٿا. مون کي خبر آهي ته ديديءَ هوندي توهين پاڻ کي هيئن ڪونه مٽايو ها. مونکي خبر آهي ته توهان جي دل ۾ ديديءَ جو ڪهڙو مقام آهي". ٻنتي هنجي مٿي ۾ تيل مهٽڻ لڳي.

چندر نهايت عجيب نموني ٽهڪ ڏيئي چيو، "ڇاهي منهنجي دل ۾ ديديءَ لاءِ؟ اڳي منهنجي دل ۾ تنهنجي ديديءَ لاءِ هڪ آدرش پسند جذبات هئي جا اڻ گهڙيل دلين ۾ پيدا ٿيندي آهي، ان احساس ۾ اڄ منهنجو ذرو به ڀروسو نه آهي، اهو هڪ پاڳلپڻو هو".

"پاڳلپڻو" ٻنتيءَ چندر جي مٿي ۾ چپ چاپ تيل مهٽيندي رهي، "ٻنهنجي ساهن سان ناهيل ديدي جي مورتيءَ کي هيئن لتون نه هڻو. اهڙي ڳالهه توهان کي سونهي نٿي." ٻنتيءَ اکين ۾ لڙڪ ڀري سوچڻ لڳي.... ديدي ڪهڙي نه اڀاڳي آهي!

چندر يڪ ٽڪ ٻنتيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو، "ٻنتي، مان هاڻي پاڳل ٿِجي ويندس."

"مان توهان کي پاڳل ٿيڻ نه ڏيندس. مان توهان کي ڇڏي نه وينديس."

"مونکي ڇڏي نه وينديءَ؟" چندر وري ٽهڪ ڏنو. "وڃ وڃ، تون هاڻي شريمتي ٻنتي ٿجڻ واري آهين. تنهنجي شادي ٿيندي. مان پاڳل ٿي ويندس ته پوءِ ڇا؟ انهن سڀني ڳالهين ڪري دنيا بيهي ڪانه ويندي. شرنايون بند ڪونه ٿينديون. شاديون ٽٽي ڪونه سگهنديون."

"نه چندر بابو. مان اصل ڪانه وينديس. توهان اڃا مونکي پوريءَ طرح نه سڃاتو. مان هيل تائين توهان جي هيڏي بي پرواهي، هيڏي رڪائي سهندي آئي آهيان ۽ هينئر دنيا جي ڇٽربازي، ملامت سهندي به توهان وٽ رهي سگهنديس." ٻنتيءَ جي آواز ۾ جوش ڀرجي ويو هو.

"ڇو؟ تنهنجي رهڻ سان ڇا ٿيندو؟ تون گيتا ڪانه آهين تون گيتا ٿجي نٿي سگهين. منهنجي زندگيءَ ۾ گيتا کي جيڪا جاءِ هئي، اها ٻيو ڪير به والاري نٿو سگهي. سمجهيئي؟ تون مونتي احسان نه ڪر. مان مري وڃان، تنهن ۾ ٻين جو ڇا؟ مون کي هينئر رتيءَ ٻر به ڪنهن جي پرواهه نه آهي. تون هتان هلي وڃ." ائين چئي هن ٻنتيءَ کي ٿيلهو ڏيئي ٻري هٽائي ڇڏيو. تيل جي شيشي ڪٿي ڦٽي ڪيائين.

ٻنتي روئندي هلي ويئي. چندر اٿيو ۽ ڪپڙا پائي ٻاهر نڪري ويو. هي ڇوڪريون پاڻ کي الائي سمجهن ڇا ٿيون! مونتي احسان ڪرڻ هليون آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنتيءَ جي وڃڻ جي تياري ٿي چڪي هئي. سمورو سامان ٻڌجي چڪو هو. ڊاڪٽر صاحب به هن سان گڏ وڃڻو هو. تنهن ڏينهن جي واقعي بعد بنتيءَ وري چندر سان ڪونه ڳالهيو هو. چندر به هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي هئي.

سيٺي موٽر رستي وڃڻا هئا. ڊاڪٽر صاحب موٽر ڪٽي بازار ويو هو. چندر هن جو هو لڊال ٻڌي رهيو هو جو بنتيءَ اچي چيو. "مان توهان سان هڪ ڳالهه ڪري سگهان ٿي؟"

"ها... ها.. تون ان ڏينهن جي ڳالهه تي اهڙو ناراض ٿي وئينءَ! ڇوڪريون سچي ڳالهه تي هميشه ناراض ٿي وڃن. چئه. ڪهڙي ڳالهه آهي؟" چندر اڄ اڻين ٿي ڳالهايو ڄڻ اڳي ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو.

بنتيءَ جي اکين ۾ لڙڪ ٿي چمڪيا. "چندر، اڄ مان وڃي رهي آهيان."

"اها ته مونکي به خبر آهي، مان به انهي جوئي ته انتظار پيو ڪريان."

"نه ڄاڻ مونکان ڪهڙو گناهه ٿي ويو جو توهان جو سمورو چاهه مان وڃائي ويٺيس. جي اڻين ئي ڪرڻو هو ته پهرين مونکي ايڏو چاهه ڏيکاريو ڇو؟ مون توهان کان ڪڏهن به ديديءَ جو مقام نه گهريو هو... توهان مونکي غلط ڇو سمجهيو؟"

"نه بنتي، مونکي هينئر اهي چاهه وغيره جهڙيون ڳالهيون پسند نه آهن. مان هينئر بلڪل نرٺ، خشڪ ماڻهو ٿي ويو آهيان. جنهن کي هينئر اهي جذباتي مظاهرا پسند نٿا پون. چاهه وغيره جي دنيا هينئر مونکي ابتي دنيا ٿي لڳي."

"ٺيڪ ٿا چئو. هيترا ڏينهن مان روئندي رڙندي رهيس ته توهين مون کان هڪ دفعو پڇڻ به ڪونه آيا. زندگيءَ ۾ توهان ۽ ديديءَ ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪير هو. پر توهان منهنجي لڙڪن جي ذري به پرواهه نه ڪئي. مان توهان کي ڏوهه ڪانه ٿي ڏيان. ڏوهه ضرور منهنجو ئي هوندو، چندر بابو!"

"نه بنتي، هن ۾ قصور جي ڳالهه نه آهي. زالن جي روئڻ پٽڻ جي ڪيتري پرواهه ڪبي. هنن کي ته ڪتي ٻلي جي دک تي به روئڻ اچي ويندو آهي."

"ٺيڪ آهي چندر بابو! خدا ڪري توهين هميشه اهڙا مضبوط دل رهو. مون توهان جي لاءِ جيڪي ڪيو، خاص ڪجهه ڪيم ته ڪو نه.. پر جيڪي به ڪيم سو فقط انهيءَ ڪري جو توهان منهنجي دل ۾ نه ڄاڻ ايڏي ممتا ڪٿان پيدا ڪئي. مان هميشه اهائي ڪوشش ڪندي رهيس ته توهان جي دل کي ذرو به دک پهچڻ نه ڏيان. توهان پنهنجي شخصيت سان مون تي ڄڻ جادو ڪري ڇڏيو هو. توهان مونکي ان جادوءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو. توهين مونکي ڪجهه به ڪرڻ لاءِ چئو ها ته مان هڪ پل لاءِ به ڪانه هٻڪان ها.....مگر خير. توهان کي منهنجي ضرورت نه پئي. مون ڏٺو ته مان توهان تي بوجهه ٿي پيئي آهيان. تڏهن مون پاڻ کي هڪدم هٽائي ورتو. هينئر وري ڪڏهن به توهان جي زندگيءَ ۾ اچڻ جي همت نه ڪنديس. مان هينئر ايئن ڪيئن چوان ته توهان کي آئينده وري ڪڏهن منهنجي ضرورت پوندي. مونکي خبر آهي ته توهان جي طوفاني شخصيت اڳيان مان بيحد تڇ آهيان. ڪک کان به تڇ آهيان. مگر پڇاڙيءَ ۾ وڃڻ وقت ڇا مونکي دعا نه ڏيندا؟ آئينده جي واٽ نه ڏسيندا؟"

بنتي هيٺ جهڪي چندر جا قدم ڇهيا. چندر بنتيءَ کي هٿ کان وٺي اٿاريو. هن کي پنهنجي پرواري ڪرسيءَ تي وهاريائين ۽ هن جي مٿي تي هٿ ڦيري چيائين "بنتي، دعا ديوتائن وٽان ملندي آهي مان ته هن وقت هڪ پاڳل. هڪ ڀوت بڻجي چڪو آهيان!"

●

چندر کي اڪيلائي گهربي هئي. سا هن کي ملي وئي. سڄو گهر خالي هو. سواءِ هڪ مهراڄڻ، مالهي ۽ نوڪر جي. سڄي گهر ۾ سناٽو هو ۽ ان سناٽي جو ڀوت هو چندر! چندر پلي ڪيترو به ٽٽي وڃي، ڪيترو به ڊهي پوي، مگر هو شڪست کائڻ وارو نه هو. هارائي به اها هار قبولڻ. مڃڻ سکيو ئي ڪونه هو. هن جي من ۾ هينئر گهور سناٽو هو. هن جي من ۾ گيتا جي جيڪا معصوم تصور کان به پياري وڏي مورتي سجيل هئي، تنهن کي هن سنگدليءَ سان اتان اکوڙي ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. مندر جي معصوميت سمان بنتيءَ کي به هن بيعزتو ڪيو ۽ مندر جي پوڄا جي قدرن ۽ پنهنجي جيون جي سمورن آدرشن ۽ اصولن کي هن چور چور ڪري ڇڏيو هو. هو هينئر هڪ بت شڪن وڃيتا جيان، هيبتناڪ ٽهڪ ڏيندو، مندر جي ڪريل ديوارن کي پيرن هيٺان لتاڙيندو اڳتي وڌي رهيو هو. هن جو من اهو کنڊر بڻجي چڪو هو. جنهن جي اجڙيل، ٻنا ڇت ڪمرن ۾ چمڙا اچي اجهو وٺندا هئا. ڪاش! ڪير انهن کنڊرن جون سرون هٽائي ڏسي ها ته هن کي هر سر هيٺان آدرش سڏڪا ڀريندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملن ها. انهن سرن وچ ۾ پريل مٽي ۽ ڌوڙ ۾ مندر جي گهندن گهڙيالن جي مٺڙي گونج سمايل ملي ها. هر قدم تي پوڄا جا مرجهايل گل ملن ها ۽ هر صبح ۽ شام انهن کنڊر جي ديوارن سان ديو مورتين جي درد ڀري پڪار ۽ روڏن جو پڙاڏو ٽڪرجندو ٻڌڻ ۾ اچي ها. مگر چندر کو اهڙو جهڙو دشمن ڪونہ هو. هن ان مندر کي چور چور ڪري، کنڊر بنائي ان مٿان پنهنجي فخر ۽ گهمنڊ جو پهرو بيهاري ڇڏيو هو، جيئن ڪير بہ انهي کنڊر جي بنياد کي کوٽي نہ سگهي، انهن هيٺان دٻيل پراڻين يادگيرين، اڳين پوڄائن کي وري مٿين سطح تي آڻي نہ سگهي. چندر اهو بت شڪن هو، جنهن جي دل فقط مندر کي ڊاهڻ سان پوري نہ ٿيندي آهي. هن مندر ڊاهڻ بعد سڄي شهر کي ويران بنائي ڇڏڻ ٿي چاهيو. جيئن اهي شهر واسي ٿي نہ رهن جي وري اچي مندر کي کڙو ڪن. پنهنجي من کي ائين سڃي بنائڻ بعد چندر پنهنجي زندگي، پنهنجي رهڻي ڪرڻي، پنهنجو مڪان، پنهنجي چوڌاري فضا پڻ سنسان بنائي ڇڏي هئي. سيارو شروع ٿي چڪو هو. مگر هن جي چوڌاري اجا چاليهي جي ٻپهري جو ڀيانڪ سناٽو ڇانيل هو.

بنتيءَ وڃڻ بعد ڪوبہ خط نہ لکيو هو. گيتا جا خط اچڻ بہ بند ٿي ويا هئا. ڀميءَ جا بہ خط آيا. هن اڄ ڪلهہ دهليءَ جا چڪر ڀئي هنيا مگر چندر ڀميءَ جي خطن جو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. اڪيلو... اڪيلو... بلڪل اڪيلو صحرا جي رڻ پٽ جو ڀيانڪ سناٽو .... اهو بہ ان وقت جو جڏهن ڏڪنڌ لال سج افق تي پنهنجا آخرين ساهہ کڻي رهيو هجي ۽ واريءَ جي دٻن جا نيم زندهہ عڪس واريءَ جي لهرن مٿان هوريان هوريان چري رهيا هجن.

بنتيءَ جي شادي ۾ باقي پندرهن ڏينهن هئا. جو گيتا جو هڪ خط آيو....

منهنجا ديوتا!
منهنجا نور!
منهنجا سونها!
منهنجا ديپ!

گهڻن ڏينهن بعد مس مس توکي لکڻ جو وجهہ مليو اٿم. سوچيو هوم تہ بنتيءَ جي شاديءَ کان مهينو کن اڳي ڳوٺ ايندس، اتان ڏينهڪ اتي اچي توکي ڏسي ويندس. مگر ارادا ارادا آهن ۽ زندگي زندگي! هينئر گيتا پنهنجي ڏير، پنهنجي سس ۽ ان سس جي پٽ جي غلام آهي! مونکي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن ئي موٽي اچڻو آهي، توکي جيڪر اتيئي سڏايان، پر اتي پردو ۽ پابندي هتي جي ساهرن کان بہ بدتر آهي.

مون بنتيءَ کان تنهنجي باري ۾ ڏاڍي پڇا ڪئي، پر هوءَ ڪجهہ بہ نٿي ٻڌائي. پاپا کان ايترو معلوم ٿيو آهي تہ تنهنجي ٿيسز ڇپجڻ ويئي آهي. ڪنووڪيشن ويجهو آهي. توکي ياد آهي تہ انجام اهو ڪيو هيئي تہ تنهنجو گائون پائي فوٽو مان ڪڍائيندس. اهو ڏينهن ياد ڪري تہ من کي الائي ڇا ٿو ٿئي. ڪنووڪيشن تي هڪ فوٽو ڪڍائي ضرور موڪلجان.

تو بنتيءَ جو من دکايو آهي ڇا؟ بنتي هميشهہ تنهنجي نالي وٺڻ تي لڙڪ وهائيندي ٿي رهي، مون تنهنجي ئي آسري بنتيءَ کي اتي ڇڏيو هو، مان هن کان دور. ماءُ جو سک هن کي نصيب ڪونہ ٿيو، پيءُ هنجو گذاري ويو. ڇا تون هن کي ٿورو پيار بہ ڏيئي نٿي سگهئين؟ مون توکي وري وري ڪيڏيون نہ پارتون ڪيون هيون! منهنجي صحت هينئر بهتر آهي. ڪڏهن ڪڏهن مٿي ۾ سخت سور ٿو اپري، جيءُ بيزار ٿي ٿو وڃي. اڄ ڪلهہ "هو" منهنجو ڏاڍو خيال رکندو آهي، مگر اجا مونکي سمجهي نہ سگهيو آهي. هن سموري سک ۽ آزاديءَ وچ ۾ بہ مان ڪيڏي نہ پريشان آهيان، ڪيڏي نہ بي سڪون آهيان! ائين ڀيو لڳيم تہ نسن ۾ هزارين طوفان پيا ڦرنم.

چندر، هڪ ڳالهہ ڇوان.... جي برو نہ پائين. اڄ شاديءَ کان ڇهن مهينن بعد بہ مان ائين ئي ٿي چوان تہ چندر! تو ڇگو ڪونہ ڪيو. منهنجي آتما صرف تولاءِ پيدا ٿي هئي، اها انهن جزن جي جڙيل آهي، جي صرف تنهجي ئي پوڄا ڪري سگهن ٿا. تو مونکي ڌڪي دور ڦٽو ڪري ڇڏيو. مگر ياد رکجان، هن دوريءَ تي بہ مان صرف تو کي ڳوليندي ٿي رهان، جنم جنم ڀٽڪندي بہ توکي ئي ڳوليندي رهنديس ۽ هن کان پوءِ جڏهن تون مونکي هڪ دفعو وري ملي ويندين تہ زندگيءَ جي ڪابہ طاقت ڪوبہ آدرش، ڪوبہ اصول، ڪو بہ بند، مونکي توکان الڳ ڪري نہ سگهندو. پنر جنم الائي سچ آهي يا ڪوڙ! جي اهو ڪوڙ آهي چندر! تہ ذرا سوچ... هن ڪوڙي جڳ ۾ صرف هڪ دفعو. صرف هڪ دفعو مون پنهنجي روح جي سچ کي ڳولي لڌو ۽ هينئر وري ڪوڙي جڳ لاءِ ان کي، وڃائي وينس. جي پنرجنم سچ نہ آهي تہ تون ئي ٻڌاءِ منهنجا ديوتا! هاڻي ڇا ٿيندو؟ ڪروڙين ساهہ ۽ جسم، جنم وٺندا ميلاپ ٿيندا. مگر مان هڪ اڻ ٻريل چنگاريءَ جيان، اٿاهہ آسمان ۾ تڙپندي، انڌيري جي هر پردي سان ٽڪر کائيندي رهنديس، نہ ڄاڻ ڪيستائين! جيئن جيئن دوري وڌندي ٿي وڃي، تيئن پوڄا جي پياس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيز ٿينديون ٿي وڃي. ڪاش! مان ستارن جي پشپن سان، سچ جي آرتيءَ سان تنهنجي پوڄا ڪري سگهان! خبر اٿئي تہ مونکي هتي ڪرٿو ڇا ٿو پوي. منهنجي ننڍڙي ڏير نيلوءَ هڪ پهاڙي ڪوئو پاليو آهي. انجي پڃري ۾ اندر هڪ ڇڪر لڳل آهي، جنهن ۾ گهنڊ ٽيون ٻڌل آهن. اگر اهو اياڳو ڪوئو ان ڇڪر ۾ اچي ڦاسندو آهي تہ جيئن جيئن هو آزاد ٿيڻ لاءِ پير هلائيندو آهي تيئن اهو ڇڪر ڦرڻ لڳندو آهي ۽ ان ۾ ٻڌل گهنڊٽيون وڄڻ شروع ٿينديون آهن. نيلو ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. مگر ڪوئو ٽڪجي بيجان بڻجي هيٺ ڪري پوندو آهي. چندر! مان بہ هڪ اهڙي ئي ڇڪر ۾ ڦاسجي ويئي آهيان. سچ فقط اهو آهي تہ ان ڇڪر ۾ ٻڌل گهنڊٽيون جڏهن وڄڻ شروع ٿيون ڪن تہ تون انهن جي آواز کي مندر ۾ پوڄا جي گهنڊٽين جو آواز ٿو سمجهين... مگرخير... هينئر منهنجي هڪ ئي خواهش آهي چندر!... تہ هاڻي ٽڪجي، بيجان ٿي ڪري پوان! منهنجا نصيب! خط جو جواب جلد ڏجان. پمي موٽي يا اچان نہ؟

تنهنجي،

جنم جنم کان پياسي، گيتا!

چندر اهو خط پڙهيو ۽ هڪدم جواب لکڻ ويٺو.....

پياري گيتا!

تنهنجو خط گهڻن ڏينهن بعد مليو. اتي تنهنجي ٻوليءَ ڪماليت حاصل ڪئي آهي، مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن اخبار يا مخزن ۾ تنهنجو هي خط ڪٿي ڇپايان تہ ماڻهو ان کي ڪنهن رومانوي ناول جو باب سمجهندا. ڇاڪاڻ جو اهڙا خط ناولن جا ليکڪ ئي لکي سگهندا آهن. حقيقي جيون ۾ تہ ڪوبہ شخص اهڙو خط ڪونہ لکندو.

مان نيڪ آهيان. هر ڪو انسان زندگيءَ سان سمجهوتو ڪندو آهي، مگر مون تہ زندگيءَ کان ناهہ ڪرائي سندس هٿيار رکائي ڇڏيا آهن. هينئر قلعي کان ٻاهران ايندڙ آواز وٺندڙ نٿا محسوس ٿين. نہ خطن ملڻ جو چاهہ آهي نہ جواب ڏيڻ جي اڻ تڻ آهي. مونکي جي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏين تہ ڏاڍو سنئو. مان توکي عرض ٿو ڪريان تہ وري مونکي خط نہ لکجان.... اِچ عرض ٿو ڪريان ڇاڪاڻ جو حڪم ڏيڻ جي مون ۾ همت نہ آهي. نہ مونکي اهڙو حق آهي. نہ منهنجو اهو وجود آهي. تنهنجو خط توکي واپس موڪلي رهيو آهيان.

زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪا اهڙي ضرورت اچي پوئي تہ ضرور ياد ڪجان. هونءَ... بس انهيءَ کان وڌيڪ ڪجھ ڪونهي.

پاڻ ۾ ئي پورو

چندر ڪمار ڪپور

انهيءَ بعد وري ان سنسان زندگيءَ جو دورو! ڪنڊر جي سناٽي ۾ پلجي آيل بانسريءَ جي آواز مثل گيتا جو خط. گيتا جي يادگيري. بہ آئي ۽ موٽي ويئي. ڪنڊر جو سناٽو. سناٽي جا ڇپرا. ٻي ڇت ڪمرا ۽ پٿر لرزيا ۽ پوءِ وري اڳي کان بہ وڌيڪ مضبوطيءَ سان پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويا.

انهيءَ بعد اهوئي اداس سناٽو. اڪيلائي ۽ ٻيهريءَ جي بيهوش گل جهڙو چندر...

●

نومبر جو هڪ خوشنما صبح. سون جا ڏڪندڙ ستارا صبح جي سريلي هوا ۾ الجهيل هئا. آسمان هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي نيرين اکڙين جيان معصوم ۽ نماڻو هو. دليون شرارت جي گلن سان پرجي ويون ٺيون. رُت ۾ . هلين ۾ هڪ نئين تازگي رچي ويئي هئي، چندر پنهنجو جهونو. ڪٿئي رنگ جو گرم ڪوٽ پائي باغ جي سبز ٻاريءَ ۾ اچ وڃ پئي ڪئي. پرسان پاٿيءَ جي دٻي ۾ ٻن ننڍڙن ٻکين ٽٻيون پئي ڏنيون. اوچتو هڪ موٽر آئي، پمي ٽپ ڏيئي ان مان لٿي ۽ ڪنواري هرڻيءَ جيان ڊوڙندي چندر وٽ پهچي چيائين، ماءِ ٻواءِ ! مان اچي ويس."

چندر ڪو بہ چاهہ ڪونہ ڏيکاريو. پنهنجي مرده آواز ۾ صرف ايترو چيائين "هل تہ ڊرائنگ روم ۾ هلي ويهون." هن کي پميءَ جي اچڻ تي ذري بہ خوشي ڪانہ ٿي. پمي هن جي ملول منهن کي ڏسندي رهي ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين، "چو چندر، تون بيمار آهين ڇا؟"

"نہ اڄ ڪلھ مونکي ڪنهن سان ملڻ جلڻ ڪونہ ٿو وڻي، گهر ۾ بہ اڪيلو آهيان." هن اجا بہ پنهنجي رکي ۽ ڦکي آواز ۾ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇو مس گيتا ۽ ڊاڪٽر شڪلا ڪٿي آهن؟“

”هو سيئي شاديءَ تي ويا آهن.“

”اڇا، هن جي شادي بہ ٿي ويئي.. ڊئم اٽ. هي سيئي ڄڻ پاڳل ٿي ويا آهن. برٽي، گيتا، بنتي! ڇو تون ڪنهن سان ملين ڪرين ڇو نہ ٿو؟“

”ائين ئي، دل نٿي چوي.“

”سمجهيم. ساڳي حالت مونسان چار سال اڳي ٿي هئي، توکي ڪٿان نراسائي نصيب ٿي آهي ڇا؟“ پميءَ پڇيو.

”نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي.“ چندر وراڻيو.

”ها، وات سان نہ ڇڻجان، مجڻ سان مرد جي عزت گهٽجي ويندي آهي. تنهنجي شخصيت ۾ اهائي ڳالهہ تہ مون کي وڻندي آهي. خير، اهو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. مان توکي ائين ملول رهڻ نہ ڏينديس“.

چندر پڇيو، ”مسوريءَ ۾ هيترا ڏينهن ڇا پئي ڪيئي؟“

”يوگ ساڌنا“ پميءَ کلي چيو، ”خبر اٿئي، اڄ ڪلهہ مسوريءَ ۾ برف وسي رهي آهي. مون اڳي ڪڏهن بہ برفيلا پهاڙ نہ ڏٺا هئا. صرف انگريزي ناولن ۾ برف ڪرڻ جو ذڪرپڙهيو هوم. خيال ڪيم تہ اڪين سان ڏسي وجان... ڇو، چندر، تو خط ڇو نہ لکيو؟“

”دل نٿي چاهيو. پر ها.. برٽيءَ جي شادي ڪڏهن ٿي ٿئي!“ چندر ڳالهہ ڦيرائڻ سانگي چيو.

”اها تہ ٿي بہ ويئي، مان اڃا واپس پهتي بہ ڪانہ هيس جو ٻڌم تہ جيني هڪ ڏينهن برٽيءَ کي پڪڙي گهليندي پادريءَ اڳيان وٺي وئي. ديول مان واپس موٽي جينيءَ برٽيءَ جو شڪاري سوٽ ڦاڙي ڇڏيو ۽ هن کي ٻيو سولو سٺو سوٽ پارايائين. ٻئي ڏاڍا عجيب آهن، سياري ۾ هڪ ڏينهن برٽي بنا سوئيٽر جينيءَ جي ڪمري ۾ لنگهي ويو تہ جيني غصي وچان هن جا پتلون ڪانسواءِ ٻيا سڀ ڪپڙا لهرائي هن کي پنهنجي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. مان تہ جيئن موٽي آهيان تيئن روز ناٽڪ ڏسندي آهيان. هي ڏس، مان تہ توکي ڏيکارڻ ئي پلجي ويس.“ ۽ هن پنهنجي ڪيسي مان پتل جي هڪ ننڍڙي مورتي ڪڍي ميز تي رکي. ”هڪڙي عورت هيءَ وکٽي رهي هئي، مون گهريمانس تہ چيائين تہ صرف مردن لاءِ آهي. مون پڇيو مانس: ڇو؟ جواب ڏنائين تہ مرد هيءَ پائي ڇڏي تہ مٿس ڪنهن بہ عورت جو جادو نہ هلندو. اها عورت يا مري ويندي يا پيچي ويندي يا هن جي شادي ٻئي ڪنهن سان ٿي ويندي. انهيءَ ڪري مان هيءَ تولاءِ وٺي آيس“.

چندر ڏٺو تہ اها اولو ڪتيشور جي مورتي هئي، هن کلي اها پميءَ کان ورتي ۽ پڇيائين، ”پنهنجي لاءِ ڇا وٺي آئينءَ؟“

پنهنجي لاءِ هڪ نئون راز وٺي آئي آهيان.“

”ڪهڙو؟“

”هيڏانهن مونڏانهن ڏس، مان سندر لڳان ٿي؟“ چندر هينئر ڌيان سان ڏٺو پمي ارڙهن سالن جي جوان پئي لڳي. چهرو پرڃي گول ٿي ويو هوس اکين ۾ ڪنوارپڻو پرڃي آيو هوس مک تي ٻشپن جي معصوميت اچي وئي هيس.

”سچ پمي، تنهنجو جوڀن ڄڻ وري موٽي آيو آهي ڪهڙين اپسرائن جي ڪنج مان هي ٻالڪپڻ چورائي ڪٿي آئي آهين؟“

”چورايو ڪجهہ ڪونہ اٿم چندر! اهوئي راز آتان ڪٿي آئي آهيان، هميشهہ حسين رهڻ جو ۽ اهو راز آندو اٿم اپسرائن جي ڪنج مان نہ، پر گناهن جي ڪنڌ مان. هماليہ جي سايي ۾ مون هڪ نئون سنگيت ٻڌو، چندر، جسماني سنگيت! مسوريءَ جي سماج ۾ رلي ملي ويس. پنهنجي مدهوشي ڇوڏاري ورهائيندي رهيس، بنا ڪنهن هٺڪ يا پڇتاءَ جي. ڇا ڏسان تہ ڏينهون ڏينهن ترندي پئي وڃان چندر، سيڪس اهڙو برو نہ آهي، جهڙو مون اڳي سمجهيو ٿي. تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“

”ها، مان پاڻ ڏسان ٿو تہ سيڪس ماڻهن کي اهڙو خراب ڪونہ ٿو لڳي، جهڙو مان ان کي خراب سمجهندو هوس.“

”نہ صرف ايترو چندر، ڏس اڄ تون ڪهڙو نہ اداس ۽ ملول آهين، پر جي مان تنهنجو مٿو ڪٽي هيٺ پنهنجي هنج ۾ رکان تہ توکي ڪجهہ آرام، ڪجهہ سڪون نہ ٿو محسوس ٿئي؟“ ۽ پميءَ سچ پچ چندر کي پنهنجي هنج ۾ ڪٽي ليٽايو. چندر گهبرائجي پري هٽي ويو. ڪهڙي نہ عجيب ڇوڪري آهي هيءَ! ٿوري دير هو چپ ڙينو رهيو! پوءِ چيائين، ”پمي، تون ڇوڪري آهين، انهي ڪري مان توکان ئي ٿو پڇان... ڇا ڇوڪرين جو پيار سيڪس جي احساس کانسواءِ ناممڪن آهي؟“

”ها“ پميءَ نهايت سخت آواز ۾ چيو.

”پمي، هڪ ڇوڪري آهي... مان توکي هنجو نالو ڪونہ ٻڌائيندس.. هن سان مون پيار ڪيو آهي، مگر هوءَ شايد مون سان شادي ڪري نہ سگهندي، منهنجو ۽ هنجو ڪوبہ جسماني لاڳاپو نہ آهي، ڇا تون انکي پيار نہ سڏيندينءَ؟“

”ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن هن جي شادي ٿي وڃي نڌهن ڀ ڄجان، تنهنجو سمورو پيار سري ختم ٿي ويندو، اڳي مون بہ توکي ائين چيو هو تہ مرد ۽ عورت جي رشتي ۾ وچو تمام ضروري آهي، مگر هينئر مان ائين ٿي سمجهان تہ اهو سڀ پاٽڪي دوکو ٿو ڏجي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مگر بي ڳالهه ٻڌ. هن جي هڪ سکي آهي. هوءَ چاڻي ٿي تہ مان سندس ساهيڙيءَ کي ٿي چاهيان ٿو. ڪيس پيار ڪونہ ٿو ڪريان. انهي حالت ۾ سيڪس يا جسماني بک جي خواهش جو سوال ئي ڪونهي. پوءِ بہ هوءَ مونکي بيحد پيار ٿي ڪري. انهي کي تون ڇا سڏيندينءَ؟“

”اها ٻئي قسم جي حالت آهي. چندر تو ڇا هپناٽزم جي، باري ۾ ڪجهه ڪونہ پڙهيو آهي؟ هي ائين آهي جيئن ڪو هپناٽسٽ هڪ ڇوڪريءَ کي هپناٽائيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي ۽ ان وقت هنجي پر ۾ بيٺل ٻي ڇوڪري ڇپ چاپ اهو ڏسندي هجي. اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ وايو منڊل جي اثر هيٺ ان پر ۾ بيٺل ڇوڪريءَ تي پڻ هپناٽزم جو اثر پوڻ لڳندو آهي. مگر انهي عمل جو اثر ٿورا پل مس هلندو آهي. پوءِ ازخود ٽٽي ويندو آهي.“

چندر کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڀ ڪجهه سلجهي ويو. هڪ گهڙيءَ ۾ هن جي من تان وڏو بوجهه هٽي ويو.

”پمي، تون ئي هڪ ڇوڪري مونکي ملي آهين. جا صاف صاف ڳالهيون ڪري ٿي. سي بہ سچائيءَ جي سطح تي. اڄ ڪلهہ مان ان سچائي ۽ گيان جو ئي پوئلڳ آهيان. جذبات کان مونکي سخت نفرت آهي.“

”سچائي ۽ جسم ٻئي انسان جا ٻہ مکيہ مقصد آهن. دل تہ انهن ٻنهي مقصدن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ الجهن جو ئي نالو آهي“ پميءَ وراڻيو ۽ پوءِ اوچتو واچ ۾ وقت ڏسي چيائين ”نو لڳڻ ۾ آهن. سادي نوين ٻجي مئٽني شو آهي. هل تہ فلم ڏسي اچون.“

”نہ. مونکي ڪاليج وڃڻو آهي.“

”اڙي پروفيسر صاحب. اڄ تہ آچر آهي.“ پميءَ چندر کي اٿاريندي چيو. ”مان توکي اداس رهڻ نہ ڏينديس. منهنجا منڙا سپنا! ياد اٿئي نہ. مونکي بہ انهي اداسيءَ جي اونداهي ڄار مان تو ئي اچي آزاد ڪيو هو!“ ۽ چندر جي وارن کي پنهنجي گرم ملايم چپن سان چميائين.

پميءَ جي چپن جي گلابي باهہ چندر جي نس نس ڦڙڪائي ڇڏي. ڪن لاءِ هو پاڻ وساري وينو. پميءَ جي ريشمي فراڪ جي ڪتڪتائي ڪندڙ ڇهاءُ. هنجي هنج جي گرمائش ۽ هنجي نرم جسم جي جادوءَ ۾ اڙجي ويو. هن جي انگ انگ مان پرياتي شبنم ڦٽي نڪتي. پمي هنجي وارن ۾ آگريون ڦيريندي رهي ۽ پوءِ هن جي ڳل تي هلڪڙي ٺڪڪي هڻي چيائين ”اٿ“.

چندر موٽر ۾ وڃي وينو. پميءَ چيو ”ڊرائيو تون ڪر.“ چندر ڊرائيو ڪرڻ لڳو ۽ پمي هن جي پر ۾ ويٺي. ڪڏهن هن جي ڪالر. ڪڏهن هن جي وارن ۽ ڪڏهن هن جي چپن سان ڪيڏندي رهي.

ستن چندن جي راڻيءَ پنهنجي نگاهن جي جادوءَ سان اداسيءَ جي ڀوت تي سوڀ حاصل ڪئي. جسم جي جوان ريشمي ستارن دوزخ جي باهہ کي شبنم مان نچوئي ڪڍي ٿڌو ڪيو. ڪندر جي ڪڙ ڪيڙاين کي گلاب جي پنکڙين سان ڍڪي ڇڏيو ۽ پيڙا جي انڌيري کي پلڪن وچان جهرندڙ روپي چانڊوڪيءَ سان ڌوئي ڇڏيو. هڪ سريلو آلاپ اٿيو جنهن ۾ جنت جو ترڪيل ديوتا گم ٿي ويو. سريلو اهو آلاپ. جوڀن جي اها چڙهندڙ لهر. چندر کي هڪ ننڍڙي معصوم پشپ جيان پنهنجي وهڪري ۾ گهلي ويئي. جتي پوڄا جا ڏيئا اجهامي ويا. اتي جوانيءَ جي ساهن جي انڌلٺ مثل شمع روشن ٿي وئي. جتي گل ڪومائجي ڌوڙ ۾ دٻجي ويا هئا. اتي جوڀن جي ڇهاءَ سان رنگبرنگي پشپ ٽڙي پيا. آڪاس جي چنڊ لاءِ زندگيءَ جي آڱنڊ ۾ پريشان ٿيل ڪنئيو ٿالهيءَ جي پاڇي پنيان پاڻ وساري وينو.

چندر جي زندگيءَ جون شامون هينئر پميءَ جي روپ جي سايي هيٺ وري مشڪڻ لڳيون. پوري ڇئين ٻجي پمي ايندي هئي ۽ چندر کي موٽر ۾ چاڙهي وٺي ويندي هئي. اٺين ٻجي چندر واپس موٽندو هو. اڳي پيار ٻنا مهينا ڪٽجي ويا. هينئر پميءَ ٻنا هڪ شام ڪٽجي نہ سگهندي هئي. تنهن هوندي بہ چندر پاڻ کي ايترو دور رکيو هو جو پميءَ جي لبن جي گلابن ڪڏهن چندر جي چپن سان بہ خاموش ڳالهيون ڪونہ ڪيون هيون.

●

هڪڙي ڏينهن رات جو چندر گهر موٽيو تہ ڏٺائين تہ پنهنجي موٽر واپس اچي وئي آهي. هن جو من ٽڙي پيو. جيئن پنڪندڙ لاوارث ٻالڪ پنهنجي سنڀاليندڙ جي هنج جي اجهي لاءِ تڙپندو آهي. تيئن گذريل ڏيڍ مهيني کان چندر. ڊاڪٽر صاحب جي ساٿ لاءِ تڙپي رهيو هو. هن جي زندگيءَ ۾ جتي اڄ ڪلهہ فقط نشو ۽ اداسائي هئي. اتي هن جي دل جي هڪ لڪل ڪنڊ ۾ هڪ سنئو احساس پڻ هو. اهو سنئو احساس هو. ڊاڪٽر صاحب ڏانهن. اهو شڪر گذاري جو احساس نہ هو. ڊاڪٽر صاحب اڃا هن کان ايڏو دور ڪونہ ٿيو هو جو سندس دل ۾ هن ڏانهن شڪر گذاريءَ جو احساس پيدا ٿئي. هيڏي وڏي ٿي وڃڻ بعد بہ چندر جڏهن ڊاڪٽر صاحب کي ڏسندو هو. تڏهن هن جي من ۾ اهائي سوچ پيدا ٿيندي هئي. جا هڪ ننڍي ٻالڪ جي دل ۾. پنهنجي خيرخواه جي هنج ۾ اجهي وٺڻ تي پيدا ٿيندي آهي. هو بيقرار ٿيو وينو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اندر وڃي ڏنو تہ ڊاڪٽر صاحب ورانڊي ۾ اچ وڃ پيو ڪري چندر ڊوڙندو هن جي قدمن ۾ وڃي ڪريو ڊاڪٽر هن کي اٿاري ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ ڏاڍي پيار وچان هن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيائين "ڪنووڪيشن ٿي ويو؟ ڊگري جيتي آئين؟"

"جي ها" چندر نماڻائيءَ سان وراڻيو.

"سٺو ٿيو. هاڻي ڊي لٽ (ڊاڪٽر آف لٽريچر) جي تياري ڪر. توکي جلد ئي سينٽرل گورنمينٽ ۾ وجھو آهي".

ڊاڪٽر صاحب چيو. "مان پندرهين جنوريءَ کان دهليءَ وڃي رهيو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ سال اتي رهڻو پوندو."

"ايترو جلدي!" چندر اچرج وچان پڇيو "اچ ڪڏهن آيئو؟"

"مان اڳئين دفعي دهلي ويو هوس نہ. تڏهن ايڊيوڪيشن منسٽر سان ڳالهہ ٿي هئي." ڊاڪٽر چندر کي هينئر تورو وڌيڪ ڌيان سان ڏسي چيو "اڙي تون تہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهين! مهراجڻ توکي ماني برابر کائڻ ڏيندي آهي ڇا؟"

"ڇو نہ ڏيندي هئي!" چندر کلي چيو. "ڪيئن بنتيءَ جي شادي خير سان ٿي وئي؟"

"بنتيءَ جي شادي!" ڊاڪٽر صاحب هينئر ڦڪو مرڪي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. "بنتي ۽ ماڻس ٻئي اندر ويٺيون اٿئي."

"اندر ويٺيون آهن؟" چندر کي اهو راز سمجهہ ۾ نہ آيو "بنتي ايترو جلد ڪيئن موٽي؟"

"بنتي جي شادي ٿي ڪٿي؟" ڊاڪٽر جي منهن تي اداسي ڇانئجي وئي هئي. هو وري بي آرام ٿجي اچ وڃ ڪرڻ لڳو. چندر سمجهي ويو تہ ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي آهي. هن کي وڌيڪ پڇڻ جي جرئت نہ ٿي. هو اندر ويو. ڀڦيءَ ڪمري ۾ سامان نيڪ پئي ڪيو. بنتيءَ تاڻو ۾ مانهہ جي دال پئي گهوٽي. بنتيءَ چندر کي ڏٺو ۽ دال ۾ پريل هٿن سان هن کي سلام ڪيائين. مٽي تي ساڙهيءَ جو پلئہ سنڀاليائين ۽ پوءِ وري چپ چاپ دال گهوٽڻ لڳي. وات مان ڪڇيائين ڪونہ. چندر هن کي سلام جي موٽ ڏني ۽ پوءِ وڃي ڀڦيءَ جا پير ڇهيائين.

"اڙي چندر آهين! اچ پٽ. اسين تہ لٽجي وياسين!" ۽ ڀڦي اتي ئي مٽي کي هٿ ڏيئي پٽ تي ويهي رهي.

"ڇا ٿيو ڀڦي؟"

"ٿيندو ڇا پٽ! جيڪي ڀاڳ ۾ هو سوئي ٿيو." ساڙهيءَ سان لڙڪ اگهندي ڀڦيءَ چيو. "هيءَ ڄائي ئي منهنجي سيني تي مڳ ڏرڻ لاءِ آهي. ڀڳوان ٺل ڪنهن کي بہ اهڙي ڌيءَ نہ ڏئي. ٽن ڦيرن بعد ڄڃ اتي هلي وئي. اسانجو تہ خاندان، سڀ ڪجهہ ٻڏي ويو." ۽ ڀڦي تمام وڏي آواز روئڻ شروع ڪري ڇڏيو. بنتيءَ اتي هٿ ڌوتا ۽ چپ چاپ مٽي ڪڏ تي هلي وئي.

"بس چپ ڪر. هيئن روئي روئي پنهنجو جيءُ ڇو ٿي ڳارين! اهڙي ڳڻائتي ڌيءَ اٿئي. ڏس تہ ڪيئن نہ هن جي ٻانهن ونڻ تا اچن. تون بي فڪر ٿي ويهہ". مهراجڻ چلهہ تان ٿئي هيٺ لاهيندي چيو.

چندر پڇيو. "نيٺ ڳالهہ ڇا ٿي؟"

ڳالهين ڪندي ائين معلوم ٿيو تہ گهوٽيتا نهايت نيچ ۽ لالچي هئا. پهرين تہ اهو معلوم ٿيو تہ ڇوڪرو هنن جيئن چيو تہ گريجوئيٽ آهي. تيئن گريجوئيٽ نہ. پر انٽر ناپاس ٿيل هو. پوءِ وري هنن دروازي تي ئي گهڻي ڪئي. ڊاڪٽر صاحب نهايت بگڙجي ويو ۽ نيٺ ڪنهن ڏنو تہ ڇوڪري جي ساڄي هٿ جون آڱريون غائب آهن. ڊاڪٽر صاحب بس پاڻ کي وڌيڪ روڪي نہ سگهيو ۽ بنتيءَ کي ويڙهيءَ تان اٿاري آيو. پوءِ تہ خوب جهڳڙو مٿو. لٺ ڏڪي تائين نوبت پهچي وئي. جيئن تيئن جهڳڙو ٽريو. ٽن ڦيرن بعد ويڙهي ٽٽي پيئي.

"هاڻي تون ئي ٻڌاءِ پٽ!" ڀڦيءَ لڙڪ اگهندي چيو. "ائين بہ ڪڏهن ٿيندو آهي؟ غصي ۾ اچي بنتيءَ کي ويڙهيءَ وچ مان اٿاري آيو. هاڻي هيءَ اٺ جيڏي ڌيءُ مان ڪيڏانهن وٺي وڃان. اسان جي برادريءَ ۾ هينئر هن کي ڪير پڇندو. ڪنواريتن کي تہ هميشهہ ڊبجي هلڻو ئي پوندو آهي؟"

چندر چيو. "توهين بہ غضب ٿا ڪريو ڀڦي. لولي لنگڙي سان ڇوڪريءَ کي عمر ڀر ڪيئن ٻڌبو."

"پٽ جنهن جي نصيب ۾ لولو لنگڙو لکيل هوندو تنهن کي اهوئي ملندو. ڇوڪريون ٿورو ئي روپ شڪل ڏسنديون آهن. هنن کي تہ زندگي نڀائڻي آهي. شاديءَ بعد ڪنهن جي ٽنگ ٻانهن ڀڄي ٿي پوي تہ زال ٿوروئي مڙس کي ڇڏي ڏيندي! بنتي ٽن سالن جي هئي. جو پٽس گذاري ويو. پوءِ بہ مون سڄي زندگي ڪاٽي آهي نہ. جيڪي نصيب ۾ هوندو سوئي ٿيندو."

چندر اها دليبازي ٻڌي اچرج وچان ڀڦيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. ڀڦي اجان بہ پنهنجي ڳالهہ ڇوندي ٿي وئي.

"هاڻي مامس ڇوي ٿو تہ هن کي پڙهائيندس. شادي ڪونہ ڪرائيندو سانس. رهي کهي عزت بہ ائين وڪڻڻ ٿو چاهي. منهنجي تہ بس قسمت ئي ڦٽل آهي." هوءَ وري روئڻ لڳي. "ڪل ڪلنڪي. ڄمندي ئي ڇو نہ مري وئي. اڀاڳڻي! ڪلڇڻي!"

بنتي اوچتو ڪڏ تان هيٺ لهي آئي ۽ سامهون اچي بيٺي. هن جي اکين ۾ باهہ ٿي ٻري. رڙ ڪري چيائين "بس ڪر امان. گهڻو ئي ٻڌي ڇڪيس. هاڻي وڌيڪ سهي نٿي سگهان. هيل تائين تنهنجي ڇوڙ سان کائڻ مٺي آهيان. سو هن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ بہ ڪانہ مرنديس. اڄ کان پوءِ مان اهو سڀڪجهہ نہ ٻڌنديس، مان توکي صاف صاف ٿي چوان توکي منهنجي شڪل نٿي وڻي تہ زيارتن تي هلي وڃ. وڃي پنهنجي آخرت سڌار، سمجهيئي."

چندر تعجب وچان بنتيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. هيءَ اهائي بنتيءَ هئي جا ماءُ جي ذري ڳالهہ تي ڏهہ ڏهہ ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. بنتيءَ جو چهرو غصي وچان لال ٿي ويو هو. هن جو سڄو بدن پئي ڏڪيو. پڇي هينئر زوردار رڙ ڪري اٿي، "ڇگو، ڇگو هاڻي گهٽي زبان هلائيئي. هي سڀ ڪنهن جي زور تي پيئي ڳالهائين! ڪجي بہ اڌ ڪري رکنديسانءِ. منهن ڄلي! اهڙي نہ هجين ها تہ هي ڏينهن ئي ڇو ڏسين ها! پيءُ کي تہ ڪاڏيءَ، هاڻي مونکي بہ ڪائجان". پڇي پنهن جو ڪرم ڪٽڻ لڳي.

بنتي هينئر وڌيڪ تڙپي اٿي، "تون اهڙي مني سوادي ڪانہ آهين جو توکي ڪائي وڃان."

چندر هن کي دڙڪو ڏيئي چيو، "ڇي بنتي! هل هوڏانهن پاڳل ٿي ويئي آهين ڇا؟"

"توهين چپ رهو چندر بابو. مان بہ انسان اهيان. مونکي ئي خبر آهي تہ مون ڇا سٺو آهي. مان هاڻي وڌيڪ نہ سهنديس. پر توهين ڪير آهيو اسان جي وچ ۾ ڇوڙڻ وارا!"

اتي ڊاڪٽر صاحب اچي پهتو. چيائين، "هي سڀ ڇا آهي؟ سڀيئي ديوانا ٿي ويا آهيو ڇا؟"

بنتي ڊوڙندي ڊاڪٽر کي وڃي چنبڙي. روئي چيائين، "مان هتي نہ رهنديس، مونکي ديديءَ وٽ ڏياري موڪليو."

"ڇگو پٽ، ڇگو تون هل اندر." بنتي ويئي تہ پيڻ کي چيائين، "تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي، هن تي ڪاوڙ چنڊڻ مان ڇا ملندئي. منهنجي سامهون اهي ڳالهيون ڪندينءَ تہ نيڪ نہ ٿيندو."

"اڙي مون ڇا چيو ؟ تنهن کان تہ مان مري وڃان تہ بهتر." پڇيءَ ۾ ڄڻ ديوي اچي وسي هجي، ائين هوءَ جهولڻ لڳي "مان تہ بند رابن وڃي تي ٻڏي مران. پوءِ پلي بنتيءَ کي پڙهائجو. نچائجو. ڳارائجو. مان اهو سڀ اکين سان نہ ڏسنديس."

ان رات ڪنهن بہ ڪونہ کاڌو. سڄي گهر تي عجيب مايوسي ڇانيل رهي، خوفناڪ پاڇي جيان رکي رکي پڇيءَ جي رودن سياري جي رات جي انڌاري ۽ خاموشيءَ کي ڌوڏي ٿي ڇڏيو. سڀئي چپ چاپ بکيا، پياسا سمهي پيا.

●

ٻئي ڏينهن بنتي اٿي ۽ مهراجڻ جي اچڻ کان اڳيئي چلهہ دکائي چانهہ تيار ڪيائين. ٿوسٽ سيڪيائين ۽ ٿالهي ٺاهي ڊاڪٽر اڳيان رکي آئي. ڪالهہ رات جيڪي ٿي گذريو هو. ڊاڪٽر صاحب تنهن سبب تمام اداس هو. رات بہ هن ڪونہ کاڌو ۽ هينئر بہ انڪار ڪيائين. بنتي تڏهن چندر جي ڪمري ۾ پهچي چيو "چندر بابو. ماما ڪالهہ رات بہ ڪجهہ ڪونہ کاڌو. توهان بہ ڪجهہ ڪونہ کاڌو. اٿو هلي کائو."

چندر بہ انڪار ڪيو تہ بنتيءَ چيو، "توهين کائيندا پيئندا تہ شايد ماما بہ انڪار نہ ڪندو." چندر چپ چاپ اٿي اوڏانهن هليو. ٿوري دير بعد بنتي اتي پهتي تہ ڏٺائين تہ ٻئي ڄڻا چانهہ پي رهيا آهن. هوءَ موٽي ميوو ڪٽڻ ويئي.

چانهہ پيئندي ڊاڪٽر صاحب چيو، "چندر، هي پاس بوڪ اٿئي. پنج سئو ڪڍائي اڄ ۽ پيا بہ هزار الڳ ڪري رک. پيو ٻڌ، مان تہ دهلي هليو ويندس. بنتيءَ کي شاهجهانپور موڪلڻ نيڪ نہ ٿيندو، اتي چار مائٽ عزيز آهن، سئو ڳالهيون ڪندا. منهنجي مرضي آهي تہ هينئر هوءَ جيترو پڙهڻ چاهي، پلي اوترو پڙهي. جي تون چوين تہ هتي ئي ڇڏي وڃانس. تون ئي هن کي پڙهائيندو رهجان."

بنتي ميوو ڪٽي اچي وئي هئي. چندر صوف جي هڪ ڦاڙ ڪٽيندي چيو، "هونءَ تہ پلي هتي ڇڏي وڃوس، ڪا ڳالهہ ڪانهي، مگر اڪيلي گهر ۾ ائين نيڪ نٿو لڳي. هڪ ٻن ڏينهن جي ڳالهہ الڳ آهي. سڄو سال، سو توهين پڻ سمجهي سگهو ٿا."

"ها پٽ، تون نيڪ ٿو چوين، هن کي پلا ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهائجي تہ ڪيئن!" ڊاڪٽر صاحب صلاح پڇي.

"ڇوڪرين جو هاسٽل ۾ رهڻ مان نيڪ نٿو سمجهان." چندر چيو. "گهر جي ماحول ۽ اتي جي وايو منڊل ۾ گهڻو فرق آهي."

"اهو بہ درست آهي، ڇگو تہ هيءُ سال مان هن کي دهليءَ ۾ پڙهائيندس، ايندڙ سال ڏٺو ويندو. چندر، هن هڪ مهيني ۾ منهنجو پروسو ئي ڌڏي ويو آهي. گيتا جي شادي کهڙي نہ سٺي هنڌ ڪيسين. پوءِ بہ گيتا ڳري پيلي ٿي وئي آهي. هن کي ڏسي ڪيڏو نہ ڏک ٿو ٿئي ۽ بنتيءَ سان وري هينءَ ٿيو. سچ پڇ هي ذات پات، شادي وغيره جون اسان جو ريتيون رسمون تمام خراب آهن. انهن کي اندران ئي اندران سڙي ڪائي ختم ڪري ڇڏيو آهي، هينئر انهن کي ظاهر ظهور ختم ڪرڻ گهرجي. هنن تازن آزمودن بعد تہ منهنجا پروسا ئي بدلجي ويا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر اچرج وچان ڊاڪٽر ڏانهن نهارڻ لڳو. ساڳئي هن ڪمري ۾ ڪجهه وقت اڳي ڊاڪٽر صاحب انهي جي خوب پنيرائي ڪئي هئي، ڏهن مهينن اندر جيسون ساگر جي لهرن سيني کي ڏکيندي ڪٺان جو ڪٿي وڃي پهچايو آهي. ڊاڪٽر صاحب چوندو رهيو. "اسين ماڻهو زندگيءَ کان دور. حقيقتن کان دور رهي ائين ئي پيا سوچيون ته اسان جا سماجي قدر جنت سمان آهن. ريتيون رسمون ڏاڍيون سٺيون آهن. پر جڏهن انهن جي اندر داخل ٿو ٿجي، تڏهن ئي انهن جي گندگي ۽ بانس جي ڄاڻ ٿي پوي. چندر تون ڪنهن ٻيءَ ذات مان ڪو سٺو ڇوڪرو ڳولهه. مان بنتيءَ جي شادي ٻيءَ برادريءَ ۾ ڪندس."

بنتي چانهه ڪڻ وڃي رهي هئي، سا اهو ٻڌي بيهي وئي. ڳري آواز ۾ چيائين، "ماما. توهين مونکي زهر جي پڙي آڻي ڏيو. باقي شادي مان مور نه ڪنديس. ڇا توهان کي منهنجي فيصلي تي ڀروسو نٿو اچي؟"

"ڇو نه ٿو اچي ڌيءَ ڇڱو. تنهنجي دل جيستائين چاهي اوستائين پڙهندي رهه."

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر صاحب پيڻ کي سڏي روپيا هن جي هٿ ۾ ڏنا. "هيءَ پنج سئو اڳئين خرچ جا اٿئي، باقي ٻن هزارن مان آئينده خرچ لاءِ به توکي آهستي آهستي ملندو رهندو."

ٻن ٽن ڏينهن اندر ڀڦيءَ وڃڻ جي سموري تياري ڪري ڇڏي، مگر اهي ٽئي ڏينهن هوءَ روئندي رهي. بنتي چپ هئي. هن ڪجهه ڪونه چيو. چوٿين ڏينهن جڏهن سامان موٽر ۾ رکجي چڪو. تڏهن هن چندر هٿان بنتيءَ کي سڏايو. بنتي آئي ته هن کي ڇاتي سان لڳائي روئڻ لڳي. مگر ڊاڪٽر صاحب جي اچڻ تي وري ڪن ۾ ڦري ويئي. چيائين، "منهنجي ڌيءَ کي توئي بگاڙيو آهي. هن ڪلجڳ ۾ ڀاءُ به پنهنجو نٿو ٿئي. پنهنجي ڌيءَ اڪلائي ڇڏيئي ۽ منهنجي ڌيءَ . . ." ۽ ٻوءِ وري بنتيءَ کي ڇنبڙي روئڻ لڳي.

چندر خاموش سوچڻ لڳو. . هيل تائين بنتي خراب هئي، هينئر ڀاءُ خراب ٿي ويو. ڀڦيءَ پنهنجا روپيا سنڀاليا ۽ موٽر ۾ وڃي ويٺي. انهن طعنن ۽ تنڪن ملندي به ڊاڪٽر پاڻ پيڻ کي اسٽيشن تي ڇڏڻ ويو.

بنتي تمام خاموش ٿي وئي هئي. ڪنهن سان به ڪا نه ڳالهائيندي هئي. چپ چاپ پنهنجو ڪم ڪندي رهندي هئي. ڪم کان واندي ٿيندي هئي ته گيتا جي ڪمري ۾ وڃي ليٽندي هئي ۽ نه ڄاڻ ڇا سوچيندي رهندي هئي. بنتيءَ کي ڏسي چندر تعجب کائيندو هو. بنتي جڏهن خوش هئي، ڪلندي ڳالهائيندي هئي ته چندر بنتيءَ تي خفا ٿيندو هو. مگر بنتيءَ جي جيون جو هي نئون روپ ڏسي، چندر کان هن جون اڳيون سڀ ڳالهيون وسري ويون. هو هن سان وري ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مگر بنتيءَ زبان ڪانه ڇوري.

هڪ ڏينهن منجهند جو چندر ڪاليج مان موٽيو ۽ ريڊيو کولي، ٻڌڻ ويٺو. بنتي ميوي جي پليٽ ڪٺي آئي ۽ رکي وڃڻ لڳي.

"ٻڌ ته بنتي، ڇا تو مونکي اڃا معاف نه ڪيو آهي؟ مان ڪيڏو نه پريشان آهيان بنتي! غلطي ڪري توکي ڪجهه چئي وينس ته تون اصل اهڙو ئي رسي ويئينءَ جو ٽن مهينن بعد به ان ڳالهه کي اڃا ڪونه وساريو اٿئي!"

"نه رسڻ يا ناراض ٿيڻ جي ڳالهه نه آهي، چندر بابو!" بنتيءَ ڦڪو مرڪي چيو. "پر عورت جي به هڪ انا آهي، امان ته مونکي نندڻ کان ويڙ پٽيندي، بيعزتو ڪندي رهي، هتي اچي، مون ديديءَ کان وڌيڪ توهان کي مڃيو. توهين به مونکي نوڪرون هڻڻ کان باز نه آيا. مان اهي سڀ سهندي رهنديس. مگر تنهن ڏينهن جڏهن ماما مونکي وهاڻ مان ويڏيءَ جي وچ مان زوريءَ اٿاري آيو، تڏهن مون محسوس ڪيو ته مونکي به ڪو وجود آهي. مون محسوس ڪيو ته مان ان لاءِ پيدا ڪانه ٿي آهيان ته دنيا ۾ جيڪو چاهي سو مونکي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيندو رهي. هينئر مان اختلاف ڪرڻ. بغاوت ڪرڻ به سکي وئي آهيان. زندگي ۾ سک ۽ پيار کي برابر جڳهه آهي، پر انا به ڪا شئي آهي، تنهن ڪانسواءِ توهان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻئي ڪنهن جي ضرورت ئي ڪٿي آهي." ايڏي لنبي ڳالهه چئي ختم ڪري بنتي آهستي آهستي هلي وئي.

شرم وچان چندر جو منهن ڪارانجي ويو. هن ريڊيو بند ڪري ڇڏيو. ميوي جي پليٽ هيٺ رکي ڇڏيائين ۽ ڪپڙن مٿانڻ بنا پميءَ ڏانهن هليو ويو.

انسان جو هڪ سڀاءُ ٿيندو آهي. هو جڏهن ٻئي تي مهرباني ڪندو آهي تڏهن ائين چاهيندو آهي ته مهرباني وٺندڙ خلوص سان سندس انهي مهرباني کي قبول ڪري. خيرات وٺندڙ ڪٿي به پنهنجي انا نه ڏيکاريندو آهي. خيرات وٺندڙ انسان پنهنجي خيرات ورتي ۽ مهربانيءَ جو احساس وساري ظالم بڻجي، اڳلي جي انا کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اڄ ڪيترن هفتن بعد چندر جي دل ۾ بنتي لاءِ ٿوري سڪ. ٿوري مهرباني جاڳي اٿي هئي. بنتي جو اداس مک ڏسي. مگر بنتي جي هن انا جي اظهار هن جي دل ۾ سٽل نانگ کي وري سجاڳ ڪري ڇڏيو. هن دل ۾ سوچيو: هن ڇوڪريءَ جي انا ٽوڙڻي ئي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

چندر پمي ءَ جي گهر پهتو تہ اجا سج بيٺو هو. جيني ٻاهر نڪتي هئي ۽ ٻرنٽيءَ پنهنجي طوطي کي ڪجهہ کارايو ويني. چندر کي ڏسندي ئي کلي کيڪاري چيائين، "پمي اندر آهي." چندر سڌو اندر هليو ويو. پمي ڊريسنگ ۾ ويٺي هئي. ڪمري ۾ ڊگهيون دريون هيون جن ۾ رنگبرنگي شيشا لڳل هئا. دريون بند هيون ۽ سج جي روشني انهن رنگبرنگي شيشن مان ڇڻي پمي ءَ مٿان پئي ڪري. هن پلنگ تي اڌورو ليٽي ڪو ڪتاب پئي پڙهيو. چندر پٺيان وڃي هن جون اکيون بند ڪيون ۽ سندس پاسي ۾ ويهي رهيو.

"چندر". نرم آڱرين سان چندر جي هٿن کي پنهنجي اکين تان هٽائيندي، پمي ءَ چيو ۽ نگاهن ۾ مڌ ڀري، سونهري جوهي پشپ جهڙي مسڪراهٽ جي ورکا وسائيندي هوءَ چندر ڏانهن نهارڻ لڳي. چندر ڏٺو تہ پمي براڻوننگ جي شاعري پئي پڙهي.

پمي ءَ هن کي ڇڪي پنهنجي هنج ۾ ليٽايو ۽ هن جي وارن سان کيڏڻ لڳي، چندر چپ چاپ ليٽيو رهيو. پوءِ پمي ءَ جي گلابي ڳلن تي پنهنجون آڱريون ڦيريندي چيائين، "پمي، خبر نہ آهي ڇو، پر تنهنجي هنج ۾ پنهنجو مٿو رکڻ بعد مونکان ڄڻ ٻي سڄي دنيا وسري ٿي وڃي. پمي ميلاپ کان دنيا ايترو گهرائي ڇو ٿي؟ مان ايمانداري سان ٿو چوان تہ ڪنهن کي ميلاپ کان سواءِ پيار ڪري، هن لاءِ سڀ ڪجهہ تياڳڻ مان مونکي جيڪا شانتي ملي، اها ساڳي شانتي خبر نہ آهي، ڪيئن، مونکي جسماني ڇهاءَ مان بہ ٿي ملي. مون کي ائين پيو لڳي تہ جسم جا عضوا جيڪڏهن روحاني پيار ۾ منجهي ماٺ ٿي ٿا وڃن، تہ ساڳي وقت روحاني پيار ۾ جنهن ڳالهہ جو خال ٿو رهي ۽ ان خال ڪارڻ جيڪا پياس ٿي اپجي، اها وري جسم ذريعي ئي ٻجهي ٿي وڃي، تنهن جي ممتا ۾ بہ ڪيڏو نہ آنند آهي!"

"ش .. ش" پمي چندر جي چپن کي پنهنجين آڱرين سان بند ڪندي چيو. "انهي سڪون جي گهڙين جو بس مزو ماڻ. ڳالهائين ڇو ٿو؟"

چندر چپ ٿي ويو. خاموش ليٽيو رهيو. پمي ءَ جا سڳنڌي ساهہ رکي رکي هن جي مٿي کي ڇمي رهيا هئا ۽ پمي ءَ جي هنج جو ڌڙڪندڙ سنگيت چندر جي ڳلن تي ڪُتڪتائي ڪندو ٿي رهيو. چندر هڪ هٿ سان پمي جي ڳلي ۾ پيل نقلي هيرن جي مالها سان کيڏڻ لڳو. ڪنول جي پنکڙين کان بہ وڌيڪ نرم ۽ سهڻي ڳڇي کي ڇهندي ئي هن جون آڱريون شرم ٻوٽيءَ جي پتين جيان پاڻ ۾ ٻوٽجي ٿي ويون. چندر پمي ءَ جي ڳلي مان اها مالها لاهي ورتي. پمي جيئن هيٺ جهڪي چندر جي هٿن مان اهو هار کسڻ چاهيو، تيئن ڇڪ وچان سندس ڳڇي وارو ٻٽڻ ٽٽي پيو.. ڄڻ برفاني چاندوڪي اٿل کائي ڦهلجي وئي. چندر ائين محسوس ڪيو تہ پمي جي ڳلن هيٺان بجلي جا پشپ چمڪي اٿيا آهن ۽ مدهوش بنائيندڙ هڪ لهر ٽٽل ستاري جي ويگ سان ڏوڪيندي اٿي، هن جي جسم کي چيري نکري وئي، هو ڏڪي ويو، سڄ پچ ڏڪي ويو. نشي جي جوش ۾ مست ٻڻجي هو اٿي وينو ۽ پمي ءَ کي پنهنجي هنج ۾ کڻي ليٽايائين. پمي ڪامديو جي ڏنش جي ڪشيل ڏوري جيان هن جي گود ۾ ليٽي رهي. جوانيءَ جو چنڊ ٽٽي ٽڪر ٿي ويو ۽ جنسي طوفان رهيل کهيل هلڪن بادلن کي بہ هٽائي ڇڏيو. زهريلي چاندوڪي ناڳڻ ٻڻجي چندر کي پنهنجن پيچن ۾ وڪوڙي ڇڏيو. هن پاڳل ٻڻجي پمي ءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٺي جڪڙيو. ايڏي تہ پياس مان جو ائين پئي لڳو تہ پمي ءَ جو ڏيئي جي لاٽ مثل جسم، چندر جي بدن ۾ سمائجي ويندو. پمي خاموش هئي، هن جون اکيون بند هيون پر هن جي ڳلن تي الائي ڇا ٽڙي پيو هو! چندر جا چپ ڏڪڻ لڳا. هن پنهنجا چپ پمي جي چپن تي رکيا. پمي ڪنول جي ٿارين مثل پنهنجون ٻانهون چندر جي ڳلي ۾ وڌيون. چندر پمي جي چپن کي ڄڻ پنهنجن چپن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي. ايڏي ڄر.. ايڏي ٻاهہ... ايڏو نشو...!

"ٺا!" اوچتو ٻاهران بندوق جو آواز آيو. چندر ڇرڪ ڀريو. هن جي ٻانهن جو ٻنڌڻ ڍلو ٿي ويو. مگر پمي اجان بہ هن جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي بيهوش پيئي هئي. چندر پمي ءَ جي ان ڀرپور، روپ ۽ جوڀن کي اکين ئي اکين سان پيئڻ چاهيو. پمي ءَ پنهنجون ٻانهون هٽايون ۽ اجا بہ نشي ۾ مست، چندر جي هنج ۾ هڪ طرف ڍرڪي ويئي هن کي پنهنجي تن بدن جو هوش ڪونہ هو. چندر هن جو لباس ٺيڪ ڪيو ۽ پوءِ هيٺ جهڪي نشي ۾ مخمور هن جي پلڪن کي چميائين.

"ٺا" ٻيو دفعو بندوق ڇٽڻ جو آواز آيو. چندر گهبرائجي ويو.

"هي ڇا آهي پمي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هوندو ڪجهہ، تون ٻاهر نہ وڃ.“ بيحد آرسي. بيحد نشيلي آواز ۾ ٻمي ۽ چيو ۽ هن کي وري ٻانهن ڏانهن ڇڪي، هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ سمائي، هن جو نرڙ چميائين.

”نا!“ ٽيون دفعو بندوق ڇٽڻ جو آواز ٿيو.

چندر اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڊوڙندو ٻاهر پهتو. ڏنائين تہ برنيءَ جي بندوق ورانڊي ۾ پيئي آهي ۽ هو پاڻ پڃري جي پرسان مئل طوطي کي پرن کان پڪڙي بيٺو آهي. بيجان طوطي مان ڳڙندڙ رت برنيءَ جي پينٽ کي رڱي ڇڏيو هو. چندر کي ڏسندي برني ڪلل ۾ اچي چنڪيو، ”ڏنئي! ٽن گولين ۾ هن کي ماري وڌم.“ ۽ هو وري طوطي جي لاش کي پرن کان پڪڙي هوا ۾ لوڏڻ لڳو.

”جي! ڦٽو ڪر هن کي، تون تہ ڪو هچارو آهين ماري ڇو وڌئي هنکي؟“ چندر پڇيو.

”ان سان تنهنجو مطلب، تون ڪير آهين، پڇڻ وارو؟ مون هن کي پيار ڪيو، سو هن کي ماري وڌم!؟“ ائين چئي برنيءَ طوطي جي لاش کي پرسان هڪ پٿر تي رکيو. کيسي مان رومال ڪڍي ڦاڙي بہ اڌ ڪيائين، وهندڙ خون اگهڻ لڳو. پوءِ چندر وٽ آيو. هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، ”چندر، تون منهنجو دوست آهين. تورو پنهنجو رومال تہ ڏي.“ چندر کان رومال وٺي هو وري وڃي طوطي جي پرسان بيٺو. ڪيتري دير ڏاڍي حيرت وچان هن ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هيٺ جهڪي هن کي چميائين ۽ رومال سان ڍڪي ڇڏيائينس ۽ چهري تي ماتمي احساس آڻي، ڪنڌ جهڪائي هن جي پرسان ويهي رهيو.

”برني.. برني، تون پاڳل تي ويو آهين ڇا؟“ چندر هن کي ڪلهي کان ڌونڌاڙڻ لڳو. ”هي ڪهڙو ناٽڪ پيو ڪرين؟“

برنيءَ چندر جو هٿ پڪڙي هن کي پنهنجي پر ۾ وهاريو ۽ چيائين، ”ڏس چندر، هڪ ڏينهن تون آيو هئين تہ مون توکي هي طوطو ۽ جيني ڏيکاري چيو هو تہ جينيءَ سان مونکي نفرت آهي، سو مان هن سان شادي ڪندس ۽ طوطي سان مونکي پيار آهي انهي کي مان ماري ڇڏيندس. ٻڌاءِ، تو کي ائين چيو هئم يا نہ؟“

”ها چيو هيئي“. چندر وراڻيو، ”پر انهي ۾ تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”ٺيڪ ٿو پڇين، تون پڇين ٿو تہ مون هن کي ڇو ماريو. مان چوان ٿو هينئر هن کي مري وڃڻ گهربو هو. انهي ڪري مون هن کي ماري ڇڏيو. تون پڇندين، هن کي ڇو مرڻ گهربو هو؟ منهنجو جواب آهي تہ ڪير بہ جڏهن جيون جو مقصد حاصل ٿو ڪري تڏهن هن کي مري وڃڻ کپي. زندگيءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ بعد بہ جيڪڏهن ڪير نٿو مري تہ اهو سراسر هن جو ڏوهہ آهي. هي طوطو بہ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد حاصل ڪرڻ بعد اڃا جيئي رهيو هو. مون هن کي پيار برابر ڪيو تي پر هن جو اهو ڏوهہ سهي نٿي سگهيس، انهي ڪارڻ هن کي ماري وڌم.“

”اڇا! تہ تنهنجي هن طوطي جي زندگيءَ جو بہ ڪو مقصد هو؟“

”هر هڪ جي زندگيءَ کي مقصد ٿئي ٿو، اهو مقصد آهي سچ کي، ازلي سچ کي ڄاڻڻ جو. سمجهڻ جو. انهي ازلي سچ کي ڄاڻڻ بعد بہ ڪير زندهہ رهي تہ اها هن جي بيحيائي چئبي، مون هن کي اهو ازلي سچ ڄاڻايو. پوءِ بہ هو ٻاٺمرادو نہ مئو تہ مون هن کي ماري ڇڏيو. تون ضرور پڇندين تہ اهو ازلي سچ ڇا آهي؟ اهو ازلي سچ هي آهي تہ موت ماڻهوءَ جي جسم کي ختم ڪري ٿو ۽ عورت انسان جي روح جو گلو گهٽي، هن کي ختم ٿي ڪري. مثال طور جي تون ڪنهن عورت ڏانهن وڃي رهيو آهين يا ڪنهن عورت وٽان موٽي رهيو آهين ۽ ممڪن آهي تہ هن تنهنجي روح جو قتل ڪري ڇڏيو هجي...“

”اوهو.. هاڻي تون جلد ئي پوريءَ ريت پاڳل ٿيڄي ويندين.“ چندر چيو ۽ هو اندر ٻميءَ ڏانهن موٽي ويو. ٻمي اڃا ساڳيءَ طرح مدهوش پئي هئي. چندر جي ايندي ئي هن وري پنهنجون ٻانهون ڦهلائي کيس انهن ۾ جڪڙي ڇڏيو. چندر بہ ان هنج جي ريشمي گرمائش ۾ پاڻ سمائي ڇڏيو.

چندر جڏهن واپس ٿي موٽيو تہ برنيءَ ڪرپي سان کڏ ۾ مٽي پئي پري. ”چندر، مون هن کي هتي دفن ڪري ڇڏيو. هيءَ هن جي قبر آهي ۽ ٻڌ، تون جڏهن بہ هتي اچين يا هتان موٽين تہ هن اڳيان ڪنڌ جهڪائيندو وڃجان. هي ويچارو جيون جو ازلي سچ سڃاڻي چڪو آهي، ائين سمجهہ تہ هاڻ هي طوطو درويش ٿي ويو آهي.“

”چڱو چڱو“ چندر ڪنڌ جهڪائي، کلندو اتان هليو ويو. ”ٻڌ... ترس مسٽر چندر!“ برنيءَ هن کي وري پٺيان سڏ ڪيو ۽ چندر جي پرسان پهچي هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين. ”چندر تون اهو مڃين ٿو تہ مان اڳي هڪ غير رواجي ماڻهو هوس؟“

”تون اڃا بہ غير رواجي ماڻهو آهين“. چندر کلندي چيو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نہ چندر. هينئر مان غير رواجي نہ آهيان. ڏس مان توکي اڄ هڪ راز ٿو ٻڌايان. غير رواجي شخص اهو ٿيندو آهي جو ڪنهن بہ رواجي، ڪنهن بہ ريت رسم کي قبول نہ ڪندو آهي، جيڪو انهن سڀني کي ڇيري ڦاڙي انهن جو ڇيد ڪندو آهي. جي ڪنهن بہ ريت رسم يا رواج کي قبولي ويو تہ اها هن جي شڪست ليکبي. مان تہ ائين ٿو چوان تہ غير رواجي بڻجڻ لاءِ ماڻهوءَ کي سچ کي بہ مڃڻ نہ گهرجي."

"مان تنهنجو مطلب نٿو سمجهان برٽي. تون تمام ڳوڙهي فيلسوفيءَ جون ڳالهيون پيو ڪرين. مان تہ ارٽ وديا جو شاگرد آهيان." چندر وراڻيو.

"ڏس، هينئر مون شادي ڪرڻ قبول ڪيو. جينيءَ کي قبوليم..... اهو جيون جو سچ پلي هجي پر رتبو تہ سچ جي ڇيرڻ ڦاڙڻ ۽ انجي ڇيد ڪرڻ ۾ ئي آهي نہ. سڀني کان مهان ماڻهو اهو آهي جو پاڻ کي بہ ڇيري ڦاڙي پنهنجو بہ ڇيد ڪري. مگر هينئر مان رواجي شخص بڻجي ويو آهيان، هڪ بلڪل سستو، رواجي ماڻهو. منهنجي دل ۾ اڄ ڪيڏو نہ دک آهي، منهنجو طوطو بہ مري ويو ۽ منهنجو غير رواجي پڻو بہ ختم ٿي ويو". ۽ برٽي وري طوطي جي قبر وٽ وڃي ان اڳيان مٿو جهڪائي ويهي رهيو.

چندر گهر پهتو تہ هن جا پير زمين تي نٿي ٽڪيا. هن اڄ چانڊوڪي جي ڊيرن کي چميو هو. بجلين کي چميو هو ۽ پنهنجي سکهہ سان جوانيءَ جي چنڊ ۾ لرزش پيدا ڪئي هئائين. تصورن جي لرزش ۽ ڪتڪتائيءَ سان ڪيڏي واپس موٽيو هو. هو پميءَ جي گلاب مثل بدن کي چمي چمي خود گلابن جي ديس ۾ پهچي ويو هو. مٽي کان وٺي پيرن تائين هڪ مدهوش پياس بڻجي ويو هو. گهر پهتو تہ خوشيءَ وچان هن جي انگ انگ ناچ پئي ڪيو. منجهند وقت بنتيءَ لاءِ هن جي دل ۾ جيڪو غصو پيدا ٿيو هو اهو بہ هينئر ماٺ ٿي ويو هو.

بنتي ڪاڏو کڻي آئي. چندر ڪلي بيحد مٺي آواز ۾ چيو. "اڄ بنتي اڄ تون بہ اچي کاءُ."

"نہ مان هيٺ کائيندس."

"اڙي ويهہ پڳلي". چندر پنهنجي آواز ۾ اڳيون سنيهہ پري بنتيءَ جي پٺيءَ تي هلڪو ڌڪ هڻي، هن کي پنهنجي پر ۾ ڪري وهاريو. "اڄ مان توکي ائين ناراض رهڻ نہ ڏيندس! هان، کاءُ پڳلي!"

نفرت سان نفرت وڌندي آهي، پيار مان پيار جاڳندو آهي. بنتيءَ جي دل ۾ پيار جڻ سڪي نوڻ ٿي ويو هو. هوءَ چيڙاڪ سواپمانڻي، گنڀير بڻجي وئي هئي. مگر عورت سڀاءَ ۾ بيحد ڪمزور ٿيندي آهي. شل نہ ڪو هن جي دل جي ممتا کي ڇهي! ڪير هن جي من جي رس کي جاڳائي سهين تہ هوءَ پنهنجو سمورو اپمان وساري ڇڏيندي آهي ۽ سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي. هوءَ جڏهن پهرين هتي آئي هئي، تڏهن کان ئي چندر هن جي من جي ممتا تي سوپ پاتي هئي. انهي ڪري ئي هوءَ هميشهہ چندر اڳيان جهڪندي آئي هئي. مگر گذريل تورن ڏينهن ۾ وري چندر هن کي جيڪي نوڪرون هنيون، تن هن جي من جي ممتا کي سڪائي خشڪ ڪري ڇڏيو هو. ان بعد هن جي شخصيت رکي بڻجي وئي هئي. هن جي پيشاني تي هر دم گهنج پيا ڏسبا هئا.

اڄ بہ جڏهن چندر هن کي وري پيار مان سڏ ڪيو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو تہ ايامن جو وسريل آواز وري پيئي ٻڌان. هن جي دل ۾ چندر لاءِ پلي ڪيڏو بہ غصو هجي پر هن اهو بہ ڄاتو ٿي تہ پاڻ ان پيار پرئي آواز کي اڻ ٻڌو ڪري نٿي سگهي. هوءَ چندر جي پر ۾ ويهي رهي. چندر گره ناهي هن جي وات ۾ وڌو. بنتي کائڻ لڳي. چندر هن جي ٻانهن ۾ چهنڊڙي پائي چيو. "هاڻي نيڪ ٿي ويو نہ دماغ پڳليءَ جو! هيترا ڏينهن آڪڙ خان ٿي ويٺي هئينءَ."

"هون...." بنتي اڄ گهڻن ڏينهن بعد پنهنجي آواز ۾ اڪير پري چيو. "دماغ توهين پنهنجو بگاڙيو ۽ الزام مونتي مڙهيو. ياجي ٿڌي تہ ڪانہ ٿي وئي آهي نہ!"

ٻنهي جو صلح ٿي ويو.... ٿڌيون وڏي ويون هيون ڪاڌو ختم ٿيڻ بعد بنتي شال اوڍي چندر وٽ آئي ۽ چيائين "ڦوٽو ڪائيندا؟" چندر ڦوٽو ڪوليو. اڌ داڻا پاڻ کاڌائين، اڌ داڻا بنتيءَ جي وات ۾ وڌائين تہ بنتيءَ سندس آڱر کي هلڪو چڪ پائي ڪڍيو. چندر هٿ هٽائي ورتو. بنتيءَ سندس پرسان پلنگ تي وهندي چيو. "توهان کي ياد آهي....هن پلنگ تي ئي توهان کي مٽي تي زور پئي ڏنم جو توهان شيشي کڻي ڦٽي ڪئي هئي."

"ها ياد اٿم هينئر چوين تہ توکي بہ کڻي ڦٽو ڪريان." چندر اڄ بيحد خوش هو.

"ها. مونکي ڀا ڦٽو ڪريو!" بنتيءَ شرارت پرئي آواز ۾ چيو، "مونکي کڻي بہ ڪونہ سگهندا."

جسم جي انگن ۾ طوفان جڏهن هڪ بار اٿڻ سکي ويندو آهي تہ ٻيو دفعو ان جي اٿڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳندي آهي. ٿورو ئي وقت اڳي طوفاني ويگ ۾ هن پميءَ کي پنهنجي ٻانهن جي زنجيرن ۾ جڪڙيو هو. بنتي سندس سيراندي کان ويٺي هئي. هلڪي بادامي رنگ جي شال اوڍي. هن جي مشڪندڙ ڳلن تي اڄ وري گلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ٻارا ٽڙي پيا هئا. اکين ۾ نئين چمڪ اچي وئي هيس. چندر ٿورو وقت هن ڏانهن نهاريندو رهيو پوءِ هن بنتيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، البت هٻڪندي بنتيءَ جي زلفن تي پنهنجا چپ ڪٽي رکيا. بنتيءَ ڪڇيو ڪونه. چپ چاپ پاڻ آزاد ڪري، ڪنڌ جهڪائي ويٺي رهي. چندر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي هن جي آڱرين سان ڪيڏندي رهي. اوچتو چيائين، "اڙي توهان جي ڪف جو بٽڻ ته ڇڃي پيو آهي، ڏيو ته ٽاڪي ڏيانوَ."

چندر کي پهريائين ڪجهه عجب لڳو، پوءِ اداسي. بنتيءَ ڪيترو نه پاڻ ارپيو آهي سندس اڳيان ۽ هو..... مگر پاڻ نيڪ ڪونه ڪيائين. پميءَ جي ڳالهه جدا آهي، بنتيءَ جي ڳالهه جدا آهي. بنتيءَ سان هڪ پاڪ معصوم ويڇو رکڻ ئي نيڪ آهي.

بنتي سئي سڳو کڻي آئي ۽ هن جي ڪف جو ٻيڙو ٽاڪڻ لڳي. ٽاڪيندي، ٻچيل ڏاڳي کي ڏندن سان ڇنندي چيائين ، "چندر بابو هڪ ڳالهه ڇوان، مڃيندا؟"

"ڇئه"

"توهين پميءَ وٽ نه ويندا ڪريو."

"ڇو؟"

"پمي سٺي ڇوڪري نه آهي، هوءَ توهان کي پيار نٿي ڪري، توهان کي بگاڙي ٿي."

"نه بنتي، اها غلط ڳالهه آهي، تون ائين انهيءَ ڪري ٿي چوين جو هن ۾جنسي طلب جهجهي آهي نه!"

"نه، اها ڳالهه نه آهي، هن توهان جي زندگيءَ ۾ صرف هڪ نشو، هڪ پياس پري آهي. هن، آن ۾ ڪابه اوچائي ڪابه معصوميت ڪانه آندي آهي. ڪٿي ديدي، ڪٿي پمي! توهين جنت تان لهي دوزخ ۾ وڃي ڦاٿا آهيو."

"بنتي، پهرين مان به ائين سوچيندو هوس مگر پوءِ مون سوچيو ته قبول ڪجي ته ڪنهن عورت جي جيون ۾ صرف حوس زوراور آهي، ته ڇا انهي ڪري هن کان نفرت ڪرڻ جڳائي؟ ڇا جنسي بک پنهنجي سر نندا جوڳي آهي! نه بنتي، هي فقط سياءَ ۽ شخصيت جو فرق آهي، هر ڪنهن کان اسين ڪلپنا جي تقاضا ڪري نٿا سگهون. هر ڪنهن وٽان اسان کي جنسي بک ملي نٿي سگهي. بادل آهن، انهن تي سورج جو ڪرڻو پوندو، اندلٺ ڪڙي بيهندي گل آهن، انهن تي ڪرڻو پوندو. شبنم چمڪندي. اسين جي بادلن کان شبنم جي تقاضا ڪريون ۽ گلن کان اندلٺ جي طلب ڪريون ته اها، اسان جي سرار غلطي ٿيندي. هڪ ناريءَ جي جيون ۾ پيار آيو ۽ هن پنهنجي سموري ڪلپنا پنهنجي ديوتا جي قدمن ۾ پيٽ چاڙهي ڇڏي. ٻيءَ جي زندگيءَ ۾ پيار آيو، هن انجو اظهار مٺين ۽ پاڪين سان ڪيو. هڪ چيو: منهنجا ديوتا! منهنجو جسم پلي ڪنهن جو به هجي، منهنجي پوڇا احساس، منهنجي آتما جنم جنمن تائين تنهنجي رهندي... ٻيءَ ڏيئي جي لاٽ جيان پڙڪو کائي چيو: دنيا کي جيڪي وٽي سوچوي، هينئر ته منهنجو تن من تنهنجو آهي، مان بيوس بڻجي چڪي آهيان. مان ڇا ڪريان، منهنجو انگ انگ مست بڻجي ويو آهي، ڇور ڇور ٿي رهيو آهي تنهنجي هنج ۾ ليٽڻ لاءِ منهنجي جواني وياڪل ٿي اٿي آهي، تنهنجي ٻانهن جي زنجيرن ۾ جڪڙجڻ لاءِ منهنجي حياءَ شرم جا ٻنڌڻ ڪمزور ٿي رهيا آهن. ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان؟ تو مونکي ڪهڙو نشو پيئاريو جو مان سڀ ڪجهه ڀلجي ويئي آهيان. تون پنهنجي ڪلپنا پنهنجو روح جنهن کي وٽيئي تنهن کي ڏي. مگر هڪ دفعو پنهنجي گرم لبن کي منهن جي گلابي نرم لبن سان ملائي ڇڏ! ٻڌاءِ بنتي تون هڪ احساس کي صحيح، ٻيءَ پياس کي غلط ڇو ٿي سمجهين؟"

بنتي ٿوري دير چپ رهي، پوءِ چيائين، "چندر بابو، توهين تمام اونهو ٿا سوچيو. مان ته فقط ٿلهي ڳالهه ٿي سوچيان ته جنهن جي زندگيءَ ۾ جنس جي پياس جي جوالا هڪ دفعو پڙڪو کائي ٿي اٿي، اهو ڪنهن به حد تائين هيٺ ڪري سگهي ٿو. مگر جو تياڳ ٿو ڪري جنهنجي ڪلپنا جاڳرت ٿي ٿئي، اهو وڏي ۾ وڏي اوچائيءَ تي پهچي سگهي ٿو؟

"سڀ غلط آهي، بنتي! تون ائين ٿي مڃين ته گيتا وٽان مونکي ڪلپنا ٿي ملي، تياڳ ٿي مليو، معصوميت ملي. پر اهو سڀ ٽڪيو گهڻا ڏينهن ؟ ۽ تون ائين ڪيئن ٿي چوين ته جنسي ميلاپ انسان کي هيٺ ٿي ڪيرائي. تون اڄ جوئي مثال وٺ. ايترو ته تون به قبول ڪنديءَ ته مون هميشهه تنهنجي بيعزتي، تنهنجو نراد ڪيو آهي."

"خير. انهيءَ ڳالهه کي ڇڏيو." بنتيءَ چيو.

"نه ڳالهه نڪتي آهي ته مان توکي صاف ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اڄ مون توکي تنهنجي سک ۽ ممتا جي موت ڏيڻ چاهي. اڄ منهن جي من ۾ تولاءِ بيحد پابوهه پرجي ويو. خبر اٿئي ڇو؟ پميءَ اڄ مونکي پنهنجي پاڪر ۾ سمائي منهنجي من مان ڇڻ سموري نفرت، سمورو زهر ڪڍي ڇڏيو. مون ائين محسوس ڪيو ته گهڻن ڏينهن بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ مان وري حيوان مان انسان بڻيو آهيان. اهو جنسي ميلاپ جو ئي حاصل آهي. پوءِ تون ڪيئن ٿي چوين تہ جسماني ميلاپ ۽ حوس اسان کي هيٺ ٿي ڪيرائي.؟"

بنتيءَ جواب ڪونہ ڏنو. چندر ٿورو وقت ترسي وري چيو. "مگر بنتي، هڪ ڳالھ توکان پڇان؟"

"پڇو"

"ڏاڍي عجيب ڳالھ آهي، سوچيان پيو تہ پڇان نہ پڇان؟"

"پڇو نہ!"

"سويل مون تنهن جي وارن کي چميو پر تو ڪجھ ڪونہ چيو. مان اهو ڄاڻان ٿو تہ مون جيڪي ڪيو سو واجب نہ هو. تون پمي کان آهين. تنهن هوندي بہ تو ڪنهن قسم جو ڪرود ڪونہ ڪيو، ڇو؟"

بنتي چپ چاپ پنهنجن پيرن ڏانهن نهاريندي رهي پوءِ شال جي ڪناري مان ڏاڳو ڇڪيندي چيائين،

"چندر بابو. مان پاڻ کي بہ پوريءَ طرح سمجهي نٿي سگهان، مان صرف ايترو ٿي ڄاڻان تہ توهين منهنجي من ۾ الائي ڇا آهيو. توهين مون لاءِ ايڏا تہ مهان آهيو جو مان توهان کي پيار بہ ڪري نٿي سگهان، مگر توهان لاءِ ڪجھ ڪرڻ کان بہ پاڻ روڪي نٿي سگهان. ائين پئي سمجهان تہ توهان جي شخصيت، انجي طاقت ۽ انجون ڪمزوريون ان جي پياس ۽ انجو سڪون، سڀ ايڏو تہ اوڇو آهي جو ان اڳيان منهنجو ڪوبہ وجود نہ آهي. منهنجي پاڪائي ۽ پليتائي .... ان سڀ کان مهان ۽ اوچي توهان جي پياس آهي، مگر توهان جي دل ۾ جي مون لاءِ ٿورو بہ پيار آهي تہ توهين پميءَ سان ناتو نوڙي ڇڏيو. ديديءَ سان مان اها ڳالھ ڪريان تہ نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويندو ۽ توهان کي خبر ئي ڪانهي تہ اڄ ڪلھ ديدي ڇاتي ويئي آهي، توهين هن کي ڏسو تہ جيڪر لڙڪ..."

"بس... بس!" چندر پنهنجي هٿ سان بنتيءَ جو وات بند ڪندي چيو. "گيتا جي ڳالھ نہ ڪر.. توکي منهنجو قسم آهي. زندگيءَ جي جنهن پهلوءَ کي مان وساري چڪو آهيان ان کي وري جيئارڻ مان ڪهڙو فائدو!"

"ڇڪو" بنتيءَ چندر جو هٿ هٽائي چيو. "مگر پميءَ کي توهين پنهنجي زندگيءَ مان هٽائي ڇڏيو."

"ائين ٿي نٿو سگهي بنتي" چندر چيو. "بيو جيڪي چوين مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ها، اڄ تائين مون توسان جيڪو رکو ۽ برو ورتاءُ ڪيو آهي. تنهن لاءِ تو کان معافي ٿو گهران."

"ڇي.. چندر! مونکي ائين شرمايو نہ." رات ڪافي گذري وئي هئي. چندر ليٽي پيو. بنتي سوڙ ڪٽي هن مٿان وڌي ۽ چيائين "هاڻي چپ چاپ سمهي پئو."

بنتي هلي وئي، چندر ليٽئي سوچڻ لڳو تہ دنيا سراسر غلط آهي، تہ ميلاپ پاپ آهي، ميلاپ مان بہ معصوميت پيدا ٿي سگهي ٿي. اڄ پميءَ کيس جيڪي ڏنو آهي سو اگرڏوھ آهي تہ چندر سويل بنتيءَ کي جيڪي ڏنو ان ۾ ايڏي بخشش، ايڏي ادارتا ۽ ايڏي شانتي ڪيئن آئي.

انهي بعد چندر بنتيءَ سان بيحد پيار ۽ معصوميت سان هلڻ لڳو. گهمڻ ويندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن بنتيءَ کي بہ ساڻ وٺي ويندو هو. ٽئين سال جي پهرئين ڏينهن تي پميءَ بنهي کي دعوت ڏني. پميءَ جي پرپٽ بنتي پلا هنجي ڪيڏي بہ گلا ڪري، پر هن جي روبرو هن سان تمام پيار ۽ عزت سان پيش ايندي هئي.

ڊاڪٽر صاحب جي دهليءَ ڏانهن وڃڻ جي تياري ٿي چڪي هئي. بنتيءَ پنهنجي پروگرام ۾ ٿوري ڦير گهير ڪئي هئي. هوءَ پهرين ڊاڪٽر صاحب سان گڏ شاهجهانپور وڃڻي هئي ۽ پوءِ دهلي.

تياريون ڪندي نيٺ پهرين فيبروريءَ تي هو روانو ٿيا. اسٽيشن تي ڊاڪٽر صاحب جا ڪيترا چاهيندڙ ۽ دوست کيس ڇڏڻ آيا هئا. بنتي چاهيندڙن جي گوڙ ۾ گهبرائجي ويئي ۽ چندر وٽ اچي چيائين. "ديديءَ لاءِ ڪو خط پٽ ڪونہ تا ڏيو؟"

"نہ" چندر جي آواز ۾ شوخي ۽ رکائي هئي.

بنتي يڪ ٽڪ چندر ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ چيائين. "چندر بابو. ان جي اميد پلي اڳين قائم هجي، مگر هينئر توهان تي اڳيون پروسو نٿو ڄمي."

چندر جواب ڪونہ ڏنو. صرف مشڪيائين. بنتيءَ وري چيو. "چندر بابو! ڪڏهن بہ گهرج پئيو تہ ضرور لکجو. مان هڪدم هلي ايندس، سمجهيو!" ۽ هوءَ چپ چاپ ٽرين تي سوار ٿي وئي، واپس موٽندي چندر سان گڏ ساٿي پروفيسر هئا. گهر پهچي هن موٽر ڪڍي ۽ پميءَ ڏانهن روانو ٿيو. الائي ڇو، بنتيءَ جي وڃڻ تي چندر جي دل ۾ ٿورو ٿورو ڏک ٿي رهيو هو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرميءَ جي موسم اچي وئي هئي. چندر صبح جو ڪاليج ۾ ويندو هو. منجهند جو آرام ڪندو هو ۽ شام جو مختلف جاين تي پميءَ کي وٺي گهمڻ ويندو هو. ڊاڪٽر صاحب موٽر ڇڏي ويو هو. موٽر پميءَ ۽ چندر کي ڪٽي دور ●ر چڪر ڪاٽيندي هئي. چندر سوچيو هو تہ هن دفعي موڪلون دهلي ۾ ڪاٽيندس. پميءَ بہ فيصلو ڪيو هو تہ مسوري مان موٽندي هفتو کن دهليءَ ۾ ڊاڪٽر شڪلا جي مزمان ٿي ●هندي ۽ اتي جي واقفڪارن سان ملي ايندي.

ائين ڇٽي نہ سگهبو تہ چندر جا ڏينهن مزي سان نٿي ڪٽيا. هن پنهنجي ماضيءَ کي صفا وساري ڇڏيو هو ۽ حال کي هو پميءَ جي مخمور نگاهن ۾ پري ڇڪو هو. مستقبل جي هن کي خاص ڳڻتي ڪانہ هئي. هن کي اڄڪلهہ ائين پئي لڳو تہ پميءَ جي نگاهن جا بادل ۽ هن جي گل مثل جوڀن جي هيءَ جادوءَ پري دنيا امر آهي ۽ ان جادوءَ سندس روح کي هميشهہ جيتي ڇڏيو آهي. اهي گلابي لب ڪڏهن بہ سندس لبن کان الڳ نہ ٿيندا. گلن جي مالهائن مثل اهي ٻانهون ڪيس هيمشهہ جڪڙي ويٺيون هونديون ۽ پميءَ جو جوڀن ۽ ان جوڀن جا گرم ساهہ سندس جسم ۾ هميشهہ ڪتڪتائي ڪندا رهندا. انسان جو پروسو هميشهہ حد ۽ منزل وساري وهڻ جو عادي آهي. چندر بہ سڀ ڪجهہ ڀلائي وينو هو.

اپريل جي شام هئي، سڄو ڏينهن لڪ لڳندي تڪجي پئي هئي. مگر سڄي ڏينهن جي لڪ لڳڻ سبب آسمان ۾ ايڏي تہ ڌڌڙ ڦهلجي وئي هئي، جو سج جي روشني جهڪي ٿي وئي هئي. مالهيءَ ٻاهر ڇٽڪار پئي ڪيو. چندر ننڊ ڪري اٿيو هو ۽ آرس پئي ڀڳائين. ٿوريءَ دير بعد هو اٿيو ۽ ڳنجي ۽ سٿڻ ۾ ئي ٻاهر نڪري آيو ۽ نراديش، ڏنڊلين ڏسائڻ ڏانهن نهارڻ لڳو. شام بيحد اداس هئي. سامهون سڙڪ صفا سڃي هئي. صرف ٻہ ٽي شخص لڪ کان بچڻ لاءِ مٿي کي ٽوال ويڙهي سائيڪلون هڪليندا پئي ويا. برف جي هڪ گاڏي بہ سامهون پئي ويئي، چندر مالهيءَ کي پئسا ڏئي چيو. ”وڃ، برف وٺي اچ“ مالهيءَ برف واري کي سڏيو. مالهيءَ اڃا برف واري کان برف پئي ورتي تہ هڪ رڪشا جنهن تي پردا چڙهيل هئا. مکيہ دروازي کان لنگهي اندر ڪمپائونڊ ۾ آئي. رڪشا ۾ ڪا پرده نشين عورت ويٺل هئي. پر رڪشا سان گڏ پيو ڪوبہ شخص ڪونہ هو. چندر کي عجب لڳو تہ هيءَ پرده نشين عورت هتي ڪيئن پهتي آهي. رڪشا پورٽيڪو ۾ پهچي رڪجي وئي. چندر احترام سانگي هٽي پاسيرو ٿي بيٺو. رڪشا مان هڪ نوجوان ڇوڪري هيٺ لٿي. هوءَ چندر جي سڃاتل ڪانہ هئي. رڪشا جا ٻاهريان پردا جهڙا ئي گندا ۽ پراڻا هئا، ان نوجوان ڇوڪريءَ جي پوشاڪ اوتري ئي صاف ۽ قيمتي هئي. هن کي سفيد ريشمي سلوار، سفيد ريشمي چست ڪڙتو ۽ ان مٿان هلڪي شربتي نارنگي رنگ جي چني پيل هئي. هن رڪشا مان هيٺ لهي رڪشا واري کي چيو تہ ڪلاڪ بعد مونکي وري وٺڻ اچجان. رڪشا وارو ڪنڌ ڌوڻي هليو ويو ۽ هوءَ ڇوڪري سڌي اندر هلي وئي. چندر اچرج ۾ پئجي ويو. هيءَ ڪير آهي جا هينءَ بنا هٽڪ اندر لنگهي وئي. سمجهيائين تہ شايد يتيمن لاءِ چندو ڪنو ڪنڌڙ ڪا ڇوڪري آهي. مگر اندر تہ ڪير هوئي ڪونہ. گهڙي کن لاءِ هن چاهيو تہ روڪيانس. پر ائين ڪيائين ڪونہ. دل ۾ چيائين اندر خالي ڏسي پاڻيهي موٽي ايندي.

مالهي برف وٺي آيو ۽ اندر هليو ويو. هوءَ ڇوڪري بہ اندران ٻاهر آئي. هن جي چهري تي ٿورو عجب ٿورو فڪر پئي ڏنو. هينئر چندر هن کي سامهون ڏٺو. ڇوڪري سانوري هئي. اداس ۽ بيمار پئي لڳي، اکيون وڏيون وڏيون هيس، جن کان روئڻ وسري ويو هو. پر ڪلڻ مشڪڻ جي طاقت بہ منجهن ڪانہ رهي هئي. چهري تي زرديءَ جو پردو ڇانيل هوس، پهرين نگاهہ ۾ ئي معلوم ٿي ٿيو تہ ڇوڪري دکي آهي. البت پاڻکي سنڀالڻ بہ ڄاڻي ٿي.

هوءَ آئي ۽ منهن تي ڦڪي مرڪ آڻي بيحد شريفاڻي نموني چيائين. ”چندر ڀائي سلام! ڇا گيتا ساهرن ۾ ويل آهي؟“

چندر وڌيڪ عجب ۾ پئجي ويو. هيءَ تہ ڪيس سڃاڻي بہ ٿي. ”جي ها. هوءَ ساهرن ۾ ويل آهي! توهين ....“

” ۽ بنتي ڪٿي آهي؟“ ڇوڪريءَ هن جي ڳالهہ کي وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو.

”بنتي دهلي وئي آهي.“

”ڇا هن جي بہ شادي ٿي وئي؟“

”جي نہ. ڊاڪٽر صاحب اڄ ڪلهہ دهلي رهندو آهي هوءَ بہ اتي پڙهندي آهي. توهين وهو تہ سهين.“ چندر هن ڏانهن ڪرسي سيريندي چيو.

”اڇا تہ هاڻي صرف توهين ئي هتي رهندا آهيو؟ نوڪر بہ هليا ويا هوندا؟“

”جي ها“ چندر اڃا بہ اچرج پئي ڪاڏو. ”مگر معاف ڪجو. توهين هيءَ ڳالهيون تہ پنهنجن جيان پيا ڪريو. پر مون توهان کي سڃاتو....“ هن ڇوڪريءَ مشڪيو. جڻ پنهنجي زندگيءَ تي مشڪي رهي هئي.

”توهين مونکي ڪيئن سڃاڻي سگهندا. پر مان توهان کي سڃاڻان ٿي. توهان کي ڏٺو بہ اٿم. توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ دراصل هڪ دري هئي. اها دري هئي گيتا“.

”اوهہ..... هاڻي مان سمجهي ويس. توهين گيسو آهيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جي ها" ۽ گيسوءَ تمام فضيلت سان پنهنجي پوتي سنڀالي.

"توهين شادي بعد تہ چڻ گم ٿي ويا پنهنجي سکيءَ کي سڪڻو خط بہ ڪونہ لکيوَ. اختر ميان ڪيئن آهي."

"توهان کي اهو سڀ ڪيئن معلوم ٿيو؟" هن جي آواز ۾ درد هو. هن جي اکين جي رونق وڌيڪ جهڪي ٿي وئي. "مونکي بہ سڀ ڪجهه گيتا وٽان ئي معلوم ٿيو هو. مان تہ اها اميد رکي ويٺو هوس تہ توهين ضرور شاندار دعوت ڏيندا. مگر اسان کي تہ خبر بہ ڪانہ پئي. هڪ دفعي گيتا مونکي توهان ڏانهن موڪليو بہ هو. پر اتي پهچڻ تي معلوم ٿيو تہ توهان اهو گهر ئي بدلائي ڇڏيو آهي."

"جي ها... مان ديرادون هيس. امي ۽ ٻيا سڀ اتي ئي هئا. تازو اتي ڪي پناهگير ٻهتا...."

"پناهگير؟"

"جي پنجاب جا سک وغيره. اتي جهڳڙو هليو. سو اسين هيڏانهن هليا آياسين. هينئر اسين هتي ئي آهيون".

"اختر ميان ڪٿي آهي؟"

"مرزاپور ۾ پٽل جو ڌنڌو پيو ڪري."

"۽ هن جي زال ديرادون ۾ رهي پئي هئي! توهان هن کي ايڏي سزا ڇو ڏني؟"

"سزا جي ڳالهہ ئي ڪانهي." گيسوءَ جو ڇڻ گلو گهٽجي رهيو هو. "هن جي زال هن سان آهي."

"يعني؟ توهين تہ عجيب ڳالهيون پيا ڪريو. مان اگر غلطي نٿو ڪريان تہ توهان جي شادي..."

"جي ها" گيسوءَ منهن تي اداس مرڪ آڻي چيو. "چندر ڀائي، توهان ڪان مان ڇا لڪايان. مون لاءِ جيئن گيتا تيئن توهين. منهنجي شادي هن سان ڪانہ ٿي."

"اڙي! گستاخي معاف ڪجو. پر گيتا تہ مون کي ائين ٿي چيو تہ اختر...."

"مونسان محبت ڪندو آهي." گيسو هن جي جملي کي پورو ڪندي چيو هوءَ بيحد گنڀير ٿي وئي ۽ پوتيءَ ۾ لڳل ستارن کي آڱرين سان زور ڏئي پيچڻ لڳي. ٿورو ترسي چيائين. "مان خود بہ سمجهي نہ سگهيس تہ هن جي من ۾ ڇا هو. هن جي گهر وارن مونکان وڌيڪ قول کي پسند ڪيو. سو هن جي شادي قول سان ئي ٿي. هينئر ٻئي ڄڻا مزي ۾ آهن. هيڏي عرصي ۾ قول اسان کي هڪ دفعو بہ ملڻ ڪانہ آئي آهي."

"اڇا...!" چندر خاموش سوچڻ لڳو. هن ڇوڪريءَ جي زندگيءَ سان ڪيڏو نہ دوکو ڪيو ويو. پوءِ بہ هوءَ ان جو ذڪر ڪهڙن نہ دڀيل لفظن ۾ ڪري رهي آهي. لڙڪ ڪو نہ وهاياائين. سڏڪو ڪو نہ ڪڍيائين. سرد آهہ ڪا نہ ڀريائين. بس مک تي اداسي ۽ هڪ ڦڪي مرڪ آڻي سچي ڳالهہ ڪري ويئي. چندر چپ چاپ اتي اندر ويو ۽ مهراجڻ کي ناشتو ۽ شربت ڪٽي اچڻ لاءِ چئي هو ٻاهر موٽي آيو. گيسو بہ سامهون سبز ٻاريءَ ڏانهن تڪي رهي هئي. اتساهہ هاڻ نگاهن سان. چندر موٽي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. "توهان کي وڏو دوکو مليو."

"نہ چندر ڀائي! ائين چوڻ ٺيڪ نہ آهي. ڪهڙي خبر تہ اختر سان ڪهڙي لاچاري هئي. جنهن کي مون پنهنجو سرتاج مڃيو تنهن لاءِ اهڙو ويچار ڪرڻ بہ گناهہ آهي. مان اهڙي ڪريل نہ آهيان جو ائين سوچيان تہ هن مون سان دوکو ڪيو." گيسوءَ ڏندن وچ ۾ زبان دٻائي چيو.

چندر دنگ رهجي ويو. ڇا گيسو هيءَ سڀ پنهنجي دل سان ٿي چوي؟ گيسوءَ کي اختر تي ايڏو ڀروسو آهي. ناشتو ۽ شربت اچي ويو. گيسوءَ اجائي ٻاهرين لڄ ڪا نہ ڪئي. چيائين. "توهين منهنجا وڏا برادر آهيو. پهرين توهين شروع ڪريو."

چندر شربت جو ڍڪ ڀريندي چيو. "اختر سان وري توهان جي ملاقات ڪا نہ ٿي؟"

"ٿي ڇو نہ آهي. ڪيترائي دفعا اسان جي گهر آيو آهي."

"۽ توهان هن کي ڪجهہ ڪو نہ چيو؟"

"ڇا چونديسانس؟ اهي سڀ ڳالهيون ڇا چوڻ ٻڌڻ جون ٿينديون آهن؟ اختر قول کي جان کان وڌيڪ پيار سان سنڀالي رهيو آهي ۽ منهنجي لاءِ اها ئي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. ۽ هينئر چونديسانس بہ ڇا؟ جڏهن هن جي قول سان شادي طئہ ٿي ۽ هو خود بہ راضي ٿي ويو. تڏهن ئي مون ڪجهہ ڪو نہ چيو. هينئر تہ مون لاءِ قول جو سهاڳ سچ جي پهرئين پرڀاتي ڪرڻي کان بہ وڌيڪ معصوم آهي." گيسوءَ جون نگاهون شربت جي گلاس ۾ اٽڪيل هيون.

چندر ڪن خاموش رهيو پوءِ چيائين. "توهان جي امي هينئر توهان جي شادي ڪڏهن ٿي ڪري؟"

"منهنجي شادي هاڻي ڪا نہ ٿيندي. مون قسم کڻي ڇڏيو آهي تہ مرندي دم تائين مان شادي نہ ڪنديس. ديرادون ۾ مٽرنٽي سينٽر ۾ ڪم سکي پورو ڪيو اٿم. هينئر هتي ڪنهن اسپتال ۾ ڪم شروع ڪنديس."

"توهين نرس جو ڪم ڪندا؟"

"ڇو، ان ۾ عجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مون اميءَ کي مڃايو آهي. مان پنهنجي پيرن تي بيهڻ ٿي چاهيان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان توهان جي جڳهه تي هجان ها تہ ٻئي هنڌ شادي ڪري اختر کان بدلو ڇڪايان ها."

"بدلو!" گيسوءَ مشڪندي چيو. "ڇي، چندر ڀائي بدلو، ڪروڌ، نفرت... انهن سان انسان نہ هيل تائين سڌريو آهي نہ هن کان پوءِ سڌري سگهندو. بدلي ۽ نفرت سان تہ اسان جي من جي ڪمزوري ظاهر ٿي ٿئي. تنهن کان سواءِ مان بدلو ڪنهن کان وٺان؟ انهيءَ کان، جنهن جي اڳيان دل ٿي دل ۾ مان هميشهہ سجدو ڪندي ٿي رهان. ائين ڪين ٿي سگهندو؟"

گيسوءَ جي نيڻن ۾ پروسي جو تجلو ٿي چمڪيو. هن جي ڪمزور بيمار جسم ۾ ڄڻ زندگيءَ جي چستي اچي ويئي. هن جي آواز ۾ ايڏو تہ درد هئو، ايڏي تہ لرزش هئي جو چندر ڏسندو رهجي ويو. هن ڄاتو ٿي تہ گيسوءَ جي دل ۾ اختر لاءِ ڪيڏي نہ محبت پريل هئي. هن اهو بہ ڄاتو ٿي تہ گيسو اختر سان شادي رچائڻ لاءِ ڪيڏي نہ ديواني رهندي هئي. هن جو اهو سچو مانداڻ، تاسَ جي ڀتن مان نهيل گهر جيان ڍهي پيو، نہ حالتن جي مجبوريءَ سبب، مگر اختر جي دوکي ڪارڻ. تنهن هوندي بہ گيسوءَ جي چهري تي شڪايت جو سڪٺو گهنج ڪو نہ پيو هو. زبان مان ڪا دانهن نٿي نڪتي. عورت جي زندگيءَ جو هي کهڙو انوٽ جذبو آهي. گيسوءَ جنهن کي پنهنجي محبت جو سونهري ڪرٽو سمجهيو، اهو جوالا مکي ٻڏجي ڦاٽي پيو ۽ ان مان نڪتل باهہ جي ڏارا گيسوءَ کي جلائي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر گيسو ان دک ۽ باهہ جي ڀنيٺ وچ ۾ بہ پهاڙي چٽان جيان اٽل بيٺي آهي.

چندر جي من کي اندر ئي اندر هڪ ڌڌڪو آيو. هن جي دل جي ڌڙڪن، ڪنهن گهرائيءَ مان آواز اڌاريو.... اڙي چندر، تو هي ڇا ڪيو! تون تہ مرد آهين. تنهنجا طاقتور ڪلها تنهنجي پيار جو بوجهہ ڇو نہ سنڀالي سگهيا. ٻڌاءِ؟ مگر چندر پنهنجي اندر جي انهيءَ آواز کي ٻڌو اڻٻڌو ڪري چيو، "تہ اختر کي نہ پائڻ جو توهان جي دل ۾ ذرو بہ دک، ذرو بہ ارمان نہ آهي؟"

"دک!" گيسوءَ جو آواز ڄڻ ٻڏڻ لڳو. نگاهن جي زرد پنکڙين مٿان جل جو هلڪو تهہ وري ويو. "درد! اهو تہ صرف منهنجي سکي گيتا ئي سمجهي سگهي ٿي. چندر ڀائي، صرف گيتا کي ئي ڄاڻ آهي تہ هو ٻالپڻ کان ئي مون لاءِ ڇا هو. مان تہ هنجا سپنا لهندي لهندي خود هڪ سپنو ٻڻجي ويئي هيس. مگر خير دک انسان جي عقيدي کي وڌيڪ پختو نہ ڪري، انسان جي دل کي وڌيڪ اوچاين تي نہ پهچائي تہ اهو انسان کهڙو؟ توهين مون کان درد جو احوال ٿا پڇو؟ قيامت جي ڏينهن تائين منهنجي دل هن جي آسري لاءِ ئي واجهائيندي رهندي، چندر ڀائي. مگر هن زندگيءَ ۾ خاموش ئي رهٺو پوندو. بند گهر ۾ ٻرندڙ چراغ جيان اندر ئي اندر پاڻ جلائٹو پوندو. اگر مون هن کي پنهنجو ڪري مڃيو آهي تہ هو مون کي ضرور ملندو. اڄ نہ تہ قيامت بعد ئي. محبت جي دنيا ۾ جيئن هڪ ڏينهن هن کان سواءِ ڪٽجي ٿو وڃي تيئن هيءَ هڪ زندگي بہ هن کان سواءِ ڪٽجي ويندي... مگر انهيءَ بعد هو ضرور منهنجو ٻڻجي ويندو."

چندر جي دل ڏڪي ويئي. گيسوءَ جي آواز مان هينئر تارا پئي جهريا....

"چندر ڀائي، توهان کي وڌيڪ ڇا ٻڌايان! ڇا توهان جي ڳالهہ مون کان لڪل آهي. مان سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿي. سچ پڇو تہ جڏهن مون ڏٺو تہ توهين ڪيئن نہ چپ چاپ پنهنجي دنيا کي باهہ لڳندي ڏسي رهيا آهيو، ان باهہ جا شعلا ڀڙڪندا ڏسي بہ ٻاهران ڪيئن نہ مشڪي رهيا آهيو تہ مون توهان مان ئي زندگيءَ جو هي زبردست سبق پرايو. مون کي خبر ڪا نہ هئي تہ توهان جي ۽ منهنجي، ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ جي قسمت هڪ جهڙي جوڙي ويئي آهي."

چندر جي اندر ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا وڍ پوڻ لڳا. انهن وڍن ۾ نہ ڄاڻ ڪيڏو درد ٿيڻ لڳو! گيسو ڪيس ڇا پيئي سمجهي ۽ پاڻ سچ پچ ڀهتو ڪٿي وڃي آهي! جنهن چندر جي جيون مان پنهنجي دل اندر جو ڏيئو جلايو سا تہ ديوتا جي قدمن تائين پهچي ويئي مگر چندر جي دل اندر جو ڏيئو؟ هن تہ پنهنجي محبت جي جنازي کي جلائي ختم ڪري ڇڏيو. چندر جي منهن تي غم جو پاڇو وري ويو. گيسو خاموش ويٺي هئي. اوچتو چيائين، "چندر ڀائي! توهان کي ياد آهي تہ مان هنن ڏينهن ۾ ئي هڪ دفعي گيتا سان ملڻ ائي هيس ۽ حسرت توهان کي منهنجا سلام پهچائڻ آيو هو!"

"ياد آهي." چندر ڳوڙهي آواز ۾ چيو.

"انهيءَ هڪ سال ۾ دنيا ڪيڏي نہ بدلجي ويئي آهي!" گيسوءَ هڪ اونهو ساهہ کڻي چيو، "جيوت جا ڏينهن هڪ دفعو گذري ٿا وڃن تہ اهي بيدرد ڪڏهن بہ واپس نٿا موٽن. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ گيتا هجي ها تہ وري ڪاليج ۾ گڏ پڙهڻ وڃون ها. اتي شور مچايون ها. ٻچي وڃي گاهہ تي ليٽون ها. بادلن ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي شعر چئون ها. هوءَ چندر جون، مان اختر جون ڳالهيون ڪريان ها...“ گيسوءَ جو من ڀرجي آيو ۽ هنجي اکين مان هڪ لڙڪ ڳڙي پيو... ”گيتا جي شاديءَ جو احوال تہ ٻڌايو. هن جو مڙس ڪيئن آهي؟“

چندر جي دل ۾ ويچار آيو تہ ڪولي ڇويس تہ گيسو، تون مون کي هيئن لڄي ڇو ٿي ڪرين! مان اهو چندر نہ آهيان. مون پنهنجي پروسي جو منڊر پور پور ڪري ڇڏيو آهي. مان تہ هينئر هڪ ڀونئر آهيان. لوڀي آهيان... مون گيتا جي پيار جو گلو گهٽي ان کي ختم ڪري ڇڏيو. مگر هاءِ ڙي مرد جو گهمنڊ! مرد جو ڇل! چندر اهو ظاهر ڪو نہ ڪيو تہ سندس پروسا چور چور ٿي چڪا آهن! تہ هن پوين ڪيترن مهينن کان گيتا ڏانهن خط لکڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش بہ ڪا نہ ڪئي آهي تہ گيتا مري ٿي يا جيئي ٿي.

ڪلاڪ ڪن ٻئي گيتا جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا. ايتري ۾ هو رڪشا وارو موٽي آيو. گيسوءَ هن کي ترسڻ جو اشارو ڪري چيو، ”چڱو، مون کي گيتا جي ائڊريس تہ لکي ڏيو.“ چندر هن کي ڪاغذ تي ائڊريس لکي ڏني. گيسو اٿي ئي تہ چندر چيو، ”ٿورو وقت رهو. اڄ توهان سان ڳالهيون ڪري پراڻن ڏينهن جون الائي ڪيترين يادگيرين وري تازيون ٿي ويون آهن.“

گيسو مشڪي ويهي رهي. چندر پڇيو، ”ڇا توهين اڃا تائين شعر لکندا آهيو؟“

”شعر....! گيسوءَ مشڪي چيو. ”جيون ۾ ڪيڏي نہ ڇڪتاڻ. ڪيڏو نہ شور آهي! ۽ انهيءَ شور ۽ ڪشمڪش ۾ نغمن کي جڳهہ ڪٿي آهي؟ هينئر تہ منهنجا ڏينهن بيمارن ۽ ڦٽيلن وچ ۾ گذرندا آهن. انهن جي زخمن جي ملم پٽي ڪندي گذرندا آهن. ها چندر ڀائي، ڇا گيتا اڃا بہ اڳي جهڙي شوخ سياءَ آهي؟ ساڳي اڳي جيان شرارتي آهي؟“

”نہ.“ چندر بيحد اداس آواز ۾ چيو. ”ڪڏهن وچي ڏسي نتا اچوس.

”نہ جيستائين مون کي ڪا نوڪري ملي تيستائين ايتري آزادي ڪٿي اٿم. حال تہ مان هتي ئي آهيان. مان هن کي چٺي لکي هتي گهرائيندس. هن جي ور کي بہ لکنديس. هي گهر کهڙو نہ سڄو پيو لڳي، ڇڻ ڀوتن جو بسيرو آهي هتي.“

”توهين مون کي بہ ڀوت بنائي رهيا آهيو. مان ئي تہ رهان ٿو هن گهر ۾.“ چندر چيو.

گيسوءَ کلي وراڻيو، ”منهنجو اهو مطلب نہ هو. چڱو، امي وري تہ مون کي هتي اچڻ جي موڪل نہ ڏيندي. اڄ بہ الائي ڪيئن اڪيلي اچڻ جي اجازت ڏنائين. مان ڪنهن ڏينهن توهان کي سڏايان تہ ضرور اچجو.“

ها گيسو ڀيڻ، ضرور ايندس.“ چندر ڏاڍي اڪير وچان چيو.

”چڱو ڀائيجان، سلام!“

”نمستي.“

گيسو رڪشا تي سوار ٿي ويئي. پردو هيٺ ڪيو ويو. رڪشا هلي ويئي. چندر عجيب نگاهن سان ان ڏانهن نهاريندو رهيو. هو ڄڻ پنهنجي ماضيءَ جي ڪا وڃايل شئي ڳوليندو رهيو ۽ پوءِ هوريان هوريان واپس موٽي آيو. سج غروب ٿي ويو هو. هو غسلخاني ۾ وڃي وهنجڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. چندر جو من اڄ الائي ڪٿي ڀٽي پٽڪيو. هو من جو پڪو هو. دل جي لحاظ کان خراب ڪونہ هو. گيسو اڄ اوچتو هن جي سامهون اها تصوير آندي هئي جنهن ۾ هو بهشت جي اوچاين تي اڏامندو هو. هن جي دل ۾ اڄ وري هڪ قسم جو درد پيدا ٿي ويو. گيسو اڄ چندر جي پروسي، چندر جي بدلي ڇڪائڻ جي چاهنا کي زبردست شڪست ڏني هئي. هن مٽي تي پاٽي وڌو تہ هن کي ائين لڳو تہ هي پاٽي نہ آهي پر زندگيءَ جي ڏارا آهي... چندر جي من ۾ هينئر باقي ڇا وڃي بچيو هو! صرف حوس جو زهر... جنهن ڪيس اندران ئي اندران ڳاري ساڙي ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو ڳريل سڙيل سندس جسم ٻاهران هلي چلي رهيو هو پر اندران ڪوڪو ٿجي ويو هو. هن پنهنجي امرت کي ڪيڏي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.. هن هي ڇا ڪيو هو؟

چندر وهنجي ٻاهر آيو ۽ آرسيءَ سامهون بيهي وار سنوارڻ لڳو. پوءِ هن آرسي ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي چيو، ”چندر بابو، مونڊانهن ڇو پيو نهارين. تو ئي تہ مونکي برباد ڪري ڇڏيو. اڄ ڪيترا مهينا ٿيا آهن جو تو گيتا کي هڪ چٺي بہ ڪانہ لکي آهي، ڇي...!“ چندر آرسي کي ابتو ڪري ڇڏيو.

مهراجڻ ڪاڌو ڪٺي آئي، چندر ڪاڌو کائي وري سست ٿجي ليٽي پيو. مهراجڻ چيو، ”بابو جي، اڄ گهمڻ ڪونہ ويندا؟“

”نہ“ چندر وراڻيو ۽ ليٽي ليٽي سوچيندو رهيو. اڄ هو پميءَ وٽ بہ ڪونہ ويو.

... گيسو پر واري ڪمري ۾ ويٺي هئي، هن ڪمري ۾ بنتي کيس ڪيلاش جو فوٽو ڏيکاري رهي هئي. هن جي من ۾ پراڻي تصوير گهمڻ لڳي.... چندر هن دنيا ۾ تون ئي وڃي رهئين. مونکي فوٽو ڏيکاري پسندي پڇڻ لاءِ؟ چندر جو هٿ مٽي کڄيو. زور سان هڪ چماٽ.... چندر توکي چوٽ نہ ڪانہ پهتي... قبوليم تہ منهنجي دل مونکي ڪجهہ ڪونہ چيو پر توکان تہ منهنجي دل ڪابہ ڳالهہ ڪانہ لڪائيندي آهي... تہ چندر تون شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ پاپا ڇوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي ايندو. مان بہ ڏسي وٺنديس... تون ويھہ تہ مان پڙھنديس، نہ تہ مونکي شرم ٿو اچي... چندر تون شادي نہ ڪجان، تون انهن ڳالهين لاءِ پيدا ڪونہ ٿيو آهين... تہ گيتا، تنهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکڻ ۾ ڪيڏو نہ سڪون ٿو ملي...
آسمان ۾ هڪ هڪ ڪري ستارا چمڪڻ لڳا، چندر جي پلڪن مان هڪ هڪ ڪري تارا ٽٽندا ٿي ويا.

●

چندر پمپيءَ وٽ ڪونہ ويو. هڪ ڏينهن. بہ ڏينهن. ٽي ڏينهن. چوٿين ڏينهن نيٺ هوءَ وٽس لنگهي آئي. چندر ماني ڪائي اٿيو هو ۽ ٻاهر باغ ۾ پيئي ٽهليو. پمي آئي. چندر هن جي آجيان ڪئي مگر هن جي مرڪ ۾ اڳيا اها خوشي ڪانہ هئي.

”چو چندر. آئين چو نہ؟ مون سمجهيو تہ تون بيمار ٿي پيو آهين.“ پمپيءَ سبز ٻاريءَ ۾ رکيل هڪ ڪرسيءَ تي ويهندي چيو ”اچ ويهہ نہ...“ هن ٻي ڪرسي چندر ڏانهن سيريندي چيو.

”نہ.. تون ويهہ. مان بيٺو آهيان. پمي نہ ڄاڻ چو. ٻن ٽن ڏينهن کان طبيعت تمام اداس ٿي وئي آهي. تو وٽ اچڻ تي بہ دل چيو نہ ڪيو.“

پمپيءَ چندر جو هٿ پڪڙي چيو. ”چو ڇا ٿيو آهي؟“ چندر پمپيءَ جي ڪرسيءَ پنيان بيٺو هو. پمپيءَ چندر جا ٻئي هٿ ڇڪي پنهنجي ڳلي ۾ وڌا ۽ پنهجو ڪنڌ چندر ڏانهن جهڪائي هن ڏانهن نهارڻ لڳي. چندر خاموش هيو. هن نہ پمپيءَ جي ڳلن تي هٿ ڦيريو. نہ هن جو هٿ دٻايو. نہ هن جي وارن سان ڪيڏيو. نہ سندس اکين ۾ نشو پريو. ڪنهن وٽان ملندڙ پيار بابت. ڪنهن جي دل ۾ پيدا ٿيل ڪشش بابت عورت وقتي غلطي ڪري سگهي ٿي، مگر ڪير ڏانهس اداسي يا بيپرواهي اختيار ڪري تہ ان جي پرکڻ ۾ عورت ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪندي آهي. چپن سان چپن جي ملندي هوءَ انهن جي لرزش ۾ سمايل احساسن کي پرکي وٺندي آهي. هٿ جي ڇهاو مان دل جي اڻ تڻ پروڙي وٺندي آهي. ھنج ۾ مٿو رکڻ سان ئي دل جي ڌڙڪڻ جي ٻولي سمجهي وٺندي آهي. عورت جيڪڏهن ٿوري ئي آزمودگار آهي تہ توهان جي هلڪي ڇهاءَ مان ئي معلوم ڪري وٺندي تہ توهين ڪانئس ڪهڙو سوال پڇڻ ٿا چاهيو. توهين ڪيس آتت ڏيڻ ٿا چاهيو يا وٽانئس آتت جا طالبو آهيو؟ سندس پيار چاهيو ٿا يا ڪيس ممتا ڏيڻ ٿا چاهيو؟ هوءَ هڪدم سمجهي ويندي آهي تہ توهان جي دل ۾ محبت جو آغاز ٿي رهيو آهي يا ان جو انت اچي چڪو آهي. توهين ڪيس ڏسي خوش ٿيا آهيو يا ناراض ٿيا آهيو. توهان جو ڇهاءُ خوشيءَ جو آهي يا غم جو آهي. توهان جي ان سپرش ۽ امنگ ۾ چاهہ پريل آهي يا ارمان ۽ حسرتون پريل آهن.

پمپيءَ بہ چندر جو هٿ پڪڙيندي ئي پروڙي ورتو تہ اهو هٿ ٻاهران ڀلي گرم هجي، پر انجو سپرش بلڪل ٿڌو آهي. ان ۾ اڄ ڪوبہ چاهہ يا امنگ پريل نہ آهي، ان ۾ اها پرڪندڙ ٻاھہ. اهو نشو ڪونهي جو هيل تائين هن چندر جي ڇهاوَ ۾، چندر جي چپن ۾ پاتو هو.

”چندر تنهنجي طبيعت شايد ٺيڪ نہ آهي، اڄ ويهي رهہ.“ پمپيءَ اٿي چندر کي زبردستيءَ وهاريو.

”اڄ ڪلهہ تون شايد گهڻو ڪم ٿو ڪرين. هل تون مون وٽ هلي رهہ.“

اهو چوڻ سراسر غلط ٿيندو تہ پمپيءَ ۾ فقط جسماني چاهنا هئي. پمپيءَ جي دل ۾ چندر لاءِ بيحد گهري همدردي هئي ۽ چندر پنهنجي جسماني چاهنائن تي جيت پائڻ بعد بہ هن جي ان همدرديءَ کي نڪرائي نٿي سگهيو. ان همدردي جي واپس ٿيڻ تي پمي دکي ٿيندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي ان همدرديءَ جي قبوليت ان ۾ مڃيندي هئي تہ چندر هميشهہ ھندس روپ جي ڪشش ۾ جڪڙيو رهي. مرد جي لبن تي جيڪڏهن پياس نہ هوندي آهي. هن جي ٻاڪرن ۾ جيڪڏهن ايڏو زور نہ پريل هوندو آهي، جو مٺو مٺو ايذاءُ پهچائي، تہ ميلاپ جي ان ڪمزوريءَ مان عورت هڪدم سمجهي وٺندي آهي تہ رشتي ۾ ويڇو پوندو ٿو وڃي، انهي ناتي ۾ ڪيتري گهرائي آهي. تنهنجي ماپ ڪرڻ جو عورت وٽ هڪ ئي ماڻ ٿيندو آهي. مرد جي مٺيءَ ۾ ڪيڏو چاهہ پريل آهي.

نہ صرف چندر جي منِ ۾ پر چندر جي هر حرڪت ۾، هر ڇهاءَ ۾ ايڏي اداسائي اچي وئي هئي، ايڏي بيپرواهي اچي وئي هئي جو پمي وياڪل ٿي اٿي، هن لاءِ هيءَ سندس بهترين شڪست هئي. اڄ کان اڳي پمپيءَ جو هٿ ۾ هٿ وٺندي ئي چندر جي رڳ رڳ ڦڙڪي اٿندي هئي ۽ انهي لرزش مان پمي سمجهي وٺندي هئي تہ چندر جو روم روم سندس ساهہ ۾ سمائجي رهيو آهي.

مگر اڄ پمپيءَ ڏٺو تہ چندر سندس پر ۾ هوندي بہ نہ ڄاڻ ڪيڏو دور پيو وسي. الائي ڪهڙن ويچارن ۾ الجهي ويو آهي. هن هڪدم محسوس ڪيو تہ هو ڪانئس دور. بلڪل دور پهچي ويو آهي. پمپيءَ جي دل جي ڌڙڪن ۾ اداسي اچي وئي، هوءَ سوچي نہ سگهي تہ ڇا ڪري. چندر کي ڇا ٿي ويو آهي. ڇا پمپيءَ جو جادو ٽٽي رهيو هو؟ پمي ان شڪست تي پريشان ٿي پنهنجو هٿ هٽائي ورتو ۽ منهن ڦيري خاموش ٻڌجي ٻئي طرف نهارڻ لڳي. چندر پاڻ ڀلي اداس هجي پر پمپيءَ جي اداسي هن جي سهڻ کان مٿي هئي. ڇگهي يا مدي، هن وقت پمي ئي سندس زندگيءَ جو اڪيلو سهارو هئي ۽ پمپيءَ جي ان همدرديءَ لاءِ پاڻ هن جو بيحد شڪر گذار هو. هو سمجهي ويو تہ پمي چو اداس ٿي آهي. هن پمپيءَ جو هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڏانهن ڇڪي پنهنجا چپ هن جي تري تي ڪٽي رکيا. هن جو ڪنڌ بہ پنهنجي ڪلهي تي ليٽائي ڇڏيائين.... مرد جي جيون ۾ هڪ گهڙي اهڙي بہ اچي ٿي جڏهن جنسي خواهش هن جي ڪمزوري، هنجي پياس، هنجو نشو، هنجو جوش نٿي رهي، اهڙن موقعن تي اها ساڳي جنسي خواهش هن جي همدردي، هن جي آتت جو هڪ ذريعو بڻجي ويندي آهي، ان وقت هو عورت کي پنهنجي ڀاڪر ۾ انهي لاءِ نہ سمائيندو آهي ڇاڪاڻ جو پاڻ ان جسماني پياس جو اجايل آهي، پر هن کي پنهنجي بغل ۾ انهي لاءِ لڪائي ڇڏيندو آهي جيئن عورت پنهنجو سڀ ڏک ۽ غم ڀلائي ڇڏي. ان وقت هو عورت جي نگاهن ۾ سمايل نشي کي اجهائڻ لاءِ نہ، پر سندس اکڙين جي لڙڪن کي سڪائڻ لاءِ ٿي هن جي پلڪن کي پنهنجن چپن سان چمندو آهي، جيون جي اهڙين گهڙين ۾ مردن کي جنهن عورت سان سچي همدردي هوندي آهي، ان جي من مان دنيا جي ڏکن، غمن، شڪستن جي ويچار کي مٽائڻ لاءِ ٿي هو هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ لڪائي، هن کي بهلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي ڀاڪر ۾ پياس ڪانہ ٿيندي آهي، ان ۾ باهہ جي گرماش ڪانہ ٿيندي آهي، پر ان ۾ هوندي آهي صرف عورت کي بهلائڻ جي چاهنا.

انهي ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي تہ چندر جي من تي پميءَ جي روپ جو جيڪو گلابي بادل ڇانئجي ويو هو، سو هينئر هٽي رهيو هو. هن جي روپ جو نشو هوريان هوريان ڪمزور ٿيندو ٿي ويو. مگر چندر پميءَ کي دکي ڪرڻ نٿي چاهيو. هن پميءَ کي خوش رکڻ لاءِ پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪرڻ ٿي چاهي.... ۽ ساڳئي وقت هن جي من اندر، من جي ڪنهن حصي اندر وري هڪ ڪشمڪش، هڪ طوفان اٿڻ شروع ٿيو.

گيسوءَ اچي، چندر جي اڳيئن جيون جو اهو وڇوڙ سندس سامهون پيش ڪيو هو جنهن جي هلڪي جهلڪ بہ ان اياڳي کي پاڳل بنائڻ لاءِ ڪافي هئي، چندر ڏاڍي ڪوشش بعد پنهنجي من کي پٿر بنائي، پنهنجي روح کي روپ جي ساگر ۾ غرق ڪري، پنهنجن پروسن سان ڇل ڪري، ان جيون کي وساريو هو، ان جيون جي يادگيريءَ تي جيت حاصل ڪئي هئي، مگر گيسوءَ جي حاضري ۽ گيسوءَ جي ڳالهين سندس من جي ان ڏند کي ڇڻ هٽائي ڇڏيو ۽ ڇڻ اڌ رات سمي، بيستيءَ جي ان عالم مان سجاڳ ٿي، چندر دل ٿي دل اندر سڏڪن جو هڪ آواز ٻڌي رهيو هو. روڏن جو اهو آواز سندس دل جي ديوارن سان ٽڪر جندو. بار بار ڇڻ ائين چوڻ لڳو. ديوتا! تو منهنجو قتل ڪري ڇڏيو... جنهن کي تو خدا ڪان، جنت ڪان مٿي ڪري مڃيو، تنهنجو تو قتل ڪري ڇڏيو! اهي آواز ٻڌي چندر گهبرائجي ٿي اٿيو.

ويسر جي هڪ لهر جيئن ڪيس گهلي پميءَ وٽ وٺي آئي هئي، تئين هينئر ماضيءَ جي يادگيريءَ جي ٻي لهر وري ڪيس پنهنجي ويڳ ۾ ڦاسائي، هن کي واپس وٺي وڃڻ لاءِ پنهنجو پررو زور آزمائڻ لڳي، هن ائين محسوس ڪيو تہ پميءَ لاءِ سندس من ۾ جيڪو هڪ نشو، هڪ خمار پرجي ويو هو تنهن مٿان هينئر ڏنڌ. ڪوهيڙي جو هڪ پاڇو پئجي رهيو آهي ۽ هيل تائين پاڻ جيڪي بہ ڪندو رهيو هو تنهن لاءِ سندس من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ قسم جي بيزاري اٿي رهي آهي، پر انهي احساس ٿيندي بہ پميءَ جو جادو اجا قائم هو. هو پميءَ جو بيحد شڪر گذار هو ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ هن کي دکي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، ايتري قدر جو پميءَ ڏانهن پنهنجي اها شڪر گذاري ڏيکارڻ لاءِ گناهہ ڪرڻ تي بہ تيار هو، جيئن بنتيءَ جي من ۾ چندر لاءِ جيڪا سڪ ۽ اڪير هئي سان نيت آنيت، حياءَ ۽ بي حيائيءَ جي ٻنڌڻن ڪان مٿي هئي، ساڳيءَ طرح چندر جي من ۾ پميءَ لاءِ جيڪو شڪرگذاريءَ جو احساس هو، سو ڏوهہ ثواب جي ٻنڌڻ ڪان مٿي چڙهي ويو هو، بنتيءَ هڪ ڏينهن چندر کي چيو هو تہ توهان کي ناراض ڪرڻ، مان ايڏو تہ ڀاري گناهہ ٿي سمجهان جو انجي مقابلي ۾ مونکي دنيا جي ٻئي ڏوهہ ثواب جي ذري بہ پرواهہ نہ آهي، ساڳيءَ طرح اڄ چندر بہ ائين ٿي ٿي سوچيو تہ سندس ۽ پميءَ جو هي ناتو ڀلي ڪٽي گناهہ جو ناتو هجي تہ بہ ان ناتي کي ٽوڙي، پميءَ کي ناراض ۽ دکي ڪرڻ انکان بہ وڏو گناهہ ٿيندو ۽ جنهن لاءِ ڪيس ڪڏهن بہ معافي ملي نہ سگهندي.

مگر نشو ٽٽي چڪو هو، انهن ساهن جي ڏڙڪن ڪمزور بڻجي ٿي وئي.... ۽ سخت ڪوشش جي باوجود بہ هو پميءَ کي اداس ٿيڻ ڪان بچائي نہ سگهيو. هڪ ڏينهن صبح جو هو ڪاليج تي ويو جو پميءَ جي موٽر بہ اچي نڪتي. پمي بيحد ملول هئي، چندر هن جي آجيان ڪئي. اڄ هن پنهنجن ڪنن ۾ نيري رنگ وارا پٿر جا والا پاتا هئا، جن تان نيلو پرڪاش الڙي سندس ڳلن تي پئي پيو، چندر ڏانهس نوڙي ان نيلي پرڪاش کي چميو.

پميءَ ڪجهہ ڪونہ چيو، هوءَ خاموش ويٺي رهي، پوءِ چيائين "چندر، مان لکنئوءَ ٿي وڃان."

"ڪڏهن....اڄ؟"

"ها هينئر.. موٽر ۾!"

"ڇو؟"

"ائين ئي هتي من نہ ٿو لڳي. خبر نہ آهي مون تي ڪهڙو پاڇو پئجي ويو آهي لکنئوءَ مان شايد مسوري هلي وڃان."

"مان توکي وڃڻ نہ ڏيندس، تو مونکي اڳي ڇو نہ ٻڌايو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ ۾ ٻڏڪندي ٻڏڪندي هاٿي ٽڪجي پيئي اهيان.... مان هينئر پنهنجي مڙس وٽ واپس وڃي رهي اهيان..... مون کي ڀروسو آهي تہ هو مون کي سڀ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏيندو.

هن وٽ ڇو وڃي رهي آهيان؟

هن وٽ انهيءَ ڪري موٽي رهي آهيان منهنجا دوست ڇاڪاڻ جو هينئر مان سوچيان ٿي تہ عورت اڪيلي رهي نٿي سگهي. هن لاءِ مڙس جي خدمت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نہ آهي. عورت جيئڻ ٿي ٿورو آجي ٿيڻ جي ڪوشش ٿي ڪري تہ ان اونداهي کنڊ ۾ وڃي ٿي ڪري جتي مان وڃي پيئي هيس. هوءَ پنهنجو جسم وڃائي بہ سڪون حاصل نٿي ڪري ۽ پيار تان تہ ڄڻ منهنجو ڀروسو ٽٽندو ٿو وڃي. مان ائين پيئي سوچيان تہ پيار دائمي نہ آهي. مڙس ئي دائمي آهي. مان عيسائي آهيان، پر دنيا ۾ سيني آزمودن پرائڻ بعد مان هينئر ائين ٿي سمجهان تہ هندن ۾ پريم برابر ڪونهي، پر ڌرم ۽ سماجي بنيادن جي آڌار تي شادي وهانءَ جي هنن جي ريت تمام ڀلي نموني ٻڌل آهي ۽ عورت لاءِ اها ريت بيحد لاڀائتي آهي. ان ريت ۾ عورت لاءِ ٿورا ٻنڌن ضرور آهن مگر ان ۾ دائميت آهي، سڪون رهندو آهي ۽ هوءَ پنهنجي گهر جي راڻي رهندي آهي. ڪاش، تون اهو سمجهي سگهين تہ ڪلئي آسمان ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ بعد، طوفان سان لڙڻ بعد، مان هينئر انهن ٻنڌڻ ۾ جڪڙجڻ لاءِ. ڪنهن مضبوط ڏار تي اڏيل، سڪون واري ۽ نرم آشياني ۾ اجهي وٺڻ لاءِ ڪيڏي نہ اتاولي بڻجي ويئي آهيان. جنهن آشياني کي مان هيترا ڏينهن اڳي اجاڙي آئي هيس، اڄ اهو مون کي وري واپس سڏي رهيو آهي. هر عورت جي جيون ۾ اهڙي گهڙي اچي ٿي. شايد انهيءَ ڪري ئي هندو، پيار عيوض شاديءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيندا آهن.

مان تو وٽ ڪا نہ رهيس. مون ڄاتو ٿي تہ اسان جي رشتي ۾ شروع کان ايڏي عجوبت ڀريل هئي جو اسان جو اهو رشتو هميشہ لاءِ قائم رهي نہ سگهندو. تنهن هوندي بہ جن گهڙين ۾ اسين ساڳئي طوفان ۾ ڦاسي، ملي هڪ ٿي وياسين اهي گهڙيون مون کي هميشهہ ياد رهنديون. تون دل ۾ نہ ڪج، مان توسان اصل ناراض نہ آهيان. مان تہ پاڻ کي گنهگار ٿي سمجهان نہ توکي، پوءِ بہ منهنجي صلاح مڃي سگهين تہ ضرور قبول ڪج.... ڪنهن سٺي سريلي، سادي هندو ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏ. ڪنهن عقلمند ڇوڪريءَ سان. جا توکي پيار ڪرڻ جي هام هڻندي هجي، تنهن جي ڦندي ۾ نہ ڦاسجان. چندر، مان عمر توڙي آزمودگي ۾ توکان وڏي آهيان. شاديءَ ۾ احساس يا ڪشش هئڻ سان اڪثر زهر ملي ويندو آهي. شادي ڪرڻ بعد، پنهنجي زال کي وٺي مهيني اڌ لاءِ مون وٽ ضرور اچجان چندر. هن کي ڏسي مان اهو سڪون حاصل ڪنديس جيڪو اسان جي سيپتا اسان اپاڻن کان ڇني ورتو آهي.

هينئر مان سال ڪن لاءِ توسان نہ ملنديس، مون کي اجا بہ تو مان ڊپ پيو لڳي. مگر انهيءَ وچ ۾ تون ٻرنيءَ جو خيال رکجان. ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ وڃي هن کي ڏسي اچجان. پئسي جي تنگي تہ هن کي ڪڏهن ڪا نہ ٿيندي. زال بہ هن کي اهڙي ملي آهي جنهن هن کي بلڪل نيڪ بنائي ڇڏيو آهي..... انهيءَ اپاڳي ٻار کان جدا ٿيندي منهنجي دل ۾ ڇا پيو وهي واپري سو تون محسوس ڪري سگهين ها، جيڪڏهن تون اهڙي ٻار جي پيءُ هجين ها.

پيو خط مان توکي تڏهن لکنديس، جڏهن منهنجو پنهنجي مڙس سان ناهہ ٿي ويندو. ناراض تہ ڪو نہ ٿيو آهين نہ؟

پاميلا ڊ ڪروز"

چندر بمبيءَ کي واپس آڻڻ ڪو نہ ويو. هو ويٺو بنتيءَ ڏانهن هڪ ڊگهو خط لکندو رهيو. اهو ختم ڪري لفافي ۾ وجهي روانو ڪيائين ۽ انهيءَ بعد ٽڪجي سمهي پيو، بنا ڪاڏي ڪائڻ جي.

●

گرميءَ جون موڪلون شروع ٿي ويون هيون ۽ چندر اهي ڪاٽڻ لاءِ دهليءَ هليو ويو هو. گيتا بہ اتي آئي هئي، مگر هينئر گيتا ۽ چندر وچ ۾ خاص ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪو نہ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن شام جو ڊاڪٽر صاحب چندر کي چيو نہ گيتا هتي بيحد موڳي ٿي رهي، وڃي هن کي ڪٿان گهمائي اچجنس. چندر راضي ٿيو، مگر ڏاڍي مشڪلات سان. ٻهرين ٻئي ڪوباڻ ٻلي ۾ ٻهتا. گيتا اداس ٽنل آواز ۾ چيو، "هتي ڏاڍي پيهہ آهي، منهنجو من ٿو گهٻرائجي." چندر موٽر جو رخ ڦيرايو. شهر کان ٻاهر روهتڪ سڙڪ تي دهليءَ کان پنجويهہ ميل دور چندر هڪ سرسبز جڳهہ ڏسي موٽر روڪي. ڪنهن پيرجي پراڻي ٽٽل ڦٽل درگاهہ هئي. قبر جي چبوتري وچ ۾ ڦوٽ وجهي ان وڇمان نم جو هڪ وڻ اسري آيو هو. چبوتري جا بہ ٽي پٿر الڳ ٿي ڪري پيا هئا. پرسان ٻيا بہ بہ چار نم جا وڻ

هئا ۽ چبوتري مان ڪريل هڪ پٿر پرسان هڪ اجهاٽل ڏيئو پيو هو. مرجهايل گلن جون مالهائون پڻ هوا ۾ قبر تان اڏامي هيٺ اچي پيون هيون. قبر جي آسپاس نم جا سڪل پن ۽ ڦول ٽڙيا پکڙيا پيا هئا.

گيتا موٽر مان لهي چبوتري تي وڃي ويٺي. دور دور تائين مڪمل سناٽو هو. نه ماڻهو، نه مرون ئي ڏٺو. صرف سنجها سمي جي هوا جي تڏن جهوٽن تي نم جا سڪل پن ڪڙ ڪڙ ڪري ٿي اڏاٽا. چندر به موٽر مان لهي چبوتري تي اچي ويٺو. هڪ طرف گيتا، ٻئي طرف چندر ۽ وچ ۾ دائمي خاموشي.....

ٿوري دير بعد گيتا نيٺ منهن ڦيريو ۽ چندر ڏانهن نهاريائين: چندر يڪ ٽڪ قبر ڏانهن نهاري رهيو هو. گيتا زمين تان مرجهايل گلن جي مالها کڻي چندر ڏانهن ڦٽي ڪري ڇيو، "چندر، تون ڇا مون کي هميشه لاءِ هن ڀيانڪ دوزخ ۾ رکندين؟ ڇا مان هميشه لاءِ تنهنجي پيار جو آسرو ڀلي ڇڏيان؟"

"منهنجو پيار؟" چندر ڪليو. هن جو اهو کلڻ چوطرف ڇانيل سناٽي ڪان به وڌيڪ ڀيانڪ هو. "منهنجو پيار! ڇگو ياد ڏيارئي هينئر پيار ۾ منهنجو ذرو به يقين ڪونهي. يا ائين چوان ته پيار جي انهيءَ روپ ۾ ڀروسو ڪو نه اٿم."

"پوءِ؟"

"پوءِ ڇا جي؟ اڳي منهنجي من ۾ پيار جو مطلب هو تياڳ، خواهش، آدرش پر اڄ مان پروڙي چڪو آهيان ته اهي سڀ اجايون، بيسود ڳالهيون آهن. خالي سپنا آهن."

"يعني؟"

"يعني! اڄ منهنجو يقين آهي ته پيار جي صرف هڪ معنيٰ آهي، جسم جو ناتو! گهٽ ۾ گهٽ عورت لاءِ. عورت ڳالهيون وڏيون ڪندي.... روح، پنر جنم، ٻئي جهان ۾ ملڻ، مگر هن لاءِ انهن سڀني جي پورائي صرف جسم ۾ ئي آهي. هوءَ پنهنجي جسم جون سڀ منزلون طئي ڪري آخر ۾ مرد کي هڪ ئي شئي ڏيندي..... پنهنجو جسم! منهنجو ته اهو ئي اعتقاد آهي ته مون کي فقط اها عورت ئي پيار ٿي ڪري جا مون کي پنهنجو جسم ارپي سگهي ٿي. هينئر ان ڪانسواءِ مون لاءِ پيار جي ٻئي ڪنهن به روپ کي وجود ڪونهي، معنيٰ ڪانهي."

چندر جي اکين ۾ ڇڻ ڪا شئي پيڪي رهي هئي. گيتا اٿي ۽ چندر جي پاسي ۾ اچي ويٺي. "چندر، مون کي اصل اميد ڪا نه هئي ته هڪ ڏينهن تون به اهڙو بڻجي ويندين. ڪاش، تون سمجهي سگهين...." گيتا جي آواز ۾ بيحد درد ڀريل هو.

"ته پيار آهي!" چندر وري ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن گيتا ڏانهن منهن ورائي چيو. "۽ مان جيڪڏهن توکان ان پيار ۽ محبت جو ثبوت گهران ته...." چندر هينئر پنهنجا ڏند پئي ڪرٽيا. "جيڪڏهن مان توکان تنهنجو جسم گهران ته.....؟"

"چندر!" گيتا رڙ ڪري پنتي هٽي ويئي. چندر اٿيو ۽ پاڳلن جيان اڳتي وڌي گيتا کي ڪٺي پڪڙيائين. "هتي ڪير ڪونهي، سواءِ هن خاموش قبر جي. تون ڇا ٿي ڪري سگهين گيتا؟ منهنجي اندر ۾ گهڻن ڏينهن کان باهه جلندي رهي آهي. اڄ مان توکي برباد ڪري ڇڏيان ته منهنجي من جي اها باهه، اها پريشاني، اها پياس ٻجهي ويندي ٻڌاءِ...." چندر جي اکين مان سچ پچ باهه جون لاٽون پئي نڪتيون.

گيتا پل پر لاءِ سهميل خشڪ نگاهن سان چندر ڏانهن نهاريندي رهي. پوءِ چيائين، "چندر، مان ڪنهن ٻئي مرد جي زال آهيان. هي جنم هن جو آهي، هيءَ سينڌ ۾ ڀريل سنڌور هن جو آهي. هن جسم جو سينگار هن جو آهي. تون منهنجو گلو دٻائي مون کي ماري وجهه، مون توکي ڏاڍي تڪليف پهچائي آهي، مگر...."

"مگر...." چندر وري ٺهڪ ڏنو ۽ گيتا کي ڇڏي ڏنائين. "مان توکي پيار ڪريان ٿي، مگر هي جنم هن جو آهي، هي جسم هن جو آهي. ها.... ها... ڪهڙا نه عجيب نخرا آهن دوکيبازيءَ جا. وڃ گيتا مان ته توسان مذاق ڪري رهيو هوس. تنهنجي هن ليپلي جسم ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟"

گيتا پري هٽي بيهي رهي. هن جي اکين مان الا وسڻ لڳا. "چندر! اڄ تون حيوان بڻجي ويو آهين. مون کي اڄ ڪيڏو نه شرم ٿو اچي! اهو سڀ منهنجو ئي قصور آهي. انهيءَ جو ڏنڊ مان پاڻ کي ئي ڏينديس، مان مري وينديس، مگر توکي انسان بڻجڻو پوندو چندر!" ۽ گيتا پنهنجو مٿو چبوتري مان الڳ ٿيل پٿرن مٿان کڻي ڦٽو ڪ.و ....

.... چندر جي اک کلي ويئي. هو ٿوري دير پنهنجي سپني تي ويچار ڪندو رهيو، پوءِ اٿي ڪڙو ٿيو. هن جي من جي عجيب حالت هئي. شڪست جو احساس، خفو، بيزاري سڀ اچي ڪنا ٿيا هئا. هن کي اوچتو خيال آيو ته ڪنهن نموني پنهنجي من کي وڃي وندرايان ۽ ائين پاڻ وساريان.... ڪيترن ڏينهن کان هو سينيا تي ڪو نه ويو هو. ڪنهن ٿيٽر ۾ برنارڊشا جي "سيزر ائنڊ ڪليئوپيٽرا" پئي هلي. هن سوچيو، پميءَ جي دوستيءَ جي ابتدا به سينيا سان ئي شروع ٿي هئي. اڄ ان دوستيءَ جو انت به سينيا ڏسڻ سان ئي ملهائيندس. هن اٿي ڪپڙا بدلايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئنئيءَ جو وقت ٻار ٻجي هو ۽ وقت پرجي آيو هو. ڪپڙا بدلائي هو وار سنوارڻ لاءِ آرسيءَ جي سامهون وڃي بيٺو تہ هن ائين محسوس ڪرڻ لڳو تہ آرسيءَ وارو عڪس ڪانئس ڪجهہ نرالو آهي. هن وري بيحد غور سان ڏٺو......عڪس راز ڀريئي نموني ڏانهنس مشڪي رهيو هو. ان اوچتو چيو. "ڇا ٿو ڏسين؟ آرسيءَ ۾ پنهنجو مکڙو ڇو پيو پسين؟ هڪ ڇوڪريءَ کان شڪست کاڌءِ تہ ٻيءَ کان سپني ۾ بدلو پيو چڪائين! ڇا توکي پنهنجي مکڙي تي اهو ڪارنهن جو ٽڪو نظر نٿو اچي؟ پاپي! "

ڪمري جي ديوارن مان بہ ڄڻ پڙاڏو اٿڻ لڳو... پاپي!

ديوارن تي ٽنگيل تصويرن بہ ڄڻ يڪ آواز ٿي پڪاريو... پاپي!

چندر تڙپي اٿيو. پاڳل ٿي ويو. ڪنڌ هوا ۾ اڇلائي چيائين. "ڪير آهي پاپي! مان پاپي آهيان؟ سراسر غلط. تو مون کي سمجهيو ئي ڪونهي. مان هميشہ معصوم آهيان مون کي ڪير بہ نٿو سمجهي، ڪير بہ نٿو ڄاڻي!"

"ڪير بہ نٿو ڄاڻي. ها... ها؟" عڪس کلڻ لڳو. "مان تنهنجي نس نس ٿو ڄاڻان سڃاڻان. تون اهو ئي آهين نہ جنهن اڄ کان ڏيڍ سال اڳ سپنا پٽي ڏٺا. گيتا جي هٿن مان امرت پيئڻ جا. دنيا کي نئون پيغام ڏيئي پيغمبر بڻجڻ جا... نئون پيغام! خوب نئون پيغام ڏنئہ مسيحا! ٻمي... بنتي... گيتا... ۽ ٻار ٻيون بہ معصوم ڇوڪريون ڪئيون ڪري وٺ نہ پنهنجي ڇوڏاري! جسماني بکيا!"

"مون ڪنهن کي بہ سڏ ڪو نہ ڪيو هو پاڻ وٽ اچڻ لاءِ جيڪي بہ منهنجي زندگيءَ ۾ آيون. پنهنجو پاڻ آيون. جيڪي هليون ويون تن کي مون روڪيو ڪو نہ. منهنجي من ۾ ذري بہ حوس جي پياس ڪا نہ هئي. ذرو بہ لوڀ ڪو نہ هو. ڇا مان چاهيان ها تہ گيتا کي هڪ اشاري سان پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي نٿي سگهيس!"

"شاباس! ۽ جڏهن هن کي ٻانهن ۾ جڪڙي نہ سگهئين تہ هن کان بہ جيءَ ڀري بدلي چڪائڻ لاءِ تيار ٿي وئين. هوءَ مري رهي آهي ۽ تون هن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ کان باز نٿو اچين. اڄ تہ هن کي اڪيلائي ۾ برباد ڪرڻ جا سپنا ڏسي، پنهنجو دين دنيا تاري ڇڏيئي؟ تنهنجي روح ڪيڏي نہ همت ڪئي آهي! هيڏانهن اڄ تہ تنهنجا پير چمان."

"بس، چپ رهہ. مان پاڳل بڻجي ويندس."

"ڇا هينئر ئي تون گهٽ پاڳل آهين. مجرم حيوان! تون تہ برٽيءَ کان بہ ويل آهين. برٽي پاڳل هو پر پاڳل ڪتي جيان ڇڪ ڪو نہ ٿي پاتائين. تو کي تہ ڇڪ پائڻ بہ اچي ٿو ۽ مٿان وري پنهنجي ان پيانڪ پاڳلپڻي کي تياڳ ۽ سچائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪرين. دوکيباز!"

"بس ڪر. تون سڀ حدون اورانگهي رهيو آهين!" چندر منيون پڪوڙي چيو.

"غصو ڇو ٿو ڪرين منهنجا دوست! هيڏو سچاڻ ٿي ڪري پنهنجي تقدير تي پاڻ ناراض ٿي رهيو آهين. اڄ تہ تو کي آهستي آهستي سمجهايان. بدنصيب! تون چوين ٿو تہ تون گنهگار نہ آهين. پر اي گمراهہ ٿيل ديوتا! گناهہ اهو ئي آهي جو تون پاڻ کان مٿي چڙهي نہ سگهيو آهين. تنهنجي لاءِ پنهنجو سگهو ساهہ بہ ٻيءَ دل جي طوفان کان وڌيڪ مرتبي وارو آهي. تو ڏسي وائسي گيتا کي جيئري ئي ٻرندڙ ٻنيءَ ۾ ڪٽي اڇلايو. ٻميءَ جي پريشان من کي سڃاڻندي بہ تون هن جي روپ کي لٽڻ کان ڪين هٽڪئين. بنتيءَ لاءِ دل ۾ پيار نہ هوندي بہ تو هن کي پنهنجي نزديڪ آندو ۽ وري سيني جيان هن جي پڻ بي عزتي ڪيئي. انهيءَ سڀ ڪندي بہ تون چوين ٿو تہ گنهگار نہ آهين. برٽي پاڳل آهي. پر گنهگار ڪونهي..."

"ترس. ائين مون کي گارين نہ ڏيندو وڃ. مون کي سمجهاءِ تہ منهنجي جيون راهہ تي مون کان ڪٿي غلطي ٿي آهي. گارين ڏيڻ مان منهنجو ازالوو ڪو نہ ٿي ويندو."

"چگو. سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ڏس چندر! مان ائين ڪو نہ ٿو چوان تہ تون ايماندار نہ آهين، تون طاقتور نہ آهين. مگر تون پاڻ ۾ ئي سمايل ٿو رهين. گناهن ۾ قاتل آهين. تنهنجي خوديءَ جي ڪاصد ڪونهي. تو ۾ جيڪي گهٽتايون. ڪمزوريون هيون تن کي ئي تو پنهنجي طاقت. شڪتي مڃڻ جي ڪوشش ڪئي. جيون جي ڪا بہ فيلسوفي لاياڻتي تي نٿي سگهي جيڪڏهن ان ۾ دنيوي حقيقت ۽ ازلي سچ هڪ ٻئي سان اس ڇانو وانگر مليل نہ آهن. قبول ڪجي تہ تو گيتا سان اوچائيءَ جو ناتو نڀايو. مگر جڏهن تنهنجي دل کي، تنهنجي شخصيت کي ٿوري ئي نوڪر لڳي تہ تون گمراهہ بڻجي وئين. تو گيتا جي پيار ۽ محبت جو خون ڪري ڇڏيو. تو بنتيءَ جي خلوص ۽ فرض جي بيعزتي ڪئي. تو ٻميءَ جي معصوميت کي برباد ڪيو... ڇا تون انهيءَ ۾ ئي پنهنجي ساڌنا ٿو سمجهين؟ تون ٿورو ويچار ڪري ڏس تہ هڪ سال اڳي تون ڪٿي بيٺو آهين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر ڏاڍي غم گاڏڙ نگاهن سان پنهنجي عڪس ڏانهن نهاريو ۽ چيائين. ”مان چاڻان ٿو تہ مان گمراهہ آهيان. مگر مان بي ايمان نہ آهيان. تون مون کي هيئن ڌڪارين ڇو ٿو؟ تون مون کي رستو ڇو نٿو ڏيکارين تہ هڪ دفعو ان کي بہ آزمائي ڏسان...“

”راهہ ٻڌايانءِ! جيڪا راهہ هڪ دفعو تو پنهنجي لاءِ بنائي هئي تنهن تي ثابت قدم ڇو نہ رهئين؟ ڇا تون هميشہ جدا جدا راهن کي ئي آزمائڻ ٿو چاهين؟ ڏس چندر. ٿورو ڌيان سان ٻڌ. تو کي هڪ ڏينهن ڪنهن شخص چيو هو. شايد برنيءَ ئي چيو هوءَ تہ انسان اوستائين اوچو ٿو رهي جيستائين هو مقابلو ڪندو ٿو رهي. خبر نہ آهي، هن جي من اندر ڪهڙي جوالا آهي جا هن کي هميشهہ هڪ پنيان هٿي جبي کي ڌوڏڻ لاءِ. ان جي تباهہ ڪرڻ لاءِ اڪتي ڌڪيندي ٿي رهي. هو هر پهاڙي چپ کي پنهنجي راهہ تان هٽائي پري اڇليندو ٿو رهي. تو بہ ڪنهن زماني ۾ اها ئي جيون راهہ. زندگيءَ جي اها ئي فيلسوفي چوندي هئي. اها چوندِ ڏسي وائسي ڪئي هيئي يا غلطيءَ وچان ڪئي هيئي سا توکي خبر. ان وقت تنهنجي روح ۾ طاقت هئي. زوردار طوفان هو. مگر ان طاقت. ان طوفان اڳيان ڪا منزل. ڪو مقصد ڪو نہ هو. تنهنجي زندگيءَ ۾ لهرون گهڻيئي آيون پر انهن ۾ گهرائي ڪا نہ آئي ۽ ياد رک چندر! سچ ان کي ئي حاصل ٿيندو آهي، جنهن جو روح سانتيڪو آهي، جنهن جي آتما ۾ گهرائي هوندي آهي، عميق واري. جا صرف ساگر جي سطحي موج جيان طوفاني آهي جا چند منٽن لاءِ اٿي ٿي. ان جي هلچل ۾ گرجنا ڀلي ڪيتري بہ هجي مگر سچ جي شانتي. سچ جو امرت ڀريو آواز ان ۾ نہ هوندو آهي!

”مگر اها گهرائي مون کي ڇو نہ ملي؟“

”گهبرائج نہ... اهو بہ ٻڌايانءِ ٿو. تون بيحد بيصبر آهين. چنچل آهين. تو ۾ سگهہ برابر هئي. پر صبر برداشت اصل ڪا نہ هئي. تون اونهو عميق نہ ٿجي سگهاري سطحي لهر ٿجي وئين ۽ لهر ٻڻجي. ساحل ڏانهن ڌوڪي ان کي ٽوڙڻ لاءِ وياڪل ٿي اٿئين. تو ۾ نهر ڪو نہ هو. سچائي ڪا نہ هئي. خبر اٿيئي ڇو؟ تو کي جنهن بہ راهہ تي ٿوري تڪليف آڏو آئي، جنهن بہ واٽ تي تنهنجي ٿوري مخالفت ٿي، ان راهہ تان تو پنهنجا قدم هٽائي ورتا. ان راهہ تان تون پوئتي پنتي موٽئين. تون هميشهہ منهن موڙيندو رهيو آهين. پهرين تو سماج کان منهن موڙي اڪيلي شخصيت کي سچائيءَ جو مرڪز ٻڻايو. پوءِ تو ان شخصيت کان بہ منهن موڙي ڇڏيو. پنهنجن ئي ويچارن ۽ پورن ۾ اندر ئي اندر گم رهئين. ايتري قدر جو ڪرم کان بہ منهن موڙي ڇڏيئي. پنهنجي جيون راهہ ۾ نہ انسانيت جي پيار جو ٻوٽو لڳائي سگهئين، نہ گيتا جي پيار جي مڪڙيءَ کي گل ٿيڻ ڏنئي. گيتا، پمي، بنتي... سيني کي تون هڪ رانديڪو سمجهي هنن سان بنا مقصد کيڏندو رهئين. ڪاش! تون سماج لاءِ ڪجهہ ڪرين ها. گيتا لاءِ ئي ڪرين ها. مگر تون ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهئين ۽ طوفاني لهرن تو کي جيڏانهن بہ ڌڪيو تون اوڏانهن گهلجي وئين. قبول ڪجي تہ سماج پنهنجي اڳيان اڄ جيڪا جيون فيلسوفي رکي آهي تنهن ۾ عيب آهن. نقص آهن، مگر تون ناراضپي وچان ئي ان کي قبول ڪري سماج لاءِ ڪجهہ ڪرين ها. مڃجي تہ گيتا جي پيار سبب تنهنجي دل کي قدر آزاري، مگر ان جي عظمت جي بنياد تي ئي تون ڪا نئين شئي خلقين ها. تو اهو ڪجهہ ڪو نہ ڪيو ۽ صرف زندگيءَ جي هر راهہ تي ڪرم کان منهن موڙي پنهنجي جيون کي بيڪاريءَ جي زنجير ٻڌائي ڇڏيو. اي ڪم نصيب دوست! تو هميشهہ زندگيءَ کان منهن پٺي موڙيو آهي. انهيءَ کي قبول ڪرين ها، حقيقت کي قبولين ها. زندگيءَ جو مان ڪرين ها. ۽ جيڪي هو ان جي آڌار تي پنهنجي من کي، پنهنجي دل جي پيار کي، پنهنجي جيون کي ڪنهن سطح تي آڻين ها. اڳتي وڌين ها. مگر تو تہ پنهنجي من جي ڪشادي گنگا کي تنگ حدن ۾ بند ڪري ڇڏيو. ان کي هڪ ننڍڙو دٻو ٻڻائي ڇڏيئي، جنهن ۾ بينل پاڻي ڌپ ڪري اٿيو. جنهن ۾ گيتا جي پيار جي سپ. جيڪا سچ ۽ لاپ جو موتي ٻڻجي سگهي ٿي سا بارش جي مٺي بوند نہ پائي مري ويئي. تنهنجي من جي بيئل پاڻيءَ جي ان دٻي ۾ حوس ۽ ڪيني جا ڪيٽان پلجڻ لڳا ۽ تون سڄو وقت ان پرم ۾ رهئين تہ تون امرت ڪٺو ڪري رهيو آهين. مقبر آهين اي امرت پتر!“

”بس... بس! مان تنهنجي اها چٽر بازي وڌيڪ سهي نٿو سگهان. تون اهو تہ ڪو نہ ٿو ٻڌائين تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهربو هو.“

”ڪهڙي نہ مجبوريءَ. لاچاريءَ جو اظهار آهي. اي ناڪامياب پيغمبر! سچائي حقيقت کي ئي قبول ڪري اڳتي وڌندي آهي ۽ نہ انهيءَ کان منهن موڙڻ سان. اسان ۾ خدا کي نيتي نيتي سڏيو اٿن، هي بہ نہ آهي، هي بہ نہ آهي. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ خدا جو روپ منفي (Negative) آهي. اٿين سوچڻ سراسر غلط آهي. نيتي ۾ ”ني“ سچي لفظ جو صرف هڪ جزو آهي، ”اتي“ ۾ ٻہ پد آهن. هڪ جزو منفي (**Negative**) تہ ان جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ جزا مثبت (**Positive**) آهنَ. تو بہ ان ساڳي نموني خواهش ۽ حقيقت جو ميلاپ ڇو نہ ڪيو.“

”مان اهو سڀ سمجهي نٿو سگهان... اها فيلسوفي منهنجي سمجهہ ۾ نٿي اچي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"گهبراءِ نہ. ان کي هيئن سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ڪيلاش عورت جي شخصيت ڪي. وجود کي برابر نہ پروڙيو. گيتا جي معصوميت جي برابر بي عزتي ڪئي. مگر هن سماج لاءِ تہ ڪجهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اجا بہ ڪندو تو رهي. گيسوءَ شادي ڪرڻ کان برابر انڪار ڪيو مگر اختر لاءِ پنهنجي پريم کي ڪانيارو ڪو نہ ڪيائين. ان پيار دوران هن پنهنجو پاڻ قربان ڪيو. پنهنجي شخصيت کي قربان ڪيو. گيسو هڪ چوڪري هوندي بہ تو کي شڪست ڏيئي ويئي."

"مگر مان ڪيڏو نہ ٿڪجي پيو هوس. ذرا اهو تہ سوچ. من جي ڪيڏين نہ لاهين چاڙهين تان. موت کان بہ وڌيڪ خوفناڪ جن مرحلن تان. مان گذريو آهيان. انهن تان هلندي پيو ڪير بہ جيڪر هن کان اڳي ختم ٿي وڃي ها. مان گهٽ ۾ گهٽ زنده تہ رهيو آهيان."

"واهہ واهہ! بيشڪ زنده آهين!"

"تڏهن ڇا ڪريان؟ ڇا هي رستو بہ ڇڏي ڏيان؟ شخصيت کي بہ ٽوڙي ڇڏيان؟"

"وري اهيئي منهن موڙڻ جون ڳالهيون! ڇي ڇي! ڏس. اڳتي ڇڪڻ لاءِ تہ ڏيگا بہ گاڏيءَ کي ڇڪي اڳتي وٺي هلندا آهن. مگر سوين ميل لتاڙڻ بعد بہ اهي ساڳيا گاڏي ڇڪڻ وارا ڏيگا ئي رهندا آهن. ڇا تون هميشہ انهن جيان صرف گاڏي ڇڪيندڙ ڏيگو رهڻ تو چاهين. نہ چندر! انسان تہ زندگيءَ جو سفر ڪندو اڳتي وڌندو آهي. راهہ جون ٺوڪرون کائيندو. مصيبتون سهندو. پختو ٿيندو ويندو اهي. پنهنجي روهہ ۾ سڌارو آڻيندو هلندو آهي. ڇا تو ۾ اها پختائي اڃي ويئي آهي؟ نہ. مون کي خبر آهي تہ تون هينئر مون کان. پنهنجي اندر جي ان آواز کان بہ منهن موڙڻ تو چاهين. تون مون کي بہ مهڻي ها ڪرڻ تو چاهين. پاڻ کي نڳڻ تہ هينئر تنهنجو پيشو ٿي ويو آهي. تون کهڙو نہ خطرناڪ آهين. تون هينئر منهنجي بہ بي عزتي ڪرڻ تو چاهين....." ۽ سامهون آرسيءَ وارو عڪس اهي لفظ چوندي چوندي هوريان هوريان صفا گم ٿي ويو.

چندر چپ چاپ آرسيءَ سامهون بيٺو رهيو. ان ڏينهن هو سئنيما ڏسڻ ڪو نہ ويو.

●

چندر اوچتو بلڪل ماٺ ٿي ويو. هڪ اهڙي بالي پولي بالڪ جيان. جنهن ڏوهہ تہ خاص ڪو نہ ڪيو هو پر ان مان نقصان ڏاڍو وڏو ٿي ويو هو جنهن لاءِ کيس تمام سخت تنبيهہ ڪئي ويئي هئي. پنهنجي گناهہ جي احساس ٿيڻ بعد هن کان ڳالهائڻ بہ نٿي آڪليو. هن سمورو ڏک پاڻ تي وسائڻ ٿي چاهيو. اتي اهڙو تہ سناٽو هو جو نہ ڪنهن کي اچڻ لاءِ نيند ٿي ڏنائين. نہ وري ڪنهن کي وڃڻ کان روڪي ٿي سگهيو. هو هڪ اهڙي ميدان مثل هو جنهن تان راهن ۽ پيچرن جا سڀ نشان. سنڌا مٽجي ڇڪا هئا. ان تاريءَ مثل هو جنهن تان سڀ گل ڇڻي ڇڪا هئا. جنهن تي اڏيل سڀ آشيانا اجڙي ويا هئا. هن جي من ۾ اٿاهہ غم. درد پريل هو. ايترو گهٽو جو ڪير هن جي زخمن کي هلڪو ئي ڇهي مس تہ اکين مان لڙڪن جي ڌارا وهي نڪري. هن چاهيو ٿي تہ سڀني کان معافي گهري وٺان. بنتيءَ کان. پميءَ کان. گيتا کان ۽ پوءِ انهن جي دنيا کان بلڪل دور هليو وڃان. هن سڀني کي ڪيڏو نہ ڏک پهچايو هو!

انهيءَ ذهني اڻ تڻ ۾ هو جو هڪ ڏينهن کيس گيسوءَ وٽان ڪوٺ آئي. هو اتي ويو. گيسوءَ جي امي تہ سنڌس سامهون آئي مگر گيسوءَ پردي پٺيان ئي ساڻس ڳالهايو. گيسوءَ هن کي ٻڌايو تہ گيتا جو خط آيو آهي. لکيو اٿس تہ پاڻ جلدي ايندي. گيسوءَ سان ملڻ لاءِ. گيسوءَ کي اهو ٻڌي نهايت تعجب لڳو تہ گيتا چندر کي ڪو بہ احوال ڪو نہ ڏنو هو.

●

چندر گهر واپس پهتو تہ ڪيلاش جو خط مليس...

پيارا چندر.

ڪيترن ڏينهن کان تنهنجو خط ڪو نہ آيو آهي. نہ مون وٽ. نہ هن وٽ! ڇا تون اسان ٻنهي سان ناراض ٿي ويو آهين؟ چڱو. تو کي هڪ خوشخبري ٿو ٻڌايان. مان هڪ ثقافتي سان شايد آسٽريليا وڃان. ڊاڪٽر صاحب ئي ڪوشش ڪئي آهي. اڌ خرچ سرڪار ڪندي. اڌ مان ڀريندس.

تو کي تہ هتي اچڻ جي فرصت ئي ڪا نہ ملندي. سو مان ئي هن کي وٺي ٻن ڏينهن لاءِ اتي ايندس. اتي هن جي ڪا مسلمان سهيلي آهي جنهن سان هوءَ ملڻ چاهي ٿي. اسان جي خاطر داري ڪرڻ لاءِ بعد ۾ سٽ ڪجان. بارهين مئي تي صبح واري گاڏيءَ ۾ اتي پهچنداسين.

تنهنجو ڪيلاش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا جي اچڻ کان اڳي چندر گهر ۾ چوڌاري نظر ڊوڙائي... ڊرائينگ روم ۽ باغ جي وچ واري سبز ٻاري کان سواءِ ٻيو سڄو گهر اهڙو ته گندو ٿيو پيو هو جو گيسوءَ سچ ئي چيو ته گهر ۾ ڄڻ ڀوت رهيا پيا آهن. مرد پلي کهڙو به صفائي جو شوقين ۽ صفائي پسند هجي پر عورت جي هٿ ۾ اهڙو ڪو جادو آهي جو گهر کي ڇهڻ سان ئي ان کي چمڪائي ڇڏيندي آهي. استريءَ بنان گهر هلي نه سگهندو آهي. گيتا ۽ بنتي ڪو نه هيون ته ٿن مهينن اندر بنگلي جو روپ ئي ڦري ويو هو.

هن سڄو بنگلو صفا ڪرايو. گيتا ۽ ڪيلاش جيتوڻيڪ فقط ٻن ڏينهن لاءِ ٿي آيا پر هن بنگلي جي صفائي ائين ڪرائي ڄڻ گهر ۾ وري ڪو نئون جشن ٿيڻو هو. گيتا جو ڪمرو هن ڏاڍي سٺي نموني سينگاريو. مٿي ڪڏ تي به پلنگ وڇارائي ڇڏيائين. مگر اهو سڀ ڪم هو بنا ڪنهن به خاص احساس جي ڪندو رهيو. ائين جيئن هو ٿيل جو مئنيجر ٻاهران ايندڙ مسافرن لاءِ بندوبست ڪري.

چوماسي جي ڏينهن ۾ توهان جيڪڏهن غور سان جاچيو هوندو ته بارش شروع ٿيڻ کان اڳي ئي هوا ۾ هڪ ٿڌاڻ اچي ويندي آهي. پن ساوا ٿي ويندا آهن. دل ۾ هڪ قسم جو امنگ پرجي ويندو آهي. آسمان جو رنگ ئي بدلائيندو آهي ته بادل آيا ڪي آيا. بوند وسي ڪي وسي. بادل جڏهن ويجهو اچي پهچندا آهن. تڏهن به بوند ڪرڻ کان اڳي ئي دوريءَ تي وسندڙ بوند جو آواز فضا ۾ ڦهلجي ويندو آهي.

جيئن جيئن گيتا جي اچڻ جو ڏينهن ويجهو پوڻ لڳو تيئن چندر جي دل اندر هوائون پاسا ڦيرائڻ لڳيون هيون. هن جي دل اداس ۽ سنسان... انتظاريءَ وچان بيچين ٿي اٿي. چندر پاڻ کي به سمجهي نٿي سگهيو. سندس رڳن ۾ هڪ عجيب گهبراهٽ چوليون هڻڻ شروع ڪيون هيون. مگر هن ان گهبراهٽ جو انت لهڻ نٿي چاهيو. هو اڄ ڪلهه نجاڻان ڇو، اندر ئي اندر ڊنو پئي.

امتحان ختم ٿيڻ تي اچي بينا هئا. هن جي پريشاني ۽ گهبراهٽ جڏهن تمام گهٽجي وڌي ويندي هئي ته هو ڪاپيون جاچڻ شروع ڪندو هو. ممتحن جي گهر ۾ جڏهن گهرو گهيهه چالو هجي، اندر ۾ ڪشمڪش هجي، دماغ ۾ خفخان هجن، اهڙي وقت هنن لاءِ ڪاپين جاچڻ کان بهتر ٻي مشغولي ملڻ ناممڪن آهي. پنهنجي جيون ۾ ناڪامياب ٿيڻ جو خفو ۽ تيسو شاگردن کي ناپاس ڪرڻ سان دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هنن کي انهيءَ کان بهتر حل ٻيو ڪو نه ملندو آهي. چندر به جڏهن بيحد دکي ٿي اٿندو هو ته ڪاپيون جاچڻ ويهي رهندو هو.

جنهن ڏينهن صبح جو گيتا اچڻي هئي، تنهن کان اڳين رات ئي چندر جو من بنهه ضابطي کان نڪري ويو. ائين ٿي لڳو ته هن سوچڻ ويچارڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. ان ڏينهن چندر هڪ پل لاءِ به اڪيلو رهڻ نٿي چاهيو. هن انبوهه ۾، ڀيڙ ۾ سمائجي وڃڻ ٿي چاهيو. صبح جو هو گنگا تي وهنجڻ ويو. منجهند جو ڪاليج مان موٽي هو پنهنجي هڪ دوست وٽ هليو ويو. اتان موٽي وهنجي ڪري هو وري هڪ ڪتابن جي دڪان تي هليو ويو ۽ شام تائين اتي ڪتاب اٿلائيندو پٿلائيندو رهيو. اتي هن بسريا جو شاعريءَ جو مجموعو پڻ ڏٺو جنهن جو نالو هن "بنتيءَ" مان ڦيرائي "بغاوت" رکيو هو ۽ بهترين ترقي پسند شاعر بڻجي ويو هو. چندر اهو شاعريءَ جو ڪتابڙو خريد ڪيو.

گيتا جي اچڻ ۾ باقي ٻارهن ڪلاڪ پيا هئا. چندر جي طبيعت بيحد گهبرائجڻ لڳي. هو بسريا جي شاعريءَ جو ڪتاب کڻي ان جي پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو. انهن سڙيل باسي گيتن ۾ ئي هو پاڻ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ آخر هن پاڻ کي اهڙو ته ٿڪائي ڇڏيو جو هو گهنٽيءَ وارو ڪانٽو ٽن بجن تي ٺاهي، سمهي پيو. گيتا جي گاڏي ساڍي ڇئين بجي اچڻي هئي.

هو جڏهن وري سجاڳ ٿيو ته رات راڻي پنهنجا مخملي پر پساري ننڊ ۾ غافل دنيا تي سڪون جي دعا وسائي رهي هئي. سريلي هوا جي هلڪن جهوٽن تي معصوميت ڇانيل هئي. پراچين آرين پرڀات ۾ جيڪو راز ڀاتو هو اهو اڄ هوريان هوريان چندر جي اکين سامهون کلڻ لڳو. هن ائين محسوس ڪيو ته سندس شخصيت جو هي نئون صبح آهي. پرڀاتي سانتيڪي سنگيت شبنم جيان هن جي پلڪن تي ترٽر رائڻ لڳو.

افق تي هڪ تمام وڏو ستارو پئي چمڪيو. چندر ائين محسوس ڪيو ته منهنجي پيار جو ستارو اهو ئي آهي. جو هيترا ڏينهن نه ڄاڻ ڪهڙي پاتال ۾ وڃي غرق ٿيو هو پر اڄ ان وري عرش تي چمڪڻ شروع ڪيو آهي. هن هڪ بي خبر ٻالي ڀولي ٻالڪ جيان ان ستاري کي هٿ جوڙي چيو. "منهنجي سون جهڙي گيتا راڻيءَ جا پيار! تون هيترا ڏينهن ڪٿي گم ٿي ويو هئين؟ تون منهنجي اکين اڳيان هئي وئين ته مان نه ڄاڻ ڪيترن طوفانن ۾ اڙجي ويس. گهلجي ويس. منهنجي آتما ۾ گيتا جي پيار جو ئي گرويٺو ته هو. پر مان اهو گرويٺو وڃائي وينس. ان بعد منهنجي روح خزان جي سڪل پيلي پن جيان طوفان ۾ اڏامندي، ڪچري جي الائي ڪهڙي ڍير ۾ وڃي ڦاٿي. تون منهنجي گيتا جو پيار آهين نه! مون تو کي گيتا جي معصوم اکين ۾ چمڪندو ڏٺو آهي. ويدمنترن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثل معصوم ڀوڪي ڀريات ۾ تون منهنجي پاپي من کي امرت سان ڌوئي اجري ڪرڻ لاءِ موٽي آيو آهين. مان تو کي وڃن ٿو ڏيان ته اڄ پنهنجي جيون جي سيني گناهن کي گيتا جي پيرن ۾ ڌري هن کان معافي گهرندس. منهنجي ساهن جي تند گيتا! مون کي معاف ڪندينءَ نه؟" ۽ هڪ عجيب احساس ويڳاڻپ ۽ سڪون ۽ آنند وچان هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. هن کي ياد آيو ته هڪ ڏينهن گيتا سندس هٿن جي ترين کي پنهنجي چپن سان لڳائي چيو هو.... وچ، اڄ تون ڀميءَ جي ڇهاوَ کان معصوم ٿي وئين. ڪاش، اڄ بہ گيتا هتي هجي ۽ پنهنجي مصري لبن سان منهنجي روح کي چمي چوي... چندر، هيلتائين زندگيءَ جي طوفانن تنهنجي روح کي بيمار، ناپاڪ بنائي ڇڏيو هو. پر اڄ کان تون وري ساڳيو اڳيون چندر آهين. پنهنجي گيتا جو چندر! هرٽيءَ مثل معصوم، ڀالي ڀولي گيتا جو معصوم چندر!

●

چندر جڏهن تيار ٿي اسٽيشن تي پهتو ته هو ڄڻ ڪنهن ڊوهہ جي اثر هيٺ هو. هن تي ڄڻ ڪو جادو پڙهيو ويو هو يا ٽوٽو ڦيٽو ڪيو ويو هو. اهو جادو هو گيتا جي پيار جي وري نئين سر سجاڳ ٿيڻ جو.

گاڏي ڪلاڪ کن دير سان اچڻي هئي. چندر لاءِ هڪ پل ڪاٽڻ مشڪل ٿي پيو هو. نيٺ سگنل هيٺ لٿو. ڪولين ۾ هلچل متي. چندر ريل پٽي ڏانهن جهڪي نهارڻ لڳو! صبح ٿي چڪو هو ۽ انجڻ دور کان هڪ ڪاري داغ جيان پئي ڏٺي. هوريان هوريان اهو داغ وڌندو وڌو ٿيندو ويو ۽ ان جي پٺيان ٽرين سائي رنگ جي پيچ جيان لڏندي لمندي پئي آئي. چندر کي گهڙيءَ لاءِ اهو خيال آيو ته هو پاڳلن جيان ڊوڙي ان گاڏيءَ کي وڃي پهچي. هڪ بي ڀروسي جي دل ۾ جڏهن وري اوچتو ڀروسو پيدا ٿيندو آهي ته هو صفا ديوانو بڻجي ويندو آهي. چندر ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته ٽرين جا سڀ گاڏا خالي آهن. صرف هڪ دٻي ۾ گيتا ويٺي آهي، بلڪل اڪيلي. جا ايندي ئي مون کي پنهنجي پيار ڀريل نگاهن ۾ سمائي ڇڏيندي.

●

پليٽفارم تي گاڏيءَ جي پهچندي ئي هلچل وڌي ويئي. فضا، ڪولين جي ڊڪ ڊوڙ، مسافرن جي اتاوليءَ ۽ سامان لاهڻ چاڙهڻ جي شور سان ڀرجي ويئي. چندر پاڳلن جيان ان پيڙ کي چيريندو گاڏن ۾ نهارڻ لڳو. ٽرين جا سڀ گاڏا ڏسي آيو. گيتا ڪٿي ڪا نه هئي. هن جو گلو ڄڻ سڏڪن سان گهٽجڻ لڳو. ڇا هو ڪو نہ آيا؟ قسمت مون سان ڪيڏي نہ ٺٺولي ڪري رهي آهي! اڄ جڏهن هو پاڻ ڪنهن جي پيرن ۾ پنهنجو روح اربي، پاڻ کي نئين سر معصوم ڪرڻ ٿو چاهي تڏهن سندس ديوي آئي ڪانہ. گيتا ڪا نہ آئي. هن وري سڄي پليٽفارم تي ڦيرو چڪر لڳايو ۽ مايوس بڻجي واپس موٽيو. اوچتو هڪ سيڪنڊ ڪلاس جي دٻي مان ڪيلاش جو آواز آيو... چندر منهن ورايو. ڏنائين تہ سامهون ڪيلاش ٻيو سڏي. ڪوليءَ سامان لاهي رکيو آهي. باقي گيتا ڪانهي.

●

ڪنهن ڄڻ جهٽڪو ڏيئي هن جي دل جوڏيئو اجهائي ڇڏيو. سامان تمام ٿورو هو. هو متي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويو ۽ ڪيلاش کان پڇيائين، "گيتا ڪا نہ آئي؟"

"آئي آهي. هن جي طبيعت خراب ٿي ويئي آهي." ۽ ڪيلاش باٿ روم ڏانهن اشارو ڪيو. گيتا اندر باٿ روم ۾ ڪنڌ جهڪائي ويٺي هئي.

"ٻڌين ٿي...!" ڪيلاش هن کي آواز ڏنو. "ڏس، چندر آيو آهي." گيتا ٻاهر اچي هن ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍي مشڪلات سان هٿ ٻڌي جيئن هن کي سلام ڪيائين تيئن متي کي چڪر اچي ويس. ڪئلاش ٽپ ڏيئي هن وٽ پهتو ۽ هن کي سنڀالي، چندر کي چيائين، "پنکو کڻي وٺ." چندر پٿر بڻيو بيٺو هو. هن دل ئي دل ۾ جيڪو سپنو ڏٺو هو... گيتا ستارن جيان پيئي چمڪي ۽ پنهنجي نوراني ٻانهن ۾ مون کي ليٽائي، منهنجي خيالن کي سمهاري ڇڏيندي، جادوگرڻ جيان پنهنجي پيار جي پنکن سان، چندر جي روح جا سڀ داغ اگهي مٽائي ڇڏيندي... مگر حقيقت ڇا نڪتي! جادوگرياڻي گيتا، روح جي راڻي، معصوميت جي ديوي گيتا جي متي کي چڪر اچي رهيو آهي. هوءَ پنهنجي جسم سنڀالڻ کان لاچار آهي ۽ سندس مڙس ڪيس آٿت، دلداري ڏيئي رهيو آهي.

"ڏسين ڇا پيو چندر؟.... جلدي ڪر، پنکو کڻي وٺ." ڪيلاش ذرا اداس ٿي ويو. چندر ڇرڪ ڀريو. سيٽ تان پنکو کڻي هن متان هوا هڻڻ لڳو. ٿوري دير بعد گيتا پاڻ سنڀاليو ۽ ڪنجهندي، اٿي پنهنجي جاءِ تي ويٺي. ڪيلاش وهاڻو کڻي سندس پٺيان رکيو ۽ هوءَ اکيون بند ڪري ليٽي پيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثل معصوم اڄوڪي پريات ۾ تون منهنجي پاپي من کي امرت سان ڌوئي اجري ڪرڻ لاءِ موٽي آيو آهين. ڪالهه سو ڪي وڃن ٿو ڏيان ته اڄ پنهنجي جيون جي سيني گناهن کي گيتا جي پيرن ۾ ڌري هن کان معافي گهرندس. منهنجي ساهن جي تند گيتا! مون کي معاف ڪندينءَ نه؟" ۽ هڪ عجيب احساس ويڳاڻپ ۽ سڪون ۽ آنند وچان هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. هن کي ياد آيو ته هڪ ڏينهن گيتا سندس هٿن جي ترين کي پنهنجي چپن سان لڳائي چيو هو.... وچ، اڄ تون پميءَ جي ڇهاءَ کان معصوم ٿي وئين. ڪاش، اڄ به گيتا هتي هجي ۽ پنهنجي مصري لبن سان منهنجي روح کي چمي چوي... چندر، هيلتائين زندگيءَ جي طوفانن تنهنجي روح کي بيمار، ناپاڪ بنائي ڇڏيو هو. پر اڄ کان تون وري ساڳيو اڳيون چندر آهين. پنهنجي گيتا جو چندر! هرڻيءَ مثل معصوم، ڀالي ڀولي گيتا جو معصوم چندر!

●

چندر جڏهن تيار ٿي اسٽيشن تي پهتو ته هو ڄڻ ڪنهن ڏوهه جي اثر هيٺ هو. هن تي ڄڻ ڪو جادو پڙهيو ويو هو يا ٽوڻو ڦيڻو ڪيو ويو هو. اهو جادو هو گيتا جي پيار جي وري نئين سر سجاڳ ٿيڻ جو.

گاڏي ڪلاڪ کن دير سان اچڻي هئي. چندر لاءِ هڪ پل ڪاٽڻ مشڪل ٿي پيو هو. نيٺ سگنل هيٺ لٿو. ڪولين ۾ هلچل متي. چندر ريل پٽي ڏانهن جهڪي نهارڻ لڳو! صبح تي چڪو هو ۽ انجڻ دور کان هڪ ڪاري داغ جيان پئي ڏٺي. هوريان هوريان اهو داغ وڏندو وڏو ٿيندو ويو ۽ ان جي پٺيان ٽرين سائي رنگ جي پيچ جيان لڏندي لمندي پئي آئي. چندر کي گهڙيءَ لاءِ اهو خيال آيو ته هو پاڳلن جيان ڊوڙي ان گاڏيءَ کي وڃي پهچي. هڪ بي پروسي جي دل ۾ جڏهن وري اوچتو پروسو پيدا ٿيندو آهي ته هو صفا ديوانو بڻجي ويندو آهي. چندر ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته ٽرين جا سڀ گاڏا خالي آهن. صرف هڪ دٻي ۾ گيتا ويٺي آهي. بلڪل اڪيلي. جا ايندي ئي مون کي پنهنجي پيار ڀريل نگاهن ۾ سمائي ڇڏيندي.

●

پليٽفارم تي گاڏيءَ جي پهچندي ئي هلچل وڌي وئي. فضا، ڪولين جي ڊڪ ڊوڙ، مسافرن جي اتاوليءَ ۽ سامان لاهڻ چاڙهڻ جي شور سان ڀرجي وئي. چندر پاڳلن جيان ان ڀيڙ کي چيريندو گاڏن ۾ نهارڻ لڳو. ٽرين جا سڀ گاڏا ڏسي آيو. گيتا ڪٿي ڪا نه هئي. هن جو گلو ڄڻ سڏڪن سان گهٽجڻ لڳو. ڇا هو ڪو نه آيا؟ قسمت مون سان ڪيڏي نه ٺٺولي ڪري رهي آهي! اڄ جڏهن هو پاڻ ڪنهن جي پيرن ۾ پنهنجو روح ارپي، پاڻ کي نئين سر معصوم ڪرڻ ٿو چاهي تڏهن سندس ديوي آئي ڪانه. گيتا ڪا نه آئي. هن وري سڄي پليٽفارم تي پيو چڪر لڳايو ۽ مايوس بڻجي واپس موٽيو. اوچتو هڪ سيڪنڊ ڪلاس جي دٻي مان ڪيلاش جو آواز آيو... چندر منهن ورايو. ڏٺائين ته سامهون ڪيلاش پيو سڏي. ڪوليءَ سامان لاهي رکيو آهي، باقي گيتا ڪانهي.

●

ڪنهن ڄڻ جهٽڪو ڏيئي هن جي دل جوڏيئو اجهائي ڇڏيو. سامان تمام ٿورو هو. هو متي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويو ۽ ڪيلاش کان پڇيائين، "گيتا ڪا نه آئي؟"

"آئي آهي. هن جي طبيعت خراب ٿي وئي آهي." ۽ ڪيلاش باٿ روم ڏانهن اشارو ڪيو. گيتا اندر باٿ روم ۾ ڪنڌ جهڪائي ويٺي هئي.

"ٻڌين ٿي...!" ڪيلاش هن کي آواز ڏنو. "ڏس، چندر آيو آهي." گيتا ٻاهر اچي هن ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍي مشڪلات سان هٿ ٻڌي جيئن هن کي سلام ڪيائين تيئن متي کي چڪر اچي ويس. ڪيلاش ٽپ ڏيئي هن وٽ پهتو ۽ هن کي سنڀالي، چندر کي چيائين، "پنکو ڪٿي وٺ." چندر پٿر بڻيو بيٺو هو. هن دل ئي دل ۾ جيڪو سپنو ڏٺو هو... گيتا ستارن جيان پيئي چمڪي ۽ پنهنجي نوراني ٻانهن ۾ مون کي ليٽائي. منهنجي خيالن کي سمهاري ڇڏيندي، جادوگرڻ جيان پنهنجي پيار جي پنکن سان. چندر جي روح جا سڀ داغ اگهي مٽائي ڇڏيندي.... مگر حقيقت ڇا نڪتي! جادوگرياڻي گيتا. روح جي راڻي. معصوميت جي ديوي گيتا جي متي کي چڪر اچي رهيو آهي. هوءِ پنهنجي جسم سنڀالڻ کان لاچار آهي ۽ سندس مڙس ڪيس آٿت. دلداري ڏيئي رهيو آهي.

"ڏسين ڇا پيو چندر؟.... جلدي ڪر. پنکو ڪٿي وٺ." ڪيلاش ذرا اداس ٿي ويو. چندر چرڪ ڀريو. سيٽ تان پنکو کڻي هن متان هوا هڻڻ لڳو. ٿوري دير بعد گيتا پاڻ سنڀاليو ۽ ڪنجهندي، اٿي پنهنجي جاءِ تي ويٺي. ڪيلاش وهاڻو کڻي سندس پٺيان رکيو ۽ هوءِ اکيون بند ڪري ليٽي پيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر هينئر گيتا ڪي چڪيءَ طرح ڏٺو. گيتا اڃڙي چڪي هئي. هن جو جيون نور جهڪو ٿي ويو هو. هينئر هوءَ پنهنجي اڳين جواني، روپ، چنچلپڻو ۽ ميناج جي فقط پيلو عڪس وجي رهي هئي. مکڙو ڏٻرو ٿي ويو هوس، هڏيون نڪري آيون هيس. اکيون ڦاٽل پٽي لڳيس. چندر پنکو هلائيندو رهيو. ڪيلاش ننڍي بٽگ مان دوا ڪڍڻ لڳو. گاڏي اتي ختم ٿي چڪي هئي. جنهن ڪري تکڙ ڪرڻ جي ضرورت ڪا نه هئي. ڪيلاش هن کي دوا ڏني. گيتا دوا پيتي ۽ پوءِ بيحد اداس، بيحد جهيڻي ۽ بيمار آواز ۾ چيائين، "ڪيئن چندر، چاڪ ته آهين نه! ههڙو ڏٻرو ڇو ٿي ويو آهين؟ هينئر تنهنجي ڪاڏي پيتي جي پرواهه ڪير ڪندو هوندو." گيتا هڪ اونهو ساهه کنيو. ڪيلاش بسترو ويڙهڻ لڳو.

"تو کي ڇا ٿيو آهي گيتا؟"

"مون کي سک روڳ ٿيو آهي." گيتا جي مرجهايل چهري تي جهيڻي مرڪ وري ويئي. "گهٽي سک ۾ رهڻ سان اِئين ٿي ٿيندو آهي."

چندر چپ ٿي ويو. ڪيلاش بسترو ڪوليءَ کي ڏيندي چيو. "هن جي بيماريءَ ته سڀني کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. مرض سان هن جي الائي ڪهڙي محبت ٿي ويئي آهي. هاڻي اٿ ته هلون." گيتا اٿي.

موٽر ۾ پوئين سيٽ تي گيتا سان گڏ سامان رکي، ڪيلاش ۽ چندر ٻئي اڳيان ٿي ويٺا. ڪيلاش چيو. "چندر تمام آهستي هلجان، نه ته هن کي وري چڪر اچي ويندو..."

موٽر هلڻ لڳي. ٻنهي وچ ۾ ڪيلاش جي ولايت وڃڻ ۽ چندر جي ڪاليج باري ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. موٽر گهر وٽ اچي پهتي ته ڪيلاش چيو. "چندر تو کي تڪليف ته ضرور ٿيندي، مگر هڪ ڏينهن لاءِ مون کي هيءَ موٽر ڏيئي سگهندين؟"

"ڇو؟"

"مون کي ريوا ۾ هڪ ضروري ڪم لاءِ وڃڻو آهي. اتي ڪن ماڻهن سان ملڻو اٿم. سڀاڻي منجهند تائين موٽي ايندس."

"يعني ته مون وٽ هڪ ڏينهن به ڪو نه رهندين؟"

"نه. هن کي هتي ڇڏي ٿو وڃان. موٽي اچي هڪ ڏينهن تو وٽ رهندس."

"هن کي هتي ڇڏي ويندين؟ نه بابا. تو کي خبر آهي اڄڪلهه گهر ۾ ڪير ڪونهي." چندر جي آواز ۾ گهٻراهٽ هئي.

"سو ڇا؟ تون جو آهين." چندر جي مک تي ڇانيل گهٻراهٽ تي ڪيلاش کلي چيو. "اڙي يار، هينئر تو تي ايڏو بي ڀروسائي نه اٿم. بي اعتباري ڪرڻي هجيم ها ته شادي کان اڳي ئي تو تي ڪريان ها."

چندر جي منهن تي مرڪ وري آئي. ڪيلاش چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي، آهستي، جيئن گيتا نه ٻڌي، ائين چيو. "ٻين ڳالهين ڪري مان ڀلي ڪيڏو به ناراض هجان مگر ايترو سو ڄاڻو اٿم ته هن جو ڪردار سون جهڙو آهي. اڄڪلهه جي زماني ۾ هن جي اهڙي ڪردار ناهڻ لاءِ مان تو کي سچ پچ مبارڪون ٿو ڏيان."

چندر جواب ڪو نه ڏنو.

موٽر پورٽيڪو ۾ اچي بيٺي. گيتا، ڪيلاش ۽ چندر ٽيئي هيٺ لٿا. مالهي ۽ نوڪر ڊوڙندا آيا. گيتا سڀني کان حال پڇيو. اندر گهڙندي ئي مهراجڻ ڊوڙندي گيتا کي اچي چنبڙي. گيتا هن کي خوب پيار ڪيو.

ڪيلاش وهنجڻ هليو ويو. مهراجڻ چانهه تيار ڪرڻ لڳي. ڪيلاش وهنجي ڪري موٽيو ته گيتا وهنجڻ لاءِ اٿي. ڪيلاش چيو. "چندر، اڄ ۽ سڀان موڪل ڪٽي وٺ. هن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي ۽ مون کي ضرور وڃڻو آهي."

"ڇڱو، پر اڄ اتي وڃي حاضري ڀرڻي ئي پوندي. جلد ئي موٽي ايندس." مهراجڻ چانهه ۽ ناشتو کڻي آئي. ڪيلاش ناشتو موٽايو ته مهراجڻ چيو. "واهه بابو صاحب! ناني ٿي ڪري رکي چانهه ڪيئن پيئندا. ڊاڪٽر صاحب ٻڌندو ته ڇا چوندو!"

"نه امان، منهنجو پيٽ ٺيڪ نه آهي. ٻن ڏينهن جو اوجاڳو ڪري آيو آهيان. موٽي اچي کائيندس. ڪڻ چندر، چانهه پيءُ."

"گيتا کي به اچڻ ڏي." چندر وراڻيو.

"هوءَ پوڄا پاٺ ڪري کائيندي آهي."

"پوڄا پاٺ!" چندر دنگ رهجي ويو. "گيتا پوڄا پاٺ شروع ڪيو آهي!"

"ها ڀائي. تڏهن ته سس پنهنجي ننهن تان قربان پيئي وڃي. شروعات ڪيائين هن جي پوڄا جي ٿانون صاف ڪرڻ سان ۽ هينئر هن کان به وڌيڪ پوڄارڻ بڻجي ويئي آهي." ڪيلاش پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ بعد

چيو. ”يار. ائين نہ سمجهجان تہ مان گيتا بابت شڪايت ڪري رهيو آهيان. مگر هن لاءِ توهان کي مون کي چوندڻ نہ گهربو هو.“

”ڇو؟“ ڪيلاش جي رويي تي چندر اڳيئي پريشان ٿي چڪو هو.

”هن جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ توهان کي ڪو شاعر. ڪو ڪلاڪار يا ٻيو ڪو جذباتي سڀاءَ جو ڇوڪرو چوندڻ گهربو هو. مون جهڙو وهنواري ۽ رکو سياسي ڪم ڪندڙ هن جي لائق نہ هو. جو گهر هن مان بيحد خوش آهي. جڏهن کان هوءَ اسان وٽ آئي آهي، تڏهن کان شنڪر ڀائو ۽ امان. ٻئي مون کي نالائق ڪوٺڻ لڳا آهن. جيڪي ڪن. سڀ هن کان پڇي ڪن. مگر مون جيڪي اُنسنا ڪيا هئا. سي پورا ڪو نہ ٿيا.“

”ڇو ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“ چندر پڇيو. ”مون کي ٻڌاءِ تہ مان هن کي سمجهائي ڇڏيان.“

”نہ. مون کي غلط نہ سمجهہ. مان ائين ڪو نہ ٿو چوان تہ هن جي ڪا بہ غلطي آهي. هي تہ صرف غلط چوندڻ جي ڳالهہ آهي.“ ڪيلاش چيو ”هن ۾ هن جو قصور آهي. نہ منهنجو. مون کي اهڙي ڇوڪري کپندي هئي، جا سياسي ميدان ۾ مون سان گڏجي ڪم ڪري. منهنجي سگهہ ۽ ڪمزوريءَ ۾ منهنجي ساٿڻ بڻجي. انهيءَ ڪري ئي مون هھڙي تعليم يافتہ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. مگر هن کي جيترو چاهہ مذهب ۽ سگهہ سان آهي. اوترو چاهہ سياست سان ڪو نہ اٿس. انهيءَ ڪري هيءَ منهنجي شخصيت کي پوريءَ طرح سمجهي بہ نہ سگهي. منهنجي جسماني پياس جي پورائيءَ جو هن برابر پورو ڌيان رکيو. پر ان ۾ هن جي سچي دل ڪا نہ رهي. اُن سان تن جي باهہ ڀلي پوري ٿئي، پر من تہ پوءِ بہ پياسو ئي رهجي ٿو وڃي چندر. دل ۾ نہ ڪجان. مان تو سان اڄ بلڪل صاف صاف ڳالهيون ڪرڻ ٿو چاهيان. تو کان لڪائڻ ڇا جو؟ پنهنجي صحت جي معاملي ۾ هوءَ ايڏي تہ بيپرواهہ ٿي رهي جو مان سچ پچ ڏاڍو دکي ٿي ويندو آهيان.“ ايتري ۾ گيتا بہ وهنجي اچي ويئي. ڪيلاش چپ ٿي ويو. گيتا ڏانهن نهاري چيائين. ”منهنجي ننڍي بئگ نيڪ ڪري وٺ تہ مان جلد ئي روانو ٿي وڃان. ڏينهن چڙهي ويو تہ ڏاڍي تپش ٿيندي.“ گيتا هلي ويئي. گيتا جي وڃڻ بعد ڪيلاش وري چيو. ”مان تہ اها ئي ڪوشش ڪندو آهيان تہ هن کي دکي ٿيڻ نہ ڏيان. پر هوءَ اڪثر دکي ٿي رهي. مان ڀلا ڇا ڪريان. منهنجي لاءِ سراسر مجبوري آهي. مان تہ هميشهہ هن کي سکي رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.... هوءَ پاڻ بہ منهنجي جائز توڙي ناجائز. هر مرضيءَ اڳيان پاڻ جهڪائي ڇڏيندي آهي. مگر هن جي دل ۾ منهنجي لاءِ اها جڳهہ نہ آهي. جا زال جي دل ۾ مڙس لاءِ هئڻ گهرجي. خير. زندگي هلندي ٿي رهي. هينئر تہ جيئن آهي تيئن ئي نڀائڻو آهي.“

گيتا موٽي آئي. چيائين. ”توهان جي بئگ ٺاهي رکي اٿم. وري بہ توهين ڏسي وٺو.“ ڪيلاش اٿي هليو ويو. چندر وينو وينو سوچڻ لڳو... ڪيلاش ڪهڙو نہ سٺو آهي. ڪهڙو نہ صاف ۽ صاف دل آهي. مگر گيتا هيئن پاڻ ڪيئن مٽايو؟

گيتا اچي چندر کي چيو. ”چندر هل. هو تو کي سڏين وينا.“

چندر چپ چاپ اٿي اندر ويو. ڪيلاش وري مسافريءَ جا ڪپڙا پائي تيار بيٺو هو. چندر کي ڏسندي ئي چيائين. ”ڇگو چندر. مان ڀلا هلان ٿو. سڀاڻي شام تائين موٽي اچڻ جي ڪوشش ڪندس. ها. ٻيو ٻڌ. هن کي گهڻو نہ گهمائج. هن جي سکيءَ کي بہ هتي گهرائي وٺين تہ بهتر.“ پوءِ ٻاهر ويندي ويندي چيائين. ”هتي اچڻ لاءِ هرو ڀرو ضد ڪيائين. هونءَ هتي اچڻ جهڙي هئي اصل ڪا نہ. ماءُ کي بہ ائين چئي آيو آهيان تہ هن کي لکنئو ميڊيڪل ڪاليج واري اسپتال ۾ ڏيکارڻ لاءِ وٺي ٿو وڃان.“

ڪيلاش موٽر تي سوار ٿي ان کي چالو ڪندي چيو. ”ٻيو ٻڌ چندر. دوا هن کي ياد ڪري ڏجان... اٿي ئي رکي اٿيئي.“

چندر گهر ۾ واپس موٽيو. گيتا ورانڊي ۾ ويٺي هئي، خاموش. اجهاٽل ڏيئي جهڙي! چندر هن ڏانهن نهاريو. هن چندر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ٻنهي جون نگاهون جهڪي ويون. گيتا اٿي ئي ويٺي رهي. چندر ڊرائنگ روم ۾ پهچي ڪتاب کاڻيون کڻي واپس آيو ۽ ڪاليج ڏانهن وڃڻ لڳو. گيتا اڃا بہ ورانڊي ۾ ئي ويٺي هئي. گم سم... چندر ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي. مگر ڇا؟ ڪجهہ هو جو الائي ڪڏهن کان سندس دل ۾ ڪنو ٿيندو رهيو هو. جو هن ڪلي چوڻ چاهيو ٿي. مگر گيتا ٿي ڇا ويئي آهي. هيءُ اها گيتا ڪٿي آهي. جنهن جي اڳيان هو هميشهہ پنهنجي دل کولي رکندو هو. اُن گيتا اڳيان هن کي ڪا بہ هٻڪ ڪا نہ ٿيندي هئي. مگر هيءَ گيتا تہ پاڻ ۾ ئي سمائجي ويٺي آهي. پاڻ ۾ ئي جڪڙي، ٻڌي ويٺي آهي. اندر ئي اندر پاڻ ۾ ايتري تہ لڪي ويٺي آهي جو ائين پيو سمجهجي تہ هوءَ دنيا اڳيان ڪڏهن ڪلي ئي ڪانهي. چندر جي دل ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا آواز تڙپي رهيا هئا. مگر هو چئي ڪجهہ ڪو نہ سگهيو. ورانڊي ۾ پهچي هو ٿورو رڪجي ويو. بنا مطلب ڪتاب کولي اُن جا ورق ورائڻ لڳو. هن چئي ياد ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪٿي ڪجهہ وساري تہ ڪو نہ آيو آهيان. مگر هن جي اندر ۾ سچ پچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ئي ڳالهه هئي... گيتا ڪجهه نه چوي؟ هن جي هيءَ ههڙي گهري، هيءَ ساهه گهٽيندڙ خاموشي... اندر ئي اندر چندر جو ساهه صفا گهٽجي رهيو هو. گيتا. اڪيلي سنسان مڪان ۾ جلندڙ ڏيئي جي لاٽ جهڙي! روڪيل، ختم ٿيل طوفان جيان خاموش! چندر نيٺ ڪاغذ تي ڪجهه لکيو. واچ ۾ وقت ڏنائين ۽ پوءِ هليو ويو. جڏهن هو ڏاڪا لهڻ تي هو تڏهن چڻ اوچتو گيتا جي جسم ۾ زندگي لرزي. گيتا پير جي آڱوٺي سان زمين تي هڪ ليڪ ڪڍندي، نميل نگاهن سان پڇيو. "ڪيترين دير ۾ موٽندين؟" چندر رڪجي ويو. هن کي چڻ ستارن جو راڄ ملي ويو.... گيتا ڪجهه ٻوليو ته سهين. مگر هن پنهنجي دل جي خوشي، اهو امنگ ظاهر ڪو نه ڪيو. صرف چيائين. "ٻه ڪلاڪ ته ضرور لڳندا."

گيتا وڌيڪ ڪو نه پڇيو. چندر ٻه ٽي سيڪنڊ انتظار ڪيو پر گيتا وري خاموش ٿي ويئي هئي. چندر اڳتي وڌيو. سيڪنڊ بعد گيتا وري پڇيو. "چندر، انهيءَ کان سويل موٽي نه سگهندي."

سويل! گيتا تون رڳو چئه ته چندر وڃي ئي نه. هو استعيفا ڏيئي اچي! چا گيتا کي اها ڳالهه وسري ويئي آهي ته چندر تي اگر ڪنهن جي حڪمراني آهي ته اها سندس ئي آهي. هوءَ جا هميشهه ضد ڪري، لڙي جهڳڙي، رسي چندر کان پنهنجي دل جي هر ڪا ڳالهه ڪرائندي رهي آهي، اڄ اها هيئن هيناهين وئي. هيئن منٿ ڪري. هيڏو ويچو وجهي! هيڏي دوريءَ تان بيهي ائين چو تي پڇي ته ٿورو جلدي موٽي نه سگهندين؟ هوءَ اڳي جيان ڊوڙندي. چندر جو ڪالر پڪڙي، چنچل بڻجي ائين چو نه ٿي چوي... اي. جي جلدي نه موٽئين ته.... مگر اڄ ته گيتا پريان واراندي ۾ بيٺي. نهايت گنڀير بڻجي ٻڏندڙ آواز ۾ پڇي رهي آهي... ٿورو سويل موٽي نه سگهندين؟ چندر جي دل چور چور ٿي ويئي. چندر جا امنگ پهاڙي چين سان ٽڪرجي ڪٺو ڪٺو ٿي پکڙجي ويا... هن بيحد ڀاري آواز ۾ پڇيو. "چو؟"

"جلدي موٽي اچين ته پوچا ڪري جيڪر تو سان گڏ ويهي ناشتو ڪريان. خير. گهڻو ڪم هجيئي ته منهنجي ڳڻتي نه ڪجان." گيتا بيحد ٿڌي ۽ بي امنگ آواز ۾ چيو.

"هاءِ گيتا! تو کي جي اها ڄاڻ هجي ها ته پٽڪيل چندر جي ٿڪل پياسي دل تو وٽان اڳئين پيار ۽ سڪ جي فقط هڪ بوند پائڻ لاءِ ڪيئن مهينن کان تڙپندي رهي آهي ته چا تون جيڪر هيترو دور بيهي هن سان ڳالهائين ها! ڪاش. تون اهو سمجهين ها ته چندر جيڪڏهن تو سان ڪا دوري رکي آهي ته اها دوري رکندي هن پاڻ کي ڪيئن نه ختم ڪري ڇڏيو آهي! چندر پنهنجو ديوتاپڻو وڃائي ويٺو. هن پنهنجو سک لٽائي ڇڏيو. پاڻ کي برباد ڪري ڇڏيائين. تنهن هوندي به سندس دل جيڪا. ٻاهران بلڪل ماٺ ۽ سالم بيٺي نظر اچي تنهن اندر تنهنجي پيار جي ڪيڏي نه گهري پياس پريل آهي! هن جي روم روم ۾ ڪيڏي نه زهريلي پياس جي ڪنوڻ بي آرام ٿي رهي آهي. تو کان جدا ٿيڻ کان پوءِ تڙپ جي دنيا جو ڪيڏو نه ڏکيو گس. هن باهه جي شعلن جي لهس سهندي پار ڪيو آهي. تو کي اگر اها ڄاڻ هجي ها ته تون چندر تي پنهنجي پيار. پنهنجي سڪ جي ورڪا ڪرڻ لاءِ، هن جي جلندڙ احساس کي پنهنجي امرت جي نديءَ سان ٿڌڙا بڻائڻ لاءِ اتاولي بڻجي وڃين ها. مگر...! تو فقط هن جي ٻاهرئين روپ کي ئي ڏٺو. تو هن جي اندرين اونهي پيار کي. جو انهيءَ ظاهري روپ، ظاهري بربادي‌ءَ جي سطح هيٺ هميشه موجود رهيو آهي، سمجهيو ئي ڪو نه. گيتا تون اگر هڪ ڪن لاءِ ئي هن کي سمجهي سگهين. هڪ سيڪنڊ لاءِ هن سان اڳي جيان لاڏ ڪرين. هن سان رسين. هن کي پرچائين. ته چندر جو روح، دوزخ جي ٻاهين کان پاڻ بچائي اڳيون درجو حاصل ڪري سگهي ٿي. هو پنهنجي اڳين معصوميت هٿ ڪري سگهيو ٿي. هو پنهنجو وڃايل ديوتاپڻو هٿ ڪري سگهي ٿو... مگر گيتا. تون ته وراندي ۾ چپ چاپ بيٺي ائين پيئي هلين چڻ چندر تنهنجو واقف ئي ڪونهي. گيتا! هي تو کي چا ٿي ويو آهي؟ چندر. بنتي. پمي... سيني جي زندگيءَ ۾ جيڪو پيانڪ طوفان آيو آهي جنهن سيني کي پٽڪائي ٽڪائي ڇڏيو آهي انهن سيني جي دوا. شفا تنهنجي پيار ۾ ئي سمايل آهي، تنهنجي روح ۾ ئي پريل آهي. مگر جي تون انهن جي ڪردارن ۾ پريل اندرئين سچ کي نه پروڙي انهن جي فقط ٻاهرئين روپ جي بنياد تي ئي پنهنجي آئينده جي وهنوار جو فيصلو ڪرڻ ٿي چاهين ته هنن کي انهيءَ دوزخ جي ڪنڊ مان ڪير اچي بچائيندو؟ گيتا چا تون ائين ٿي چاهين ته هي سڀ انهيءَ دوزخ جي ڪنڊ ۾ پيڙجي چور چور ٿي وڃن..." مگر گيتا ڪجهه ڪو نه چيو ۽ چندر هليو ويو. هو ڪاليج ۾ پهتو. پر اتي هن لاءِ وقت وڌي پيو. هو اتان پڇي نڪتو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو واپس موٽيو. گيتا ساڻس ان صبح جو جيڪو وهنوار ڪيو هو. تنهن برابر سندس دل کي چور چور ڪري ڇڏيو هو. تنهن هوندي به نه ڄاڻ چو. اڄ هن پرڪاش چڪر بڻجي. گيتا کي ان چڪر ۾ ويڙهي سمائي. ڇڏڻ ٿي چاهيو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر جڏهن واپس موٽيو تہ ڏٺائين تہ گيتا سندس ئي ڪمري ۾ ويٺي آهي. هڪ ڪنڊ مان گلم هٽائي چڏيو اٿس ۽ پاڻ چٽڪار ڪري گاهہ جو آسڻ ناهي سامهون صندليءَ تي هڪ پوٿي رکي ويٺي آهي. صندليءَ تي هڪ ڪير جهڙو سفيد ڪپڙو وڇايل آهي. جنهن مٿان ڏوبڏان ۾ ڏوپ پيو ٻري. گل شايد باهران باغ مان چني آئي هئي. سي ڏوبڏان چوڌاري ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. پاسي ۾ هڪ ردراڪش دائن جي مالها رکي اٿس. بدن تي صرف هڪ چولي ۽ صاف سفيد ريشمي ساڙهي. جنهن جي پلوءُ سان پاڻ کي چگيءَ طرح ويڙهي. هوءَ هڪ مني تي گرنٿ جو پاٺ پيئي ڪري. ڏوبڏان مان دونهي جون ريکائون اٿنديون هوا ۾ لهرائينديون. هن جي ڳلن تي لڙي آيل خشڪ وارن جي چڪن سان الجهي رهيون آهن. وهنجي هن وارن جو چوٽو ڪو نہ ڪيو هو. چندر جتي باهر لاهي چپ چاپ اندر گهڙيو ۽ پلنگ تي ويهي گيتا کي ڏسڻ لڳو. گيتا صرف هڪ دفعو نهايت سانتيڪي. گهري، عرش جهڙي اجري نگاهہ سان چندر ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ وري پنهنجي پوڄا ۾ مگن ٿي ويئي. گيتا جي چوڌاري اڄ هڪ عجيب وايو منڊل هو. هن جي آسپاس جنتي نور جو هڪ هلڪو تهہ چانيل هو. ڳلي ۾ پيل ساڙهيءَ جو پلوءُ. پنيءَ تي پکڙيل خشڪ سونهري وار! پنهنجو سيڪجهہ وڃائي وينل گيتا جڻ سهاڳ مٿان ڇانيل بي واهہ پٽي جو عڪس پئي لڳي. سيند ۾ سندور ڪو نہ هوس. صرف پيشانيءَ تي هڪ وڏو ڳاڙهو تلڪ ڏنل هوس. مک تي جنت جي گلن جي اداسي. جڻ ڪنهن چانڊڪيءَ تي هار سينگار جا پيلا چندا ڪٽي هنيا هئا.

●

ٿورو وقت گيتا جهڪي آواز ۾ ڪجهہ پڙهندي رهي. پوءِ پوٿي پاسيري ڪري رکيائين ۽ اکيون بند ڪري الائي ڪهڙي نامعلوم ديوتا کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائين. پوءِ اٿي چندر جي پرسان زمين تي اچي ويٺي. ساڙهيءَ جو پلوءُ چيلهہ جي چوڌارا ويڙهي. ڪنڌ مٿي ڪڻ کان سواءِ چيائين. "اٿ. هلي ناشتو ڪر."

"هتي ئي کٽي اچ." چندر وراڻيو. گيتا اٿي وڃي ناشتو کڻي آئي. چندر گرهہ کڻي وات ۾ وڌو. مگر گيتا جڏهن چپ چاپ ويٺي رهي. تڏهن چندر چيس. "تون بہ کاءُ نہ!"

"مان!" هن ڦکو مرڪي چيو. "مان کائوان تہ هينئر الٽي اچي وڃيم. مان ليمي جي شربت ۽ ڪچٽيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ کا نہ کائيندي آهيان. سو بہ هڪ ويلو."

"ڇو؟"

"اصل ۾ مون پندرهن ڏينهن روزو رکيو هو. جنهن ۾ فقط پريات جو هڪ ويلو کائيندي هيس. انهيءَ کان پوءِ اهڙو حال ٿي ويو اٿم. جو شام جو ڪجهہ کائوان تہ من هڪدم خراب ٿي وڃي. هينئر تہ ٻيا بہ انيڪ روڳ ويڙهي ويا اٿم."

چندر جو من پرچي آيو... گيتا تون اندر ئي اندر پاڻ کي هيئن مٽائيندي رهي آهين! قبول ڪجي تہ چندر تو کي هڪ خط ۾ لکيو هو تہ هن کان پوءِ خط پٽ جو رستو بند ڪري ڇڏ. مگر تون پوءِ بہ خط لکين ها تہ ڇا چندر کي ايڏي همت ٿئي ها جو ان جو جواب نہ ڏئي ها. ڪاش. تون سمجهين سگهين گيتا! تہ چندر جي من ۾ ڪيڏو نہ ڏک آهي.

چندر چاهيو ٿي تہ پنهنجي من جون سڀ ڳالهيون گيتا کي کولي ٻڌايان. مگر گيتا ڪجهہ چوي. ڪا شڪايت ڪري. تڏهن تہ چندر پنهنجي صفائي پيش ڪري نہ. هتي تہ گيتا هئي جنهن شڪايت ئي ڪا نہ ٿي ڪئي. سمجهائي پيش ڪرڻ جو موقعو ئي نٿي ڏنو. ديويءَ جي مورتيءَ جيان پٿر بڻجي. گيتا ويٺي هئي. هيءَ چندر جي گيتا تہ ڪا نہ هئي. هن جو من بيحد پرچي آيو. سڏڪن سان پرچي آيل آواز ۾ چيائين. "گيتا. تون تمام بدلجي ويئي آهين. خير. ٻيو جيڪي بہ ٿيو آهي تنهن لاءِ مان ڇا چوان. مگر تون پنهنجي تندرستيءَ کي هيئن بگاڙي رهي آهين. ڇا تنهن مان مون کي خوشي حاصل ٿيندي؟ هينئر منهنجي زندگيءَ ۾ باقي رهيو ئي ڇا آهي؟ اڄ تائين اهو ئي سڪون هئم تہ تون سکي آهين. مگر اڄ تو مون کان اهو آٿت بہ چني ورتو. پوڄا ڪنهن جي ٿي ڪيئہ؟"

"پوڄا ڪٽي هئي. مان تہ صرف پاٺ ڪندي آهيان. گيتا جو... ڀاڳوت جو. ڪڏهن ڪڏهن سور ساگر جو! پوڄا پلا هينئر ڪنهنجي ڪنديس. مون جهڙي اڀاڳڻ جي پوڄا قبول ڪير ڪندو؟"

"تہ ڇو هڪ ويلي جو ڪاڏو ڇا لاءِ؟"

"اهو تہ بخشرائڻ آهي چندر!" گيتا هڪ اونهو ساهہ کڻي چيو.

"بخشرائڻ!" چندر تعجب وچان سوال ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها بخشرائڻ." گيتا پيرن ۾ پيل پازيبن کي ساڙهيءَ جي پلوَ سان اگهندي چيو. "هندو ڪٽنب تہ هڪ اهڙو جيل آهي جتي قيديءَ کي بخشرائڻ خاطر توبهہ تائب جي بہ اجازت نہ آهي. صرف مذهب جي بهاني ئي بخشرائي ڪجهہ سک ۽ سڪون حاصل ڪري سگهجي ٿي."

زندگيءَ ۾ ڪا گهڙي اهڙي ايندي آهي جنهن ۾... جو انسان پيار سان بہ بغاوت ڪري چڪو آهي. جو پنهنجي جيون ديويءَ جي هنج کان ڪيترن ڏينهن لاڪر وانجهيل رهيو آهي، تنهنجو من پاڳل ٿي اٿندو آهي تہ وري پيار ڪريان. تمام گهڻو پيار ڪريان. دل ۾ پريل محبت جي گلن جيان ورڪا ڪريان. اڄ ان بغاوت جي طوفان ختم ٿي وڃڻ بعد. پنهنجي اجڙيل زندگيءَ ۾ بيمار گيتا کي وري پائي، چندر جو من تڙپي اٿيو. هن گيتا جي پڪڙيل وارن کي هٿ ۾ ڪٺي، انهن جي چوٽي ڪرڻ جي ناڪامياب ڪوشش ڪندي چيو. "گيتا اهو سچ آهي تہ مون توکي ڏاڍو ڏک پهچايو آهي؛ مگر تو تہ منهنجي هر ڳالهہ منهنجي هر ڪروڌ کي معاف ڪندي رهي آهين. پوءِ تون هن ڳالهہ تي هيئن رسي ڪيئن ويئينءَ!"

"ڪهڙي ڳالهہ چندر؟" گيتا هينئر چندر ڏانهن نهاري چيو. "مان ڪهڙي ڳالهہ تي رسي ويس؟"

"جنهن ڳالهہ جو تون بخشش جي صورت ۾ ڏنڊ ادا ڪري رهي آهين، جنهن لاءِ تون پنهنجو پاڻ کي مٽائي رهي آهين!"

"نہ چندر. ڏنڊ ادا مان پنهنجي ڪمزوريءَ لاءِ ڪري رهي آهيان."

"ڪمزوري؟"

"ها چندر! تو کي ياد هوندو تہ هڪ ڏينهن اسان اهو فيصلو ڪيو هو تہ اسان جي پيار جي ڪسوٽي اها ٿيندي تہ اسين دور رهندي بہ مٿي عرش تي چڙهنداسين. پاڻ کي معصوم رکنداسين. چندر. دور ٿي وڃڻ بعد تنهنجو پيار منهنجي روح ۾ تہ اتساهہ پريندو رهيو. مون ۾ اٽل پروسو پيدا ڪندو رهيو. انهيءَ جي سهاري ئي مان زندگيءَ جي طوفانن جو مقابلو ڪندي پار لنگهي آيس. مگر نجاڻان منهنجي پيار ۾ ڪهڙي ڪوتاهي هئي جو اهو تو کي بچائي نہ سگهيو. مان تو کي ڪجهہ نٿي چوان. مگر پنهنجي دل ۾ مان ڪيترو دکي ٿي آهيان. ان جو ذڪر بہ ڪري نٿي سگهان. خبر نہ آهي تہ ٻيو جنم ٿيندوآهي يا نہ. مگر هن جنم ۾ مان تو کي پائي، پنهنجي دل جي پوڄا ۾ يقين ڏياري نہ سگهيس. انهيءَ کان وڏيڪ ڪم نصيبي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي! مان پنهنجي شخصيت کي ڪيترو نہ ڪريل ڪيڏو نہ تڇ سمجهڻ لڳي آهيان!"

چندر ناشتي جي ٿالهي پنهنجي اڳيان هٽائي ڇڏي. اکين ۾ تري آيل لڙڪن کي دٻائي چپ چاپ ويٺو رهيو.

"ناشتو ڪري وٺ چندر. هيئن توکي پنهنجي سامهون ويهاري ناشتي ڪرائڻ جو سک مون کي وري ڪٿي نصيب ٿيندو. وٺ...." ۽ گيتا پنهنجي هٿ سان گرهہ ناهي هن کي کارايو. چندر جي اکين ۾ ٻريل لڙڪ گيتا جي هٿن تي ڪري پيا.

"ڇي!....هي ڇا چندر؟"

"ڪجهہ ڪونهي...." چندر لڙڪ اگهندي چيو.

ايتري ۾ مهراجڻ آئي ۽ گيتا کي چيائين، "هان. هي نان ختائي وٺ. ڪالهہ کان ناهي رکيون هيم تہ توکي کارائيندس."

"مان بہ مهينن کان تنهنجي هٿ جي تيار ڪيل کاڌي کائڻ لاءِ سڪي رهي آهيان. تون هلندينءَ مون سان اتي؟"

"پوءِ هتي چندر بابوءَ جي سنڀال ڪير ڪندو؟ تون هن جي شادي ڪراءِ تہ پوءِ مان توسان گڏ اتي هلي رهان."

گيتا کي کل اچي وئي. چندر چپ چاپ ويٺو رهيو. مهراجڻ اتي گيتا لاءِ کچڙي تيار ڪرڻ وئي. گيتا چپ چاپ نان ختاين جي ٿالهي هٽائي پاسيري ڪري رکي. چندر بہ خاموش. ڇا ڳالهہ آهي؟ اڳي هي ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ الائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا چندر کي بيحد عجب لڳو تہ هن وقت ڪيس ڪا ڳالهہ ئي نٿي سجهي. اڳي الائي ڪيئن وقت گذرندو ويندو هو. ٻنهي جون ڳالهيون ختم ئي ڪو نہ ٿينديون هيون. گيتا بہ چپ هئي. ٿوري دير بعد چندر چيو "گيتو پوڄا پاٺ ۾ تون سچ پچ يقين ٿي ڪرين؟"

"ڇو چندر يقين ڇو نہ ڪنديس؟ مورتيءَ جي پوڄا ڪا نہ ڪندي آهيان. پر ڪرشن کي ضرور پوڄيان ٿي. جڏهن سڀ سهارا ڇتي ويا. تو بہ مون کي ڇڏي ڏنو. تڏهن مون کي گيتا ۽ رامائڻ مان بيحد سڪون مليو اڳي مان خود عجب ڪائيندي هيس تہ زالون هيڏو پوڄا پاٺ ڇو ٿيون ڪن. پر پوءِ مون سوچي ڏٺو تہ هندو عورت ايڏي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي آسري آهي، ان کي پنهنجي مڙس وٺان. اولاد وٽان ايذي تہ نفرت. ايذي تہ بيعزتي ٿي ملي جو هن کي ان پوڄا پاٺ جو سهارو نہ هجي تہ هوءَ جيڪر حيوان بڻجي وڃي. انهيءَ پوڄا پاٺ ئي هيل تائين هندو عورت جي ڪردار کي ايڏو اوڄو رکيو آهي."

"مان سمجهان ٿو تہ اُهو پاڻ کي دوکو ڏيڻ آهي."

"مجان ٿي چندر. مگر ڪير هندو ڌرم جي انهن ڪتابن کي ڌيان سان ويهي پڙهي تڏهن ئي سمجهي سگهندو تہ انهن ۾ ڇا آهي؟ انهن مان اڻ مئي سگهہ ٿي ملي. هيل تائين مون زندگيءَ ۾ اهو ئي پرايو آهي تہ مرد هجي يا عورت. سڀني جي جيون جو ٻل ڪنهن پروسي ۾ آهي. هنن ڪتابن ۾ سڀني شبهن کي مٽائي پروسي جو اهڙو تہ زوردار سنيهو پريل آهي. جو من خوشيءَ وچان ٽڙي ٿو پوي. مان توکان ڪجهہ بہ نہ لڪائيندس، چندر. بنتيءَ جي شادي ۾ تو جڏهن منهنجو خط واپس موٽائي موڪليو تہ مان اندر ئي اندر صفا تڙپڻ لڳس. منهنجي نس نس ۾ بي پروسائي پرجي وئي. مون ان وقت سمجهيو تہ تنهنجون سڀ ڳالهيون ڪوڙيون هيون. هڪ قسم جي باهہ مون کي هر دم اندر ئي اندر جلائيندي ٿي رهي. منهنجو سياءُ بگڙجي ويو. مون کي سڀني کان نفرت ٿي وئي. هر ڪنهن مان خفا ٿي ويس. ڪنهن بہ ڳالهہ مان مون کي سک سڪون نٿي مليو. پوءِ هوريان هوريان مون هنن ڪتابن کي پڙهڻ شروع ڪيو. مون ائين محسوس ڪيو تہ منهنجي اندر ۾ آهستي آهستي سانت ڦهلبي ٿي وڃي. مون کي ائين لڳو تہ هي سڀ گرنٿ زور زور سان پڪاري مون کي چئي رهيا آهن تہ بي پروسائي گناهہ آهي. انهن سڀني ڪتابن جو هڪ ئي حاصل هو... شڪ ڪندڙ ناس ٿو ٿئي. هوريان هوريان انهن گرنٿن ۾ جيڪي ڳالهيون پڙهيون هيم سي پنهنجي زندگيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ ڏٺم تہ ڀڳتيءَ جا اهي سڀيئي ڪتاب ۽ انهن ۾ پريل فيلسوفي نهايت منوهر آهي. ڪرشن پيار جو ديوتا آهي. هن جي بانسريءَ جو آلاپ پروسي جي پڪار آهي. تنهنجي لاءِ منهنجي من ۾ جيڪو شڪ پيدا ٿيو هو. اهو هينئر هوريان هوريان مٽجي ويو ۽ مون ڏٺو تہ تون مون کان الڳ، دور آهين ئي ڪو نہ. چندر، مون محسوس ڪيو تہ مان تہ تنهنجي ئي روح جو هڪ جزو آهيان. جا صرف هڪ جنم لاءِ توکان الڳ ٿي وئي آهيان. مان تہ هميشهہ چنڊ جيان تنهنجي چوڌاري ڦرندي رهنديس. جنهن ڏينهن مون پڙهيو....

سروڌر مان پرتيجيہ مام ايڪم شرڻم برج

اَهم توام سرو پاپيميو موڄييشيامي ماشچه

تہ مون ائين محسوس ڪيو تہ تنهنجو وجايل پيار مون کي ائين پيو چوي تہ منهنجي روح ۾ هلي آءُ! تنهنجي پيار کان سواءِ منهنجو ٻيو ڪهڙو پڳوان هو؟... چندر، انهيءَ بعد منهنجي جيون ۾ وري پيار ۽ پروسي جو ساگر اٿلي پيو. منهنجي جيون ۾ ايندڙ هر شخص لاءِ. هينئر سڀئي مون کي چاهڻ لڳا. مگر چندر، جڏهن بنتي دهليءَ ڏانهن ويندي مون سان ملي ۽ مون کي تنهنجو سمورو حال سڻايائين تہ مون کي ڪيڏو نہ دک ٿيو! ڪيڏو نہ افسوس ٿيو! توتي نہ. پاڻ تي!"

گفتگو احساس جي سطح تان ڪجي ارمان جي سطح تي پهچي وئي هئي. چندر هڪدم چيو. "گيتا. هن ۾ افسوس يا ارمان جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مون جيڪي بہ ڪيو آهي تنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مان پنهنجي سر تہ ذرو بہ شرمسار نہ آهيان." چندر جي آواز ۾ وري هڪ دفعو فخر جو احساس ۽ ڪوڙاڻ اڀي وئي هئي. "مون جيڪي ڪيو آهي تنهن کي مان گناهہ نٿو سمجهان. تنهنجي پڳوان توکي ڪا راهہ ڏيکاري تو ائين ڪيو. منهنجي پڳوان مون کي ٻي راهہ ڏيکاري ۽ مان ان تي هليس. توکي خبر آهي تہ منهنجي زندگيءَ جي معصوميت تون هئينءَ. تنهنجا معصوم. پاڪ ساهہ منهنجي سڀني گناهن. منهنجي سڀني ڪمزورين کي سمهاري وينا هئا. جنهن ڏينهن تون منهنجي زندگيءَ مان هلي وئينءَ. تنهن بعد ٿورن ڏينهن لاءِ مون پاڻ کي سنڀاليو. مگر منهنجي روح جو ذرو ذرو بغاوت ڪري اٿيو. مون چيو: اي جنت جا مالڪ! صاف صاف ٻڌ. تو منهنجي زندگيءَ جي معصوميت کي مون کان کسي ورتو آهي. هينئر مان تنهنجي جنت ۾ حوس جي باهہ ٻڙڪائي ان کي دوزخ کان بہ بدتر بنائي ڇڏيندس ۽ مون لبن جي ڪنارن تي چمين جا پنيٺ دکائڻ شروع ڪري ڇڏيا. هوريان هوريان قبرستان جي سناٽي ۾ حوس جون ڪروڙين ڇپيون زهريلن نانگن جيان ڦوڪون ڏيڻ لڳيون. منهنجي من کي انهيءَ ۾ بيحد قرار ملڻ لڳو. بيحد سڪون مليو. ايتري قدر جو بنتيءَ لاءِ منهنجي من تي جيڪا ڪٽ چڙهيل هئي. سا بہ سموري دور ٿي وئي انهيءَ ڪري مان ائين ڪيئن چوان تہ اهو سڀ گناهہ هو! گيتا. تون جيڪڏهن پوريءَ طرح ڏسين تہ سمجهي سگهين تہ منهنجي من ۾ پميءَ لاءِ جيڪي هو. سو منهنجي دل اندر جيڪي تنهنجي لاءِ هو. ان جي ئي موٽ آهي. تنهن جو پيار ۽ پميءَ جي حوس هڪ ئي سڪي جا بہ پهلو آهن. پنهنجي پهلوءَ کي صحيح ۽ ٻئي جي پهلوءَ کي غلط ڇو ٿي سڏين؟ ديوتا جي آرتيءَ ۾ جلندڙ ڏيئو پاڪ آهي ۽ ان مان نڪرندڙ دونهون ناپاڪ؟ ڏيئي جي لاٽ پاڪ آهي، پر ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٽ مان اڻندڙ دونهين ريکا ناپاڪ؟ تنهن ڪري گيتا ارمان ڪرڻ جي ڳالهه ڪهڙي آهي؟" چندر جي آواز ۾ بيحد جوش پرجي ويو هو.

"ڇي.... چندر، تو مون کي پورو نه سمجهيو. مون ڏوهه ۽ ثواب جي پاڪائي ۽ ناپاڪي جي ڳالهه ڪا نه ڪئي. منهنجي پڳوان، منهنجي پيار مون کي هيئنر ان دنيا ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، جا ڏوهه ۽ ثواب کان گهڻو مٿي آهي. تو پنهنجي پڳوان سان بغاوت ڪئي، مگر هن کي تنهنجي ڳالهه جو ڪو فيصلو نه ڏيڻ گهربو هو. هو اهڙو ٻاجهارو آهي جو انسان جي گناهن جو ڏنڊ ڏيڻ ته ڇا، انهن بابت ڪو رايو. ڪو فيصلو به نٿو ڏئي. هو ته صرف انسان جي ڪمزورين کي سمجهي، هن کي پيار ۽ معاف ڪرڻ جي ڳالهه ٿو چوي. هن وٽ ڏوهه ۽ ثواب جو سوال ئي ڪٿي ٿو اٿي؟"

"تڏهن توکي هي افسوس ڪهڙي ڳالهه جو آهي؟" چندر پڇيو.

"افسوس ته مون کي پاڻ تي هو چندر. باقي ڳالهه رهي پميءَ سان تنهنجي رشتي جي، سو ايتري خاطري ڪر ته مان بنتيءَ وانگر ڪا نه ٿي سوچيان. ڏوهه ۽ ثواب ماپڻ لاءِ منهنجي ساهمي بلڪل نرالي آهي. گهڻ ۾ گهڻ هيترو ڏسڻ ٻڌڻ بعد مان ائين نٿي مڃان ته جسم جي پياس ڏوهه آهي. نه چندر!. جسم جي پياس به اهڙي معصوم ۽ سياويڪ آهي، جهڙي روح جي پوڄا. روح جي پوڄا ۽ جسم جي پياس ٻئي هڪجهڙيون آهن. روح جو پرڪاش جسم سان آهي، جسم جي معصوميت روح سان آهي. جيڪو شخص جسم ۽ روح کي هڪ ٻئي کان جدا ٿو ڪري، اهو من جي ڀيانڪ طوفانن ۾ ڦاسي ڇور ڇور ٿي ٿو وڃي. چندر، مان تنهنجو روح هيس، تون منهنجو جسم هئين، پوءِ خبر نه آهي ته اسين هڪ ٻئي کان ڪيئن الڳ ٿي وياسين. توکان سواءِ مان فقط سڪڻو روح رهجي ويس، جسم جي پياس، جسم جي عيش کان مان بلڪل اڻواقف رهجي ويس. مڙس کي پنهنجو جسم ڏيندي به مان هن کي ڪو اطمينان ڏيئي نه سگهيس ۽ مون کان سواءِ تون فقط جسم رهجي وئين، جسم ۾ غرق ٿي وئين.... ان ڏوهه ۾جيترو تنهنجو حصو آهي، منهنجو به اوترو ئي آهي.... گناهه جي نديءَ جي هن پر جيستائين تون تڙپندين، اوستائين مان به پرئينءَ پر تڙپندي رهنديس. ٻنهي مان نه هيئنر ڪنهن کي آرام آهي ۽ نه اڳتي هلي اهو آرام ملي سگهندو."

"مگر...."

"ڇڏ انهن سڀني ڳالهين کي چندر. تو اجايو هي ڳالهيون ڇيڙيون آهن. مون کان هيئنر ڳالهيون ڪرڻ وسرنديون ٿيون وڃن. مان ته آئي هيس ته توکي ڏسي من تي ڪجهه ٺار وجهان. اٿ. هل ته ماني کائون." گيتا چيو.

"نه گيتا، مان چاهيان ٿو ته هيءَ ڳالهه سلجهي." چندر گيتا جي هٿ جي تريءَ تي پنهنجو مٿو رکندي چيو.

"منهنجي تڪليف اندر ئي اندر وڌندي ٿي رهي. مان پاڳل نه ٿِجي وڃان."

"نه چندر! اهي ڳالهيون نه سوچ. اٿ." گيتا چندر کي هٿ کان وٺي اٿاريندي چيو. ٻنهي گڏجي ماني کاڌي. مهراجڻ ڏاڍي اڪير وچان ٻنهي کي کارايو ۽ گيتا سان ڳالهيون ڪندي رهي. کاڌو کائي چندر ليٽي پيو ۽ سوچڻ لڳو.... ڇا گيتا ۽ چندر جي وچ ۾ سچ پچ اهڙي ڀيانڪ جدائي اچي ويئي آهي، جو پاڻ وري اڳي جيان هڪ ٻئي جي ويجهو اچي نٿا سگهن.

اٽڪل ڇئين بجي هو سجاڳ ٿيو ته ڏٺائين ته گيتا سندس پيرن تي مٿو رکي سمهي پيئي آهي. پنکي جي هوا اوستائين ڪا نه ٿي پهتي. هوءَ سڄي پگهر ۾ شل ٿي ويئي هئي. چندر اٿيو. ننڊ ۾ هن ائين محسوس ڪيو هو ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي، گيتا ساڳي گيتا آهي، چندر اهو ئي چندر آهي. گيتا جي ساڙهيءَ جي پلئه سان هن جي منهن ۽ ڳچيءَ تان پگهر اگهيائين ۽ هٿ وڌائي پنکي جو منهن هن ڏانهن ڪيائين. گيتا اکيون کوليون، عجيب نگاهن سان چندر ڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ چندر جي پيرن کي ڇڪي پنهنجي سيني سان لڳائي اکيون بند ڪري ليٽي پيئي. چندر هٿ وڌائي گيتا جي مٿي تي رکيو ۽ چپ چاپ ويٺو سوچيندو رهيو..... اڄ کان سال اڳ جون اهي ڳالهيون، جڏهن هن گيتا کي پهريون دفعو ڪيلاش جو فوٽو ڏيکاريو هو ۽ گيتا روئي رڙي ساڳيو اڄ جيان، سندس پيرن تي مٿو رکي سمهي پيئي هئي. ان سال جي اندر اندر گيتا ڪٿي وڃي پهتي هئي! انهيءَ سال ۾ هن جي جيون پٽيءَ تي جيڪي مانسڪ ريکائون ڇٽيون ويون هيون، تن کي ڪنهن نموني هٽائي سگهي ته ٻئي جيڪر وري ڪهڙا نه سکي ٿي وڃن. چندر گيتا کي تورو ڏونڏاڙي چيو....

"سمهي پيئي آهين گيتا؟"

"نه"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اٽ."

"نہ چندر. مون کي ائين ٿي پيو رهڻ ڏي. مون کي ذري بہ اميد، ذرو بہ ڀروسو ڪو نہ هو تہ مان وري هڪ ڪن لاءِ بہ سڀ ڪجهہ وساري هيئن تنهنجي قدمن ۾ مٿو ذري سگهنديس. ٻيو تہ سڀ مون کان ڇني ورتو اٿيئي، باقي پاڻ کي نڳڻ جو، هي هڪ گهڙي جو سڪون بہ ڇا مون کان کسڻ ٿو چاهين؟" گيتا هن جي قدمن مان پنهنجو مٿو هٽائڻ کان سواءِ ٿي چيو.

"اڙي اٽ پڳلي!" چندر جي من ۾ الائي ڪيئن ۽ ڪٿان اڳيون امنگ ڪر موڙي اٿيو. هن گيتا جي ٻانهن ۾ ڇهندڙي پائي چيو. "اٿين ٿي يا نہ آرسڻ ڪٿي جي!" گيتا اٿي سڌي ٿي ويٺي. ڪن پر چندر ڏانهن نوٽ نگاهن سان ڏسندي رهي. پوءِ چيائين. "چندر، ڇا مان سچ پچ جاڳان پيئي؟ تو ئي مون کي جاڳايو آهي؟ چندر، هي سپنو تہ ڪونهي، جو وري ٽٽي ويندو!" ۽ گيتا سڏڪن ۾ اچي ڇڻڪي. چندر جي اکين ۾ بہ پاڻي ڀرجي آيو. ٿورن منٽن بعد هن چيو، "ڪو جادوگر اسان جي دلين مان هي ڪانٽو ڪڍي ڇڏي تہ مان ڪيترو نہ سکي ٿيان ها. گيتا هن کان پوءِ مان توکي اصل ڏکي نہ ڪندس. تون جيئن چوندينءَ تيئن ڪندس."

"ائين تہ تو اڳي بہ چيو هو چندر، مگر توکي هتي الائي ڇا ٿي ويو. مون کي ائين ٿو لڳي تہ تنهنجي ڪردار ۾ ڪا پختائي ڪانهي.... مون کي بہ انهيءَ ڳالهہ جو ئي تہ غم آهي."

"هاڻي مان پختو ٻڌجندس گيتا! توکي وڃائي، تنهنجي پيار کي وڃائي، مون ڏٺو آهي تہ مان ان ڪانسواءِ انسان رهي نٿو سگهان، حيوان ٻڻجي ٿو وڃان. گيتا تون فقط اڄ ڪان ڪجهہ مهينا اڳي مون کي واپس ملين ها تہ جيڪو زهر منهنجي اندر ۾ پربو ٿي ويو، سو تو اڳيان ظاهر ڪري مان بلڪل آجو ٻڌجي وڃان ها. چڱو گيتا، تون هيڏانهن ا. چپ چاپ ليٽي پئہ تہ مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايان ۽ پوءِ سڀ وساري ڇڏيان. ڇڏ ٻڌندينءَ؟"

گيتا چپ چاپ ليٽي پيئي. چيائين، "چندر يا تہ ڪجهہ نہ ٻڌاءِ پر جي ٻڌائين تہ سڀ صاف صاف ٻڌاءِ."

"ها بلڪل صاف صاف گيتو، توکان پلا مان ڇا لڪائيندس!" چندر هن جي ڳل تي هلڪي چماٽ هڻي چيو. "اڄ تنهنجي قدمن ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ ارپڻ ڪرڻ لاءِ منهنجو من پاڳل ٿي رهيو آهي، جادوگرياڻي...! گيتا اڳئين دفعي جڏهن تون آئي هئينءَ تڏهن تو مون کي گهٽي ئي ڳالهيون ٻڌايون هيون. ڪيلاش جي باري ۾...."

"ها."

"بس انهيءَ بعد منهنجو من الائي ڪيئن توکان ڦري ويو. مان توکان ڪجهہ بہ لڪائڻ نٿو چاهيان تنهنجي وڃڻ بعد برٽي آيو. هن مون کي چيو تہ عورت فقط نئين جذبات نئين سواد جي قائل رهندي آهي. انهيءَ کان وڌيڪ هن ۾ ڪجهہ ڪونهي. ڪنواريون ڇوڪريون شاديءَ لاءِ خواهان رهنديون آهن. شادي ڪيل زالون نئين پريميءَ جي تمنا رکنديون آهن. زندگيءَ ۾ هنن جي اها ئي خواهش، اهو ئي مقصد آهي. ڇوڪرين کي جسم جي پياس کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي.... جيئن انڌ ڏنڌ ۽ بادشاهہ گرديءَ جي دؤر ۾ ڪو بہ چالاڪ اڳواڻ ملڪ جون واڳون پڪڙي ويهندو آهي. ائين ئي سموري اداسيءَ ۽ خال جي گهڙين ۾ هي برٽي بہ ڄڻ منهنجي جيون فيلسوفيءَ جو استاد ٻڌجي ويو. ان بعد وري آئي پمي. مون هن کان پڇيو تہ مرد ۽ عورت جي رشتي ۾ ڇا سيڪس هئڻ لازمي آهي؟ هن چيو ها ۽ جي اهو نہ آهي تہ پلٽونڪ ۽ آدرشادي، پيار جو ردعمل سيڪس جي پياس ۾ ئي ٿيندو آهي. هاڻي مان توکي ٻڌايان ٿو تہ منهنجي من ۾ کهڙو ڇور وينو هو. مون سوچيو تہ تون بہ وڃي پنهنجي شادي شده جيون ۾ خوش ٿي آهين. جسم جي پياس توکي پاڻ ۾ غرق ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪا اداسي تو منهنجي سامهون ڏيکارين ٿي، اهو صرف ڏيکاءُ آهي. انهيءَ ڪري دل ئي دل ۾ مون کي توتي ڇڙ اچي ويئي. خبر نہ آهي، اهو ويچار منهنجي دل ۾ اهڙو پختو ڪيئن ٻڌجي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو مان نہ صرف توسان، پر پميءَ کي ڇڏي، دنيا جي باقي سيني ڇوڪرين سان نفرت ڪرڻ لڳس. بنتيءَ کي بہ مون بيحد ڏکي ڪيو. شاديءَ لاءِ وڃڻ کان اڳي هوءَ مون وٽان تمام ڏکي ٿي ويئي. رهي پمي، سو پميءَ سان مان انهيءَ ڪارڻ خوش هوس، جو هن بلڪل حقيقت جي ڳالهہ ڪئي هئي. هن مون کي چيو تہ آدرشوادي پيار جو حاصل جسماني خواهشن جو ئي روپ وٺندو آهي. مان توکي انهيءَ ڏوهہ جو ڏوهي سمجهي توکان ناراض ٿي ويس، مگر اندر ئي اندر اهو ويچار خود مون کي ئي بدلائڻ لڳو. گيتا، مون کي خبر نہ آهي تہ تنهنجي جيون ۾ اهو سيڪس جو احساس، جسماني چاهنا، جاڳي يا نہ. پر منهنجي من ۾ تہ گناهن جو هڪ زبردست طوفان اٿي ڪڙو ٿيو. توکان هڪ بہ ڳالهہ بہ نہ لڪائيندس. سا هيءَ تہ اهڙيون بہ گهڙيون هيون جڏهن پميءَ جو هيئڻ مون کي پاڻ ارپڻ ڪري ڇڏيو. تنهن منهنجي من تي چڙهيل سموري ڪٽ ڌوئي صاف ڪري ڇڏي. ٻڌاءِ گيتا.... تون ڪجهہ تہ چئہ!"

"تون چوندو هل چندر! مان سڀ ٻڌي رهي آهيان؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها.... پوءِ ان ڏينهن گيسو آئي. هن وري مون کي اڳين ڏينهن جي يادگيري ڏياري ۽ منهنجي دل مان پميءَ جي نشي جون پاڙون اکوڙي ڦٽيون ڪري ڇڏيون. ڇگو گيتا، تون بہ هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ... ڇا تون ائين مڃين ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ انسان جي احساسن جو اظهار ڪنهن ٻئي انسان ذريعي ٿي ٿيندو آهي؟"

"يعني؟"

"منهنجو مطلب آهي تہ ان ڏينهن جڏهن مون گيسوءَ سان ڳالهايو پئي تہ ائين پئي سمجهيم تہ مون سان تون ڳالهائي رهي آهين. توکي بہ هڪ ڳالهہ ٻڌايان. توکان پوءِ بنتي مون سان رهي پيئي هئي. گهنگهور انڌاري ۾ هوءَ ئي هڪ روشني هئي، البتہ جهڪي، ٽمڪندڙ بي مقصد! مان تہ ائين پيو وسهندو هوس تہ هوءَ روشن هئي، ڇاڪاڻ جو تون هن کي پنهنجي روشني ڏيئي ويئي هئينءَ. مون ٿورا ڏينهن بنتيءَ کي خوب پيار ڏنو. مون کي ائين پيو محسوس ٿيندو هو تہ تون اڃا منهنجي اڳيان ويٺي آهين، تون هن جو روپ وٺي آئي آهين. ائين لڳندو هو تہ هوءَ الڳ شخصيت نہ آهي، پر تنهنجي ئي شخصت جو هڪ جزو آهي. هن ۾ جيترو تنهنجو جزو هو، اهو منهنجي جيون ۾ رس پيدا ڪندو رهيو. ٻڌاءِ گيتا، من جي اها ڪهڙي عجيب ڪيفيت آهي؟"

گيتا ٿوري دير خاموش رهي. پوءِ چيائين، "چندر، ڀاڳوت ۾ هڪ هنڌ ڏنل ٽيڪا ۾ مون پڙهيو آهي تہ جنهن کي ڀڳوان گهڻو پيار ڪندو آهي، ان ۾ ايشور جو ڪجهہ انس اچي ويندو آهي. اها وڏي وگيانڪ حقيقت آهي. مان بنتيءَ کي تمام گهڻو پيار ڪندي آهيان چندر!"

"مان سمجهي ويس." چندر چيو، "هينئر مان سمجهي ويس تہ منهنجي من ۾ ايڏو گناهہ ڪٿان آيو. تو مون کي تمام گهڻو پيار ڪيو نہ، سو تنهنجي شخصيت جا سڀ گناهہ منهنجي شخصيت ۾ پرجي ويا."

گيتا کان ٽهڪ نڪري ويو. چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "هن طرح خوش مزاج رهندو اچين ها تہ هيءَ حالت ڇو بڻجي ها؟ تون صفا من موجي آهين. ڪڏهن ڏس تہ بيحد خوش، ڪڏهن وري بيحد اداس."

هوءَ اٿي ۽ انب ڪپي پليٽ ڀري ڪٽي آئي. انب ڏسي چندر چيو، "انب! هي انب ڪٿان آندئي؟ ڪير کڻي آيو؟"

"لکنئوءَ لٿي هيس، اتان تنهنجي لاءِ وٺي آيس."

چندر انب جي هڪ ڦار کڻي کاڌي ۽ پراڻي يادگيري تازي ڪرڻ لاءِ هٿ گيتا جي ساڙهيءَ جي پلئہ سان اگهيائين. گيتا مشڪي ڏاڍي سک وچان چيو، "ٻڌاءِ، هاڻي وري تہ پنهنجو دماغ خراب ڪو نہ ڪندين نہ؟"

"هاڻي اصل نہ. مگر گيتو پميءَ جو ڇا ٿيندو؟ مان هن سان پنهنجو رشتو صفا ٽوڙڻ نٿو چاهيان. باقي انهيءَ کي جيترو محدود چوين، اوترو محدود رکان."

"مان ائين ڪٿي ٿي چوان. مان تہ توکي ڪنهن بہ قسم جي بنڌڻ ۾ ٻڌڻ نٿي چاهيان. مان چاڻان ٿي تہ مان ڪڏهن چاهيان بہ ڪٿي، تڏهن بہ پنهنجي من جي ٻنڌڻن کي ڍرو ڪري توکي هميشهہ لاءِ آزادي ڏيئي نہ سگهنديس. تڏهن ڀلا توتي ٻنڌڻ ڇا لاءِ وجهان. پمي شام جو ايندي؟"

"شايد...."

دروازي تي کڙڪو ٿيو ۽ گيسو اندر لنگهي آئي. هڪدم ڊوڙي اچي گيتا کي ڀاڪر پاتائين. چندر اٿي هلڻ لڳو. "ڪيڏانهن هليا پائيجان، ويهو نہ؟"

"مان وهنجي اچان ٿو...." چندر هليو ويو. هو اڄ اهڙو تہ خوش هو جو وهنجڻ جاءِ ۾ سچو وقت ڳائيندو رهيو ۽ جڏهن وهنجي اٿيو تڏهن ياد آيس تہ وهنجندي بدن تان گنجي تہ لاٿي ڪا نہ هئائين. ڪپڙا پائي غسل خاني کان ٻاهر آيو، تڏهن بہ چپن ۾ ڪجهہ ڳائيندو رهيو. ڪمري ۾ پهتو تہ ڏٺائين تہ گيسو اڪيلي ويٺي آهي.

"گيتا ڪيڏانهن ويئي؟" چندر پنهنجي آواز کي جڻ نچائيندي چيو.

"شربت آڻڻ ويئي آهي." گيسوءَ پنهنجي مٿي تي رئي جو پلئہ سنڀاليندي ۽ پنهنجي سلوار نيڪ ڪندي چيو. چندر پيتيءَ مان رومال ڳولهڻ لڳو.

"چندر ڀائي، اڄ توهين ڏاڍا خوش آهيو. ڪهڙي وچايل شئي هٿ آئي اٿوَ؟ اهڙي خوش موقعي تي پيڻ کي انعام ڪو نہ ڏيندا؟" گيسوءَ هن سان مذاق ڪندي چيو.

"انعام ڇا، چوين تہ اها شئي ئي توکي ڏيئي ڇڏيان."

"ها، پر پهرين ڪيلاش بابوءَ کان تہ پڇي اچو." گيسوءَ وراڻيو.

"هن جي دل سان تہ تون ئي ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهين ٿي."

گيسوءَ سهمجي منهن ڦيري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا شربت جا ٻہ گلاس کڻي آئي. هڪ گلاس گيسوءَ ڏانهن وڌائي چيائين. ”وٺ گيسو پيءُ... هان چندر وٺ.“

”تون پيءُ نہ؟“

”نہ مان ڪا نہ پيئنديس. برف مون کي نقصان ڪندي. گيتا نهايت سانتيڪي آواز ۾ چيو. چندر کي ياد آيو تہ گيتا اڳي چانهہ يا شربت پيئندي ڪيڏو نہ چيڙائيندي هئي ۽ اڄ....

”چا پيو ڳولهين چندر؟“ گيتا هن کان پڇيو.

”رومال پيو ڳولهيان. ليي ئي نتو.“

”ليندئي ڪيئن. سيپئي وڃائي ڇڏيا هوندئي. مون کي تنهنجي جي عادتن جي خبر آهي. اڄ وڃي ڪپڙو وٺي اڄ تہ سياڻي صبح تائين رومال سڀي ڏيانءِ.“ ۽ هوءَ اٿي وڃي ڪيلاش جي پيتيءَ مان هڪ رومال ڪڍي آئي.

انهيءَ بعد چندر بازار هليو ويو ۽ گيتا ۽ ڪيلاش لاءِ ڪجهہ ڪپڙو خريد ڪري آيو. تنهن کان سواءِ گيتا لاءِ ڇهري شئي. پينو. سردو. گلاب جي شربت جو شيشو. هڪ سهڻي پين ۽ بيو بہ الائي ڇا ڇا خريد ڪري آيو. گيتا اهو سڀ ڏسي چيو. ”پاپا ڪونهي تہ بہ مان ائين پيئي پانيان تہ پيڪن ۾ آئي آهيان.“ مگر هوءَ ڪجهہ بہ ڪائي پي نہ سگهي.

ڪاڏو ڪائي چندر وڃي ٻاهر باغ ۾ ويٺو. پنهنجي ڪٽ بہ اتي ئي وڇرايائين. گيتا جو بسترو مٿي ڪڏ تي لڳايو ويو هو. هن سان گڏ اتي مهراجڻ سمهڻ واري هئي. گيتا سردو ڪپي هڪ پليٽ ۾ کڻي آئي ۽ چندر جي ڪٽ پرسان ڪرسي وجهي ويٺي. چندر سردو کائڻ لڳو. ٿوري دير بعد گيتا چيو. ”چندر. بنتيءَ جي باري ۾ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”راءِ! راءِ ڪهڙي ڏيندي؟ ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي. توکان تہ گهڻي سٺي آهي.“ چندر هن کي چيڙيندي چيو.

”مون کان تہ سڄي دنيا سٺي آهي. مگر هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟ نهايت گنڀير ڳالهہ آهي.“

”ڪهڙي گنڀير ڳالهہ آهي؟“

”تون بنتيءَ سان شادي ڪري ڇڏ.“

”بنتيءَ سان! تنهنجو دماغ وري خراب ٿي ويو ڇا؟“

”نہ. انهيءَ باري ۾ پهرين پهرين هنن ئي چيو تہ بنتيءَ کي چندر سان ڇو نہ پرڻائي ڇڏيو. تڏهن مون پاپا سان ڳالهہ ڪئي. پاپا بلڪل راضي آهي. مگر چيائين تہ مان ئي توسان اها ڳالهہ ڪيان. چندر شادي ڪري ڇڏ. پڇي بہ هينئر ڪو دخل ڪا نہ ڏيندي.“

چندر کلي ڏنو. ”ماڻهن جي شادي ڪرائڻ لاءِ تنهنجي دماغ ۾ خوب تجويزون ٿيون نهن. ياد اٿئي، اڳي بہ تو مون کي هڪ دفعو شادي ڪرڻ لاءِ چيو هو؟“ گيتا کان هڪ هلڪي سرد آهہ پرجي ويئي. ”ها ياد اٿم. خير. تڏهن جي ڳالهہ ٻي هئي، هينئر توکي ضرور ڪرڻ گهرجي.“

”نہ گيتا. شادي مون کي ڪرڻي ڪانهي. پر تو اهو ذڪر ڪڍيو ڪيئن؟ ڇا بنتي ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪو رشتو رهيو آهي. تنهن کي تو غلط تہ ڪو نہ سمجهيو آهي؟“

”نہ. مگر اها خبر اٿم تہ بنتيءَ جو تو ۾ انڌو اعتماد آهي. توکي بہ هن کان بهتر ڇوڪري ٻي مشڪل ملندي. گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي زندگي. جا هينئر ٽڙي پکڙي پيئي آهي سا نهي بوندي.“

چندر وري کليو ”منهنجي زندگي شاديءَ سان نہ. پيار سان ئي نهندي گيتا. ڪا اهڙي ڇوڪري ڳولي ڏي جا تو جهڙي هجي ۽ مون کي پيار ڪري سگهي. پوءِ سمجهندس تہ تو سچ پچ مون لاءِ ڪجهہ ڪيو. هونءَ اها شادي وغيره جي ڳالهہ ڪرڻ بيڪار آهي. هاڻي ٻي ڪا ڳالهہ ڪر.“

”نہ چندر. شادي تہ توکي ڪرڻي ئي پوندي. هينئر مان توکي هيئن اڪيلو رهڻ نہ ڏينديس. بنتيءَ سان نہ ڪرين تہ ٻي ڇوڪري ڳولينديس. مگر شادي توکي ضروري ڪرڻي ئي آهي ۽ منهنجي پسند سان ئي ڪرڻي آهي.“

چندر وري بہ صرف کليو جواب ڪو نہ ڏنائين.

گيتا اٿي کڙي ٿي.

”هلينءَ ڇا؟“

”ها. توکي هاڻي ننڊ ايندي ڏري. سمهي پئہ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر هن کي روڪيو ڪو نہ. هن سمجهيو هو تہ گيتا پاڻيهي ويهندي. ويهي اڳي جيان خوب ڳالهيون ڪندي ۽ پاڻ گيتا کان سندس سچو حال احوال وٺندو. مگر گيتا تہ هينئر چڻ پاڻ ۾ ئي پئي سمائي. هن چندر کان سمورو احوال پڇي ورتو. پر پنهنجي من جي هن ڪا بہ ڳالهہ ظاهر نہ ڪئي. گيتا سندس پرسان هوندي بہ ڪائنس ڪيڏي نہ دور هئي. پڪي ڍنڍ ۾ رهندي بہ پياسو رهجي ويو هو.

اٽڪل ڪلاڪ بعد گيتا وري کير جو گلاس کڻي آئي. چندر کي ان وچ ۾ جهوٽو اچي ويو هو. هن چندر جي سيرانديءَ کان ويهي سڏ ڪيو. "چندر. سمهي پئين ڇا؟ اٿ!"

"ڇو؟" چندر ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿي ويو.

"اٿ. کير پيءُ!" گيتا چيو.

"کير مان ڪو نہ پيئندس."

"برف ۽ شربت ملائي کڻي آئي آهيان. اٿي پي تہ ڏس."

"نہ. مان ڪو نہ پيئندس. وڃ. مون کي ننڊ پيئي اچي." چندر جي آواز ۾ هينئر خفو هو.

"اڙي.... اٿي پيءُ منهنجا راڄ دلارا! ڏس چمڪن پيا چانڊ ستارا!..." گيتا چڻ هن کي لولي ڏيندي چيو. پوءِ هن کي پنهنجي هنج ۾ ڇڪي، جيئن ماءُ ٻار کي پياري، تيئن کير جو گلاس چندر جي چپن تي رکيائين. چندر چپ چاپ کير پي ويو. گيتا گلاس هيٺ رکي چيو. "اٿين تہ مان نيلوءَ کي کير پيئاريندي آهيان."

"نيلو ڪير؟"

"اڙي ڏير اٿر. شنڪر بابوءَ جو ڪڪو."

"اڇا!"

"چندر. تو پنکو تہ مٿي کڏ تي رکايو آهي. پوءِ توکي هتي ننڊ ڪيئن ايندي؟"

"اچي ويندي."

چندر وري ليٽي پيو. گيتا اٿي ڪا نہ. هوءِ پنهنجي ٻانهن جي آڌار تي، چندر جي پرسان گلن جي کمان جيان ليٽي پيئي. چوڏهينءَ جو روشن اجرو چنڊ آڪاس جي نيرين لهرن تي، اڻ تڙيل گل جيان لڏي رهيو هو. کير ۾ ڌوتل هوا جا جهوٽا چانڊوڪيءَ سان لڪ چپ راند ڪري رهيا هئا. چندر اکيون بند ڪري ليٽيو پيو هو. هن جي اکين جي پلڪن تي، هن جي وارن تي، هن جي چپن تي چانڊوڪيءَ جون پنکڙيون پئي جهريون. گيتا چندر جو ڪالر نيڪ ڪندي چيو. "چندر. ننڊ تي اچيئي؟"

"نہ. ڦٽي وئي." چندر اکيون کولي ويٺو. چنڊ مٿي آسمان ۾ پئي چمڪيو ۽ اداس چانڊوڪي سندس هنج ۾ ليٽي پيئي هئي. هن ائين محسوس ڪيو تہ معصوميت ۽ امرت سان ڀريل بادلن سندس خيالن کي پنهنجي آنچل ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي.

هن پاسو بدلائي چيو. .گيتا زندگيءَ جو هڪ پهلو ختم ٿي ويو. درد جي هڪ منزل گذري ويئي. ٿڪاوٽ بہ دور ٿي وئي. پر آئنده جو رستو اڃا نظر نٿو اچي. ٻڌاءِ. مان ڇا ڪريان؟"

"گهٽو ئي ڪجهہ ڪرڻو آهي. چندر. پنهنجي اندر جي برائين سان جنگ جوٽي ختم ڪيئي. هاڻي ٻاهرين خرابيءَ خلاف جدوجهد ڪر. مان تہ هميشهہ اهي ئي سپنا لهندي رهي آهيان چندر. تہ تون تمام وڏو ماڻهو ٿيندين. پاڻ بابت جيڪي سوچيو هوم. اهو سڀ تہ قسمت الٽ پلٽ ڪري وڌو. هينئر توکي ڏسي ئي ڪجهہ سڪون پائيان ٿي. تون جيترو مٿي چڙهندين. مون کي اوترو سک ملندو. هونءَ تہ مان چڻ دوزخ جي ٻنيءَ ۾ پيئي پچان."

"گيتا. تنهنجي انهيءَ ڳالهہ تي منهنجي سموري همت. منهنجو سمورو ٻل ٽٽي ٿو پوي. تون اگر پنهنجي ساهرن ۾ خوش هجين ها تہ منهنجي بہ همت ٻڌجي ها. تنهنجو هي حال. تنهنجي هيءَ تندرستي. هي بيوقتو ويراڳ ۽ پوڄا. هي تنهنجو اندر ئي اندر گهٽجڻ ڏسي مان سوچي نٿو سگهان تہ ڇا ڪريان!"

"چندر. مان بہ ڀلا ڇا ڪريان! ائين برابر آهي تہ هينئر هو بہ منهنجو بيحد گهٽو خيال ٿو رکي. مگر اها ئي ڳالهہ پاڻ مون کي وڌيڪ ڏکي ٿي بنائي. مان نہ هن سان ڪو سمجهوتو ڪري ٿي سگهان ۽ نہ ڪليو ڪلايو هن کي ٺوڪاري، هن جي بي عزتي ڪري ٿي سگهان. منهنجي حياتي هڪ انوکو دوزخ بنجي ويئي آهي. مگر ايترو ضرور آهي چندر! تون جيڪڏهن مٿي چڙهين تہ مان اهو دوزخ بہ پوڳي چڙهنديس. تون دل ننڍي نہ ڪر. هڪ زندگيءَ جي تہ ڳالهہ آهي. انهيءَ بعد...."

"مگر پنر جنم ۾ تہ منهنجو ڀروسو ئي ڪونهي. گيتا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ائين تہ پاڻ بهتر. پوءِ تہ هن جنم ۾ ئي تون مون کي جيڪو سک ڏيئي سگهين ٿو سو ڏيئي ڇڏ. جيترو اوڄو بڻجي سگهين، اوترو اوڄو بڻجي وڃ."

"تون جيڪو بہ رستو ٻڌائين مان ان تي هلڻ لاءِ تيار آهيان. مان بہ چاهيان ٿو تہ پنهنجي شخصيت کان مٿي اٿان. مگر انهيءَ لاءِ منهنجو هڪ شرط آهي، تنهنجو پيار هميشه مون سان ساٿ ڏئي."

"اهو ڪڏهن بہ توکان الڳ ٿيو ئي ڪٿي آهي چندر! تو ئي تہ. جڏهن مرضي ٿي اٿئي، ان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي، مگر هاڻي نہ. ڪاش تون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ اهو محسوس ڪري سگهين تہ اتي توکان دور، حوس جي ڪچري ۾ ڦاسي مان ڪيتري نہ اداس، ڪيتري نہ پريشان ٿي رهان. پوءِ جيڪر تون هيئن نہ ڪرين. منهنجي جيون ۾ جيڪا بہ اڻپورائي، گهٽتائي رهجي ويئي آهي چندر، ان جي پورائي تون ئي آهين. تون ئي منهنجي جنم جنم جو سڪون آهين. تون وري ائين نہ ڪجان. تون هينئر شادي ڪري ڇڏ ۽ يقين رکي مٿي چڙهندو هل."

"شادي ڪرڻ کان سواءِ ٻيون تنهنجون سڀ ڳالهيون مون کي منظور آهن. مگر تون وري ڪڏهن بہ مون کان پنهنجو پيار واپس تہ نہ وٺندينءَ؟"

"نہ. ڪڏهن بہ واپس نہ وٺنديس."

"۽ مان ڪڏهن ناراض ٿي بہ وڃان تہ تون خفا ڪا نہ ٿيندينءَ؟"

"نہ."

"۽ مان جيڪڏهن ڪٿي ٿاٻو کاوان، ٿڙڪي پوان تہ تون ائين هٿ ٻڌي ڪا نہ ويهندينءَ؟ بنا ڪنهن ڊپ يا حجاب جي مون کي ان ذبڻ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي وٺندينءَ؟"

"اهو تمام ڏکيو آهي چندر! نيٺ مان بہ تہ ڪن ٻنڌڻن ۾ جڪڙيل آهيان. چڱو اهو ٻڌاءِ تہ تون وري دهليءَ ڪڏهن ايندين؟"

"هينئر تہ وري دسهڙي تي ئي ايندس. گرمين ۾ هتي ئي رهندس. ها. ٿي سگهيو تہ ڪيلاش جي واپس موٽڻ بعد شاهجهانپور ايندس."

گيتا خاموش ويٺي رهي. چندر بہ چپ چاپ ليٽيو رهيو. ٿوري دير بعد چندر پنهنجو هٿ گيتا جي هٿ مٿان رکيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. هن کي جڏهن ننڊ اچي ويئي تہ گيتا آهستي پنهنجو هٿ کسڪائي ورتو ۽ اتي ڪڙي ٿي. ڪي منٽ يڪ ٽڪ نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندي رهي ۽ پوءِ آهستي آهستي اتان هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو گيتا، اچي چندر کي جاڳايو. چندر اٿي ويٺو تہ گيتا چيو. "جلدي وهنجي وٺ. اڄ توسان گڏ پوڄا ڪنديس."

چندر وهنجي آيو تہ گيتا ان وچ ۾ پوڄا جي چوڪنيءَ سامهون ٻہ آسڻ وڇائي تيار ڪيا هئا. چوڪنيءَ تي ڏيئو ٻئي ٻريو ۽ گلن جا ڍير رکيا هئا. چندر کي ويهاري گيتا پاڻ بہ ويٺي. هن اڄ بہ اهو ئي پوڄا جو ويش ڍڪيو هو. جسم تي ريشمي ساڙهي ۽ هيٺان هڪ ريشمي چولي! آلا وار هن جي پٺيءَ تي پکڙيل هئا.

چندر چيو. "مگر مان ويٺو ويٺو ڇا ڪندس؟"

گيتا ورندي ڪا نہ ڏني، چپ چاپ پنهنجو ڪم ڪندي رهي. ٿوريءَ دير بعد هن پاڳوت کوليو ۽ ان مان مني آلاپ ۾ گوپڪا گيت پڙهڻ شروع ڪيائين. چندر کي سنسڪرت ٻولي ڪا نہ ٿي آئي، پوڄا ۾ هن جو يقين ڪو نہ هو. تنهن هوندي بہ ان وقت هن کي من ۾ هڪ عجيب احساس پئي ٿيو. سامهون ڏيئڙن مان اٿندڙ سڳنڌي لهرون جڻ چندر جي ساهن ۾ گهڙي، انهن ۾ سمائجي ٿي ويون. پيرسان ويٺل گيتا جي آلن وارن مان ڳڙندڙ پاڻيءَ جون بوندون ڪنهن ڪنهن وقت هوا جي لهرن تي ڪڇي چندر جي گوڏن مٿان اچي ٿي ڪريون. مٺڙي آواز ۾ اچاريل پاڳوت جا سلوڪ جڻ گيتا جي پوڄا جي پرسادي طور هن جي روح کي امرت سان ڌوئي صاف ڪري رهيا هئا. ائين پئي لڳو تہ پوڄا جي انهن پاڪ پلڪن ۾ هن جي جيون جون سڀ غلطيون، ڪمزوريون، گناهہ ڌوپجندا ٿا وڃن. گيتا جڏهن پاڳوت بند ڪري پاسيرو رکيو تہ چندر جو ڪنڌ از خود پرنام ڪندي جهڪي ويو. پاڳوت اڳيان پيا پاڳوت جي پوڄارڻ اڳيان، سو ڇئي نٿو سگهجي. ٿوري دير بعد گيتا پوڄا جي ٿالهي کنئي ۽ چندر جي نرڙ تي تلڪ لڳايائين.

"مون کي؟"

"توکي نہ تہ ٻيو ڪنهن کي.... ميرا تو دوسرا نہ ڪوئي!" ائين چوندي چوندي گيتا گلن جا ٻڪ ڀري چندر جي قدمن ۾ ڪٽي ڌريا ۽ جهڪي چندر جي قدمن ۾ پرنام ڪيائين. چندر گهٻرائجي پير هٽائي ورتا. "نہ گيتا. مان ايتري جو لائق نہ آهيان. تون مون کي هيئن لڄي ڇو ٿي ڪرين؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتا جواب ڪو نہ ڏنو.... ساڙهيءَ جي ڪنڌ سان اڪين مان جهرندڙ لڙڪن کي اگهي، ناشتو اٿڻ لاءِ هلي ويئي. چندر ڪاليج مان واپس موٽيو تہ ڏٺائين، گيتا مشين کولي ڪجهہ سبي ويٺي. چندر ڪپڙا مٽائي اچي پڇيو، "ڇا پيئي سبين؟"

"رومال ۽ گنجيون. تون هيترا ڏينهن هلئين ڪيئن پئي؟ پيتيءَ ۾ تہ هڪ بہ رومال، هڪ بہ گنجي ڪانهي. بيپرواهيءَ جي بہ حد ٿيندي آهي. تڏهن تہ چوانءِ ٿي تہ شادي ڪر."

"ها، ڪنهن درزيءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪرائي ڇڏ." چندر کٽ تي گيتا جي پرسان ويهندي چيو. گيتا سبندي رهي. ٿوري وقت بعد اوچتو هن مشين بند ڪئي ۽ بيحد گهبرائجي ويئي.

"ڇو ڇا ٿيو گيتا...؟"

"ڏاڍو سور آهي....." ائين چوندي چوندي هوءَ اتي کٽ تي ئي ڄڻ بيهوش ٿي ليٽي پيئي. چندر ڊوڙي پنکو کٽي آيو ۽ هن مٿان هوا ڪرڻ لڳو. "ڊاڪٽر کي سڏي اچان؟"

"نہ پاڻيهي ٺيڪ ٿي ويندس..... الٽي ٿي اچي." گيتا اٿي ويٺي.

"نہ اٿ نہ، مان پاٽ کڻي ٿو اچان." چندر پاٽ آڻي گيتا اڳيان رکي ۽ هن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳو. گيتا وري سهڪندي ليٽي پيئي. چندر ڊوڙندو ڦوٽو ۽ پاڻيءَ گلاس کڻي آيو. گيتا ڦوٽي جا ٻہ ٽي ڪٽا وات ۾ وڌا ۽ وري ليٽي پيئي. هن جي پيشانيءَ تي پگهر جون بوندون چمڪڻ لڳيون.

"هينئر طبعيت ڪيئن ٿي پائين گيتا؟"

"ڏاڍو سور آهي انگ انگ ۾..... مشين هلائڻ نہ ڪبندي هيم." گيتا بيحد جهيڻي آواز ۾ چيو.

"مان ڊاڪٽر کي سڏي ٿو اچان."

"اهو سڀ اجايو آهي چندر. مان لکنئوءَ ۾ تپاس ڪرائي آئي آهيان. هن روڳ جو علاج ڪونهي. هي تہ زندگيءَ ڀر جو سراپ آهي."

"ڪهڙي بيماري ٻڌائون؟"

"ڪجهہ ڪونهي."

"ٻڌاءِ نہ؟"

"ڇا ٻڌايانءِ چندر!" گيتا گوندر ڀريل نگاهن سان چندر ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سڏڪن ۾ اچي ڇنڪي. چندر اتي سندس بٽگ مان دوا ڪڍي آيو. هو وري ڪاليج ڪو نہ ويو. ٻن ڪلاڪن بعد گيتا ڪجهہ ٺيڪ ٿي. هن اونهو ساهہ کنيو ۽ وهاڻي جي اوٽ تي سڌي ٿي ويٺي. چندر ٻيا ٻہ وهاڻا کڻي هن جي پٺيءَ کان رکيا. انهن ٻن ڪلاڪن اندر گيتا جو منهن تمام پيلو ٿي ويو هو. چندر چپ چاپ اداس ويٺو رهيو.

ان ڏينهن گيتا ڪجهہ ڪو نہ کاڌو. فقط ميوي تي گذر ڪيائين. منجهند جو سخت لڪ پئي لڳي، ان وقت ڪيلاش واپس موٽيو. ايندي ئي چندر کان پهريون سوال اهو ڪيائين، "گيتا جي طبعيت ٺيڪ آهي نہ؟" هن کي جڏهن خبر پيئي تہ صبح جو هن جي طبعيت خراب ٿي ويئي هئي تہ هو ڪپڙا مٽائڻ کان سواءِ ئي سڌو گيتا جي ڪمري ۾ پهتو. پنهنجي هٿ سان هن کي دوا پياري، پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ ڪپڙا بدلائي ليٽي پيو. هو بيحد ٿڪل هو.

چندر بہ پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪاپيون جاچڻ ويٺو. شام جو ڪامني، پريا، ليلا ۽ پيون ٻہ ڇوڪريون جن کي گيسوءَ وٽان گيتا جي اچڻ جو اطلاع مليو هو. سڀ اچي ڪنيون ٿيون ۽ گيتا ۽ ڪيلاش کي گهيري ويٺيون رهيون. چندر هنن جي خاطر داري ڪرڻ ۾ مشغول هو. رات جو ڪيلاش هن کي مٿي ڇت تي سڏايو ۽ سندس آئينده بابت ساٿس ڳالهيون ڪندو رهيو. جڏهن ڪيلاش ننڊاکڙو ٿيو تہ چندر هيٺ آيو ۽ ٻاهر باغ ۾ پيل پنهنجي کٽ تي اچي ليٽيو.

ڪيترو وقت هن کي ننڊ ڪا نہ آئي. هو گيتا جي بيماريءَ بابت سوچيندو رهيو. مٿي ڪڏ تي گيتا بہ پاسا بدلائيندي رهي. هن جا هي بہ ڏينهن صفا سپني جيان گذري ويا. سياٽي هوءَ واپس هلي ويندي، چندر کان بلڪل دور ۽ پوءِ نہ ڄاڻ هن سان وري ڪڏهن مڪا ميلو ٿيندو.

صبح کان ئي گيتا جڻ اجهامي ويئي هئي. ڪالهہ تائين هن ۾ خوشي وري موٽي آئي هئي. پر ڪيلاش جي موٽڻ بعد ان خوشيءَ تي ڄڻ پاڃو پئجي ويو. اڄ چندر جي ڪاليج جو پويون ڏينهن هو. هو ڪيلاش کي بہ ساڻ وٺي ويو ۽ اتي پروفيسرن ۽ شاگردن سان هن جي واقفيت ڪرايائين. هڪ پروفيسر جنهن جي عادت هئي تہ ڪانگريس سرڪار سان واسطو رکندڙ هر شخص کي پارٽي ڏيندو هو. تنهن شام جو ڪيلاش جي عزت ۾ ٻن پارٽيءَ جي دعوت ڏني. ڇاڪاڻ جو هو بہ سرڪار طرفان هڪ سنسڪرت جتي سان گڏ وڃي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس موٽڻ لاءِ رات جي گاڏيءَ جو فيصلو ٿيو هو. ڪيلاش کي هفتي اندر اسهٽو هو. جنهن ڪري هو هتي وڌيڪ وقت ترسي نٿي سگهيو. منجهند جي ماني ٻنهي گڏجي کاڌي. گيتا مهراڄڻ جو لحاظ رکندي هئي. جنهن ڪري هوءَ ڪيلاش سان گڏ کائڻ کا نہ ويٺي. فيصلو ائين ٿيو تہ سامان سويل ئي ٻڌي ڇڏجي ۽ پارٽيءَ تان موٽي سڌو اسٽيشن ڏانهن روانو ٿجي.

گيتا جڏهن چندر جون آنڌل شيون ۽ ڪپڙا ڪيلاش کي ڏيکاريا تہ هن کي بيحد تعجب لڳو. هن ڪجهہ ڪو نہ ۽ ڪپڙا چپ چاپ رکي ڇڏيائين. پوءِ چندر وٽ وڃي پڇيائين، "هينئر جڏهن تو ڏيڻ وٺڻ جو رواج بہ نڀايو آهي، تڏهن اهو ٻڌاءِ تہ تون مون کان وڏو آهين يا ننڍو؟"

"ڇو؟" چندر پڇيو.

"انهيءَ ڪري جو وڏو هجين تہ توکان پيرين پئي موڪلايان ۽ جي ننڍو هجين تہ خرچي ڏيئي وڃانءِ؟"

چندر کي کل اچي ويئي.

ٻپهريءَ کان ئي گهر ۾ اداسي ڇانئجي ويئي. نہ چندر ليٽيو. نہ گيتا " ڪيلاش آرام ڪيو. شام جو سيٺي گڏجي پارٽيءَ تي ويا. اتان موٽيا تہ گيتا ائين محسوس ڪيو ڄڻ سندس دل ٽي ٻڏي. شاديءَ وقت موڪلائيندي بہ هن جي دل ائين کا نہ ٻڏي هئي. جيئن اڄ هن جي دل ٻڏندي ٿي ويئي. موٽر ۾ سامان رکجي رهيو هو تہ هوءَ ٿنڀي جو سهارو وٺي بيهي رهي. مهراڄڻ هڪ ٽوڪريءَ ۾ رستي لاءِ کاڌي جو سامان بند پئي ڪيو.

ڪيلاش هن کي ائين بيٺل ڏسي چيو، "روئين ڇو ٿي، ڇڏي وڃانءِ هتي؟ چندر سنڀالي سگهندئي؟"

گيتا لڙڪ اگهي هن کي نگاهن سان ئي چيندو "مهراڄڻ ويني ٻڌي، چوندي ڇا!" موٽر ۾ چڙهندي چڙهندي گيتا سڏڪن ۾ اچي پيئي. مهراڄڻ هن کي گلي لڳائي هن جا لڙڪ سڪائڻ لڳي، "روءُ نہ ڌيءَ. هاڻي ننڍي بابوءَ کي شادي ڪراءِ. پوءِ بہ ٽي مهينا هتي اچي رهجانءِ. سس تہ موڪل ڏيندئي نہ؟"

گيتا جواب ڪو نہ ڏنو. فقط پنجين روپئي جو نوٽ ڪڍي مهراڄڻ جي هٿ ۾ ڏنائين ۽ موٽر ۾ وڃي ويٺي.

ٽرين پليٽ فارم تي اچي وئي هئي. چندر سيڪنڊ ڪلاس ۾ ٻنهي جا بسترا وڇائي ڇڏيا. برٿ اڳيئي رزرو ڪيل هو. گاڏي ڇٽڻ ۾ اڃا ڪلاڪ کن دير هئي. گيتا جي نگاهن ۾ اڄ عجيب احساس هو. ڪالهہ واري يادگيري، خوشي روشني سڀ اجهامي ويئي هئس ۽ انهن جي جاءِ تي هڪ عجيب گوندر پرجي ويو هو. هوءَ خاموش ويٺي هئي. چندر جڏهن وڌيڪ سهي نہ سگهيو تہ گاڏيءَ مان هيٺ لهي پليٽ فارم تي چڪر ڏيڻ لڳو. ڪيلاش بہ هيٺ لهي آيو ۽ ٻئي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. اوچتو ڪيلاش چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "ها يار، هڪ ضروري ڳالهہ تہ وسري ويئي!"

"ڪهڙي؟"

"هن توکي ٻنتيءَ جي باري ۾ ڪجهہ چيو؟"

"ها چيائين."

"پوءِ تو ڪهڙو خيال ڪيو؟"

"مان شادي بادي ڪو نہ ڪندس."

"اهو سڀ آدرشپٽو مون کي سٺو نٿو لڳي. تنهن کان سواءِ سچ پڇين تہ هن سان شادي ڪري تون ڏاڍو سٺو ڪم ڪندين. هينئر براهمڻ جاتيءَ مان تہ هن کي گهوٽ ملندو ڪو نہ. هوءَ توکي عزت بہ ڏاڍي ڏيندي آهي."

"برابر آهي، مگر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ مان هن سان شادي ڪري ڇڏيان. مون کي گهٽو ئي ڪجهہ ڪرڻو آهي؟"

"بس ڪر يار. تون ڳالهين کان سواءِ ٻيو ڪري ئي ڇا ٿو سگهين!"

"تي سگهي ٿو." چندر ڳالهہ ٽاريندي چيو.

ٿوري دير بعد چندر پڇيو، "گيتا دهليءَ ڪڏهن ايندي؟"

"هينئر تہ مان جنهن ڏينهن ويندس، ان ڏينهن هوءَ مون سان گڏ دهليءَ ايندي. مگر ٻئي ڏينهن شاهجهانپور موٽي ويندي."

"ڇو؟"

"امان ڏاڍي بگڙيل آهي. هتي اچڻ لاءِ بہ هن کي موڪل ڪٿي ٿي ڏنائين؟ هي تہ لکنئوءَ جو بهانو ڪري هن کي هتي وٺي آيس. تون شنڪر ڀائوءَ سان ڪڏهن بہ هي ذڪر نہ ڪجان شايد سيپٽمبر، آڪٽوبر ۾ هوءَ ٽي چار مهينا دهليءَ وڃي، يونوشي از ڪئرنگ!" (هوءَ پيٽ سان آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڇا!"

"ها، اها ٺي تہ ڳالھ آھي. ٻهريون دفعو اٿس."

ٻئي موٽي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺا.

"گيتا چيو. "چندر، تون ايندين نہ؟"

"ها ها، ضرور ايندس."

"وري ڪو بهانو تہ ڪو نہ ڪندين؟"

"نہ ضرور ايندس."

ڪيلاش ڪجھ وٺي اچڻ لاءِ هيٺ لٿو تہ گيتا اکين جا لڙڪ اگهي، هيٺ جهڪي چندر جا پير ڇهيا. پوءِ روئي چيائين، "چندر، هاڻي مان صفا ٽٽي پيئي آهيان. هاڻي پنهنجو هٿ هٽائي نہ وٺجان." هن جو گلو گهٽجي ويو.

چندر گيتا جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ ڪٺي پڪڙيا. زبان سان ڪجھ ڪو نہ چيائين. ٿوري دير بعد گيتا چيو، "چندر هيئن خاموش ڇو آهين؟ هينئر تہ مون سان نفرت ڪو نہ ٿو ڪرين؟ ديوتا منهنجا! مان ڏاڍي اپاڳڻ آهيان. تو مون کي بنايو ڇا ۽ مان بڻي ڇا اچي آهيان..... بيو ٻڌ، مون کي هاڻي ڇني لڪندو رهجان. نہ تہ منهنجو آڌار صفا ٽٽي ٿو وڃي." ۽ هوءَ وري اچي روئڻ ۾ پيئي.

ڪيلاش ڪجھ ڪتاب ۽ اخبارون وٺي واپس موٽيو چندر ۽ هو، ٻئي ڳالهيون ڪندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ فيصلو اهو ٿيو تہ ڪيلاش جڏهن ولايت مان واپس موٽندو تہ بمبئيءَ مان سڌو دهليءَ وڃڻ بدران، پهرين الھ آباد مان ٿيندو پوءِ دهليءَ ويندو.

گاڏي هلي تہ چندر ڏاڍي پيار سان ڪيلاش کان ڀاڪر پائي موڪلايو. گاڏي جيستائين پليٽ فارم پار ڪري تيستائين گيتا دريءَ تي مٿو رکي نهاريندي رهي. پليٽ فارم کان ٻاهر پهچڻ بعد گيتا جي ساڙهيءَ جو پلئہ پيلي چانڊوڪيءَ ۾ ڦڙڪندو رهيو. هوريان هوريان اهو هڪ سفيد ٽٻڪو بڻجي نيٺ اکين کان غائب ٿي ويو. گاڏي هڪ وڏي اجگر جيان، چانڊوڪيءَ ۾ سرندي هلندي ٿي وئي.

●

دل ۾ جڏهن پيار جاڳي اٿندو آهي تڏهن پيار جو ڪرٽو بادلن ۾ وڃي لڪندو آهي. چندر جي تقدير بہ عجيب هئي. هن دفعي گيتا ويئي تہ هن جي تن توڙي من کي هڪ گلابي نشي ۾ مست بڻائي ويئي. چندر اصل اداس ڪو نہ ٿيو هو. هو بيحد خوش هو. خوب گهمندو هو ۽ گرميءَ هوندي بہ تمام گهٽو ڪم ڪندو هو. پنهنجا ڪيي انهن جي آڌار تي هڪ نئين ڪتاب جو خاڪو تيار ڪرڻ وينو. هن کي هينئر ائين(Notes)پراڻا ٽپ محسوس ٿيو تہ هن جو شان، طاقت، اوڄ، ۽ موڄ سڀ ڪجھ وري موٽي آيو آهي. هن کي ائين پئي محسوس ٿيو تہ گلابي پنکڙين جي ڇانو ڪيس هردم ڇنبڙي ٿي رهي. هو جڏهن بہ ليٽندو هو تہ هن کي ائين لڳندو هو تہ گلن جي روپ جهڙي گيتا، ٻانهن کي ٽيڪ ڏيئي سندس سامهون ليٽي پيئي آهي. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڪمري ۾ اجا بہ ڏوپ جون سڳنڌي لهرون پيون ڦرن ۽ فضا ۾ گيتا جي مٺڙي گلي مان اچاريل سلوڪ پيا گونجن.

ٻن ڏينهن ۾ ئي چندر ڀانئڻ لڳو تہ سندس جيون ۾ جيڪي بہ ٽٽو ڀڳو هو، سو وري نئين سر جڙي، نهي ويو آهي. اڳي هن کي زندگيءَ ۾ جيڪي خال نظر ايندا هئا سي هينئر از خود ڀرجڻ لڳا هئا. سندس دل جو مندر جو اڳي سنسان کنڊر بڻجي چڪو هو تنهن تي ڄڻ اوچتو ڪنهن پنهنجن لڙڪن جو ڇٽڪار ڪري، جيون جو هر ڏيئي وري سرسبز بڻائي ڇڏيو. پٿرن هينان دبيل پوڄا گيتن جو آلاپ وري ٻڌجڻ لڳو. مرجهايل پوڄا پشپن جي پنکڙين ۾ وري جيون جو رس ڀرجي آيوهو ۽ انهن جو رنگ وري اڳي جيان ڀهڪڻ لڳو هو. هوريان هوريان مندر جا منار وري ستارن سان سمجهوتي ڪرڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. چندر جي ڪنن ۾ ويد منترن جي معصوميت ۽ برج جي بانسريءَ جي منڙائپ پلڪ پلڪن سان ملائي نچڻ لڳيون. هينئر هو هر ڪو ڪم ڄڻ ڪنهن اڻ ڏٺي روح جي اجازت سان ڪندو ٿي رهيو. اهو روح سواءِ گيتا جي ٻيو ڪهڙو ٿي ٿئي سگهيو! هو ڄڻ گيتامي بڻجي ويو هو. هن جي هر قدم، هر ڳالھ هر ساھ ۾ وري گيتا جو پيار ڀرجي ويو هو.

ٽئين ڏينهن بنتيءَ جو هڪ خط آيو. بنتيءَ هن کي دهليءَ اچڻ لاءِ لکيو هو. ڊاڪٽر شڪلا جي بہ اها ئي مرضي هئي تہ چندر ٿورن ڏينهن لاءِ دهليءَ اچي تہ سٺو. هن اتي چندر جي نوڪريءَ لاءِ پڻ ڪوشش پئي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندر هن کي جواب ڏنو تہ مئي جي پڇاڙيءَ يا جون جي شروعات ۾ ايندس. بنتيءَ لاءِ گهڻا گهڻا. تمام گهڻا پيار موڪليائين. هن گيتا جي هتي اچڻ بابت اکر بہ ڪو نہ لکيو جو ڪيلاش ڪيس منع ڪري ويو هو.

چندر هينئر روز صبح جو اٿي گنگا تي وهنجڻ ويندو هو. موٽي اچي نوان نوان ڪتاب پڙهندو هو ۽ جو دور ڪندو هو. منجهند جو ريڊيو ٻڌندي ننڊ ڪندو هو ۽ شام جو گهمي ڦري سينيما ڏسڻ(Notes)اڳيـن ٽپن ويندو هو. سمهڻ وقت گيت پڙهندو هو ۽ گيتا جي پيار جي بادلن ۾ منهن لڪائي سمهي پوندو هو. جنهن ڏينهن ڪيلاش اسهٽو هو، تنهن ڏينهن هن وٽان هڪ خط آيو جنهن ۾ لکيو هئائين تہ پاڻ ۽ گيتا دهليءَ ۾ اچي ويا آهن. شنڪر ۽ نيلو ڪيس ڇڏڻ لاءِ بمبئيءَ تائين ويندا. تاڪيد ڪئي هئائينس تہ گيتا جي الهہ باد اچڻ جو ذڪر ڪنهن سان بہ نہ ڪجان. خط جي پڇاڙيءَ ۾ گيتا بہ ٻہ ٽي سٽون لکيون هيون.

چندر،

رام رام. تو مون کي جيڪا ساڙهي ڏني، سا پنهنجي ٽيڻ واري زال لاءِ خريد ڪري رکي هيئي ڇا؟ اها تہ منهنجي گوڏن تائين بہ ڪا نہ ٿي پهچي. خير ٻڍاپي ۾ جڏهن سسي ويندس، تڏهن اها پائيندس.... چڱو پيار! توکي جيڪي اتي ڇٽي ويئي هيس، تن ڳالهين کي وساري تہ ڪو نہ ڇڏيندين نہ؟ منهنجي تندرستي نيڪ آهي. مون هتي مهاتما گانڌيءَ جي آتم ڪٿا پڙهڻ شروع ڪئي آهي.

.....اڙي ها. مٺائي ڪاراءِ لالاجي. دهليءَ ۾ هتي سخت افواهہ ڦهليل ويا آهن تہ هند سرڪار جي شرنارٿي وياڳ ۾ جلد ئي پرياگ جو هڪ پروفيسر مقرر ٿيڻو آهي.

تنهنجي گيتا

ڪيلاش تہ بمبئيءَ پهچي ويو هوندو. اهو سوچي هن بمبئيءَ جي ڏنل ائڊرس تي هن کي نيڪ تمنائن جي هڪ تار موڪلي. گيتا کي هن ايئر ميل رستي جواب ڏنو. ان خط ۾ هن ڪيترين مٺاين جون شڪليون ڪڍي موڪليون.

چندر هينئر وري هڪ الجهن ۾ ڦاسي ويو. دهليءَ وڃي يا نہ وڃي. هو پنهنجي دل ۾ سرڪاري نوڪري ڪرڻ جي خلاف هو. هن کي موجوده هند سرڪار ۽ اڳين برٽش سرڪار ۾ گهڻو فرق نظر نٿي آيو. ذاتي ويچارن ۾ هو سوشلسٽن کي وڌيڪ ويجهو هو ۽ هو گيتا سان انجام ڪري چڪو هو تہ هينئر مان ڪم ڪندس، اوچو ٻڌبس، نالو ڪيندس. مگر سرڪاري هيلپو قبولي مٿي چڙهڻ هن جي ڪردار جي ابتڙ هو. هوڏانهن ڊاڪٽر شڪلا اها ئي ڪوشش ڪندو ٿي رهيو تہ چندر مرڪزي سرڪار ۾ ڪنهن عهدي تي مقرر ٿئي. هن چندر لاءِ اهو ئي مقصد مقرر ڪيو هو. چندر کي ڪاليج جي آزاد ۽ هلڪي نوڪري ئي پسند هئي. نيٺ هن اهو فيصلو ڪيو تہ هو پهرين اها نوڪري قبول ڪندو. پوءِ وري ڪاليج موٽي ايندو. هڪ ڏينهن رات جو جڏهن هو بجلي بند ڪري ڪليل ڪتاب اونڌو ڪري ڇاتيءَ تي رکي، ستارن ڏانهن نهاري سوچي رهيو هو تہ گيتا هينئر دهليءَ مان موٽي ويئي هوندي ۽ پاڻ جي دهليءَ وڃي تہ بنگلي ۾ ڪنهن کي رهائي وڃي، تہ ايتري ۾ بنگلي جو ٻاهريون دروازو کولي ڪو شخص اندر داخل ٿيو. هن کي عجب لڳو تہ هيڏي مهل رات جو ڪير آيو آهي، سو بہ سائيڪل تي. هن بتي ٻاري. تار وارو هو.

چندر رسيد جي ڪاغذ تي صحيح ڪري، تار جو لفافو کوليو. ڊاڪٽر صاحب تار ڪئي هئي. لکيل هو: ٻيءَ گاڏيءَ ۾ هڪدم هليو اچ. اسٽيشن تي پوري رنگ جي سرڪاري گاڏي تو لاءِ بيٺي هوندي. هن دل ئي دل ۾ چيو: چندر! تون ڦاسي وئين مرڪزي سرڪار جي زنجيرن ۾.

ننڊ هن جي اکين کان موڪلائي ويئي. هو اٿي کڙو ٿيو. ٽرين صبح جو ٽين بجي ٿي وئي. هينئر يارهن لڳا هئا. چار ڪلاڪ اڃا پيا هئا. هن ننڍي بئگ ۾ چار وڳا. ڪتاب ۽ ضروري شيون بند ڪيون ۽ مالهيءَ کي وٺي روانو ٿي ويو. موٽر ۾ وڃي ها، پر موٽر اسٽيشن تان واپس ڪير وٺي اچي. ڊرائيور ان وقت ڪو نہ هو. انهيءَ ڪري بئگ مالهيءَ کان کڻائي پنڌ نڪري پيو. رستي ۾ سئنيما تان موٽندڙ هڪ رڪشا ملي ويس.

چندر سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي ٺاٺ سان وڃي ٽرين ۾ ويٺو. ڪانپور ۾ هن سادي چانهہ پيتي ۽ اٽاوا ۾ ڊائيننگ ڪار ۾ وڃي نيرن ڪيائين. هن جي سامهون هڪ مارواڙي جوڙو ويٺو هو. جنهن سيڪنڊ ڪلاس ۾ مسافري ڪرڻ جي ڪري آني جي پڪوڙن ۽ ٻن آنن جي گياشن سان پيٽ پرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هٿرس اسٽيشن تي هڪ مزيدار واقعو ٿيو. انهيءَ اسٽيشن تي ننڍي ۽ وڏي لائين ڪراس ٿي ڪري. ننڍي لائين جي اسٽيشن مٿي پل تي آهي. گاڏي جڏهن اسٽيشن جي ويجهو پهچي رفتار گهٽائي تہ مارواڙي سيٺ ان وقت سمهيو پيو هو. سيٺياڻيءَ دريءَ کان ٻاهر نهاريو ۽ پوءِ رڙ ڪري چيائين. "اڙي، هي تہ ڏسو. ريل مٿان ٻي ريل چڙهي ويئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.“ مارواڙي ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ هراس ۾ اچي چيائين، ”باپ ڙي باپ! گاڏي اونڌي ٿي ويئي. جلدي ڪر، سامان لاهه! لٽجي وياسين. هتي ته جهنگل آهي. توکي هيترو چيم ته زيور نه کڻي هل.“

چندر کان ٺهڪ نڪري ويو. مارواڙي هن کي ڪلنڌو ڏسي حالت کي ڪجهه ڪجهه سمهي ويو ۽ چپ ڪري ويهي رهيو.

ايتري ۾ هڪ ٻڍي عورت ڳنڍڙي کڻي گاڏيءَ ۾ داخل ٿي. مارواڙيءَ هن کي هڪدم هڪل ڪري چيو، ”اي ٻڍي، هي سيڪنڊ ڪلاس آهي.“

”هوندو. سيڪنڊ ٿرڊ ته سڀ گوونڊ جي مايا آهي. ٻيٽا!“

چندر جو منهن ٻئي طرف هو. مگر هن سوچيو: هي شخص ته ڪو مهاگياني ٿو ڏسجي جو گوونڊ جي مايا جو آڌار وٺي، ريل گاڏي جي ڪلاسن جي فرق کي مٽائي، ان کي ٻه گوونڊ جي مايا ڪوني سگهي ٿو مگر هو مارواڙي گيتا ته هو ڪو نه. جنهن جي وشنو ساهتيه ۽ گوونڊ جي مايا ۾ ايڏي سچائي ۽ صدق هجي. سو هن جڏهن ٻڍيءَ کي ڌمڪايو ته گارڊ کي ٿو سڏ ڪريان ته ٻڍي صفا گرجي پئي: بس، بس هليو آهي مون کي ڌمڪائڻ! گارڊ ڇا تنهنجو ناني لڳي، جو هن کي سڏڻ هليو آهين. مٺو دنبو ڪٿي جو!

چندر کي کل اچي ويئي، آها نئين گار ٻڌي ۽ ان شخص کي ڏسڻ لاءِ هن منهن ڦيرايو. سامهون منهن ڍڪيل هڪ ٻڍي ويٺي هئي. چندر محسوس ڪيو ته هن کي اڳي ڪٿي ڏٺو اٿم.

هن کان پڇيائين، ”ڪيڏانهن وينديون مائي؟“

”ڪانپور وينديس.“

”مگر هيءَ گاڏي ته دهليءَ ويندي.“

”هاڻي وري تو ڳالهائڻ شروع ڪيو. مان توهان اڳيان ڌمڪجڻ جي نه آهيان. هيءَ گاڏي ڪانپور ويندي. مون کي خبر آهي.“ ڳالهائيندي هن هٿ پئي نچايا. پوءِ اوچتو چندر ڏانهن نهاري چپ ٿي ويئي. ”اڙي چندرا پٽ تون ڪٿان پيو اچين؟“

هيءَ ته پڦي آهي. پلا منهن ويڙهيل سا سجاڻپ ۾ ئي نٿي آئي. چندر هڪدم اٿي هن کي پيرين پيو. پڦي بندرابن مان موٽي هئي. هن هينئر چندر جي پرسان ويهندي چيو. ”هوءَ نئنين مري ويئي يا جيئري آهي؟“

”ڪير؟“

”اڙي اها ئي بنتي!“

”مرندي ڇو؟“

”شڪلا ته اسان جو خاندان ئي ٻوڙي ڇڏيو مگر جيئن هو منهنجي ڌيءَ کي وڏيءَ تان اٿاري آيو. ڀڳوان چاهيو ته سندس پيٽ ڇائيءَ سان ان کان به وڌيڪ خراب وڏن ٿيندي.“

چندر ڪو به جواب نه ڏنو. ٿوريءَ دير بعد پڦيءَ وري ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو، ”مونکي هينئر ڇا ڪرڻو آهي. مون سڀ موه مايا تياڳي ڇڏي آهي، مگر ان تياڳ ۾ ڪجهه سڪ آهي ته شڪلا کي پنهنجي ڪئي جو ڪيتو ضرور لوڙڻو پوندو.“

ڪانپور جي گاڏي آئي ته چندر پاڻ وڃي هن کي ان ۾ ويهاري آيو. پڦي به عجيب هئي. هوءَ اهو ڪڏهن به سمجهي نه سگهي ته بنتيءَ کي وڏيءَ تان اٿاري. ڊاڪٽر صاحب هن جو فائدو ڪيو يا نقصان. ٻيو مزو اهو هو ته هوءَ هڪ ئي جملي جي ٻهرئين اڌ ۾ مايا موهه تياڳڻ جو اعلان ڪندي ان ساڳئي جملي جي پوئين اڌ ۾ انتهائي خراب بددعائون ڏيئي رهي هئي. هندستان کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ديس ۾ توهان کي فيلسوفيءَ جو اهڙو مثال ملي نه سگهندو. ايتري ۾ چندر جي گاڏيءَ سيٽي هنئي. هو ڊوڙندو گاڏيءَ تي پهتو. پڦيءَ چندر جو خيال ترڪ ڪري پرَ ۾ ويٺل مسافرسان جهڳڙو شروع ڪيو.

چندر دهليءَ پهتو. ٻه ٽي سال اڳي به هو دهليءَ ۾ آيو هو. پر هينئر ته دهليءَ اسٽيشن جي رونق ئي ڦري ويئي هئي. گاڏي ڪلاڪ دير سان پهتي هئي. نو لڳي ويا هئا. اگر سرڪاري موٽر موٽي ويئي هوندي ته به ڊاڪٽر شڪلا جو بنگلو اهڙي ته مشهور سڙڪ تي هو جو چندر خيال ڪيو ته ان کي ڳولي لهڻ ۾ خاص ڏکيائي پيش نه ايندي. مگر هو جيئن ئي پليٽ فارم کان ٻاهر آيو تيئن ڏٺائين ته سامهون پوري رنگ جي شاندار موٽر بيٺي آهي. جنهن جي اڳيان بادشاهي تاج لڳل آهي. انجڻ جي هوڊ مٿان ترنگو جهنڊو پئي ڦڙڪيو. موٽر پرسان لال وردي پاتي هڪ خانصامان بيٺو هو ۽ موٽر اندر سڪ ڊرائيور ويٺو هو. چندر کي سوٽ هرو ڀرو خراب پيل ڪو نه هو، تڏهن به ان موٽر جي شان وٽان نه هو. پوءِ به هو رعب رکي اڳتي وڌيو ۽ ڊرائيور کان پڇيائين. ”هيءَ ڪنهن جي موٽر آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سرڪاري گاڏي آهي." ڊرائيور ڏاڍي خنڪيءَ سان جواب ڏنو.

"ڇا هيءَ موٽر ڊاڪٽر شڪلا موڪلي آهي؟"

"جي حضور!" ڊرائيور جو انداز هڪدم بدلجي ويو.

"توهين ئي هن جا فرزند آهيو..... چندر بهادر صاحب!" هن سڌو ٿي سلام ڪيو ۽ موٽر جو دروازو کوليو. چندر اندر وڃي ويٺو. جيڪو ڪولي سندس ننڍي بئگ کڻي آيو هو. تنهن کي اٺ آنہ ڏنائين. موٽر اڏامندي رواني ٿي ويئي.

چندر تمام اوچن خيالن جو هو. مگر اڄ ٿائين هو ڊاڪٽر صاحب جي اٺويهين صديءَ جي پراڻي موٽر ۾ ئي چڙهي گهميو هو. حڪومتي ۽ رياستي جهنڊي سان سينگاريل ۽ خانصامان سان گڏ موٽر ۾ چڙهڻ جو هن کي هي پهريون ئي موقعو مليو هو. هن کي ائين لڳو تہ ترنگي جو شان ۽ مان برطانوي سامراج جي هن حڪمرانيءَ جو شاهي دٻدٻو سندس من کي اڏائيندو ڪٽندو پيو وڃي. چندر سيٽجي ويٺو. پر ٿوري وقت بعد هن کي پاڻ تي کل اچي ويئي. هو سوچڻ لڳو تہ جن ماڻهن جي هٿن ۾ اڄ حڪومت جو ڪاروبار آهي. هنن موٽرن ۾ هنن خانصامانن انهن جي دلين کي پڻ ائين بدلائي ڇڏيو آهي جيئن گهڙي اڳ ڪيس بدلائي ڇڏيائون. هو بہ تہ نيٺ انسان آهن! هيترن ڏينهن کان حڪمرانيءَ جي پياس ۾ سڪندا رهيا آهن. اسين هنن کي اڄايو گهٽ وڌ ٿا ڳالهايون. چندر ڪان وري از خود کل نڪري ويئي.

دهليءَ ۾ الهہ آباد جيتري گرمي ڪا نہ هئي. موٽر هڪ بنگلي جي احاطي ۾ داخل ٿي ۽ پور ٽيڪو ۾ اچي بيٺي. بنگلو سادو نئين آمريڪن ڍنگ جو هو. خانصامان ڦڙتيءَ سان هيٺ لهي موٽر جو دروازو کوليو ۽ چندر هيٺ لٿو. ڊرائيور جي هارن وڄائڻ تي دروازو کليو ۽ بنتي ٻاهر آئي. هن جو منهن سڪل ۽ وار پريشان هئا. اکيون روئي روئي سڄي پيون هيس. چندر جي دل سست ٿي ويئي. رستي ۾ جيڪي سونهري سپنا لهندو پئي آيو، سي سڀ چور چور ٿي ويس.

"ڇو بنتي، نيڪ آهين نہ؟" چندر سوال ڪيو.

"اڄ چندر" چئي بنتي هن کي وٺي اندر وئي ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ چندر جي ٻانهن پڪڙي اچي سڏڪن ۾ پيئي. چندر گهٻرائجي ويو. "ڇو، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ٻڌاءِ نہ؟ ڊاڪٽر صاحب ڪٿي آهي؟"

"اندر آهي."

"پوءِ تون هيئن روئين ڇو پيئي؟" چندر بنتيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو. چندر کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ سڄي وايو منڊل تي ڪنهن پيانڪ يمدوت جو اونداهو پاڇو ڇانئجي ويو آهي. هن وري بہ ساڳيو سوال دهرايو. "ٻڌاءِ نہ، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

بنتيءَ ڏاڍي مشڪلات سان چيو. "ديدي گيتا ديدي...."

چندر تي ڄڻ بجلي ڪڙڪي. "ڇا ٿيو آهي گيتا کي؟"

بنتيءَ جواب ڪو نہ ڏنو. هن کي وٺي مٿي ويئي ۽ ڪمري جي ٻاهران پهچي چيائين. "ديدي هتي اندر آهي."

●

ڪمري اندر روشني بہ ڄڻ ڦڪي ۽ بيمار پئي لڳي. هڪ نرس سفيد پوشاڪ ۾ پلنگ جي سيرانديءَ کان بيٺي هئي. پرسان ڪرسيءَ تي ڊاڪٽر صاحب ڪنڌ جهڪائي ويٺو هو. گيتا چادر تاڻي سمهي پيئي هئي. نرس اڳيان بيٺي هئي، جنهن ڪري چندر کي گيتا جو چهرو نظر نہ آيو. چندر جي قدمن جي آهٽ ٻڌندي ئي نرس هن کي اک جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. چندر هڪي ٻڪي بيهي رهيو. ڊاڪٽر شڪلا ڪنڌ مٿي ڪٽي هن کي ڏنو تہ اٿي خود بہ ٻاهر نڪري آيو.

"ڇا ٿيو آهي گيتا کي؟" چندر بيحد وياڪل، ڏڪويل آواز ۾ پڇيو. ڊاڪٽر صاحب جواب ڪو نہ ڏنو. چپ چاپ چندر جي ڪلهي تي هٿ رکي هن کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. اتي نهايت ئي پياري آواز ۾ چيائين، "چندر، گيتا ويئي" ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

"هن کي ٿيو ڇا؟" چندر وري بہ ساڳئي وياڪل آواز ۾ پڇيو.

ڊاڪٽر صاحب نوٽ نگاهن سان چندر ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ ڪنڌ جهڪائي چيائين. "ائبارشن (ڪچو ويم)" ٿوري دير بعد وري منهن مٿي ڪري چندر کي ڪلهي کان پڪڙي چيائين. "چندر، گيتا کي بچاءِ. ڪنهن بہ نموني هن کي بچاءِ. مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي. هينئر هوءَ ڪا نہ بچندي. ٽن ڏينهن کان بيهوش پئي آهي. تون وڃ. ڪپڙا بدلائي ماني ڪائي وٺ. سڄي رات جو اوجاڳو هوندئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر چندر اٿيو ڪو نه. ڪنڌ جهڪائي اتي ويٺو رهيو. اتي نرس اچي چيو. "بليڊنگ (رت وهڻ) وري شروع ٿي ويئي آهي ۽ هن جي نبض ڍلي ٿيندي ٿي وڃي. ڊاڪٽر کي سڏي اچو..... هڪدم...." ۽ هوء وري تڪڙي تڪڙي موٽي وئي.

ڊاڪٽر شڪلا اتي ڪڙو ٿيو. هن جي اکين ۾ بيحد نراسائي هئي. اداسائي هئي. چيائين. "چندر مان وڃان ٿو. جلدي موٽي ٿو اچان."

چندر ڏنو ته موٽر هوا سان ڳالهيون ڪندي رواني ٿي ويئي. بنتيء اچي چيو. "چندر، هلي ماني کائي وٺ." مگر چندر ڄڻ ڪجهه ڪو نه ٻڌو.

"هي ڇا ٿيو بنتي؟" هن جي آواز ۾ بيحد گهبراهٽ ڀريل هئي.

"ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. تنهن ڏينهن صبح جو ڪيلاش بابو روانو ٿيو. منجهند جو پاپا به آفيس ڏانهن روانو ٿي ويو. مان سمهي پيئي هيس ته اوچتو ديديء رڙ ڪئي. مان جاڳي ڇا ڏسان ته ديدي بيهوش پيئي آهي. مون هڪدم پاپا کي فون ڪيو. پاپا ڊاڪٽر کي وٺي آيو. بس انهيء کان پوء پاپا ۽ نرس کان سواء ٻئي ڪنهن کي به ديديء وٽ وڃڻ نٿو ڏنو وڃي. مون کي به وڃڻ نٿو ڏنو وڃي.

بنتي روئڻ لڳي. چندر ڪجهه ڪو نه چيو. پٿر جو بت بڻيو ڪرسيء تي ويٺو رهيو ۽ دريء کان ٻاهر نهاريندو رهيو.

ٿوري دير بعد ڊاڪٽر واپس موٽيو. هن سان گڏ ٽي ڊاڪٽر هئا. ڊاڪٽر اندر ڏهه منٽ گيتا جي تپاس ڪندا رهيا، پوء الڳ ڪمري ۾ وڃي صلاح ڪرڻ ويٺا. جڏهن ٻاهر آيا ته ڊاڪٽر شڪلا نهايت اتاولائيء سان هنن کان پڇيو. "اميد آهي؟"

"گهٻرائجو نه. جيستائين هن جو اندر پوري طرح صفا نه ٿيو آهي تيستائين رت جو وهڪرو بند نه ٿيندو. هوش ۾ آڻڻ لاءِ هن کي هڪ سئي هڻون ٿا..... هينئر ٺي."

سئي هڻي ڊاڪٽر هليا ويا. پاپا وري گيتا جي پرسان ويٺو. بنتي ۽ چندر چپ چاپ ويٺا رهيا. اٽڪل پنجن منٽن بعد گيتا ڀيانڪ آواز ۾ ڪرڪڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر شڪلا اتي ٻاهر آيو ۽ چندر کي چيائين، "بليڊنگ تمام گهٽي ٿي رهي اٿس...." ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪرسيء تي ويهي رهيو.

پر واري ڪمري مان گيتا جون درد ڀريون دانهون ۽ ڪوڪون پئي آيون ۽ بنگلي جي سناٽي ۾ ڇڻ ڦٽڪڻ لڳيون. زنده مرغيء جو جڏهن پڇ ۽ پر ڇني الڳ ڪيا ويندا آهن، ان وقت هوء جنهن نموني ڦٽڪندي آهي، ڪيڪاٽ ڪندي آهي، توهان جيڪڏهن اهو سڀ ڏٺو ۽ ٻڌو هوندو ته ٿي اندازو لڳائي سگهندا ته گيتا جي اٿين ڦٽڪڻ ۽ ڪرڪڻ ۾ ڪيڏي نه ڀيانڪ پيڙا ڀريل هئي. ٿوري وقت لاءِ هن جو ڪنجهڻ بند ٿيو. پر پوء اوچتو هن وري اٿين درد ناڪ رڙ ڪئي جيئن ڳئون ڪنڌ تي ڪاتي وهڻ ويل خوفناڪ رنڀ ڪندي آهي. پاپا ڊوڙندو اندر ڪمري ڏانهن ڀڳو. گيتا جي اها ڀيانڪ رڙ فضا ۾ ترندي چڪر ڪاٽڻ لڳي. بنتي روئي رهي هئي، چندر جي زرد چهري تان پگهر جون لارون وهي رهيون هيون. پاپا ٻاهر آيو. "ڇا اسين اندر نٿا وڃي سگهون؟" چندر هن کان پڇيو.

"هينئر نه. بليڊنگ بندْ ٿي اٿس. نرس هن جا ڪپڙا مٽائي رهي آهي، پوء..."

ٿوري دير بعد ٽيئي اندر ويا ۽ پلنگ سامهون بيهي رهيا. چندر هينئر گيتا کي ڏٺو. هن جو چهرو سفيد ٿي ويو هو جيئن سياري جي ڏينهن ۾ گهڻو وقت پاڻيء ۾ هٿ وجهڻ سبب آڱرين مان رت گم ٿي ويندو آهي ۽ انهن جي لالائي گم ٿي ويندي آهي. منهن جون هڏيون نڪري آيون هيس. چپ ڪارا ٿي ويا هئس. اکين جي چوڌاري ڪارا گول پئي ڏنس. هن جي اکين جا تارا ڄڻ ٻاهر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. گهڻي رت وهڻ سبب هن جو جسم اهڙو ته ڪمزور بڻجي ويو هو. جو بدن ۾ ماس ڄڻ هو ئي ڪو نه. صرف هڏن جو پڃرو هو. جنهن مٿان ڪنهن چمڙيء جو ته چاڙهي ڇڏيو هو. چندر ڏڄندي هبڪندي هن جي مٿي تي هٿ رکيو. گيتا جي چپن ۾ هلڪي لرزش آئي. هن جو وات ٿورو کليو پر اکيون اٿين ئي بند رهيون. هن پاسو بدلايو. اٿين ڪندي هوء وري ڪنجهڻ لڳي ۽ هن جو سڄو جسم ڏڪي ويو. نرس هن جي نبض تپاسي. پوء چيائين. "هينئر ٺيڪ آهي، فقط ڪمزوري اٿس."

ٿوري دير بعد هن کي پگهر اچڻ شروع ٿيو. پگهر اگهندي اگهندي منجهند جو هڪ اچي لڳو. بنتيء ڊاڪٽر شڪلا کي چيو. "توهين اتي ٿورو آرام ڪريو. چندر آيو آهي. هو هتي ويٺو آهي. نرس به آهي."

ڊاڪٽر صاحب جون اکيون لڳاتار اوجاڳي سبب ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. بنتيء جي چوڻ تي هو وڃي کٽ تي ليٽي پيو. نرس چيو. "مان به ٻاهر آرام ڪرسيء تي وڃي ٿي ليٽان. ضرورت پوي ته مون کي سڏ ڪجو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇندر اٿي گيتا جي سيرانديءَ ڪان ٿي ويٺو. بنتيءَ هن کي چيو، "تون بہ بلڪل ٿڪل هوندي. وڃ تون بہ وڃي ٿورو آرام ڪري وٺ. مان هتي ويٺي آهيان."

ڇندر جواب ڪو نہ ڏنو. چپ چاپ ويٺو رهيو. بنتيءَ اٿي سڀ دريون کولي ڇڏيون. پوءِ اچي ڇندر جي پرسان ويٺي. گيتا کي هينئر آرام هو. ٿوري دير بعد بنتيءَ واچ ۾ وقت ڏسي، گيتا جي وات ۾ دوا وڌي. اوچتو ڊاڪٽر صاحب وائڙن جيان آيو ۽ گهبرايل آواز ۾ چيائين، "ڇو، ڇا آهي؟ گيتا رڙيون ڇو ٿي ڪري؟"

"ڪجهہ ڪونهي. گيتا تہ سمهي پيئي آهي." بنتيءَ هن کي چيو.

"تہ مون شايد ننڊ ۾ هن جون رڙيون ٻڌيون." هو گيتا جي پرسان بيهي هن جي مٿي تي هلڪو هٿ ڦيريندو رهيو، پوءِ موٽي هليو ويو. بنتي ڇندر کي ٻاهر وٺي ويئي ۽ هن کي چيائين، "تون سپاٽي ڪيلاش بابوءَ کي هڪ تار ڪري ڇڏ."

"مگر هو هينئر هوندو ڪٿي؟"

"وزگا پٽم يا ڪولمبو ۾ جهاز ڪمپنيءَ معرفت هن کي تار موڪلي ڇڏ."

ٻئي وري اچي گيتا جي پرسان ويٺا. نرس ٻاهر ليٽي پيئي هئي. ساڍا ٽي لڳي ويا هئا. ٿڌي هوا پئي لڳي. بنتي ڇندر جي ڪلهي تي مٿو رکي سمهي پئي هئي. اوچتو گيتا جا چپ هليا ۽ هن جهيڻي آواز ۾ ڪجهہ چيو. ڇندر گيتا جي مٿي تي هٿ رکيو. هن جو نرڙ تمام گرم ٿي ويو هو. ڇندر گهبرائجي ويو. هن اٿي وڃي نرس کي جاڳايو. نرس گيتا جي بغل ۾ ٿرماميٽر وجهي تپاسيو... هڪ سو پنج ڊگريون هن جو سڄو بدن ڇڻ جلي رهيو هو ۽ رکي رکي هوءَ ڏکي پئي. ڇندر گهبرائجي نرس ڏانهن نهاريو. "گهبرايو نہ. ڊاڪٽر هينئر اچڻو آهي." مگر گيتا جي حالت بگڙجڻ لڳي. هن جون ڪيڪون وري هوا جي لهرن تي ترنديون ڪمري جي ديوارن سان ٽڪرجڻ لڳيون. نرس هنن سيني کي ٻاهر موڪلي گيتا جو بدن اگهڻ لڳي.

اوچتو گيتا رڙ ڪئي.... پاپا! هن جي اها رڙ اهڙي تہ خوفناڪ هئي، ڄڻ دوزخ جا فرشتا هن کي پڪڙي وٺي وڃي رهيا هئا. پاپا ڊوڙندو آيو. گيتا جو منهن لال ٿي ويو هو ۽ هوءَ هٿ پير اڇلي رهي هئي. پاپا کي ڏسندي ئي چيائين: "پاپا! ڇندر کي الهہ آباد مان سڏايو...."

"ڇندر اچي ويو آهي پٽ. سڏ تہ ڪريانس." پاپا جيئن ئي هن جي مٿي تي هٿ ڦيرايو تہ گيتا وري رڙ ڪري اٿي: تون پاپا ڪو نہ آهين...... ڪير آهين تون؟ دور هٽ مون کي هٿ نہ لاءِ..... اڙي بنتي....!

ڊاڪٽر شڪلا نرس ڏانهن نهاريو. نرس چيو، "خنڪيءَ وچان وقلي رهي آهي. ڊاڪٽر کي سڏي وٺو."

گيتا پاسو ڦيرايو ۽ نرس کي ڏسي چيائين، "ڪير گيسو! اچ هتي ويهہ، ڇندر ونهنجي پيو. ترس، اجهو سڏي ٿي اچانس. اڙي ڇندر....." هوءَ سهڪڻ لڳي. اکيون بند ڪري، سڏڪن ڀرئي آواز ۾ چيائين: پاپا، توهين ڪيڏانهن ويا؟

نرس ڇندر ۽ بنتيءَ کي اندر سڏ ڪيو. بنتي گيتا جي پرسان پهچي، لڙڪ اگهي چيو، "ديدي، اچي ويا آهيون." هن گيتا جي ٻانهن تي هٿ رکيو. گيتا اکيون ڪو نہ کوليون. صرف بنتيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيائين، "بنتي، پاپا ڪيڏانهن ويو آهي؟"

"هي ويٺو آهي نہ پاپا."

"ڪوڙ نہ ڳالهاءِ، ڪمبخت!... ڇگو وٺ، شربت تيار آهي. وڃ، ڇندر اپياس واري ڪمري ۾ ويٺو اٿيئي، هن کي سڏي اچ." بنتي وڌيڪ پاڻ سنڀالي نہ سگهي، اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي.

"اڙي روئين ڇو ٿي؟" گيتا ڪنجهندي چيو، "مان ويندس تہ ڇندر کي تو وٽ ڇڏي ويندس. وڃ، ڇندر کي جلدي سڏي اچ، برف ڳري پوري ٿي ويندي. شربت ڇاٽيو اٿئي نہ؟"

ڇندر اڳتي وڌيو. اکين ۾ ڀرجي آيل لڙڪن کي اندر ئي دٻائي، ڀريل آواز ۾ چيائين، "گيتا، اکيون کول. مان اچي ويو آهيان."

ڊاڪٽر ڪرسيءَ تي ويٺو دٻيل سڏڪا ڀري رهيو هو. گيتا اکيون کوليون ۽ ڇندر کي ڏسندي ئي وري رڙ ڪري اٿي..... تون..... تون؟ ڇا تون آسٽريليا مان موٽي آئين؟ ڪوڙا. تون ڇندر آهين؟ ڇا مان توکي سڃاڻان ڪا نہ ٿي؟ هاڻي وري ڇا کپئي؟ توکي هيترو چيم. هيڏا هٿ جوڙيم! منهنجي حالت ڪهڙي آهي؟ مگر توکي ڪهڙي پرواه! تون هليو وڃ هتان. نہ تہ مان پنهنجو مٿو ڦاڙي ڇڏيندس." ۽ گيتا سچ پچ پنهنجو مٿو پلنگ سان ٽڪرائڻ شروع ڪيو. "اڃا اتي بيٺو آهين؟" نرس هن کي اشارو ڪيو. ڇندر ڪمري مان ٻاهر وڃي ڪنڌ جهڪائي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. گيتا اکيون کولي ڦاٿل نگاهن سان ڇوڌاري نهارڻ لڳي. پوءِ نرس کي چيائين، "گيسو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون تمام بهادر آهين. تو ﭘاڻ کي وڪيو ڪو نه. ﭘنهنجي ﭘيرن تي ئي بيٺي رهينءَ. تون ڪنهن جي ﭘناري ڪا نه ﭘيئي آهين. گيسو. ڪير به توکي فقط ڪاڏو ڪپڙو ڏيئي خريد ڪري نٿو سگهي. بنتي ڪيڏانهن ويئي....؟"

"مان هتي ئي بيٺي آهيان ديدي."

"چڱو.... ﭘاﭘا ڪٿي آهي؟" گيتا وري ڪنجهندي ﭘڇيو.

ڊاڪٽر اٿي وري ﭘرسان آيو ۽ ڏاڍي اڪير وچان هن جي ﭘيشانيءَ تي هٿ ڦيريندي چيائين، "ﭘٽ!"

گيتا روئي ڏنو. "ﭘاﭘا، توهين هيترو وقت ڪٿي هئا؟ مون هيترا سڏ ڪيا ته توهان جواب به ڪو نه ڏنو، نه چندر ئي آيو. هتي ايڏي ته اڪيلائي هئي جو مون کي ته ڊپ ﭘئي لڳو وڃو. مهراجڻ ڦلڪو سيڪي رکيو آهي، وڃي گرم گرم کائي وٺو. چڱو هتي ئي ويهو. ﭘاﭘا، مون توهان لاءِ نانختائي ناهي آهي."

ڊاڪٽر شڪلا سڏڪا ﭘريندو اٿي هليو ويو. بنتيءَ وري چندر کي سڏ ڪيو. ٻاهر اچي ڏسي ته چندر مٿن ۾ منهن لڪائي ويٺو آهي. بنتيءَ اڳتي وڌي چندر جي ڪلهي تي هٿ رکيو. چيائين. "هل چندر، ديدي وري بيهوش ٿي وئي آهي."

ايتري ۾ نرس اچي چيو، "هوءَ وري هوش ۾ اچي ويئي آهي. توهين ڀئي اندر هلو."

گيتا جون اکيون هينئر کلي ويون هيون. چندر کي ڏسندي ئي چيائين، "اچ چندر! تو ماستر جو بندوبست ڪيو؟ جيڪي ﭘڙهيو هوم سو به وسري رهيو اٿم. هاڻي هن امتحان ۾ مان ﭘاس ڪا نه ٿينديس."

نرس چيو، "هن کي اجا خنڪي آهي." گيتا وري اوچتو چندر جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ اکين مٿان ﭘنهنجو هٿ رکي چيائين، "هي ڪير آيو آهي؟ هي چندر ڪونهي، هي چندر ڪونهي. چندر هجي ها ته مون تي ڪاوڙ ڪري ها ته بيمار ڇو ﭘئي آهين. هاڻي توهين ئي ٻڌايو ته مان چندر کي ڀلا ڪهڙو جواب ڏينديس.... گيسو. چندر کي سڏي وٺ. زندگيءَ ۾ ته دشمني نڀائيائين.... چئينس هاڻي ته موت ۾ ته اها دشمني نه نڀائي."

اوچتو ڊاڪٽر اندر لنگهي آيو. چيائين، "خنڪيءَ ۾ مريض جي ڇوڏاري هيڏو ميڙاڪو! تڏهن ته هن جي خنڪي وڌي آهي." ڊاڪٽر انگريز هو. بنتي ۽ چندر اٿي ٻاهر هليا ويا. بنتيءَ چيو، "هي سول سرجن آهي." هن ڊاڪٽر شڪلا کي به ٻاهر موڪليو. صرف نرس اندر رهي. ٿوري دير بعد هو جڏهن ٻاهر آيو ته هن جو چهرو ڪارائجي ويو هو.

"ڇا هن کي هي ﭘهريون ﭘيٽ هو؟"

"جي ها."

ڊاڪٽر ڪنڌ ڌوڻي چيو. "هينئر هن جي حالت ضابطي کان ٻاهر ﭘهچي چڪي آهي. هن کي اسﭘتال وٺي هلو. سيون لڳنديس." ﭘوءِ ڊاڪٽر شڪلا ڏانهن منهن ڪري چيائين، "ڪهڙو بيوقوف ڊاڪٽر هن جي دوا ڪري رهيو آهي؟ هن جي بدن ۾ زهر ﭘرجي ويو آهي. سﭘاٽي تائين سڄي بدن ۾ ڦهلجي ويندو."

چندر فون ڪيو. ايمبولينس اچي ويئي. گيتا اسﭘتال ڏانهن رواني ٿي.

سڄو ڏينهن الڪي ۾ گذريو. ٽن ٽن ڪلاڪن بعد سيون ﭘئي لڳيون. منجهند جو ٻي بجي سئي هڻڻ بعد ڊاڪٽر ٿورو سامت جو ساهه کڻي چيو، "هينئر ڪجهه اميد آهي. ٻارهن ڪلاڪ ڪڍي وٺي ته هوءَ بچي ويندي."

ڪهڙو نه ڀيانڪ ڏينهن هو! ڪمري جي ڇت تمام مٿي هئي، ورانڊي ۾ ٽاٽ جا ﭘردا لڳل هئا. ٻاهر جلائيندڙ لڪ اَسُرن جيان هوُ هوُ جا گهوگهاٽ ڪيندي ﭘئي لڳي. ڊاڪٽر شڪلا ڏيءُ جي مٿن کان ويٺو هو. موت سان ڪشمڪش ڪندڙ ڌيءُ ڏانهن نوٽ نگاهن سان نهاري رهيو هو. بنتي ۽ چندر بنا ڪاٺ ﭘيٺڻ جي چپ چاپ ويٺا هئا. رکي رکي بنتيءَ کان سڏڪو ﭘرجي ٿي ويو، مگر چندر ﭘنهنجي دل تي ﭘٿر رکي ڇڏيا هئا. هو يڪ ٽڪ سامهون ٽنگيل گهڙيال ڏانهن نهاري رهيو هو. ڪمري جي فضا ۾ سانت هئي. فقط رکي رکي بنتيءَ جا سڏڪا، ﭘاﭘا جون سرد آهون ۽ گهڙيال جي لاڳيتي ٽڪ ٽڪ جو آواز ٻڌڻ ۾ ﭘئي آيو.

چندر جو هٿ بنتيءَ جي هنج ۾ هو. هڪ خاموش احساس بنتيءَ کي سنڀالي ويٺو هو. چندر ڪڏهن بنتيءَ ڏانهن ٿي نهاريو، ڪڏهن گهڙيال ڏانهن. گيتا ڏانهن نهارڻ جي هن کي همت نٿي ٿي. ڏک جڏهن انسان جي دل تي سخت ۾ سخت چوٽ ﭘهچائڻ چاهيندو آهي تڏهن اڪثر انسان جي روح ۽ من کي ڄڻ ڪلورو فارم سنگهائي، بيسڌ بنائي ڇڏيندو آهي. چندر جي سوچڻ سمجهڻ جي سگهه به ڄڻ گم ٿي وئي هئي. هو بلڪل خاموش.....

گهڙيال جا ڪانٽا بنا ساهي ﭘٽڻ جي ڇرندا ٿي رهيا. سرجن ڪيترا دفعا اچي ٿي ويو هو. نرس اچي ٽيمﭘريچر جانچيو رات جو ٻارهين بجي ٽيمﭘريچر گهٽجڻ شروع ٿيو. ڊاڪٽر شڪلا جي اکين ۾ ڄڻ جان آئي. نيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بارهن لڳي پنج منٽ ٿيا ته گيتا اکيون کوليون. چندر خوشيءَ ۾ پرچي بنتيءَ جو هٿ زور سان دٻايو. گيتا چوڌاري نگاهه ڦيرائي. پاپا کي ڏسندي ئي هن جي منهن تي هلڪي مرڪ وري آئي.

"بنتي ڪٿي آهي؟" گيتا نهايت ئي جهيڻي آواز ۾ پڇيو.

بنتي ۽ چندر اڳتي وڌي آيا.

"آها! چندر تون اچي ويئين؟ مون لاءِ چا وٺي آيو آهين؟"

"پڳلي ڪٿي جي!" خوشيءَ وچان چندر ٻيو ڪجهه به چئي نه سگهيو.

"چندر تون هيڏي دير ڪري چو آئين؟"

"مان ڪالهه رات ئي اچي ويو هوس."

"هل. ڪوڙ ڳالهائڻ ته تنهنجو مذهب ٿي ويو آهي. ڪالهه رات اچين ها ته هيل تائين مان چڱي ڀلي ٿي وڃان ها." هوءَ وري ڳالهائيندي سهڪڻ لڳي.

سرجن آيو. ڏسي چيائين. "هن سان گهڻو نه ڳالهايو."

هن دوا ناهي گيتا کي ڏني ۽ اسٽيٿاسڪوپ سان هن جي ... پوءِ ڊاڪٽر شڪلا کي پاسيرو ڪري چيائين. "اڃا به ڪلاڪ خطرو آهي. مگر توهين پريشان نه ٿيو. هينئر بارهن آنا اميد آهي. مريض جيڪي چوي تنهن ۾ هن کي ڪو به ڌيڪ مهڻو ۽ رد ڪد نه ڏجو. هن کي ڪنهن به نموني خفا نه ڪجو."

گيتا چندر کي پاڻ وٽ سڏيو. "چندر پاپا کي نه ٻڌائجان. مگر مان هينئر بچنديس ڪا نه. هائي ڪيڏانهن به نه وڃجان. هتي منهنجي پرسان رهجان."

"چي پڳلي! ڊاڪٽر چوي ٿو ته هينئر ڪو به خطرو نه آهي." چندر بيحد پيار پرئي آواز ۾ چيو. "هينئر ته منهنجي لاءِ زنده رهندينءَ نه؟"

"ڪوشش ته ڪريان پئي چندر! موت سان چڪري کائوان پيئي. چندر. هن کي هڪ تار موڪلي ڇڏ. خبر نه آهي ته هن کي وري ڏسي سگهنديس يا نه."

"اڳي ئي موڪلي اٿم گيتا." چوندي چندر ڪنڌ جهڪائي سوچڻ لڳو.

"چا ٿو سوچين چندر؟ هن کي مان انهيءَ لاءِ ڏسڻ ٿي چاهيان جيئن مرڻ کان اڳي هن کي معافي ڏئي وڃان. هن کان معافي وٺي وڃان.... ها پاپا. منهنجو پاڳوٽ گهرايو؟"

"صبح جو گهرائي وٺندس پٽ. هينئر رات جو هڪ لڳو آهي."

"ڏسو...." گيتا چيو. "بنتيءَ تون هيڏانهن اچ."

بنتي ويجهو آئي گيتا هن کي هيٺ ڪري هن جي پيشاني چمندي چيو. "راڻي. توکي جيڪي اچ تائين سمجهايو اٿم. ائين ئي ڪجان. پاپا کي تنهنجي ذمي ڇڏي ٿي وڃان."

بنتيءَ روئي چيو. "ديدي. تون اهي ڳالهيون چو ٿي ڪرين."

گيتا جواب ڪو نه ڏنو.

"وڃو پاپا. توهين وڃي آرام ڪريو."

"ها پٽ. سمهان ٿو...."

"وڃو. نه ته مان وري چڱي ڀلي نه ٿينديس. وڃو......"

سول سرجن چئي ويو هو ته هن جي ڪنهن به مرضيءَ جي خلاف نه ڪجو. ڊاڪٽر شڪلا چپ چاپ اٿيو ۽ ٻاهر ورانڊي ۾ بيل ڪٽ تي وڃي ليٽيو.

گيتا وري چندر کي سڏيو. چيائين. "مان ... نٿي سگهان.... بنتي هيڏانهن اچ. چندر جا پير ڇهه. اڙي پڳلي. پنهنجي مٿي تي نه. منهنجي مٿي تي هٿ گهمائ. مان اٿي. نوڙي نٿي سگهان." بنتيءَ روئندي گيتا جي مٿي تي چندر جي پيرن جي دز لڳائي. "اڙي روئين چو ٿي پڳلي! مان مري وينديس ته چندر ته آهي نه. هتي ويهه. منهنجي پرسان. پنهنجو هٿ منهنجي چپن تي رکي. ها ائين.... چندر مان مري وڃان ته تون روئجان نه. تون عرش کان اوچو رهندين ته مون کي بيحد آرام ملندو. مان جيڪي حاصل ڪري نه سگهيس سو شايد تنهنجي ذريعي حاصل ٿيندم. ۽ ڏس. پاپا کي دهليءَ ۾ اڪيلو نه ڇڏجان. نه. مان مرنديس ڪا نه چندر.... هي دوزخ پوڳيندي به توکي پيار ڪندي رهنديس. مان مرڻ نٿي چاهيان. تون مون کي وري الائي ملين يا نه چندر! اف..... ڪيڏي نه پيڙا سني اٿم. چندر. اسان ڪڏهن به ائين ڪو نه سوچيو..... اڙي هٿ... هٿ چندر!"

اوچتو گيتا جي اکين ۾ وري انڌارو ڇائنجي ويو. "چندر پيچ. تنهنجي پنيان هي ڪير بيٺو آهي؟" چندر گهبرائجي اٿي کڙو ٿيو. پنيان ڪير ڪو نه هو. "اڙي چندر. توکي هو پڪڙي رهيو آهي. چندر تون مون وٽ اچ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏانهن اچ." گيتا چندر جو هٿ پڪڙيو. بنتي ڊاڪٽر کي سڏڻ لاءِ ڊوڙي. نرس ڊڪ پائيندي آئي. گيتا رڙيون ڪري رهي هئي. "تون ڪير آهين؟ تون چندر کي وٺي وڃي نٿو سگهين. مان توسان هلان ٿي. نه! چندر مان وڃان ٿي هن سان گڏ. گهبرائجان نه. مان ڇاڻ موٽي آيس. تون تيستائين چانهه پي وٺجان نه. مان توکي ان دوزخ ۾ وڃڻ نه ڏينديس. مان وڃي رهي آهيان. بنتي منهنجو چمپل ڪٿي اچ.... اڙي پاپا ڪٿي آهي.... پاپا!....

۽ گيتا جو ڪنڌ چندر جي ٻانهن تي ڍرڪي پيو. بنتيءَ کي نرس سنڀاليو ۽ ڊاڪٽر شڪلا پاڳلن جيان سرجن جي بنگلي ڏانهن ڊوڙيو. ٽن.... ٽن.... گهڙيال ٻن جا ٺڪاو هنيا.

سڏا جو لاش جنهن وقت ايمبولينس موٽر ۾ بنگلي تي پهتو ان وقت شنڪر بابو به اتي پهتو..... هو ڪنوار کي وٺڻ آيو هو.

●

زندگيءَ جي ڏکن جو چڪر هڪ ڦيرو پورو ڪري چڪو هو. ستارا هڪ افق کان اڀري، آسمان پار ڪري ٻئي افق تي پهچي ويا هئا. سال ڏيڍ اڳي اوچتو جيون لهرن ۾ اٿل پٿل متي هئي ۽ طوفاني ساگرن جي مست لهرن جيان، ٻانهون پساري ڪنهن کي پنهنجي دامن ۾ دٻائي گهٽڻ لاءِ گرجي رهيون هيون. پنهنجي ڀيانڪ لهرن جي شڪنجي ۾ سيني کي پيڙي، سيني جي پروسن. احساسن کي چور چور ڪري سيني کان پياري. سيني کان معصوم. سيني کان سهڻي شخصيت کي ڳڙڪائي. هينئر اهو ساگر مانو تي ويو هو. طوفان بند ٿي ويو هو. بادل هٽي ويا هئا. ۽ ستارا وري آسمان جي اڪيڙن مان ليئا پائي رهيا هئا.

ڊاڪٽر شڪلا موڪل وٺي پرياگ پهچي ويو هو. پوڄا پاٺ هن کان ڇٽي ويو هو. اڳي ڪنهن به هن کي ڪڏهن ڳائيندو ڪو نه ڏٺو هو. هينئر هو روز صبح جو اٿي. بنگلي جي اڳ واري باغيچي جي سبز ٻاري ۾ اچ وڄ ڪندي هڪ ڀڄن ڳائيندو هو..... جاڳهو ري ورش ڀانوُ دلاري...! ان ڀڄن جون هو فقط پهريون به سٽون ڳائيندو هو. بنتي، جا اڳي اهڙي سهڻي لڳندي هئي سا هينئر خاموش پيڙا ۽ اڳين خوشيءَ ڀريل ڏينهن جي يادگيريءَ جي پاڇي جي مورتي بڻجي وئي هئي. چندر به ماٺ هو. پٿر بڻجي ويو هو. هن جي پيشانيءَ تان رونق اڏامي وئي هئي ۽ هينئر هو به ٻڍو پيو لڳندوهو. اهو سڀ فقط پندرهن ڏينهن اندر ٿي ويو هو.

چيٽ جي ڏسنڻ تي ڊاڪٽر صاحب چيو، "چندر، اچ وڃي هن جي هاڻي پروار ڪري اچ. مگر ٻڌ، شام جو وڃجان. جڏهن اتي ڀيڙ نه هجي." ۽ هو وري اچ وڄ ڪندي ڇپن ۾ ڪجهه ڳائڻ لڳو.

شام جو چندر هليو ته بنتي چپ چاپ هن سان گڏ هلي. نه بنتيءَ پڇيو ته هلان يا نه. نه چندر اعتراض ورتو ته تون ڇو ٿي هلين. ٻئي خاموش هلندا رهيا. موٽر ۾ ويهڻ بعد چندر هانيءَ جي ڳنڙي بنتيءَ جي گود ۾ ڪٽي رکي. تروينيءَ وٽ پهچي موٽر بيٺي. هلڪي چانڊوڪي ميري ڪفن جيان. لهرن جي لاش مٿان پکڙيل هئي. سڄو ڏينهن محنت ڪري ملاح هينئر ٿڪجي وڃي آرامي ٿيا هئا. هڪ ٻڍي ويٺي چلم ڇڪي. چندر چپ چاپ هن جي ٻيڙيءَ تي وڃي ويٺو. بنتي به هن جي پر ۾ وڃي ويٺي. ٻئي خاموش هئا. صرف پاڻيءَ ۾ مڇين جي هلڻ جو آواز پئي آيو. ملاح سنگم وٽ پهچي ٻيڙي ڪناري تي ٻڌي چيو. "وهنجي وٺو بابو." ملاح سمجهيو ته بابو صرف سير لاءِ آيو آهي.

"تون وڃ."

ملاح اکين کان اوجهل ٿي ويو. دور دور تائين ماٺ.... سڄ ۽ سناٽو. چندر ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو. بنتي به ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي رهي. ٿوري دير بعد هوءَ پنهنجن سڏڪن کي سنڀالي نه سگهي. چندر ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ فولادي هٿن سان بنتيءَ کي پڪڙي. هن کي ڌونڌاڙي چيائين، "روئنديءَ ته ڪٽي هتي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪندوسانءِ. ڪمبخت! اياڳي!"

بنتي چپ ٿي ويئي.

چندر چپ چاپ ويٺو وهندڙ پاڻيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. ٿوري دير بعد هن ڳنڙي کولي. پوءِ وري روڪجي ويو. شايد ان کي نديءَ ۾ اڇلڻ جي هن کي همت نٿي ٿي. بنتيءَ پرسان اڇي رک جي مٺ ڀري ۽ پنهنجي ساڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ ٻڌڻ لڳي. چندر خاموش نگاهن سان هن ڏانهن نهاريو. پوءِ جهٽڪو ڏئي. بنتيءَ جي ساڙهيءَ جي اها ڪنڊ پڪڙي، هن کان رک ڪسي ورتائين ۽ ڏند ڪرٽيندي چيائين. "بدتميز ڪٿان جي! رک کي به نه ڇڏيندينءَ اياڳي!" ۽ پوءِ هڪدم ڪپڙي سميت سموري رک ڪٽي پاڻيءَ ۾ اڇلايائين. ٻرندڙ نگاهن سان هڪ دفعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنتيءَ ڏانهن نهاري هن وري پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. لهرن تي رکئا هڪ زهريلي وروڪڙ نانگ جيان سرندي اڳتي وڌي رهي هئي. بنتي گونگا سڏڪا ڀرڻ لڳي.

”چپ ڪا نہ ڪندينءَ؟“ چندر پاڳلن جيان پڇيو ۽ بنتيءَ کي ٺيلهو ڏنائين. بنتي ٻيڙي جي وچ ۾ پيل بانس جي ڪاٺيءَ کي پڪڙي ورتو ۽ هن ڪان رڙ نڪري ويئي.

ان رڙ ڇڻ چندر کي هوش ۾ آڻي ڇڏيو. هو ٿوري دير چپ چاپ ويٺو رهيو. پوءِ هيٺ جهڪي ٻڪ ۾ پاڻي ڀري منهن ڌوتائين ۽ بنتيءَ جي ساڙهيءَ جي پلئہ سان منهن اگهي ڏاڍي مٺڙي آواز ۾ چيائين، ”بنتي! روءُ نہ. مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي، روءُ نہ.“ چندر جو گلو ڀرجي آيو. اکين ۾ نير تري آيس. ”چپ ڪر راڻي! مان وري ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندس. اڙي، هاڻي اسان ٻنهي کي ٿي نياڻو آهي بنتي!“ ڇن پٽ ۾ جيڪا ٿوري رک ٻيڙيءَ جي تختي تي ڪري پئي هئي، چندر هينئر ان مان چپٽي ڀري بنتيءَ جي سينڌ ۾ سنڌور جيان لڳائي ۽ هن جي سينڌ کي چميو. هن جا چپ رک سان ڀرجي ويا.

ستارا ٽٽي چڪا هئا، طوفان ختم ٿي ويو هو.

ٻيڙي ڪناري تي موٽي آئي. ملاح کي پئسا ڏئي، چندر چپ چاپ بنتيءَ جو هٿ پڪڙي خشڪ ڌرتيءَ تي قدم ڌريو..... مرده چاندوڪيءَ ۾ ٻنهي جا پاڇا هڪ ٻئي ۾ ملي اڳتي وڌيا.

گنگا جي لهرن تي وهندڙ رک جو سانپ ٽڪر ٽڪر تي ٽڙي پکڙي ويو هو ۽ ندي وري ائين وهندي رهي ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪو نہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ۾ پاپ جي وچ واري فاصلي تي مشتمل شاهڪار ناول

- ”طوطي سان مان تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان. هي جڏهن وڏو ٿيندو ڳالهائيندو. تڏهن مان هن کي گولي ۽ سان اڏائي ڇڏيندس ۽ هن ڇوڪريءَ سان مون کي سخت نفرت آهي. ان سان مان شادي ڪندس!“
- ”اڄ ڪلهه سورنهن سالن ۾ پيار ڪري شاعري ڪرڻ ته ڇوڪرين لاءِ فيشن ٿي پيو آهي. اهڙو عام جهڙو سازهيءَ جو پلئُ الٽو پائڻ.“
- ”مان پاڳل ٿي ويندس ته دنيا بيهي ڪانه ويندي. شرنايون بند ڪونه ٿينديون. شاديون ٽٽي نه وينديون.“
- ”زالن جي روئڻ پٽڻ جي ڪيتري پرواهه ڪبي هنن کي ته ڪتي ٻلي جي دک تي به روئڻ اچي ويندو آهي.“
- ”هيءَ مورتي صرف مردن لاءِ آهي. مرد پائي ڇڏي ته مٽس ڪنهن به عورت جوجادو نه هلندو. اها عورت يا مري ويندي. يا پيچي ويندي. يا هن جي شادي ڪنهن ٻئي سان ٿي ويندي. انهيءَ ڪري مان هيءَ تولاءِ وٺي آئي آهيان.“
- ڪنهن وٿان ملندڙ پيار ۾ ڪشش بابت عورت وقتي طور غلطي ڪري سگهي ٿي پر ڪير ڏانهس اداسي يا بي پرواهي اختيار ڪري ته ان جي پرکڻ ۾ عورت ڪڏهن به غلطي نه ڪندي آهي.
- مرد جي ناتي ۾ ڪيتري گهرائي آهي؟ ان جي ماپ ڪرڻ جوعورت وٽ هڪ ئي ماڻ ٿيندو آهي ته مرد جي منيءَ ۾ ڪيترو چاهه پريل آهي.
- سڀ ڳوناٽيون ڇوڪريون شاديءَ بعد مڇي متاريون ٿي وينديون آهن ڇاڪاڻ جو اهي ڄاڻنديون آهن ۽ سمجهنديون آهن ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي. هو نه اجايو سوچينديون آهن. نه پاڻ کي پريشان ڪنديون آهن.
- سچائي ۾ جسم ئي انسان جا ٻه اهم مقصد آهن. دل ته انهن ٻنهي مقصدن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ الجهن جو ئي نالو آهي.
- عورت جيڪڏهن ٿورڙي به تجربيڪار آهي ته توهان جي هلڪي ڇهاوَ مان ئي ڄاڻي وٺندي ته توهين ڪانئس ڪهڙو سوال پڇڻ ٿا چاهيو. توهين ڪيس آتت ڏيڻ ٿا چاهيو يا وٺائنس آتت جا طالبو آهيو؟ سندس پيار چاهيو ٿا يا ڪيس ممتا ڏيڻ ٿا چاهيو. هوءَ هڪدم سمجهي ويندي ته توهان جي دل ۾ محبت جو آغاز ٿي رهيو آهي يا ان جو انت ٿي رهيو آهي. توهين ڪيس ڏسي خوش ٿيا آهيو يا ناراض ٿيا آهيو توهان جو ڇهاءُ خوشيءَ جو آهي يا غم جو آهي....
- مرد جي لبن تي جيڪڏهن پياس نه هوندي آهي. هن جي پاڪرن ۾ جيڪڏهن ايڏو زور نه پريل هوندو آهي جو مٺو مٺو ايذاءُ پهچائي ته عورت هڪدم سمجهي وٺندي آهي ته رشتي ۾ ويڇو پوندو ٿو وڃي.
- هو اڄ اهڙو ته خوش هو جو باٿ روم ۾ سچو وقت ڳائيندو رهيو ۽ جڏهن وهنجي اٿيو تڏهن ياد آيس ته وهنجندي بدن تان گنجي ته لاٿي ڪا نه هئائين.
- تندرستي حاصل ڪرڻ لاءِ زالن کان نفرت ڪرڻ کان بهتر طريقو بيو ڪونهي.
- هڪ عورت آهي جا چوويهه ئي ڪلاڪ گهر ۾ ويٺي آهي ۽ جتي خونخوار جانور هجن اتي بندوق ڪڏهن به جيءَ کان جدا نه ڪجي اهو شڪار جو پهريون اصول آهي.

(”گناهن پريو ديوتا“ مان جهلڪيون. جن جو پيراڻو وچور اوهان کي هيءُ ناول ٻڌائيندو.)

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -
اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَن سيني کي **چوڻ، چالاڪي ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book